تاريخ سنڌ جا عربي ۽ فارسي ماخذ

مرتب: ڊاڪٽر نواز علي شوق

سنڌ آرڪائيوز

تاريخ سنڌ جا عربي ۽ فارسي ماخذ

مرتب
ڊاڪٽر نواز علي شوق

سنڌ آرڪائيوز

حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

ڪتاب : تاريخ سنڌ جا عربي ۽ فارسي ماخذ
مرتب : ڊاڪٽر نواز علي شوق
جنرل ايڊيٽر : ڊاڪٽر ڪليم الله لاشاري
ڇاپو پهريون : فيبروري 2012
ٽائيٽل ڊيزائين : خدا بخش ابڙو
پيسٽنگ : قمر گهانگهرو
ڇپيندڙ : ڪاڇو پبليڪيشن، ڪراچي. 0300-2879794
ڇپائيندڙ : سنڌ آرڪائيوز، انفارميشن ۽ آرڪائيوز ڪاتو،
حڪومت سنڌ، ڪراچي
ISBN : 978-969-9310-04-1
قيمت : 600 رپيا

Tareekh Sindh Ja Arabi Ain Farsi Makhaz
Compiled by : Dr. Nawaz Ali Shouq
General Editor : Dr. Kaleemullah Lashari
First Edition : February 2012
Printed by : Kachho Publication, Karachi
Published by : Sindh Archives, Information & Archives Department, Government of Sindh
ST 26-A, Block-5, Scheme-5, Main Clifton, Karachi.
Price : Rs. 600

فهرست

پبلشر پاران	- روشن علي قناصرو	5
پ اکر	- نواز علي شوق	7
جنرل ايڊيٽر جا پيش لفظ	- ڊاڪٽر ڪليم الله لاشاري	9
سليمان تاجر جو ڪتاب "سلسه التواريخ"		11
هندستان ۽ چين جا ملڪ ۽ اتان جي راجائن جو ذڪر		11
المسالک و الممالک ـ ابن خرداذبه		25
مروج الذهب ـ المسعودي		31
ڪتاب الاقليم ـ ابواسحاق اصطخري		41
اشڪال البلاد يا المسالک والممالک ـ ابن حوقل		47
جامع التواريخ ـ رشيدالدين		57
نزهت المشتاق ـ الادريسي		83
اسرار البلاد ـ زڪريا قزويني		114
مجمل التواريخ ـ سنڌ جي تاريخ جا مصنف		121
فتوح البلدان ـ احمد بن يحيٰ بن جابر البلاذري		141
چچ نامو يا تاريخ هند و سنڌ		165
تاريخ سنڌ ـ مير محمد معصوم بکري		288
تاريخ طاهري ـ طاهر نسياني		353
بيگلار نامہ		410
ترخان نامہ		425
تحفه الڪرام ـ مير علي شير قانع		463
سنڌ جي تاريخ جا عربي ماخذ		500

پبلشر پاران

تاريخ ۾ قديم زماني کان سنڌ ۽ هند ۾ وڏا ۽ مشهور ملڪ شمار ڪيا وڃن ٿا. صدين کان سنڌ جي تاريخ، تهذيب ۽ ثقافت مان يوناني عالمن ۽ عرب سيلانين جي دلچسپي رهي آهي. هيءَ حقيقت آهي ته يونانين سنڌ جي تاريخ جي سلسلي ۾ بنيادي ۽ اهم ڪم ڪيو. عرب سيلانين سنڌ جو سير سفر ڪري يا سنڌ مان آيل وڻجارن کان سنڌ بابت معلومات حاصل ڪري، شاندار ڪتاب تيار ڪيا. جن ۾ ابن خرداذبه جو المسالڪ والممالڪ، مسعودي جو مَروج الذهب، اِصطخريءَ جو ڪتاب الاقليم، ابن حوقل جو اشڪال البلاد، بلاذريءَ جو فتوح البلدان وغيره وڏي اهميت رکن ٿا.

ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته سنڌ جي تاريخ جي موضوع تي سنڌي، اردو ۽ انگريزي زبان ۾ ڪجهه ڪتاب ڇپجي پڌرا ٿي چڪا آهن. پر حقيقت هيءَ آهي ته سنڌ جي تاريخ تي خاطرخواه ڪم ڪونه ٿيو آهي.

اسان جي عالمن خاص طور سيد حسام الدين راشدي وڏي جاکوڙ ڪري سنڌ جي تاريخ جا ڪي اهم فارسي ماخذ ايڊٽ ڪري ڇپرايا. موجوده دور ۾ سنڌ جي تاريخ تي ڊاڪٽر غلام محمد لاکو شاندار ڪم ڪري رهيو آهي. محترم عطا محمد پنيري سنڌ جي تاريخ، تهذيب، قديم آثارن ۽ موهن جي ڏڙي جي مُهرن بابت انگريزي زبان ۾ لکيل ڪتابن جو سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪيو. اُهي ڪتاب مختلف ادارن پاران ڇپجي پڌرا ٿي چڪا آهن. هيءُ ڪتاب به ان سلسلي جي ڪڙي آهي.

سنڌ آرڪائيوز ڊاڪٽر نواز علي شوق صاحب جو شڪرگذار آهي، جنهن محنت ڪري هيءُ ڪتاب تيار ڪيو ۽ آرڪائيوز کاتي ان جي اهميت محسوس ڪندي، اهو ڇپرائي پڌرو ڪيو. اميد ته هيءُ ڪتاب سنڌ جي تاريخ جي طالب علمن ۽ محققن لاءِ ڪار آمد ثابت ٿيندو.

آخر ۾ مان سنڌ آرڪائيوز جي صوبائي وزير انجنيئر محمد رفيق ايڊوڪيٽ صاحب جو انتهائي شڪرگذار آهيان، جن جي ذاتي دلچسپيءَ سبب هيءُ ڪتاب ڇپجي پڌرو ٿي رهيو آهي.

روشن علي قناصرو

ڊائريڪٽر

سنڌ آرڪائيوز

پيش لفظ

سنڌ ۾ هند دنيا جا قديم ۾ عظيم ملڪ رهيا آهن. هنهن جي پنهنجي تاريخ ۾ تهذيب آهي. هيءَ حقيقت آهي ته سنڌ جي تاريخ تي پاڪستان جي ٻين صوبن جي ٻيٽ ۾ ڪجھ وڌيڪ ڪم ٿيو آهي. هيءَ پڻ هڪ حقيقت آهي ته سنڌ جي تاريخ جا اهم ۾ بنيادي ماخذ عربي ۾ فارسي زبان ۾ آهن. سنڌ جي تاريخ لکڻ وقت مورخ لاءِ انهن جو اپياس ضروري آهي.

سيد حسام الدين راشدي سڄي زندگي سنڌ جي تاريخ تي ڪم ڪندو رهيو. هو منهنجو استاد ۽ محسن هو. هڪ ڏينهن مون کانئس پڇيو ته "سائين! اوهان سڄي زندگي سنڌ جي تاريخ تي ڪم ڪيو ۽ ڪيترائي ڪتاب تيار ڪري ڇپرايا، ڇا اوهان مطمئن آهيو ته سنڌ جي تاريخ تي خاطر خواهه ڪم ٿيو آهي؟" پاڻ فرمايائون ته "بابا سنڌ جي تاريخ تي ڪوبه ڪم ڪونه ٿيو آهي، مون سنڌ جي تاريخ جا ماخذ هٿ ڪري انهن مان ڪجھ ايڊٽ ڪيا، جيڪي ڇپجي چڪا آهن، هينئر سنڌ جي تاريخ تي ڪم ڪرڻ گهرجي."

راشدي صاحب جي انهيءَ گفتي مان معلوم ٿيو ته پهريائين سنڌ جي تاريخ جي عربي ۽ فارسي ماخذن جي فهرست تيار ڪري، ان کان پوءِ اهي هٿ ڪري ڪنهن اداري ۾ محفوظ ڪيا وڃن. جيئن راشدي صاحب ڪجھ ماخذ هٿ ڪري ادبي بورڊ ۾ محفوظ ڪيا ۽ ان کان پوءِ اهي ايڊٽ ڪري ڇپرايا.

ان اهميت کي محسوس ڪندي بنده راقم هن ڪتاب ۾ سنڌ جي عربي ۽ فارسي ماخذن بابت مواد مهيا ڪيو آهي. عربي ماخذن بابت ابصار عالم صاحب جي اردو مقالي "سندھ کی تاریخ کے 38 عربی ماخذ" جو ترجمو هن ڪتاب ۾ شامل ڪيو ويو آهي. ان کان علاوه مختلف ڪتابن جي مدد سان ان ۾ ڪجھ واڌارو ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ ريت فارسي ماخذن بابت مختلف ڪتابن مان مدد ورتي وئي آهي.

مشهور محقق الیٹ کي آفرين آهي جو هن

History of India as told by its Historians

نالي اهم ڪم ڪيو ۽ ان تي داوسن جهڙي عالم قيمتي حاشيا لکيا. ان کان پوءِ لئمبرڪ ۽ ٻين انگريز عالمن سنڌ جي تاريخ تي ڪجھ ڪتاب لکيا.

بعد ۾ سنڌي ادبي بورڊ ۽ ڪن ٻين ادبي ادارن شاندار ڪتاب لکيا. انهن مڙني عالمن ۾ سيد حسام الدين راشدي جو نالو معتبر ۽ متاهون آهي. هن سنڌ جي تاريخ جا ڪي اهم فارسي ماخذ ايڊٽ ڪيا، جيڪي سنڌي ادبي بورڊ پاران شايع ٿي چڪا آهن. ان کان علاوه راشدي صاحب ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب سنڌ جي تاريخ بابت سنڌي ۽ اردو زبان ۾ تمام قيمتي ڪتاب ۽ مقالا لکيا. ڊاڪٽر غلام رسول مهر، ڊاڪٽر مبارڪ علي، اعجاز الحق قدوسي ۽ ٻين عالمن سنڌ جي تاريخ تي ڪجهه ڪتاب لکيا. سنڌي زبان ۾ ڊاڪٽر غلام محمد لاکي سنڌ جي تاريخ تي اهم ڪتاب ۽ معياري مقالا لکيا آهن. سنڌ جي تاريخ، تهذيب ۽ قديم آثارن جا مشهور ڪتاب محترم عطا محمد پنيري انگريزيءَ کان سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪيا آهن. هن اليٽ جي مشهور ڪتاب جي هڪ ايبسٽريڪٽ:

"History of Sindh as told by its Historians"

جو سنڌي ترجمو "سنڌ جي تاريخ مورخن جي زباني" جي عنوان سان ڪيو. سندس ڪتاب تان ڪجهه اقتباس ڪٽي، انهن جا اختصار هن ڪتاب ۾ شامل ڪيا ويا آهن.

بنيادي طرح آءٌ ادب جو طالب علم آهيان. ادب ته وسيع آهي. ان ۾ نثر ۽ نظم ٻئي اچي وڃن ٿا. انهن ٻنهن جون وري مختلف صنفون آهن. منهنجي دلچسپي سنڌي ڪلاسيڪل شاعري سان رهي آهي. مگر سيد حسام الدين راشدي مرحوم جي نيازمنديءَ ۾ اچڻ کان پوءِ تاريخ سان دلچسپي پيدا ٿي. سندن صحبت مان گهڻو ڪجهه پرايم. انهن سهٽين صحبتن جو اثر آهي جو مون هيءَ ڪتاب تيار ڪيو.

اميد ته هيءَ ڪتاب سنڌ جي تاريخ جي طالبن، عام پڙهندڙن ۽ محققن لاءِ ڪارائتو ثابت ٿيندو. مان سنڌ آرڪائيوز ۽ ڊاڪٽر ڪليم الله لاشاري جو ٿورائتو آهيان. جن مون کي هي ڪم سونپيو ۽ ان ڪم ۾ مدد ڪئي.

نواز علي شوق
پروفيسر ايڊوائيزر
شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور،
ڪراچي يونيورسٽي.

جنرل ايڊيٽر جا پيش لفظ

هند جي پنهنجي تاريخ پنهنجن هٿاران ڳولهڻ جي ڪوشش جو ڪو خاطر خواه فاعدو ناهي ٿيو. ڇو ته اهڙا ڪي ثابتي جوڳا مخطوط هٿ ناهين آيا جنهن ڪري دلجاءِ سان هتان جي تاريخ نويسي جي آڳاڻن رجحانن متعلق ڪجهه چئي سگهجي.

ٿيو ايئن آهي ته بعد جي دور ۾ يعنيٰ ڏهين صديءَ کان پوءِ واري زماني ۾ تحرير ٿيل مقامي زبانن وارا جيڪي به تذڪرہ مليا، انهن ۾ مذهبي روايتون تمام گهٽيون سگهاريون آهن، ايتري قدر جو اهي وقت ۽ جُڳن جي تعين ۾ تمام گهٽي حد تائين مبهم آهن. انهن ۾ واقعن کي حد کان وڌيڪ قدامت ڏيارڻ جون ڪوششون صاف ڏسي سگهجن ٿيون. ٻيو ته شڪست خوردگي جي فطري ردعمل ۾ پيدا ٿيل پرٿوي راج رس واري ادب جي پڻ تاريخي حيثيت گهٽي مشڪوڪ آهي.

ٽيو اهو ته حڪمران گهراڻن پنهنجي حيثيت وڌائڻ لاءِ پاڙي ڪيل برهمڻ هٿان جيڪي ڪم ورتا تنهن سببان انهن جي زميني حقيقتن مٿان آفاقيت جا اهڙا ته گهرا پاڇا پيل آهن جو سندن جڙتو نسلن جون نسلون عدم مان نڪري حقيقت بڻجي تاريخدانن جون نندون ڦٽائين پيون.

البيروني جنهن هندوستان گهمي ڦري ڏٺو، هتان جي هولين جو اپياس ڪيو تنهن کي هتان جي تاريخي ذريعن ۽ وسيلن جو ڪهڙو ادراڪ هيو، تنهن اهڙن خيالن جو اظهار به ڪيو آهي، ڪٿي برملا ته ڪٿي مبهم. بعد جي زماني جي ڪشمير جي تاريخ راج ترنگني هڪ بهتر مقامي ڪوشش چئجي سگهجي ٿي. پر سنڌ متعلق احوال جي مقامي زبان ۾ ڪوٽ پوري طرح نمايان رهي آهي.

اهڙي صورتحال ۾ عربي ۽ فارسي زبان ۾ آيل حوالا ۽ احوال وڏي اهميت رکن ٿا.

سنڌ ۽ هند جي تاريخ هڪ وڏي عرصي تائين مسلمان جاگرافيدانن ۽ تاريخ نويسن جي توجه جو مرڪز رهي. عربن ۽ فارسيدانن ان ڏس ۾ پنهنجن

زمانن ۾ موجود سفرنامن ۾ بيانن تي نظر ڪندي هتان جو ذڪر ڪيو. انهن مان ڪيترا ته اهڙا به هيا جيڪي هتان جو سير سفر ڪري ويا هيا.

بهرحال اهي علم التاريخ جي حوالي سان اڃان ايترا ڪُهنہ مشق نہ هيا، جيئن بعد ۾ ٻيا ڪيترا پيدا ٿيا. ان هوندي به سندن ڪتابن ۾ سندن جي ذڪر تي نظر وجهڻ ضروري سمجهيو ويو، ڇو جو ڪجهہ نہ هجڻ کان ڪجهہ هجڻ بهتر آهي. ان لحاظ کان تاريخي ڪتابن تي جديد زماني جي عالمن ۾ اهلڪارن هڪ سئي نظر وڌي آهي. اهوئي سبب آهي ته پوئين ٻن صدين دوران عربي ۾ فارسي جي معروف تاريخي مواد تي گهٽو ڪجهہ لکيو ويو. انهن تجزين ۾ تبصرن ۾ انهن جي فني حيثيت جو تعين به ٿيو ته ان سان گڏوگڏ مواد جي تاريخي حيثيت به زير بحث رهي.

سندن آرڪائيوز جي اها کوشش رهي آهي ته سندن متعلق مواد کي هيڪاندو (هڪ هنڌو) ڪري. ان ڏس ۾ تحقيق ۾ تفتيش واري اسڪيم هيٺ مواد کي هنڌائي ترتيب ڏيڻ واري سوچ پڻ شامل هئي، ۾ ساڳئي وقت اهڙي مواد کي سنڌي زبان پڙهڻ وارن لاءِ پڻ ميسر ڪرڻ وارو خيال به هڪ محرڪ ثابت ٿيو.

ڊاڪٽر نواز علي شوق صاحب جي سنڌي علم ۾ ادب سان دلچسپي اڃ صدي تي محيط آهي، پاڻ طبع زاد مصنف به آهن ته تحقيق ۾ ترجمي جي دنيا ۾ به فعال رهيا آهن. سندن موجوده ڪاوش قارئين جي دلچسپي جو سبب ٿيندي.

ڊاڪٽر ڪليم الله لاشاري

قديم عرب جاگرافيدان

سليمان تاجر جو ڪتاب: "سلسلتہ التواريخ"

جنهن ۾ ابو زيد سيرافيءَ ڪجھ واڌارا ڪيا

هندستان ۽ چين جا ملڪ ۽ اتان جي راجائن جو ذڪر

هندستان ۽ چين جا رهواسي هن ڳالھ تي متفق آهن تہ دنيا جي اندر چار وڏيون بادشاهيون آهن. اهي عرب جي بادشاھ (بغداد جي خليفي) کي سڀني کان وڏو سمجهندا آهن. ڇاڪاڻ تہ اها ڳالھ بحث کان ئي بالاتر آهي تہ بغداد جو خليفو دنيا جي سڀني حڪمرانن کان

اعليٰ ۽ اتم حڪمران آهي. دين، دنيا، دولت ۽ دربار جي شان ۽ شوڪت ۾ سنڌس مٽ ۽ ثاني ڪوبہ ڪونہ آهي. عربن جي بادشاهہ کان پوءِ ٻئي نمبر تي چين جي حڪمران پاڻ کي اتم سمجهندو آهي. ٽئين نمبر تي يونان جي حڪمران کي سمجهيو ويندو آهي (4) چوٽون بلهراءِ Balehara راجا آهي، جنهن جي رعيت ڪنن ۾ والا پائيندي آهي.

هندستان جي راجائن مان بلهراءِ طاقتور راجا آهي (5) ٻيا سڀ سنڌس ڏن ۾ پرو آهن. هتان جو هر حڪمران ۽ سنڌس ملڪ آزاد هوندو آهي، پر راجا بلهراءِ کي پنهنجو وڏو تسليم ڪندا آهن. راجا بلهراءِ جڏهن انهن ڏانهن پنهنجو نمائندو موڪليندو آهي تہ اهي راجا سنڌس وڏي آجيان ۽ آڌرياءُ ڪندا آهن. هو پنهنجي فوج کي عربن جيان مقرر پگهارون ڏيندو آهي. ڪيس گهوڙن، هاٿين ۽ دولت جو ڪاٿو ڪونهي. هن جي ملڪ ۾ طاطري درهم بہ استعمال ڪيا ويندا آهن. (6) هيءَ سڪو تور ۾ هتان جي بادشاهہ جي سڪي کان ڏيڍوٽو آهي (7) هيءَ گهراٽو جڏهن تخت ۽ تاج جو مالڪ ٿيو تہ هن پنهنجا سڪا رائج ڪيا. هتان جا ماڻهو هجري سن استعمال ڪونہ ڪندا آهن. هن گهراٽي جي بادشاه واري سال کان سن جي شروعات ڪندا آهن. هن ملڪ جي حڪمرانن جي ڇمار گهٽو ڪري وڏي ٿيندي آهي ۽ پنجاهہ سال بادشاهي ڪندا آهن. راجا بلهراءِ جي ملڪ جا ماڻهو اهو بہ چوندا آهن تہ هتان جا حڪمران پنهنجو راڄ پاڻ ان ڪري گهٽي عرصي تائين ماڻيندا آهن، جو هو عربن جي حڪمرانن جي خوشنودي حاصل ڪري ويندا آهن. راجا بلهراءِ جي

رعيت بہ اهڙي طبيعت جي آهي. اهي عربن جي پاسي گهٽو لڙيل آهن. بلهراءِ هتان جي راجا جو نالو نہ. پر لقب آهي. هن گهراٽي جو هر راجا جڏهن بہ گاديءَ تي ويهندو آهي تہ اهو لقب اختيار ڪندو آهي. جيئن ايران جي حڪمران جو لقب ڪسريٰ آهي. راجا بلهراءِ جو ملڪ، سمنڊ واري پاسي، ڪومڪام (Komkam (Konkan جي علاقي کان شروع ٿئي ٿو. جيڪو سمنڊ ۾ اندر ٿونٽ جيان وڌيل آهي ۽ ٻئي طرف کان وڃي چين سان دنگ ڪري ٿو. سندس ملڪ جي چوڌاري ٻين راجائن جا ملڪ آهن. جن جي خلاف هو سدائين جنگ ڪندو رهندو آهي ۽ هميشہ سوپ ماڻيندو آهي. انهن مان هڪ کي جرز Jurz جو راجا سڏيندا آهن. هن راجا وٽ لشڪر تمام گهٽو آهي. هن جي ٻئي راجا وٽ هن جيتري فوج کان ٽيندي سندس گهوڙي سوار دستو مشهور آهي. عربن سان سندس ناتا سٺا ڪونہ آهن. پر جڏهن ڏسندو آهي تہ عرب حڪمران طاقتور آهي تہ ان سان دوستي رکڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. هن جي راجائن مان هيءَ حڪمران اسلام جو سڀ کان وڌيڪ ويري آهي. سندس ملڪ ڏکڻ ۽ سوڙهي پٽي جيان آهي. وٽس گهٽو ڌن دولت آهي. اٺ ۽ گهوڙا بہ جام اٽس. واپاري مال جي مٿا سٺا چاندي ۽ سون سان ڪندو آهي. اهو بہ چيو ويندو آهي تہ هن ملڪ ۾ سون ۽ چانديءَ جون کاڻيون آهن. هن جو ڪوبہ ملڪ ڏاڙيلن جي آپدا کان وانجهيل ڪونہ آهي.

هن ملڪ جي پرسان طافوڪ Tafuk جو ملڪ آهي. جيڪو بلڪل ننڍڙو آهي. هتان جون عورتون سڄي هندستان جي عورتن

کان سھڻيون آھن ۽ راجا پاڙيسري ملڪن سان امن امان سان رھندو آھي. ان جو ڪارڻ اھو آھي تہ وٽس فوج ٽوري آھي. ھيءَ راجا بہ بلھراءِ جيان عربن جي تمام گھٽي عزت ڪري ٿو.

ھي ٽئي ملڪ روھمي Ruhmi نالي ملڪ سان دنگئي آھن (9) جيڪو جرز ملڪ سان سدائين جنگ ڪندو رھندو آھي. ھن حڪمران جي گھٽي عزت ڪانہ ڪئي ويندي آھي. جرز جي راجا جيان ھي بلھراءِ جي راجا سان بہ سدائين وڙھندو رھندو آھي. سندس فوج جرز بلھراءِ ۽ طافوڪ جي راجا کان گھٽي آھي. اھو بہ چيو ويندو آھي تہ جڏھن ھو جنگ ڪرڻ لاءِ روانو ٿيندو آھي، تہ ساڻس پنجاھ ھزار ھاٿي ھوندا آھن. ھو جنگ فقط سياري جو ڪندو آھي، چاڪاڻ تہ ھاٿي گھٽو وقت اڇيو رھي ڪونہ سگھندو آھي. تنھنڪري ھو ٽڏيءَ رت ۾ جنگ ڪندو آھي. اھو بہ چيو ويندو آھي تہ سندس فوج ۾ پندرھن ھزار اھڙا ماڻھو رکيل آھن، جيڪي فوج جا ڪپڙا سبندا ۽ ڏوئندا آھن. ھن ملڪ ۾ اھڙيون شيون ٺھنديون آھن، جيڪي ٻين ملڪن ۾ ڪونہ ٺھنديون آھن. ھن ملڪ ۾ ھڪ اھڙو ڪپڙو بہ ٺھندو آھي، جنھن جو سبيل وڳو مُندڻيءَ مان لنگھي ويندو آھي ۽ اھو ڪپھ مان ناھيو ويندو آھي. اسان اھو ڪپڙو پنھنجي اکين سان ڏٺو آھي. واپار ۾ ڏيتي ليتي ڪوڙين Kauris وسيلي ھلندي آھي. ڪوڙي ھن ملڪ جي چالو سڪي جو نالو آھي. ھتان جي رھواسين وٽ چاندي ۽ سون بہ جام آھي. ھتي عُوبہ ٿيندو آھي. ھتي سامارا Samara نالي ھڪ شيءِ ٿيندي آھي. جنھن مان مادا بہ Madaba ناھي تيار ڪئي ويندي آھي. ھتي ھڪ سڳيو جانور

ڪارڪادان Karkaddan بہ ٿيندو آهي. جانور جو اهو هڪ سڱ وچ مٿي ۾ هوندو آهي ۽ سندس شڪل مرد جي خاص عضوي جهڙي هوندي آهي.(1)

ٻيو به هڪ ملڪ آهي، جيڪو هن علائقي اندر ۽ سمنڊ ڪان گهٽو پري آهي. ان ملڪ جو نالو ڪاشبين Kashbin آهي. اتان جا ماڻهو ڏاڍا سهڻا ٿيندا آهن، جيڪي جهنگلن ۽ جبلن ۾ رهندا آهن.

ان ڪان پوءِ سمنڊ اڇي ٿو. ان جي ڪناري سان ڪيرانج Kiranj نالي هڪ ملڪ آهي (11) هن ملڪ جو راجا غريب آهي، پر هوڏ ۽ هٿ بہ تمام گهٽو اٿس. هن ملڪ ۾ عنبر ۽ عاج جام ملي ٿو ۽ هاٿي بہ گهڻا ٿيندا آهن. هن ملڪ ۾ ڪارا مرچ ايڏا ساوا هوندا آهن، جو ڪائي چڏيندا آهن. ان جو سبب اهو آهي تہ اتي ڪارا مرچ ٿورا پيدا ٿيندا آهن.

جڏهن سراندیپ جو راجا مرندو آهي تہ ان جو ميت اهڙي گاڏيءَ تي ڪنيو ويندو آهي، جنهن جا ڦيٽا ننڍڙا هوندا آهن. ميت جو مٿو گاڏيءَ جي دري ڪان هيٺ ائين لڙڪايو ويندو آهي، جو ڪياڙي ڏري گهٽ ڏرتي سان گسندي هلندي آهي ۽ وار مٿيءَ ۾ ليٽڙبا هلندا آهن. ان جي زال سندس ميت سان گڏ هوندي آهي ۽ لاش تي پوندڙ ڏڏڙ اگهندي ۽ روئندي هلندي آهي ۽ چوندي آهي: " اي لوڪو! هيءَ ڪلهہ اوهان جو بادشاهہ هو. هن اوهان تي راج ڪيو. اوهان سندس حڪمن جي فرمانبرداري ڪئي. ڏسو هاٿي هو ڇا تي سوار آهي. هو پرلوڪ پڌاري ويو. موت جو فرشتو هن جي روح کي ٻئي جهان ڏانهن کڻي ويو آهي. تنهن ڪري اوهان هن دنيا جي ڪوڙين خوشين

واسطي سچي گس کان ڦري نہ وڃو " ان جي موت کان پوءِ تن ڏينهن تائين ڏرمي ڪريا ڪرم ڪيو ويندو آهي. ان کانپوءِ سندس ارٿيءَ کي چندن جي ڪاٺ، ڪافور ۽ زعفران سان گڏ اگني سنسڪار ڪيو ويندو آهي ۽ سندس چار کي هوا ۾ اڏائي ڇڏيو ويندو آهي (12) هند جا سپ ماڻهو پنهنجن جا لاش ساڙيندا آهن. سراندیپ جو ملڪ هڪ ٻيٽ آهي ۽ هندستان جو ڏڻ پرو آهي. ڪڏهن وري هينئن بہ ٿيندو آهي جو جڏهن سراندیپ جي راجا جو ميت ساڙيندا آهن تہ سندس زالون بہ هرندڙ آڑاهہ ۾ وڃي پاڻ اڇلائيندیون آهن ۽ سڙي رک ٿي ويندیون آهن. ائين ڪرڻ سندن پنهنجي مرضي هوندي آهي ۽ کين سڙي مرڻ لاءِ ڪير بہ مجبور ڪونہ ڪندو آهي.

هند ۾ ڪي وري اهڙا بہ ماڻهو آهن، جيڪي وتندا آهن جهنگلن ۽ جبلن ۾ گهمندا ڦرندا. اهي عام ماڻهن سان ملندا جلندا بہ ڪونہ آهن. ڪڏهن تہ وٽن ڪائڻ لاءِ ڪجهہ ڪونہ هوندو آهي ۽ جهنگلي ڏٺ تي پيا گذر سفر ڪندا آهن. ڪي وري اگهاڙا بہ هوندا آهن. جسم تي لٽي جي ليڙ بہ ڪانہ هوندي اٽن. انهن اگهاڙن مان ڪي وري سج ڏانهن منهن ڪري تپسيا ۾ بيٺا هوندا آهن. بت تي واگهہ جي کل کانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڪونہ هوندو اٽن. مون پنهنجي سفر ۾ هڪ اهڙو ماڻهو ڏٺو هو. جيڪو مٽئين بيان جيان سج ڏانهن منهن ڪيو تپسيا ۾ بيٺو هو. پورن سورهن سالن کانپوءِ موٽي ساڳي جوءِ مان لنگهيس ۽ ساڳئي ماڻهو کي ساڳي حالت ۾ تپسيا ڪندي ڏٺم. گهٽو اچرج ان ڪري ٿيو جو سخت گرميءَ ڪري سندس جان تي پگهر جو ڦڙو بہ ڪونہ هو.

هند جي سڀني ملڪن جون حڪمرانيون هڪ ئي گهراڻي سان تعلق رکن ٿيون ۽ سياسي اقتدار اعليٰ وٽن ئي رهندو آهي. راجا پنهنجي گاديءَ تي ويهندڙ راجمڪار جو نالو اڳيئي ٻڌائي چڪيندا آهن. عالمن ۽ ڏاهن ماڻهن لاءِ به ائين چئي سگهجي ٿو. سندن هڪ جدا ذات آهي. علم ان گهراڻي کان ٻاهر ڪونہ ويندو آهي. هند جا راجا ٻئي ڪنهن راجا جي برتريءَ کي ڪونہ مڃيندا آهن. هر ڪو راجا آجوڳ آپي خان هوندو آهي. پر بلهاراءِ کي مهاراجا سڏيو وڃي ٿو.

چين جا ماڻهو ڏاڍو خوش گذارينداآهن. ان جي ابتڙ هند جا ماڻهو خوشيءَ کي ڏکاريندا۽ ان کان پاسو ڪندا آهن. شراب به ڪونہ پيئندا آهن. پر سرڪو به ڪتب ڪونہ آڻيندا آهن. اهي شراب انهيءَ ڪري نہ پيئندا آهن تہ اها ڏرمي طور ڪا منع ٿيل آهي. پر انهيءَ ڪري جو هو ان کان بچان ڪندا آهن. سندن چوڻ آهي تہ "جيڪو راجا شراب پيئندو آهي. سو سچو راجا ڪونہ آهي." هند جي چوڏاري دشمن ڇڻ گهيرو ڪيون ويٺا آهن ۽ ساڻن سدائين جنگ ڪندا رهندا آهن. سندن چوڻ آهي تہ جيڪو حڪمران مڌ جي ڇڻ ۾ موڪو هوندو سو کهڙو راج هلائي سگهندو؟

هند جا راجا به پنهنجيون فوجون وٽي ملڪ فتح ڪرڻ لاءِ نڪري پوندا آهن. پر اهڙو سمون ڪڏهن ڪڏهن ايندو آهي. منهنجي نظر مان اهڙو ملڪ ڪونہ گذريو آهي. جيڪو ٻئي جو ڏڻ ڦرو هجي. پر هڪڙو ملڪ اهڙو آهي. جيڪو ڪارن مرچن واري ملڪ سان دنگئي آهي. (13) جيڪڏهن ڪو راجا پاڙيسري ملڪ کي ماري مڃائيندو آهي. فاتح راجا مفتوح شاهي گهراڻي مان ڪو

ماڻهو مقرر ڪندو آهي. ان طريقي سان مفتوح ملڪ جا رهواسي گهٽو ڏڪ ڪوڙ پوڳيندا آهن.

چيني مذهب جا ميڙتا ۽ اصول هندستان جي مذهب تان ورتل آهن. چين وارن جو چوڻ آهي ته مهاتما گوتم ٻڌ به هندستان ۾ پيدا ٿيو هو ۽ هندستان جا رهواسي ڏرمي مامرن ۾ گهٽا ڏاها آهن. ٻنهي ملڪن جي ماڻهن جو آواگون جي متي ۾ ويساهه آهي. پر تشريح ۽ تفصيل ۾ منجهن ڪجهه فرق آهي.

هند جي راجائن وٽ فوج جو انگ تمام گهٽو آهي. پر کين پگهار ڪاڻ ملندي آهي. راجا پنهنجي فوج کي ڏرمي يڌ واسطي سڏي ڪٺو ڪري وٺندا آهن. فوج راجا جي حڪم سان گڏ ٿي ويندي آهي (14) اها پگهار ڪاڻ وٺندي آهي پر لهي ٿهي تي پئي گذر ڪندي آهي.

ڪتاب جوحصو 2: ابوزيد الحسن سيرافيءَ جا پنهنجا لفظ هن ريت آهن. "مون هن ڪتاب جي پهرئين پاڳي کي ڏاڍي ڌيان سان پڙهيو آهي. مون پکوپهه ڪيو ته هن ڪتاب کي چگيءَ ريت جانچي پرکي ڏسان ۽ منجهس اهڙين حقيقتن جو واڌارو ڪريان. جيڪي مون ساموندي ڪناري وارن ملڪن ۽ انهن جي بادشاهن بابت ٻڌيون سڻيون آهن يا اهڙيون ڳالهيون جن جي مون کي چگيءَ ريت ڄاڻ آهي. پر اهي ڪتاب جي مصنف بيان ڪوڙ ڪيون آهن." زباج Zabaj ملڪ ۾ مشهور ڳالهين (15) مان هڪ ڪمار جي راجا (16) بابت ڳالهه آهي. جنهن جو واسطو قديم زماني سان

آهي. چوندا آهن ته جيڪو ملڪ عود پيدا ڪندو آهي، تنهن کي "ڪماري" نالي سڏيو ويندو آهي. هيءَ ملڪ ڪوهيٽ وغيره ڪونہ آهي. پر هندستان جي ننڍي کنڊ ۾ واقع آهي ۽ ان علائقي ۾ موجود آهي. جيڪو عربن جي ملڪ جي سامهون آهي. هند ۾ اهڙو ڪوبہ ملڪ موجود ڪونہ آهي. جنهن جي آبادي هن ملڪ جيان ڳٽيل ۽ گهٽي هجي. هتي هر ڪو پنڌ هلندو وتندو آهي. هتان جا رهواسي هر قسم جي عيش عشرت کان وٺن ويندا آهن. ڪنهن قسم جي شراب کي هٿ بہ نہ لڳائن. هتي اهڙي شيءِ اک تي ڪانہ چڙهندي. جنهن کان بچان ايندي هجي. ڪمار وارو علائقو زباج جي مهاراجا جي هيٽ طرف آهي. ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ ڏهن ڏينهن جو دريائي سفر آهي. پر جيڪڏهن هوا مائي آهي ته اهو سفر ويهہ ڏينهن بہ وٺيو وڃي. اهو بہ چيو ويندو آهي ته ڪهن زماني ۾ ڪمار جو ملڪ هڪ اهڙي راجا جي ور چڙهي ويو. جيڪو طبيعت ۾ تکڙو. هلڪو ۽ چيڙاڪ هو. هڪ ڏينهن اهو راجا پنهنجي محلات ۾ ويٺو هو. جيڪا هڪ ندي جي ڪناري ٽهيل هئي. جنهن جو پاڻي عراق جي دجلہ پاڻيءَ جهڙو مٺو هو. ان محلات ۽ سمنڊ وچ ۾ هڪ ڏينهن جو سفر هو. راجا پرسان وزير ويٺو هو ۽ مهاراجا جي راج سندس رعيت جي جهجهي انگ. سندس ماتحت هيٺن ۽ سندس شان ۽ شوڪت جي ڳالهہ ٻولهہ هلي رهي هئي ته اوچتو راجا پنهنجي وزير کي چيو ته "منهنجي دماغ ۾ هڪ خيال آيو آهي. جنهن کي مان ساڃيان بڻائڻ ٿو گهران. مان زباج جي مهاراجا جو وڏيل سر ٽالهيءَ ۾ رکيل. پنهنجي آڏو ڏسڻ ٿو چاهيان." اهي اکر هڪ وات کان ٻئي وات تائين هلندا. ٽيٽ وڃي

زباج جي مهاراجا جي ڪنين پيا. جنهن تي مهاراجا پنهنجي وزير کي حڪم ڪيو تہ وچولي قسم جا هڪ هزار ٻيڙا تيار ڪرايا وڃن. منجهن قلعي ڀڃڻ جون انجڻيون ۽ هٿيارن پنهوارن سان ايترا فوجي ويهاريا وڃن. جن جو بار ٻيڙا سولائيءَ سان سهي سگهن. جڏهن سڀ تياريون پوريون ٿي ويون تہ مهاراجا پنهنجيءَ ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿيو. تڏهن ساري فوج ڪمار ملڪ ڏانهن رواني ٿي. مهاراجا ۽ سندس فوج ڏندن جي صفائي واسطي پاڻ سان ڏندڻ ڪنيا هئا. جن سان ڏينهن ۾ ٽي ڀيرا ڏند صفا ڪندا هئا. ڏندڻ ڏئي. ان کي ڏٽو ڪوڙ ڪندا هئا. پر رکڻ لاءِ هڪ نوڪر کي ڏيندا هئا. ڪمار جي راجا جي دل ۾ خير هو. ڪيس ايندڙ خطري جي ڪابہ خبر ڪانہ هئي. مهاراجا جي فوج سمنڊ ڇڏي درياءَ رستي هاڪارڻ شروع ڪيو. نيٺ ڪمار جي راجا جي ملڪ ۾ پهتا ۽ ڪيس وڃي محلات ۾ سوگهو ڪيائون. ڇاڪاڻ تہ مهاراجا اوچتي حملي ڪري پهريدار ۽ فوج ڀڃي هلي وئي هئي. مهاراجا وڃي تخت تي ويٺو ۽ سيني جي جان بخشڻ جو اعلان ڪيائين. ڪمار جي راجا کي هن روبرو آندو ويو ۽ سندس سر وڍي ٽالهيءَ ۾ رکڻ جو حڪم ڪيو ويو. اهڙيءَ ريت راجا جي پڄاڻي ٿي. تنهن کان پوءِ مهاراجا وزير سان گفتگو شروع ڪئي ۽ چيائينس تہ "مان سمجهان ٿو تہ تون صحيح معني ۾ هڪ وزير آهين. توکي صحيح هلڻ ڪري بخشيان ٿو. تو راجا کي هڪ نيڪ صلاح مشورو ڏنو. پر هن تنهنجي صلاح مشوري تي سوچيو ويچاريو ڪونہ. مان هاڻي توکي اختيار ڏيان ٿو تہ تون هڪ لائق ماڻهوءَ کي وٺي اچي سندس گادي تي ويهار." ستت ئي پوءِ مهاراجا پنهنجي لشکر

سميت پنهنجي ملڪ روانو ٿيو. هن يا سندس لشڪر مان ڪنهن بہ راجا ڪمار جي ڪنهن بہ شيءِ کي هٿ ڪونہ لاتو هو. تنهن ڪانپوءِ مهاراجا ڪمار جي راجا جو سر ڏوئاري صاف ڪرائي عطر عنبر مکي. هڪ خط سان گڏ ڪمار جي نئين راجا ڏانهن موڪلي ڇڏيو. اهڙن واقعن جي خبر جڏهن هندستان ۽ چين جي راجائن کي پئي تہ مهاراجا جون تعريفون ڪرڻ لڳا. ان وقت کان وٺي ڪمار جو راجا جڏهن صبح جو ننڊ مان جاڳندو آهي تہ ادب ۽ احترام کان زباج ملڪ ڏانهن منهن ڪري جهڪي بيهندو آهي ۽ پنهنجو مٿو زمين تي ڏيندو آهي.

هند جي بين علائقن ۾ وري اهو رواج آهي جو ماڻهو باهہ جا آڙاهہ ٻارائي پاڻ هرتوان ۾ ٽپ ڏيندا آهن ۽ سڙي رک ٿي ويندا آهن. هتان جي ماڻهن جو آواگون جي متي ۾ ويساهہ آهي ۽ ان بابت رتيءَ برابر بہ کين شڪ گمان ڪونہ آهي.

هندستان جي ڪن ملڪن ۾ وري اهو رواج آهي تہ جڏهن ڪو راجا گاديءَ تي ويهندو آهي تہ ان ڏينهن چانور رڌائي ڪيوڙن جي پنن تي رکندا آهن. راجا سان گڏ ٿي يا چار سو ڪن ماڻهو هوندا آهن. راجا جڏهن چانور کائي بچائيندو آهي تہ بچيل چانور انهن کي کائڻ لاءِ ڏيندو آهي. اهي ماڻهو بادشاهہ سان پنهنجي مرضيءَ سان گڏ ايندا آهن ۽ اهي چانور کائڻ بہ سندن مرضي تي ٻڌل هوندو آهي. اهو راجا جڏهن وفات ڪندو آهي يا ڪنهن ويري هٿان قتل ٿيندو آهي تہ انهن ماڻهن جن چانور کاڌا هوندا. تن مٿان اهو جڙ فرض هوندو آهي تہ جنهن ڏينهن راجا جو مرتيو ٿيو ان ڏينهن پاڻ کي جيئري جلائي

ماري ڇڏين. هيءَ هڪ اهڙو فرض سمجهيو ويندو آهي. جنهن جي ادا ڪرڻ ۾ دير حرام هوندي آهي ۽ ان ڏينهن کانپوءِ ان ماڻهن جو نالو نشان به ڪونہ هوندو آهي.(17)

جڏهن ڪو مرد ۽ عورت ٻيڙي ٿي ويندي آهي ۽ سندس اندريون ڪمزور ٿي ويندیون آهن. تڏهن پنهنجي ڪٽنب جي ياتين مان ڪنهن هڪ کي عرض ڪندي آهي ته ڪيس باهه ۾ ساڙي ختم ڪيو وڃي يا پاڻيءَ ۾ اڇلائي انت آندو وڃي. هندستان وارن جو پڪو ويساهه آهي ته هو اوس به هن جڳ ۾ موٽي ايندا. هتي مُڙدن ساڙڻ جو به رواج آهي.

سراندیپ جي ٻيٽ تي قيمتي پٿرن جي جبل ۽ موتي ڏيندڙ سچين جون ڏنڊون آهن. سراندیپ جي هن وڏي جبل مان ڳاڙهي، سائي ۽ ڪي رنگ جا قيمتي پٿر ملندا آهن. هنن قيمتي پٿرن جو وڏو انگ ساموندي ويڑ سان به گڏجي ايندو آهي. جيڪو غارن ۽ ڪڏن ۾ وڃي گڏ ٿيندو آهي. راجا جي طرفان اتي ماڻهو بيهاريل آهن. جيڪي انهن غارن ۽ ڪڏن کوهن جي نگهياني ڪندا آهن. ڪن جاين تي ڪاٽين جيان ڊرتي ڪوٽي به هيرا جواهر هٽ ڪندا آهن. ڪوٽائي ڪرڻ مهل اهي هيرا جواهر متيءَ سان گڏيل هوندا آهن. بعد ۾ مٽائڻ متي صاف ڪئي ويندي آهي.

سراندیپ جي ملڪ ۾ قانون جي حڪمراني آهي. جيئن اسان وٽ عالم ۽ اڪابر ماڻهو آهن. تيئن اتي به ڏاها ۽ ذات ڏٽي آهن. ڪي ماڻهو انهن وٽان نبي صلي الله عليہ وسلم جون حديثون ٻڌي گڏ ڪندا آهن. هندستان جا ماڻهو اهڙن ڏاهن ۽ عالمن وٽ هلي ويندا آهن ۽ سندن ڏاهپ جا نڪتا ۽ پيغمبرن جون آتم ڪهاڻيون ۽ فقہ

جو قانون لکندا آهن. هن ٻيٽ تي هڪ بت آهي. جيڪو سڄو سون جو ٺهيل آهي. جنهن جي قد ۾ ٽولهه بابت سيلانين گهڻو وڌاءُ ڪيو آهي. هتي مندر به گهٽا آهن. جن جي تعمير تي گهڻو ناٽو ڪتو هوندو. سراندیپ ۾ يهودين جون به ڪيتريون ئي وستيون آهن. ٻين مذهبن جا ماڻهو به اتي گهٽا آباد آهن. پر مانيچينس (Manicheans) ۾ سپني کان ججها آهن. راجا طرفان هر مذهب کي آزادي مليل آهي (18) هن ملڪ ۾ عيش عشرت گهڻي آهي. عورت ۾ مرد ٻئي ڏريون شوقين آهن. اوهان جي اکين آڏو نئون آيل واپاري راجا جي ڏيءُ ڏانهن ايندو. راجا جي اها ڏيءُ ان واپاريءَ سان ملڻ لاءِ ساٽس گڏجي جهنگ ڏانهن هلي ويندي ۾ راجا کي ان ساري مامري جي الف کان وٺي ي تائين سڀ ڄاڻ هوندي آهي. گهڻو ڪري سيراف جا شريف واپاري جڏهن ٻيڑائٽ نوجوان هوندا آهن ته پنهنجا واپاري ٻيڑا سراندیپ ڏانهن موڪلڻ کان لهرائيندا آهن.

هندستان ۾ ڪي اهڙا ماڻهو به آهن. جن جو ناتو واسطو ڏرم ۾ پڙهڻ پڙهائڻ سان آهي. ماڻهو انهن کي برهمڻ سڏيندا آهن. انهن منجهان ڪي شاعر به آهن. جيڪي راجائن جي دربار ۾ رهندا آهن. ڪي نجومي. فلاسفر ۾ ويراڳي فقير به آهن. ڪي ماڻهو وري اهڙا به آهن. جيڪي ڪاڻ جي اڏامڻ سان سوڻ سهي ڪري وڃندا آهن. انهن جوگي ويراڳي فقيرن مان ڪي اهڙا جيڪي اچرج جهڙا ڪرتب ڏيکارينداآهن. اهي مشاهدا گهڻو ڪري قنوج سان واسطو رکن ٿا. جيڪو جرز جي وڏي ملڪ ۾ شامل آهي. (ان ڪانپوءِ هو بيراڳي فقيرن. ڪاروان سراين ۾ مندر جي داسن ۾ داسين جو ذڪر ڪري ٿو.)

هتي هڪ ملتان جي نالي سان بت آهي. جيڪو منصوره جي

پرپاسي موجود آهي. ماڻهو مهينن جو سفر ڪري هن بت جي ياترا لاءِ هتي ايندا آهن. اهي ياتري پاڻ سان عود هندي آڻيندا آهن. جنهن کي Kamruni سڏيندا آهن. چاڪاڻ ته اهو ڪامرون کان ايندو آهي. هيءَ ملڪ جو نالو آهي، جتان مذڪوره عود ايندو آهي. اهو عود ڏاڍي سٺي جنس جو هوندو آهي. ياتري اهو عود داسين کي هن مقصد سان ڏيندا آهن ته جيئن مندر ۾ بت کي واسي سڳنڌ وارو بڻائي ڇڏين. هن عود جو مڻ ٻه سو دينارن ۾ ملندو آهي. عود ايڏو ته خوبصورت آهي، جو جڻ مهر Seal پيو معلوم ٿيندو آهي. واپاري مندر جي داسين کان اهو عود خريد ڪندا آهن.

هندستان جا راجا هيرن جواهرن کي سون ۾ مڑهائي ڪنن ۾ پائيندا آهن. هتي هيرن جواهرن جا ٺهيل هار پائڻ جو رواج آهي. هنن ملڪن ۾ موتي ڏاڍا مهانگا ملندا آهن ۽ سندن گهٽو قدر به ڪيو ويندو آهي.

اڳي سنڌ جا دينار هندستان جي ملڪن ۾ ايندا هئا. اتان جو هڪ دينار ٻين ملڪن جي ساڍن ٽن دينارن جي برابر هوندو هو. مصر مان زمرد به گهرايا ويندا هئا. مرجان ۽ دهناج Dahnaj جو قيمتي پٿر (19) به باهران گهرايو ويندو هو. پر اهو واپار هاڻي گهٽجي ويو آهي.

هندستان جا ڪيترا راجا جڏهن دربار ۾ ويهندا آهن ته پنهنجون زالون به ساڻ وٺي ايندا آهن. جيڪو ماڻهو دربار ۾ ايندو آهي. سو سندن زالن کي ڏسندو آهي. پوءِ پلي اهو ڏيهي هجي يا پرڏيهي. مطلب ته زالون آئي وئي کان پردو ڪونہ ڪندیون آهن.

المسالك والممالك
ابن خرداذبہ

اقتباس

(هندستان جو وڏو ۽ وڏو راجا بلهراءِ آهي. جيڪو "راجائن جو راجا آهي." هتان جا ٻيا راجا هي آهن: جابا Jaba جو راجا. طافان جو راجا. جرز (گجرات) جو راجا. غانا Ghanah جو راجا. راهمي Rahmi جو راجا ۽ ڪامرون جو راجا. زباج جي راجا کي الفيقات Alfikat ۽ اوپر طرف واري سمنڊ جي ٻيٽ کي پنهنجي لاءِ شراب عراق منجهان گهرائيندو آهي.

هندستان جا راجا پاڻ وٽ هاٿي رکي وڏي خوشي محسوس

ڪندا آهن ۽ انهن جي خريد ڪرڻ ۾ گھٹو سون خرچ ڪندا آهن.
عام طور هاٿيءَ جو قد نو هٿ کن ٿيندو آهي. پر اناب (4) Anab جي هاٿين جو قد ڏهن کان يارهن هٿ ٿيندو آهي.

هندستان جو وڏي ۾ وڏو راجا بلهراءِ آهي. جنهن کي راجائن جو راجا سڏيو ويندو آهي. کيس منڌي پاتل هوندي آهي. جنهن تي هيٺيان لفظ لکيل هوندا آهن: "جيڪو ڪم پڪي ارادي سان شروع ڪيو وڃي. سو سوپ سان پورو ٿيندو آهي."

هن کان پوءِ ٻيو وڏو راجا طافان جو آهي. ٽيون وڏو راجا. جابا جو راجا آهي. چوٿون وڏو جزر جو راجا آهي. هنن ملڪن ۾ طاطري سکا ڪتب ايندا آهن. پنجون راجا (5) آنا Ana ۽ ڇهون راهمي (6) جو راجا آهي. هن ۽ ٻين راجائن جي وچ ۾ ٻيڙين (7) وسيلي رابطو رهندو آهي. ڇيو وڃي ٿو ته وٽس پنج هزار هاٿي آهن (8) سندس ملڪ ۾ سوٽي ڪپڙو ۽ عود ٿيندو آهي. ستون وڏو حڪمران ڪامرون جو راجا آهي. جيڪو چين جي ويجهو آهي. هن ملڪ ۾ سون جهجهو ملندو آهي.

(ڪرمان جي دنگ کان وٽي منصوره تائين اسي فرسنگ پنڌ آهي. هي رستو ڪلت (جتن) جي ملڪ مان لنگهي ٿو جيڪي هن رستي جي حفاظت ۾ ڪندا آهن. سجستان جي راڄڌاني زارنج Zaranj کان ملتان تائين ۾ مهينا لڳندا آهن. ملتان کي سون جو گھر چيو ويندو آهي. ڇاڪاڻ ته حجاج جي سپهه سالار محمد بن قاسم کي هن شهر جي هڪ گھر مان چاليهه بهار Bahars سون هٿ آيو هو. ان واقعي کانپوءِ هن شهر کي "سون جي گھر" جي نالي سان

سڏيو ويندو آهي. يعني فرج بيت الهذب. فرج Farj جو هتي مطلب سرحد آهي. هڪ بهار ٿي سو ٽيٽيهه ميڻ ۽ هر هڪ ميڻ ۾ رتن جي تور برابر ٿيندو آهي.) (9)

(سنڌ جي حدن ۾ هي ملڪ آهن. الڪئرونيا Al_Kairunya (ڪيربون (10) Kairbun) مڪران. المند Al_Mand (ٿي سگهي ٿو اهو ميدن جو ملڪ هجي). قندهار Kandahar. قيسران Kasran (11) نوڪان Nukan. (12) قندابيل. ڪنزبون Kinnazbun. ارمابيل. ڪمبلي Kabmbali. سهبان Suhban. سدوساڻ Sadusan. ديبل. راسڪ Rasak. الدور Al_Daur (اروڙ). واندڻ Vandan ملتان. سندان Sindan. مانڊل. سالمان Salman. سئراسب Sairasb. ڪرج Karaj. روملا Rumla. ڪوئي Kuii. قنوج. بروچ Baruch (پڙوچ) (13)

ڪارڪوز Karkuz جي شهر مان به هڪ رستو نڪرندو آهي. جيڪو ايران کان اوپارين ملڪن ڏانهن ويندو آهي. (14)

ڪارڪ Kharak نالي هڪ ٻيٽ. اوبولا Obolla کان پنجاهه فرسنگ پري آهي. هن ٻيٽ جي ايراضي به پنجاهه فرسنگ هم چورس آهي. هتي ڪٽڪ ڪارڪون ۽ انگور جام ٿيندا آهن. لافات (15) Lafat جو ٻيٽ ڪارڪ ٻيٽ کان اسي فرسنگ پري آهي. اتي فصل جام ٿيندو آهي ۽ ٻيلا به گهاٽا آهن. هن ٻيٽ جي ايراضي به فرسنگ همچورس آهي. لافان کان برون Abrun ٻيٽ تائين ست فرسنگ فاصلو آهي. هتي ڪٽڪ ۽ ڪارڪون جام ٿيندڙيون آهن. هن ٻيٽ جي ڪل ايراضي هڪ فرسنگ هم چورس آهي. آبرون

کان ست فرسنگ پري کين Khin جو ٻيٽ آهي. (16) هن ٻيٽ جي ڪل ايراضي اڏ فرسنگ ٽيندي هي ٻيٽ غيرآباد آهي. ڪين کان ست فرسنگ پري ڪس Kis جو ٻيٽ آهي. (17) ايراضي چار فرسنگ کن ٽيندس. هتي ڪٽڪ ۽ کارڪون جام ٽيندیون آهن. هن ٻيٽ جا ماڻهو سمنڊ ۾ ٽٻيون هٽي موتي ڳوليندا آهن. هتان جا موتي ڏاڍا قيمتي ٿين ٿا. ڪيس Kis کان ابن ڪوان (18) Ibn Kawan جو علائقو ارڙهن فرسنگ ٽيندو. جنهن جي ايراضي ٽي فرسنگ آهي. هتان جا ماڻهو ابازيتي Ibazites فرقي جيان رافضي آهن. ابن ڪوان کان آرمون Armun تائين ستن فرسنگن جو فاصلو آهي. (19) آرمون کان نارماسرا Narmasira ستن ڏينهن جو سفر آهي ۽ پويون شهر سنڌ ۽ ايران جو دنگئي شهر آهي. نارماسرا (20) کان ديبل تائين اٺن ڏينهن جو پنڌ ٽيندو ۽ ديبل کان مهراڻ جو سمنڊ ۾ چوڙهه فرسنگ پري آهي.

سنڌ مان بيد، بانس ۽ لاک Costus گهرائي ويندي آهي. مهراڻ کان بکار Bakar (21) جيڪو هند جي دنگ سان واقع آهي، چئن ڏينهن جو سفر آهي. هتي جابلو علائقن ۾ بانس ۽ ميداني علائقي ۾ ڪٽڪ جام ٽيندي آهي. عام ماڻهو واندا، رولو ۽ ڏاڙيل آهن. هن ماڳ کان ميدن وارو علائقو به فرسنگ کن ٽيندو. ميدن جي ڪرت به ڏاڙا هٽڻ آهي. ميدن کان ڪول Kol (22) جو علائقو به فرسنگ آهي ۽ ڪول کان سندان Sindan تائين ارڙهن ڏينهن جو پنڌ ٽيندو. سندان واري ايراضيءَ ۾ بانس ۽ ساڳ جو وڻ جام ٽيندو آهي. سندان کان مالي (مالابار) پنجن ڏينهن جو پنڌ آهي. ماليءَ ۾ ڪارا مرچ گهٽا

ٿيندا آهن ۽ بانس ۽ جهجهو ٿيندو آهي. مالي کان بالبون Balbun (23) تائين ٻن ڏينهن جو سفر آهي ۽ بالبون کان وڏو سمنڊ (24) ٻن ڏينهن جي پنڌ تي ٿيندو. بالبون مٿان ۽ واٽو ٿئي ٿو. جيڪو رستو ساموٽڊي ڪناري ڏانهن وڃي ٿو. تنهن کي باس Bas تائين پهچڻ ۾ ڏينهن لڳن ٿا. هيءَ هڪ وڏو شهر آهي. جتان سراندیپ وڃڻ رستو نڪرندو آهي. باس کان باجي Baji (25) ۽ عسڪان تائين ٻن ڏينهن جو پنڌ آهي. عسڪان Askan جي علائقي ۾ چانور جام ٿيندا آهن. جتان کان ڪورا Kura سادا ٿي فرسنگ پري آهي. هن ماڳ تي گهٽيون ندیون ڇوڙ ڪنديون آهن. ڪورا کان ڪلاڪان Kulakan لئار Luar ۽ ڪانجا Kanja (26) اٽڪل ٻن ڏينهن جو سفر ٿيندو. هنن علائقن ۾ ڪٽڪ ۽ ساريون گهٽيون ٿيندیون آهن. هتي ڪامل Kamul ۽ پرپاسي وارن علائقن کان عود اچي ٿو. جيڪو پندرهن ڏينهن جي درياءِ (27) سفر کان پوءِ پهچندو آهي. سمندر Samundar کان اراسير Urasir (28) تائين ٻارهن فرسنگ پنڌ آهي. هيءَ هڪ وڏو ملڪ آهي. هتي هاٿي. مينهون ۽ ٻيو چوپايو مال جام آهي ۽ واپار سان لاڳاپيل ڪيئي وٽون هتي پيدا ٿيندیون آهن. هتان جو راجا طاقتور آهي. اراسير کان عانا تائين سفر ۾ چار ڏينهن لڳن ٿا. هتي هاٿي ۽ گڏهه گهٽا آهن. هبالين Hubalin کان سراندیپ ٻن ڏينهن جو سفر آهي.

(هن کان پوءِ مصنف آدم جو ذڪر ڪري ٿو. ٻيءَ جاءِ تي وري هندستان جو هن ريت ذڪر ڪري ٿو) هندن ۾ ست ذاتيون آهن. جن مان پهرين ذات سبڪفريا Subkufria (29) آهي. وڏا گهراٽو طبقو

هن ذات سان واسطو رکي ٿو. راجا ۽ هن ذات مان چونڊيا ويندا آهن. باقي ڇهن ذاتين وارا ماڻهو هن طبقي جي ماڻهن جو ادب ۽ احترام ڪندا آهن. هي برهمڻن جي ذات آهي. جيڪا شراب پيئڻ ۽ ٻين نشيدار شين واپرائڻ کان جهلينديِ آهي. ٽين ذات ڪتاريا Kataria (ڪتري) آهي جيڪا شراب جي ٽن گلاسن کان وڌيڪ نہ پيئندي آهي. برهمڻ ذات وارن جون چوڪريون هن طبقي جي چوڪرن کي نہ ڏنيون ويندیون آهن. چوٿين ذات سودريا Sudria (شودر) آهي. گهٽو ڪري سندن ڏنڊو پوکي راهي آهي. پنجين ذات بئسورا Baisura آهي. هن ذات جا ماڻهو ڪاريگر ۽ هنرمند هوندا آهن. ڇهين ذات سندالیا آهي ۽ سندن ڏنڊو پورهيو ڪرڻ هوندو آهي. ستين ذات لاهور Lahud (30) آهي. سندن زالون هار سينگار ڪنديون آهن ۽ سندن مرد وري مداري (31) يا بازيگريءَ وارو ڪم ڪندا آهن. هندستان ۾ ٻائيتاليهہ مذهبي فرقا آهن (32) انهن مان ڪي ماڻهو نبي صہ ۽ پروردگار کي مڃيندا آهن. ڪي وري نبي صہ کي نہ مڃين ۽ ڪي وري انهن ٻنهي کان انڪاري آهن.

مروج الذهب
المسعودي

اقتباس

المسعودي هن باب جي شروعات هنن لفظن سان ڪري ٿو تہ عام خيال اهو آهي تہ هندستان ڏرتيءَ جو اهو حصو آهي، جتي قديم زماني کان امن، آشتي، ڏاهپ ۽ ڏاڻ هلندو پيو اچي. هندستان وارن جو چوڻ آهي تہ ڪنهن زماني ۾ برهما نالي هڪ وڏو راجا هوندو هو جنهن ٽي سو چاهٺ ورهيہ حڪومت ڪئي. ان راجا جي دور ۾ سنڌ هند Sindh hind (سڌانتا) ۽ آرجا بهد Arja bahad (آريا ياتا Arya bhatta) نالي ٻہ ڪتاب لکيا ويا هئا. سنڊس پونيئر هاٿي

برهمڻ سڏائيندا آهن. هندستان جا ماڻهو کين وڏ گهراڻي جي پيڙهيءَ مان سمجهي سندن ڏاڍي عزت ۽ آڌرپاءُ ڪندا آهن. هن کان پوءِ سندس وڏو پٽ گاديءَ تي ويٺو. جنهن جو نالو بهبود Bahbud هو. جنهن هڪ سو سال حڪومت ڪئي. هن کان بعد زاما Zama(راما Rama) آيو. هن راجا سڪندر سان مهاڏو اٽڪايو ۽ پهرين مقابلي ۾ مارجي ويو. هن راجا هڪ سو چاليهه ورهيه راج ڪيو. سندس موت کان پوءِ دبشليم Dabshalim آيو. جنهن هڪ سو ڏهه ورهيه راج ڪيو. هن راجا ڪليلہ و دمنہ Khalila wa Dimna نالي هڪ ڪتاب لکيو هو. هن راجا کان پوءِ بلهيت Balhit گاديءَ تي ويٺو. جنهن اسي ورهيه راج ڪيو. پيءَ لکت موجب سندس حڪومت جو دور هڪ سو ٽيهه ورهيه آهي. هن کانپوءِ قريش (هرش Harsh) آيو. هن هندستان جي مذهب جا سڀ پراڻا قاعدا قانون رد ڪري اهڙا قاعدا قانون رائج ڪيا، جيڪي وقت جي ضرورت مطابق هئا. هن هڪ سو ويهه ورهيه راج ڪرڻ کانپوءِ وفات ڪئي. سندس مرڻ بعد هندستان وارن ۾ ڦيٽاڙو ڪاهي پيو. هر قوم ۽ هر ملڪ جدا ٿي ويو ۽ هر علائقي پنهنجو الڳ حڪمران چونڊي ورتو. اهڙيءَ ريت سنڌ، قنوج ۽ ڪشمير جون حڪومتون جڙيون. مانڪير Mankir جو شهر جيڪو ڪنهن زماني ۾ هندستان جو وڏو شهر هو. تنهن راجا بلهراءِ آڏو آڻ مڃي. هاڻي رواج اهڙو پئجي ويو آهي ته جيڪو به حڪمران هن ملڪ جو راجا ٻڌبو آهي. تنهن کي بلهراءِ Balhara جي لقب سان سڏيندا آهن. اهو رواج اڄ سوڌو (332هـ) هلندو اچي ٿو.

هندستان هڪ وسيع ملڪ آهي. چوڌاري سمنڊ اٿس. منجهس جبل ۽ آباد زمينون آهن. سندس حدون زاباج (جاوا) تائين پکڙيل آهن. جيڪو مهاراجا جو ملڪ آهي. ٻيٽن تي مشتمل به هڪ ملڪ آهي. جيڪو چين ۽ هندستان کان الڳ آهي. پر ان کي هندستان جو پاڳو سمجهيو ويندو آهي. هندستان جي جابلو علائقي واري پاسي کان سنڌ، خراسان ۽ ٽٻيٽ ڏانهن وڌندو اچي ٿو. انهن ملڪن ۾ مذهبن ۽ زبانن جو گهڻو فرق آهي. اهي سدائين پاڻ ۾ گهانگهڙيا ويٺا هوندا آهن. انهن مان گهڻن جو آواگون ۾ ويساهه آهي ۽ سمجهندا آهن ته روح سدائين ڦرندو گهرندو آهي. ٻين کارن ماڻهن جهڙو زنجي Zanjis ۽ دمادمس Damadams کان ڏاهپ، رنگ، راج ۽ منهن مهانڊن ۾ هندو بلڪل نيارا آهن.

هندستان ۾ اهو رواج آهي ته چاليهن سالن جي عمر کان اڳ کوڙ راجا راج جي گادي تي ڪونہ ويهندو آهي. هندستان جو راجا خاص وقتن کان سواءِ عام ماڻهن جي سامهون ڪڏهن بہ ڪونہ ايندو آهي. سندس ويچار آهي ته جيڪڏهن راجا، رعيت ۾ عام پيو ايندو ويندو ته ماڻهو سندس وڏي عزت ۽ آبرو ڏسي حسد ۽ نفرت ڪندا. ان ڪري سندس اوقات گهٽجي ويندو. حڪومت نيڪ جڏبن ۽ ملڪ جي شان ۽ شوڪت کي ڏسي هلائي ويندي آهي. (3)

شاهي گهراڻو فقط راجا جي اولاد تائين محدود هوندو آهي ۽ ٻئي گهراڻي سان ان جو ڪو ناتو واسطو ڪونہ آهي. وزير ۽ قاضي گهراڻي سان بہ ساڳيو اصول لاڳو هوندو آهي. اهي سيئي ورثي طور هلندا ايندا آهن ۽ منجهن کابہ مٽا سٽا ڪانہ ڪئي ويندي آهي.

هندو شراب پيئڻ کان لهرائيندا آهن ۽ جيڪي واپرائيندا آهن، تن کي به تنبيهون ڪندا آهن. ان جو سبب اهو نه آهي ته سندن ڏرم ائين ڪرڻ کان روڪي ٿو. پر پيئڻ کان پوءِ ماڻهوءَ ۾ عقل جي سگهه ختم ٿي ويندي آهي. جيڪڏهن ڪو راجا به شراب پيئندو آهي ته ان تي ڏنڊ ڏوهه رکيو ويندو آهي. چاڪاڻ ته نشي ۾ نهوڑيل ماڻهو ڏاهپ وڃائي ويهندو آهي ۽ راج هلائي ڪونه سگهندو آهي.

اسان جي زماني ۾ هندستان جو وڏي ۾ وڏو راجا بلهراءِ آهي. جنهن جي گاديءَ جو هنڌ مانڪير آهي. هندستان جا ڪيترا راجا سندس ملڪ ڏانهن منهن ڪري هن لاءِ دعائون گهرندا آهن. جيڪڏهن سندس ايلچي وٽن ويندو آهي ته ان جو گهڻو ادب ۽ احترام ڪندا آهن. بلهراءِ جي ملڪ جي چوڌاري ڪيترن ٻين راجائن جا ملڪ آهن. ڪن راجائن جو ملڪ سمنڊ کان گهڻو پري جبلن جي وچ ۾ آهي. مهاراجا بلهراءِ جي راجڌاني سمنڊ کان اسي سنڌي فرسنگ پري آهي ۽ اهو فرسنگ اٽن ميلن جي برابر ٿيندو. وٽس هاٿي ۽ فوج تمام گهڻي آهي. پر سندس فوج پيادي لشڪر تي مشتمل آهي. ان جو سبب اهو آهي ته سندس راجڌاني جابلو علائقي ۾ واقع آهي. هند جو هڪ راجا سمنڊ کان تمام گهڻو پري ٿيندو. ان حڪمران کي ٻائوڙا Bauura جو راجا چيو وڃي ٿو. سندس راجڌانيءَ جي شهر جو نالو قنوج آهي. هن ملڪ جا حڪمران جيڪي به گاديءَ تي ويهندا آهن، تن کي ٻائوڙا جي لقب سان سڏيو وڃي ٿو. هن پنهنجي ملڪ جي اتر، اوپر، ڏکڻ ۽ اولهه وارن دنگن سان جهجهي انگ ۾ لشڪر ويهاري ڇڏيو آهي. چاڪاڻ ته هن جي

چوڏاري جهيڙاڪو راجائن جا ملڪ آهن.

باب نائون: الجاحظ سمجهي ٿو ته سنڌ جو مهراڻ درياهه نيل مان وهندو آهي. ان جي ثابتي اها ڏئي ٿو ته ان ۾ واڳون ٿيندا آهن. مان سمجهان ٿو ته اهڙي قسم جي ڳالهه کي هو ثابتي ڪيئن ٿو سمجهي. هن اهڙيون ڳالهيون پنهنجي تصنيف "ڪتاب الامصار و عجائب البلدان" ۾ لکيون آهن. مذڪوره ڪتاب پنهنجي ليکي اعتماد جوڳي تصنيف آهي. هن مصنف ڪڏهن دريائي سفر ڪونه ڪيو هو. پر خشڪيءَ رستي ڪئين ملڪ گهمي ڏٺا هئائين. ان ڪري ڪيس خبر ڪانه هئي ته سنڌ جو مهران سنڌ جي ئي جابلو علائقي مان وهي ايندو آهي. جيڪو قنوج جي راجا ٻائوڙا جي ملڪ ۾ آهي. اهو درياهه ڪشمير، قندهار ۽ طافان مان وهندو هيٺ ايندو آهي ۽ اچي ملتان جي پرسان لنگهندو آهي. جهڙي ريت ملتان کي سون جي سرحد چيو ويندو آهي. اهڙي ريت هن درياهه کي سون جو مهراڻ سڏيندا آهن. ملتان جو حڪمران قريشي آهي ۽ اسامه بن لوئي بن غالب جي پيڙهيءَ مان آهي. ملتان جي حڪومت ان قديم گهراڻي جي نسل وٽ آهي. جيڪو هتي مسلمانن جي اچڻ کان وٺي حڪومت ڪندو اچي ٿو. مهراڻ منصوره واري ملڪ مان وهي ديبل پرسان هندي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿو. هن سمنڊ جي ڪناري سان واڳون جام هوندا آهن. هندستان جا راجا پاڳوهارا Bghara (4) جي ملڪ ۾ سنڌابر Sindobur ۽ مهاراجا جي ملڪ زباج جي ساموندي ڪناري سان به گهٽا واڳو ٿيندا آهن. اگهياب Aghyab جي نار ۾ به واڳون جام ٿيندا آهن. جيڪا سراندیپ تائين پکڙيل آهي. واڳون

مٿي پاٽيءَ ۾ رهڻ وڌيڪ پسند ڪندو آهي. هندستان جي درياهن جو پاڻي مٺو هوندو آهي. چاڪاڻ تہ اهي مينهن جي پاڻي سان وهندا آهن.

باب سورهون: هندستان جي راجا کي بلهراءِ سڏيندا آهن. قنوج جو ملڪ جيڪو سنڌ ۾ آهي. تنهن جي راجا کي بائڙا چيو ويندو آهي (5) "بائڙا قنوج جي سيني راجائن جو لقب آهي. اهو ملڪ هاڻي ملتان جو ڏن پروءِ اسلامي ملڪ جي سرحدن ۾ شامل آهي. هن شهر وچان پنجن مان هڪ اهو درياهہ وهندو آهي. جيڪو اڳتي وڃي مهراڻ درياهہ ۾ ڇوڙ ڪندو آهي. الجاحظ به هن ئي درياهہ لاءِ چوي ٿو تہ نيل مان وهي ٿو. ٻين دريائن جي گڏيل پاڻيءَ کي خراسان جي جيحون چوندا آهن. قنوج جي راجا بائڙا لاءِ چيو ويندو آهي تہ هو هندستان جي راجا بلهرا جو ويري آهي. "قندهار" جي راجا جو ملڪ به سنڌ جي حدن ۾ واقع آهي. ان جي ملڪ ۾ موجود جبل کي حجاج Hahaj ڪري سڏيندا آهن. هن ملڪ جي هر راجا کي انهيءَ نالي پٺيان سڏيو وڃي ٿو. سندس ملڪ مان رئد Raid نالي هڪ درياهہ وهندو آهي. اهو پنجن مان هڪ درياءَ آهي. جن جي گڏيل وهڪري کي مهراڻ سڏيو ويندو آهي. "قندهار" لاءِ چيو ويندو آهي تہ اهو راحبوط Rahbut (راجپوتن) قوم جو ملڪ آهي. پنجن مان هڪ ٻي ندي آهي. جنهن کي بهاطل Bahatil سڏيو ويندو آهي. اهو درياهہ به سنڌ جي جابلو علائقي مان وهي ايندو آهي ۽ راحبوطن جي ملڪ قندهار مان لگهندو آهي. چوٽون درياءَ ڪابل واري ملڪ ۽ سنڌ سان دنگئي جبلن. بست Bust غزني. زارائون Zaraun ار ـرُخاج ـOr

Rukhaj ۾ دائود مان وهي اچي ٿو. جيڪو سجستان سان سرحدي علائقو آهي. پنجن مان آخري درياهه ڪشمير مان ايندو آهي. ڪشمير جي حڪمران کي راءِ جي نالي سڏيندا آهن. اهو هتان جي حڪمران جو عام خطاب آهي. ڪشمير به سنڌ ملڪ جو حصو آهي."

قنوج جي باٿرا راجا جو ملڪ هڪ سو ويهه سنڌي فرسنگ همچورس آهي. هڪ فرسنگ اٺن ميلن جي برابر آهي. هن راجا کي پنهنجي ملڪ جي پاسن جي ڏينهن کان ڪيس چار لشڪر آهن. سندس هر هڪ لشڪر ۾ فوجين جو انگ ستر هزار يا نوي هزار ٿيندو. هن جو اتر پار وارو لشڪر ملتان جي مسلمان حڪمران سان وڙهندو رهندو آهي. ڏکڻ پار وارو لشڪر مانڪير جي راجا بلهرا سان جهيرينڊ آهي. باقي رهندڙ ٻيا به لشڪر جتي ضرورت پوندي آهي اوڏانهن موڪليا ويندا آهن. ملتان مسلمانن جو نهايت طاقتور ملڪ آهي. منجهس هڪ لک ويهه هزار وڏا ننڍا شهر ۽ ڳوٺ آباد آهن. هن ملڪ ۾ هڪ بُت آهي. جنهن کي ملتان جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. سنڌ ۽ هندستان جا ماڻهو پري پري کان ڪشالا ڪڍي اچي هن بت جي ياترا ڪندا آهن ۽ سکا طور باسيل پئسا هيرا جواهر عطر. مشڪ. عنبر ۽ عود ڪٽي ايندا آهن. ملتان جي حڪمران جو گهٽو محصول ان قيمتي عود مان گڏ ٿيندو آهي. جيڪو ڪمار جي ملڪ مان ايندو آهي. جنهن جو هڪ من به سو دينارن ۾ ملندو آهي. جڏهن هتان جا ماڻهو ملتان تي حملو ڪندا آهن ته کين بت ڇڏڻ جو ڏڪو ڏنو ويندو آهي ته واپس موٽي هليا ويندا آهن.

مٿي بيان ڪيل درياهه "سون جي گهر" يعني ملتان وٽان لنگهي ٿن ڏينهن جي پنڌ تي هيٺ ۽ منصوره کان گهٽو مٿان دوش آب Dush_ab (6) وٽ ملندا آهن ۽ سيئي گڏجي هڪڙو وهڪرو اختيار ڪندا آهن. ان کان پوءِ اهو گڏيل وهڪرو ال – رور (الور) ڏانهن ويندو آهي. هيءَ شهر پاٽيءَ جي مذکوره وهڪري جي الهندي ڪنار سان واقع آهي ۽ منصوره جي حڪمرانيءَ ۾ شامل آهي. هتي هن وهڪري کي مهراڻ سڏيو ويندو آهي ۽ درياهيءَ جي صورت ۾ وهندو آهي ۽ شاڪرا Shakira (7) جي ماڳ وٽان سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو آهي. ديبل کان ڇوڙ ڪرڻ وارو ماڳ هن فرسنگن جي پنڌ تي آهي.

ملتان منصوره کان پنجهتر سنڌي فرسنگ پري آهي. هڪ فرسنگ اٺن ميلن جي برابر آهي. جيئن مٿي بيان ڪيو ويو آهي. منصوره جي حڪمرانيءَ ۾ وڏا ننڍا شهر ۽ ڳوٺ ٿي لک ڪن ٿيندا. سڄو ملڪ آباد آهي. فصلن ۽ وٽن جي رڳو ساواڻ پئي ڏسبي آهي. ميدن جي قوم هن ملڪ سان سدائين وڙهندي رهندي آهي. سنڌ جي اوسي پاسي وارا ملڪ ۽ منصوره سان ايٽهئي مهاڏو اٽڪايو ويٺا هوندا آهن. منصوره ۾ ملتان جيان سنڌ جي حدن اندر آهي. هن شهر تي منصوره جو نالو منصور بن جمهور جي نالي پٽيان پيو آهي. جيڪو بني اميه جو گورنر هو. منصوره جي حڪمران وٽ اسي جنگي هاٿي آهن. جنگ وقت هر هڪ هاٿيءَ سان گڏ پنج سو پيادا ساڻ هوندا آهن. جنهن جو اسان مٿي ۽ ذڪر ڪري آيا آهيون. اهي هاٿي هزارن گهوڙي سوارن جو مقابلو ڪري سگهندا آهن.

هاڻي اسان سنڌ ۾ هندستان جي بادشاهن جو ذڪر ڪنداسين. سنڌ جي ٻولي هندستان جي ٻولين کان نياري آهي. سنڌ جو ملڪ مسلمانن کي هندستان کان وڌيڪ ويجهو آهي. راجا بلهراءِ جي راجڌاني مانڪير جي ٻولي ڪيريا Kiriya آهي. هن ٻوليءَ تي اهو نالو ڪيرا Kira ايراضيءَ جي ڪري پيو آهي. جتي اها ٻولي ڳالهائي ويندي آهي. سامونڊي ڪناري سان. جهڙوڪ سئمور Saimur، سبارا Sabara، تانا Tana ۽ بين شهرن ۽ ڳوٺن ۾ لاڙي Lariya (8) ٻولي ڳالهائي ويندي آهي. هن ٻوليءَ تي اهو نالو ان سمنڊ ڪري پيو آهي. جنهن جون ويرون پيون ڪناري سان وڃندڙيون آهن ۽ هن کي لاڙوي سمنڊ Larawi sea سڏيو ويندو آهي. جنهن جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي. هن سامونڊي ڪناري سان ڪيترا درياهه آهن. جيڪي ڏکڻ کان اتر وهندا آهن. نيل درياهه ۽ ڏکڻ کان اتر وهندو آهي. مهراڻ اتر کان ڏکڻ وهندو آهي. سنڌ ۽ هندستان جي سڀني راجائن مان راجا بلهرا مسلمانن جي تمام گهٽي عزت ڪندو آهي. سندس ملڪ ۾ اسلام ۽ مسلمانن جي گهٽي عزت ڪئي ويندي آهي. سڪو درهمن جي شڪل ۾ آهي. جنهن کي طاطري (9) سڏيو ويندو آهي. جنهن جي تور ڏيڍ درهم جي برابر آهي. مٿس حڪمراني جو سن لکيل هوندو آهي. راجا بلهراءِ کي جنگي هاٿي تمام گهٽا آهن. هن ملڪ کي ڪامڪار Kamkar ۽ سڏيو ويندو آهي. هيءَ ملڪ هڪ پاسي کان ڪليل آهي. جتان جزر (گجرات) جو راجا حملو ڪري سگهي ٿو. وٽس گهوڙا. اٺ ۽ لشکر. ۽ گهٽو آهي ۽ ڏن دولت ۽ جام اٽس. هن ڪانپوءِ طافان جو ملڪ آهي. هن ملڪ جي راجا جا پاڙيسري ملڪن ۽ مسلمانن سان دوستاٽا ناتا آهن. هن راجا جي فوج انهن حڪمرانن کان گهٽو گهٽ آهي. جن جو

اسان مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون.

هن کان پوءِ راهما Rahma جو ملڪ اچي ٿو. راهما هتان جي راجائن جو نالو به هوندو آهي تہ لقب به هوندو آهي. هن راجا جي ملڪ جي هڪ پاسي کان جزر (گجرات) جو راجا ۽ ٻئي دنگ سان بلهراءِ جو ملڪ آهي ۽ هيءَ سدائين ٻنهي سان وڙهندو رهندو آهي. راهما جي راجا وٽ، بلهرا، جزر ۽ طافان جي هاٿين، گهوڙن ۽ لشڪر کان وڌيڪ هاٿي، گهوڙا ۽ لشڪر آهن. هو سياري کان سواءِ جنگ نہ ڪندو آهي. چاڪاڻ تہ هاٿي اڃ جو ڪاهلو آهي. هن جي لشڪر کي گهٽو وڌائي ٻڌايو ويو آهي. ڪن جو بيان آهي تہ سندس لشڪر ۾ ڪپڙن ۾ رڙ وارن ۽ درزين جو انگ ڏهہ پندرهن هزار کن ٿيندو. راهما جو ملڪ سمنڊ جي ڪناري سان هلندو وڃي ٿو ۽ ان جو ڪجهہ حصو اندر سمنڊ ۾ به آهي. پرسان ڪامان Kaman ملڪ اٽس، جيڪو هڪ ٻيٽ جي شڪل ۾ آهي. اتان جا ماڻهو خوبصورت آهن. منجهن ڪنن ٽوپائڙ جو رواج آهي. هاٿي، گهوڙا ۽ اٺ به هتي جام ٿيندا آهن. عورتون ۽ مرد ٻئي خوبصورت ٿيندا آهن.

هن کان پوءِ فرانج (10) جو ملڪ آهي. هن ملڪ جي راجا وٽ خشڪي ۽ سامونڊي ٻئي فوجون آهن. هيءَ ملڪ اهڙي زمين جي خطي تي مشتمل آهي، جيڪو سمنڊ ۾ اڳتي وڌيل آهي. هن ملڪ مان عنبر ججهي انداز ۾ ٻاهر موڪليو ويندو آهي. هتي ڪارا مرچ گهٽ ۽ هاٿي گهٽا هوندا آهن. هتان جو راجا هنيلو ۽ هنياري وارو آهي، پر حقيقت اها آهي تہ ڪيس وٽ کان وڌيڪ هٿ آهي ۽ هنياريءَ کان هام گهٽي ٿو هٽي.

كتاب الاقليم
ابو اسحاق اصطخري

اقتباس

سنڌ ۾ ان جي پاڙيسري ملڪن کي هڪ ئي نقشي ۾ ڏنو ويو آهي، جنهن ۾ سنڌ، هندستان جو ڪجهه ياڳو ڪرمان، توران ۽ ٻڌا جا ملڪ نظر اچن ٿا.

سنڌ ملڪ جا شهر: منصوره، ديبل، نيرور Nirur (2) (نيرون)، ڪلوي (ڪلري)، انڙي، بلوي (بلڙي)، مسواهي Maswahi، نهراج، بانيه، منحابري (منجابري)، سدوساڻ ۽ الروز (الور)

هند جا شهر: امهل Amhal (3) ڪمبايا، سبارا، سندان، سئمور Saumur، ملتان، جندرود ۽ باسمند.

ڪمبايا کان سئمور تائين راجا بلهاراءِ جو ملڪ آهي. ان ۾ ٻيا ب ڪيترائي ملڪ آهن، جن تي مختلف راجا حڪومت ڪندا آهن. اهو ڪافرن جو ملڪ آهي. پر منجهس ڪيترا ملسمان ب رهندا آهن. اتي بلهارا جي نالي ۾ اصلي حڪومت مسلمانن جي آهي. انهن علائقن ۾ جامع مسجدون ب جام آهن. راجا بلهاراءِ مانڪير شهر ۾ رهندو آهي. هيءُ ملڪ گهٽي ايراضيءَ تي پکڙيل آهي.

منصوره جو شهر همچورس ڪن ٽيندو. مهراڻ درياهه جي هڪ ڇاڙهه سندس چوڌاري ڦري اچي ٽي. هن شهر جا رهواسي مسلمان رهن. سندس ويجهو اوڏو کارڪون ۽ ڪمند جام ٽيندو آهي. منصوره جي علائقي ۾ هڪ ميوو ٽيندو آهي، جيڪو صوف جيترو ٽيندو آهي. سواد ۾ ڪتو آهي. هتي انبج (انب) ب ٿئي ٿو. ان جو ساءُ سواد شفتالو جهڙو هوندو آهي. ڏاڍا سهانگا آهن ۽ ٽيندا ب تمام گهٽا آهن. هتان جي ماڻهن جو لباس عراق جي ماڻهن جهڙو آهي. سندن حڪمرانن جو ويس وڳو هند جي راجائن جهڙو آهي. انهن جيان ڇتا، ڍگها تلهڙ ڇڏيندا آهن (4) ۽ ڍگها چولا ب انهن وانگي ڍڪيندا آهن.

ملتان جو شهر منصوره جي اڌ جيترو ٽيندو. اتي هڪ بت آهي، جنهن جي هندو گهٽي عزت ڪندا آهن. هر سال اوري پري کان ماڻهو ڪهي هن بت جي ياترا لاءِ ايندا آهن. پيٽا ۽ سکا لاءِ گهٽا ڏوڪڙ ب ڪٽي ايندا آهن. هن مندر تي گهڻو خرچ ڪيو ويندو آهي. مندر جي ٻاون ۽ داسن ۽ داسين کي دهرا دان ڏنا ويندا آهن. مندر جي

اڏاوت ڏاڍي سگهاري ۽ شهر جي ان پاڳي ۾ آهي. جتي ماڻهن جي ڳتيل آبادي آهي. پرسان شهر جي منڊي اٽس ۽ هڪ پاسي کان نانارن ۽ ٻئي پاسي عاج وارن جا هٽ آهن. بت مندر جي وچ تي هڪ قبي جي هيٺان ويهاريل آهي. مندر جا ٻاوا، داس ۽ داسيون مذکوره قبي جي چوڌاري رهندا آهن. ملتان ۾ سنڌ ۽ هندستان ۾ رهندڙ اهڙو ماڻهو نه ملندو. جيڪو هن بت جي پوڄا نه ڪندو هجي. بت جي شڪل صورت ماڻهوءَ جهڙي آهي. هو پلٿي هنيو تخت تي ويٺو آهي. جيڪو پڪين سرن ۽ گچ جو ٺهيل آهي. ان بت جو سڄو جسم ٻکري جي ڪمايل نفيس چمڙي سان ڍڪيل آهي ۽ ان جون فقط اکيون ظاهر آهن. ڪن جو چوڻ آهي ته بت جو جسم ڪاٺ جو ٺهيل آهي. ڪي وري چون ٿا ته ڪاٺ جو نه آهي. پر بت جي جسم تان چمڙي جو لباس لاهي سچ ڄاڻڻ جي ڪنهن کي به موڪل ڪانه آهي. سندس اکين جي جاءِ تي هيرا جواهر لڳل آهن. مٿي تي سونو تاج رکيل اٽس. تخت تي پلٿي هنيو ۽ هٿ گوڏن تي رکيو ويٺو آهي. هٿ جون آڱريون اهڙيون پکوڙيل اٽس جو آڱوٺي سميت چار آڱريون معلوم ٿينديون. جڏهن هندستان جا ماڻهو حملو ڪري هي بت کڻڻ ايندا آهن ته هتان جا رهواسي، اهو بت ٻاهر کڻي ان کي باهه ڏئي ساڙي رک ڪري ڇڏڻ جا دڙڪا ڏيندا آهن ته اهي موڻي هليا ويندا آهن. جيڪڏهن هتان جا رهاڪو ائين نه ڪن ته اهي حملو ڪري ملتان کي ٻيلي پينگ ڪري ڇڏن. منصوره ملتان کان وڌيڪ سکيو ستابو ۽ ريان ڪيان آهي. ملتان کان اڏ فرسنگ جي فاصلي تي نوجي ڇانوٽي آهي (5) جتي هتان جو حڪمران رهندو آهي. هو

جمعہ جي نماز پڑھڻ کان سواءِ ملتان نہ ايندو آهي. هو هاڻيءَ تي سوار ٿي اچي جمع جي نماز ۾ شريڪ ٿيندو آهي. هتان جو والي قريش قبيلي سان واسطو رکي ٿو ۽ منصوره جي ماتحت نہ آهي. پر خطبو خليفي جي نالي پڙهندو آهي.

سمند Samand (6) هڪ ننڍو شهر آهي. جيڪو ملتان جيان مهراڻ جي اوپر پار آهي. ٻنهي شهرن جي وچ ۾ ۽ ٻنهي شهرن ۽ درياڻن جي وچ تي ٻن فرسنگ جو پنڌ آهي. پاڻي کوهن جو کتب آندو ويندو آهي.

الرور جو شهر ملتان جيڏو آهي. هن شهر کي ۽ قلعا آهن ۽ مهراڻ جي ڪنار تي منصوره جي دنگ سان واقع آهي.

نيرور (7) ديبل ۽ منصوره جي وچ تي آهي.

هندستان جي حدن اندر سئمور کان فهمل تائين ۽ فهمل کان مڪرنا ۽ ٻڌا. ويندي ملتان تائين. سيئي علائقا ۽ ملڪ سنڌ جي حدن اندر آهن. ٻڌا وارو ملڪ گهٽي پاڳي ويران آهي.

ملتان جا ماڻهو ستڻون پائيندا آهن. منصوره جيان انهن مان گهڻا فارسي ۽ سنڌي ٻولي ڳالهائيندا آهن.

مڪران هڪ وسيع علائقو آهي. پر برپت بيابان آهي. وڏو شهر قنزبون Kannazbun (8) آهي.

قندابيل ۾ وڏو شهر آهي. منجهس کجور نہ ٿيندي آهي. هيءَ هڪ ويران علائقو آهي ۽ ٻڌا ملڪ جي ويجهو دنگئي آهي. اتي ڪجهہ ڪيتي ۾ ٿيندي آهي. چوپايو جام آهي. انگور گهڻا ٿيندا آهن. اوسو پاسو چڱي پيداوار ڏيندو آهي. اتي ابيل Abil اهو پهريون

ماڻهو هو. جنهن هن ماڳ کي سڀ کان پهرين فتح ڪيو هو ۽ پوءِ هن جي نالي سڏجڻ لڳو.

فاصلا: تيز Tiz (9) کان تير (Tir) تائين پنجن ڏينهن جو فاصلو آهي. ڪيز (10) کان قنزبون تائين پنڌ ۾ ڏينهن لڳندا آهن. قنزبون کان تيز ڏانهن ويندي رستو ڪيز وٽان لنگهندو آهي ۽ قنزبون کان درڪ Darak تائين ٽن ڏينهن جو سفر آهي. راسڪ Rasak کان فهل فاهو Fahal fahuh ويندي سفر ٽي ڏينهن وٺي ٿو. اتان کان اسغافا Asghafa (11) ۾ ڏينهن لڳندا آهن. اتان کان بند تائين پهچڻ لاءِ هڪ ڏينهن جو پنڌ آهي. بند کان باهه Bah (12) تائين هڪ ڏينهن ۽ اتان کان قشرڪند Kasrkand (13) هڪ ڏينهن. ڪيز کان ارمابيل (14) ڇهه ڏينهن. ارمابيل کان ڪمبلي (15) ۾ ڏينهن ۽ اتان ديبل چئن ڏينهن جو پنڌ آهي. ملتان کان بيالاس Biyalas (16) جو علائقو جيڪو سوڙهو ۽ ڊگهو آهي. سو ڏهن ڏينهن جي فاصلي تي آهي. هتان ٻڌا ملڪ ڏانهن وڃڻ لاءِ مهراڻ پار ڪبو آهي. قندابيل کان منصوره اٽن ڏينهن جو پند ٽيندو. قندابيل کان ملتان، رڻ پٽ واري رستي سان اٽڪل ڏهاڪو ڏينهن لڳندا آهن. منصوره ۽ ڪمبلي (17) جي وچ تي اٺ ڏينهن جو سفر ٽيندو. ڪمبلي کان ڪمبايا چار ڏينهن ۽ ڪمبايا کان سمونڊ ۾ فرسنگ پنڌ ٽيندو آهي. ڪمبايا کان سورابايا Sorabaya پنڌ چار ڏينهن وٺندو آهي ۽ سورابايا کان سمونڊ اڌ فرسنگ پري ٽيندو. سورابايا کان هلبو تہ پنجن ڏينهن ۾ سندان رسي وڃبو. سندان کان سئمور پنجن ڏينهن جي مسافري آهي. سئمور کان هلبو تہ خير سان پندرهن

ڏينهن جي سفر کان پوءِ وڃي سراندیپ پهچبو. ملتان ۽ باسمند جي وچ ۾ ٻن ڏينهن جي سفر جيتري وٿي آهي. باسمند کان الروزٿي ڏينهن. الروز کان انڙي چئن ڏينهن. انڙيءَ کان ڪلري ٻن ڏينهن ۽ اتان کان منصوره هڪ ڏينهن جو پنڌ تي آهي. ديبل کان تيز چار ڏينهن. اتان کان منجباري ٻن ڏيهن جو سفر ٿيندو. ڪلوي (Kalwi) (18) (ڪلري) کان ملدان (ملتان) انڪل چئن ڏينهن جي پنڌ تي آهي. باهند Bahand (19) منصوره ۽ ڪمبلي جي وچ تي ۽ منصوره کان هڪ ڏينهن جي سفر تي ٿيندو.

سنڌ ۾ هڪ درياءَ آهي. جنهن کي مهراڻ سڏيو ويندو آهي. (20) چيو ويندو آهي ته اهو درياءَ هڪ جبل مان شروع ٿئي ٿو. جتان جيحون جون ٻيون پرتي ڪندڙ شاخون نڪرنديون آهن. (21) مهراڻ درياءَ. سمنڊ (22) ۽ الروز (الور) جي وٽ ڏئي وهندو آهي ۽ وڃي ملتان جي سرحدن ۾ پهچندو آهي. اتان وهندو منصوره جو پاسو ڏيندو آخر ديبل جي اوير ۾ وڃي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو آهي. هن درياءَ جو پاڻي مٺو آهي. منجهس نيل درياءَ جي واڳن جيڏا وڏا واڳون ٿيندا آهن. هي درياءَ به نيل درياءَ جيان چاڙهه ڪندو آهي ۽ هيٺاهان علائقا ٻوڙي ڇڏيندو آهي. پاڻي جي سڪي وڃڻ ڪانپوءِ آبادي به ائين ٿيندي آهي. جيئن اسان نيل جي پاسي وارين زمينن بابت ذڪر ڪري آيا آهيون. سنڌ - رود جو وهڪرو ملتان کان ٿي منزلون پري آهي. مهراڻ سان ملڻ کان اڳ به هن درياءَ جو پاڻي به مٺو هوندو آهي. مڪران وارو علائقو گهٽو آغير آباد آهي. منجهس ٿوريون ڪي برساتي نيون آهن. انهن نين جو پاڻي به منصوره جي ٻنهي پاسن کان مهراڻ ۾ ڇوڙ ڪندو آهي.

اشكال البلاد يا المسالك والممالك
ابن حوقل

اقتباس

سمنڌ کان ٽٻيٽ تائين چئن مهينن جو پنڌ آهي. فارس جي سمنڌ کان خراسان تائين پهچڻ ۾ ٽي مهينا لڳي ويندا.

مون سنڌ ۽ ان جا ماتحت ملڪ هڪ نقشي ۾ ڏنا آهن. جنهن ۾ سنڌ، هندستان جو ڪجهه پاڳو توران ۽ ٻڌا ۽ چگهيءَ ريت ڏسي سگهجن ٿا. (4) هن جي اوپر پاسي کان فارس جو سمنڌ آهي. اولهه کان ڪرمان ۽ سجستان وارو رڻ پٽ ۽ ان جا ڏن ۽ ملڪ آهن. اتر

کان هندستان جا ملڪ ۽ ڏکڻ کان هڪ رڻ آهي. جيڪو مڪران ۽ ڪوفس Kufs (5) جي وچ تي آهي. ان کان پريان ئي فارس جو سمنڊ آهي. اهو سمنڊ مذڪوره علائقن جي اوپر ۾ ۽ مٿي بيان ڪيل رڻ پٽ جي ڏکڻ ۾ واقع آهي. چاکاڻ تہ اهو سئمور کان وٺي مڪران واري تيز تائين پکڙيل آهي (6) پوءِ ٿورو وکڙ ڪري رڻ پٽ جي پاسي سان ڦري ڪرمان ۽ فارس ڏانهن هليو وڃي ٿو. هن علائقي جا مشهور شهر هي آهن: مڪران واري ايراضيءَ جا مکيہ شهر: تيز Tiz (7) ڪابر Kabar (Kiz)، قبريون Kabryun (Kunnaz bun)، دارڪ Darak، راسڪ Rasak، بيهہ Bih، نند Nand (بند)، ترسڪند Karskand، اسفاڪا Asfaka، فهلفهارا Fahal fahara، مصلي Musli، يصلي Yusli (Kawlsli) ۽ ارمائيل (ارمابيل)، توران جا هي مکيہ شهر آهن: ماحالي، ڪانيڪانا Kanikana، سورا ۽ قصدار. ہڏ جا مکيہ شهر: قندابيل، سنڌ جا مکيہ شهر: منصوره، هن شهر کي سنڌي باميوان Bamiwan (8) بہ سڏيندا آهن. ديبل نيرون (9)، فالده (ڪلري)، ابڙي (انڙي) بلڙي (بلڙي)، مسواهي، هاروج Haruj بانيہ، منجباري، سدوساڻ، الدور، هندستان جا مکيہ شهر: فهمل، ڪمبايا، سربارا سندان، سئمور، ملتان، حدراور Hadrawur (جادراور يا جند رود) ۽ باسمند. هي انهن ملڪن جا اهي شهر آهن، جن جي نالن کان آءٌ واقف آهيان. (10) ڪمبايا کان سئمور تائين بلهراءِ جو ملڪ آهي. ان ۾ ڪيترن ئي هندستاني راجائن جا ملڪ آهن (11) اهو ملڪ ڪافرن جو آهي. پر شهرن ۾ مسلمان بہ آباد آهن. جيڪي بلهاراءِ جي نالي ۾ پاڻ

حڪمران آهن. ان ملڪ ۾ ڪيترين ئي مسجدون آهن، جتي وڃي مسلمان نماز پڙهندا آهن. جنهن شهر ۾ پاڻ راجا بلهاراءِ رهندو آهي، تنهن جو نالو مانڪير آهي. گهٽي ايراضيءَ تي پکڙيل آهي (12) منصوره جو شهر هڪ ميل ڏگهو ۽ هڪ ميل ويڪرو آهي تہ مهراڻ درياءَ جي هڪ چاڑهہ وڪڙ ڪري ڦري ايندو آهي ۽ جڙ ٻيٽ ٻڌجي پوندو آهي. هتان جا رهواسي سڀ مسلمان آهن. حڪمران قريشي قبيلي سان تعلق رکي ٿو ۽ هبار بن اسود جي پيڙهيءَ مان آهي. هن حڪمران ۽ سندس وڏن هن علائقي تي حڪومت ضرور ڪئي آهي، پر خطبو خليفن جو پڙهندا هئا. آبهوا ڏاڍي گرم آهي. هتي کارڪون پيدا ڪونہ ٿيندين آهن. هتي تہ انگور نہ صوف، تمر جون کارڪون، نہ وري اخروٽ ئي ٿيندا آهن. ڪمند جام آهي. هتي هڪڙو ميوو ٿيندو آهي، جيڪو صوف جيڏو ۽ سواد ۾ ڪٿو ٿيندو آهي، جنهن کي ليمون چوندا آهن. هتي انب نالي هڪ ٻيو ميوو بہ جام ٿيندو آهي. ان جو ساءِ ۽ شڪل صورت شفتالو جهڙي هوندي آهي ۽ ڏاڍو سهانگو آهي (13) سکر سٽائي ۽ سهانگائي آهي. کاڏي جي شين جا ڍير لڳاپيا آهن.

چالو سڀکو قندهار ۾ ٽيپيو ويندو آهي. مذکوره سکو پنجن درهمن جي برابر آهي. هتي طاطري سکا بہ هلندا آهن. هڪ طري سکو سوا درهم جي برابر آهي (14) دينار جو سکو بہ رواج ۾ آهي. هتان جي رهواسين جي پوشاڪ عراقين جهڙي آهي. پر حڪمران سٽ پائيندو آهي (15) ۽ ٻيو ويس بہ هندستان جي راجائن جهڙو اٿس.

ملتان منصوره جي اڌ جيترو آهي ۽ هن کي سون جو گهر چيو ويندو آهي (16) هتي هڪڙو بت آهي، جنهن جي هندو ڏاڍي عزت ڪندا آهن. هر سال ماڻهو اوري پري کان ڪهي اچي هن بت جي ياترا ڪندا آهن. ماڻهو هن مندر ۾ منجهس رهندڙ ٻاون داسن ۽ داسين تي گهڻا ڏوکڙ خرچ ڪندا آهن. ملتان شهر تي ٽالو به هن بت ڪري ڇيو آهي. مندر جي جڳهه ڏاڍي مضبوط نموني سان اڏي وئي آهي ۽ ڳتيل آبادي۽ واري جاءِ تي ملتان جي منڊي۽ جي وچ تي آهي. هڪ پاسي کان عاج وارن جا هٽ ۽ ٻئي پاسي کان ٽاٽارن جي بازار آهي. اڏاوت جي وچ تي قبي جهڙي هڪ عمارت آهي، جنهن ۾ مذکوره بت رکيل آهي. هن بت جي داسن ۽ داسين جي رهڻ واسطي قبي جي چوڌاري چوڏهن جڳهون اڏيل آهن. ملتان، سنڌ ۽ هندستان ۾ اهڙا ماڻهو ڪونه ملندا. جيڪي هن بت کان سواءِ ٻين جي پوڄا ڪندا هوندا. بت جي شڪل هوبهو ماڻهو جهڙي آهي. جيڪو پلٽي هڻي تخت تي ويٺو آهي (17) اهو تخت سرن ۽ گچ سان اوساري ٺاهيو ويو آهي. سندس سارو جسم ڳاڙهي چمڙي سان ڍڪيل آهي. رڳو اکيون ڀيون ڏسڻيون آهن. ڪن جو چوڻ آهي ته بت جو جسم ڪاٺ جو آهي. ڪي وري چون ٿا ته ڪاٺ جو نه، پر ڪنهن ٻئي شيءِ جو آهي. جسم کولي ڏسڻ جي موڪل ڪانه آهي. جو پڪ ڪري سگهجي. بت جي اکين واري جاءِ تي قيمتي جواهر لڳل آهن. مٿي تي سونو تاج ڌريل اٿس. هٿ گوڏن تي رکيل اٿس ۽ آڱريون بند ٽيل ڏسڻ ۾ اڇن ٽيون (18) ان ڪري پنجن بدران چار ڏسڻ ۾ اڇن ٽيون (19) مندر تي جيڪا پيٽا، سڪا يا باس ڏني ويندي آهي. سا

ملتان جو مسلمان امير کٽندو آهي ۽ مندر جي ماٿهن ۾ ورهائي ڇڏيندو آهي. جڏهن هند جا ماڻهو ملتان تي حملو ڪندا آهن تہ بت کي ٻاهر کڻي ايندا آهن (20) ۽ کين دڙڪو ڏيندا آهن تہ جيڪڏهن ملتان تي حملو ڪيو ويو تہ بت کي پڄي پورا ڪري ساڙي رک ڪيو ويندو. اهو حال ڏسي حملي ڪرڻ وارا موٽي ويندا آهن ۽ ملتان تباهہ ٿيڻ کان بچي ويندو آهي. قلعو مضبوط اٽس. سکر ۽ سڪائي آهي. پر هن کان منصوره وڌيڪ سکيو ستابو شهر آهي ۽ ماڻهو بہ وڌيڪ آباد اٽس. اهو سبب ڪهڙو آهي جو ملتان کي " سون جو گهر" سڏيو ويندو آهي. چوندا آهن تہ جڏهن مسلمانن ملتان تي حملو ڪيو هو تہ سندن حالت ڏاڍي خراب هئي. پر هڪ مندر مان سون ملي وڃڻ ڪري سندن پاڻ ۾ پيڙو کاڏو هو. ملتان کان اڏ فرسنگ جي فاصلي تي چندراور Chandrawar (21) نالي هڪ فوجي ڇانوڻي آهي. جتي ملتان جو امير رهندو آهي. هتان جو گورنر قريشي آهي ۽ اسامہ بن لوئي جي اولاد مان آهي. جيڪو هن شهر جي پهرين حملہ آورن منجهان هو. هو منصوره جي حڪمران جو ڏن پرو نہ آهي. پر خليفي جي نالي جو خطبو ضرور پڙهندو آهي.

باسمند هڪ ننڍو شهر آهي. جيڪو ملتان ۽ چندراور جيان مهراڻ درياءَ جي اوپر ڪنار سان واقع آهي. هي درياءَ هر شهر کان هڪ فرسنگ جي فاصلي تي آهي. هتان جا رهواسي کوهن جو پاڻي ڪتب آڻيندا آهن. هي هڪ قلع بند شهر آهي. الور ملتان جيڏو آهي (22) ۽ قلعا اٽس. مهراڻ درياءَ جي ڪنڌيءَ سان ۽ منصوره جي دنگ تي واقع آهي.

ديبل، مهراڻ درياءَ جي اولهه پاسي (23) ۽ سمنڊ کي ويجهو آهي. هتي هڪ وڏي منڊي آهي هي نه رڳو سنڌ جو پر اوسي پاسي وارن ملڪن جو به بندر آهي. هي علائقو اناج جي پوکي راهي واسطي مشهور آهي. پر وڻ يا کجيون گهٽيون ڪونه اٿس. تلوارن ٺاهڻ واسطي گهٽو مشهور آهي (24) هتان جا رهواسي گهٽي پاڳي واپاري آهن.

نيرون وارو علائقو ديبل ۽ منصوره جي وچ تي پر منصوره جي ٽورو ويجهو آهي. منجباري Manjabari جو ماڳ مهراڻ جي الهندي پار آهي. جيڪو ماڻهو ديبل کان منصوره ويندو. سو منجباري کان درياءَ اکرندو.

مسواهي، سدوسان (25) ۽ هارج، مهراڻ جي الهندي پاسي آهن (26) ملتان ۽ منصوره واري رستي سان. مهراڻ درياءَ جي اوپر پاسي چڱي وٽيءَ سان به شهر، ابڙي Ibri ۽ لابي Labi (انڙي ۽ ڪلري) آهن (27) مئلدي (بلڙي) مهراڻ جي اولهه پاسي ۽ پرسان واقع آهي. هتان کان مهراڻ درياءَ مان هڪ ڇاڙهه نڪرندي آهي. جيڪا هيٺ وڃي وڪڙ ڪري منصوره جي چوڌاري ڦري ايندي آهي.

بلها Bilha (بانيا) هڪ ننڍڙو شهر آهي. عمر بن عبدالعزيز هباري اتي رهندو آهي. سندس تعلق قريش قبيلي سان آهي. هن جي وڏن منصوره کي فتح ڪيو هو. فهمل سنڌ ۽ هندستان جي دنگ تي ۽ سئمور جي پرسان هڪ شهر آهي (28) ٻنهي شهرن جي وچ تي موجود علائقو هندستان جي حد اندر آهي. فهمل، مڪران ۽ ٻڌا جي وچ تي موجود علائقا يا پرتي ويندي ملتان تائين سنڌ جي ماتحت

آهن. سنڌ ۾ رهندڙ ڪافرن کي ٻڌ ۽ منڊ سڏيو ويندو آهي (29) اهي مهراڻ درياءَ جي ڏاڻي پار، توران، ملتان ۽ منصوره جي وچ تي رهندا آهن. ان علائقي ۾ خاص قسم جا اٺ پاليا ويندا آهن، جيڪي نسل واسطي خراسان، باختر ۽ ٻين شهرن ڏانهن موڪليا ويندا آهن.

ٻڌن جو تجارتي شهر قندابيل آهي. انهن جو منهن مهانڊو رڻ پٽ جي ماٿهن جيان آهي، جيڪي جهوپڙين ۽ پيهين ۾ رهندا آهن. هند، ملتان کان وٺي سمنڊ جي ڪناري تائين مهراڻ درياءَ جي ڪناري سان يا ڦهمل ۽ مڪران جي رڻ پٽ واري علائقي ۾ رهندا آهن. اهي مالوند پاڻيا آهن. سندن رهڻ گهٽو ويڻن ۽ ولهارن ۾ ٿيندو آهي. آدمشماري جي لحاظ کان سندن انگ بہ جڇهو آهي.

ڦهمل، سندان، سئمور ۽ ڪمبايا ۾ جامع مسجدون گهٽيون آهن. اهي پنهنجي علائقي جا مشهور شهر آهن. انهن مسجدن ۾ نماز ۽ ٻي اسلامي عبادت کلئي عام ڪئي ويندي آهي. مذڪوره ملڪ ۾ انب، ناريل، ليمان ۽ ساريون جام ٿيندیون آهن. ماکي بہ جام ملي ٿي، پر کارڪونہ ٿيندیون آهن.

داهوڪ Dahuk (30) ۽ ڪلوان Kalwan ٻئي ڳوٺ پاڻ ۾ ويجها آهن ۽ لابي Labi (31) ۽ ارمابيل جي وچ تي واقع آهن. ڪلوان مڪران جي ۽ داهوڪ منصوره جي ماتحت آهي. داهوڪ ۾ ڪو ميوو وغيره نہ ٿيندو آهي. پوکي راهي مينهن جي پاڻيءَ تي ٿيندي آهي باقي چوپايو مال جام آهي.

توران هڪ شهر آهي (32) قصدار بہ شهر آهي. هن جي ماتحت ڪيترائي شهر ۽ ڳوٺ آهن. هتان جو گورنر معين بن احمد آهي. پر

خطبو خليفي نالي پڙهندو آهي. سندس رهائشگاهه ڪابا ڪانان Kaba kanan (33) ۾ آهي. هن شهر ۾ به سڪر سٽائي آهي ڏاڙهون. انگور ۽ ٻيا ساڻ سواد وارا ميوا هتي ڏيرئون ڏير ملندا. پر هن علاقي ۾ ڪجور جو نالو نشان به نه ملندو.

(هتي اشڪال البلاد جو اقتباس ختم ٿئي ٿو. ان ڪانپوءِ ابن حوقل جو اقتباس شروع ٿئي ٿو جنهن جو گلڊ ميسٽر لاطيني ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي) بانيه. ڪمبل ۽ ڪمبايه جي وچ تي هڪ برپٽ آهي. ڪمبايا کان سئمور تائين. سڄي رستي سان ڳوٺ ڳوٺ سان ڳنڍيو پيو آهي. گهٽي پاڳي سموري زمين آبادي هيٺ آهي. هن ملڪ ۾ هندو مسلمان هڪ قسم جو ويس وڳا پهريندا آهن ۽ ڏاڙهيون هڪ جهڙيون ڏگهڙيون ڇڏيندا آهن. گرمي جي ڪري ململ جو سنهو ڪپڙو پائيندا آهن. ملتان جا ماڻهو به ساڳئي نموني جا ڪپڙا اوڍيندا آهن. منصوره، ملتان ۽ هنن ملڪن جي زبان سنڌي ۽ عربي آهي. مڪران ۾ فارسي ۽ مڪراني ڳالهائيندا آهن. واپارين کان سواءِ ٻيا ماڻهو ننڍو لباس پهرن ٿا. واپاري عراق ۽ ايران جيان چولو ۽ مٿان سوٽي چوغو ڏيکيندا آهن.

منصوره کان ديبل تائين ڇهن ڏينهن جو پنڌ آهي. ملتان کان منصوره ٻارهن. منصوره کان توران پندرهن. قصدار کان توران رستي ملتان ويهه ڏينهن ۽ منصوره کان ٻڌا جي ويجهي ۾ ويجهي سرحد تائين ڏيگهه پندرهن ڏينهن جو فاصلو آهي. ملتان کان توران جي ويجهي ۾ ويجهو دنگ ڏهن ڏينهن جي سفر تي آهي. جيڪو ماڻهو منصوره کان ٻڌا ڏينهن ويندو، تنهن کي سدوسار تائين سفر مهراڻ

درياءَ جي ڪناري سان ڪرٽو پوندو. قندابيل کان منصوره اٽڻ ڏينهن. قندابيل کان ملتان رڻ پٽ وچان ڏهن ڏينهن. منصوره کان قمهل Kamuhul اٽڻ ڏينهن قهمل کان ڪمبايا چئن ڏينهن جو سفر آهي. ڪمبايا سمنڊ کان هڪ فرسنگ ۽ سوبارا کان چار فرسنگ ڏور آهي. جنهن کان سمنڊ اڌ فرسنگ اڌ فرسنگ پري ٽيندي سندان بہ سمنڊ کان اڌ فرسنگ پري آهي. پر سوبارا ڏهن ڏينهن جي مسافريءَ تي آهي (34) سندان کان سئمور پنجن ڏينهن. سئمور کان سراندیپ پندرهن ڏينهن. ملتان کان باسمند ٻن ۽ باسمند کان الروز Al_ruz (الور) ٽن. الروز کان آيارا (انڙي) چئن ڏينهن. آيارا کان والار (بلڙي) ٻن. والار کان منصوره هڪ. ديبل کان قنزبور چوڏهن. ديبل کان منحاتارا Manhatara (منجباري) ٻن ڏينهن ۾ پهچي وڃبو. هيءَ ماڳ ديبل کان قنزبور واري رستي تي واقع آهي. والار کان آيارا تائين چار فرسنگ پري ٽيندو. منصوره کان قهمل ٻن ڏينهن جي سفر تي آهي. (35) ۽ وچ تي بانيہ هڪ منزل جي مفاصلي تي آهي. انهن علائقن جو مکيہ درياءَ مهران آهي. اهو درياءَ هڪ جبل مان وهي ايندو آهي. جنهن مان جيحون درياءَ جون پرتي ڪندڙ شاخون بہ نڪرنديون آهن. ملتان جي ويجهو هي درياءَ سمنڊ پيو پائنبو آهي. ان کان پوءِ باسمند الروز ۽ منصوره کان وهندو ديبل جي اوپر پاسي وڃي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو آهي. سندس پاڻي مٺو آهي. هن درياءَ ۾ مصر جي نيل نديءَ جيان واڌون بہ هوندا آهن ۽ منجهس پاڻي بہ نيل جيترو گهٽ وڌ ويڪرو بہ ايترو ئي ٽيندو. سانوڻ جي مينهوڳيءَ ۾ هي درياءَ چاڙهہ ڪري اوسا پاسا پوڙي ڇڏيندو آهي. جڏهن پاڻي سڪي

ويندو آهي تہ هتي بہ مصر وانگي پوڪي راهي ڪئي ويندي آهي.

سند روز Sand ruz (سندھ رود)درياءَ ملتان کان ٿن ڏينهن جي پنڌ تي پري وهندو آهي. منجهس پاڻي ججهو ۽ مٺو آهي. ڇيو ويندو آهي تہ ڪنهن زماني ۾ اهو وهڪرو باسمد کان مٿان ۽ ملتان کان هيٺان مهراڻ سان ملندو هو.

جند روز Jand ruz (جند رود) بہ هڪ مشهور درياءَ آهي. سندس پاڻي بہ مٺو آهي. هن درياءَ جي ڪنار سان (3ڪ) جند روز جو شهر آباد آهي. هن وهڪري جو پاڻي مهراڻ سان سنڌ روز جي سنگم کان هيٺان ملي ٿو. جيڪو هيٺ منصوره ڏانهن وهندو ويندو آهي.

مڪران ۾ وياڻ ۽ ولهار جام آهن. پاڻي گهٽ هجڻ ڪري آبادي نہ آهي. مڪران ۽ منصوره جي وچ تي ڪيترن علائقن ۾ مهراڻ جو پاڻي ڏنڊون ٺاهيندو آهي. انهن ڏنڊين جي اوسي پاسي هند جا ماڻهو رهندا آهن. جن کي جت Zat (ظت) سڏيو ويندو آهي. جيڪي ماڻهو مهراڻ درياءَ جي ڪنڊين ڪنارن سان آباد آهن. سي بربر قوم جيان پيهين ۽ جهوپڙين ۾ رهندا آهن. سندن گذارو مڇيءَ ۽ پاڻيءَ جي پکين تي آهي. سندن ٻيو قبيلو جيڪو مهراڻ کان ڪجهہ پري آهي. سو ڪردن جيان ڪير مکڻ. مائي ۽ جوئر جي ڏوري تي گذران ڪري ٿو.

اسين هاڻي اسلامي حڪومت جي صفا اوپارئين دنگ وٽ پهچي ويا آهيون. اتان جي حڪمرانن ۽ گورنرن جو محصول مان گذر سفر مس ٿيندو آهي. ڪن جي محصول جي پيداوار سندن خرچ کان گهٽو گهٽ هوندي آهي.

جامع التواريخ
رشيد الدين

اقتباس

حصو 3: هندستان ۾ سوڊان Sudan جون نديون ۾ جبل ابوريحان جي خيال مطابق جيڪي ٻارهن هزار فرسنگن تي پکڙيل آهن.

فيلسوفن ۾ رياضي دانن هندستان جي ڏرتيءَ کي ننڍين وڏن (2) نون ٻاڱن ۾ ورهايو ويو آهي. هر هڪ ٻاڱي کي هنن جدا نالو ڏنو آهي. جهڙي ريت بتنڪل Batankal نالي ڪتاب مان معلوم ٿيندو (3)

ان جي شڪل صورت پاڻيءَ ۾ رهندڙ ڪيڪڑي Carb جي پٺيءَ جهڙي آهي (4) هندستان ۾ جبل ۽ ميداني علائقا ججهي انگ ۾ نظر ايندا. جن کي هڪ ٻئي جي پٺيان هڪ سلسلي ۾ موجود ڏسي سگهجي ٿو. جبل، ڪرنگهي جي هڏين جيان چوٽيون ڪڍيو هڪ ٻئي پرسان هلندا ويندا ۽ انساني آبادين ۾ وڃي پهچندا. سندن شروعات اوپر کان ٿئي ٿي ۽ وچ اولهه تائين ختم ٿي وڃن ٿا. يعني، چين، ٽبيٽ ۽ ترڪن جي ملڪ ۾ پهچن ٿا ۽ اتان، ڪابل، بدخشان، طخارستان، باميان، غور، خراسان، گيلان، آذربائيجان ۽ آرمينيا تائين سندن سلسلو قائم آهي. اهو ساڳيو سلسلو يڪو اولهه فرانس ۽ گاليشيا Galicia تائين ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ڪٽان رڻ پٽن تہ ڪٽان آباد علائقن مان لنگهندو آهي. ڪڏهن وري انهن جي ڪچ سان درياءَ چوليون هٽندا بہ ڏسبا آهن. ڏکڻ طرف هندستان کان ايندڙ پاڻيءَ جو هڪ وهڪرو آهي. جيڪو گهڻو ڏگهو ۽ ويڪرو ڏسڻ ۾ ايندو (5) پر هتان جا ٻيا درياءَ اتر وارن وڏن جبلن ۽ برپٽن مان لنگهي اڳتي وهندا نظر ايندا آهن. هندستان جي اوپر کان چين ۽ ماچين جا ملڪ آهن (6) اولهه کان سنڌ ۽ ڪابل اٽس. ڏکڻ کان سمنڊ. (7) اتر کان ڪشمير ۽ ترڪن جو ملڪ ۽ ميرو پربت آهي. جيڪو تمام گهڻو اتاهون آهي. ڏکڻ قطب جي سامهون سج چنڊ ۽ تارا هن جي چوڌاري ڦرندا نظر ايندا ۽ سندس هر پاسي کان ايرندا ۽ لهندا ڏسبا. اتان جا ڏينهن ۽ راتيون اسان جي ڇهن مهينن جي برابر آهن (8)

هن جبل جي سامهون هڪ ٻيو جبل آهي. جيڪو پنهنجي شڪل صورت ۾ گول نظر ڪوٽ ايندو. جنهن لاءِ چيو ويندو آهي تہ

سون ۽ چاندي، جو ٽهيل آهي. هم Hima نالي هڪ جبل ڪنوج جي حدن جي آرپار نظر ايندو. اتي برف ۽ ٽڏ ايتري پوندي آهي، جو ماڻهو رهي ڪونه سگهندا آهن. هن جابلو سلسلي جي وچ تي ڪشمير آهي. پوءِ ٽبيٽ، ترڪن جو ملڪ خضر (9) Khazar سقليبه (10) کان ٽيندو برجان ۽ خوارزم وري سمنڊ ڏانهن هليو وڃبو. اتر وارن جبلن مان وهي ايندڙ هندوستان جا درياءَ يارهن آهن. جيڪي درياءَ هن جبل جي اوپر پاسي کان هندستان آهن. تن جو انگ به ساڳيو آهي. اهي درياءَ اوپر پار کان وهي آخر سمنڊ ۾ وڃي چوڙ ڪندا آهن. جيڪي درياهه ڏکڻ پار کان وهندا آهن. سي سمنڊ ۾ چوڙ ڪونه ڪندا آهن. اتر وارا جبل ميروپربت سان ڳنڍيل آهن. جيڪو سندن ڏکڻ ڏس تي آهي. هن کان سواءِ ٻيو به هڪ جابلو سلسلو آهي، جيڪو ترڪستان، ٽبيٽ ۽ هندستان جي وچ تي آهي ۽ هندستان جا ٻيا جبل هن کان وڌيڪ اتانهان ڪونه آهن. سندن چوٽي اسي فرسنگ آهي. ان جي چوٽي تي چڙهي جيڪڏهن هندستان ڏانهن نهاريو تہ ڏٺڙ ۾ سارو ملڪ کارو نظر ايندو. آڏو نظر ايندڙ جبل به ننڍڙيون ٽڪريون ٻيا پائبا. ٽبيٽ ۽ چين ڏانهن ڏسبو تہ اهي وري ڳاڙهيا نظر ايندا. مذڪوره جبل ايترو تہ اتاهون آهن جو فردوسيءَ جو شعر جنهن جو مطلب آهي: "هو تمام سخت ۽ تمام نرم آهي. هو تمام گهٽو هيٺ ۽ تمام گهٽو مٿي آهي. جو ڪيس ان کي مڃي، جي پيٽ ۾ به ڏسي سگهبو. جنهن تي ڏرتي بيٺل آهي ۽ چوٽي مٿي چنڊ سان گسندي معلوم ٿيندي."

هين جبلن کي هرمڪوت سڏيو ويندو آهي (11) اهي گنگا

درياهه جو آبي ذريعو چيا ويندا آهن. جيڪي برف واري پاسي کان اکري ڪونه سگهبا، ان کان پار ماڇين جو ملڪ آهي. هنن جبلن مان ٻيون به ڪيتريون ئي ندين نڪرنديون آهن، جن جي ڪنڌين سان هندستان جا ڪيترا شهر آباد آهن. انهن کانسواءِ ڪلارچل Kalrarchal نالي ٻيا به ڪي جبل آهن (12) جن مٿان سدائين برف ڇانيل نظر ايندي آهي ۽ پري کان دماوند جي قبن جيان پيا ڏسبا آهن. اهي جبل تاڪس ۽ لهاور وٽان نظر ايندا آهن. (13) ترڪستان واري پاسي بلور نالي جبل آهن، جن کي شاميلان سڏيو وڃي ٿو (14) ٻن ڏينهن جي سفر کان پوءِ ترڪستان پهچي وڃبو آهي، جتي يوتواريه نالي قبيلي جا ماڻهو رهندا آهن (15) سندن حڪمران جو نالو به يوت شاهه آهي. هنن ماڻهن جي ملڪن جا نالا گلگت، آسور، سلساس وغيره آهن (16) سندن ٻولي ترڪي آهي (17) هتان جي ماڻهن ڪشمير جي رهواسين کي تپائي ڏنو آهي. ڪڏهن لڏي پلاٽي اچي سندن ملڪ ۾ ويهندا آهن، ان کانسواءِ ڏاڍا ڦرون ڪري کين لٽي پالهو ڪري ڇڏيندا آهن. مٿي انهن جبلن جو ذڪر ڪيو ويندو آهي. جيڪي ابوريحان جي ترجمي ۾ موجود آهن ۽ اهي پاڻي ۾ ڪچوڻ جيان چٽا پڌرا آهن.

انهن جبلن جي واهين مان ندين به وهنديون آهن (18) ۽ اهي ندين ڪاپش يا ڪابل جي ملڪ جي اوسي پاسي مان نڪرنديون آهن. (19) انهن مان هڪ جو نالو گهورند آهي (20) جيڪا گهروڪ نالي جبلن مان نڪرندڙ هڪ ندي سان ملي بروان نالي علاقي مان لنگهندي آهي (21) شروبت ۽ شال ندين لمنڪان جي

پر ڏئي وهندیون آهن (22) هن ماڳ کي لگان بہ سڏيو وڃي ٿو. اهي ندیون ديرون قلعي وٽ سنگم ڪري (23) نورو ڪيرات ۾ ڇوڙ ڪنديون آهن. سڀ ندیون پرشاون جي سامهون پاڻ ۾ گڏبيون آهن (24) تہ هڪ وڏو وهڪرو جڙي پوندو آهي. هن ماڳ جو ٻيو نالو "المعبر" يعني پتڻ بہ آهي. جيو مذڪوره وهڪري جي اوير پاسي آهي (25) مذڪوره وهڪرو اڳتي وڃي "بتورشت" (26) قلعي پرسان سنڌ ۾ داخل ٿيندو آهي. جيڪو قندهار شهر (27) جي نزديڪ آهي. جنهن جو ٻيو نالو ويهند (28) بہ آهي. ان کان پوءِ اولهہ پاسي ٽٻيٽ جو درياءُ اچي ٿو. جنهن کي جهلم سڏيندا آهن. هن درياءُ ۾ چندرا جو پاڻي جهروار ماڳ کان پنجاه ميل مٿي سنگم ڪندو آهي (29) پاڻيءَ جو اهو گڏيل وهڪرو ملتان جو اولهہ پاسو ڏئي اڳتي نڪري ويندو آهي. بياس اوير پاسي کان اچي هند وهڪري سان ملي ٿي. هن وهڪري سان اراوَ (راوي) جو پاڻي بہ اچي گڏبو آهي. بعد ۾ ڪوج Kuj کان ڇڇي ڌار ٿيڻ کان پوءِ ڪج Kaj ندي بہ هن وهڪري سان گڏجي ٿي. جيڪا پاطل Bhalal جي جابلو علائقي مان وهي ايندي آهي (30) ستلدر (ستلج) سيني درياهن جي گڏيل پاڻيءَ سان ملتان کان هيٺ "پنجند" وٽ اچي ملندي آهي. جنهن جي معنيٰ آهي "پنجن درياهن جو سنگم" ان کان پوءِ هيءَ پاڻيءَ جو هڪ وڏو وهڪرو ٻڌجي ويندو آهي. سندس ويڪر ڏهہ فرسنگ جيتري ٿي وڃي ٿي ۽ ٻنهي ڪنڌين سان ٻيلا ٻوڙي وڃي پار پوندو آهي. لڙهي ايندڙ ڪڪ ڪانا وڻن جي ٽارين ۾ اٽڪي پوندا آهن. جڏهن پاڻي لهي ويندو آهي تہ اهي پکين جي آکيرن جيان ڏسڻ

پر ايندا آهن. هي وڏو وهڪرو وچ سنڌ جي آدر Audar نالي هڪ ماڳ وٽان مٽيندو (31) آهي. هن ٽاڪ کان پوءِ هن وهڪري کي مهراڻ سڏيو وڃي ٿو. رفتار تمام ڊري هوندي اٿس. پر ويڪرو تمام گهٽو ٿي ويندو آهي. سندس پيٽ پر ٻيٽن جو جهجهو انگ ڏسبو. منصوره وٽان هيءَ درياه اهڙي شڪل پر وهندو آهي. جو مذڪوره شهر هڪ ٻيٽ ٻڌجي ويندو آهي. هن ماڳ وٽان هيءَ وهڪرو ٻه درياهيءَ پر ورهائجي ويندو آهي. جن مان هڪ چاڑهه لوهاراڻي شهرپرسان وڃي سمنڊ پر ڇوڙ ڪندي آهي (32) ٻئي ڦاٽ جو نالو سنڌ ساگر (سنڌ جو سمنڊ) آهي. جيڪو اپرندو پاسو ڏئي ڪڇ مان ڇوڙ ڪري ٿو. جهڙيءَ ريت هتي پنجن درياهن جي سنگم کي پنجند سڏيو ويندو آهي. تهڙيءَ ريت ساڳي جابلو سلسلي جي اتر پاسي کان وهي ايندڙ ندين جڏهن بلخ پرسان ملنديون آهن (33) تہ ان کي ست درياهو وهڪرو سڏيو ويندو آهي. سوگد جي مجوسين وٽ هنن درياهن جا جدا جدا نالا ڪوٺ آهن ۽ کين هڪ گڏيل نالي سان "ست درياه" سڏيندا آهن.

سرسوت (سرسوتي) ندي سومناٽ کان اوپر پاسي کان وهي سمنڊ پر ڇوڙ ڪندي آهي.

جمنا. گنگا سان ڪنوج کان هيٺ سنگم ڪري ٿي. جيڪو هن درياه کان اولهه پاسي واقع آهي. ان کانپوءِ ٻنهي درياهن جو گڏيل پاڻي گنگا سايو (ساگر) وٽان سمنڊ پر ڇوڙ ڪندو آهي. سرست ۽ گنگا جي وچ تي موجود علائقي مان ٻہ هڪ ندي وهندي آهي. جيڪا تورموز (34) نالي هڪ شهر ۽ اوپارئين جابلو علائقي کان شروع ٿئي

ٽي. سندس وهڪري جو رخ ڏکڻ اولهه طرف آهي ۽ پڙوچ جو پاسو ڏئي سمنڊ ۾ چوڙ ڪري ٽي (35) هيءَ ماڳ سومنات کان سڌ يوجن اوپر پاسي ٽيندو. ان کان پوءِ گنگا (36) رهب. ڪوهي ۽ سرجو جو پاڻي باري شهر پرسان پاڻ ۾ ملي ٿو (37) هندن جو خيال آهي ته گنگا سرڳ مان وهندي آهي ۽ ڌرتيءَ تي لهڻ کان پوءِ ان جو پوتر پاڻي ستن ندين ۾ ورهائجي ويندو آهي. جن مان وچين وهڪري کي گنگا سڏيو ويندو آهي. تن اوپارين ندين جا نالا. بلن. لادفين ۽ نلين آهن (38) تن اولاهين ندين کي ست. جڪش ۽ سنڌ (39) سڏيو ويندو آهي. ست وارو وهڪرو برف وارن جبلن کان نڪري سلڪ. حيربربر. حيره. سڪرڪلت. منڪلڪور ۽ سڪريت (40) نالي ملڪن مان وهي اولاهين سمنڊ ۾ پڙ چوڙ ڪري ٽو. هن جي ڏکڻ پاسي کان جڪش ندي وهندي آهي. جيڪا مرو ڪاليڪ. ڏولڪ. نجار. بربر ڪاج. بڪروبار ۽ انهن جو پاڻي انجت نالي علائقن ۾ پوکي راهيءَ جي ڪتب ايندو آهي (41) سنڌو ندي ان ملڪ جي ڏيگهه ويڪر مان ڪيترن هنڌن تان گذرندي ۽ ڪيترن علائقن جا پاسا ڏئي وهندي آهي (42) هن وهڪري جي ڪنار سان آباد شهر. درد. رند نند. ڪاندهر. روورس. ڪرور. سيور. اندر. مرو. سيات. سنڌ ڪنڌ. بهمور. مرمون ۽ سڪورد آهن.

گنگا. چنڊ جي وچين ٽنبي وٽان لنگهي. برڪنڊ هرت. راسڪين. (43) بلادر. اورڪان ۽ بين ڪيترن ئي شهرن وٽان گذري بند نالي هڪ گهٽ مان لنگهي ٽي. هن علائقي ۾ هاڻي تمام گهٽا

ٿيندا آهن. اها بعد ۾ ڏکڻ واري سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندي آهي. اوپر وارن ندين مان "لاڏڻ" نالي هڪ وهڪرو آهي. جيڪو ستن ملڪن مان لنگهندو آهي. اتان جي رهاڪن جا چپ اندر تي وريل ۽ ڪنن جيان نظر اچن ٿا. ان ڪانپوءِ ٻين ٽن اهڙن ملڪن مان گذرندي آهي. جتان جا ماڻهو گهٽا ڪارا آهن ۽ سندن روپ خاص ڪوند آهي. بعد ۾ ڪيترا ملڪ لتاڙي "هست آين" طرف ويندي آهي ۽ اوپر پاسي واري سمنڊ ۾ وڃي ڇوڙ ڪندي آهي.

مارن نالي هڪ ندي (44) ڪِت (45) ملڪ کي آباد ڪندي آهي. ان کان پوءِ هڪ بيابان مان لنگهي اهڙن علائقن مان گذري ٿي. جن جا رهواسي ڪپڙن بدران وٽن جا ڇوڏا ۽ هڪ قسم جو گاهه ڍڪيندا آهن. برهمٽن سان سندن دوستاڻا لاڳاپا آهن. بعد ۾ هڪ بيابان مان گذري "اجاج" نالي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي (46).

بڪن ندي نامان (47) ۽ ٻين ڪيترن اهڙن ملڪن مان وهندي آهي. جتان جا رهاڪو گهرن بدران جبلن جي غارن ۾ رهن ٿا. بعد ۾ ڪرنس ۽ بربرنس (48) نالي علائقن مان وهندي آهي. جتان جي ماڻهن جا ڪن ايترا ڊگها آهن جو سندن ڪلهن تي پيا پوندا آهن. بعد ۾ اشموڪ (49) قبيلي جي ملڪ مان وهندي آهي. جتان جي رهواسين جا منهن جانورن جي منهن جهڙا ٿين ٿا. ان کان اڳتي وڃي هڪ سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندي آهي.

لشن بران نالي هڪ ندي آهي. جنهن جو ترو تمام گهٽو ويڪر آهي جيڪا اڳتي وڃي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي.

هن ملڪ جا علائقا، شهر، بيت ۽ اتان جا رهواسي

هن ڪتاب جي منڊ ۾ اهو ذڪر ڪيو ويو آهي تہ هند وارو علائقو ستن پاڳن ۾ ورهايل آهي. (50) هندستان وارن جو خيال آهي تہ هر هڪ پاڳو (51) ايران کان نائوڻ تي وڌو آهي. هند واري علائقي کي ٽن اقليمن ۾ ورهايو ويو آهي. سندس الهندو پاڳو ٽين. اپرندو پهرين ۽ وچ ۾ بي اقيلم ۾ شامل سمجهيو ويندو آهي. وچ کي مڌ ديس سڏيو وڃي ٿو. جنهن جي معني آهي وچ وارو علائقو ايران وارا هن علائقي کي ڪنوج سڏيندا آهن. هن علائقي کي مڌ ديس ان ڪري ڪوٺيو ويندو آهي. جو اهو سمنڊ ۽ جابلو علائقي جي وچ تي يعني گرم ۽ سرد علائقي جي وچ ۾ واقع آهي. ائين بہ چئي سگهجي ٿو تہ مذڪوره علائقو صفا اوپارئين ۽ اولاهين حصي جي مرڪزي ايراضي والاري ٿو. هيءَ ماڳ هندستان جي سرڪش راجائن جي راجڌاني بہ رهيو آهي. سنڌ هن علائقي جي الهندي پاسي آهي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو نيمروز يا سجستان يا ايران کان هن ملڪ ڏانهن اچڻ چاهيندو تہ ڪيس ڪابل واري ملڪ منجهان لنگهڻو پوندو. ڪنوج جو شهر گنگا جي الهندي ڪناري سان آباد آهي. (52) اهو ڪنهن زماني ۾ هڪ عاليشان شهر هوندو هو. پر پوءِ راجڌاني نہ رهڻ ڪري سندس اهميت گهٽجي وئي. هاڻي تہ پڙپاڻگ لڳو پيو آهي. باري شهر گنگا جي اپرندي ڪناري ۽ ڪنوج کان ٽن ڏينهن جي پنڌ تي واقع آهي. راجڌاني بہ هن شهر ۾ قائم آهي. جيڪا اڳي ڪنوج ۾ هوندي هئي. ڪنوج وارو ماڳ پانبو پوٽن. ماهورا

(متر) سبب ۽ باسوديو (ڪرشن) ڪري بہ گھٹو مشھور آھي جمنا ندي ھن شھر جو اوپر ڏيون وھندي آھي. ھن ماڳ وٽ ٻنھي درياھن وچ ۾ ستاويھ فرسنگ وٽي آھي. ٽانيسر جو شھر ٻن درياھن جي وچ تي ۽ ڪنوج کان اٽڪل ستر فرسنگ پري اتر طرف ۽ مٿرا کلان پنجاھ فرسنگ دور ٿيندو. گنگا ندي، گنگ وار نالي ھڪ آبي ذريعي مان پاڻي ڪٽندي آھي ۽ ھندستان جي ڪيترن شھرن کي پاڻي ڏيندي وڃي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي. جن ماڻھن کي ھندستان جي شھرن وچ ۾ موجود فاصلن جي شخصي ڄاڻ ڪانہ آھي، تن کي سياحن جي ڏنل حال احوال تي دارومدار رکڻ گھرجي. اھڙن فاصلن جي وچور ڏيڻ واسطي اسان ڪنوج کان شروعات ڪريون ٿا. ھن شھر کان جيڪڏھن گنگا ۽ جمنا جو وچ ڏئي ھارنھن فرسنگ پنڌ ڪبو تہ ڄجمائو (53) ماڳ وٽ اچي پھچبو. ھتي فرسنگ جو فاصلو چئن ميلن جيترو سمجھڻ گھرجي. اتان کان ڪرو اٺ فرسنگ. ڪرو کان برھمشڪ اٺ فرسنگ. اتان آيابودي (54) اٺ فرسنگ. اتان کان براگي (پرگ) وارو رڻ ھارنھن فرسنگ آھي (55) ھن ماڳ وٽ گنگا ۽ جمنا سنگم ڪنديون آھن. ھتان کان گنگا جو ڇوڙ ھارھن فرسنگ ڏور ٿيندو (56) مذڪوره رڻ کان ڏکڻ پاسي نديءَ جي ڪنار سان ھڪ گس آھي. جيڪو وڻي ارڪ تيرٿ وڃبو آھي. ھن ماڳ کان اھو فاصلو ھارنھن فرسنگ ٿيندو (57) اتان کان اريھار وارو علاقو (58) چاليھ. اتان ان سامونڊي ڪناري سان واقع اردبشڪ (59) پنجاھ فرسنگ آھي. اتان اوپر طرف ۽ سامونڊي ڪناري سان واقع ھڪ ملڪ آھي. جيڪو چون Chun جي علائقي سان دنگئي

آهي. سندس شروعاتي شهر در (يا دور) آهي (60) جيڪو هتان کان چاليهه فرسنگ پري ٿيندو. اتان کانجي ٽيهه (61) اتان کان ملير چاليهه ۾ اتان ان کونڪ چاليهه فرسنگ (62) فاصلو ٿيندو ۾ هيءَ ماڳ تمام پري آهي.

جيڪڏهن باري کان گنگا جو ڪنارو ڏئي، اوپر طرف پنجويهه فرسنگ پنڌ ڪبو ته اجوڌ ماڳ وٽ اچي پهچبو. اتان کان بنارس وڏي ويهه فرسنگ جي پنڌ تي ٿيندو (63) اتان کان ڏکڻ اولهه طرف پنجٽيهه فرسنگ فاصلو طئي ڪبو ته شروآر نالي هڪ ماڳ وٽ پهچي وڃبو (64) اتان پاتليپتر ويهه (65) اتان کان منگيري پندرهن، اتان چمپ ٽيهه (66) اتان کان دوڪم پور پنجاهه. اتان کان گنگا ندي جو چوڙ گنگا ساگر ٽيهه فرسنگ آهي.

جيڪڏهن ڪنوج کان اوپر پاسي ڏهه فرسنگ پنڌ ڪبو ته مالیباري پهچبو (67) اتان کان دو ڪم پنجيتاليهه. اتان سلهٽ وارو ملڪ ٽيهه (68) اتان کان پٽ جو شهر ٻارنهن (69) اتان کان ٻه سو فرسنگ پري تلوٽ آهي. جتان جا ماڻهو ڪارا ۾ سندن نڪ ترکن جي نڪن جيان بينا آهن. اهو علائقو ڪامرو (70) جي جابلو علائقي سمند ۾ نيپال ڏانهن پکڙيل آهي. سياچن جو چوٽ آهي ته جيڪڏهن ٽپيٽ واري ماڳ کان ڏائي هٿ تي اوپر ڏس تي هلبو ته ويهن فرسنگ فاصلو طئي ڪرڻ کانپوءِ نيپال پهچبو. اهو سارو سفر جابلو علائقي جي پوڻن تان ڪيو ويندو آهي (71)

نيپال کان پوٽيسر (72) ٽيهن ڏينهن جو سفر آهي ۾ اسي فرسنگ کن فاصلو ٽيندو. هن علائقي ۾ لاهيون چاڑهيون تمام

گھٽيون آهن. اهو گس نوڪدار ٽڪرين وچان لنگهندو آهي. تنهن ڪري سياح پنهنجو سامان ڪلهن سان ٻڌي هلندو آهي. ڪيترن جاين تي پليون نظر ايندیون. ندیون هيٺ گهٽيون اونهيون ڏسبيون آهن. ٽڪرين واري سطح تان سندن ترو سئو گز هيٺ ڏسبو آهي. چيو ويندو آهي ته هن علائقي ۾ چئن اکين وارا ڄاڙها ٿيندا آهن. جيڪي ڏاڍا سهڻا ٿين ٿا.

ٽٻيٽ جي دنگ پرسان پهريون شهر پوٽيسر آهي. هتان جي ماڻهن جي ٻولي. لباس ۽ سندن منهن مهاندا نرالا هوندا آهن. هتان کان جبلن جي تمام اتانهين چوٽي جنهن جو مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي. ويهه فرسنگ پري ٿيندي هن چوٽيءَ تي چڙهي جيڪڏهن چوڏس اڪ ڦيرائبي ته ٽٻيٽ ڀاڙهو ۽ هندستان کارو ڏسڻ ۾ ايندو.

جيڪڏهن ڪنوج کان گنگا جو اولاهيون ڪنارو ڏئي ڏکڻ اوير پاسي ٽيهه فرسنگ سفر ڪبو ته جهجهوتي پهچبو. جيڪو ڪجوره (73) جي راجڌاني آهي. هن علائقي ۾ گوالیار ۽ ڪالنجر (74) نالي ٻه قلعا نظر ايندا. ان کان پوءِ ڍال جو ملڪ اچي ٿو. جنهن جي راجڌاني بتور آهي (75) اتان کان ويهه فرسنگ دور ڪنڪيو (76) ۽ ڪنڪرا ۽ پوءِ آسرر ۽ پوءِ ساموندي ڪناري سان بنواس جو ماڳ آهي (77)

جيڪڏهن ڪنوج کان ڏکڻ - اولهه طرف هلبو ته ارڙهن فرسنگ کان پوءِ آسي (78) پوءِ سهين (79) سترهن. چندرا ارڙهن (80) راجوڙي پندرهن (81) ۽ نرنا (82) ارڙهن فرسنگ فاصلو ٿيندو. جيڪو گجرات (83) جي راجڌاني آهي. جڏهن گجرات جي هن

راجڌاني کي ڌاهي پٽ ڪيو ويو تہ اتان جا رهاڪو لڏي پلاٽي اچي هڪ ڏنگئي شهر ۾ ويٺا (84) ماهورا ۽ نرنا جي وچ ۾ ايترو فاصلو آهي. جيترو ماهورا ۽ ڪنوج جي وچ ۾ آهي. جيڪو اٺاويهہ فرسنگ ڪن ٿيندو.

جيڪڏهن ماهورا کان اجين وڃبو تہ وچ تي ڪيترن ئي ڳوٺن کان مٽو پوندو. جيڪي هڪ ٻئي کان پنجن فرسنگن جي فاصلي تي مس هوندا (85) ماهورا کان پنجٽيهن فرسنگن جي فاصلي تي ڏوڏي جو هڪ وڏو شهر آهي. ان کان پوءِ باسهور ست (86) ان کانپوءِ مهابلستان پنج فرسنگ ٿيندو (87) هن علائقي جي هڪ بت جو نالو "مهاڪال" آهي. اتان کان ڌار ڇهن فرسنگن جي پنڌ تي آهي (89)

نرنا کان پندرهن فرسنگ ڏکڻ ميواڙ آهي (90) جنهن ۾ چتور جو مشهور قلعو واقع آهي. هن قلعي کان ميواڙ جي راجڌاني ڌار ويهہ فرسنگ ٿيندي ڌار کان نو فرسنگ اوپر اجين آهي. مهابلستان (91) ۾ مالوا (92) جي حدن اندر آهي. جيڪو اجين کان ڏهہ فرسنگ پري ٿيندو. جيڪڏهن ڌار کان ويهہ فرسنگ پنڌ ڪبو تہ مهومره (93) جو ماڳ ايندو. تنهن کان ڪوندڪي ويهہ (94) اتان کان ڏهہ فرسنگ پري نماور آهي. جيڪو نربدا (95) درياه جي ڪناري سان واقع آهي. ان کان بسور ويهہ (96) اتان متدکر ڇهہ فرسنگ پري آهي (97) جيڪو گوداوري ڪناري آباد آهي. جيڪڏهن ڌار کان ڏکڻ طرف هلبو تہ نَو فرسنگ پنڌ ڪرڻ کان پوءِ اچي نربدا وٽ پهچبو (98) اتان مهرت ديس (مرهٽن جو ملڪ) ارڙهن. اتان کان ڪونڪن

پنجويهه فرسنگ پري آهي. جيڪو سمنڊ جي ڪناري سان واقع آهي. گاديءَ جو هنڌ ٺان آٿس.

(هن کان پوءِ گينڊيءِ سرپ جو ذڪر اچي ٿو. جيڪو البيروني جي ڪتاب سان ساڳيائپ رکي ٿو. تنهن ڪري سندس هتي ترجمي ڏيڻ جي ضرورت محسوس ڪا نه ٿي ٿئي. اصلي ڪتاب ۾ گينڊيي کي ڪرڪدن لکيو ويو آهي. جيڪو آئليين Aelian جي تاريخ (XVI_20_21) سان هڪ جهڙائي رکي ٿو. فارسيءَ ۾ سرپ کي شردوات ڪري لکيو ويو آهي پر اهو عربي نسخن ۾ شراودات نظر اچي ٿو.)

ابوريحان جو بيان آهي ته نرانا کان سڌ فرسنگ ڏکڻ اولهه پاسي انهلواڙ جو شهر آهي (99) اتان کان سومنات پنجاه فرسنگ ٿيندو. جيڪو سمنڊ جي ڪناري آباد آهي. انهلواڙ کان ٻائيتاليهه فرسنگ ڏکڻ لاڙ ڏي آهي (100) جنهن جون به راجڌانيون پڙوچ ۽ ڏنجور آهن (101) اهي سيئي ماڳ ٺان کان اوپر طرف ۽ سمنڊ جي ڪناري سان واقع آهن. نرانا (102) کان پنجاه فرسنگ اولهه ملتان آهي. اتان کان ياڻي پندرهن فرسنگ فاصلي تي ٿيندو. (103) ياڻي کان پندرهن فرسنگن جي فاصلي تي ڏکڻ اولهه ۾ اروڙ آهي. (104) ياڻي جو شهر سنڌوءَ جي به درياهي جي وچ تي آهي. اتان کان منصوره ويهه. اتان کان چوڙ وارو ٽاڪ لوهاراڻي ٽيهه فرسنگ ٿيندو. جيڪڏهن ڪنوج کان اتر پاسي هلبو۽ ٿورو اولهه پاسي منهن ڪبو ته پنجاه فرسنگن جي پنڌ ڪرڻ کان پوءِ شهر شراره (105) وڃي نڪربو. اتان کان پنجور ارڙهن فرسنگن جي فاصلي تي ٿيندو. هي

شهر هڪ اوچيءَ ٽڪريءَ جي چوٽيءَ (106) تي اڏيل آهي. جنهن جي سامهون ميداني علائقي ۾ ٽانيسر (107) شهر آباد آهي. اتان جالنڌر جي راجڌاني ڏمال (108) پندرهن فرسنگ آهي جيڪو هڪ جبل جي ڪچ ۾ واقع آهي. اتان کان بلاورد (109) هڪ سئو اتان کان اولهه لدا تيرهن فرسنگ، اتان کان راج گيريءَ قلعواٽ، اتان اتر ڪشمير پنجويهه فرسنگ جي فاصلي تي ٿيندو.

ڪنوج کان اولهه ڏهن فرسنگ جي پنڌ تي ديه مائو جو شهر آباد آهي. اتان گتي (110) ڏهه، اتان اهار (111) ڏهه اتان کان ميرٺ ڏهه، اتان ان جمنا پار پاٽيپٽ ڏهه، اتان کان ڪٽڪ (112) ڏهه ۾ اتان کان سنام ڏهه فرسنگ ٿيندو.

ڪٽڪ واري ماڳ کان اولهه – اتر نون فرسنگن تي آرت هور (113) جو ماڳ آهي. اتان کان حجنير (114) ڇهه، اتان کان منڈوکور (115) اٺ فرسنگ پري آهي. هي ماڳ لوهاور (116) جي راجڌاني آهي. جيڪو اراوا نديءَ کان پار واقع آهي. اتان کان چندرا نديءَ پار هن، اتان کان بيات (117) کان اولهه پاسي جهلم ارڙهن، اتان کان سنڌوءَ پار قندهار جي راجڌاني ويهند ويهه فرسنگ آهي. جنهن کي مغل ڪراچانگ ڪوٽيندا آهن. اتان پرشاور چوڏهن اتان دمبور (118) پندرهن اتان کان ڪابل پارنهن ۾ اتان کان غزني سترهن فرسنگ آهي.

ڪشمير (119) ماٽريءَ جي چوڌاري اجهاڳ ۾ اتانهان جبل آهن ۾ ڪٽي ڪٽي بيابان ۾ نظر ايندا. اوپر ۾ ڏکڻ ڏس کان هند ڦري اچي ٿو هن جي اولهه پاسي کان ويجها حڪمران تڪور شاهه،

شڪنان شاهه ۽ وڪان شاهه (120) آهن. جن جون حدون اڳتي وڌنديون وڃي بدخشان سان ملن ٿيون. اتر ۽ ٽورو اوپر پاسي چين ۽ ٽبيٽ جي ترڪن جا علائقا آهن.

پٽيسر کان ٽبيٽ جي علائقي وسيلي سفر ڪرڻ سان ڪشمير اٽڪل ٽي سو فرسنگ ٿيندو. ڪشمير جا ماڻهو وهٽن تي سواري ڪونه ڪندا آهن. پر ماڻهو انهن کي ڪتوت Katut وسيلي ڪلهن تي کڻي هلندا آهن. جنهن جي شڪل صورت تخت جهڙي هوندي آهي. سرڪاري عملدار جابلو لڪن ۽ قلعن ۾ ڏاڍا خبردار هوندا آهن. اهي ڏارين کي ميڙاڪن ۽ مچن جي صورت ۾ پنهنجي ملڪ جي سرحدن اندر داخل ٿيڻ ڪونه ڏيندا آهن. پر جيڪڏهن مسافر هڪ يا ٻه هوندا تہ کين ٽپڻ جي موڪل ڏني ويندي آهي. هندن ۽ يهودين لاءِ ٻہ ساڳيو قانون آهي. مسافرن جي لاءِ اهڙو مڪيہ لنگهہ بيراهان (121) وٽ آهي. جيڪو سنڌوءَ ۽ جهلم جي وچ فاصلي تي ٿيندو. جهلم جي سنگم واري پل وٽان ڪوميارين ۽ مامهيري (122) اٺ فرسنگ ٿيندي هي ٻئي وهڪرا (شميلان) (123) نالي جبل وٽان نڪرندا آهن. اتان پنجن ڏينهن ۾ پنڌ ڪري ان جابلو لڪ وٽ پهچي وڃبو جتان جهلم جو پاٽي گذرندو آهي.

ان لڪ جي ٻنهي پاسن تي دوار المرسد نالي هڪ وسندي آهي. جتان جهلم هڪ ميداني علائقي مان وهڻ شروع ڪندو هي ۽ اتان کان ڪشمير جي راجڌاني ادشتان (124) ڏانهن رخ ڪندو آهي. جيڪو مذڪوره ماڳ کان ٻن ڏينهن جي پنڌ تي ٿيندو. ڪشمير جو شهر ادشتان کان چئن فرسنگن جي پنڌ تي آهي. جيڪو جهلم جي

ٻنهي ڪنارن تي اڏيل نظر ايندو. مٿس پليون گهٽيون ڏسبيون ۽ مٿان هلندڙن جو انگ بہ ججهو آهي. جهلم درياه هرمڪوت (125) جبل مان وهي ايندو آهي. گنگا ندي بہ ساڳي جبل مان وهندي آهي. هي جبل گهٽيءَ برف سبب اڪري ڪونہ سگهبو آهي. سج تورڙي جو اسد ۽ سرطان برج ۾ هوندو آهي تہ بہ برف رجي ڪانہ سگهندي آهي. هن جبل کان ٻئي پار مهاچين جو ملڪ آهي. مذڪوره جبل مان نڪرڻ کان پوءِ جهلم ادشتان تائين ٻن ڏينهن ۾ پهچي ويندي آهي. هن ماڳ کان چار فرسنگ هيٺ هي درياه اچي هڪ ڏنڊ ۾ پوندو آهي. جنهن جي ماپ هڪ فرسنگ همچورس ٿيندي. مذڪوره ڏنڊ جي چوڌاري پوکي راهي جام ٿيندي آهي ۽ ماڻهو بہ گهٽا آباد آهن. ان ڏنڊ کان پوءِ جهلم اشڪار (126) نالي وسندي۽ وٽان هڪ ٻئي جابلو لڪ مان لنگهندي آهي.

سنڌوءَ جو آبي ذريعو ترڪن جي ملڪ جي دنگ ويجهو آمڪ (127) نالي جابلو علائقي ۾ آهي. بلور (128) ۽ سميلان جا پهاڙ پار ڪري ٻن ڏينهن جي پنڌ کان پوءِ پوٽواري (129) ترڪن جي ملڪن ۾ پهچندي آهي. هنن ترڪن جي ڦرلٽ جي آزار کان ڪشميري ماڻهو ڏاڍو پريشان هوندا آهن. جيڪي سندن ملڪ کي پيلي پينگ ڪري ويندا آهن. جيڪڏهن ڪو ماڻهو هن درياهہ جو ڪاهو ڪپر ڏئي سفر ڪندو تہ ڪنار سان ڪيترائي لاڳيتا ڳوٺ نظر ايندا. جيڪي راجڌاني جي ڏکڻ کان ونئي لارجل (130) جبل تائين پکڙيل ڏسبا. هي جبل دماوند جبل جيان نظر ايندو آهي. جنهن کان ڪشمير (131) تائين بہ فرسنگ فاصلو ٿيندو. مذڪوره جبل ايتور اتاهون

آهي. جو ڪشمير ۽ لوهارو کان ب نظر ايندو آهي. راج گيري وارو قلعو هن ماڳ ۽ لاهور کان ڏکڻ پاسي آهي. اولهه پاسي هن جهڙو ٻيو مضبوط قلعو نظر ڪونہ ايندو. هتان کان راجاوري (132) ٽي فرسنگ پري آهي. هيءَ شهر هڪ تجارتي مرڪز آهي. جتي ڪيترائي واپاري ايندا ويندا ڏسبا. ان کان علاوه هن جي اتر پاسي کان ڪشمير ۽ هند جو دنگ سمجهيو ويندو آهي. هن جي اولهه پاسي ٽاڪرو علائقي ۾ افغان قبيلا رهندا آهن ۽ سندن ملڪ سنڌ سان دنگئي آهي. هنن کان ڏکڻ پاسي سمنڊ آهي. جنهن جي ڪناري سان تيز جو شهر آباد آهي. جيڪو مڪران جي راجڌاني آهي.

اتان مڪران جو سامونڊي ڪنارو ڏکڻ - اوپر طرف ويندو ڏسبو. جيڪو اڳتي وڃي ديبل تائين پهچي ٿو. ان جي ديگهه چاليهه فرسنگ ٿيندي. هنن ٻنهي شهرن جي وچ تي توران جي نار واقع آهي.

ان نار کان اُڪري اڳتي وڃبو تہ سنڌوءَ جا ڪيترا ننڍا وڏا ڇوڙ نظر ايندا. اتان لنگهي بوارج قبيلي جي ماڻهن واري علائقي ۾ داخل ٿبو. اهي ماڻهو قزاق آهن ۽ سمنڊ ۾ هاڪارڻ وارين ٻيڙين کي ڦريندا آهن. جن کي هتان جا ماڻهو ٻيڙا (133) سڏيندا آهن. سندن مکيہ شهر ڪچ ۽ سومناٽ آهن. ديبل کان توليشر (134) پنجاه فرسنگ پري ٿيندو. اتان کان لوهراٽي ٻارنهن. اتان کان بڪ ٻارنهن. اتان ڪچ ڇهه فرسنگ آهي. هن ملڪ ۾ ڪئونر گهٽو پيدا ٿيندو آهي ۽ بارد رود (135) (پدرندي) درياه ب هن ملڪ مان وهي ٿو. هن ماڳ کان سومنات سورهن. اتان کان ڪنيات ٽيهه. اتان اسوال (136) ٻن ڏينهن جو پنڌ آهي. اتان کان پڙوچ ٽيهه. اتان سنڌان پنجاهه. اتان کان

سوفاره ڇهه ۽ اتان کان ٽان پنج فرسنگ پري آهي. ان کانپوءِ لاران جو علاقو اچي ٿو. هن ايراضي ۾ گهڙڻ سان جئمور (137) اچي ٿو. ان کان ٿورو اڳتي ملس (138) تنهن کانپوءِ کانجي ۽ پوءِ پردو (139) جو ماڳ ايندو. هن ماڳ وٽ هڪ وڏي نار نظر ايندي. جنهن تي سنڪلديپ (سراديپ) وارو بيٽ آهي. ان جي پرسان تنجاور جو شهر آهي. جيڪو هاڻي ڦٽي ناس ٿي ويو آهي. هتان جي راجا سمنڊ جي ڪناري سان پدمار (140) نالي هڪ ٻيو شهر تعمير ڪيو آهي. هتان کان انبلنہ (141) ڏهه فرسنگ پري آهي. سراديپ جي سامهون رميشر جو شهر آهي. جنهن ڏانهن وڃڻ لاءِ پاڻيءَ رستي سفر ڪبو آهي. جيڪو هتان کان ٻارهن فرسنگ پري ٿيندو. تنجاور ۽ رميشر جي وچ ۾ چاليهه فرسنگ پنڌ آهي. رميشر کان "سيٽ بنڌائي" ۽ فرسنگ پري آهي. جنهن جي معني آهي "سمنڊ تي پڌل پل" سمنڊ تي هيءَ پل دسرت جي پٽ رام (142) ڏاڏهن وڃڻ لاءِ تعمير ڪرائي هئي. اها پل هڪ ٽڪري تي آهي. جنهن کي سمنڊ جي پاڻي کائي الڳ ڪري ڇڏيو آهي. هن ماڳ کان ٻارنهن فرسنگ اوپر ڪهڪند آهي. جنهن کي پولن جو جبل سڏيو ويندو آهي (143) (هن کانپوءِ اوپارين ٻيٽن تي رهندڙ پولن ۽ مينهن جي موسم جو ذڪر ڪيو ويو آهي)

ملتان ۽ اڇ (144) دهليءَ جي ماتحت آهن. دهليءَ جي سلطان جو پٽ هتان جو گورنر آهي. هتان کان خشڪيءَ يا سمنڊ رستي گذيرات وڃي سگهبو آهي. هيءَ هڪ وڏو ملڪ آهي. منجهس ڪنيات، سومنات ۽ ڪنڪن، ٽان ۽ ٻيا مشهور ماڳ آهن. ڇيو ويندو

آهي تہ گذيرات ۾ اسي هزار شهر ۽ ڳوٺ آباد آهن. هتان جا رهواسي دولتمند ۽ خوش حال آهن. سال جي چئن مندن ۾ هتي ستر قسمن کان بہ وڌيڪ گلاب جا گل ٿيندا آهن. سياري وارا فصل فقط ماڪ تي ٿين ٿا. جڏهن اهي فصل لهي ويندا آهن ۽ اونهارو ٿيندو آهي تہ مينهن جي موڪ لڳي ويندي آهي ۽ ڌرتي بہ وين ۽ ولهارن سان واسجي ويندي آهي. سال ۾ بہ پيرا انگورن جو فصل ٿيندو آهي. زمين ايڏي پلي آهي جو وونڊ بہ بيد ۽ ٻئي وڻ جيان ڏار ۽ ٽاريون ڪيڏي پکڙجي بيهندو آهي ۽ ڏهن سالن تائين لڳاتار فصل ڏيندو رهي ٿو. هتان جا رهواسي بتن جي پوڄا ڪندا آهن. راجا پنهنجو اٽن. هتي سومنات نالي هڪ بت آهي. ساري هندستان جا هندو پري پري کان ڪهي هن بت جي ياترا لاءِ ايندا آهن. ڪيترا ماڻهو هن بت ڏانهن ايندي سفر جو پويون حصو احترام کان بانبڙا پائي اڳتي وڌندا آهن. ڪي ياتري وري اهڙا بہ هوندا آهن. جيڪي ان بت ڏانهن پيرن پر (145) وڃڻ ڇگو ڪونہ سمجهندا آهن ۽ ادب کان گوڏن پر هلندا آهن. ڪي ياتري وري ايڏا معتقد آهن جو ان بت سامهون اڇڻ وقت متي پر ايندا ڏسبا.

ڪنيات جا ماڻهو "ڪس" نالي هڪ ٻيٽ جي سردارن وٽان ڏن پٽ کي ڪٽي ايندا آهن. مالوا کان ڪنڀ ايندي آهي. گذيرات مان باردو (146) ۽ بلدي برآمد ڪئي ويندي آهي. سامونڊي ڪنارن وارن شهرن مان سامونڊي ٻيڙا هي وکر ڪٽي ٻين ملڪن ۽ شهرن ڏانهن ويندا آهن. گذيرات کان پريان ڪنڪن ۽ ٽان آهي. انهن کان پوءِ ملبار جو ملڪ اچي ٿو. ڪروهہ (147) ۽ ڪولم (148) کان هن

ملڪ جي سرحد ٽي سو فرسنگ وڌيڪ ڊگهي آهي. هن ملڪ ۾ پان تمام گهڻو ٿيندو آهي. هتان جا ماڻهو پان کائڻ جا ڏاڍا شوقين آهن ۽ کائڻ کان پوءِ ڏاڍا خوش رهندا آهن. هن پن لاءِ پنهنجو ڏن دولت لٽائيندي به دير ڪونه ڪندا. ملڪ ۾ سون ۽ چانديءَ جو سڪو تمام گهڻو هلي ٿو. چاکاڻ جو هتان اهي ڏاتو ٻاهر ڪونه موڪليا ويندا آهن. علائقو به پيٽن ۽ سامونڊي ڪنارن تي مشتمل آهي. روم جي پاسي وارن کبالیک Khabalik (149) جي ماڻهن جهڙي ڪا بولي ڳالهائيندا آهن. سندن گهٽا نمونا انهن ماڻهن جهڙا آهن. ڏرمي طور اهي ٻڌ ڏرم سان واسطو رکن ٿا ۽ بتن جي پوڄا ڪندا آهن. سامونڊي ڪناري سان پهريون شهر سندابور Sundabur پوءِ ڪنور بعد ۾ منجرور (150) جو ملڪ پوءِ هيلي (151) ان کان پوءِ سدرسا (152) جو ملڪ پوءِ جنگلي ۽ بعد ۾ ڪولم اچي ٿو. هتان جا سڀ رهواسي شمني آهن يعني ٻڌ ڏرم سان واسطو رکن ٿا. هن کان پوءِ سوالڪ جو ملڪ آهي، جنهن ۾ سوا لک ڳوٺ ۽ شهر آهن. پنجاهه سال ٿيا آهن جو مالوا جي (153) راجا جو مرتيو ٿيو آهي. ان جي لاڏاڻي کان پوءِ سندس پٽ ۽ وزير ۾ راجگديءَ تي اچي جهيڙو لڳو. ڪيترين جنگين ۽ گهٽي رتوڇاڻ کان پوءِ ملڪ ٺڪرا ٿي ويو. ان ڦٽيڙ ڪري ملڪ ڏڇي ۾ قاسي ويو آهي. سندن دشمنن کي پير کوڙڻ جو وڇهه ملي ويو آهي. هندستان جي ٻين ملڪن جا راجا هن ملڪ تي ڪاهي ايندا آهن ۽ ڪنڊ، ڪپڙو، شراب ڪپهه ۽ ٻيو قيمتي سامان مال غنيمت طور (15 4) ڦري لٽي ملڪ کي پڙپاڻ ڪري ڇڏيندا آهن. پر هيءَ ملڪ ڏاڍو خوشحال آهي ان ڪري اهڙي ڦرلٽ ڪري متس گهٹو اثر

ڪوٽ ٿيندو آهي. ڪولم کان مابر (155) سيلوز (156) جي طرف ۾ ان کان ٿي سو فرسنگ پري سمنڊ جي ڪناري سان واقع آهي. هن علائقي جي ڏيگهه ۽ ان جيتري آهي. منجهس ڪيترائي ڳوٺ ۽ شهر آباد آهن. پر سندس تعداد معلوم ڪونہ آهي. هتان جي راجا کي ديور سڏيو ويندو آهي. جنهن جو مابر هوليءَ ۾ مطلب "دولمتند" آهي. چين مڪ مان "جنڪ" نالي وڏيون ٻيڙيون ايندیون آهن. جن ۾ چين ۽ ماچين جو قيمتي سامان ۽ ڪپڙو آندو ويندو آهي. هند سنڌ جي ٻين ملڪن مان تجارتي مال ايندو ويندو آهي. مابر مان ريشمي ڪپڙو. خوشبوءِ ۽ موتي باهر موڪليا ويندا آهن هن ملڪ ۾ پيدا ٿيندڙ شيون عراق. شام. روم ۽ يورپ ڏانهن روانيون ڪيون وڃن ٿيون. مڪيہ پيداوار لعل موتي ۽ خوشبو آهي. موتي هتان جي ساموندي ڪناري تان هٿ ايندا آهن. مابر هندستاني تجارت جي ڪنجي آهي. ڪجهہ وقت اڳ هن ملڪ جو راجا سندر پنڊي هو. هن پنهنجي ٽن پارئن جي سهائتا سان ڪيترائي ملڪ فتح ڪيا هئا. محمد تقي الدين بن عبدالرحمان بن محمد تڀيبي Tibi سندس وزيراعظم هو. فتن. مالي فتن ۽ باول (157) جا ملڪ هن جي انتظام هيٺ هوندا هئا. هن ملڪ ۾ گهوڙو ڪونہ آهي. جيڪڏهن ڪي هوندا تہ ڏاڍا لانجها ۽ ڏٻرا ڏسبا آهن. ان ڪري هر سال جمال الدين ابراهيم ڪس واري بيٽ کان چوڏهن سو فارس ڪتيف. لهسا. بحرين. هرمز ۽ قلهات مان ڏهہ هزار گهوڙا موڪليندا رهندو آهي. هر هڪ گهوڙي جي قيمت ہ سو ويهہ دينار (سونا) هوندي آهي.

سن 692هـ (1293ع) ۾ هتان جي ديور يعني راجا لاڌاٽو ڪيو.

سنڌس سموري مڙي ملڪيت سنڌس دشمنن جي ور چڙهي وئي. راجا جو جانشين شيخ جمال الدين ٿيو. ديور جا گڏ ڪيل هيرا موتي ۽ سون سنڌس ورثي ۾ آيو. جيڪو ست هزار گاڏين جي بار برابر هيو. ڪيل عهدنامي موجب تقي الدين سنڌس وزير ٿيو. هتان جا ماڻهو خط استوائي ويجهو هجڻ ڪري رنگ جا ڪارا ٿيندا آهن. هتي لوتر (158) نالي مندرن جو تعداد تمام گهٽو نظر ايندو.

هتان کان ٻه رستا نڪرندا آهن. اهي سيلان (159) نالي هڪ ٻيٽ جو پاسو ڏئي چين ۽ ماچين ڏانهن وڃن ٿا. هن ٻيٽ جي ايراضي چار فرسنگ همچورس آهي ۽ خط استوائي سان پور وچوٽ تي آهي.

سرانديپ (160) جدي نالي هڪ جبل جي ڪچ ۾ آهي. هندستان جي هولي ۽ ۾ هن کي سمڪاد، ديپ (سنهل ديپ) چيو ويندو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "ستل شينهن جي جاءِ" چاڪاڻ ته سنڌس شڪل ستل شينهن جهڙي معلوم ٿيندي آهي (161) هتان جي ماڻهن کي انهن لفظن جي معنيٰ جي خبر ڪانه آهي. تنهن ڪري غلطيءَ وچان هن کي سرن ديپ سڏيندا آهن. ساري ملڪ جو نقشو هوبهو شينهن جيان محسوس ٿيندو. هتي لال ۽ ياقوت تمام گهٽو ڏٺو وڃي ٿو. سمورا ماڻهو ٻڌ آهن ۽ بتن جي پوڄا ڪندا آهن. هن جوءِ کان پرئين پاسي لاموري (162) Lamuri نالي هڪ وڏو ٻيٽ آهي، جنهن جو جدا حڪمران آهي.

هن کان پرئين پاسي سوموترا (163) (سوماترا) ۽ پوءِ "دربندنيس" (164) آهي، جيڪو جاوا جو ڏن پرو آهي. جاوا جي جابلو ٻيلن ۾ خوشبودار ڪاٺ پيدا ٿيندو آهي. هنن ٻيٽن ۾

ڪيترائي شهر موجود آهن. جن مان مڪيہ آرو، دلين، جاوا، برڪدوز (165) آهن. جاوا جا جبل نهايت اتانهان آهن. هتان جي ماڻهن ۾ ڏينهوڙين هڏ جو عام رواج آهي. لاموري ٻيٽ جي سامهون لاڪوارم (166) نالي هڪ ٻيو ٻيٽ آهي، جتي ڳاڙهو عنبر گهڻو پيدا ٿئي ٿو. هتان جا مرد عورتون اگهاڙا گهمندا آهن. عورتون پنهنجي خاص اوگهڙ ڍڪڻ لاءِ ناريل وڻ جو ڦردو ڪتب آٽيندين آهن. هيءَ ملڪ چين جي حڪمران قاآن جو ماتحت آهي. اتان لنگهي جمپا Jampa نالي هڪ ملڪ ۾ پهچي ويندا آهن. هيءَ ملڪ پڻ چين جو ڏن پرو آهي. ماڻهن جو رنگ ڳاڙهسر واڇو آهي. هن کان پوءِ "هئتم" (167) جو علائقو ايندو. هيءَ ملڪ بہ قاآن جو غلام آهي. ان کان پوءِ مهاچين (168) جو ملڪ شروع ٿئي ٿو. ان کان پوءِ زيتون (169) نالي هڪ بندرگاهہ ڏسبو جيڪو چين جي ساموندي ڪناري (170) سان واقع آهي. هتي قاآن جا مقرر ڪيل سرڪاري عملدار "شڪ" (171) نظر ايندا. هن کان پرئين پاسي خنسائي نالي هڪ ماڳ آهي. جنهن جي بازار (172) ڇهہ فرسنگ ڇڻي وڃي ٿي. هن مان معلوم ڪري سگهجي ٿو تہ اهو شهر ڪيڏو وڏو هوندو. هتان جا رهواسي مغل، مسلمان، ختن، غوري آهن ۽ قاآن جا ڏن پرو آهن ۽ راجڌاني خنسائي (173) اٿس.

هتان کان الهندي فوئنڪس جي راجڌاني (174) خانبا ليڪ چاليهن ڏينهن جي پنڌ تي آهي، جتي روءِ زمين (175) جو شهنشاهہ قاآن رهندو آهي. هڪ عام رستي کان سواءِ ٻيو رستو بہ آهي، جيڪو مابر کان ختائي ويندو آهي. اهو ڪابل Kabal کان ڪونجو

سونجو کين مالي فتن (176) ۽ کردرايا Kardaraya کان ٽيندو هواريون (177) Howariun پهچي ٿو. جتان کان دکلي (178) پهچي پيجلارا (179) ڏانهن رڄي ٿو. هي سيئي ٽاڪ دهليءَ جي حڪمراني هيٺ هئا. ٿورو وقت ٽيو جو سلطان جي سوٽ مذڪوره علائقا فتح ڪري پنهنجي حڪومت قائم ڪري ورتي آهي ۽ دهليءَ جي سلطان کان بغاوت جو اعلان ڪيو اٽائين. سندس لشڪر ترڪن تي مشتمل آهي. هن کان پوءِ رتبان جو ملڪ آهي. پوءِ ارمن (180) پوءِ "زر –دندان" (181) جو علائقو نظر ايندو. هن علائقي تي اهو نالو ان ڪري پيو آهي. جو هتان جا ماڻهو پنهنجن ڏندن تي سون جا پٽ چاڙهائيندا آهن ۽ هتان ئي ڏينهوڙيون هٽائي منجهن نير جو رنگ پرائيندا آهند. وٽن اهو به رواج آهي ته پنهنجون ڏاڙهيون نچڪٽن سان پٽيندا آهن. جنهن ڪري سندن منهن تي ڏاڙهيءَ جو ڪو نانءَ نشان نظر ئي ڪونہ ايندو. اهي ماڻهو به قاآن جي رعيت آهن. هن ملڪ جي هڪ پاسي کان سمنڊ آهي. ان کانپوءِ "راهان" جو ملڪ ايندو. جتان جا رهاڪو ڏونڊ کائيندا آهن. هو ماڻهوءَ جي ماهه مان به ڪونہ مڙندا آهن. آهي ماڻهو به قاآن جي رعيت (182) آهن. هن ملڪ کان بعد ٽٻيٽ جي سرحد اچي ويندي آهي. هتان جا ماڻهو ڪچو گوشت کائيندا آهن. بتن جي پوڄا ڪندا آهن ۽ عورتن جو حياءَ شرم ڪونہ ڪندا آهن. هتان جي هوا تمام خراب آهي. جيڪڏهن باهر ويهي ماني کائبي ته مري پئبو. اهي چانهه سان جوَن جو ان رڙکي کائيندا آهن. مابر سان دنگئي ديوگيريءَ جو علائقو آهي. سندس راجڌاني "دارو سمندر" آهي.

ٻيو وڏو مڪل قندھار آھي. جنھن کي مغل ڪراجانگ سڏيندا آھن. ھتان جا ماڻھو ختائي ۽ ھندستانين جو گڏيل نسل آھن. اھو (183) زمانو قبلائي خان (184) جي حڪومت سان واسطو رکي ٿو. ان دور ۾ ھي ملڪ مغل راج ۾ شامل ھو. ھڪ پاسي کان ھن ملڪ جو دنگ ٽبيٽ سان ملي ٿو. ٻيو پاسو ختا Khita سان دنگئي آھي ۽ ٽيون پاسو ھندستان سان ملي ٿو.

ڏاھن ماڻھن جو چوڻ آھي تہ دنيا جا ٽي ملڪ پنھنجين خاص خوبين ڪري گھڻو مشھور معروف آھن. ھندستان پنھنجي فوج ڪري. قندھار ھاٿين ڪري ۽ ترڪ پنھنجي گھوڙن ڪري گھڻو سڃاتا ويندا آھن.

نزهت المشتاق
الادريسي

اقتباس

پهريائين آبهوا ڪتاب جو باب ڏهون: هندستان جو وڏو راجا بلهراءِ آهي، جنهن کي راجائن جو راجا سڏيو ويڇي ٿو. ان سان لاڳيتو ڪمر جو ملڪ آهي، جنهن کي ساج سڏيندا آهن. ان کان صافن يا طابن جي راجا جو ملڪ اچي ٿو. ان کانپوءِ جاب پوءِ جوذر ۽ ڪامرون جو ملڪ اچي ٿو. جيڪو چين سان دنگئي آهي.

هندستان جا ماڻهو ستن ذاتين ۾ ورهايل آهن (۱) انهن سيني

مان اوچي ذات ساڪريہ آهي. راجائن جو واسطو بہ هن ذات سان هوندو آهي. ڪنهن ہيءَ ذات مان ڪو ماڻهو راجا چونڊجي نہ سگهندو آهي. ٻيون سڀ ذاتيون هنن آڏو نمنديون آهن. پر هي ڪنهن آڏو نہ جهڪندا آهن. ان کان پوءِ برهمڻن جي ذات اوچي آهي ۽ سندن لاڳاپو ڏرم سان آهي. اهي پنهنجي تن تي چيتي يا ڪنهن ٻئي جانور جي کل اوڍيندا آهن. ڪي برهمڻ ماڻهن کي گڏ ڪري هٿ ۾ لٺ کٽي کين آديش ڏيندا آهن ۽ صبح کان سانجهيءَ تائين ايشور جي شڪتيءَ ۽ ساراهہ بيان ڪندا آهن. ڪڏهن وري انهن واقعن جو بہ ذڪر ڪندا آهن تہ ڪيئن برهمڻن جي بداعمالين ڪري مٿن خدا جو عذاب نازل ٿيو. نشي کي هٿ نہ لائن. بتن جي پوڄا ڪندا آهن. سندن خيال آهي تہ اهي خدا تعالي وٽ سندن شفاعت ڪندا. ٽين ذات کتري آهي. اهي شراب پيئڻ جا ڏاڍا شوقين آهن. مڌ جا مٽ کٽيو آڏو رکن. پرهہ جا پياڪ آهن. ٽي رتل مڌ بہ (2) ڏوگهيو وڃن. هن کان وڌيڪ نہ پيئندا. جيڪڏهن پيئندا آهن تہ هوش حواس سالم نہ رهندا اٿن. هيءَ ذات برهمڻ مان وهانوَ ڪري سگهندي آهي. پر برهمڻ هن ذات جي چوڪرين سان وهانوَ ڪونہ ڪندا آهن. هن کان پوءِ شردويہ Sharduya ذات آهي. ڪمي. ڪرمي ۽ ڪاسبي هن ذات سان لاڳاپيل هوندا آهن. تنهن کانپوءِ بسيہ Basya ذات آهي. جيڪا هنرمندن ۽ ڪاريگرن سان واسطو رکي ٿي. انهن مان هڪ ذات سبدالیہ Sabdaliya يا سندليہ آهي. سندن واسطو ڳائڻ وڄائڻ سان آهي. هن ذات جون عورتون ڏاڏيون سهڻيون ٿيندڙيون آهن. زڪيہ Zakaya بہ منجهائن هڪ ذات آهي.

اهي مداري هوندا آهن. ڏيبڪيون ۽ ٻيا ساز وڄائي پنهنجو پيٽ پالينداآهن. هندستان جي معزز قومن ۾ چاليهارو ڪن فرقا آهن. انهن مان ڪي الله کي مڃيندا آهن پر نبين ۾ سندن ويساهه نه هوندو آهي. انهن مان ڪي وري اهڙا به آهن جو سندن ويساهه نه الله ۾ هوندو آهي ۽ ان جي موڪليل نبين تي اعتبار ڪندا آهن. ڪن جو وري اهو به خيال آهي ته پٿر جا گهڙيل بت سندن شفاعت ڪندا. جن تي هو گل ۽ تيل اڇي هارينداآهن. ڪي وري باهه جي پوڄا ڪندا آهن ۽ مڇ ۽ ڪڇي ٽپ ڏينداآهن ۽ سڙي رک ٿي ويندا آهن. ڪي ماڻهو وٽن جي پوڄا ڪندا آهن. هڪ فرقو وري اهڙو به آهي جيڪو آڏت (سج) جي پوڄا ڪري ٿو ۽ سمجهندو آهي ته هن سنسار کي ان ديوتا پيدا ڪيو آهي ۽ هن سنسار جو سارو وهنوار هن جي آڏيا سان هلندو آهي. ڪي ماڻهو نانگن کي ديوتا سمجهي پوڄيندا آهن ۽ ڪين هڪ مقرر جڳهه تي رکندا ۽ ڪائڻ لاءِ هر شيءِ ڏينداآهن. هتي ڪي اهڙا ماڻهو به رهندا آهن. جيڪي ڪنهن به شيءِ جي پوڄا نه ڪندا آهن ۽ ڪنهن کي به نه مڃيندا آهن.

آبهوا - پاڳو ستون: ڪتاب جي هن ستين پاڳي (3) ۾ هنن شهرن جو ذڪر ملندو. جهڙوڪ: ڪيه Kia، ڪير Kir ، ارمائيل Armayil، ڪسربند Kasr band فربوز Farbuz، خور Kur، ڪنبلي Kambli منحابري Manhobari (4) ديبل، نيرون منصوره (5) واندڻ Wandan، اسفڪ Asfaka، درڪ Darak، ماسورجان Masur jan ، فردان Fardan، ڪير ڪايان Kirkayan، ڪديرا Kadera، بسمڪ Basmak ، تويران

Tubran (توران) ملتان، جندور سندور، دور Dur، آتري (6) ڪلري نيرا، مصوام، شاروساڻ (7) بانيہ، مامهل Mamhal، ڪمايہ Kambaya، سوياره Subara، سبدان Sabdan ۽ سئمور (8) Saimur، هن پاڳي واري سمنڊ ۾ ڪي ٻيٽ ۽ آهن، جن مان ڪن ڪي ساره ٻيٽ چيو ويندو آهي. دردور Dordur واري جوءِ ۾ ۽ ٽڪريون ڪسئير Kassair ۽ اوئير Awair آهن. ديبل ۽ هڪ ٻيٽ آهي، جنهن تي ڪسڪيهار Kaskihar نالي هڪ شهر ۽ آباد آهي. ٻيا ٻيٽ هي آهن: ائوبڪين Aubkin، مندMind ، ڪولم – ملي Kulam – mili ۽ سندان Sindan انهن علائقن ۾ اهڙا ماڻهو رهن ٿا، جن جا ڏرم، رنگ، لباس ريتون رسمون ڏار ڏار آهن. الله تعالي جي مهرباني سان هنن بابت جيڪو سچو احوال هٿ لڳو آهي سو اسان هتي پيش ڪرڻ چاهيون ٿا.

هن پاڳي جي شروعات ديبل کان ڪجي ٿي جيڪو پنهنجي ملڪ جي ڏکڻ ڏس تي ۽ ايراني نار کان اوير پاسي آباد آهي. هن ماڳ تي تمام گهڻا ماڻهو وسن ٿا. هن جوءِ جي زمين پلي نہ آهي. وڻ ٽڻ ۽ ڏسڻ ۾ نہ ايندا. البت ڪاڻي ڪاڻي ڪجيون نظر ايندیون آهن. هتان جي جابلو جوءِ رڻ پٽ ڏسبي. گهر ۽ ڪاٺ ۽ گاري گپ سان جوڙيل نظر ايندا. هيءَ شهر ان ڪري آباد آهي، جو هتي سنڌ ۽ دنيا جي ٻين ملڪن جا تجارتي ٻيڙا اچي ٻيهندا آهن. هتي ڪاپي جي مختلف شين جو واپار هلندو آهي. هتان جا واپاري ڏاڍا ڏاها آهن. عمان، چين ۽ هندستان جي ٻين ملڪن جا ڪيترا جهاز ديبل تي ٻيڙل نظر ايندا آهن. ديبل جا رهواسي بي انتها شاهوڪار آهن. وڻن

ايترو تہ پئسو آهي. جو سمورو تجارتي مال خريد ڪري ٻيڙا خالي ڪري پنهنجن پاندن ۾ رکي چڏيندا آهن. ان کانپوءِ وکري ڪرڙ لاءِ ملڪ ۾ نڪري پوندا آهن. ٻين ماڻهن کي پئسو وياج تي ٻ ڏيندا آهن ۽ اهڙي ڏنڊي ۾ سيڙائيندا آهن. جنهن مان چئن ڏوڪڙن جي لاڀ جي آس آسرو هوندو آهي. جيڪڏهن اولهه پاسي هلبو تہ مهران جي مکيہ ڇوڙ ۽ ديبل جي وچ تي ڇهن ميلن جي وٿي ڏسبي. نيرون مهراڻ جي الهندي پاسي آهي ۽ ديبل کان ٽن ڏينهن جي پنڌ تي آهي. هيءَ ماڳ ديبل ۽ منصوره جي وچ تي آهي. جيڪي مسافر هنن ٻنهي شهرن ڏانهن ايندا ويندا آهن. سي نيرون وٽان درياهہ اکرندا آهن.

نيرون ننڍڙو ۽ غير اهم شهر آهي. پر قلحبند آهي ۽ اتان جا رهواسي ڏاڍا شاهوڪار آهن. هتان کان منصوره ٽن ڏينهن کان ٽورو وڌيڪ پنڌ تي آهي. منصوره جنهن جو سيني کان پچاڙيءَ ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي. تنهن شهر جي چوڌاري مهراڻ درياه جون ڇاڙهون ٽيرون ڏئي وهنديون آهن. هيءَ شهر مهراڻ جي مکيہ وهڪري جي الهنديءَ ڪنار سان واقع آهي. جتان سنڌو ٻہ دريائيءَ ۾ ونڊجي ويندو آهي. مکيہ وهڪرو منصوره ڏانهن ڪندو آهي. باقي ننڍي ڇاڙهہ ڏکڻ هلي اولهہ ڏي شاروساڻ (سدوساڻ) ڏانهن رخ ڪري پوءِ وري هيٺ جهوڪو ڏئي وڃي مکيہ وهڪري سان ملي ويندي آهي. ٻنهي وهڪرن جو منصوره کان ٻارهن ميل هيٺ وڃي سنگم ٽيندو آهي. اتان کان پوءِ مهراڻ اڳتي وڃي نيرون جي پاسي کان وهندي نيٺ سمنڊ ۾ وڃي ڇوڙ ڪندو آهي. منصوره جو شهر هڪ ميل همچورس ايراضيءَ تي پکڙيل نظر ايندو. آبهوا نهايت گرم اٽس. هتي کارڪون

۽ ڪمند تمام گھٽو ٿيندو آهي. ليمي جي پيٽ ۾ هتي ٻيو ميوو گھٽ ٿيندو آهي. هي ميوو صوف جيترو وڏو تمام ڪتو ٿيندو آهي. هيءَ شهر عباسي خليفي المنصور جي راڄ جي شروعاتي دور ۾ اڏيو ويو هو. هن شهر تي هن ئي خليفي اهو نالو رکيو هو. اهڙن ساڳين نالن واروا ٻيا چار شهر پڻ تعمير ڪيا ويا هئا. انهي اميد سان ته اهي سدائين ساوا ڏاوا ۽ آباد رهندا. انهن مان هڪ منصوره عراق وارو شهر بغداد آهي. ٻيو شهر سنڌ وارو منصوره آهي. ٽيون پونچ سمنڊ جي ڪناري، ال مسيسہ Al_masisa ۽ چوٽون ميسوپوٽاميا ۾ آهي. مٿي ان منصوره جو ذڪر آهي. جيڪو نهايت اهم تجارتي مرڪز شاهوڪار ۽ ڳتيل آبادي واري شهر آهي. چوڌاري جالاري جوءِ اٽس. زمين پلي ۽ آباد آهي. هتان جون جڳهون پڪيون ۽ گچ سان لتل آهن ۽ منجهن ڪاشي جون سرون ۽ ڪتب آندیون ويون آهن. هيءَ جوءِ فرحت بخش ۽ ناهوڪي آهي. ڏسڻ سان دل بهار ٿي ويندي آهي. واپار ويرئون ويرئون وڌ آهي. بازارن ۾ سدائين ماڻهن جي ڪلها گيهه لڳي پئي هوندي آهي. واپاري وڪر ۽ ڏيرئون ڏير ڏسڻ ۾ پيو ايندو. عربن جو هينيون طبقو ايرانين جيان ڏگهو لباس پائي. باقي حڪمران طبقو سنڌين جهڙا ڏگها پهراڻ پائيندا آهن ۽ هنن وانگر ڏگها ڇتا ڇڏيندا آهن. جيڪي سندن ڪلهن کان ۽ هيٺ پيا لڙڪندا ڏسبا. سڪو ٽامي ۽ چاندیءَ جو نظر ايندو. هڪ خاص درچم Dracham (دينار) جي تور عام "درچم" کان پنجوڻ تي وڌيڪ آهي. هتي طاطري سڪو ۽ هلندو آهي. مڇي تمام گھٽي آهي. گوشت ۽ ڏاڍو سهانگو آهي. ڏيهي ۽ ڏيساوري ميوات جو ۽ اٽو

مٿون آهي. سنڌي (Indian) هن شهر کي ميرمان Mirman سڏيندا آهن. هيءَ سنڌ جي ٻين علائقن جهڙوڪ: ديبل، نيرون، بانيه، ڪلري، آتري، شاروساڻ، جندور، سندور، منحابري (منجابري) بسمڪ ۽ ملتان جيان هڪ علائقو آهي.

بانيه هڪ تمام ننڍڙو شهر آهي. هتي مختلف نسلن جا ماڻهو رهن ٿا ۽ ڏاڍا دولمتند آهن. هتي کاپي جوهر وکر سهانگو ۽ اڻ ميو آهي ۽ آبهوا رهڻ جوڳي محسوس ٿيندي. بانيا کان منصوره ٽن ڏينهن، مامهل ڇهن ۽ ديبل ٻن ڏينهن جي پنڌ تي ٿيندو. هتان کان مامهل ۽ ڪمبايه تائين سمورو علائقو ساموندي ڪنارو آهي. پاڻي جي اڻ هوند آهي ان ڪري وئي وانگي ٻ اک تي ڪونہ چڙهندو تنهن ڪري هتان سياح گذري نہ سگهندا آهن.

مامهل سنڌ ۽ هندستان جي سنڌي تي آهي. هيءَ شهر مٽي بيان ڪيل رڻ پٽ جي ڪناري سان واقع آهي. هتي مند (ميد) ذات جا ماڻهو رهن ٿا. ٽڏيءَ ڪوسيءَ جا ڏاڍا آهن. مامهل جي اوسي پاسي پنهنجو چوپايو مال پيا چاريندا آهن. هن جوءِ ۾ مندن جو تعداد تمام گهٽو آهي. وٽن اٺ ڏاڳا، گهوڙا ٻ جام آهن. ڪڏهن مٽن چڙهي وڃي دور (الور) تائين سنڌيون هٽندا آهن. مهراڻ جا ٻئي پاسا سندن قرلٽ کان آجا ڪونہ آهن. ڪڏهن ڪڏهن مڪران تي ٻ وڃي مارو ڪندا آهن.

دور (الور) مهراڻ جي ڪنار سان آباد آهي. هيءَ وهڪرو مذڪوره شهر کان اولهه پاسو ڏئي لنگهندو آهي. هتان جي آبهوا خوشگوار آهي ۽ ملتان جيترو وڏو ٿيندو. هتان کان بسمڪ ٽن، آمڙي

(انڙي) چئن ۾ پوءِ ڪلري بن ڏينهن جي سفر تي آهي. ڪلري مهراڻ جي الهندئ ڪنڊئ سان آباد آهي. شهر ڏاڍو سهڻو قلعبند ۽ اهم تجارتي مرڪز آهي. هتان مهراڻ ۾ درياهيءَ ۾ ورهائجي ويندو آهي. جن مان مکيہ وهڪرو اولهہ اهل هلي منصوره ڏانهن رخ ڪندو آهي. باقي ننڍي ڇاڙهہ يهريون اتر اولهہ. تنهن کانپوءِ وڪڙ ڪري اولهہ ڏانهن وهندي آهي. ٽيٽ ٻئي وهڪرا منصوره کان ٻارهن ميل هيٺ وڃي پاٽي ۾ ملندا آهن. منصوره جو شهر وڏي وهڪري جي الهندئ ڪنار سان واقع آهي. ڪلريءَ جو شهر عام رستي کان گهٽو پري آهي. پر پوءِ ۾ ڏاڍي ڳٽيل آبادي وارو شهر آهي. هتان جا رهاڪو وڏا واپاري آهن. شهر ۾ سدائين ماڻهن جا ميڙ پيا ڏسبا. هتان کان منصوره چاليهہ ميل پري ٽيندو. جيڪو هڪ ڏينهن جي تکي سفر جيترو پري آهي. ڪلريءَ کان شاروساڻ تن ڏينهن جو سفر آهي. شاروساڻ (سدوساڻ) شهر گهٽي پکيڙ. گهٽن جهرٽن. واهن. ڪسين ۽ گهٽي پوکي راهي ۽ ماڻهن جي گهٽي آبادئ ڪري مشهور آهي. هتي زرعي اپٽ ۾ گهٽي ٽيندي آهي. واپار جو ۾ انت ڇيهہ ڪونهي. تنهن ڪري ماڻهو ۾ جام پيا ايندا ويندا ڏسبا. هن شهر کان منجابر (منجابري) تن ڏينهن جي پنڌ تي آهي. جيڪو درياهہ جي هڪ ڏوري پرسان آباد آهي. شهر جو ڏيڪ ڏسڻ وٽان آهي. چوڌاري باغ ۽ چشما پيا نظر ايندا. ڪٽان وري پاٽيءَ جا وهڪرا پيا وهندا ڏسبا. مناحبري کان فيربوز (9) ڇهن ۽ ديبل بن ڏينهن جو پنڌ آهي. جيڪڏهن ديبل کان فيربوز جي وچ تي ڪُر Kur نالي هڪ ننڍڙو پ ڳٽيل آبادي وارو شهر واقع آهي. فيربوز شهر جا رهواسي ڏاڍا دولمتند آهن. سندن

ڏنڏو واپار آهي. ڏاڍا سپتيا ماڻهو آهن. دوکي دولاب کان ونڻن پيا ويندا. ڏاتار آهن. هر ڏکئي جي آئي ويل سهائتا ڪندا رهندا آهن. هي مڪران جو حصو آهي. ڪير. درڪ. راسڪ. بهءِ بند. ڪسر - بند. اسفاڪ. فحلفحره. مهمڪن. تيز ءِ بلبڪ شهر به مڪران جي علائقي ۾ آباد آهن.

مڪران وڏو ملڪ آهي. پر ان جو وڏو پاڳو رج ءِ سچ آهي. هن ملڪ جو وڏي ۾ وڏو شهر ڪيروزي آهي. جيڪو پڪيڙ ۾ ملتان جيترو ٿيندو. هتي ڪجيءَ جا تمام گهٽا وڻ نظر ايندا آهن. هتان جي اوسي پاسي واري زمين تي پوکي راهي ڪئي ويندي آهي ءِ واپار به گهٽو هلندو آهي. ان کان اولهه پاسي تيز جو شهر آهي. جيڪو ننديڙو ساموندي بندر به آهي. جتي فارس. ڪش Kish ءِ عمان جا واپاري ٻيڙا اچي بيهندا آهن. ڪش ايراني نار جي ٻيٽ جو هڪ شهر آهي. جيڪو هتان کان هڪ ڏينهن جي تيز رفتار سفر جيترو پري ٿيندو. تيز کان ڪير (ڪيز) پنجن ڏينهن جو سفر آهي. ڪير کان فيربوز ٻن ڏينهن جي تيز رفتار سفر جيترو ڏور ٿيندو.

ڪير (ڪيز) ءِ ارمائيل جي وچ تي هڪ ٻئي سان دنگئي ۾ علائقا آهن. جن مان هڪ جو نالو راهون Rahun آهي ءِ منصوره جي ماتحت آهي. ٻئي علائقي جو نالو ڪلوان Kalwan آهي. جيڪو مڪران جو ماتحت آهي. اهي ٻئي علائقا وڻٽرا آباد آهن. ٿورا گهٽا ڪجين جا وڻ ڏسبا نہ ٿہ هتان جي ماڻهو جو گذر سفر گهٽو ڪري چوپائي مال تي آهي. جيڪو ماڻهو فيروز کان مڪران ڏانهن ويندو ٿہ ڪير وٽان ضرور لنگهندو. هتان ارمائيل جيڪو مڪران

جي ماتحت آهي. ہن ڏينهن جو سفر آهي.

ارمائيل فيربوز جيترو وڏو شهر آهي. سندس آبادي ڳٽيل ۽ اوسي پاسي وارو علائقو سرسبز ۽ آباد آهي. رهواسي دولمتند آهن. ارمائيل کان ڪنبلي ہن ڏينهن جي سفر تي آهي. هيءَ شهر آبادي ۽ پکيڙ جي لحاظ کان ڪنبليءَ جيترو آهي ۽ سمنڊ کان ڏيڊ ميل ڪن ويڪرو ٿيندو. اهي ٻئي شهر ديبل ۽ مڪران جي وچ تي واقع آهن. درڪ جي شهر ۾ ٻہ گهٽا ماٺهو رهندا آهن. فيربوز کان ٽن ڏينهن جي سفر تي آهي. هن ماڳ کان ڏکڻ. اولهہ پاسي هڪ وڏو جبل آهي. جنهن کي لوڻ جو جبل سڏيندا آهن. ڇاڪاڻ تہ جيڪو ٻہ پاڻي هتان لنگهندو آهي سو لوٽيائو ٿي پوندو آهي. هتي ماٺهن جي ٿوري ٽڪي آبادي آهي. هن شهر کان راسڪ تائين ٽن ڏينهن جو پنڌ ٿيندو. راسڪ جا ماٺهو مرتد آهن. سندن علائقو ہن پاڻ ۾ ورهايل آهي. جن مان هڪ کي الخروج ۽ ٻئي کي ڪير ڪايان سڏيندا آهن. هتي ڪمند تمام گهڻو ٿيندو آهي. هن ملڪ ۾ "فانيڊ" نالي هڪ حلوو تيار ٿئي ٿو. جيڪو ٻين ملڪن ڏانهن روانو ڪيو وڃي ٿو. ڪمند جي تمام گهڻي پوک ٿئي ٿي ۽ فانيڊ حلوو خاص طور تي ماسڪان ۽ ڪرمان واري علائقي ۾ گهڻو تيار ٿيندو آهي. ماسڪان، جوران ۽ تويران جا ماٺهو گهڻي قدر مرتد ٿي ويا آهن. ماسڪان جو علائقو ڪرمان سان دنگئي آهي هتان جا رهاڪو بهادر انسان جو گهڻو قدر ڪندا آهن. ڪجي ۽ اٽ هتي تمام گهڻو نظر ايندو. ميوا ٻہ گهڻي پاڳي اهي ٿي آهن. جيڪي ٿڌن ملڪن ۾ ٿين ٿا. مڪران جا ماٺهو فارسي ڳالهائين. پر سندن اچار پنهنجا آهن. گهڻا پهراڻ پائين.

ايرانين وانگي ڪفن سان ڍڪيا چوغا ۽ ڏيکيندا آهن. سون جي سڳي سان پرت ٿيل سندرا ۽ چيلهه سان پٽڻ. اهڙو لباس ايران ۽ عراق ۾ جام آهي.

فحلفحره، اسفڪ، بند ۽ ڪسر - بند ڪران جا ماتحت علائقا آهن جيڪي پکيڙ ۾ گهٽي پاڳي هڪ جهڙا آهن. انهن علائقن جي جاگرافيائي صورتحال، واپار وڙو ساڳئي قسم جو آهي. ماڻهن جي لباس ۽ سياڻ، آدمشماريءَ ۾ ۽ هڪ جهڙائي ڏسبي. فحلفحره کان راسڪ ٻن ڏينهن، فحلفحره کان اسفڪ ٻن ڏينهن، اسفڪ کان بند هڪ ڏينهن جي پنڌ تي اولهه طرف آهي. اسفڪ کان درڪ تائين ٽن ڏينهن جو فاصلو آهي. بند ۽ ڪسربند جي وچ ۾ هڪ ڏينهن جو پنڌ ٿيندو. ڪسر بند کان ڪيڻ چئن ڏينهن جو ۽ منصوره کان توبران پندرهن ڏينهن جو سفر ٿيندو.

توبران (توران) فهرج جي ويجهو ڪرمان جي ماتحت علائقو آهي ۽ توبران نالي هڪ ندي جي ڪناري سان آباد آهي. هن ماڳ جي اوسي پاسي زمين پلي ۽ گهٽي آباد آهي. هتان فردن Fardan چئن ڏينهن جي پنڌ تي ٿيندو. هي هڪ اهم تجارتي مرڪز آهي. سندس پسگردائي ۾ ججها ماڻهو آباد آهن. ڪير، ڪايان، فرزان کان اولهه پاسي توبران ڏانهن ويندڙ گس تي وسندڙ هڪ سکيو ستابو ماڳ آهي. ماڻهو به منجهس ججها نظر ايندا. هتي انگور ۽ ٻين قسمن جا ميوا تمام گهڻا ٿين ٿا. پر ڪجي ڏسڻ ۾ نه ايندي. توبران کان مستا (Mastah 10) ٽن ڏينهن جي سفر تي پري آهي. هي وچ رڻ پٽ ۾ آباد هڪ شهر آهي. هن علائقي ۾ اٺ ۽ رڍون پاليون ويندیون آهن

تويران کان ملتان ڏهن ڏينهن جو پنڌ ٿيندو جيڪو سنڌ جي دنگ ويجهو آهي.

ملتان هندستان سان دنگئي آهي. ڪي مصنف هن کي هندستان جي حدن ۾ سمجهن ٿا. هيءُ شهر پکيڙ ۾ منصوره جيترو آهي. هن کي "بيت الذهب" پڻ سڏيو ويندو آهي. هتي هڪ بت آهي. هندستان جا ماڻهو بت جي وڏي عزت ڪندا آهن. ماڻهو پري پري کان ڪهي هن جي ياترا لاءِ ايندا آهن. سونا ڳهه ۽ خوشبو اڇي پيٽا ڏيندا آهن. مذڪوره بت جي چوڌاري هن جا داس ۽ داسيون رهنديون آهن. سندن پيٽ گذر بہ پيٽا ۾ ڏنل شين تي هوندو آهي. اهو بت چئن ئي پاسن کان ماڻهوءَ جي شڪل جهڙوآهي (۱۱) سرن ۽ گچ سان اوساريل هڪ ڏکيءَ تي ويٺل نظر ايندو. ان جو سمورو جسم ڳاڙهي رنگ جي نرم چمڙي سان ڍڪيل آهي. رڳو سندس اکيون ظاهر آهن. جن تي قيمتي پٿر لڳل ٿا ڏسجن. سندس متي تي هيرن جواهرن سان جڙيل هڪ مڪٽ رکيل آهي. ڪن ماڻهن جو چوڻ آهي تہ سندس جسم ڪاٺ جو ٺهيل آهي. شڪل صورت ۾ هي چورس نظر ايندو. ٽوٽئين وٽان سندس ٻانهون چار نظر ايندیون. جنهن مندر ۾ هيءُ بت رکيل آهي. سو وچ ملتان ۾ ان بازار اندر واقع آهي جتي ماڻهن جي گپاگيهه لڳي پئي هوندي آهي. ان بت مٿان اڏاوت قبي جيان نظر ايندي. قبي ۽ لنگهه واريون پتيون ڏاڍيون ٽلهيون ۽ سگهاريون آهن. پر سيني کان وڌيڪ قبي جو مٿيون پاسو مٿان سهڙو ۽ سينگاريل ڏسبو. ٽلهه بہ اوچا ۽ پتيون رنگين آهن. مندر جي چوڌس داسن ۽ داسين جي رهڻ جون جايون آهن. سندن پيٽ گذر مندر تي

پيتا طور آيل شين مان ٽيندو آهي. سنڌ توڙي هندستان ۾ هن جهڙو ڪو ٻيو مندر نہ آهي. ماڻهو هن مندر جي ياترا کي وڏي ڳالهہ سمجهندا آهن ۽ اتان جي ٻاون ۽ ٻانيٽن جي ناهيل هر قانون کي اکين تي رکندا آهن. پرپاسي وارا ملڪ جڏهن ملتان کي ڦرڻ لٽڻ يا ان بت کي کٽي وڃڻ جا سانباها ڪندا آهن. تہ مندر ۾ رهندڙ ٻاوا ۽ ٻانيڙ کين بت جي ناراض ٿيڻ جا ڊڙڪا ڏيندا آهن. جيڪڏهن ٻاوا ۽ ٻانيڙ کين اهڙا ڊڙڪا ۽ دهمان نہ ڏين تہ جيڪر ملتان تي ڪاهي ڦري لٽي ناس ڪري ڇڏين. اهو ئي سبب آهي جو هتان جا رهواسي هن بت کي گهٽو مڃيندا آهن. سندس بي انتها سگهہ جي ساراهہ ڪندا آهن ۽ سمجهندا آهن تہ هن بت جي موجودگيءَ ڪري قدرت سندن هر قسم جو بچاءُ ڪري رهي آهي. اها خبر نہ ٿي پوي تہ هن بت کي ڪاهي ڪنهن هن مندر ۾ رکيو. جيڪڏهن ماڻهن کان ان بابت ڪجهہ پڇبو تہ چوندا تہ اها ڳجهہ جي ڳالهہ آهي کين ڪجهہ بہ معلوم نہ آهي. ملتان هڪ وڏو شهر آهي. سندس قلعي کي چوڏاري ڪاٺ آهن. چوڏاري کاهي اٽس. جيڪا سدائين پاڻيءَ سان پريل نظر ايندي. کاڏي خوراڪ سان لاڳاپيل سڀ شيون تمام گهٽيون آهن. محصول تمام ٿورو آهي ۽ ماڻهو خوشحال نظر ايندا. هن کي سون جي فرخ جو گهر چيو ويندو آهي. ان جو ڪارڻ اهو آهي تہ حجاج جي ٻاءُ محمد بن يوسف هتان سون جا چاليهہ بهار لڏا هئا ۽ هر هڪ بهار ۾ 333 مڻ سون پيل هو. (12) اهو سمورو سون هتي لڪائي رکيو ويو هو هتي بهار ۽ فرخ جو مفهوم هڪ جهڙو سمجهڻ گهرجي. هن شهر جي اوسي پاسي هڪ ننڍڙو درياه وهندو آهي. جيڪو اڳتي وڃي

سنڌ جي مهراڻ ۾ چوڙ ڪندو آهي.

ملتان کان هڪ ميل جي فاصلي تي جندور (جند -رود) جو ماڳ آهي. هن ٽاڪ وٽ ٻه چار قلعا گڏ نظر ايندا. جيڪي ڏاڍا مضبوط آهن. منجهن درياه جو تازو پاڻي جام آهي. هتان جو گورنر بهار جون موڪلون هتي گذاريندو آهي. ابن حوقل جو بيان آهي ته هتان جو گورنر هر جمع ڏينهن هاٿيءَ تي چڙهي ملتان ويندو آهي. اها رسم پراڻي دور کان هلندي پئي اچي. هن شهر جي ماڻهن جي گهڻائي مسلمان آهي. هتان جو قاضي ۽ انتظاميا جا عملدار به مسلمان آهن.

سندورم ملتان کان ڏکڻ، تن ڏينهن جي پنڌ تي واقع آهي. واپار جو اهم مرڪز آهي. ماڻهو سرنديءَ وارا ۽ شاهوڪار آهن. سندن ڏن دولت سندن قيمتي لباسن مان ٻه پيو بکندو. سمجهيو ويندو آهي ته هو هندستان جي دنگ تي آهي ۽ ان درياه جي ڪنار سان آباد آهي. جيڪو سمند Samand جي مٿان مهراڻ سان سنگم ڪندو آهي. ملتان کان جيڪڏهن اتر پار وڃبو ته هڪ رڻ پٽ ايندو جيڪو وڏندو توبران جي اوپارئين سنڊي سان وڃي ملندو. ملتان کان هيٺ منصوره تائين پکڙيل علائقي ۾ نڌا Nadha نيات جا ماڻهو رهندا آهن. جيڪي ڏاڍا ويڙهاڪ آهن. هن نيات ۾ ڪيترائي قبيلا آهن. اهي ماڻهو بربرن جيان وڙهندي دير نه ڪندا آهن. هن نيات وارن جون رهڻ جون جايون ٻه پنهنجي نموني جون آهن. مهراڻ جي اولهه پاسي پاڻيءَ جي ڏندن ڏورن جي اوسي پاسي واندڀون ۽ وسندڀون جوڙي رهيا پيا هوندا آهن. هي ماڻهو نهايت شاندار اٺ پالينداآهن. جن کي "ڪرهو" سڏيو ويندو آهي. هن قسم جي اٺ جو

خراسان ۽ ايران پاسي ڏاڏو اڳهه آهي. شڪل صورت ۾ بلخ جي اٽ جهڙو آهي ۽ سمرقند جي ڏاچي وسيلي اهڙي جنس پيدا ڪئي ويندي آهي. هيءَ اٽ سياءَ ۾ ڏاڏو سئو ٽيندو آهي. ڪيس ۾ ٿوها هوندا آهن. منصوره کان نڏا جي سنڌي تائين ڇهن ڏينهن ۽ نڏا جي سنڌي کان ڪير (ڪيز) تائين ڏهن ڏينهن ۽ نڏا کان مڪران جي سرحدي ماڳ تيز تائين سورهن ڏينهن جيترو پنڌ ٽيندو. نڏ نيات جي ڏيتي ليتي قندائيل شهر سان قائم آهي. کاپي جي هر شيءِ اتان ڳنهندا آهن. ڪير ۽ ڪايان جي علائقن کي ۾ آئيل Ail جي نالن سان سڏيندا آهن. (13) هتان جا رهواسي مسلمان ۽ ٻيا ماٺهو نڏن جا ماتحت آهن. علائقي ۾ اناج، ڪشمش ۽ ٻيا ميوا پيدا ٿين ٿا. اٽ ڏيڳا ۽ رڍون ۾ هتي پاليون ويندين آهن. مذڪوره ايراضيءَ کي آئيل ان ڪري چيو ويندو آهي، جو ڪنهن زماني ۾ ان نالي واري ماٺهوءَ هن علائقي کي فتح ڪيو هو ۽ جتن ڪري هن ملڪ کي سڪيو ستابو ڪري ڇڏيو هئائين. قندائيل کان منصوره تائين ڏهه ڏينهن لڳي ويندا آهن.

کورڪکليا Khur Kakhlia ڪوس ۽ ڪديرا جي شهر سنڌ جي ماتحت آهن. جن مان پويان ۾ شهر هڪ جيترا آهن. نڏن جي ڏيتي لکيتي هنن شهرن سان ۾ قائم آهي. مهيڪ، ڪير ڪايان، سور، فرزان، ڪشران ۽ ماسورجان تويران جي ماتحت آهن. تويران ۽ منصوره جي وچ تي هڪ وڏو رڻ پٽ آهي. اتر واري پاسي سجستان ڏانهن ۾ جيڪي علائقا آهن، سي ساڳي ريت بيابان آهن تنهنڪري ڪوبه مسافر اتان گذري نه سگهندو آهي.

ماسور جان چگڙو شهر آهي. منجهس گهٽا ماڙهو آباد آهن. اهم تجارتي مرڪز آهي. چوڏاري ڪيترائي ڳوٺ آباد اٽس ۽ ٽوبران نديءَ کان ٻائيتالهه ميل پري ٽيندو. هتان کان در يامونه هڪ سو ايڪتاليهه ميل پري آهي ۽ در يامونه کان فيربوز 175 ميل ڏور ٽيندو.

هندستان جا سنڌ سان دنگئي ملڪ هي آهن: مامهل، ڪمبايه، سوباره، خابيرون، سندان، ماسويه، سئمور، سامونڊي پيٽ جهڙوڪ ائوبڪين، مند، ڪولم، ملي ۽ سنڌان وغيره. هندستان ۾ تمام گهٽا شهر آهن. جن مان هي مشهور آهن: مامهل، ڪمبايه، اساول، جناول، سندان، سئمور، جندور، سندور ۽ رومل. رڻ پٽ ۾ وري هي شهر آباد آهن: ڪلبتر، ائوگشت، لهزوارا ۽ لهاور.

ڪن مصنفن مامهل کي هندستان جي شهرن ۾ ڳڻيو آهي، پر گهڻن هن ماڳ کي سنڌ ۾ ڄاڻايو آهي. هيءَ ٽاڪ ان رڻ پٽ جي چيڙي تي قائم آهي. جيڪو ديبل ڪمبايا ۽ بانيه تائين پکڙيل نظر ايندو. هيءَ شهر وڻڪرو آهي. سياح سنڌ مان گذري هندستان ويندا آهن تہ هن ماڳ وٽان لنگهندا آهن. هتي واپار انڊو ڪاٽو هلندو آهي. هن جي اوسي پاسي ماڙهو تہ رهندا آهن. پر ميون جي پيداوار ڪانہ ٽيندي آهي. چوپايو مال ججهو ڏسبو. هتان کان بانيا رستي جيڪڏهن منصوره وڃبو تہ نَوَ ڏينهن لڳي ويندا. مامهل کان ڪمبايا پنجن ڏينهن جو سفر آهي. ڪمبايا سمنڊ کان ٽي ميل پري آهي ۽ ڏاڍو سهڻو شهر آهي. هتي هر ملڪ جو تجارتي مال نظر ايندو ۽ اهو هتان کان بہ ٻين ملڪن ڏانهن موڪليو ويندو آهي. هيءَ ٽاڪ اپسمنڊ جي هڪ چيڙي وٽ آهي. جتي واپاري ٻيڙا سولائيءَ سان

اچي لنگر هٽندا آهن. ماڻهن جي استعمال لاءِ تازو پاڻي ۽ جڇهو آهي ۽ ڪش ٻيٽ جي ڏاڙيلن جي ڊپ کان هتان جي راجا هڪ سگهارو قلعو ڏي ڇڏيو آهي. ڪمپاڻ کان ائوبڪين ٻيٽ تائين ايڊائن ڏينهن جو ساموندي سفر ٿيندو ۽ اتان کان ديبل تائين ٻه ڏينهن لڳي ويندا آهن. ڪمپاڻ ۾ ڪٽڪ ۽ ساريون جام ٿين. هتان جي جبلن ۾ هندستاني ڪنڙ Kana ملندا آهن. هتان رهاڪو بت پرست (ٻڌ) آهن. هند جا رهاڪو چور آهن. ڪمپاڻ کان هي۽ ماڳ ڇهه ميل ۽ سوباره پنجن ڏينهن جي سفر جيترو پري ٿيندو.

سوباره سمنڊ کان ڏيڍ ميل جي وٿي۽ تي آهي. هن شهر ۾ گهڻا ماڻهو آباد ڏسبا. تجارت جي لحاظ کان هندستان جو هي نهايت اهم ٽاڪ آهي. هتي سمنڊ مان موتي ڪڍيا ويندا آهن. باره نالي هڪ ٽاڪ پرسان هڪ ننڍڙو ٻيٽ آهي. جتي ناريل جا وڻ جام نظر ايندا آهن. هن ماڳ کان سندان تائين پنجن ڏينهن جو سفر آهي.

سندان سمنڊ کان ڏيڍ ميل پري آهي. منجهس ماڻهن جي جڇهي آبادي ڏسبي. هتان جا رهواسي پورهيت محنتي ۽ ڏاڍا ڏاها آهن. جيترا شاهوڪار ۽ دولتمند آهن. ايترائي ويڙهاڪ ۽ بهادر آهن. شهر تمام وڏو آهي. هتي برآمد ۽ درآمد گهڻي ٿيندي آهي. سندان جي اوپر پاسي ساڳئي نالي سان هڪ ٻيٽ آهي. جيڪو هندستان جي ماتحت آهي. ايراضي۽ جي لحاظ کان وڏو آهي. پوکي راهي ۾ منجهس جام ٿئي. ناريل. رتن (بيد) ۽ ڪٽا ۾ گهڻو ٿيندو آهي.

سندان کان سئمور پنجن ڏينهن جي پنڌ تي آهي. هي۽ وڏو ۽

سهڻو شهر آهي. ناريل تمام گهڻو نظر ايندو. جبلن ۾ بہ ڪي خوشبودار ٻوٽا ٿيندا آهن. جيڪي ٻاهرين ملڪن ڏانهن موڪليا ويندا آهن. هتي ميندي بہ تمام گهڻي ٿيندي آهي ۽ هيءَ بہ برآمدي جنسن مان هڪ آهي.

ڪولمبيءَ کان پنج ميل ساموندي سفر ڪبو تہ اچي مالي Mali پهچبو. جيڪو وڏو ۽ سهڻو شهر آهي. هي ماڳ هڪ پوڻي تي نظر ايندو. پر ڪو اتاهون جابلو علائقو نہ آهي. سندس مٿاڇرو سدائين سائو پيو نظر ايندو. هتي ڪندرينا Kandarena ۽ جيربتن Jirbatan جيان ڪارا مرچ ٿيندا آهن. ساري هندستان ۾ هنن ٽن ماڳن کان سواءِ ڪٿي بہ ڪارا مرچ ڪونہ ٿين. هيءَ اهڙو ٻوٽو آهي. جنهن جي ٽڙ واري ڪائي انگور جي ول جهڙي ٿئي ٿي. پن گهنجيل ۽ ڏگهو هوندو اٿس. سندس ڦر شبوڪا Shabuka جيان ٿئي. هر هڪ ڇڪي جي بچاءِ واسطي اهو پن مٿان ڏڪ ٿي بيهندو آهي. جڏهن مينهن وسي بس ڪندو آهي تہ اهو پن ڇڪي کان پري هٽي ويندو آهي. جيڪا اچرج جهڙي ڳالهہ آهي.

ڪابيہ. سوباره. سندان ۽ سئمور جا شهر هندستان جي حدن ۾ آهن. سئمور جو شهر راجا بلهرا جي ملڪ ۾ واقع آهي. سندس ملڪ گهڻو وسيع آهي. ماڻهن جي آبادي بہ جام نظر ايندي. سائو ڏاڍو ۽ سکيو ستابو ملڪ آهي. ملڪ مان محصول تمام گهڻو اڳرندو آهي. تنهن ڪري هتان جو راجا نهايت شاهوڪار آهي. هن ملڪ ۾ ڪيتريون ئي خوشبودار شيون پيدا ٿيندڙيون آهن.

بلهرا جي نالي جي معنيٰ راجائن جو راجا آهي. هتان جي

راجائن کي راج پنهنجي وڏڻ کان ورثي ۾ ملندا آهن. ساري هندستان ۾ اهو ساڳيو رواج آهي. هتان جو راجا جڏهن راڄگديءَ تي ويهندو آهي تہ کيس سندس پيءُ واري لقب سان سڏيو ويندو آهي. سندس مئي پڃاڻان اهو ساڳيو لقب سندس پٽ کي ملندو آهي. هيءَ هڪ اهڙي رسم آهي، جيڪا هتان جا ماڻهو چڏڻ نہ چاهيندا آهن. نيوبيا، زنج، گهانا، ايران ويندي روم تائين اهو ساڳيو اصول ورتايو ويندو آهي. عبدالله ابن خرداذبہ جي تصنيف جو هڪ حوالو موجود آهي، جيڪو هتي ورجائڻ جوگو معلوم ٿئي ٿو: "حڪمرانن کي لقب هميشہ ورثي ۾ ملندا آهن. چين جي حڪمرانن کي باغ بوغ Bagh bugh (يا باغبون) سڏيو ويندو آهي ۽ اهڙو لقب هر پيڙهي تائين هلندو رهندو آهي. هندستان جا راجا هي آهن: بلهرا، جابہ، طافير، حذر (جذر)، آبت، دمي (رهمي) ۽ کامرون. اهي سيئي راجائن جا نالا آهن. پيو عوام اهڙا نالا رکي نہ سگهندو آهي. اهڙا لقب انهن ماڻهن جا آهن، جيڪي راڄگدي تي ويهندا آهن. ترڪ، ٽبيٽ ۽ خذر جي حڪمرانن جو لقب خاقان هوندو آهي. خزلجي Khizlij حڪمران جو لقب وري خئي خويہ Khai Khuya هوندو آهي، جيڪو پٽ کي پيءُ وٽان ورثي ۾ ملندو آهي. رانہ Ranah جي حڪمرانن کي فنجب Fanjab سڏيو وڃي ٿو. روم جي حڪمرانن ي سيزر سڏين، جيڪو روم جي گاديءَ تي ويهي انهيءَ لقب سان پڪاريو وڃي ٿو. اغزز Aghzaz جي حڪمران کي شئي شا Shaisha يعني شهنشاهہ سڏين. اهو لقب بہ ورثي ۾ ملندو آهي. سوڊان پاسي وارن حڪمرانن کي سندن ملڪ جي نالي پٺيان لقب ڏين. گهان جي حڪمران کي

گهان ۾ کفہ Kaugha جي حڪمران کي کفہ Kaugha سڏيندا آهن. هن موضوع کي هاڻي هتي ڇڏيون ٿا.

هندستان جي شهرن مان کابيرون Khabirun ۾ اساول به آهن. پنهي شهرن ۾ ماڻهو جام رهن ٿا ۽ تجارت جي نقطہ نگاه سان به نهايت اهم شهر آهن. ماڻهو محنتي آهن ۽ کاپي جو هر وکر ٺاهي وٺندا آهن. جنهن وقت اسان هي سٽون لکي رهيا آهيون تہ ان وقت تائين مسلمان هندستان جي کيترن ملکن ۾ پهچي چڪا آهن ۽ کيترا تہ انهن فتح به ڪري ورتا آهن. جيڪڏهن خدا چاهيو تہ اسان انهن جي دنگئي ملکن جو به ذڪر ڪنداسين.

انون باب: هن حصي ۾ هندستان جي ساونڊي ڪناري جي شهرن ۽ ملکن جو ذڪر ڪيو ويندو. جن ۾ باروه Baruh (پڙوچ) سنداپور، بان (ٽان) ڪندرينہ، جيربتان، ڪلڪيان، لولووا، ڪنج، سمنديرون اچي وڃن ٿا. ملڪ جي اندرئين پاسي جا هي ماڳ آهن: دولک، جناول، نهرواڙه، ڪنڊار، رومل، ڪلبت ۽ اگوشت. هي ماڳ بيابان جي ڪناري سان واقع آهن: ڪابل، خواص، هسڪ، مريدس، مادبار، ٺٽو، داده (دره) مينبار (ملبار)، مالوا، يناست، اتراسا، پنج، ڪشمير (هيئيون) مئدره، ڪشمير (متيون) ڪارموت، قنوج، راستان، هندستان جا بيٹ هي آهن: ملن، بلبڪ، ترواڪليج، مسنہ ۽ سمداره متي ڏنل سيني ماڳن جو ذڪر ڪيو ويندو. منجهن جيڪي خاص ڳالهيون آهن، تن جو به کهڙي بيان ڪيو ويندو.

باروه (پڙوچ): هي، هڪ وڏو ۽ نهايت خوبصورت شهر آهي

هن شهر جون جايون پکيون ۽ گچ سان لتل آهن. هتان جا رهواسي تجارتي ڏنڊي سان لاڳاپيل ۽ دولمتند آهن. هو هڪدم بنا ڏسڻ جي پتن پارن تي واپار ۾ ٺهي ويندا. مهم جو ۽ اورچ به ڏاڍا آهن. هي سامونڊي بندر به آهي. هتي چين ۽ سنڌ کان آيل تجارتي ٻيڙا بيندل نظر ايندا. هتان کان سئمور تائين ہن ڏينهن جو سفر آهي ۽ نهر واڙه ڏهن ڏينهن جو پنڌ ٿيندو. جتان ملڪ جو سئون سڌو علائقو هوندو آهي ته سفر گاڏين تي ڪيو ويندو آهي. نهر واڙه علائقي جي اوسي پاسي ڏاند گاڏين کان سواءِ سفر جي ٻي سواري نه هوندي آهي. تجارتي مال به انهن گاڏين وسيلي هڪ هنڌان ٻئي هنڌ ڏويو ويندو آهي.

باروه ۽ نهروارا جي وچ تي به شهر آهن. جن مان هڪ کي حناول Hanawal (جناول) ۽ ٻئي کي دولڪ سڏيو ويندو آهي. ٻئي شهر هڪ جيترا آهن ۽ ٻئي هڪ ٻئي کان هڪ ڏينهن جي پنڌ کان گهٽ مفاصلي تي آهن. دولڪ وارو ماڳ ان نديءَ جي ڪنار سان آباد آهي. جيڪو اڳتي وڃي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو آهي ۽ ڇوڙ واري ماڳ جي اولهه پاسي باروه جو شهر اڏيل نظر ايندو آهي. هن شهر جو ٻيو نالو بروس به آهي. اهي ٻئي شهر اندرن Undaran (14) نالي هڪ جابلو سلسلي جي ڪچ ۾ آهن ۽ اهو جبل سندن اتر طرف کان نظر ايندو. جيڪو رنگ ۾ اڇو ۽ ٿورو ڪيرو آهي. هتي ڪٿا (لکٹن وارو بيد) ٿيندو آهي. ڪٿي ڪٿي ناريل جا وڻ به نظر ايندا. حناول Hanawal شهر جي پرسان اساول (15) جو شهر واقع آهي. هن جي

ايراضي مٿي بيان ڪيل ٻن شهرن جيتري ۽ آدمشماري ۽ ايتري ٽيندي. هنن ٽنهي شهرن ۾ تجارت تمام گهڻي هلندي آهي. نهرواڙه ۾ مهاراجا بلهرا رهندو آهي. ڪيس لشڪر ۽ هاٿي تمام گهڻا آهن. ٻڌ ڌرم سان تعلق اٿس. مٿي تي سونو ڇٽ رکندو آهي ۽ ڪپڙا نهايت قيمتي اوڍيندو آهي. سواري گهڻو ڪري گهوڙي تي ڪندو آهي. هفتي ۾ هڪ پيرو سئو کن سهڻين عورتن سان ٻاهر نڪرندو آهي. جيڪي نهايت خوبصورت ۽ ننڍن کان وٺي چوٽيءَ تائين سونن ڳهن سان جهنجهيل هونديون آهن. مهاراجا اڳ ۾ هوندو آهي ۽ پٺيان اهي عورتون پاڻ ۾ پوڳ چرچا ڪنديون هلنديون آهن. ان وقت ساٺس گڏ وزير ۽ فوجي مهندار نه هوندا آهن. هيءَ حڪمران کين ڌارئي حملي ۽ بغاوت وقت ساڻ کڻندو آهي. سندنس فوج ۾ هاٿين جو انگ تمام گهڻو آهي. ان ڪري سندس لشڪر کي نهايت سگهارو سمجهيو ويندو آهي. سندن لقب کين ورثي ۾ ملندو آهي. سندس لقب بلهرا آهي. جنهن جي معني آهي راجائن جو راجا. نهرواڙه شهرن ۾ مسلمان واپارين جي تمام گهڻي اڇ وڇ آهي. هي مهاراجا ۽ سندس وزير مسلمانن کي گهڻي عزت ڏيندا آهن ۽ سندن بچاءَ ۾ ڪندا آهن.

هندستان جا ماڻهو نياڻ ۽ نيت پت وارا آهن ۽ ڏهاڙيءَ واري ڪاروباري زندگي ۾ ان کي هٿان نه ڇڏيندا آهن. هو ڏاڍا سچار ۽ سپتيا ۽ ڪم ڪرڻ ۾ نهايت ايماندار آهن. انهن ڳٽائيتن ڳالهين ڪري هنڌين ماڳين مشهور آهن ۽ ماڻهو به الائي ڪٿان ڪهي هتي ايندا آهن. ان ڪري سندن ملڪ ريان ڪيان ۽ سکيو ستابو آهي. ماڻهن وٽ ڌن دولت ججهو آهي. منجهن هڪ اهو گڻ به آهي ته سچ

سان ڏاڍو پيار ڪندا آهن. ڪوڙ ۽ بہ چاپڙائيءَ کان گهٽي بچان ڪن. جيڪڏهن گهٽي وقت کان پوءِ ڏيٽي وارو لهٽي واري کي رستي ۾ ملي ويو تہ لهٽي وارو زمين تي هڪ گول ليڪو ڪيندو. ڏيڻ وارو ايڏي اخلاقي جرئت نہ ڪندو جو ليڪو لتاڙي باهر نڪري. پر هُو اڳ ۾ ڪيس لهڻو واپس ڪندو يا مهلت گهرندو يا ان کان بخشائيندو. تنهن ڪانپوءِ ليڪي کان باهر نڪرندو.

نهر واڙه جا رهواسي چانور، دالين وغيره شوق سان کائن. مڇي، جانور جيڪڏهن پنهنجي مريءَ مرندا تہ کائيندا آهن نہ تہ انهن کي ماري يا کهي نہ کائيندا آهن. چاکاڻ تہ ائين ڪرڻ پاپ سمجهندا آهن. سندن جانور جڏهن ڪراڙا ٿيندا، ڪم ڪرڻ جهڙا نہ رهندا تہ کين چرڻ لاءِ جهنگ ۾ ڇڏي ڏيندا آهن. کين چارو بہ ڏيندا آهن، پر کائڻ ڪم ڪار ڪونہ ونڊندا آهن. وٽن ڳائي مال جي وڏي عزت آهي. جڏهن سندن چوپايو مري ويندو آهي تہ کين دفن ڪيو ويندو آهي.

هندستان جا ماڻهو مڙهه کي لٽڻ بدران ساڙيندا آهن. جڏهن هتي ڪو راجا مري ويندو آهي تہ سندس مٽ کي مساڻن تائين نيڻ واسطي هڪ گاڏي تيار ڪئي ويندي آهي. جيڪا زمين کان رڳو بہ چاڙهيون مٿي هوندي آهي. راجا جو مڙهه ان گاڏي مٿان رکيو ويندو آهي. مٿائنس چت ۽ ٻيا سونا ڇهه رکيا ويندا آهن. پوءِ ان گاڏيءَ کي ساري شهر ۾ گهمايو ويندو آهي. سندس مٽو اگهاڙو رکيو ويندو آهي. ان جا ڏگها وار گاڏيءَ کان هيٺ ڏرتتي تي گهلبا هلندا. گاڏيءَ کان اڳيان پڙهي ڏيڻ وارو هڪ خاص پڙهو ڏيندو هلندو. جنهن جو مفهوم

هيءَ ٿي سگهي ٿو: "اي لوڪو! پنهنجو راجا فلاڻو پٽ فلاڻي جو ڏسو. هن پنهنجي زندگي ڏاڍي خوشي ۽ دٻدٻي سان گذاري ۽ هاڻي پر لوڪ پڌاري ويو. جنهن مال مڏيءَ جو هو مالڪ هو سا هاڻي سندس ڪاڻ رهي آهي. هن وٽ هاڻي ڪجھ بہ ڪونہ رهيو آهي. ڪيس هاڻي ڪنهن درد سور جو احساس ڪونہ رهندو ۽ جيڪو هو رستو ڏيکاري ويو آهي، تنهن تي توهان کي ضرور هلڻو پوندو." جڏهن سيئي ڪريا ڪرم پورا ٿي ويندا تہ پوءِ ڪيس مساڻن ڏانهن نيو ويندو. جتي راجائن جا مڙهہ چتا چاڙهيا ويندا آهن. ان مهل هتي جا ماڻهو ماتم پٽڪو يا روج راڙو ڪونہ ڪن. هند ۽ سنڌ جي سڀني ملڪن ۾ مسلمان آباد آهن. جڏهن انهن مان ڪو مري ويندو آهي تہ ماڻ ڪري رات جي وڳڙي ۾ مٽ پنهنجي گهر اندر پوري ڇڏيندا آهن ۽ هتان جي رهاڪن جيان روج راڙو بہ گهٽ ڪندا آهن. بلهرا جي ملڪ ۾ پرٽيل عورت کان سواءِ ٻي هر عورت سان تعلقات پيدا ڪرڻ جي اجازت هوندي آهي. اهڙيءَ ريت هر ماڻهو پنهنجي ڏيءَ ڀيڻ ۽ ماسي سان جنسي طور ملي سگهي ٿو پر شرط اهو آهي تہ اهي پرٽيل نہ هجن.

باروه جي سامهون سمنڊ ۾ قلن نالي هڪ ٻيٽ آهي، جتي ڪارا مرچ تمام گهڻا ٿيندا آهن. هي ماڳ سندان کان ٻن ڏينهن جي سفر تي آهي. سندان کان بلڪ بہ ساڳيءَ ريت ٻن ڏينهن جي فاصلي تي آهي، جتي ناريل، انجير، ڪيلا ۽ چانور گهڻا ٿين. هن ماڳ وٽان هندستان جي ٻين بندرن ڀيڻڙ وارا جهاز رخ موڙيندا آهن. هتان کان ٻن ڏينهن جي پنڌ تي هڪ وڏي غار آهي. بلڪ ٻيٽ کان "سراندیپ" هڪ ڏينهن يا ٻورو وڌيڪ پنڌ تي ٿيندو. باروه جي شهر

وٹان جيڪڏهن ساموندي ڪنارو ڏئي چار ڏينهن سفر ڪبو تہ اچي سندابور پهچبو. هي شهر هڪ نار وٽ واقع آهي. جتي هر قسم جا واپاري ٻيڙا اچي ٻيهندا آهن. مذڪوره ماڳ اهم تجارتي مرڪز آهي. هتان جون جايون بہ ڏاڏيون سهڻيون آهن ۽ بازاريون بہ هر تجارتي وکر سان ڀريل ڏسبيون. هتان بانہ چئن ڏينهن جي پنڌ تي آهي. جيڪو سمنڊ کان بہ چئن ڏينهن جي پنڌ تي آهي. بانہ (ٹانہ) ساموندي نار تي نهايت سهڻو شهر آهي. جتي هر قسم جا تجارتي ٻيڙا ٻيا ايندا ويندا ڏسبا. پرپاسي وارين ٽڪرين ۾ ڪٹا ۽ تباشير ملندو آهي. ڪٹا جون پاڙون اوپر ۽ اولهہ وارن ملڪن ڏانهن موڪليون ويندیون آهن. هتي تباشير کي عاج جي خاڪ سان ملايو ويندو آهي. اصلي تباشير کاني جهڙي هڪ ٻوڙي جي پاڙ ۾ ملندو آهي. جنهن کي شرڪي Sharki سڏيندا آهن. بانہ کان فندرينہ (16) (فندرينہ) چئن ڏينهن جي پنڌ تي آهي. فندريہ هڪ درياهہ جي ڇوڙ وٽ واقع آهي. جيڪو منبر (ملبر) کان وهندو هتي پهچي ٿو. هتي سنڌ ۽ هندستان جي ٻين ملڪن کان ايندڙ جهاز اچي ٻيهندا آهن. هتان جا رهواسي دولتمند آهن ۽ بازاريون واپاري وکر سان ڀريل آهن. تنهن ڪري واپار جام آهي. هن ماڳ جي اتر پاسي هڪ اتاهون جيل آهي. جنهن تي ڪيترا ڳوٹ ۽ چوپائي مال جاڏٹ نظر ايندا. هتي ننڍا ڏوڻا جام ٽين. هن وکر سان لاڳاپيل واپار بہ تمام گهٹو هلي. سٹيءَ جي ٻوٹي جيان منجهس ڏينڈو ٽيندا آهن. جنهن ۾ اندر ڏوڻا نظر ايندا. فندرينہ کان "جيربتن" پنجن ڏينهن جي پنڌ تي. اهو هڪ ننڍي ندیءَ جي ڪناري واقع آهي. هتي ساريون ۽ ٻيو اناج

گھٹو ٿئي. جيڪو سراندیپ موڪليو ويندو آهي. پر وارن جبلن ۾ ڪارا مرچ ٿين. جيربتن کان سنجي ۽ ڪکسار ٻن ڏينهن جي سفر تي آهي. ٻنهي جي پرسان سامونڊي شهر آباد آهن. پرپاسي وارن علائقن ۾ ساريون ۽ ٻيو اناج گھٹو پيدا ٿئي ٿو. هتان کان ڪيلڪايان هڪ ڏينهن جو پنڌ آهي. ڪيلڪايان کان لولو ۽ ڪنجہ هڪ ڏينهن جو سفر ٿيندو. اوسي پاسي واري ملڪ ۾ سکر سٽائي ڏسبي. ساريون ۽ ڪڪ گھٹي پوکي وڃي ٿي. هتي هڪ قسم جووڙ ٿيندو آهي. جنهن کي سپن Sapan سڏيو ويندو آهي. هتي سامونڊي ڪناري سان زهريلي ٻوٽي Oleander پڻ ٿيندي آهي. جيڪا سدائين گل ڪڍيو ٻيٽي هوندي آهي. هتي ناريل جا وڻ ب ڄجها ڏسبا. ڪنہ کان سمدار تائين ٽيهہ ميل فاصلو ٿيندو.

سمندار هڪ وڏو شهر ۽ تجارتي مرڪز آهي. ماڻهو دولمتند آهن. هتي واپار ۾ گھٹو فائدو ٿيندو آهي. هي بندر قنوج جي راجا جي ماتحت آهي ۽ ڪشمير کان وهي ايندڙ هڪ درياہ جي ڪناري سان آباد آهي. هتي هر قسم جو اناج ٿئي ٿو. خاص طور ڪڪ تمام اعليٰ قسم جي ٿيندي آهي. مذڪوره جوءِ ۾ اگر ڪاڪ ڪاموت (ڪامروپ) منجهان گھرايو ويندو آهي. جيڪو هتان کان پندرهن ڏينهن جي سفر تي ٿيندو ۽ مٿي بيان ڪيل درياہ سان ٻيڙيءَ وسيلي سفر ڪري اتي پهچبو آهي. مذڪوره عود يا اگر ڪاڪ گھٹي سڳنڌ وارو ٿئي. جيڪو ڪارن نالي پهاڙي علائقي ۾ ٿئي ٿو. اتان کان هڪ ڏينهن جو پاڻي وارو سفر ڪري اچي هڪ ٻيٽ تي لهبو. هتي ماڻهن جي آبادي تمام گھٹي آهي. واپاري ب هر ملڪ جا پيا نظر ايندا.

مذکوره ماڳ. سراندیب کان چئن ڏينهن جي پنڌ تي اتر طرف ٿيندو. جيڪو سڄي هندستان ۾ تمام گهٽو مشهور آهي ۽ قنوج جي حڪومت هيٺ آهي. ڪمشير کان ڪاروت چئن ڏينهن جي پنڌ تي ٿيندو. جڏهن ته قنوج ستن ڏينهن جو پنڌ آهي. هي شهر نهايت اهم تجارتي مرڪز آهي ۽ هتان جي راجا جي نالي ڪري مٿس اهو نان، پيو آهي. هي وڏي درياه جي ڪنار سان واقع آهي. جيڪو موسلہ (17) ۾ وڃي ڇوڙ ڪندو آهي. اهو درياهہ ڪارن جبلن مان وهي اچي ٿو ۽ اسنانڊ نالي شهر جو پاسو ڏئي لوٽيہ جبل وٽان وهي. ڪليڪايا شهر سان گهندي ڏئي نيٺ وڃي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو آهي. ڪتاب الاسرار جي مصنف هن موسلہ درياه کي خوشبو. جو درياه ڪري سڏيو آهي. ڇاڪاڻ جو سندس ٻنهي ڪنارن سان تمام گهڻا خوشبودار ٻوٽا ايرندا آهن. رسناند ۽ ڪشمير جي وچ تي چئن ڏينهن جو پنڌ آهي. هي هندستان جي تمام مشهور شهرن مان هڪ آهي. هتان جا رهاڪو سدائين ڪافر ترڪن سان جنگ ڪندا رهندا آهن. خزلجي ترڪ هنن لاءِ اٽيهئي ڏڇو آهن. ڪشمير کان اتراسا جو ماڳ جيڪو گنگا جي ڪناري سان آباد هڪ شهر آهي (18) چئن ڏينهن جي سفر تي آهي. هي، هڪ وڏو قلعبند شهر آهي. هن شهر ۾ درياه جو مٿو پاڻي تمام گهٽو اچي ٿو. قنوج جي نهايت وسيع علائقي جو نهايت مضبوط قلعو آهي. جنهن جو دنگ ڪابل ۽ لهاور سان وڃي ملندو آهي. هن ملڪ جي راجا وٽ تمام وڏو لشڪر آهي. حڪمران بہ هڪ وڏي ملڪ جو آهي. سندس لشڪر ۾ هاٿين جو ڄجهو انگ آهي. سندس طاقت ۽ دولت جو انت ڇيهہ ئي ڪونہ آهي.

هن جون فوجون بہ ڏاڍيون ويڑهاڪ آهن. اتراسان کان ونڊي يانسات Yanasat (بنارس) تائين پنجن ڏينهن جو پنڌ آهي. هيءَ گنگا نديءَ تي ڪناري تي هڪ وڏو شهر آهي. اتان کان وري مديار Madiar تائين ستن ڏينهن جو پنڌ آهي. هيءَ ٽاڪ بہ گنگا ڪناري واقع آهي. منجهس گهٽا ماڻهو آباد آهن. اهم تجارتي مرڪز آهي. سندس چوڌاري ڪيترائي ننڍا وڏا ڳوٺ ڏسڻ ۾ ايندا. هتان نهرواڙه ستن ڏينهن جي پنڌ تي آهي. جنهن بابت مٿي بہ ذڪر اچي ويو آهي. مديار کان مالوا پنجن ڏينهن جي فاصلي تي واقع آهي. مالوا بہ نهايت سهڻو شهر آهي. ڪيترا ماڻهو پيا هتي ايندا ويندا ڏسبا. سندس چوڌاري ڪيترا ڳوٺ، شاندار جڳهون ۽ ساوا کيت نظر ايندا. درهہ يا ٻڌ ۽ ٽڪ سندس ماتحت علائقن مان آهن. مالدا کان ٻڌ تائين چئن ڏينهن ۽ ٻڌ کان ٽڪ ٻن ڏينهن جو پنڌ آهي. لاهور جو علائقو ٽڪ Tata سان دنگئي آهي (19) موريدس کان ٽڪ تائين سفر ۾ ٽي ڏينهن لڳندا آهن. موريدس هڪ تجارتي شهر آهي. مضبوط قلعو اٽس جتي ڪابل جي حڪمران جون فوجون رهنديون آهن. هيءَ ٽاڪ اتاهين جبل جي لاهونديءَ ۾ آهي. هتان ڪنا Kana ۽ خئزورن Khaizuran گهٽي ٽيندي آهي.

قندهار جو شهر هڪ جابلو علائقي ۾ واقع آهي. جنهن جو مٿي بيان ٽي چڪو آهي ۽ موريدس کان اٽن ڏينهن جي سفر تي ٽيندو. جڏهن هڪ کان ٻئي شهر ڏانهن وڃبو آهي تہ گس ڪنهن نہ ڪنهن جبل تان گذرندو آهي. هي هڪ وڏو شهر آهي ۽ ماڻهو بہ منجهس جام رهندا آهن. هتان جا ماڻهو ڏگهين ڏاڙهين ڇڏائڻ ۾

مشهور آهن. سندن ڏاڙهيون گهاٽيون ۽ ايڏيون ته ڊگهيون آهن جو سندن گوڏن تائين پيون پونديون. سندن ڊگهي ڏاڙهي چوٽي بڌجي وئي آهي. بت پرست سگها ۽ ستر وتر آهن. لباس ترڪن جهڙو اٽن. هن ملڪ ۾ ڪٽڪ ساريون ۽ هيو اناج جام ٿيندو آهي. چوپائي مال ۾ ڍڳن ۽ رڍن جي گهٽائي ڏسبي. هتان جا ماڻهو رڍون ڪهي ڪونہ کائن. جيڪا رڍ پنهنجي موت مري ويندي آهي ته اها کائيندا آهن. پر ڍڳي جو گوشت کونہ واپرائين. قندهار کان نهرواڙه گاڏين وسيلي چئن ڏينهن جو پنڌ آهي. هتان جي جابلو علائقي ۾ اگر ڪاٺ ۽ بهترين جنس جون هريڙون ٿيندیون آهن. جنهن کي هن شهرجي نالي پٽيان ڪابولي هريڙون سڏيو ويندو آهي. پرپاسي ۾ ناريل به ٿيندو آهي. هتان هيناهن علائقن ۾ زعفران جي پوک جام ٿيندي آهي. هي هڪ اهم واپاري وکر آهي. جيڪو ٻاهر موڪليو ويندو آهي. هيءَ پوک هڪ خاص آبهوا تي مدار رکي ٿي. جيڪڏهن آبهوا صحيح نہ هوندي ته پورهيو ئي پاڻي ۾. قندهار جو قلعو نهايت سگهارو آهي. جيڪو هڪ الڳ ٽڪريءَ تي اڏيل نظر ايندو. منجهس داخل ٿيڻ لاءِ فقط هڪ رستو آهي. اتي هاڻي مسلمان آباد آهن. سندن هڪ حصي ۾ يهودي به رهن ٿا. ڪنهن به حڪمران کي تيستائين شاه جو لقب ڪونہ ملندو آهي. جيستائين ان جي تاجپوشي ڪابل ۾ نہ ٿيندي آهي. آڪاڻين ريتن رسمن موجب حڪمران کي سياسي سگهہ ڪابل وسيلي ملندي آهي. تنهن ڪري مختلف ملڪن جا ماڻهو به هتي ايندا ويندارهندا آهن. هتان جي آباد علائقي ۾ نير جي پوکي ڪاهي ويندي آهي ۽ سڀءَ جنس جو

نير اپايو وڃي ٿو. هن شهر جو گهڻو احترام ڪيو ويندو آهي ۽ واپار ۾ وڏي پيماني تي هلندو آهي. هتي سوٽي ڪپڙو ۽ تيار ٿيندو آهي. جيڪو چين، خراسان ۽ سنڌ موڪليو وڃي ٿو. هن ماڳ جي پر وارن جبلن ۾ لوهه جون کاڻيون آهن. اهو ڏاتو خاڪي رنگ جو ٿيندو آهي. منجهائس جوڙيل هٿيار اوزار ڏاڍا تکا ٿين. ارزلان، خواص ۽ خيبر، ڪابل جا ماتحت علائقا آهن. ان کان علاوه ٻيا ۽ ڪيترا قلعبند شهر ۽ ڳوٺ هن سان شامل آهن. ڪابل کان خواص تائين چئن ڏينهن جو پنڌ آهي. خواص کان هسڪ تائين پنج ڏينهن لڳندا آهن. ۽ هسڪ کان ڪابل ٽن ڏينهن جي سفر جيترو پري ٿيندو. سفر ڪرڻ وارو هيءَ علائقو گهڻو ڏکيو ڪونہ آهي. اتان ڪلبٽ تائين چار ڏينهن لڳي ويندا آهن. هي ماڳ ۽ رومل ان بيابان جي ڪناري سان واقع آهن. جيڪو سجستان کي ملتان کان الڳ ڪري ٿو. هنن ٻنهي شهرن ۾ سنڌي رهندا آهن. منجهن ٽورو هصو سجستان جي ماڻهن جو ۽ آهي. اهي ماڻهو هتي پوکي راهي ڪري ڪڻڪ ساريون ۽ ميوات اپائيندا آهن. ملتان کان اوپر پاسي چئن ڏينهن جي پنڌ جيرو پري ائوگشت نالي هڪ شهر آباد آهي. اهو شهر قندهار کان ۽ ساڳي پنڌ تي آهي. هن علائقي ۾ ڪنا (بيد) ٽورو پيدا ٿيندو آهي. هتي ماڻهو ٽورا آباد ڏسبا ۾ دولتمند آهن. رومل کان هيءَ ماڳ ڏهن ڏينهن جي پنڌ تي آهي. رومل کان ڪلبٽ وڃڻ لاءِ ٽي ڏينهن لڳي ويندا آهن. ائوگشت کان سندور ٽن ڏينهن جي سفر جيترو پري ٿيندو.

ڪتاب جي هن حصي سان لاڳاپيل احوال بس ايترو آهي. جيتري قدر ساموندي علائقي جي احوال جو تعلق آهي. تنهن کي ۽

ٻيٽن جو حال احوال ڏئي پورو ڪيو ويو آهي. جيڪو پنهنجي پر ۾ مڪمل سمجهڻ گهرجي. پر پوءِ ٻ سراندين ٻيٽ جو وري ٻ ذڪر ڪجي ٿو. علائقي سان لاڳاپيل ڪجهه احوال مٿي ڏنو ويو آهي. جيڪڏهن وڏي ٻيٽ ڏانهن وڃڻ لاءِ سولو ۽ سڌو رستو اختيار ڪيو وڃي ٿو ته مسافر کي جيرباتن وٽ لهڻو پوندو. (20) جيڪو ساموندي ڪناري سان ڏيڊ ڏينهن جي ٻيڙي جي سفر جيترو پري ٿيندو. اتان کان جيڪڏهن اوپر هلڻ ضروري آهي ته ڪڪسار وٽ لهڻ گهرجي يا امري نالي جبل جي ڪچ وٽ. هيءَ نهايت اٽاهين جبل آهي. جيڪو اتر ڏانهن ويندو نظر ايندو. ان جي هڪ ٽونڊ سمنڊ ۾ اندر ٻ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. اتان کان سراندين چئن ڏينهن جو سفر ٿيندو. هن جبل جو مٿاڇرو سپن ڪاٽ سان ڀڪيل ڏسبو آهي. جيڪو ٻاهرين ملڪن ڏانهن موڪليو وڃي ٿو. هن جي ڪائيءَ کي ڪڪ سنگهيل ساٿهوءَ لاءِ هڪ ٽڪ علاج سمجهيو ويندو آهي.

اسرار البلاد
زكريا قزويني

اقتباس

ڪولم Kulam: هي هندستان جو هڪ نهايت مشهور شهر آهي. مسعر بن مهلهل هيءَ شهر پاڻ ڏوري وڃي ڏٺو هو. سندس بيان آهي ته هن نه ته اتي ڪو مندر ڏٺو هو. ۽ نه ئي وري ڪو بت سندس نظر تي چڙهيو هو. جڏهن هتان جو راجا مري ويندو آهي ته ماڻهو ٻيو راجا چونڊيندا آهن. هن شهر کان سواءِ ساري هندستان ۾ ڪو ويچ طبيب ڏسڻ ۾ ڪونه ايندو. هتان جون جايون به اچرج

جھڙيون آهن. چاڪاڻ تہ انهن جا ٿلها مڇين جي چلرن سان ڀڪي چاڻيندا آهن. هتان جا رهواسي مڇي کوڻ کائن. کو جانور کوڻ ڪُنهن. چو تہ ائيں ڪرڻ هو پاپ سمجهندا آهن. پر جيڪي جانور پاڻ مري ويندا آهن، تن جو گوشت ضرور کائيندا آهن. هن علاقي جا ماڻهو ٺڪر جا ٺانو ڏاڍا ناهوڪا جوڙين. جيڪي چين جي ٺاهيل ٺانون جيان اسان جي شهرن ۾ اچي وڪامندا آهن. هتان جا ٺانو چيني ٺانون کان ڪجهہ نيارا آهن. چاڪاڻ تہ چين جي مٽي ڪجهہ وڌيڪ سخت آهي ۽ ٺانون مٽان اڪر لڪيل هوندا آهن. ہيو تہ ڪولمبا ٺانو ڪارسرا ۽ چيني ٺانو ڪجهہ سفيد هوندا آهن. هتي ساڳ جو وڻ بہ تمام گهڻوٿيندو آهي. جيڪو هڪ سو پرهہ ڏگهو ٿئي. برزيل، رتن ۽ ڪنا بہ هتي جام هوندو آهي. روبرب Rhuebarb بہ هتي ٿئي ٿو. جنهن جي پن کي سازج الهندي سڏيو ويندو آهي. جيڪو اکين جي بيماريءَ دوا طور ڪتب اچي ٿو. هن جوءِ مان اگر ڪاٺ (عود) ڪافور ۽ لوبان بہ ايندو آهي. چيو ويندو آهي تہ اگر ڪاٺ خط استوائي ڪان پريان وارن ملڪن کان اچي ٿو. جنهن جو وڻ ہوتو ڪنهن ڪوڻ ڏنو آهي. هتي پاڻي اتر پار کان اچي ٿو. هن علاقي ۾ گندرف ۽ تامي جون کاڻيون پڻ آهن. انهن جي گهاٽي دونهين مان توتيو ٺهي پوندو آهي.

ملتان: (قزويني‌ءَ هن ماڳ بابت ڪجهہ احوال ابن حوقل تان ورتو آهي ۽ گهڻو ٻين ذريعن تان بہ ڪنيو اٿس جيڪو هيٺ ڏجي ٿو). مسعر بن مهلهل جو بيان آهي تہ هندستان ۾ چين جي سنڊي تي هي پچاڙيءَ وارو شهر آهي (3). هي وڏو قلعبند ۽ نہ فتح ڪرڻ جوگو شهر

آهي. هندن ۾ چين جي ماڻهن لاءِ نهايت پوتر آستان آهي. چاڪاڻ ته هتي نهايت وڏو مندر آهي ۾ ماڻهو پري پري کان ڪهي هن مندر جي ياترا لاءِ اتي ايندا آهن. هيءَ ماڳ هندن لاءِ ايترو مقدس آهي. جيترو مسلمانن لاءِ مڪو. هتان جا رهاڪو مسلمان ۽ هندو آهن. پر حڪومت مسلمانن جي آهي. شهر ۾ هڪ پراڻو مندر آهي. جنهن ۾ بڌ جو وڏو بت رکيل آهي. جامع مسجد هن مندر جي ويجهو آهي. اسلام هتي ٻيني مذهبن مٿان غالب نظر ايندو ۽ ان جي احڪامن کي گهٽي مڃتا مليل آهي. هي بيان مسعر بن مهلهل جي روايت موجب آهي. ساڳئي مصنف جو وڌيڪ بيان هن ريت آهي. "ته هن وهار مندر جي چوٽي ٽي سو پرهه اوچي آهي. منجهس رکيل بت ويهه پرهه اوچو ٿيندو. داسن ۽ چيلن جا گهر وهار مندر جي چوڌاري اڌيل نظر ايندا. پرپاسي جي ڳوٺن کان سواءِ ملتان شهر ۾ بت پرست نظر ڪونہ ايندا. ملتان جو مسلمان حاڪم ان وهار/مندر کي ڌاهي ناس ڪرڻ ڪونہ ٿو چاهي. چاڪاڻ جو هن وهار مندر تي پيٽ لاءِ ايندڙ شيون هو پاڻ وصول ڪندو آهي ۽ چيلن ۽ داسن جي خرچ لاءِ رقم ادا ڪندو آهي. جڏهن پرپاسي جا هندو ملتان تي حملو ڪندا آهن ته مسلمان بت کٽي وڃي سامهون ٿيندا آهن ۽ کين ڏڪو ڏيندا آهن ته جيئڏهن مسلمان تي حملو ڪيو ويو ته مسلمان بت پڄي پورا ڪري چڏيندا يا پاڻ ۾ ساڙي رک ڪري چڏيندا. هندو اهو ڏسي ڀڏي موٽي هلبا ويندا آهن.

سئمور: هيءَ شهر سنڌ ۽ هندستان جي دنگ تي واقع آهي. هتان جا ماڻهو ڏاڍا سهٽا آهن چاڪاڻ جو اهي هندستانين ۽ ترڪن

جو گڏيل نسل آهن. هتي مسلمان، يهودي، عيسائي ۽ مجوسي بہ نظر ايندا. ترڪن ڏانهن ويندڙ واپاري وڪر هن شهر مان موڪليو ويندو آهي. هتان جي اگر ڪاٺ کي سئموري بہ هن شهر ڪري سڏيو وڃي ٿو. سئمور جو وڏو مندر هڪ اٺاهين درّي تي تعمير ٿيل آهي. هتي ڪي مورتيون فيروزي پٿر ۽ بائيجاڪ (4) جون ٺهيل نظر ايندين، جن جي تمام گهٽي عزت ڪئي ويندي آهي. هن شهر ۾ مسلمانن جون مسجدون، هندن جا مندر، عيسائين جون گرجائون ۽ يهودين جا هيڪل ڏسڻ ۾ ايندا. هتان جا هندو گوشت، مڇي ۽ آنا ڪونہ کائن. پر ڪي ماڻهو اهڙا بہ آهن، جيڪي اتفاقي مري ويل جانورن جو گوشت کائن ٿا. باقي بيماريءَ وڌهي مئل ڏجانور جي گوشت کي هٿ بہ ڪونہ لائن. هيءَ ڄاڻ مسعر بن مهلهل جي ڪتاب عجائب البلدان تان ورتي وئي آهي. جنهن جي مصنف سفر ڪري اهي ڳالهيون پاڻ اکين ڏٺيون.

سومنات: سمنڊ جي ڪناري سان هندستان جو هيءَ شهر مشهور شهر آهي. سمنڊ جون چوليون اچي هن شهر جي پٽين سان لڳنديون آهن. منجهس هڪ مندر آهي، جنهن ۾ رکيل بت دنيا جي عجائبن ۾ شمار ٿيندو آهي. جو نہ ڏرتيءَ تي بيٺل آهي ۽ نہ ورڀ مٿان ڪنهن شيءِ ۾ لڙکيل آهي. ائين ڏسبو تہ ڄڻ هوا ۾ ٽنگيو بيٺو آهي. هندو يا مسلمان جيڪو بہ هن کي ڏسندو آهي واڙو ٿي ويندو آهي. چند گرهڻ واري موقعي تي هزارين ماڻهو لکين هندو اچي گڏ ٿيندا آهن. سندن ويساهہ آهي تہ سندن مري ويل مائٽن جون آتمائون هتي اچي گڏ ٿيندڙن آهن ۽ هن بت جي چوڌ تي جوڌ بدلائي

مختلف ساه وارن جي جسم ۾ هليون ويندڙيون آهن. سمنڊ جي چولين ۽ ويرن لاءِ چيو ويندو آهي ته خود سمنڊ به الائي ڪٿان ڪهي هن بت جي ياترا لاءِ ايندو آهي. جيڪي ماڻهو هن مندر جي ياترا تي ايندا هئا، سي نهايت قيمتي شيون ڪٽي اچي پيٽا طور ڏيندا هئا. هن ڪان علاوه ڏهن هزارن ڳوٺن جي اپت به هن مندر جي نالي وقت ٽيل هئي. هندستان ۾ گنگا نديءَ کي نهايت پوتر سمجهيو ويندو آهي. جيڪا هتان کان به سو فرسنگ پري ٽيندي. پر اهڙو بندوبست ڪيل هو جو سومنات جي بت کي ڏهاڙي گنگا جي تازي جل سان اشنان ڪرايو ويندو هو. هڪ هزار برهمڻ روزانو هن بت جي پوجا ڪندا هئا ۽ پنج سو داسيون هن مندر جي دروازي تي ناچ ڪنديون ۽ پڄن ڳائيندڙيون هيون. انهن سڀني جو خرچ ياترين جي آندل پيٽائن تي هلندو هو. مندر جي جاءِ ساڳ وڻ جي پنجاه ٽنين تي بيٺل هئي. جن مٿان سيڀي جا پٽ چڙهيل هئا. مندر ۾ اندر ڪابه بتي وغيره ڪانه ٻرندي هئي. پر نهايت قيمتي هيرن جواهرن جي فانوسن جي روشني هوندي هئي. پرهان سون جو هڪ زنجير رکيل هوندو هو جنهن جي تور به سئو من هئي. جڏهن راج جو مقرر حصو گذرندو هو ته اهو زنجير لوڏي پوجا لاءِ برهمڻن جي ٻئي ٽولي کي چتاءِ ڏنو ويندو هو. جڏهن يمين الدولہ محمود بن سبڪتگين اسلام جي عزت آبرو وڌائڻ خاطر هندستان تي ڪاهه ڪئي ته هن سومنات مندر کي فتح ڪري ناس ڪرڻ لاءِ گهٽو جاکوڙيو هو. ڪيس توقع هئي ته اتان جا هندو هڪدم مسلمان ٿي ويندا هي؛ مجاهد ذوالقعد مهيني جي وچ ڌاران سنہ 416هـ (ڊسمبر 1025ع) ۾ هتي پهتو. هندستان جي ماڻهن کين روڪڻ جي

وڏي کوشش ڪئي. اهي رئندا رڙندا مندر ۾ اندر وڃي بت کان مدد
ونڊ جي کوشش ڪندا هئا. نيٺ هنن جنگ ڪئي ۽ وڙهندي هڙ
جو هڙ مارجي ويا. جن جو انگ پنجاه هزار هو. جڏهن هن بت ڏانهن
ڏسو ته هو، وائڙو ٿي ويو. تنهن کان پوءِ هن فوج بيش بها خزاني ۽ ٻئي
مال غنيمت کي ميڙڻ چوندڙ شروع ڪيو مندر مان جيڪي سون،
چاندي، هيرا جواهر ۽ ٻيو قيمتي سامان هٿ لڳو تنهن جي قيمت ويهه
هزار دينار هئي. (5) مندرن ۾ ٻيا به ڪيترائي سون ۽ چاندي جا بت ۽
ٿانو ه٤ا، جن تي قيمتي لال موتي مڑهيل هئا، جيڪي هندستان جي
مختلف حڪمرانن پيڙا طور موڪليا هئا. بادشاهه پنهنجي ساٿين
کان پڇيو ته بت جي اهڙي ريت ٻيهڻ جو راز ڇا آهي؟ جو اهو بنا
ڪنهن ٽيڪ جي هوا ۾ لٽڪيل نظر اچي ٿو. انهن مان گهڻن وراڻيو
ته اهو ڪنهن ڳجهيءَ ٽيڪ سان ٻيٺو آهي. انڪان پوءِ سلطان
پنهنجي هڪ خادم کي چيو ته ڏڦو ڪٽي هيٺ مٽي ۽ چوڌاري جاچي
ڏسي ته معاملو ڇا آهي. پر ٿوري وقت کان پوءِ اهو ماڻهو موٽي آيو ۽
ڪجهه به ٻڌائي ڪونه سگهيو. تنهن تي مندر جي هڪ داس سلطان
کي ٻڌايو ته مندر جو مٿيون گنبذ چقمق پٿر جو جوڙيل آهي ۽ بت
لوهو آهي. مندر جي جاءِ جوڙيندڙ ڪاريگرن چقمق جا پٿر ڇت ۾
اهڙي ريت رکيا آهن، جو لوهه جو ٺهيل بت مٿي ڪجي وچ تي ٽنگجي
بيهي رهيو. ڪي ماڻهو سندس بيان سان سهت ٿيا ته ڪن پنهنجي
اختلاف راءِ جو اظهار ڪيو. پوءِ سلطان کان هڪ بن پٿرن ڪيڙ جي
اجازت ورتي وئي. جڏهن گنبذ جي ڇت مان ٻه پٿر ڪيڙيا ويا ته بت
هڪ پاسي ڏانهن سرڪي ويو. وڌيڪ پٿر ڪيڙيا ويا ته اڃا ٻه اڃڪي

سرڪي ويو. نيٺ جڏهن گهٽا پٽر ڪڍيا ويا تہ هيٺ ڏرتيءَ تي اچي ڪريو.

طائفند: هي هندستان جو نهايت مضبوط قلعو آهي. جيڪو هڪ اوچي جبل جي چوٽي تي تعمير ڪيو ويو آهي. منجهس رڳو لاءِ فقط هڪ گس آهي. هن جبل جي چوٽيءَ تي مٺي پاڻيءَ جا جهرٽا ۽ آباد زمين آهي. اناج ايترو اپايو وڃي ٿو جو اتان جي مائٽن جي بارنهن مهينن جي ورهٔ نڪري پوندي آهي. يمين الدولہ سلطان محمود هن قلعي تي سنہ 414هـ (1023ع) ۾ حملو ڪيو هو ۽ ڪيتري وقت تائين چوڌاري ڪڙو چاڑهيون ويٺو رهيو. نيٺ ڪيس فتح ڪيائين. جبل جي ان چوٽيءَ تي پنج سو جنگي هاٿي موجود هئا. اتان جي فوجين سلطان کي جئدان ڏيڻ لاءِ پاڏايو هو ۽ سندن اها گذارش قبول ڪئي وئي. اتان جي حڪمران سلطان کي ساليانو ڏن ڏيڻ قبوليو ۽ ڪيترين ئي سوڪڙين پاڪڙن سلطان جي آڏو پيش ڪيون. جن ۾ هڪ ڳيري جهڙو پکي به هو. ان پکيءَ جي اهڙي خاصيت هئي جو جڏهن زهريلو ناڌو سندس آڏو رکيو ويندو هو تہ سندس اکين مان ڳوڙها ڳڙي پوندا هئا ۽ هيٺ ڪرڻ کان پوءِ اهي پٽر ٽڪجي پوندا هئا. جن کي پڇي ڪُهنن گهاون تي رکيو ويندو هو تہ هڪدم چٽي ويندا هئا. اهڙا پکي هن جوءِ کان سواءِ ڪٽي به ڪونہ ٽيندا آهن.

مجمل التواريخ
سنڌ جي تاريخ جا مصنف

باب پهريون:

هن دلچسپ تاريخ جو ڪجهه حصو ايم ريناڊ پنهنجي مشهور مضمون تصنيف Fragments Arabes of persons endetis relalit ol Inde پر ڏنو آهي جيڪو هن Bibliopheque du Rai it Paris مان ورتو آهي. هن قلمي نسخي جو ذڪر ايم ڪئارٽر سيئر ۽ ايم موهل جنرل ايشياٽڪ Journal Asitique پر بار بار ڪيو آهي. پر پائنجي ٿو ته ائنڪئٽل ۽ سلويسٽري ڊي سئڪي

سپني کان اڳ هن تصنيف کان باخبر هئا.

مذڪوره تاريخ جو ايم ريناڊ طرفان ڇاپيل باب جنهن تي اسان ڌاڻي ڳالهائي رهيا آهيون، سو مجمل التواريخ جي مصنف جو پنهنجو لکيل ڪونہ آهي. ان بابت سندس بيان هن ريت آهي: مون هندن جو اهو ڪتاب ڏٺو جنهن جو ڪنهن زماني ۾ ابو صالح بن شعيب بن جامي عربيءَ ۾ ترجمو ڪيو هو. جيڪو اصلي هندواڻي ٻولي (سنسڪرت) ۾ لکيل هو. سنہ 417هـ (1026ع) ۾ هن ڪتاب جو جرجان جي لئبريري جي مهتمم ابوالحسن علي بن محمد الجليلي (1) فارسي ترجمو ڪيو هو. مذڪوره ڪتاب مون مصنف جي هٿ اکيرين ۾ ڏٺو هو. جنهن تي متين تاريخ لکيل هئي. هندو مصنفن ۾ اهو رواج آهي تہ جڏهن هو فلسفي جي موضوع تي لکندا آهن، تہ اها گفتگو جانورن ۽ پکين واتان چورائيندا آهن. جهڙي ريت ڪليلہ و دمنہ ۾ ڏسجي ٿو. هن ڪتاب ۾ حڪمرانن جي بڙ بٽياد ۽ سندن تاريخ بابت ٿورو ڪجهہ احوال ڏنو آهي. هن احوال جو نقل ان ڪري ڪيو ويو آهي جو هيءَ ڳالهہ ڪٿي ڪنهن ٻئي ڪتاب ۾ نظر ئي ڪانہ آئي آهي. وڌيڪ خدا ٿو ڄاڻي.

عربيءَ جي اصلي ترجمي تي ڪا تارخ نظر ڪانہ ٿي اچي. اهو بہ چئي ڪونہ ٿو سگهجي تہ اهو ترجمو بلاذري جي تصنيف کان اڳ جو آهي يا پوءِ جو. پر اقتباس تمام آڳاٽي دور سان واسطو رکن ٿا. خاص طور تي سندّ سان لاڳاپيل آهن ۽ قوي امڪان آهي تہ اهي تاريخن لکڻ واري دور جي شروعات ۾ هتي آيا. ان جو فارسي ترجمو ان زماني ۾ ڪيو ويو هجي، جنهن ۾ مجمل التواريخ لکجي رهي

هئي. تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو تہ فارسي ترجمو گهٽو پوئين دور سان واسطو رکي ٿو.

مسٽر رينادِ جو خيال آهي تہ اصلي سنسڪرت ڪتاب جنهن جا عربي ۽ فارسي ترجما ٿيا، سي عيسوي سنہ جي شروعاتي دور سان واسطو رکن ٿا. تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو تہ راجا ترنجيني کان گهٽو اڳ جو آهي. قوي امڪان آهي تہ مذڪورہ ڪتاب مها پارت واري زماني ۾ لکيو ويو هجي. ان کان پوءِ جي لکيل منظوم ترجمي کي غير يقيني واري دور سان واڳي ڇڏيو آهي. جيڪڏهن حقيقت ائين آهي تہ پوءِ مها پارت وارو قصو بہ ائين آهي. جهڙي ريت ايماد ۾ بگهڙن ۽ چراخن جا نظم نظر ايندا. چيو ويندو آهي تہ اهي ڪتابي صورت وٺڻ کان اڳ ئي ملڪ ۾ عام هئا ۽ گهٽو پراڻا هئا. پوءِ انهن کي هڪ جائتو ڪري مجموعي جي شڪل ڏني وئي هئي. اهو انهيءَ ڪري سمجهيو ويو آهي جو مجمل التواريخ جا ڪي ٽڪرا اهڙا آهن. جيڪي هوبهو مهابارت ۾ آهن ۽ اڄ پي ڏسي سگهجن ٿا. هن چوڻ ۾ اسان حق بجانب آهيون تہ عرب مها پارت جو ترجمو گهٽو اڳ ڪري چڪا هئا. پر هنن اهڙيون ڳالهيون جانورن واتان چورايون آهن.

مان وارو ايڊيٽر بہ سمجهي ٿو تہ هن اقتباس ۾ برهمڻ اثر جو پرتوو آهي. جيڪو پانڊو ڪورو جنگ کان پوءِ ڪشتريہ نيات تي واضح طور نظر اچي ٿو. انهن ڳالهين سان لاڳاپيل اندازا ۽ تخمينا حقيقي بنيادن تي بيٺل نظر ڪونہ ايندا ۽ نہ مشڪوڪ آهن جو فارسيءَ وارو مترجم هر قصي ختم ٿيڻ کانپوءِ "خدا بهتر ڄاڻي ٿو"

جا اکر لکي ٿو.

مجمل التواريخ جي مؤلف جو بيان آهي ته سندس ٻيءَ هڪ تاريخ جي تاليف ڪئي هئي. هن کان علاوه برڪمي گهراٽي جي بڻ بڻياد. متي ايرڻ ۾ ختم ٿيڻ واري ساري دور سان لاڳاپيل هڪ مڪمل تاريخ پڻ قلمند ڪئي هئي. هن باري ۾ ايم ڪئارٽر ميئر ۾ ايم موهل جو چوڻ آهي ته اهو هڪ گمنام ماڻهو هو. جنهن جو شجرو هن ريت هو ته هو مهلب بن محمد بن شادي جو پوٽو هو ۽ سياح هو چاڪاڻ جو هو. پاڻ چوي ٿو ته هن حضرت دانيال. حضرت ايزڪيل ۽ حضرت يونس جا مقبرا ڏٺا هئا ۽ ايران ۽ بابل جون ٻيون به ڪيتريون ئي قديم عمارتون پڻ ڏٺيون هيون. هو وڌيڪ ٻڌائي ٿو ته هن پنهنجو ڪتاب 520هـ (1126ع ۾ لکڻ شروع ڪيو هو. اهو سلجوقي گهراٽي جي سلطان سنجر بن ملڪ شاهه سلطان جو زمانو هو. پائنجي ٿو ته هو ان کانپوءِ به گهڻو زنده رهيو آهي. چاڪاڻ جو هو 589هـ (1193) سان لاڳاپيل هڪ واقعي جو ذڪر ڪري ٿو.

سندس لکيل ڪتاب. مختلف دورن جي وچور سان لاڳاپيل دنيا جي تاريخ آهي. جيڪا ڇهين صدي هجريءَ سان واسطو رکي ٿي. هو ٻين ڪيترن تاريخن جا به حوالا ڏئي ٿو ۽ ٿن تنقيدي راءِ جو اظهار به ڪري ٿو. اهو به معلوم ٿئي ٿو ته هن ايران کي پنهنجي تحقيق جو خاص موضوع بڻايو آهي. هن سان گڏ اهو به واعدو ڪري ٿو ته هو ايران جي هڪ مفصل تاريخ ضرور لکندو. هن جاگرافيءَ سان لاڳاپيل ڪيترين غير حقيقي. اچرج جهڙين ۽ ڪي حقيقي ڳالهيون قلمند ڪيون آهن. جيڪي هن کن ٻين ڪتابن تان

ورتيون آهن ۽ ڪي اڪين سان ڏسي لکيون آهن.

هن فارسي ترجمي جا حوالا ابوالحسن تان ورتا آهن. پر اهي به سڀ طريقي سان ڪونہ لکيا اٽائين. اتارو به حرف بحرف ڪيو اٽائين. اسلوب جو به خيال ڪونہ ڪيو اٿس. سندس ذاتي تصنيف به آرائش ۽ زيبائش کان خالي نظر ايندي.

جن ذريعن جا هن حوالا ڏنا آهن سي هي آهن: تاريخ طبري، شاهہ نامو گريشسپنامہ، فراز مرزنامہ، بهمن نامہ، ڪشپيل داندان، ابوالمعيد بلخي ۽ همزن اصفهاني وغيره. سندس چوڻ آهي تہ هن انهن ڪتابن جي اصلي نسخن تان حوالا ورتا آهن. درج ڪيل حوالا پاڻ پر هڪ جهڙائي تہ رکن ئي ڪونہ ٿا. تنهن ڪري پڙهندڙ کي سندس بحث ۽ نتيجي تي پاڻ پويٺ پوي ٿو. پر هڪ ڳالهہ ضرور ڏسڻ ۾ ايندي تہ جتي اصلي نسخن جي مصنف اجائي پٽاڙ ڪئي آهي تہ هن ان جو اختصار ڏنو آهي. ٻيو تہ جيڪي حقيقتون نظم ۾ ڏنيون ويون آهن، تن کي ڇڏي ڏنو اٽائين. جيڪڏهن نظم ڏنو اٽائين تہ ان جي ذاتي خرپصورتي ڪري. جيڪڏهن ڪٿي حقيقت جي شاهديءَ ۾ ڪو نظم آهي تہ اهو ضرور قلمبند ڪيو اٿس.

وڌيڪ ٻڌائي ٿو تہ : " ايران جي حڪمرانن جي روئداد ان ڪري ڏني رهيو آهيان جو ايران ڌرتيءَ جي پوري وچ تي واقع آهي. چاڪان تہ ايران آباد دنيا جو چوٽون حصو آهي. انساني نسل جي شروعات هن سرزمين تان ٿي آهي. چوٽين اقليم جا حڪمران هتي رهن ٿا. دنيا جا ٻيا حصا جهڙوڪ چين، هندستان، زنج، عرب، يونان، ترڪستان يا اتر، اوير ڏکڻ ۽ اولهہ جو ڪو ٻيو ملڪ ايران جي مٿ

ثاني ٿي ئي ڪونہ ٿو سگھي. ايران جي تاريخ پڙھڻ کان پوءِ پڙھندڙ ايران جي صحيح حيثيت ۽ ٻين ملڪن جي خاصيتن ۽ ڳجھن اسرارن جي فرق کي سولائيءَ سان سمجھي وٺندو.

ھن ڪتاب جي مطالعي مان ائين معلوم ٿيندو تہ جڏ اھو ايران جي ساڃھ ڪرائي رھيو آھي. ھن ڳالھہ ۾ ڪنھن بہ شڪ شبھي جي گنجائش ڪانہ آھي تہ ھيءَ ڪتاب مولف جي مڪمل تصنيف آھي. ڪتاب ۾ ھن پاڻ ڄاڻايو آھي تہ حقيقتن کي تفصيلوار بيان ڪيو ويو آھي. مڪمل تصنيف جو ملڻ وڏي خوشيءَ جي ڳالھہ آھي. ڪنھن زماني ۾ ايم ايم سئنٽ مارٽن ۽ ايم موھل جو ارادو ھو تہ مذڪوره ڪتاب کي وڏن تبصرن ۽ حاشين سان گڏ ڇاپرايو ويندو. پر ان جي وفات ڪري مجمل التواريخ جو ھيڏو سارو منصوبو عملي روپ ڏاري ڪونہ سگھيو.

مجمل التورايخ جي موجوده ضخامت پنجويھہ باب آھي. جيڪي گھٽي قدر تاريخ وار عملن سان واسطو رکن ٿا. جھڙوڪ: نبين، روم جي حڪمرانن، عربن، سامانين، بويہ، غزني، سلجوقي، يوناني حڪمرانن جا احوال وغيره پر منجھن ھندستان جي ھندو راجائن، ايران جي حڪمران، محمد صلي الله عليہ وسلم ۽ ان جا اصحاب خليفہ، مشھور مقبرن ۽ مسلمانن جي مشھور شھرن جو خاص تفصيلي ذڪر ڏسڻ ۾ ايندو. ھن جو پچاڙي وارو باب گم آھي. جنھن ۾ ھن قلمي نسخي جا 305 صفحا لکيا ھئا. (2)

اقتباس

جتن ۽ ميدن جي تاريخ:

اصلي ڪتاب جي پهرين باب ۾ جتن ۽ ميدن جو ذڪر ڏنو ويو آهي. مان به انهن کي موضوع بڻائي حال احوال جي شروعات ڪيان ٿو.

چيو وڃي ٿو ته جت ۽ ميد (3) هامر جي اولاد مان آهن. اهي ماڻهو سنڌ ۾ بحر نالي هڪ درياهه جي ڪنارن سان رهندا هن. عرب هندن کي جت ڪري سڏيندا آهن. ميد جتن کان وڌيڪ سگهارا هئا. ڪين ماري ناس ڪري ڇڏيائون. تنهن ڪري اهي مجبور ٿي پهن Pahan درياه جي ٻيءَ پر ٿي ويڻا. وٽن ٻيڙيون هيون ۽ پاڻ بلوان ٻيڙائت هئا. تنهن ڪري ٻيڙين وسيلي پار وڃي مالوند ميدن تي اوچتو حملو ڪندا هئا. جتن جي اهڙين قهري ڪارروائين ميدن کي هيٺو ڪري وڏو ڪيترائي مري ڪپي ناس ٿي ويا. سنڌن ملڪ به ڦرجي لٽجي پڙپانگ ٿي ويو. نيٺ اهو وقت به آيو جو ميد جتن جي رعيت ٿي گذارڻ لڳا.

جتن جو هڪ سردار هو جنهن کي ميدن جي ايري حالت ڏسي ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ پنهنجي نيات جي ماڻهن کي سمجهائڻ لڳو ته جتن جي سگهه سدائين پاڻيري رهڻي ڪانه آهي. ڪڏهن اهو سمو هو جو ميدن جتن جا هٽي جهڳا جهڙ ڪري ڇڏيا هئا. جو کين لڪڻ جون جايون ڪونه ٿي لڌيون. هاڻي وري جتن جي رات آهي ۽ اڇي ڪاري جا مالڪ آهن. پر هڪ سچ ٻ پاڇا. جتيءَ کي ٻ وارو آهي. هي ته ماڻهو آهن. سردار جي هن نصيحت مٿن اثر ڪيو ۽ سوچيائون ته

جتن ۾ ميدن کي پاڻ ۾ پيار پاهوه ۾ اکنڊ ۾ اکير سان رهڻ کپي. آچار ويچار کان پوءِ هن ڳالهه تي متفق ٿيا ته هنهي مان ڪجهه سردار دهرات (ڏرتراشٽر) جي دجوشن وٽ وڃن ۾ کانئس هن مسئلي جو حل دريافت ڪن ۾ کيس عرض ڪن ته هن لڪ تي ڪو راجا مقرر ڪيو وڃي. اهڙيءَ ريت مهاراجا دجوشن پنهنجي پيڙ دسل Dassai کي هن ملڪ جي راڻي ڪري موڪليو هو. جيڪا راجا چند رات (جئدرٿ) جي گهر ۾ ياري هئي. آخر هن راڻي ملڪ ۾ شهرن جو وڃي انتظام سنياليو. راڻي ڏاڍي سياڻي هئي. هن بابت وڌيڪ تفصيلي احوال اصلي ڪتاب ۾ ڏسي سمجهجن ٿا. هُوءَ ڏاهي به هئي ته مال ملڪيت واري به هئي پر ساري سنڌ ۾ ڪو برهمڻ ئي ڪونه هو. تنهن ڪري هن راڻي پنهنجي پاءُ ڏانهن اهڙي سهائتا لاءِ هڪ ڊگهي ڪانگ موڪلي. خط پهچڻ کان پوءِ سندس پاءُ ساري هندستان مان ميڙي چونڊي ٽيهه هزار برهمڻ گهرائڻا پنهنجي پيڙ ڏانهن سنڌ روانا ڪيا. هنن برهمڻن بابت وڌيڪ تفصيل اصلي ڪتاب ۾ موجود آهن.

هن راڻيءَ جي سڀي انتظام ڪري سنڌ ڏاڍي سکي ستابي ٿي پئي. جو ماڻهو جتي به هو ڏاڍو ريان ڪيان هو. اصلي ڪتاب ۾ سنڌ بابت گهڻو تفصيلي ذڪر ملندو. ان ۾ درياهن ۾ شهرن بابت به وستار سان بيان نظر يندا. جنهن ۾ شهر ۾ هنن راڻي پنهنجي راجڌاني وڃي قائم ڪئي هئي. تنهن جو نالو اسڪلند Askaland (4) ٻڌايو وڃي ٿو. جودرٿ نالي هڪ ماڻهو جت نيات جو سردار مقرر ڪري سنڌ جو هڪ علائقو سندس حوالي ڪيو ويو. ميدن لاءِ به ساڳئي قسم جو انتظام ڪيو ويو هو. حڪومت جو اهڙو سلسلو ويهارو سال ڪن هليو.

5) ۽ پارت وارن جو هن ملڪ تان قبضو ختم ٿي ويو.

پانڊون جي زوال جو احوال ۽ برهمڻن جي تاريخ:

(6)پانڊن جو زوال جي ڪارڻ سندن انياءِ هو. ڪائنس پاڻ منهن موڙي پيو هو نتيجي ۾ ڏاڍا ظالم ۽ ڪنور ٿي پيا. هڪ ڏينهن هنن ڇا ڪيو جو ڏاڍ ڪري هڪ برهمڻ جي ڳئون ڪاهي هليا ويا. جڏهن برهمڻ وٽي مڙيا مٽيا ڪئي تہ ڳئون ڇڏڻ بدران ڪيس قتل ڪرڻ لڳا. تنهن تي برهمڻ ڪين رڙ ڪري چتاءِ ڏنو تہ هن ڪتاب ۾ پڙهيو آهي تہ "هڪ ڳئون ڪارڻ برهمڻ جي قتل ڪري پانڊون جي ساري ملڪيت ناس ٿي ويندي" تنهن ڪري مون کي قتل نہ ڪريو. پانڊون کي پنهنجي سگهہ جو ايمان هو تنهن ڪري سندن هڪ بہ نہ ٻڌائون. هنن نہ رکو ڳئون ڪهي ڇڏي. ۽ برهمڻ کي بہ قتل ڪري ڇڏيائون. ان برهمڻ کي برهمڻ نالي هڪ پٽ هو. جيڪو مٿي جبل تي رهندو هو. ڏاڍو سگهارو ۽ بلوان هو. جڏهن کيس هيءَ ڏکندي ڄاڻ ملي تہ هو ڪاوڙ مان اٿي بيٺو ۽ پنهنجي منهن چوڻ لڳو تہ مان پانڊون کان راڄ کسي ونڊندس. ڇاڪاڻ تہ هنن ڳئون ڪهي ۽ برهمڻ قتل ڪري مهاپاپ ۽ ڏرم پرشٽ ڪيو آهي. چيو ويندو آهي تہ مها پرشن جا چيل لفظ ڪوڙا ڪونہ هوندا هن ۽ پانڊون جو ڪمال ڄڻ پڇاڻيءَ تي پهتو هو. جڏهن سندس چيل لفظ ماٺهن جي ڪنين پيا تہ مٿس چٽرون ڪرڻ ۽ ڪلڻ لڳا هئا. پر ڪي ماٺهو وٽس اچي مڙيا. هن پهريائين هڪ شهر تي قبضو ڪيو. سندس سياسي سگهہ هوريان هوريان وڌڻ لڳي. نيٺ هن وڏي فوج جوڙي ورتي ۽ شهرن پٽيان شهر

فتح ڪندو نيٺ وڃي راجا ڪريا هورت جي راڄڌاني هتنا (7) تي ڪاه ڪيائين. راجا به پنهنجو لشڪر وٺي وڃي سندس سامهون ٿيو. پر جنگ ڪندي مارجي ويو ۽ برهمڻ راج ڏٽي ٿي ويو. هن جتي به پانڌو ڏٺو ڪيس قتل ڪرڻ ۾ دير ڪونہ ڪيائين. ان گهراٽي سان لاڳاپيل ڪي ماڻهو مس وڃي بچيا. جيڪي پوءِ ڪاسائي ۽ نانوائي ٿي ويا. اهڙيءَ ريت برهمڻ ساري هندستان تي حڪومت ڪرڻ لڳو. چيو ويندو آهي تہ بول (نڪول) نالي هڪ پانڌو جي ڏيءَ وٽس لنگهي وئي ۽ ڪيس وينتي ڪئي هئائين تہ پانڌون کي قتل نہ ڪيو وڃي. هن چا ڪيو جو سڀني پانڌون کي گهرائي قيد ڪري ڇڏيائين. ڪين آزاد (8) ڪرڻ جو اهو شرط رکيائين تہ جيڪڏهن هو شودرن جيان پورهيو ڪري پيٽ پاليندا تہ ڪين آزادي ملندي. هن مان سندس مقصد اهو هو تہ ڪير ماڻهو ڪين نہ نياٽيءَ جو سگ ڏئي سگهندو ۽ نہ وري ڪائنہ نياٽيءَ جو سگ وٺي سگهندو. هن پنهنجي راڄ جي حدن ۾ اهڙي قسم جو اعلان ٻہ ڪري ڇڏيو. ان ڪانپوءِ پانڌون جي حيثيت گهٽي هيٺ ڪري پئي. ڪائنہ ٻيو ڏنڊو تہ ٿي ڪونہ سگهيو. باقي راڳ ڳائي پيٽ پالڻ لڳا. چيو ويندو آهي تہ سارنگي نواز هندو هن گهراٽي سان تعلق رکن ٿا. وڌيڪ خبر خدا کي.

سوناڳ جي تاريخ:

چيو ويندو آهي تہ برهمڻ نالي وارو برهمڻ حڪمران پانڌون جي قتل عام کان ڏاڍو پڇتائڻ لڳو تہ هيترن سارن ماڻهن کي ماري مها پاپ ڪيو اٿم. راجائي رنگ ڇڏي جبل تي وڃي الڳ سامهون نمي

کي پنهنجون مدايون معاف ڪرايان. هڪ ڏينهن فسف (قسيپ) نالي هڪ برهمڻ وٽس لنگهي ويو ۽ ڪيس ائين ڪرڻ کان روڪيائين. هن ڪيس وراڻيو ته پاپ ۽ پيڙا منهنجي آتما کي اگهو ڪري رکيو آهي ۽ مان پنهنجي هن راج پاڻ کي تياڳيان ٿو ۽ منهنجي مرضي آهي ته اهو تون سنيال. فسف ڪيس وراڻيو ته ملڪ تي راج ڪرڻ منهنجو ڪم نه آهي،مان پاڻ تو جيان ٻانيڻ آهيان. مهاراجا برهمڻ ڪيس چيو مون کان راج تون وٺ ۽ تون پنهنجي بدران ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ کي مقرر ڪر. فسف برهمڻ کي سناغ نالي هڪ چيلو هو. جنهن کي هن پنهجي طرفان راجا مقرر ڪيو. تنهن کانپوءِ برهمڻ الک جي عبادت واسطي جبل تي چڙهي ويڄي پنهنجي اصلي ڪتيا وسائي. سناغ ڏاڍي نياءَ ۽ نيت سان راج هلائڻ لڳو. اهڙيءَ ريت سناغ گهراٽي ۾ پندرهن راجا ٿيا. ان کانپوءِ ماڻهن سان ڏاڍ ۽ ڪلور ڪرڻ لڳا. نيٽ سندن پاڻ ڦٽي ويو. ان زماني ۾ ايران تي گستاسف جي حڪومت هئي. اهو به چيو ويندو آه ته گشتاسپ جي زماني ۾ بهمن فوج وڏي هندستان تي ڪاهه ڪئي هئي ۽ ڪجهه پاڳو فتح ڪري ورتو هئائين. پين حصن تي هوريان هوريان ٻيا ماڻهو پنهنجو راج قائم ڪندا ويا ۽ سناغ گهراٽي کي منهن ڏيڻ جي سگهه نٿي ڪانه هئي. بهمن هندن ۽ ترڪن جي دنگ وٽ قندابيل نالي هڪ شهر آباد ڪيو هو. ٻيو شهر هن ٻڌيه جي علائقي ۾ آباد ڪيو. جنهن تي هن بهمن آباد نالو رکيو. ڪتاب جي هڪ حوالي موجب اهو منصوره جو شهر آهي. وڌيڪ خبر خدا کي. ان وقت ڪيس گشتاسپ جي وفات جي ڇاڻ ملي ۽ وڃي ايران جو ڇڏ ڏڻي ٿيو. مون کي هيءَ

معلومات ٻڌي هنڊان نہ پر ان ڪتاب منجهان ملي آهي. اهو بہ چيو ويندو آهي تہ بهمن جي زال ترڪ ڦريءَ سان لاڳاپيل هئي. وڌيڪ خبر خدا کي.

ڪشميرءِ هال جي راجائن جي تاريخ:

چيو وڃي ٿو تہ هال جندرات جو پوٽو ءِ سنجوار جو پٽ هو ءِ سندس ماءُ راجا دهرات Dahrat جي ڌيءَ هئي. هندستان بہ سندس ملڪ هو. جيڪو سندس ڏاڏي جندرات ءِ سندس راڻي دسل جي حڪمراني هيٺ هو. هاڻي انهن جي ڦريءَ مان ڪي ماڻهو متس راج ڪري رهيا آهن. ورثي مطابق اهو ملڪ بہ سندس ملڪيت هو. هي نهايت سگهارو حڪمران هو. هن پنهنجي نئين راجڌاني اڏائي ءِ پيا بہ ڪيترائي شهر تعمير ڪيا هئا. سندس ملڪ ۾ نهايت شاندار ڪپڙو اڇندو هو ءِ سندس ان ڪپڙي جي ڪري هو هنڊين ماڳين مشهور هو. راجا جي مهر سواءِ اهو ڪپڙو ٻاهر موڪلڻ منع هئي. اهو ٽپو زعفران سان سندس پير جو نشان هو(9).

هڪ ڏينهن ڇا ٿيو جو ڪشمير جي راجا جي زال اهو ڪپڙو خريد ڪري پنهنجو وڳو تيار ڪرايو ءِ پائي اچي راجا جي سامهون بيٺي. راجا کي ڪپڙي تي ٽپي جو نشان ڏسي ڏاڍي مٺيان لڳي ءِ راڻيءَ کان پڇيائين تہ هن اهو ڪپڙو ڪٽان ورتو آهي ءِ ٽپي جو نشان ڪهڙو آهي. سندس زال ڪيس وراڻيو تہ هن اهو هڪ واپاري کان ورتو آهي. واپاري کي گهرائي ٽپي جي نشان بابت ڪانئس پڇا ڳاڇا ڪئي وئي. واپاريءَ ڪيس ٻڌايو تہ اهو ٽپو راجا هال جي پير جو

نشان آهي (10) اهو ٻڌي ڪشمير جو راجا ڪاوڙ جي باه ۾ ڪامي پجري ويو ۽ راجا هال جي پير وڌڻ جو وچن ڪيائين. جڏهن راجا هال کي اها سڌ ملي ته چرکي ويو. ڪشمير جي راجا کي سندس وزير ٻڌايو ته راجا هال جي ملڪ ۾ برهمڻ تمام گهٽا آهن. تنهن ڪري اهو ملڪ فتح ڪرڻ ڏکيو آهي. هوڏانهن راجا هال به برهمڻن ڏانهن نياپو موڪليو ته ڪشمير جو راجا سندن ملڪ تي ڪاهڻ جو ارادو رکي ٿو ۽ کين جڳائي ته سندس ڪاهي اچڻ ۾ ڪا رندڪ وجهن. ڪشمير جو راجا پنهنجي وزير طرفان ڏنل صلاح تي ڪوٺ هليو ۽ راجا هال جي ملڪ تي گهل چاڙهي ويو. برهمڻن پنهنجي تپسيا شروع ڪئي ۽ راجا کي صلاح ڏنائون ته جنگ جي ميدان ۾ متيءَ جو هڪ هاٿي جوڙائي چڏي پوءِ راجا هال ائين ڪيو. جڏهن ڪشمير جي راجا جي فوج جنگ جي ميدان پهچي اڳتي وڌڻ شروع ڪيو ته ان هاٿيءَ مان باهه جا الا نڪرڻ لڳا ۽ دشمن فوج جو وڏو انگ سڙي رک ٿي ويو.

اهو حال ڏسي ڪشمير جي راجا جئدان گهريو ۽ ناهه لاءِ وينتي ڪئي. عهدنامي ٿيڻ کانپوءِ راجا هال ڏانهس ڪيترين ئي سوڪڙين پاکڙين موڪليون. ڪشمير جي راجا، راجا هال جي ميڙ جي مورتي جوڙائي ۽ وچن پاڙڻ واسطي ان جي ٽنگ وڌي ۽ درياهه وسيلي پوئتي روانو ٿيو (11) ڪيس صلاح ڏني وئي هئي ته درياهه ۾ چاڙهه آهي. تنهن ڪري درياه وسيلي سفر ڪرڻ نه گهرجي. ان صلاح تي لڳي راجا درياه جي ڪناري سان ڪشمير ڏانهن وڌڻ لڳو. جڏهن ڪشمير جي ويجهو پهتو ته درياهه لهي ويو (12) راجا هتي پهچي

ڪيترا گھر ۽ ڳوٺ تعمير ڪرايا. هندي ٻوليءَ ۾ سموند ڪي ساوندر (سموندر) سڏيو ويندو آهي (13) تنهن ڪري ان ماڳ ڪي ساوندي سڏيو ويو. اها وسندي اڄ سوڌو موجود آهي. هن وڏن شهرن ۾ سان ڪيترا مندر ۽ ڳوٺ تعمير ڪرايا. پاڻ ايجا اتي هو جو ڪيس ڪشمير ۾ بغاوت جي خبر ملي. تنهن ڪري فوج وٺي پنهنجي ملڪ ڪشمير پهتو ۽ پنهنجي دشمن کي ماري ختم ڪيائين. ڪشمير جو راج ڪيترين پيڙهين تائين سندس گهراڻي ۾ رهيو ۽ سڀ هندو سندن فرمانبردار رهندا هئا. سنڌ جي ملڪ ۾ ٽي راجا ٿيا. ان کان پوءِ قفند جي حڪومت شروع ٿي. جنهن هندو راج کي ختم ڪري ڇڏيو. هڪ برهمڻ کيس دعا ڪئي هئي ته اهو ملڪ سندس راج هيٺ رهندو.

قفند جي تاريخ:

(14) هيءَ حڪمران هندو ڪوند هو. ۽ هن پنهنجي راج ۾ نياءَ نيت پت ۽ برابري قائم ڪئي هئي. تنهن ڪري سڀ ماڻهو سندس فرمانبردار هئا. هو تقرير جي فن کان پوريءَ طرح واقف هو. هتان جي هندن ۽ سندن ملڪ جي گهٽي ساراهه ڪندو هو. هن سندن حوصلن کي وڌايو ۽ اخلاقي تعميز ڪئي هئي. هيءَ راجا يونان جي سڪندر جو سهيوڳي هو (15) سندس آڻ مڃي ساٿس ناهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئائين. جنهن ۾ هن ڏانهن پنهنجي ڏيءَ. حڪيم طبيب ۽ ڪي ڏاها ماڻهو ۽ شيشي جو هڪ گلدستو به روانو ڪيو هو. (16) شاهنامي ۾ هن کي "ڪئد Kaid هندو" ڪري ڄاڻايو ويو

آهي. جڏهن هندن (17) کي برهمڻ جو پيغام پهتو تہ مهرا مندرن مان هندن جا بت کڏي اڇلرائي ڇڏيا آهن. تڏهن قفند پنهنجي پاءُ سمند ڏانهن ماڻهو موکليو تہ منصوره تي حملو ڪري. ايران جي نمائندي مهرا (18) کي انهن علائقن مان بي دخل ڪري ڇڏي. جيڪي هنن فتح ڪيا هئا. آتشڪدن جي جاين تي هندن جا مندر تعمير ڪرائي. سمند، هندستان جي هڪ راجا هال کي هن لاءِ ڪوٽ ڏني ۽ ٻنهي جي گڏيل فوج مهرا تي حملو ڪيو. مهرا ٻہ پنهنجو لشڪر وٺي اچي سندن سامهون ٽيو. پر ساڻن پڄڻ جي ڀيٽي نہ ڏسي قلعي ۾ وڃي لڪو. هو پورا ٽي سال اندر لڪو رهيو. جڏهن ڪيس ڪاميابيءَ جي اميد نظر نہ آئي تہ پنهنجي لشڪر کي هڪ سرنگھ کوٽڻ لاءِ چيائين. سندس فوج سرنگھ کوٽيندي وڃي ڪياتس نالي هڪ جڳھ وٽ پهتي. ان کان پوءِ فوج کي قلعي مٿان ماڻهن جهڙا اوڙا ٽاهڻ جي مٿي تي خود پائڻ ۽ کين هٿيار بند ڪرڻ جو حڪم ڏنائين. انهيءَ لاءِ تہ جيئن اهي فوجي سپاهي معلوم ٿين. جڏهن اهو ڪم پورو ٿيو تہ وڃھ وٺي قلعي مان نڪري ترڪن ڏانهن هليو ويو ۽ اتان جي حڪمران کي پناه ڏيڻ جي التجا ڪيائين. ڪجھ وقت کان پوءِ ماڻهن جهڙن انهن اوڙن تي ڪانو وهڻ لڳا. اهو ڏسي سمند کي حقيقت جو پرو پيو. جڏهن شهر جا ڦاٽڪ کولي اندر پهتو تہ ماڻهن کيس مهرا جي پڄي وڃڻ جي ساري حقيقت بيان ڪئي. انهيءَ سوچ کان پوءِ سمند پنهنجي ملڪ روانو ٿيو. هن واقعي کان ٿورو پوءِ سڪندر هندستان تي حملو ڪيو هو.

قفند کان پوءِ سندس پٽ آيند Ayand راجگديءَ تي ويٺو. هن

سنڌ تي چار گورنر مقرر ڪيا. هڪ کي اسڪلندوسہ (19) ٻئي کي ذور Zor جي علائقي تي مقرر ڪيو جنهن ۾ انج (اڇ؟) بہ شامل هو. ساند (سمند) جي ٽن علائقن تي هڪ ٻئي گورنر کي مقرر ڪيائين. (20) چوٽين کي هندستان جا علائقا. ندم (نڏا؟) ۽ لوهاٽا ڏنا ويا. هن قسم جا ملڪي انتظام راجا هال (21) جي وفات کانپوءِ ڪيا ويا. آيند جي وفات کان پوءِ سندس پٽ راسل راجگدي سنبالي. هن ڪجهہ وقت راڄ ڪيو. پوءِ هڪ ماڻهو بغاوت ڪري ڪيس ملڪ مان تڙي ڇڏيو. ڪيس بہ پٽ هئا. هڪ جو نالو روال Rawal ۽ ٻئي جو نالو برڪمارس هو.

روال ۽ برڪمارس جي تاريخ:

راسل جي وفات کانپوءِ سندس وڏو پٽ روال راڄگدي تي ويٺو. پرپاسي ۾ هڪ راجا هو. جنهن کي هڪ نهايت ڏاهي ڌيءَ هئي. سياڻن عالمن اهو اعلان ڪيو هو تہ هن راجڪماريءَ جو ور اهو ٿيندو. جيڪو چئن اقليمن جو راجا هوندو (22) ڪيترن راجائن ۽ راجڪمارن هن ڇوڪري سان شادي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. پر برڪرمارس کان سواءِ ٻيو ڪير هن راجڪماريءَ کي خوش ڪري ڪونہ سگهيو. جيڪو تمام گهٽو سهٽو بہ هو. جڏهن برڪمارس راجڪماريءَ کي گهر وٺي آيو تہ سندس پاءُ، روال کيس چيو جهڙي ريت راجڪماري توکي پسند آهي اهڙي ريت مونکي بہ وٺي ٽي. ان کانپوءِ روال جي راج محل جون داسيون راجڪماريءَ کي روال جي محل ڏانهن وٺي ويون. برڪمارس دل ۾ چوڻ لڳو تہ راجڪماري

مونکي منهنجي ڏاهپ ۽ دانشمندي ڪري پنهنجو ور چونڊيو آهي ۽ ڏاهپ کان وڌيڪ ڪا بي سگهاري شيءِ ڪانہ آهي. تنهن ڪري هو ٻيا سڀ لڳ لاڳاپا لاهي ڪتابن پڙهڻ کي لڳي ويو ۽ عالمن ۽ ڏاهن برهمڻن سان اٺڻ ويهڻ لڳو. آخر پڙهي پڙهي ايترو علم حاصل ڪيائين جو ملڪ ۾ هن جهڙو عالم ۽ ڏاهو ماڻهو ٻيو ڪونہ هو.

جڏهن اها خبر ان باغي راجا کي پئي، جنهن سندن پيءُ راسل کي سندس ملڪ مان ڪڍي ڇڏيو هو. تنهن سوچيو تہ جيڪو راجا انياءِ ڪري پنهنجي پاءُ جي ونيِ زوري وٺي پنهنجي محلات ۾ رهائي ٿو. تنهن کي راڄ ڪرڻ جو ڪو حق ڪونہ آهي. تنهن ڪري گهڻ چاڙهي وڃي روال مٿان ڪڙڪيو. هو سامهون ٽيڻ جو ست نہ ساري پنهنجي پائرن ۽ درباري اميرن سميت هڪ جبل جي چوٽيءَ تي چڙهي ويو. جتي هڪ سگهارو قلعو اڏيل هو. اتي هن چوڏس پهريدار ويهاري ڇڏيا ۽ پاڻ کي محفوظ سمجهڻ لڳو. باغي راجا ان جبل جي چوڌاري وارو علائقو فتح ڪري پوءِ اچي جبل تي ڪڙو چاڙهيو. روال آڻ مڃي ڏانهس صلاح لاءِ ماڻهو روانا ڪيا. دشمن راجا وراڻيو تہ روال زوريءَ ڪنيل راجڪماريءَ موڪلي ان سان گڏ سندس امير نواب ۽ پنهنجون چوڪريون موڪلن تہ جيئن انهن کي پنهنجن اميرن نوابن سان شادي ڪرايان. انڪانپوءِ مان قلعي تان پنهنجون فوجون هٽائيندس. روال اها ڳالهہ ٻڌي مايوس ٿي ويو. ڪيس هڪ وزير هو جيڪو ٻنهي اکين کان وڏو هو. جنهن جو نالو صفر هو. وڃي ساڻس صلاح مشورو ڪيائين. هن ڪيس ورندي ڏني تہ ڪيس چوڪريون ڏيو ۽ زندگي بچايو. جيئرو هوندين تہ دشمن سان ڪڏهن نہ ڪڏهن مقابلو ڪري ملڪ ۽ عزت وري حاصل ڪري سگهندين. جيڪڏهن

مري ويندين تہ اهي عورتون ہار ہڃا ۽ مال خزانا تنهنجي کهڙي کم جا. وزير جي اها ڳالهہ ٻڌي روال دشمن کي ڇوکرين ڏيڻ جو پکو پهہ کيو. ٽيڪ ان ويل برڪمارس بہ اچي اتي پهتو. راجا جي آڏو کورنش بجا آڻي پوءِ چوڻ لڳو تہ راجا ۽ مان هڪ پيءُ جا پٽ آهيون. جيڪڏهن هو منهنجي خيال جي عزت ڪندو تہ مان کيس هڪ مشورو ضرور ڏيندس. مون کي عمر ۾ ننڍو سمجهي منهنجي صلاح کان ڪن لاتار نہ ڪئي وڃي. پوءِ هنن کيس ساري حقيقت کان واقف ڪيو. ڳالهہ ٻڌڻ کان پوءِ برڪمارس وراڻيو تہ راجا جي مٿان مون کي پنهنجي زندگيءَ قربان ڪرڻي پوندي. هن وڌيڪ اهو بہ چيو تہ مون کي ڇوکريءَ جو لباس پارايو. سپني امير نوابن جي پٽن کي ڇوکرين وارا ويس وڳا ڏيڪائي هار سينگار ڪرائي دشمن راجا ڏانهن روانو ڪيو. اسان مان هر هڪ کي چاقو ڏيو. جيڪي اسان پنهنجن وارن ۾ لڪائي ويناسين ۽ هڪ دهل بہ اسان جي حوالي ڪيو وڃي. جيڪو اسان ڪنهن پر لڪائي ڪٽي ويناسون. جڏهن اسان کي دشمن راجا جي روبرو پيش ڪيو وڃي تہ کيس ٻڌايو وڃي تہ راجمڪاري آءٌ آهيان. اهو ٻڌي هو ضرور مون کي پنهنجي لاءِ جهليندو ۽ ٻيا ڇوڪرا جيڪي ڇوڪرين جي روپ ۾ هوندا سي پنهنجن امير نوابن جي حوالي ڪندو. جڏهن راجا مون کي پنهنجي خلوت خاني ۾ اڪيلو وٺي ويندو تہ مان وجهہ وٺي لڪل چاقون ڪڍي سندس پيٽ ڦاڙي دهل وڄائيندس. اهو ٻڌي ٻيا ڇوڪرا بہ ائين ڪندا. پوءِ ساري لشڪر کي ڪهي ناس ڪري ڇڏيندا سون. پر جڏهن دهل جو آواز ٻڌو تہ لشڪر بہ قلعي مان ٻاهر نڪري هڪدم دشمن فوج مٿان وڃي ڪڙڪي. اها ڳالهہ ٻڌي روال ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ائين ئي ڪيائين جهڙي ريت کيس صلاح ڏني وئي

هئي سندن منصوبو ڪامياب ويو. دشمن جو هڪ به گهوڙي سوار بچي ڪوڙ سگهيو ۽ سندس لاشن کي جبل تان هيٺ اڇلايو ويو. راجا روال جي سگهه به گهٽي وڏي وئي.

وزير جا برڪمارس خلاف راجا جا ڪن پرڻ جيڪو چرئي هڄڻ جو بيڪ ڪري رهيو هو:

اونهاري جي رت هئي ۽ برڪمارس شهر ۾ پيرين اگهاڙي گهمي رهيو هو. گهمندي رلندي شاهي محلات جي ڦاٽڪ وٽ اچي بيٺو. ڪيس جهلڻ پلڻ وارو ڪير به ڪونه هو. تنهن ڪري هو محلات ۾ اندر هليو ويو. اندر وڃي ڏٺائين ته راجڪماري ۽ سندس پاءُ روال تخت تي ويٺا هئا ۽ ڪمند چوپي رهيا هئا. روال جي جڏهن مٿس نظر پئي ته سمجهيائين ته محلات جي ڦاٽڪ وٽ پهريدار ڪونه هوندا. تنهن ڪري هي فقير اندر هليو آيو هوندو. جيڪڏهن اهي اتي موجود هجن ها ته ڪيس اندر اچڻ جو موقعو ڪونه ملي ها ۽ ديا ڪري ڪيس ڪمند جو ٽڪرو ڏنائين. برڪمارس چا ڪيو جو هيٺان سپيءَ ٽڪرو ڪٽي ڪمند کي صاف ڪرڻ لڳو. اهو ڏسي روال رجمڪاريءَ کي چيو ته فقير کي ڪمند صاف ڪرڻ لاءِ ڇري ڏئي. جيڪا ڪيس ڏني وئي. برڪمارس ڪمند کي چلينڊو ۽ صاف ڪندو رهيو. جڏهن ڏنائين ته راجا ويسلو آهي ته ٽپ ڏئي مٿس اوچتو حملو ڪيائين ۽ ڪيس ڇري ڏن وٽان پيٽ ۾ گهپڪائي ڏنائين. تنهن ڪانپوءِ ڪيس جنگهن کان وٺي گهلي تخت تان لاهي هيٺ ڌڻو ڪيائين ۽ پاڻ تخت تي ويهي رهيو. پاءُ جي سماڌيءَ کي مساڻ ۾ نيئي چتا چاڙهيو. راجڪماريءَ سان وهانو ڪيائين ۽ ملڪ ۾ امن امان بحال ڪيائين.

ان کان پوءِ هن وزير کي گهرائي چيو تہ منهنجي پاءُ جيڪو انيا، ۽ انيت ڪئي اهو سڀ تنهنجي صلاح مشوري جو نتيجو هو. اهو ڪو عيب بہ ڪونہ آهي نہ وري توتي اهڙو الزام ڏئي سگهجي ٿو. خدا جي منشا اها هئي تہ جيئن آءِ راجا ٿيان. هاڻي توکي هر اختيار آهي جيئن منهنجي پاءُ جي زماني ۾ ملڪ جو انتظام هلائيندو هئين. سو هاڻي بہ اهڙو سڀو انتظام ڪر. وزير کيس وراڻيو تہ تون بلڪل صحيح ٿو چوين. مان تنهنجي پاءُ کي نيڪ نيتي سان اهي صلاحون ڏيندو هوس. جيڪي هن لاءِ بهتر سمجهندو هوس ۽ توسان کاب دشمني کاند هئي. پر مان هاڻي پاڻ کي ساڙي رک ڪرڻ جو پڪو پهہ ڪيو آهي ۽ تنهنجي مرضيءَ مطابق ڪوبہ ڪم ڪري ڪونہ سگهندس. مان تنهنجي پاءُ سان زندگي ۾ بہ گڏ هوس تہ سندس موت ۾ بہ گڏ هجڻ ٿو چاهيان. برڪمارس کيس چيو تہ تون راجائن تي هڪ ڪتاب لک جنهن ۾ سندن فرضن تي روشني وجهہ تہ هو پنهنجي اقتدار دوران نياءُ ۽ نيت پت قائم ڪرڻ واسطي چا ڪن. وزير سندس اها ڳالهہ قبول ڪئي ۽ "آداب الملوڪ" نالي هڪ ڪتاب لکيائين. مان ان ڪتاب جو هتي بہ نقل ڪيو آهي (23) اهو ڪتاب جڏهن لکجي پورو ٿيو تہ ڪٽي برڪمارس وٽ ويو ۽ کيس پڙهي ٻڌايائين. دربار ۾ ويٺل اميرن نوابن ان ڪتاب جي ڏاڍي واکاڻ ڪئي. پوءِ هن پاڻ کي ساڙي ڇڏيو. بعد ۾ برڪمارس جي حڪومت ايترو تہ وڏي ويجهي جو نيٺ ساري هندستان تي سندس ئي راج هلڻ لڳو ۽ برڪمارس ڏاڍو سگهارو حڪمران هو. مون مذڪورہ حقيقتون اهڙي ريت پيش ڪيون آهن. جيئن ڪتاب ۾ لکيل هيون.

فتوح البلدان
احمد بن يحييٰ بن جابر البلاذري
اقتباس

سنڌ جي فتح

علي بن محمد بن عبدالله بن ابوالسيف جو بيان آهي تہ خليفہ حضرت عمر بن خطاب ثقيف قبيلي جي هڪ ماڻهو عثمان بن ابوالعاص کي سنہ 15هـ (636ع) ۾ عمان ۽ بحرين جو امير ڪري موڪليو جنهن پنهنجي پاڻ حڪم کي بحرين روانو ڪيو ۽ پاڻ عمان ۾ ويهي علائقن جو انتظام سنيالڻ لڳو ۽ هڪ فوج ٽاڻي ڏانهن

رواني ڪئي. لشڪر جي واپس اچڻ کانپوءِ اهڙو احوال هن خليفي ڏانهن روانو ڪيو. جنهن ڪيس جواب ۾ لکيو ته: "اي ثقفي پاڻ! تون سُري کي ڪاٽ ۾ رکيو. مان خدا جو قسم کٽي چوان ٿو ته ان حملي ۾ جيترا عرب ماڻهو مرن ها ته مان ايترا ماڻهو تنهنجي قبيلي جا کهائي حساب پورو ڪريان ها. حڪم وري پڙوچ تي حملي لاءِ فوج رواني ڪئي هئي ۽ پنهنجي پاءُ مغيره کي ڏيبل تي حملي لاءِ موڪليو هو. جڏهن عثمان بن عفان خليفو ٿيو ته هن عبدالله بن عامر کي عراق جو والي مقرر ڪيو ۽ کيس حڪم ڪيو هئائين ته هند ڏانهن پنهنجو ماڻهو موڪلي اتان جون سوڌيون خبرون معلوم ڪري ۽ اهڙي جاڻ خلافت ڏانهن رواني ڪري. اهڙيءَ ريت هن حڪيم بن جبلہ العبدي کي گهريل معلومات هٿ ڪرڻ لاءِ موڪليو. اهو ماڻهو جڏهن موٽي آيو ته کيس خليفي ڏانهن روانو ڪيو ويو. خليفي کانئس ملڪ جي حالتن بابت پڇا ڳاڇا ڪئي. جنهن جواب ۾ چيو ته مان ماڻهن کان حال احوال پڇي معلومات حاصل ڪئي آهي. خليفي چيس ته حوال بيان ڪر تنهن تي هن چيو: "پاٽيءَ جي اٽاڪ آهي. ميوات بيڪار آهن. ڏاڙيل ڏاڍا بهادر آهن. جيڪڏهن فوج ٿوري ويندي ته قتل ٿي ويندي. جيڪڏهن گهٽي ويندي ته بک مري ويندي" خليفي چيس ته "حقيقت ٿو بيان ڪرين يا وڏاءُ ٿو ڪرين" هن وراڻي ڏني ته "هن پنهنجي معلومات موجب احوال ڏنو آهي." بعد ۾ خليفي اوڏانهن حملي ڪرڻ کان سختيءَ سان منع ڪري ڇڏي.

حضرت علي بن ابي طالب جي زماني ۾ 38هـ جي پڇاڙيءَ يا 39هـ جي اڳياڙي ۾ حارث بن مره العبدي خليفي جي اجازت سان

حملو ڪيو ۽ علائقو فتح ڪري ورتو. ڪيس گھٽو مال غنيمت ۽ بي شمار غلام هٿ لڳا. هڪ ڏينهن هڪ هزار ٻانها پنهنجي فوج ۾ تقسيم ڪيائين. سنہ 42ھ (662ع) هُو ۽ ساٿس ٻيا ڪيترا ماڻهو قيفان ۾ قتل ٿي ويا (3) هي علائقو سنڌ جي حدن اندر ۽ خراسان سان ڏنگئي آهي.

معاويہ جي زماني ۾ سن 44ھ (464) ۾ مهلب بن ابي صفراءَ کي ساڳي علائقي تي حملي ڪرڻ جو حڪم ڪيو ويو هو. جيڪو اڳتي وڌندو بنہ Banna ۽ الهوار (4) تائين وڃي پهتو هو. هي علائقو ملتان ۽ ڪابل جي وچ تي هو. هتان جي ماڻهن ساٿس مهاڏو اٽڪايو ۽ سندس گھٽي لشکر کي قتل ڪري ڇڏيائون. مهلب کي قيقان جي علائقي ۾ ارڙهن ترڪ گھوڙي سوار نظر آيا. جن جي گھوڙن جا پڇ ڪپيل هئا. هن مٿن حملو ڪري سيني کي قتل ڪري ڇڏيو. انهن بہ مهلب جو ڏاڍيءَ بهادريءَ سان مقابلو ڪيو هو. مهلب چيو تہ اهي جهنگلي تہ اسان کان بہ وڌيڪ بهادر هئا. پوءِ هن بہ پنهنجي گھوڙن جا پڇ ڪپي انهن کي لنڊو ڪري ڇڏيو. چيو ويندو آهي تہ هو مسلمانن مان پهريون ماڻهو هو جنهن ائين ڪيو.

اهو بہ چيو ويندو آهي تہ معاويہ جي خلافت جي ڏينهن ۾ امير عبدالله بن امير يا ڪن جي چوڻ مطابق خليفہ معاويہ پاڻ عبدالله بن سوار کي هندن جي سرحدن تي ڪاهہ ڪرڻ جو حڪم ڪيو هو. جنهن قيقان جي حاڪم تي وڃي حملو ڪيو ۽ گھٽو مال غنيمت کڻي واپس پهتو هو ۽ خليفہ معاويہ کي قيقان جا گھوڙا بہ آڻي ڏنا هئائين. ٿورو وقت رکي هن قيقان تي ٻيهر حملو ڪيو. اتان جي

رهاڪن پنهنجي فوج گڏ ڪري ساٽس مهاڏو اٽڪايو ۽ ڪيس قتل ڪري ڇڏيو.

ساڳئي خليفي معاويه جي زماني ۾ زياد بن ابو سفيان، سنان بن سلمه بن محبق هزلي کي عبدالله بن سوار جي جاءِ تي سپهه سالار مقرر ڪيو. هو ڏاڍو شريف ۽ خدا ترس ماڻهو هو. هي پهريون ماڻهو هو جنهن پنهنجي فوج کي طلاق جو قسم کڻايو هو. بعد ۾ سنڌ جي سرحد ڏانهن پيش قدمي شروع ڪئي ۽ مڪران سان گڏ ٻيا به ڪيترا شهر فتح ڪري اتي پنهنجي حڪومت قائم ڪيائين. ابن ڪلبيءَ جي حوالي موجب مڪران حڪيم بن جبلہ فتح ڪيو هو. ان کان پوءِ زياد ازد قبيلي جي راشد بن عمرو الجديدي کي ان علائقي جو امير مقرر ڪيو. جيڪو فوج وٺي مڪران ڏانهن راهي ٿيو. ڪيڏان تي به حملو ڪيو ۽ فتحون حاصل ڪيون پر ميدن هٿان مارجي ويو. جنهن سنان بن سلمه کي پنهنجي جڳهه تي مقرر ڪيو هو ۽ زياد به ان کي بحال ڪيو هو ۽ سال اتان جو حاڪم رهيو.

عباد بن زياد سجستان واري پاسي کان هند تي حملو ڪيو. سناروز ۽ اتان کان هند مند جي ڪناري تي آباد روزبار (5) تي حملو ڪيائين. جيڪو سجستان جي علائقي ۾ واقع هو. اتان کان جابلو علائقي مان ڪش پهتو ۽ هڪ رڻ پٽ لتاڙي قندهار تي حملو ڪيائين (6) اتان جي ماڻهن ساٽس مهاڏو اٽڪايو. پر شڪست کاڌائون. بعد ۾ ان علائقي کي عرب سلطنت سان ملايو ويو. اتان جي ماڻهن کي ڏگهيون ٽوپيون پاتل هيون. هن حڪم ڏيئي اهڙيون ٽوپيون ٺهرايون جن کي بعد ۾ عبادي ٽوپيون سڏيو ويو. انڪانپوءِ زياد

منذر بن جارود کي اتان جو حاڪم مقرر ڪيو. ڪيس ابو اشعث ڪري به سڏيو ويندو هو. هن نوڪان (7) ۾ قيڪان فتح ڪيا. جتان مسلمانن کي گهٽو مال غنيمت هٿ لڳو. پوءِ هو ملڪ ۾ چوڌاس پکڙجي ويا هئا. هن قصدار کي به فتح ڪيو ۽ ڪيترا غلام بڻايائين. هن کان پهريائين هيءَ ملڪ سنان فتح ڪيو هو. پر اتان جا ماڻهو بغاوت ڪري ڦري ويا هئا. المنذر قصدار ۾ وفات ڪئي هئي.

عراق جي والي عبيدالله بن زياد. ابن حريه الباهلي کي مقرر ڪيو. الله جي مهرباني سان هن ڪيترائي علائقا فتح ڪيا ۽ ماڻهن کي ڦري لُٽي تمام گهٽو مال غنيمت هٿ ڪيو. ڪن جو چوڻ آهي ته عبيدالله بن زياد سنان بن سلمه کي مقرر ڪيو هو ۽ حريته الباهلي لشڪر جي مهنداري ڪري رهيو هو. نوڪان جا رهواسي هاڻي مسلمان آهن.

خليفه معتصم بالله جي زماني ۾ عمران بن موسيٰ بن يحيٰ بن خالد برمڪيءَ انهيءَ پاسي هڪ شهر تعمير ڪرايو هو. جنهن جو نالو بيضاءَ رکيو ويو هو. جنهن جي معنيٰ آهي سفيد. جڏهن حجاج بن يوسف بن حڪيم بن ابو عقيل ثقفيءَ کلي عراق جو والي مقرر ڪيو ويو ته هن سعيد بن اسلم بن زره الڪلبي کي مڪران ۾ ان جي سرحدي علائقن جو حاڪم مقرر ڪيو هو. هو جڏهن اتي پهتو ته معاويه بن حارث ۾ محمد بن حارث علافي سندس مخالفت ڪئي ۽ ڪيس قتل ڪري ڇڏيائون. ان کان پوءِ حجاج مجاعته بن مسعر کي اتان جو حاڪم مقرر ڪري روانو ڪيو. هن پهچڻ شرط قندابيل جي علائقي ۾ جنگيون شروع ڪري ڏنيون. ماڻهن کي ڦري لٽي گهٹو مال

غنيمت هٿ ڪيائين. سندس باقي رهيل فتحون محمد بن قاسم اچي پوريون ڪيون هيون. هڪ سال کان پوءِ مجاعہ مڪران ۾ گذاري ويو.

مجاعتہ جي وفات کانپوءِ حجاج محمد بن هارون بن زراع نمري کي روانو ڪيو. هن حاڪم جي ڏينهن ۾ ياقوتن (8) واري ٻيٽ جي راجا، ان ملڪ ۾ ڇاول مسلمان ڇوڪريون جيڪي هاٿي جوان ٿي ويون هيون، حجاج ڏانهن سوڪڙي طور روانيون ڪيون. اتان جي راجا ائين سمجهيو تہ ائين ڪرڻ سان حجاج مٿس گهٽو خوش ٿيندو. ۽ اتفاق سان اهو جهاز جنهن تي مذڪوره ڇوڪريون سفر ڪري رهيون هيون، تن تي ديبل جي ميدن اچي حملو ڪيو. انهن ۾ يربو Yarbu قبيلي جي هڪ عورت هئي، جنهن دانهن ڪري چيو "اغثني يا حجاج! اغثني يا حجاج". جڏهن هيءَ خبر حجاج کي پهتي تہ چيائين: "لبيک لبيک!" (9) ان کان پوءِ هن ڏاهر ڏانهن پنهنجو سفير روانو ڪيو. جنهن سندڙ وڃي ڇوڪرين جي واپسيءَ لاءِ راجا ڏاهر کي گذارش ڪئي. راجا ڏاهر کيس وراڻيو تہ "اهي ماڻهو ساموندي ڏاڙيل آهن ۽ منهنجي مٿن کا هلندي ڪانہ آهي." جڏهن سفير ناڪام موٽي آيو تہ حجاج عبيدالله بن نبهان کي سندڙ تي چاڙهي موڪليو. سندس قتل ٿي وڃڻ کان پوءِ هن عمان تي مقرر ڪيل حاڪم بديل بن طهفتہ البجلي کي ديبل تي حملي ڪرڻ جو حڪم ڏنو. هن اتي پهچي ديبل تي حملو ڪيو. هلندي جنگ ۾ سندس گهوڙو چرڪ پري نرو کائي ايو ٿيو تہ هو هيٺ ڪري پيو. دشمن کيس چوڌاري وڪوڙي ويا ۽ قتل ڪري ڇڏيائونس. ڪن

مورخن جو بيان آهي تہ ہڏيہ جي جتن کيس قتل ڪري ڇڏيو هو.

ياقوتن وارو ٻيٽ حسين عورتن جي ڪري تمام گھٽو مشهور آهي. خليفي وليد بن عبدالملڪ جي زماني ۾ حجاج بن يوسف محمد بن قاسم بن محمد بن حڪيم بن عقيل کي فوج جو مهندار ڪري سنڌ تي حملي ڪرڻ لاءِ روانو ڪيو. هيءَ حڪم محمد بن قاسم کي ان وقت پهتو. جڏهن هو فارس ۾ هو ۽ هن کان اڳ ڪيس ري Rai (10) تي حملي ڪرڻ جا احڪام ملي چڪا هئا. ابوالاسود جهم بن زحر الجعفي هراول دستي جو اڳواڻ هو. تنهن کي واپس موٽڻ جو حڪم ڏنو ويو ۽ ڪيس چيو ويو هو تہ "هو سنڌ جي سرحدن وٽ وڃي محمد بن قاسم سان ملي." هن کان علاوه حجاج ڇهہ هزار شامي مجاهدن کي محمد بن قاسم سان ملڻ جو حڪم ڏنو هو. ڪيس سڀئي سڳي کان وڌي هر گھربل شيءِ فراهم ڪئي وئي هئي. محمد بن قاسم کي چيو ويو هو تہ بندوبست مڪمل ٿيڻ تائين هو شيراز ۾ ترسيو ويٺو هجي. ان وقت حجاج بن يوسف صاف ڪيهہ انگوري سرڪي مان ہوڙيندو سڪائيندو ٿهہ ڪرائيندو رهيو ۽ چيائين تہ سنڌ ۾ جڏهن ڳنڍڻ جي ڪابہ معلوم ٿئي تہ ڪيهہ کي پاڻيءَ ۾ ہوڙڻ سان انگوري سرڪو ٻاهر نڪري ايندو. جنهن سان ڪاڏي خوراڪ کي لذيذ بڻائي سگهجي ٿو ۽ ڳنڍڻ جيان مانيءَ سان بہ ڪائي سگهجي ٿو. ڪن مورخن جو چوڻ آهي تہ جڏهن محمد بن قاسم سنڌ جي سرحدن وٽ پهتو ۽ حجاج ڏانهن انگوري سرڪي ۽ ڳنڍڻ جي اڻ هوندي جي شڪايت لکي موڪلي هئائين تہ ان جي جواب ۾ حجاج انگوري سرڪي ۾ ہڏل ڪيهہ ڏانهس ڏياري موڪلي هئي.

محمد بن قاسم مکران پهچي آرام لاءِ ٿورو وقت ترسيو هو. تنهن کانپوءِ هن قنزبور ڏانهن پيش قدمي ڪري ان علائقي کي فتح ڪري ورتو. محمد بن هارون بن زراع بہ ساٹس هتي اچي مليو هو. ساٹس ڪجهہ وقت گڏ بہ رهيو پر ارمائيل ۾ وفات ڪري ويو ۽ ڪيس قنبل واري ماڳ تي دفنايو ويو(11)

ديبل جي فتح

محمد بن قاسم. جهم بن زرع الجعفيءَ سان گڏ جمعہ ڏينهن ديبل پهتو هو. ان ڏينهن سمنڊ رستي جنگي سامان ۽ هٿيار پنهوار بہ اچي پهتا هئا. جن ۾ منجنيقون بہ شامل هيون. هن پنهنجي فوجي واندِ جي چوڌاري کاهي کوٽائي ڏڻ سان پهريدار بيهاري ڇڏيا. هن جهنڊن جي ڦڙڪائڻ جو حڪم ڏنو ۽ اهوبہ چيائين تہ هر فوجي ڏيوزن پنهنجي جهنڊي سامهون قطارون ڪري بيهي. عروسڪ نالي هڪ منجنيق کي بہ ميدان ۾ آندو ويو. جنهن کي پنج سئو

ماڻهو هلائي سگهندا هئا. ديبل جي شهر ۾ هڪ وڏو مندر وهار هو. جنهن جي چوٽيءَ تي هڪ ڊگهي لکڙي ۽ وڏي بيرق سان جهنڊو جهولي رهيو هو. ان جي بيرق ايڏي ويڪري هئي. جو هوا جي جهوٽي سان سڄي شهر مٿان پئي هيڏي هوڏي ڦڙڪندي هئي. ان وهار جو منارو تمام گهٽو اوچو هو. جنهن هيٺان ٻڌ جو بت رکيل هو. هندستان جا ماڻهو عام طور تي جنهن شيءِ جي پوڄا ڪندا آهن. ان کي بت چوندا آهن ۽ ان جو گهٽو احترام ڪندا آهن. تنهن ڪري هر قسم جي مورتيءَ کي بت سڏيو ويندو آهي.

محمد بن قاسم اڳين‌ۀ ڪارڪردگي بابت حجاج ڏانهن خط لکيو ۽ وڌيڪ هدايتن لاءِ ڪيس گذارش ڪئي هئائين. هر ٽئين ڏينهن خط لکي هدايتون حاصل ڪيون ويندیون هيون. هڪ ڏينهن ڪيس هن قسم جي هدايت وصول ٿي: "منجنيق کي مناسب جاءِ تي رکي ان جا پير ڪپي ٽورا ننڍا ڪيا وڃن. وڌيڪ مناسب آهي ته منجنيق قلعي جي اوپارين طرف ڪنهن مناسب جڳهه تي نصب ڪئي وڃي. تنهن کانپوءِ منجنيق جي توپچي کي چئو ته وهار واري ان جهنڊي جو نشانو وٽي پٽراءُ ڪري جنهن جو خط ۾ تو ذڪر ڪيو آهي" اهڙيءَ ريت منجنيق وسيلي پٽراءُ ڪري جهنڊي کي ڪيرايو ويو. جيڪو پڄي ٽڪرا ٽوٽا ٿي ويو. ان ڪري ڪافر وسوڙجي ويا. ڪافرن اهو حال ڏسي قلعي مان نڪري عربن تي حملو ڪيو. پر عربن سان پڄي ڪونه سگهيا ۽ موٽي اچي قلعبند ٿي ويهي رهيا. مسلمان ڏاڪڻين وسيلي قلعي جي ڀت ٽپي اندر پهتا. چوٽيءَ تي پهچندڙ پهريون ماڻهو ڪوفي جو رهاڪو مراد Murad قبيلي مان هو. سخت حملي کان پوءِ نيٺ قلعو فتح ٿي ويو. ماڻهن جو پورا ٿي ڏينهن قتل عام ڪيو ويو. راجا ڏاهر طرفان مقرر ڪيل گورنر نڪري هليو ويو. وهار جي شمنين جو به قتل عام ڪيو ويو. مسلمانن جي رهڻ واسطي محمد بن قاسم هڪ خاص جاءِ مقرر ڪئي ۽ قلعي ۾ چار هزار فوج رهائي.

محمد بن يحيٰ جو بيان آهي ته منصور بن حاتم جيڪو خالد بن اسود جو آزاد ڪيل غلام ۽ صرف نحو جو وڏو عالم هو تنهن ٻڌايو ته ان وهار تي نظر ايندڙ جهنڊي جي لڪڙي جا ٽڪرا هن پاڻ ڏٺا هئا.

خليفي معتصم بالله جي زماني ۾ عبسہ بن اسحاق سنڌ جو امير مقرر ٿي آيو هو جنهن هن وهار جو مٿيون گنبذ ڪيرائي ان کي قيد خاني طور ڪم آندو هو. ان کان علاوه اهو به ڪم ڪيائين جو هن وهار جي پٽرن سان شهر جي ناس ٽيل حصن جي نئين سر تعمير به ڪرايائين. هن اهو ڪم اڃا پورو ئي ڪونہ ڪيو هو جو کيس معزول ڪري سندس جاءِ تي هارون بن ابو خالد کي سنڌ جو امير ڪري موڪليو ويو هو.

ديبل جي فتح کانپوءِ محمد بن قاسم نيرون (12) ڏانهن روانو ٿيو. جتان جي رهاڪن امان ڏيڻ جي ارادي سان اڳي ئي پنهنجا ۽ شمني حجاج بن يوسف ڏانهن روانا ڪيا هئا. مسلمانن جي فوج جڏهن نيرون پهتي تہ اتان جي رهاڪن محمد بن قاسم کي هر شيءِ مهيا ڪري ڏني تہ کين امان ڏنائين. جتان جتان مسلمانن جي فوج لنگهندي وئي، سڀ شهر آڻ مڃيندا ويا. هلندي هلندي نيڻ ان پاسي وهندڙ مهراڻ جي هڪ ڇاڙهہ اکريو ۽ پيش قدمي ڪندو اڳتي وڌندو رهيو. رستي ۾ ڪيس سربيدس Sarbidas نالي هڪ شمني اچي مليو. جنهن کانئس امان طلب ڪئي. محمد بن قاسم ڏن ڏيڻ جي عويض کيس امان ڏيڻ جو وعدو ڪيو. ان کانپوءِ شهبان Shaban نالي هڪ شهر تي حملو ڪيو ۽ اهو فتح ڪيائين. ان کانپوءِ اڳتي وڌندو وڃي مهراڻ جي مکي وهڪري جي ڪنار سان پهتو ۽ اتي ڪجهہ وقت آرام لاءِ ترسيو. جڏهن اها خبر راجا ڏاهر کي پهتي تہ هن جنگ لاءِ تياريون ڪيون. محمد بن قاسم، محمد بن مصعب بن عبدالرحمان ثقفيءَ کي سدوساڻ موڪليو. مسلمان فوج

گهوڙن ۽ گڏهن تي سوار ٿي. جڏهن اتي پهتي تہ اتان جي ماڻهن کين امان ڏيڻ لاءِ ٻاڏايو ۽ ناهہ جا شرط هڪ شمنيءَ طئي کيا هئا. محمد مٿن ڏن لاءِ کيو. کائنس ضمانت ورتائين ۽ پوءِ موٽي اچي محمد بن قاسم سان مليو. هن پاڻ سان چار هزار جٹ آندا هئا. جن کي هڪ فوجي عملدار سان گڏ سدوساڻ ۾ رهايو ويو هو.

محمد بن قاسم ان جاءِ وٽان مهراڻ پار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. جتان ڪچ ملڪ ويجهو هو ۽ راسل نالي هڪ ماڻهو اتان جو حڪمران هو. هن ماڻهوءَ ٻيڙين واري پل ٺاهڻ ۾ محمد بن قاسم جي وڏي سهائتا ڪئي هئي. راجا ڏاهر اڳواڻ کوبہ بندوبست ڪونہ ڪيو هو. کيس وهم گمان ئي کونہ هو تہ محمد بن قاسم ايترو اڳتي وڌي ايندو. پوءِ هن مسلمان فوجي اڳواڻ ڏاهر جو مقابلو کيو. جيڪو هاٿيءَ تي سوار هو. سندس چوڏس بي شمار هاٿي هئا ۽ سندس فوجي سپاهي ٽڪا ڪرس (ٽڪر) هن جي قريب هو. پوءِ اهڙي تہ سخت جنگ لڳي جنهن جهڙي اڳي نہ ڏٺي نہ سٽي. ڪو وقت اهڙو بہ آيو جو راجا ڏاهر کي هاٿيءَ تان لهي پيادل ٿي مقابلو ڪرڻو پيو ۽ ڏاڍي بهادري سان وڙهندو رهيو. شام جو جڏهن کيس بت پرست چڏي پڄي ويا تہ هو مارجي ويو. بعد ۾ مسلمانن سنڌين جو قتل عام شروع کيو. المدائني جو بيان آهي تہ جنهن ماڻهوءَ ڏاهر کي قتل کيو هو. تنهن جو تعلق ڪلاب قبيلي سان هو.

ڪيترن مورخن جو بيان هن ريت آهي تہ محمد بن قاسم (13) راوڙ تي حملو ڪري فتح کيو هو. جنهن ۾ راجا ڏاهر جي گهروارين بہ هئي. کيس ڊپ ٿيو تہ متان کيس جهلي هاڻي وٺايو وڃي. تنهن ڪري

پنهنجي گهرو نوڪرياڻين سميت باهر پر ٽپ ڏئي رک ٽي وئي. ان کان اڳ هن سارو قيمتي سامان ساڻي پسر ڪري چڏيو هو.

ان کان پوءِ محمد بن قاسم برهمڻ آباد تي حملو ڪيو جيڪو منصوره کان ٻه فرسنگ پري هو. پر منصوره جو شهر ان زماني ۾ اجايو ڪوٺ ڏيو هو ۽ ان جاءِ تي وڏو جهنگ هو. راجا ڏاهر جي باقي بچيل فوج اتي موجود هئي. جيڪا محمد بن قاسم سان مقابلو ڪندي رهي. هڪ ڏينهن هن زبردستي حملو ڪيو ۽ شهر فتح ٽي ويو ۽ ماڻهن جو قتل عام ٿيو. ڪي چون ٿا ته اٺ هزار ۽ ڪن جو چوڻ آهي ته پورا چوويهه هزار ماڻهو ڪٽا ويا هئا.

هن شهر جي فتح کانپوءِ فوج الور (14) ۽ بغرور ڏانهن روانو ٿي. ساوندري وٽ ڪي ماڻهو اچي محمد بن قاسم سان مليا ۽ ڪيس امان ڏيڻ جي گذارش ڪيائون. ڪين هن شرط سان امان ڏني وئي ته هو عرب فوج کي وندرائيندا ۽ رستن جي رهبري ڪندا. اهي هاڻي مسلمان ٿي ويا آهن. هتان کان پوءِ بسمند ڏانهن روانو ٿيو. جتان جي ماڻهن کي ساوندري جي رهاڪن سان طئي ڪيل شرطن موجب امان ڏني وئي. نيٺ سفر ڪندو هڪ ڏينهن سنڌ جي مڪيه شهر الور پهتو هيءُ شهر هڪ ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي اڏيل آهي. مسلمان ڪيترن مهينن لاءِ هن شهر تي ڪڙو چاڙهيون ويٺا رهيا. هتان جي رهاڪن سان اهو ٻه وعدو ڪيو ويو هو ته ڪين ڪجهه ٻه ڪوٺ چيو ويندو ۽ سندن مندر کي ٻه سلامت رهڻ ڏنو ويندو. هن ڪين چيو ته "اسان لاءِ توهان جا مندر عيسائين جي گرجا گهرن. يهودين جي هيڪل ۽ مجوسين جي آتشڪدن برابر آهن." شهر جي فتح کانپوءِ متن ڏن

مڙهيائين ۽ شهر ۾ هڪ مسجد به تعمير ڪرايائين. ان کان پوءِ هن السڪ (15) تي حملو ڪيو. جيڪو بياس جي ٻئي پار هو ۽ کيس فتح ڪيائين. هاڻي اهو شهر ويران آهي. پوءِ بياس اکري ملتان تي هلان ڪيائين. ماڻهو نڪري اچي سندس سامهون ٿيا. هن جنگ ۾ زيد بن عمر طائي مڙس ٿي مقابلو ڪيو ۽ دشمن فوج انتشار جو شڪار ٿي وڃي قلعبند ٿيڻ تي مجبور ٿي. مسلمانن شهر تي ڪڙو چاڙهيو. عرب فوج جي خوراڪ ختم ٿي وئي ۽ مجبور ٿي گڏهن جون منڊيون کائڻ لڳا. انهيءَ ڏکئي ٽاڻي هڪ ماڻهو اچي محمد بن قاسم کان امان گهري ۽ ٻڌايائين ته قلعي ۾ هڪ مورتي آهي. جنهن وسيلي بسمند واري درياهه جو پاڻي اندر شهر ويندو آهي. جيڪو هڪ تلاءَ (16) ۾ وڃي گڏ ٿيندو آهي. ڪيس جڏهن اهڙي ڄاڻ ملي ته شهر ڏانهن ويندڙ پاڻي بند ڪري ڇڏيائين ۽ ماڻهو اڃ ۾ مرڻ لڳا. جنهن ڪري مجبور ٿي محمد بن قاسم جي آڏ مڃيائون. هن سڀني سالار تلوار کڻڻ جهڙو جيڪو ماڻهو ڏٺو تنهن کي قتل ڪرڻ جو حڪم ڏنو. مندرن جا ٻاوا ٻانيڻ به مسلمانن جي تلوارن کان بچي ڪونه سگهيا. ننڍڙن ٻارڙن کي غلام بڻايو ويو. اهڙيءَ ريت ڇهه هزار ماڻهو ڪٽا ويا. مسلمانن کي اتي هڪ مندر جي ٿهه خاني مان ڄجهو سون هٿ لڳو. ان ٿهه خاني جي مٿان هڪ سوراخ هو. جنهن مان سون هيٺ اڇلايو ويندو هو. تنهن ڪري ملتان کي سون جي گهر واري سرحد سڏيو ويندو آهي. ڇاڪاڻ جو فرج جو مطلب سرحد (17) Frontier آهي. ماڻهو ملتان جي مندر ۾ قيمتي شيون پيٽا طور ڏيندا هئا ۽ سنڌ جا ماڻهو هن کي وڏو تيرٿ سمجهندا هئا. ياتري هن مندر

جي چوڪاري ڦري طواف ڪندا هئا ۽ ڏاڙهي مٿو به ڪوڙائيندا هئا سندن خيال آهي ته هيءَ مورتي حضرت جوب Job نبيءَ عليہ السلام جي آهي.

چيو ويندو آهي ته حجاج ان وقت حساب لڳايو هو ته سنڌ تي ڪيل حملي دوران خلافت جو ڪيترو خرچ آيو ۽ محمد بن قاسم ڪيترو مال غنيمت پوئتي موڪليو. ڏنو ويو ته خرچ ست ملين درهم آيو آهي. جڏهن ته محمد بن قاسم جو موڪليل خزانو هڪ لک ويهه ملين جيترو هو. ان ڪانپوءِ چيائين اسان پنهنجي ڪاوڙ ۽ ڪاوڙ سورن جو سنڌين کان پورو بدلو چڪائي ورتو آهي ۽ ست ملين درهم ۽ راجا ڏاهر جو سر فائدي ۾ ڏهيو. ان زماني ۾ حجاج بن يوسف وفات ڪري ويو. (18) جڏهن هيءَ خبر محمد بن قاسم کي پهتي ته هو ملتان ڇڏي اچي الرور بغرور پهتو. جيڪو هو اڳي ئي فتح ڪري چڪو هو. هن اتي پنهنجي فوج ۾ انعام ورهايا. اتان کان هن بيلمان ڏانهن فوج رواني ڪئي. اتان جي ماڻهن بنا ڪنهن مقابلي جي آڻ مڃي. هن سرست جي رهاڪن سان صلح ڪيو. ل هنن ماڻهن سان هاڻي بسيہ Basea جنگ ڪندا رهندا آهن. (19) اهي ميد آهن. ساموندي سفر جا ڪوڏيا ۽ ساموندي ڏاڙيل آهن. هن فتح کان پوءِ ڪيرج تي گهل چاڙهي ويو. اتان جي راجا جو نالو ڏهر Duhar هو. جنهن ساٹس مهاڏو اٽکايو. پر پڇاڙ جي پيٽي نہ ڏسي پڇي ويو. ڪن جو چوڻ آهي ته مقابلو ڪندي هلندي جنگ ۾ مارجي ويو. رهاڪو پيش پيا. جيڪي ماڻهو تلوار ٻڌڻ جوگا هئا. تن کي قتل ڪرڻ جو حڪم ڏنائين. باقي جيڪي بچيا تن کي غلام بڻايو ويو.

ان زماني ۾ وليد بن عبدالمالڪ ۽ مري ويو ۽ سندس جاءِ تي سندس پاءُ سليمان بن عبدالمالڪ خلافت ڏني ٿيو. جنهن صالح بن عبدالرحمان کي عراق جي ڊل ۽ محصول اوگاڑڻ لاءِ مقرر ڪيو. يزيد بن ابوڪبشہ سڪسڪي کي سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو ويو. اهڙيءَ ريت محمد بن قاسم ۽ معاويہ بن مهلب کي قيد ڪيو ويو. ڇيو وڃي ٿو تہ محمد بن قاسم جي وڃڻ وقت هندو ڏڪ ۾ رئندا رهيا. ڪيرج ۾ سندس بت بڻائي رکيو هئائون. ڪيس صالح واسط جي بنديخاني ۾ قيد ڪيو ويو ۽ ڪيس ابوعقيل جي سيني پوينئرن کي چچلائيندو ۽ عذاب ڏيندو هو. آخر اهي بنديخاني ۾ ئي مري ويا. (20) حجاج بن يوسف پنهنجي زماني ۾ صالح جي پاءُ احمد کي بند ڪيو هو. جيڪو خارجي فرقي سان تعلق رکندو هو. همزه منفي محمد بن قاسم جي ياد ۾ هڪ شعر چيو هو. جنهن جو ترجمو هيٺ ڏجي ٿو:

محمد بن قاسم بن محمد

بهادري سخا ۽ آزاد طبع جو مالڪ هو

هو سترهن سالن جي ننڍيءَ وهيءَ ۾

فوجي مهندار بڻيو هو.

يزيد بن ابوڪبشہ سنڌ ۾ پهچڻ کان اڳ ڏينهن پوءِ وفات ڪري ويو. ان کان پوءِ خليفي سليمان بن مهلب کي سنڌ روانو ڪيو. انهيءَ مقصد سان تہ جيئن رڪيل جنگ کي ٻيهر شروع ڪري سگهجي. ان وقت هند جا راجا پنهجن ملڪن ڏانهن موٽي آيا هئا. جيسين (21) پٽ ڏاهر ۽ برهمڻ آباد اچي نڪتو هو. جڏهن حبيب پنهنجي فوج سان گڏ مهراڻ جي ڪناري تي پهتو تہ الور جي ماڻهن

سندس آڻ مڃي، پر ڪن نياتن جي ماڻهن ساڻس جنگ ڪئي، جن کي هن ماري مات ڪيو.

جڏهن سليمان بن عبدالمالڪ وفات ڪري ويو تہ خليفو عمر بن عبدالعزيز سندس جانشين ٿيو (22) تہ هن هند جي ڪيترن ئي راجائن کي مسلمان ٿيڻ جي دعوت موڪلي ۽ کين يقين ڏياريو ويو تہ جيڪڏهن اهي مسلمان ٿيندا تہ کين سندن ملڪن جو حڪمران رهڻ ڏنو ويندو ۽ کين ٻين مسلمانن جيتري عزت ڏني ويندي. هتان جي راجائن کي هن خليفي جي اعليٰ اخلاق جي اڳي ئي خبر هئي. کين اهو بہ پتو هو تہ هو واعدي جو پڪو آهي. تنهن ڪري جيسيسان گڏ ٻيا بہ ڪيترا راجا مسلمان ٿيا ۽ عربي نالا اختيار ڪيا هئائون. ان زماني ۾ خليفي عمر بن عبدالعزيز طرفان سنڌ جو گورنر عمرو بن مسلم باهلي هو. هن هند جي سرحدن جي پاسي ڪيترن ئي ملڪن تي حملا ڪيا ۽ کين فتح ڪيائين.

يزيد بن عبدالمالڪ جي زماني (23) ۾ مهلب جا پٽ پڃي اڃي سنڌ نڪتا هئا. سندن ڪي هلال بن احوز تميمي کي سنڌ روانو ڪيو ويو هو. هنن ابن احوز جو قندابيل ۾ مقابلو ڪيو. جنهن ۾ مدرڪ Mudrak بن مهلب مارجي ويو. بعد ۾ هن مهلب جا ٻيا پٽ مفضل، عبدالمالڪ، زياد، مروان، معاويہ ۽ سيني کان پڇاڙي ۾ معاويہ پٽ يزيد کي بہ قتل ڪري ڇڏيو.

خليفي هشام بن عبدالمالڪ (24) جي زماني ۾ عراق جو والي عمرو بن هبيره الفزاري هو. جنهن جنيد بن عبدالرحمان المري کي سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو. خليفي بہ هن کي ساڳئي عهدي تي برقرار

رکيو. پر جڏهن عمر بن هبيره جي جاءَ تي خالد بن عبدالله قسري کي رکيو ويو هو تہ خليفي هشام بن عبدالمالڪ جنيد کي تاڪيد ڪيو هو تہ عراق جي والي خالد بن عبدالله کي حالتن کان واقف ڪندو رهي. جنيد سفر ڪندو نيٺ وڃي ديبل پهتو ۽ اتان اڳتي وڌي مهراڻ درياهہ جي ڪناري منزل ڪيائين. اتي جيسيہ ڪيس مهراڻ اکرڻ کان منع ڪئي ۽ چيائين تہ مان مسلمان ٿي چڪو آهيان ۽ هڪ نيڪ انسان مون کي پنهنجي ملڪ جي حڪمران رهڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي آهي ۽ مون کي توهہ ڪوہ ويساهہ ڪونہ آهي. جنيد ساڻس جنگ نہ ڪرڻ جو پڪو واعدو ڪيو ۽ ڪانئس بہ اهڙو واعدو ورتائين. ساڻس اهو بہ واعدو ڪيو ويو تہ سندس ملڪ تي رهيل ڏن بہ وصول نہ ڪيو ويندو. يقين ڏيارڻ کانپوءِ بہ جيسيہ ڪافر نڪري پيو ۽ پنهنجو لشڪر وٺي اچي جنيد جي سامهون ٿيو. پر کي مورخ هن خيال جا آهن تہ اڳرائي جيسيہ نہ پر جنيد ڪئي هئي ۽ هن ئي ساڻس ڏاڍ ڪيو هو ۽ هو جنگي ٻيڙا وٺي مٿس ڪاهي ويو. الشرقي نالي هڪ ٻيڙي هہ ساڻس مقابلو ڪيو هئائين. ويڙهہ دوران جيسيہ جو ٻيڙو ناس ٿي ويو ۽ جيسيہ کي جهلي بند ڪيائون ۽ آخر هہ کيس قتل ڪري ڇڏيائون. (25) صص پٽ ڏاهر دانهڻ ڪوڪڙ لاءِ عراق وڃي رهيو هو انهيءَ لاءِ تہ جيئن عراق جي واليءَ کي جنيد جي قهر ۽ ڪلور بابت سڃي ڄاڻ ڏئي سگهي. جنيد صلح لاءِ ڳالهين ٻهاني کيس موڪلائي آندو ۽ آخر هہ کيس بہ قتل ڪيو ويو. ان زماني هہ ڪيرج جي ماڻهن بغاوت ڪئي هئي. جنيد مٿن حملو ڪيو. ڪجهہ مقابلي کانپوءِ هو قلعبند ٿي ويٺا. جنيد قلعي جون پٽيون پڄي اندر داخل

ٽيو. قلعو ڀاهي پٽ ڪري ڇڏيائين. قتل عام ڪانپوءِ ڦرلٽ ڪري گھٽو مال غنيمت هٿ ڪيائين. قتل عام ڪان جيڪي جيئرا بچيا. تن کي باندي بڻايو ويو. ان ڪانپوءِ هن مرمند، مندل، دنج ۽ بروص (پڑوچ) ڏانهن به فوجون روانيون ڪيون. جنيد چوندو هو ته "ماڻ ڪري ويهڻ کان جهيڙي ۾ مرڻ افضل آهي." هن اجين (26) ڏانهن به فوجون موڪليون. ان کانسواءِ هن حبيب مره جي مهنداري هيٺ (27) مالبا (مالوا) ڏانهن به فوج موڪلي. هنن اجين، بهرمد (28) تي حملو ڪيو ۽ اوسي پاسي واريون وسنديون ساڙي رک ڪري ڇڏيون. ٻئي پاسي جنيد بيلمان، جرز (29) کي فتح ڪري ورتو ۽ اتان جي ماڻهن کان چاليهه ملين درهم ورتائين ۽ پنهنجي ذاتي تصرف ۾ آندائين. جنيد کان پوءِ تميم بن زيد عتبي آيو. هي ڪمزور قسم جو ماڻهو هو ۽ ديبل ۾ رسان هڪ ڏينهن ۾ ٻڌي مري ويو. جنهن جو نالو "ماءُ الجواميس" هو. ٻاڻيءَ جي هن تلاءَ کي انهيءَ نالي سان هن ڪري سڏيو ويندو هو جو هتي مينهون اچي ويهندیون هيون. هي جانور مهراڻ جي ڪنڌين سان تمام گھٽو ڏسبو آهي. تميم سيني عربن گورنرن مان سخي طبيعت جو ماڻهو هو. هن ڏٺو ته سنڌ جي خزاني ۾ ارڙهن ملين طاطري درهم آهن ته هن اهي هڪدم کپائي ڇڏيا. تميم جي زماني تائين هند سنڌ مان عرب ڇڏي هتي اچي ٻهتا آهن ۽ هن وقت تائين ٽانيڪا ئي ڪوڙ سگھيا آهن. تميم کان پوءِ حڪم بن عوانہ سنڌ جو امير ٿي آيو. هن زماني ۾ هندستان جا ماڻهو جيڪي مسلمان ٿيا هئا سي ڦري پنهنجي اصلي مذهب اختيار ڪري چڪا هئا. باقي ڪجھ جا مسلمان ڪوڙ ڦريا هئا. عربن خلاف چوڌاري

نفرتون ۽ بغاوتون پکڙجي ويون هيون. کين لکڻ لاءِ ڪٿي به جاءِ کاڻ ٿي ملي. جتي هو پنهنجو تحفظ ڪري سگهن. تنهن ڪري هن ڏنڊ جي مخالف پاسي يعني هندستان واري طرف محفوظ نالي هڪ شهر تعمير ڪرايو هو. هيڏانهن هوڏانهن جا عرب لڏي پلاٽي اتي اچي ويٺا هئا. ان کان پوءِ اهو عربن جو مکيه شهر بڻجي پيو هو. هن ڪلبي قبيلي جي ماڻهن کان جن جو تعلق شام سان آهي. شهر جي نالي بابت پڇيو. انهن مان ڪن ماڻهن جو خيال هو ته هن ئي دمشق نالو رکيو وڃي. ڪن چيو ته هن جو نالو حمص ۽ ڪنهن چيو ته تدمر رکيو وڃي. تنهن تي هن وراڻيو "شال توکي خدا ناس ڪري اي موڳا مٽ(30)." پوءِ هن پاڻ ئي ان شهر جو نالو المحفوظ رکيو.

عمرو بن محمد بن قاسم حڪم سان گڏ هو ۽ حڪم کائنس سدائين مشورا طلب ڪندو هو. المحفوظ کان ٻاهر ڪيترن ئي جنگي مهمن لاءِ ڪيس روانو ڪيو ويندو هو ۽ هر پاسي کان سوياري ٿي موٽندو هو. هن ڏنڊ جي ٻئي پاسي هڪ شهر جو بنياد رکيو هو. جنهن کي "منصوره" جو نالو ڏنو ويو هو. هاڻي امير به هن پوئين شهر ۾ رهندو آهي. حڪم اهي علائقا به فتح ڪري ورتا هئا. جيڪي دشمنن پنهنجي قبضي ۾ ڪري ڇڏيا هئا. ان ڪري عرب ڏاڍو خوش ٿيا هئا. خالد چيو ته اها اچرج جهڙي ڳالهه آهي ته مان عربن مان وڏيڪ سخي مرد تميم جهڙي شريف ماڻهوءَ کي موڪليو ته ماڻهو تنگ ٿي پيا. جڏهن وري هڪ چوٽيءَ جي ڪنجوس عرب حڪم کي موڪليو ته ماڻهو خوش ٿي ويا. تميم جيان حڪم کي به قتل ڪيو ويو.

سنڌ ۾ جيڪو گورنر مقرر ڪيو ويندو هو. سو دشمنن کي قتل ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪجھ ڪونہ ڪندو هو. ڪيس ٻي اڻ تڻ اها لڳل هوندي هئي تہ ڪنهن طرح ڦرلٽ ڪري گھٽو مال غنيمت گڏ ڪجي.

جڏهن پاڳوند گھراٽي جو خلافت جو زمانو آيو تہ ابو مسلم عبدالرحمان بن ابومهلم مغلثيءَ کي سنڌ جو امير ڪري موڪليو. عبدالرحمان طخارستان وسيلي سنڌ روانو ٿيو. ان زماني ۾ منصور بن جمهور (31) سنڌ ۾ بغاوت ڪئي هئي. جنهن کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪيس واضح حڪم مليل هئا. پر منصور عبدالرحمان کي قتل ڪري ڇڏيو. جڏهن ابو مسلم کي هيءَ ڄاڻ ملي تہ هن موسيٰ بن ڪعب تميميءَ کي سنڌ جو امير مقرر ڪري روانو ڪيو. هن سنڌ پهچي منصور بن جمهور تي حملو ڪيو. ٻنهي جي وچ تي مهراڻ درياھ هو. نيٺ سندن وچ ۾ مقابلو ٿيو. جنهن ۾ منصور هارايو. هو فوج سميت پڇي هليو ويو. پر سندس پاءِ منظور قتل ٿي ويو. منصور بہ پڇڙ وقت ٿر ڏانهن منهن ڪيو هو. جتي هن اڄ ۾ تڙپي تڙپي ساھ ڏنو. موسيٰ ڪجھ وقت سنڌ ۾ رهيو. هن منصوره جي ڊڀل حصي جي مرمت ڪرائي. مسجد کي ويڪرو ڪرايو. مطلب تہ هو پنهنجي مهم ۾ ڪامياب ويو.

خليفي منصور هشام بن عمرو تغلبي کي سنڌ جو گورنر ڪري موڪليو. هن ڪوشش ڪري اهي ايراضيون ٻيهر هٿ ڪيون، جيڪي اڳي دشمنن سنڌين جي قبضي هيٺ اچي ويون هيون. هن عمر بن جمل کي لشڪر ڏئي نارند(32) تي حملي لاءِ ٻيڙين تي

چاڑهي روانو ڪيو. هن فتح جي ارادي سان هند جي ملڪ ڪشمير ڏانهن به فوجون موڪليون جنهن اتان ڪيترائي جنگي باندي ٻانها ۽ ٻانهيون هٿ ڪيون. هن ملتان تي به ٻيهر قبضو ڪيو. قندائيل تي عربن جو تولو قابض هو. تنهن کي به اتان پڃائي ڪڍيو ويو. ان کان پوءِ هو ٻيڙين ۾ چڙهي قندهار ويو ۽ ان کي به فتح ڪيائين. ان شهر ۾ بڈ جو بت رکيل هو. جنهن کي هن پڄي پورا ڪري ڇڏيو. اتي هن هڪ مسجد تعمير ڪرائي. هن جي حڪومت دوران سڪر سٽائي ٽي وئي هئي. غريب غربو ڪيس دعائون ڪري رهيو هو. ڪيترائي ملڪ فتح ڪري پنهنجيءَ حڪومت ۾ شامل ڪيا هئائين.

هن کانپوءِ عمر بن عثمان هزار مرد کي سنڌ جو امير مقرر ڪيو ويو. کانئس پوءِ دائود بن يزيد بن حاتم کي موڪليو ويو. ان کانپوءِ قنده قبيلي جو آزاد ڪيل غلام ابوصمه کي سنڌ جو گورنر بٽائي روانو ڪيو ويو هو. بشر بن دائود جي زماني ۾ خليفي مامون (33) جي دور تائين سنڌ جون حالتون ٺيڪ رهيون. بشربن دائود سنڌ پهچڻ کان پوءِ غسان بن عباس کي سنڌ جو گورنرمقرر ڪيو ويو. هو ڪوفي جي ويجهو ڪنهن جوءِ جو رهاڪو هو. بشر بن دائود جڏهن سندس اچڻ جو ٻڌو ته اڳتي وڌي سندس استقبال ڪيائين. پوءِ ٻئي گڏجي دارالخلافه پهتا. هن کان پوءِ غسان موسيٰ بن يحيٰ بن خالد بن برمڪ کي سنڌ جو امير ڪري موڪليو. هن اچڻ سان الشروقي جي حڪمران راجا ٻال چند کي قتل ڪري ڇڏيو. هن راجا کيس پنج لک درهم ڏنا هئا ته جيئن هو کيس جئندان ڏئي. هن امير راجا کان پنج لک درهم ورتا ۽ پوءِ به کيس قتل ڪري ڇڏيائين. مذڪوره راجا

سيد عبدالله الاشتر کي سام جهلڻ جو ڏوهه ڪيو هو. جنهن تي عباسين جو ڏمر هو. ۽ ڪيترن ئي جو دوست هو. هن فوج جي روبرو ڏانهس خط لکيو هو. سيد عبدالله الاشتر جا صاحبزاده به اتي موجود هئا. پر سندس اهڙي گذارش رد ڪئي وئي هئي. موسيٰ (34) سن 221هـ (836) ۾ وفات ڪئي ۽ پنهنجي پٽ عمران کي پنهنجو جانشين بڻائي حملو ڪيو ۽ کين شڪست ڏنائين. هن اتي هڪ شهر تعمير ڪرايو. جنهن کي بيضا. (35) نالو ڏنو ويو هو. هن اتي فوج رکي. اتان کان پوءِ هو ملتان ۽ بعد ۾ قندائيل روانو ٿيو. جيڪو جبل تي واقع آهي. اتي محمد بن خليل حڪومت ڪري رهيو هو. جنهن کي هن قتل ڪيو ۽ اتان جي رهواسين کي وڏي قصدار پهتو. تنهن کانپوءِ هن ميدن تي حملو ڪيو ۽ انهن جا ٽي هزار ماڻهو قتل ڪري ڇڏيائين. هن ماڳ وٽ هڪ بند تعمير ڪرايو ويو. جنهن کي سکر المید سڏيو ويندو آهي. بعد ۾ موٽي اچي الور ويجهو درياهه تي منزل ڪيائين (36) اتي هن جتن کي گهرايو. جڏهن هو وٽس پهتا تہ سندس هٿن تي (37) مهرون هڻايون ويون. ڪائنڪ جزيہ ٻہ ورتي وئي. کين اهو ٻہ حڪم ڪيو ويو تہ جڏهن ٻہ هو ڪيس ملڻ اچڻ تہ پنهنجي ڪيڏ ڪتو ٻہ لايون اچن. انهيءَ لاءِ تہ جيئن سچاڻي سگهجي. تہ اهي جت آهن. انهيءَ ڪري ڪتن جو اگهہ چڙهي ويو ۽ هڪ ڪتو پنجاهہ درهمن ۾ وڪامڻ لڳو. هن واري ٻہ جتن تي حملو ڪيو. ساٹس گڏ جتن جو سردار ٻہ هو. هن سمنڊ مان هڪ واهہ کوٽائي سندن پيئڻ وري پاڻي جي تلاءَ ۾ چڏرايو ۽ اهو پاڻي سمنڊ جي پاڻيءَ جهڙو کاروٽي ويو. ان کانپوءِ ٻہ هو خوش ڪونہ ٿيو ۽ سندن قر لٽ لاءِ

نوجي ٽولن کي روانو ڪيو ويو. ان زماني ۾ نزارين ۽ يمنين (38) جي جهيڙي جي شروعات ٿي چڪي هئي ۽ عمران يمنين سان ٻٽ ٿي ٻيهي رهيو. عمر بن عبدالعزيز هباري وٽس ويو ۽ دفا سان وڃي ڪيس نتل ڪيائين. سندس وڏو ڏاڏو عمر. حڪم بن عوانہ ڪلبيءَ (39) سان گڏ سنڌ آيو هو.

منصور بن حاتم مون کي ٻڌايو تہ فضل بن ماهان آل صمہ جو غلام هو. جنهن سندان تي حملو ڪري فتح ڪيو. هن خليفي مامون ڏانهن سوڪڙيءَ طور هڪ هاٿي روانو ڪيو هو ۽ جمع جي نماز مهل سندس نالي جو خطبو پڙهيو هو. هن جي وفات ڪانپوءِ سندس پٽ محمد بن فضل بن ماهان سندس جانشين ٿيو. هن فوج جا سٽ ٻيڙا پرائي جتن تي حملو ڪيو. جن مان گهٽا ڪٽا ويا. ڪالر (40) Kallar وارو علائقو بہ فتح ڪيائين. پوءِ موتي سندان پهتو. پر سندس پهچڻ کان اڳ سندس پاءُ ماهان سندان تي قبضو ڪري چڪو هو ۽ خليفي معتصم بالله ڏانهن هڪ سج (41) ڦهرائي رواني ڪئي هئي. اتان جا ماڻهو سندس پاءُ کان وڌيڪ متاثر هئا ۽ ڪيس گهٽو چاهيندا هئا . تنهن ڪري ڪيس ڦاهي ڏئي ماري ڇڏيائون. ان ڪانپوءِ سندان جو انتظام بہ پاڻ هلائڻ لڳا. هنن مسجد کي هٽ ڪوٺ لاتوءِ مسلمان هر جمعي تي اچي اتي نماز پڙهندا هئا ۽ خليفي جي نالي خطبو ڏيندا هئا.

ابوبڪر جيڪو ڪنهن زماني ۾ آل ڪعرز Karizis جو غلام هو. تنهن ٻڌايو تہ ملتان ۽ ڪابل جي وچ تي الاسعغان Al_ Ussaifan جو علائقو آهي جنهن جو راجا رچ چگو مڙس آهي. اتان

جا ماڻهو بتن جي پوڄا ڪندا آهن ۽ انهن لاءِ مندر به جوڙائيندا آهن.
ان راجا جو پٽ بيمار ٿي پيو. جنهن مندر جي ٻاڻي کي چيو ته هو بت
کي ان جي صحتيابيءَ لاءِ ٻاڏائي. مندر جا ٻاوا ڪجهه وقت مندر اندر
رهيا ۽ پوءِ راجا کي چيائون ته هنن سندس پٽ جي صحتيابيءَ لاءِ بت
کي ٻاڏايو آهي ۽ بت اسان جي اها وينتي اگهائي آهي. ٿوري وقت
کان پوءِ ان راجا جو بيمار پٽ گذاري ويو. راجا کي ڪاوڙ اچي وئي.
مندر ۽ وڃي بت کي ڀڃي پورا ڪري ڇڏيائين ۽ سيني ٻاون ٻانيٽن
کي قتل ڪري ڇڏيائين. بعد ۾ هن مسلمان واپارين کي دعوت ڏني.
جن کيس خدا جي وحدت بابت ٻڌايو. جنهن کان هو ڏاڍو متاثر ٿيو ۽
نيٺ مسلمان ٿي ويو. اهو واقعو خليفي معتصم بالله جي زماني ۾ ٿيو.
وڌيڪ خبر خدا کي.

چچ نامو
يا
تاريخ هند وسنڌ

چچ نامو. اها مشهور معروف تاريخ آهي. جيڪا برهمڻ، چچ جي راءِ سهاسي جي راج ڦهائڻ ۽ عربن جي سنڌ فتح ڪرڻ واري حال احوال تي مشتمل آهي. هيءَ تاريخ اهڙي نالي جو ڪوبہ ذريعو ڪونہ ٿي ٻڌائي. ان جي برخلاف منڌ ۽ پچاڙيءَ ۾ سندس نالو فتح نامون ڏسجي ٿو. ايلفن استون هن ڪتاب کي تاريخ هند وسنڌ بہ سڏيو آهي. نورالحق پنهنجي تصنيف زبدة التواريخ ۾ نظام الدين احمد، طبقات اڪبريءَ ۾ هن کي منهاج المسالڪ سڏيو آهي. پر پويون

مورخ ٻڌائي ٿو تہ هن ڪتاب جو مشهور معروف نالو چچ نامو آهي

هي ڪتاب اصلي عربي ٻوليءَ ۾ لکيل هو جنهن کي محمد علي بن حامد ابن ابوبکر ڪوفيءَ فارسيءَ ۾ ترجمو ڪيو. ان زماني ۾ ناصر الدين قباچہ (1) سنڌ تي حڪومت ڪري رهيو هو. جنهن کي چچ نامي جي مترجم علي ڪوفيءَ قسيم الامير المومنين ابوالفتح قباچہ سلطان کان سواءِ ٻيا بہ ڪيترائي لقب ڏنا آهن. هن لاءِ چوي ٿو تہ

سندس شان ۾ شوڪت جا تنبو تاڪيد جي طنابن ۾ سخت انتظام ڪري مضبوطيءَ سان ڪتل آهن." چيو ويندو آهي تہ هن ابوالمظفر محمد بن سام شهيد ۾ قسيم الامير المومنين جي تخت کي سينگاريو.

مترجم اهو بہ بيان ڪري ٿو تہ هن پنهنجي ڄمار جو وڏو حصو عيش ۾ آرام سان گذاريو. پوءِ سندس حالت ابتر ٿي وئي ۽ زماني جي لاهين چاڙهين کان مجبور ٿي پنهنجو وطن ڇڏي اچي ۾ سڪونت اختيار ڪئي. هو وڏيڪ چوي ٿو تہ 58 سالن جي ڄمار کان پوءِ ۾ سن 613هـ (1216) ۾ دنيا جي سيني ڪمن ڪارين مان هٿ ڪيي هن ڪتابن کي پنهنجو دوست ٻڌايو. هن اهو سوچيو تہ هر دور جي عالمن پنهنجي سرپرستن جي مدد سان تاريخن جا ضخيم ڪتاب تاليف ڪيا آهن ۽ اهڙن ادبي ڪمن ڪري پنهنجي ناموس کي هميشہ لاءِ قائم ڪري ڇڏيو آهي. مثال طور اڳئين دور جي عالمن خراسان، عراق، ايران، روم ۽ شام جي فتحن کي نظم ۽ نثر ۾ لکي پاڻ مڃايو آهي. ساڳيءَ ريت محمد بن قاسم ۽ ساٿس گڏ آيل

شام جي مجاهدن بہ هندستان فتح ڪيو ۽ چوڏس مسجديون ۽ منارا تعمير ڪرايا. جيڪي سمنڊ کان وٺي ڪشمير ۽ قنوج تائين هنڌين ماڳين ڏسي سگهجن ٿا ۽ اسلامي دنيا جي هڪ تمام سٺي ماڻهو محمد بن قاسم بن عقيل ثقفي الور جي راجا راءِ ڏاهر کي ڪهي ختم ڪري چڏيو. سندس سارو ملڪ ۽ ان جا ماتحت علائقا اسلامي ناتحن جي قبضي ۾ اچي ويا. تنهن ڪري مترجم جي اها خواهش ٿي پئي تہ ماڻهن کي هن ملڪ ۽ اتان جي رهواسين، راءِ ڏاهر جي شڪست ۽ ان جي موت کان واقف ڪريان ۽ هن دلچسپ موضوع تي هڪ وڏو ڪتاب لکان. هيءَ مقصد دل ۾ رکي اڇ شريف کي چڏي الرور ۽ بکر روانو ٿيو. جتان جا امام انهن عربن جو اولاد آهن. جن هن ملڪ کي فتح ڪيو هو. هتي پهچي هن مولانا قاضي اسماعيل بن علي بن محمد بن موسيٰ، بن طائي بن يعقوب بن طائي بن موسيٰ بن محمد بن شعبان بن عثمان ثقفيءَ سان ملاقات ڪئي. جيڪو علم ۽ ڏاهپ جي ڪاڻ هو ۽ پنهنجي دور جو لاثاني عالم، متقي ۽ پرهيزگار انسان هو. ساڻس عربن جي فتح جي موضوع تي گفتگو ڪئي وئي. هن مترجم کي ٻڌايو تہ سنڌ جي فتح جي موضوع تي سندس ابن ڏاڏن مان ڪنهن ماڻهوءَ عربي لپيءَ ۾ هڪ ضخيم ڪتاب لکيو هو. جيڪو پيڑهي بپيڑهي هلندو ورثي ۾ ڪيس مليو آهي. پر جيئن تہ اهو حجازي ٻوليءَ ۾ آهي، تنهن ڪري هتان جي ماڻهن ۾ مقبول ۽ مشهور ٿي ڪونہ سگهيو آهي. جن لاءِ اها ٻولي ڏاري هئي.

جڏهن مترجم اهو ڪتاب پڙهيو تہ ڏٺائين تہ اهو حڪمت جي جواهرن سان سينگاريل ۽ نصيحت جي موتين سان سنواريل هو.

منجهس عربن ۽ شامين جي بهادري ۽ مردانگيءَ جون ڪيئي ڳالهيون نمايان هيون. هنن جيڪو به قلعو فتح ڪيو تنهن مان دولت هٿ آئي. اها قلعا اڳي ڪنهن به فتح ڪونہ ڪيا هئا. اهي ڪفر ۽ گمراهيءَ جي رات واسطي جڏ صبح ٿي آيا هئا. مسلمانن جي اڇ ڪري هتان جي هر جڳهه ۽ هر ڏينهن کي جڏ عزت نصيب ٿي. فتح کان پوءِ هتي اسلامي اڏاوتون شروع ٿي ويون ۽ انهن کي ولين ۽ بزرگن جي رهڻ ڪري وڏو احترام نصيب ٿيو. مترجم وڌيڪ ٻڌائي ٿو ته دين اسلام جي اڇ ڪري هيءَ ملڪ ڏينهون ڏينهن اسري وڌي ويجهي رهيو آهي. هن ملڪ جي فتح کان هر دور ۾ محمد صلي الله عليہ وسلم جو ڪو نہ ڪو غلام هن ملڪ جو حڪمران رهندو پيو اچي ۽ اسلام جي آئيني تان گمراهيءَ جي ڪٽ ڏوئيندو پيو اچي.

هو اڳتي هلي وڌيڪ ٻڌائي ٿو ته مترجم هي ڪتاب ناصرالدين قباچہ جي هڪ وزير جي نالي منسوب ڪرڻ چاهي ٿو جنهن کي دولت ۽ دين جو فخر سمجهي ٿو. جيڪو سيني وزيرن ۾ قرآن جو وڏو ڄاڻو ۽ قلم جو ڌڻي هو. جيڪو صدر جهان، دستور صاحب قرآن، عين الملڪ حسين بن ابي بڪر بن محمد الاشعري آهي.

هن ڏانهن ڪتاب منسوب ڪرڻ جو سبب ٻڌائي ٿو ۽ چوي ٿو ته هيءَ ڪيس وزير هجڻ ڪري منسوب نہ ٿو ڪيو وڃي. پر ان ڪري ب ته هن جو وڏو ڏاڏو ابو موسيٰ اشعري هو. جنهن خراسان ۽ ايران واري پاسي تمام وڏيون فتحون ڪيون. تنهن ڪري سندس جي فتح جو هيءَ قديم ڪتاب هن اعليٰ شخصيت ڏانهن منسوب ڪرڻ مناسب

معلوم ٿئي ٿو.

ڪتاب جي پچاڑيءَ ۾ به مترجم هن ڳالهه کي ورجائي ٿو ته جيئن ته هيءَ ڪتاب عربيءَ لپيءَ ۾ هو ۽ فارسيءَ ٻوليءَ ۾ لکيل ڪونه هو تنهن ڪري عجم جا ڪي ٿورا ماڻهو هن ڪتاب کان واقف هئا ۽ عين الملڪ جو نالو ٻيهر به لکي ٿو. جنهن ڏانهن هن مترجم پنهنجو ڪتاب منسوب ڪيو آهي.

هن مان پڪ ٿئي ٿي ته هيءَ اهو ساڳيو ماڻهو آهي. جنهن ڏانهن محمد عوفي پنهنجو ڪتاب لب اللباب منسوب ڪيو آهي. ڇاڪاڻ ته اهو ڪتاب عين الملڪ ڏانهن منسوب ٿيل آهي ۽ پتو ڪونه ٿو پوي ته اهو ڪير ماڻهو ٿي سگهي ٿو؟ عين الملڪ جو لقب ڪنهن دور جي ڪنهن عام وزير جو خطاب نه ٿو ٿي سگهي. ڇڇ نامي جي مترجم جي ورجائڻ مان پڪ پوي ٿي ته اهو حسين بن ابي بڪر اشعري آهي. جنهن ڏانهن علي ڪوفيءَ پنهنجو ترجمو منسوب ڪيو آهي.

هيءَ ترجمو ان زماني ۾ ڪيو ويو هو. جڏهن هندستان ۾ مسلمانن جي حڪومت جو شروعاتي دور هو. پر نهايت ڏک جي ڳالهه اها آهي ته مترجم انهن اڻ سڃاتل جڳهن کي معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ئي ڪانه ڪئي جيڪي سندس ترجمي جي بيان ۾ موجود آهن. ترجمي مان معلوم ٿئي ٿو ته هو پاڻ اڇ. الور ۽ بکر آيو هو. ٿي سگهي ٿو ته هن سنڌ جي هيئئين پاسي وارا شهر به ڏوري ڏٺا هجن. اهو سندس فرض هو ته جن ماڳن بابت عام ماڻهن کي خبر ڪانه آهي يا ڪنهن شڪ شبهي جو شڪار آهن. تن بابت جوڳي جاڻ ڏئي ها.

هن وقت اهو معلوم ڪرڻ مشڪل آهي ته عربي لپيءَ وارو اصلي ڪتاب ڪهڙي دور ۾ لکيو ويو. ان بابت اهو به واضح ڪونہ آهي ته مذڪوره ڪتاب ان ماڻهوءَ جي ابن ڏاڏن مان ڪنهن لکيو هجي جنهن وٽان مترجم کي هٿ آيو هو. ان مان فقط ايتري ڄاڻ ملي ٿي ته اهو ماڻهوءَ جي ابن ڏاڏن مان ڪنهن ماڻهوءَ جي هٿين اکرن لکيل آهي. تنهن ڪري اها پڪ ڪانہ ٿي پوي ته مذڪوره ڪتاب ان ماڻهوءَ لکيو هو يا اتارو ڪيو هو. ڪم آندل اصطلاحن مان به اهڙي ڪا پڪي ڄاڻ ڪانہ ٿي ملي. پر ٻنهي معاملن ۾ اها پڪ ضرور پوي ٿي ته ملندڙ معلومات بلڪل ڪري آهي. ڇاڪاڻ ته ڪتاب جي مالڪ قاضي اسماعيل جا وڏڙا محمد بن قاسم سان گڏ هٿا ءِ سنڌ جي فتح ۾ انهن عملي طور حصو ورتو هو. ڇاڪان ته تاريخن جا اهڙا واضح بيان اکين جي آڏو آهن ته محمد بن قاسم الور جي فتح کان پوءِ موسيٰ بن يعقوب بن طائي بن محمد بن شعبان بن عثمان ثقفيءَ کي الور جو قاضي مقرر ڪيو هو. جيڪڏهن اصلي عربي واري ڪتاب جي مالڪ جو شجرو ڏٺو وڃي جنهن وٽان مترجم ڪتاب هٿ ڪيو هو ته معلوم ٿيندو ته اهي نالا هن ريت آهن: اسماعيل بن علي بن محمد بن موسيٰ بن طائي بن يعقوب بن طائي بن موسيٰ بن محمد بن شعبان بن عثمان ثقفي. ٻنهي سلسلن ۾ عثمان ثقفيءَ جو نالو نظر ايندو ءِ فاتح ءِ هن جو قبيلو بلڪل ساڳيو آهي. (2) اهو به ڏٺو ويندو ته ٻئي شجرا ساڳائپ ڪونہ ٿا رکن. ان کان علاوه اهو به نظر ايندو ته وچ واريون ڪيتريون ئي پيڙهيون غائب آهن. پر پوءِ به ٻنهي ۾ هڪجهڙائي اهڙي ته چڱي آهي. جو پڪ پوي ٿي ته ٻنهي شجرن ۾

ڏاڏو هڪ آهي ۽ ٻنهي شجرن ۾ جيڪي لقب ۽ نالا بيان ڪيل آهن. تن ۾ به گهٽي هڪ جهڙائي ڏسجي ٿي. الور ۾ مقرر ڪيل پهرئين امام جو نالو هن ريت بيان ڪيل آهي: صدر الامام الاجل العالم برهان الملت والدين. مترجم جي سيهوڳي قاضي جو لقب هن ريت آهي: مولانا قاضي الامام الاجل العالم الباري ڪمال الملت والدين. هتي اچرج جهڙي ڳالهه اها به نظر ايندي ته مترجم ان ماڻهوءَ جي شجري ڏانهن ڪو ڌيان ئي ڪونه ڏنو آهي. ان ڪري هن ترجمي جي اهميت اڃا به ڪجهه وڌي وئي آهي. شايد سندس هن طرف ڪو ڌيان ئي ڪونه ويو آهي. نه ته اهڙين حالتن ۾ اهڙو ذڪر ڪرڻ ڪونه وساريو ويندو آهي.

ايلفن اسٽون هڪ اصطلاح "ترجمو لڳي ٿو" ڪتب آندو آهي. جيڪو ڪهن حقيقت اندر شڪ شبهي جي موجودگيءَ ڏانهن اشارو آهي. پر پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته هي اصلي عربي ڪتاب جو ترجمو آهي ۽ اهو سنڌ جي فتح کان جلد ئي پوءِ لکيو ويو هو. اهو به نظر ايندو ته ڪتاب اندر پوئين دور سان لاڳاپيل ڦير ڦار ڪانه آهي. امڪان اهو به آهي ته منجهس تاريخي غلطيءَ واريون حقيقتون اصلي عربي ڪتاب ۾ موجود هونديون. جن کي مترجم ڏانهن منسوب ڪري ڪونه ٿو سگهجي. مثال طور عورت جي واتان قرآن شريف جا لفظ چورائڻ. سنڌي راجا آڏو بسم الله جا لفظ چوڻ. هندن واتان اسلام جي ساراهه ڪرائڻ. برهمڻ آباد جو نالو لکڻ جيڪو غير سنڌي آهي. سمجهه ۾ اچي ٿو ته اهو ته "بامن واه" آهي. اهي سڀ ڳالهيون اصلي ڪتاب جي مصنف لکيون هونديون. جن لاءِ مترجم

ذميوار آهي.

ڏک جي اها ڳالهه به آهي ته ان اصلي ڪتاب ملڻ جي به آس اميد ڪانه آهي. سنڌ جي فتح جو واقعو نهايت اهم آهي. پر ابوالفدا، ابوالفارج، ابن قتيبه ۽ المڪين جي تاليف ڪيل عربي ڪتابن ۾ ان بابت ڪا تفصيلي حقيقت معلوم ڪانه ٿي سگهندي. پر پوءِ به انهن ۾ ڪيتريون ئي دلچسپ حقيقتون درج ٿيل آهن. جن مان هڪ سنڌ ۽ عربستان وچ ۾ موجود رابطو آهي. جنهن کي مترجم اهميت ڪار ڏني آهي.

پر جڏهن سچاين جي هوا گهلندي آهي ته هر شيءِ چٽي ٿي ويندي آهي. ڪي ڳالهيون اهڙيون هونديون آهن. جيڪي تاريخي حقيقتن بدران جڙ ڪو مبالغو محسوس ٿيندیون آهن. اهڙي قسم جي خيالي قصن کي مصنف جي وڏايل ڪا عام ڳالهه سمجهڻ نه گهرجي. پر هن موضوع اندر جيڪو لڪل مفاد آهي. تنهن کي محسوس ڪرڻ لازمي آهي. مثال طور هن ڪتاب ۾ به ڳالهيون نظر ايندیون. جيڪي حقيقت کان وڌيڪ افسانا لڳندیون آهن. جن مان هڪ دروهر جي پيڙ جو جيسيه تي بهتان ۽ ٻيو راجا ڏاهر جي ڏيئرن جو محمد بن قاسم کان پلاند وٺڻ وارو قصو. دروهر جي پيڙ ۽ جيسيه جو قصو هوبهو مصر جي عزيز جي زال ۽ زليخا ۽ يوسف جي حقيقت جهڙو آهي ۽ هي ڳالهه ساري مشرق ۾ مشهور معروف ڏسبي: پر پويون قصو ته جڙ هٿرادو جوڙيل ڪا ڳالهه آهي. جنهن جو ڪو امڪان ئي نظر ڪونه ايندو. تاريخن ۾ اهڙي قسم جا ٻيا به ڪيترائي مثال نظر ايندا جن ۾ به ساڳئي قسم جا احساس ملندا ۽ اهڙي قسم جون

گالهيون ساڳئي مقصد کي نظر ۾ رکي جوڙيل ٽيون پائنجن.

کهاڙي سادي سودي آهي. جنهن ۾ ڪم آندل اشارا ڪنايا ۽ عاميانا آهن. منجهن رات اچڻ ۽ صبح ٿي وڃڻ جي ذڪر ۾ هولي ۽ گرامر سان لاڳاپيل غلطيون به آهن. هن قسم جي گهٽتاين کان علاوه واقعن جي بيان ۾ تاريخي تسلسل به نظر نٿو اچي.

اصلي عربي ڪتاب جي قدامت شڪ شبهي کان بالاتر آهي. واقعن جي اندروني شاهدين ڪري به چئي سگهجي ٿو ته هي ڪتاب آڳاڻي دور سان واسطو رکي ٿو. ان کان علاوه ڪي حقيقتون موجود نه هجڻ ڪري به سندس قدامت چٽي آهي. جهڙوڪ. منصوره جي ذڪر جي غير موجودگي. جيڪڏهن اهو شهر ان وقت موجود هجي ها ته ضرور ان جو ذڪر ڪيو وڃي ها. چيو ويندو آهي ته منصوره شهر جو بنياد خليفي المنصور جي ڏينهن ۾ پيو هو. جيڪو سنہ 136هـ (753ع) ڌاري خلافت تي ويٺو. جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته اصلي عربي ڪتاب هن دور کان اڳ جو لکيل آهي. ان کان علاوه مذڪوره ڪتاب ۾ سنڌ جي هنن شهرن جهڙوڪ: مسواهي. منجابري ۽ انڙي يا البيضا جو ذڪر ڪونہ ملندو. پر بلاذري ۽ ابن حوقل جي تصنيفن ۾ سندن بيان ضرور نظر ايندا. اها به هڪ حقيقت آهي ته آڳاڻي زماني ۾ سنڌ جا گهڻا ماڻهو ٻڌ هئا ۽ هندستان ۾ هن ڌرم جي ختم ٿي وڃڻ کان پوءِ ڪنهن ڌارئي ماڻهوءَ کي اهڙي خبر ممڪن ڪانہ آهي. اڳئين زماني سان لاڳاپيل ماڻهوءَ کي اهڙي خبر ممڪن ڪانہ آهي. اڳئين زماني ۾ سنڌ جا گهڻا ماڻهو ٻڌ هئا ۽ هندستان ۾ هن ڌرم جي ختم ٿي وڃڻ کان پوءِ ڪنهن ڌارئي ماڻهو کي اهڙي خبر ممڪن

کانہ آهي. اڳين زماني سان لاڳاپيل ڪتابن ۾ شمنين، جوگين، سناسين ۽ راجائن جي سفيد هاٿين جو ذڪر ضرور ملندو هو. پر محمود غزنوي جي دور جون تاريخون اهڙن احوالن کان وانجهيل نظر ايندیون. هتي هي اهم ڳالهه هيءَ ته نظر ايندي ته پوئين دور جي تاريخن ۾ حقيقتن جو سلسلو هن ريت نظر ايندو ته هي حقيقت فلاڻي، فلاڻي کان پڌي ان وري فلاڻي کان پڌي. تنهن وري ان ماڻهوءَ کان پڌي. جيڪو ان واقعي ۾ شريڪ هو. تاريخ طبريءَ ۾ اهڙيون ڳالهيون ڏسبيون جيڪا ٽينءَ صديءَ هجريءَ سان واسطو رکي ٿي. پر هن ڪتاب ۾ اها ڳالهه کانہ آهي. تنهن مان به پتو پوي ٿو ته هيءَ ڪنهن آڳاٽي دور سان لاڳاپيل ڪتاب آهي.

ايلفن استون به هن ڪتاب کي قديم دور سان لاڳاپيل سمجهي ٿو ۽ چوي ٿو ته توڙي جو سندس بيان ڪجهه منجهيل آهن ۽ ان جنگ ۾ شريڪ ماڻهن لاءِ ڪي اهڙا لفظ چيل آهن. جيڪي دور جي لحاظ کان مناسب نظر ڪونہ ٿا اچن. پر پوءِ به اهي محمد بن قاسم جي حملي بابت ۽ ان جي حملي کان اڳ هندو دور بابت وڌيڪ واضح ۽ تفصيلي بيان نظر اچن ٿا. منجهس ڪيترن ماڳن جا نالا ڏنا ويا آهن. جنهن کري ان دور سان لاڳاپيل هتان جي جاگرافيءَ جي صحيح ڄاڻ ملي سگهي ٿي. پر شرط اهو آهي ته ان ماڻهوءَ کي سنسڪرت جي ڄاڻ ضرور هئڻ ڪپي. ڇاڪاڻ جو عربن جيڪي غلط نالا درج ڪيا آهن. تن جي صحت بابت ڪيس ساري معلومات ملي ويندي. يا اتاري ڪرڻ واري کان جيڪا نظر چڪ ٿي وئي هوندي. تنهن کي به درست ڪري سگهندو. سندس وڌيڪ بيان آهي

تہ هن کتاب ۾ محمد بن قاسم سان لاڳاپيل واقعن کان وڌيڪ کو بيان ڏسڻ ۾ کونہ ايندو.

معلوم ٿئي ٿو تہ نظام الدين احمد، نورالحق، فرشتہ ۽ مير معصوم ۽ ٻين جو اصلي ذريعو بہ هيءَ چچ نامو آهي. هنن کيترين اهم ڳالهين ڏانهن ڌيان ئي کونہ ڏنو آهي. پوئين دور سان لاڳاپيل ترجمن جو احوال ليفٽيننٽ پوسٽنس جنرل رايل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال نمبر Lxxiv_1838 ۽ نمبر Cxi_1841 ۾ ڏنو آهي. پر سنڌ تي حملي وارا واقعا نهايت اختصار سان ڏنا ويا آهن ۽ منجهن مس پرنٽ ايتري آهي، جو مامرو سمجهہ کان چڙهي ويو آهي.

کتاب ۾ موجود هر حصي ۾ نظر ايندڙ عنوانن جو بہ ترجمو کيو ويو آهي. انهيءَ مقصد سان تہ جيئن هڪ سلسلو قائم رهي. اڳ لاڳاپيل ۽ غير اهم موضوعن کي چڏي ڏنو ويو آهي، جيڪي ٽڪرا جاگرافيءَ مذهب ۽ ماڻهن جي رهڻي ڪهڻيءَ جي نقطہ نگاهہ کان اهم سمجهيا ويا آهن. تن جو خبرداري سان ترجمو ڪيو ويو آهي. هيءَ کتاب (چچ نامو) هندستان ۾ عام نظر ايندو. ان جو هڪ نسخو اي –آءِ (ايسٽ انڊيا) لئبريريءَ ۾ بہ موجود آهي ۽ Biblio Theque Imperial وٽ بہ نسخا آهن.

اقتباس

(سر ايچ. ايم اليٽ وٽ موجود نسخو A ايسٽ انڊيا ڪمپني وٽ موجود نسخو B هن نسخي ۾ ڪي ٽڪرا اڳ ڇتا ۽ نالا منجهيل آهن)

کتاب جي شروعات راءِ ڏاهر جي پٽ چچ پٽ سلائيج سان

ٿئي ٿي. جنهن جو موت محمد بن قاسم ثقفي هٿان ٿيو.

تذڪرہ نويسن ۽ تاريخدانن جا بيان آهن تہ الور جو شهر سنڌ ۽ هند جي راجڌاني هو جنهن ۾ شاهي محلات ۽ راجوڙن جون سهٽيون جڳهون، چوڏاري باغ، پاڻي ۽ جا تلاءَ، ڏنڊون ۽ واهڙ ۽ گلڪاريون هيون. هيءَ شهر سيحون درياهہ جي ڪناري آباد هو. جنهن کي مهراڻ سڏيو ويندو آهي. هن رونقدار شهر ۾ راءِ سهيرس بن ساهسي راءِ (3) رهندو هو. جيڪو عدل انصاف ۽ سخا ڪري ساري دنيا ۾ مشهور هو. سندس ملڪ جون سرحدون اوپر طرف ڪشمير. اولهہ طرف مڪران ڏکڻ ڪان سمنڊ ۽ اتر ڪردن جي (4) جبل ۽ قيقان تائين پکڙيل هيون. (5) ملڪ جي انتظام لاءِ هن چار گورنر مقرر ڪيا هئا. هڪ برهمڻ آباد ۾ رهندو هو. جنهن جي انتظام هيٺ نيرون، ديبل، لوهاڻو، لاکا، سما هوندا هئا. ٻيو گورنر سيوستان ۾ رهندو هو. ٻڌپور، (6) جنڪاڻ، روجهاڻ وارو علائقو ۽ مڪران (7) جي دنگ سارو علائقو سندس انتظام هيٺ هئا. ٽيون گورنر اسڪلنده پابيہ (8) پاسي رهندو هو. جن کي تلواره ۽ چچپور بہ سڏيو ويدو هو. ٻڌ پور تائين سارو علائقو سندس سنيال هيٺ هو. چوٿون گورنر ملتان ۽ سڪ ۾ رهندو هو. برهمپور (9) ڪرور، اشبهار، ڪنب ويندي ڪشمير تائين سارو علائقو هن گورنر جي نظر هيٺ هو. پاڻ راءِ و ملڪ جي راجڌاني الور ۾ رهندو هو. ڪردان، (10) قيقان ۽ بنوهاس (11) سندس انتظام هيٺ هئا. پنهنجي هر هڪ گورنر کي لڙائي جي تياري، گهوڙن هٿيارن ۽ جنگ جي ٻئي سامان بابت گهٽو تاڪيد ڪري چڏيو هئائين. ساڳئي ملڪ جي حفاظت، رعيت جي دلجوئي

ءِ ملڪ جي پوڪي راهيءَ بابت بہ ڏانهن حڪم جاري ڪيو هئائين.
انهيءَ لاءِ تہ جيئن ملڪ جي سرحدن جي چڱيءَ ريت حفاظت ٿي
سگهي. سندس ساري ملڪ ۾ اهڙو ڪو سرڪش ماڻهو ڪونہ هو جو
من جي ملڪ جي ڪنهن پاسي سان ڇيڙ ڇاڙ ڪري سگهي.

اوچتو الله جي تقدير سان نيمروز جي بادشاهہ جو لشڪر
حملو ڪري اچي فارس کان مڪران (12) پهتو. هيءَ خبر ٻڌي بنا
ڪنهن ڪٽڪي جي. ڏاڍي گهمنڊ ءِ تڪبر سان الور مان نڪتو (13)
ءِ خاص لشڪر وٺي وڄي سندس سامهون ٿيو. جڏهن ٻنهي طرفن
کان نالیرا بهادر خونخوار ءِ بکيءَ تلوار جو بَکُ بڻجي ويا تہ پوءِ
ايرانين جي فوج الله تي توڪل رکي راجا سهيرس تي حملو ڪيو.
سندس لشڪر شڪست کائي ميدان ڇڏي پڄي ويو. باقي راءِ
سهيرس پنهنجي ناموس ءِ عزت خاطر ڪسي وڃڻ تائين مڙسيءَ
سان وڙهندو رهيو. فارس جو حڪمران نيمروز ڏانهن موٽي ويو ۽ راءِ
سهيرس جي جاءِ تي راجا سهيسراءِ الور ۾ راڄگديءَ تي ويٺو. سندس
پيءُ جي هٿ هيٺ رهندڙ چئن ئي حاڪمن سندس تابعداري ۾ ءِ
پنهنجا خزانا سندس حوالي ڪري پنهنجي فرمانبرداري ءِ اطاعت
جو ثبوت ڏنائون. جنهن ڪري سندس پيءُ جي بادشاهي سندس اثر ءِ
اقتدار هيٺ آئي. هتان جي رعيت بہ سندس نياءَ ءِ نيت پت ڪري
ڏاڍي خوش هئي. وٽس رام پٽ ابي نالي هڪ حاجب هو. جيڪو
سڃاڻ ءِ ڏاهو ماڻهو هو (14) راءِ سهاسيءَ جي ساري ملڪ تي سندس
حڪم هلندو هو. سندس راءِ کان سواءِ ڪوبہ ماڻهو نہ راجا جي
نوڪري ڪري سگهندو هو ءِ نہ وري ڇڏي سگهندو هو. هيءُ ڇڻ

پرڌان منتري هو. راءِ بہ هن جي قلم ۽ بلاغت تي پروسو ڪندو هو ۽ ڪڏهن بہ سندس صلاح مشوري کان ٻاهر ڪونہ ويندو هو.

هڪ ڏينهن چچ پٽ سلائيچ رام حاجب وٽ نوڪريءَ لاءِ ويو جنهن کيس گهربل نوڪري ڏني. آخر پنهنجي هوشياريءَ ۽ ڏاهپ سان حاجب جي عهدي تي پهتو. راڻي مٿس موهت ٿي پئي. آخر راءِ سهاسي بيمار ٿي مري ويو ۽ چچ شاهي تخت تي ويٺو. ان کان پوءِ هن جئپور (15) جي راجا مهرت سان مقابلو ڪيو ۽ دغا سان کيس قتل ڪري ڇڏيائين. چچ آخر راڻي سوين ديوي سان شادي ڪئي پنهنجي پاءُ چندر کي بہ الور گهرائي ورتائين ۽ کيس پنهنجي نائب بڻائڻ جو فرمان جاري ڪيائين. وزير ٻڌيمن کان بهترين حڪمراني واسطي صلاح مشورا طلب ڪندو رهندو هو ۽ هڪ ڏينهن کيس گهرائي اهڙي صلاح پچي وئي. وزير زمين تي مٿو ٽڪي وينتي ڪئي تہ راجا چچ سلامت رهي. کيس معلوم هجڻ گهرجي تہ هيءَ راجگدي ۽ ملڪ هڪ راجا جي هٿ هيٺ هو. سندس مقرر ڪيل حاڪم سندس تابعدرا ۽ فرمانبردار هوندا هئا. هي ملڪ ڪنهن زماني ۾ راءِ سهيرس بن ديوائيچ جي هٿ هيٺ آيو. هن ايران جي بادشاهہ کان شڪست کاڌي ۽ جنگ ڪندي مارجي ويو. هن کانپوءِ راءِ سهاسي راج جو واڳ ڏٺي ٽيو. هن بہ چئن ئي حاڪمن کي ساڳيون ذميواريون سونپيون. کين ملڪ جي دل ۽ محصول اوڳاڻڻ ۽ پنهنجن پنهنجن علائقن جي حفاظت جو گهٽو تاڪيد ڪيو.

چچ جڏهن وزير ٻڌيمن جون ڳالهيون ٻڌيون تہ مٿس گهٽو اثر ٿيو ۽ کيس گهٽي خوشي بہ ٿي. هن سندس نيڪ صلاح ڪري ٿورا

مڃيا. پوءِ ملڪ ۾ چوطرف پنهنجو فرمان روانو ڪيائين. هو هڪ لشڪر تيار ڪري هندستان جي ان سرحد ڏانهن روانو ٿيو. جيڪا ترڪن جي ملڪ سان دنگئي هئي. پر اسهڙ کان اڳ جوتش گهرائي سڳوري گهڙي پڇي سفر تي روانو ٿيو. گهٽين منزلن کان پوءِ هو پابيا جي ماڳ وٽ پهتو. جيڪو بياس جي ڏاکڻين ڪناري سان واقع هو. هتان جي راجا ساڻس مهاڏو اٽڪايو. وڏيءَ جنگ ۾ رتوچاڙ کان پوءِ پابيا جو راجا پڇي ويو ۽ فاتح جي حيثيت ۾ چچ قلعي اندر داخل ٿيو. ۽ سوپ کان اڳ چچ ڪجهه وقت لاءِ جنگ جي ميدان ۾ واندڪائي هنيو ويٺو رهيو. قلعي اندر رهيلن ماڻهن کي گاهه ڪائيون ۽ کاڏو خوراڪ نه ملي سگهيو تہ ڏاڍا تنگ ٿيا ۽ رات جي وڳڙي ۾ جڏهن دنيا ڪاري گودڙي ڍڪي ۽ ستارن جو بادشاهه ڪارنهن واري چادر ۾ لڪي ويو تہ هتان جو راجا اسڪلنده جي قلعي ڏانهن نڪري ويو ۽ شهر ويجهو وڃي پنهنجي فوجي واندڪائي هنيائين. هيءَ پابيا جي قلعي کان وڏيڪ سگهارو هو. جڏهن هو قلعي جي پرواري علائقي ۾ پهتو تہ معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ پروسي جوگا ماڻهو موڪليائين. جن موٽي اچي ڪيس ٻڌايو تہ چچ پابيا جي قلعي اندر داخل ٿي چڪو آهي.

چچ جو اسڪلنده (16) جي قلعي تي ڪاهي وڃڻ

چچ کي جڏهن پتو پيو تہ سندس دشمن راجا پڇي وڃي اسڪلنده جي قلعي ۾ لڪو آهي تہ پنهنجو هڪ عملدار پابيا جي قلعي ۾ چڏي پاڻ اسڪلنده روانو ٿيو ۽ قلعي ۾ سان پهچي پنهنجي فوجي واندڪائي قائم ڪيائين. ان زماني ۾ اسڪلنده قلعي جو راجا هڪ

بهادر انسان هو. قلعي اندر رهندڙ ماڻهن تي سندس گهڻو اثر هو ۽ چچ جو طرفدار هو. هن تر تڏي جا مڪيه ماڻهو سندس صلاح مشوري مطابق هلندا هئا. چچ ڏانهس ماڻهو موڪليو ۽ ڪيس قلعي جي گورنري ڏيڻ جو واعدو ڪيائين. بعد ۾ چچ هن شرط سان فرمان جاري ڪيو ته جيڪڏهن اسڪلنده جو راجا پابيا جي حڪمران چتر Chatera کي قتل (17) ڪندو ته ڪيس اسڪلنده جو گورنر مقرر ڪيو ويندو. اسڪلنده جي راجا هائوڪار ڪئي ۽ اهڙي جاڻ پنهنجي پٽ وسيلي چچ ڏانهن رواني ڪئي. ٻئي پاسي هن چتر ڏانهن دوستانا ناتا ڳنڍڻ شروع ڪيا ۽ ڏانهس پيو ايندو ويندو هو ۽ جڏهن اويلو سويلو ايندو هو ته ڪيس ملڻ جي اجازت هوندي هئي. هڪ ڏينهن وڃه ونڊي چتر کي قتل ڪري سندس سر چچ ڏانهن روانو ڪيائين. چچ قاصد سان ڏاڍيون مهربانيون ڪيون. راجا کي گهڻي انعام اڪرام سان نوازيائين ۽ ڪيس سوڪڙيون پاڪڙيون ڏنيون. چچ به ساڻن سنو ورتا ڪيو ۽ گهڻي عزت ڪيائين. چچ راجا کي فرمانبردار ۽ تابعدار رهڻ جو گهڻو تاڪيد ڪيو.

چچ جو سڪ ۽ ملتان ڏانهن روانو ٿيڻ

اسڪلنده جي مهم کانپوءِ چچ سڪ ۽ ملتان ڏانهن روانو ٿيو. تنهن زماني ۾ بجهراءِ نالي هڪ راجا. سڪ ۽ ملتان جو حڪمران هو. جيڪو راءِ سهاسي جي ويجهن مائٽن مان هو. جڏهن کيس پتو پيو ته چچ ڪاهيندو اچي رهيو آهي ته پنهنجي فوج ساڻ ڪري اچي راويءَ جي ڪناري وٽ سندس سامهون ٿيو. هو هڪ

وسيع ملڪ جو راجا هو ۽ ڏاڍو ڏاهو ماڻهو هو. سندس پائٽيو سيهول ملتان جي سامهون اپرندي طرف سڪ جو حڪمران هو. بجهراءِ جو سوٽ اچين بہ وڏو لشڪر وٺي اچي (18) پهتو. چچ ۽ سندس لشڪر بياس نديءَ جي پٽڑ لنگهہ وٽ ٽي مهينا ويٺو رهيو. (19) جڏهن درياهہ جو پاڻي لهي ويو تہ فوجي واندڪان مٿان هڪ ڳوٺ وٽان درياهہ اکريو. جتان پاڻي لانگاها ڪري ويو هو ۽ شهر ۾ پهچي اچي سيهول سان جنگ جوٽيائين. چچ واري پاسي کان ڪيترا ماڻهو شهيد ٿيا ۽ سيهول پاسي بہ گهٽا ماڻهو جهنم رسيد ٿيا. تڏهن سيهول اتان پڇي اچي ملتان نڪتو. اتان پوري فوجي تياري ڪري اچي راويءَ جي ڪنار تي ويٺا. (20) چچ سڪ جي قلعي تي قبضو ڪيو ۽ قتل عام جو حڪم ڏنائين. جنهن ۾ پنج هزار ماڻهو ماريا ويا. شهرن مان ڪيترن کي ٻانهن ۽ جنگي باندي بڻايائين. چچ امير علاوالدلہ ڪي سڪ جو حڪمران مقرر ڪيو ۽ پاڻ اڳتي وڌي. وڃي ملتان وٽ پهتو. ٻئي ڏريون اچي هڪ ٻئي جي سامهون ويٺيون. راجا بجهراءِ زبردست لشڪر، جنگي هاٿي ۽ بهادر جوان وٺي ٻاهر نڪتو هو. زبردست جنگ لڳي. ٻنهي پاسن کان ڪوندر جوان ڪسي ويا. پوءِ مراءِ بجهراءِ پوئتي هٽي اچي ملتان ۾ قلعبند ٿي ويهي رهيو ۽ خط لکي ڪشمير جي راجا کان واهر جي گهر ڪيائين ۽ اهو بہ لکيائينس تہ چچ پٽ سلائيج برهمڻ الرور جو راجا ٿي ويو آهي ۽ گهل چاڙهي اچي ملتان سهڙيو آهي. ڪيترا شهر ۽ قلعا فتح ڪري انهن ۾ پنهنجي فوج رهائي اٽائين. اسان ساڻس مقابلو ڪري ڪونہ ٿا سگهون. ڪوبہ راجا ساڻس مقابلو ڪري فتح حاصل ڪري ڪونہ

سگھيو آهي. توهان اسان جي امداد پاڻ تي فرض سمجهي مضبوط فوج روانو ڪريو.

قاصد جو ڪشمير کان مايوس موٽڻ

قاصد جڏهن ڪشمير پهتو تہ اتان جو راجا فوت ٿي چڪو هو ۽ سندس ننڍڙو پٽ راجگديءَ تي ويهاريو ويو هو. وزيرن صلاحڪارن، خاص ماڻهن، حاجبن، اميرن، نوابن ۽ ملڪ جي مکيہ ماڻهن پاڻ ۾ ويهي صلاح ڪئي ۽ هن خط جو سهڻي نموني جواب ڏنائون تہ ڪشمير جو راجا لاڏاڻو ڪري ويو آهي. سندس پٽ اڃا ننڍو آهي. سندس پيءُ جا مقرر ڪيل امير پنهنجين جاگيرن تي سرڪشي ڪري رهيا آهن. پهريائين هتي پنهنجي ملڪ جو بندوبست ڪرڻ گهرجي. تنهن ڪري اسان هن وقت توهان جي ڪابہ مدد ڪري ڪونہ ٿا سگهون. راءِ بجهراءِ کي پنهنجي سگهہ ۽ هل تي پروسو ڪرڻ گهرجي. جڏهن قاصد موٽي اچي راجا بجهراءِ کي هي خبر پهچائي تہ هو ڪشمير جي راجا کان ناااميد ٿيو ۽ پوءِ راءِ چچ کي صلح جي درخواست ڪئي تہ جيئن هو قلعو خالي ڪري ۽ ڪوہ ماڻهو تيسين چيڙچاڙ نہ ڪري جيستائين راجا بجهراءِ پنهنجي تابعدارن ۽ خاص ماڻهن سميت ڪنهن امن واري جاءِ ڏانهن نڪري وڃي. چچ سندس اهو شرط قبوليو ۽ ڪيس امان ڏيڻ مڃيائين. تنهن ڪانپوءِ هو پنهنجي ماڻهن سان گڏ نڪتو ۽ ڪشمير جي جبلن ڏانهن هليو ويو. راجا بجهراءِ جي نڪري وڃڻ کان پوءِ چچ قلعي ۾ داخل ٿيو ۽ علائقي کي پنهنجي حڪمراني ۾ شامل ڪيائين.

چچ جو ملتان جي قلعي تي پنهنجو ماڻهو ويهاري اڳتي وڌڻ

ملتان جي فتح کانپوءِ چچ اتي هڪ ٽڪر کي پنهنجو نمائندو مقرر ڪيو ۽ پوءِ هڪ مندر ۾ ويو ۽ بت جي پوڄا ڪئي ۽ ٻل چاڙهيو. تنهن کان پوءِ هن مٿي وڃڻ جو پڪو ارادو ڪيو. برهمپور، ڪرور ۽ اشهار جي راجائن سندس آڻ مڃي ۽ اطاعت قبول ڪئي. اتان اڳتي وڌندو اچي ڪنب (21) ۽ ڪشمير جي دنگ وٽ پهتو. ڪنهن به راجا ساڻس مقابلو ڪونہ ڪيو. جڏهن الله تعالیٰ ڪنهن کي وڏو ڪندو آهي تہ هر مشڪل پاڻ ئي آسان ٿيندي ويندي آهي. راءِ چچ جنهن جاءِ تي پهتو تہ اهو ملڪ فتح ٿي ويو ٿي. نيٺ سفر ڪندو شاڪلهار جي قلعي وٽ پهتو. هيءَ ڏڙي تي اڏيل هڪ شهر آهي، جنهن کي ڪنب (22) به چوندا آهن ۽ ڪشمير جي دنگ تي واقع آهي. هتي هو مهينو ڪن ترسي پيو. اتي جي ڪيترن راجائن کي شڪستون ڏنائين ۽ اتان پنهنجي فوج به ڪئي ڪيائين ۽ ڪن سان وري صلح جا پڪا عهدناما ڪيائين. پوءِ ٻن وٽن ديال (23) ۽ صنوبر جون چڪيون آڻائي پنج ماهيات ندیءَ جي ڪناري تي پوکيائين. (24) هيءَ جڳهہ ڪشمير جي سرحدن سان واقع آهي. هن جي پرسان ڪشمير جا جبل آهن. جتان جي چشمن جو پاڻي وهي هيڏانهن ايندو آهي. راجا چچ ان وقت تائين اتي ترسيو جڏهن ٻنهي وٽن جون تاريون وڏي ويجهي اچي پاڻ ۾ گڏيون. پوءِ هن اتي ڪشمير ۽ پنهنجي ملڪ جا نشان ڪيا ۽ چيائين تہ هي منهنجي ۽ ڪشمير جي راجا جي وچ تي دنگ آهي ۽ هن کان اڳتي وڌڻو ناهي.

ڪشمير جي راجا سان حد مقرر ڪرڻ ۽ڇچ جو واپس ٽيڻ

هن فتح جو قصو ٻڌائيندڙن هن ريت بيان ڪيو آهي تہ راجا ڇچ ڪشمير طرف کان ملڪ جي حد مقرر ڪري اروڙ پهتو ۽ هڪ سال لاءِ اتي آرام ڪيائين ۽ سفر جو ٽڪ لاٽائين. ان کانپوءِ سندس زبردست راجائن جنگ جو سامان ۽ هٿيار تيار ڪيا. پوءِ چيائين تہ اي وزير! مون کي اوير پاسي هاٿي اطمينان ٿي ويو آهي. مون کي هاٿي ملڪ جي اولاهين ۽ ڏاکڻين پاسي جو خيال رکڻ گهرجي. وزير کيس وراڻيو تہ حڪمران جي سڀ کان وڌيڪ خوبي اها آهي تہ پنهنجي ملڪ جو سڌ سماءُ لهندو رهي. ائين ٻہ ٽي سگهي ٿو تہ مٿي وڃڻ واري عرصي دوران اوهان هتي غير حاضر رهو ۽ ٻين ملڪن جي حڪمرانن جي دل ۾ اهو غرور پيدا ٿيو هجي ۽ سمجهندا هجن تہ راءِ سهاسي کان پوءِ اسان کي خزاني جي مال بابت ڪنهن ٻہ پڇا ڳاڇا ڪانہ ڪئي آهي. تنهن ڪري انهن علائقن جي انتظام ۾ گڙٻڙ پيدا ٿي وئي آهي. سو چگو ستارو ڏسي چگو لشڪر ساڻ ڪري ٻڌپور (25) ۽ سيوستان ڏانهن هليو ويو. مت نالي هڪ راجا سيوستان تي حڪومت ڪندو هو ۽ چچ اوڏانهن وڃڻ جو پڪو ارادو ڪيو ۽ دهتايت وٽان مهراڻ پار ڪيو. هن ماڳ وٽ الور ۽ سمن جو علائقو پاڻ ۾ ملي رهيا هئا. درياهہ اڪري اتان ٻڌيہ طرف روانو ٿيو. جنهن جو حڪمران ڪوتل پٽ پندرڪو پڪو هو. هن جي راڄڌانيءَ جو نالو ناناراڇ (26) هو ۽ اتان جي رهاڪن کي سيويس سڏيو ويندو هو. چچ انهن تي حملو ڪري سويس Sawis جو قلعو فتح ڪيو. ڪب

Kab پٽ ڪاڪا Kaka اڳتي وڌي پنهنجي پيءُ جي تابعدارن لاءِ ڪانئس امان گهري ۽ ڏن ڏئي تابعداري اختيار ڪيائون.

چچ جو سيوستان ڏانهن وڃڻ

چچ ڪشمير کان موٽي. پنهنجو لشکر تيار ڪري سيوستان ڏانهن روانو ٿيو. هن علائقي جو متو Matta نالي هڪ ماڻهو راجا هو. جڏهن ڪيس خبر پئي ته راءِ چچ لشکر وٽي ڏانهنس ڪاهيندو پيو اچي ته هو ڊڄي ويو ۽ پاڻ سان تابعدارن جو وڏو انگ ۽ ملڪ جا مکيه ماڻهو ۽ فوج ساڻ ڪري اڳتي وڃي سندس سامهون ٿيو. ٻنهي ڌرين ۾ سخت جنگ لڳي. جنهن ۾ چچ جي سوپ ٿي ۽ راجا وڃي قلعي ۾ پناهه ورتي. چچ اڳتي وڌي وڃي قلعي تي ڪڙو چاڑهيو. هفتي ڪن جي گهيري کان پوءِ شهر جي لشکر چچ کي صلح جي درخواست ڪئي. شرط شرط طئي ٿيڻ کانپوءِ صلح ٿيو ۽ ٻاهر نڪري ڪيس قلعي جو راجا مقرر ڪيائين ۽ ان سان گڏ پنهنجو پروسي جوگو ماڻهو به اتي رهايائين ۽ شهر جي حالتن جي معمول تي پهچڻ تائين هو اتي ٽڪيو رهيو.

چچ جو برهمڻ آباد جي راجا اڳهم ڏانهن قاصد روانو ڪرڻ

سيوستان جي حملي کانپوءِ راءِ چچ اڳهم لوهاڻي ڏانهن خط لکي قاصد هٿ ڏانهس روانو ڪيو. هو برهمڻ آباد جو گورنر هو ۽ لاکن سمن ۽ سهتن جي علائقن جو حڪمران هو. راءِ چچ هن ڏانهن خط لکي تابعداريءَ جي گهر ڪئي هئي. جڏهن هو مڪران کان ٿورن

ڏينهن جي پنڌ تي پري هو تہ رستن تي مقرر ڪيل هن جي جاسوس هڪ ماڻهوءَ کي پڪڙي ورتو هو. وٽس هڪ خط هو، جيڪو برهمڻ آباد جي گورنر اگهم سيوستان جي حاڪم متي ڏانهن لکيو هو، جنهن ۾ هن قسم جا احوال لکيل هو: "مان اوهان سان سدائين سچو رهيو آهيان ۽ اوهان سان دلي دوستاڻا ناتا قائم آهن. نہ اوهان سان ڪڏهن اختلاف ڪيو آهي ۽ نہ وري ڪڏهن جهيڙيو آهي. توهان جيڪو دوستاڻو خط لکيو آهي، سو مون وٽ پهچي چڪو آهي ۽ پڙهي مون کي ڏاڍي سرهائي ٿي آهي. اسان جا دوستاڻا لاڳاپا سدائين قائم رهندا ۽ وچ ۾ ڪي به ويجا ڪونہ پوندا. تنهن جو هر ڪم اڪين تي، توهان راجا ۽ راجا جا پٽ آهيو. اسان ٻنهي ۾ ايڪو ۽ ٻڌي آهي. هن جهڙا ڏکيا وقت گهٽن ماڻهن تي آيا آهن. ماڻهو پنهنجي بچاءَ لاءِ هر شيءِ ڪري سگهندو آهي. توهان برهمڻ آباد واري علائقي ۾ جتي چاهيو رهي سگهو ٿا. يعني برهمڻ آباد کان وڻي ديبل واري سمنڊ تائين. جيڪڏهن اوهان هتان گذري ڪنهن ٻئي پاسي وڃڻ گهرو ٿا تہ اوهان کي ڪير به روڪڻ وارو ڪونہ آهي. جيڈانهن به ويندا آءٔ اوهان جي مدد ڪندو رهندس. مون وٽ سگهہ ۽ ايترو اثر آهي جو اهان جي هر قسم جي مدد ڪري سگهان ٿو." متي کي بهتر اهو ڏسڻ ۾ آيو تہ هو هندستان جي راجا رمل ڏانهن هليو وڃي جنهن کي پٽي به چوندا آهن.

چچ جو اگهم لوهاڻي ڏانهن خط

ان کانپوءِ چچ اگهم لوهاڻي ڏانهن خط لکيو، تون پنهنجي

سياسي سگهه. شان ۽ شوڪت ۽ پنهنجي اوچي گهراٽي ڪري پاڻ کي وقت جي حڪمراني، ڌن، دولت، شان شوڪت ۽ سياسي سگهه مون کي ورثي ۾ ڪونه مليا آهن پر الله تعاليٰ مون تي مهرباني ڪئي آهي. اهي سڀ مان پنهنجي فوج جي مدد سان هٿ ڪونه ڪيون آهن پر الله تعاليٰ جيڪو اڪيلو آهي، جنهن جو ڪو شريڪ ڪونهي، جنهن هي ساري ڪائنات پيدا ڪئي آهي، تنهن ئي سلائيچ تي باجهه ڪئي هئي. هيءَ ملڪ ۽ سڀ ڪان اتم رتبو هن ئي مون کي عطا ڪيو آهي. هر معاملي مان ڪائنس امداد ونندو آهيان. مون کي ڪنهن ٻئي هنڌان مدد ملڻ جي آس اميد ڪانه هوندي آهي. هو مون کي هر معاملي ۾ سڀ عطا ڪري ٿو. هن مون کي هر جنگ ۾ فتح سان نوازيو آهي ۽ هر دشمن جي مقابلي ۾ منهنجي واهر ڪئي آهي. دنيا جون سڀ نعمتون هن ئي عطا ڪيون آهن. تو کي اهو گهمنڊ آهي ته هي جيڪي بـ تو وٽ آهي سو تو پنهنجي سگهه، عقل، ڏاهپ ۽ اهليت ڪري هٿ ڪري ورتو آهي ته پوءِ پڪ سمجهه اهي سڀ توکان ضرور کسيون ويندیون ۽ توکي قتل ڪرڻ هڪ جائز عمل ٿي پوندو.

چچ جو برهمڻ آباد پهچڻ ۽ اگهم لوهاڻي سان جنگ ڪرڻ

هن کانپوءِ چچ اگهم لوهاڻي تي حملو ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌڻ لڳو. انهن ڏينهن ۾ اگهم لوهاڻو پنهنجي ملڪ جي واءَ سواءَ لهڻ لاءِ گشت تي نڪري ويو هو. جڏهن ڪيس چچ جي اچڻ جي ڄاڻ ملي ته

هو تکڙو هلندو اچي راجڌاني پهتو ۽ جنگ جون تياريون ڪرڻ لڳو. چچ جڏهن برهمڻ آباد پهتو ته ٻئي ڏريون هڪ ٻئي جي سامهون اچي بيٺيون. ٻنهي پاسن کان نالين جوانن جي مرڻ کان پوءِ اڳهم جي فوج پڇي وڃي قلعي ۾ پناه ورتي ۽ چچ اڳتي وڌي وڃي ڪوٽ تي ڪڙو چاڙهيو ۽ سال تائين گهيرو جاري رهيو.

ان زماني ۾ هندستان يعني ڪنوج جو راجا ستبان (27) پٽ راسل هو. اڳهم لوهاٽي خط موڪلي ڪانئس امداد جي طلب ڪئي هئي. ۾ جواب ملڻ کان اڳ اڳهم وفات ڪري ويو ۽ سندس پٽ سندس جانشين ٿيو.

ٻڌ مت جو هڪ شمني اڳهم جو دوست هوندو هو. جنهن کي "ٻڌ رکم" (28) جي نالي سان سڏيو ويندو هو. هو ٻڌنو وهار (29) ۾ رهندو هو ۽ دلها Dliha (30) وهار جي سنڀال به هن شمني جي حوالي هئي. هن بت جي رکوالي پڻ اهو ڪندو هو ۽ پنهنجي پوڄا ۽ پڳتيءَ ۾ گهڻو مشهور هوندو هو. اتان جا رهواسي هن شمنيءَ جي گهڻي عزت ڪندا هئا. اڳهم پڻ ٻڌ هو ۽ ڪيس آئي ويل پنهنجو آڌار سمجهندو هو. جڏهن هو قلعي ۾ بند ٿي ويٺو هو ته هن شمني هن جي مدد ڪئي هئي. جنگ دوران هن جي ڪابه سهائتا ڪاڻ ڪئي هئائين. پنهنجا ڪتاب ڪٽي وڃي وهار ۾ ويهي پاٺ ڪندو هو. اڳهم جي وفات کان پوءِ سندس پٽ راجگديءَ تي ويٺو هو (31) ان وقت شمنيءَ کي ڏڄ وراٽيو ته متان هن جي هٿان ملڪ ۽ مال ملڪيت هلي وڃي. نيٺ سوچي سوچي هن نڪتي تي اچي بيٺو ته چچ ضرور سوپارو ٿيندو ۽ سارو ملڪ سندس حڪمرانيءَ هيٺ ايندو ۽ اڳهم جي ملڪ ۽ ملڪيت جو چا ٿيندو. اڳهم جو پٽ جڏهن تنگ ٿيو ۽

سنڌس لشکر بہ چچ سان وڙهڻ کان جواب ڏنو تہ تڏهن هن آڻ مڃي قلعو سنڌس حوالي ڪيو. چچ کي جڏهن هن شمنيءَ جو پتو پيو ڪيس اها جاڻ ملي تہ هن اگهم ۾ سنڌس پٽ جي گهٽي مدد ڪئي آهي ۽ سنڌس جادوءَ جي اثر ڪري جنگ سال تائين يڪو هلندي رهي آهي تہ هن پڪو وچن ڪيو هو تہ قلعي فتح ٿيڻ کان پوءِ ان پروهت کي جهلي سنڌس کل لهرائي نغارن تي چاڙهائيندس. پرءِ سنڌس کل ڪٽجي ڪٽجي ذرا ذرا ٿي ويندي. جڏهن هيءَ خبر پروهت کي پهتي تہ کلي ڏنائين ۽ چيائين تہ چچ کي ايتري طاقت ڪانہ آهي جو مون کي برباد ڪري سگهي. جڏهن برهمڻ آباد تي گهٽو وقت لڙائي هلي ۽ بي شمار ماڻهو قتل ٿيا تڏهن لڙائي بند ڪري امان گهري صلح جي آڇ ڪيائون. مڪيہ ماڻهن جي سهائتا سان پنهي ڌرين پر صلح ٿيو. قلعي جي فتح کان پوءِ جڏهن چچ اندر داخل ٿيو تہ ماڻهن کي چيائين: "جيڪڏهن اوهان وڃڻ گهرو تہ خوشيءَ سان وڃي سگهو ٿا ۽ ڪير بہ اوهان کي روڪي ڪونہ سگهندو. جيڪڏهن اوهان رهڻ جو فيصلو ڪيو هجي تہ پلي وينا هجو. چچ جي ايڏي مهرباني ڏسي اگهم جو پٽ ۽ سنڌس تابعدارن رهڻ جو فيصلو ڪيو. راءِ ڪجهہ وقت هتي رهي سندن مزاج معلوم ڪيو.

چچ جو اگهم جي زال سان شادي ڪرڻ ۽ پنهنجي پائڻي جي ڏيءُ سنڌس پٽ سربند کي ڏيڻ

پوءِ چچ سربند جي ماءُ ڏانهن ماڻهو موڪليو. سربند ڪيس وٺي آيو ۽ چچ ساڻس شادي ڪئي. هن پنهنجي پائڻيءَ جي ڏيءُ ڏرسيہ جو

سگ سربند کي ڏنو ۽ کيس رنگارنگي سروپا ڏکيائين. ملڪي انتظام لاءِ سال کن اتي رهي پيو. ڏل ۽ محصول جي اوگاڑي لاءِ هن پنهنجا عملدار مقرر ڪيا. بعد ۾ پڇيائين ته اهو جادوگر پروهت ڪٿي آهي ته کيس ڏسان. ماڻهن کيس ٻڌايو ته اهو پروهت هڪ سچو پگت آهي ۽ پگتن وٽ هوندو. هو هندستان جي ڏاهن مان هڪ آهي ۽ ڪن وهار جو راکو آهي (32) ٻين پروهتن وٽ سندس گهڻي عزت آهي. تپسيا ڪري رچي ريتو ٿي چڪو آهي. جادوءَ ۽ طلسم جو ايڏو ڄاڻو آهي جو هتان جا سڀ ماڻهو سندس تابعدار آهن. سندس دل جا هر مطلب جادوءَ جي زور تي پورا ٿي وڃن ٿا. ڪو وقت هو جو سربند جو ٻانهن ٻيلي هو. چاڪاڻ جو هن جي سندس پيءُ سان دوستي ياري هئي. سندس سگهه جي آڌار تي برهمڻ آباد جا فوجي سپاهي لڙائي ۾ جمي ٻيهي رهيا ۽ لڙائي گهڻي ڏگهي ٿي وئي.

چچ جو پروهت وٽ وڃڻ ۽ ڪانئس حال احوال پڇڻ

چچ پوءِ پنهنجي هٿياربندن ۽ پهريدارن کي ساڻ ڪري پروهت کي قتل ڪرڻ جي ارادي سان ٻڌن جي پوڄا واري جاءِ ڪن وهار (33) ڏانهن روانو ٿيو. پنهنجي هٿياربندن کي سڏي سمجهايائين ته جڏهن ملاقات دوران اٿي ٻيهان ۽ اوهان ڏانهن نهاريان ته تلوار هڻي پروهت جي سسي ڏڙ کان ڌار ڪري ڇڏجو. جڏهن چچ ڪن - وهار ۾ پهتو ته ڏٺائين ته پروهت ڪرسيءَ تي ويٺو آهي ۽ پنهنجي پوڄا پاٺ ۾ رڌل آهي. سندس هٿ ۾ ڳوهيل منيءَ جي چاٽي هئي (34) جنهن مان هو مورتيون جوڙي رهيو هو سندس

هڪ هٽ ۾ ٽپو هو. جڏهن اهو متيءَ جي چاٽي تي ٽي هنيائين تہ ہڏ جي مورتي جڙي ٽي پئي ۽ ان مورتي کي هڪ پاسي رکي ٽي ڇڏيائين (35) چڇ سندس پر ۾ بيٺو رهيو پر ڏانهس تکيائين بہ ڪونہ پئي. پروهت کيس وهڻ لاءِ چيو پروهت هڪ صاف ڪپڙو وڇايو ۽ چڇ ان تي ويهي رهيو. کائنس پڇيائين: "چا ٿو چاهين؟ چڇ وراڻيو: " آءٌ تنهنجي دوستي ٿو چاهيان ۽ اهو بہ چاهيان ٿو تہ تون برهمڻ آباد هل مون سان دنيا جي ڪمن ڪارين ۾ مدد ڪر. سربند سان گڏ رهہ ۽ کيس صلاح مشورا ڏيندو رهہ. پروهت کيس وراڻيو تہ منهنجو تنهنجي ملڪ سان ڪو واسطو ڪونہ آهي نہ وري ماڻهن جي معاملن سان دلچسپي اٿم. هن دنيا جا معاملا منهنجي لاءِ ڪجهہ بہ ڪونہ آهن. چڇ کائنس پڇيو تہ "تون برهمڻ آباد جي قلعي ۾ منهنجي سامهون ڇو ٽين؟" ورندي ڏنائين تہ "جڏهن لوهاڻي جو حڪمران اگهم گذاري ويو تہ سندس پٽ پيءَ جي جدائي ۾ ليلهائي رهيو هو. تڏهن مجبور ٿي کيس ڏيرج ڪرڻ جي صلاح ڏيندو رهيس. ان سان گڏ خدا کان ہنهي ڏرين جي صلح لاءِ دعا بہ گهرندو رهيس. مون کي دنيا جي سرداري کان ہڏ جي پوڃا ڪرڻ ۽ آخرت جي نجات گهرڻ وڌيڪ آهي. پر جيئن تہ تون هن ملڪ جو راجا آهين. تنهن ڪري تنهنجي فرمان موجب مان پنهنجي گهر ياتين سميت لڏي هلي قلعي جي پاسي ۾ ٽو رهان. پر ڊپ اٿم تہ متان قلعي وارا ہڏ وهار کي هاجو رسائن. ڇاڪاڻ تہ اڄ چڇ هڪ وڏي ملڪ جو مالڪ آهي." چڇ کيس چيو تہ: "ہڏ جي پوڃا هڪ سٹي شيءِ آهي

۽ سندس عزت احترام ڪرڻ ڇگي ڳالهہ آهي. جيڪڏهن

توکي کو کم کار هجي يا کو غرض هجي تہ ان کي پوري ڪرڻ ۾ پنهنجي سعادت سمجهندس ۽ پنهنجي عزت افزائي پائيندس." پروهت چيو: "اهڙو کو دنياوي کم کونہ آهي جو توکي چوان. خدا توکي اڳئين جهان جي کم ڪرڻ جي شال توفيق ڏئي." چچ کيس جواب ۾ چيو تہ: "منهنجي بہ تہ اها ئي گذارش آهي تہ مان اهڙا کي کم ڪريان جن ڪري نجات ٿئي ۽ بلند درجو عطا ٿئي. مون کي حڪم ڪر تہ مان ان باري ۾ اوهان جي مدد ڪريان." پڄت کيس وراڻي ڏني تہ :" جڏهن تنهنجو مقصد خير ۽ نيڪيءَ جو کم ڪرڻ آهي تہ سانوڻداسي ۾ (36) نو وهار پوڄا پاٺ جي هڪ جڳهہ آهي. زماني جي گردشن جي ڪري ان کي گهڻو ڇيهو رسيو آهي. ان جي نئين سر عمارت جوڙي وڃي. تون اسان جي انهيءَ طريقي سان مدد ڪري سگهين ٿو."

چچ جو برهمڻ آباد ڏانهن موڪي وڃڻ

پوءِ چچ اتان سوار ٿي موڪي ويو. سندس وزير کيس چيو: "اي راجا! مون اچرج جهڙي ڀالهہ ڏٺي." چچ چيس: "چا ڏٺئي" هن وراڻيو: "توهان فوجي سپاهين کي پروهت کي کهڻ جو حڪم ڪيو هو. پر پوءِ سندس روبرو ٿيڻ مهل سندس خوشامد ڪرڻ کي لڳي ويا هئا ۽ سندس عرض بہ قبول ڪرڻ فرمايو." چچ چيو: "تون سچ ٿو چوين. مان اها شيءِ ڏٺي جيڪا نہ جادو هئي نہ ڪو طلسم وغيره هو. جڏهن مان سندس سامهون ٿيس تہ منهجي آڏو هڪ منظر اچي ويو ۽ سندس مٿي تي هڪ پيانڪ ۽ ڊج جهڙي صورت ڏٺم. سندس اکيون باهہ

جهڙيون ۽ ڪاوڙ ۾ پريل هيون. سندس چپ ڏڳها ۽ ٽلها هٿا ۽ ڏند نيزن جهڙا ٿي ڏٺا. ان جي هٿ ۾ هڪ نيزو هو. جيڪو هيري جيان چمڪي رهيو هو. نظر ائين پئي آيو جڙ اهو ڪنهن کي هٽندو هجي. جڏهن مون اهو ڏٺو تہ ڊڄي ويس ۽ مان ڪيس اهي لفظ چئي ڪونہ سگهيس. جيڪي ڪيس چوڻ پئي چاهيم. مان تہ پنهنجي جان بچائڻ جي فڪر ۾ هيس ۽ پوءِ اٿي هليو آيس."

چ جو برهمڻ آباد رهڻ
۽ اتان جي رهاڪن تي ڏل رکڻ

چ ملڪي معاملن جي درست ٽيڻ تائين برهمڻ آباد ۾ ٽڪي پيو. ماڻهن جي مٿان ڏل رکيائين. رعيت جي سک لاءِ ڪي ڳالهيون ڪيائين. هن جتن ۽ لوهاڻن کي گهٽو ذليل ۽ خوار ڪيو. سندس لٽ سردارن کي سيکت ڏني وئي. هن انهن سردارن کان ضمانت طور هڪ ماڻهو ورتو. جنهن کي قلعي ۾ رهايو ويو ۽ مٿن هيڻان شرط مڙهيا ويا تہ هو سواءِ ڪن خاص حالتن جي تلوار هٿ ۾ نہ کڻندا. اهي ريشم ۽ بخمل جا ڪپڙا نہ اوڍيندا. مٿي پلي سوٽي ڪپڙو هجي پر هيڻيون اوني هجڻ کپي. جنهن جو رنگ ڪارو يا ڳاڙهو هجي. گهوڙن تي هنو رکي سواري نہ ڪندا. اگهاڙا هوندا. ٻاهر نڪرندا تہ پاڻ سان گڏ ڪتا رکندا. برهمڻ آباد جي گورنر جي رنڊڪي لاءِ ڪائيون پهچائڻ سندن ذميواري هوندي. رهبري يا جاسوسي ڪرڻ ۾ سندن فرض ۾ شامل هوندو. جڏهن جت ۽ لوهاڻا اهي ڪم سچائي سان ڪندا تہ پوءِ ڪين فرمانبردار سمجهيو ويندو.

اگهم جي پٽ سربند سان بہ سچا رهندا. جيڪڏهن ڪو دشمن هن مٿان ڪاهي ايندو تہ جت سندس مدد ڪندا. پوءِ سيئي ڪم پورا ڪري ملڪ جو انتظام صحيح ڪيائين. جيڪڏهن ڪو سرڪشي ڪري رهيو هو تہ تنهن کان ضمانت وٺي ضابطي هيٺ ٿي آندائين. جنهن ڪري سڀ ڪاروبار صحيح هلڻ لڳو.

چچ جو ڪرمان وڃڻ
۽ مڪران جي سرحد مقرر ڪرڻ

جڏهن برهمڻ آباد جا سيئي انتظامي معاملا ٺيڪ ٿي ويا. تڏهن ڪيس ڪرمان جي حدن ٺيڪ ڪرڻ جو خيال آيو. چاچاڻ تہ انهيءَ پاسي بہ هند جي راجائن جا علاقا هئا. ان وقت رسول الله صلي الله عليہ وسلم جي هجرت کي بہ سال گذري چڪا ها. ڪسري بن هرمز بن فارس جي وفات کان پوءِ ملڪ ۾ وڳوڙي حالتون ڪاهي پيون هيون ۽ ملڪ جو تخت ۽ تاج ورثي مطابق هڪ عورت جي حوالي ٿيو هو. چچ کي جڏهن اها خبر پئي تہ وڏي تياري ڪري ڪرمان طرف وڌڻ لڳو ۽ جوتشين جيڪو ڪيس وقت ڪڍي ڏنو. تنهن مهل ارمائيل ڏانهن اسهيو. هڪ ہڏ شمني انهيءَ علاقي جو حڪمران هو. جيڪو هندستان جي راجا سهيرس جي مقرر ڪيل گورنر جي اولاد منجهان هو. ڪيس سندس سچائي ۽ ايمانداري ڪري اتان جو گورنر مقرر ڪيو ويو هو. زماني جي ڦير گهير ڪري سرڪش ٿي ويو هو. چچ جڏهن ويجهو پهتو تہ اڳتي وڌي سندس آڇيان ڪيائين. جڏهن ڪيس هن جي سچائي ۽ ايمانداريءَ تي

ويساھ آيو تہ اتان پوءِ مڪران ملڪ ڏانھن راھي ٿيو. اتي پھچي ڪيس محسوس ٿيو تہ اتان جا ماڻھو سندس فرمانبرداري ڪري رھيا ھئا. مڪران وارن جبلن ۽ لڪن مان نڪري ٻين شھرن ڏانھن ھليو ويو. مڪران وارو علائقو ۽ حدون اڪري ھو ھڪ ٻئي ملڪ ۾ پھتو. ھتي ڪنھ پور (37) نالي آڳاٽي دور جو ھڪ قلعو ھو. جنھن جي مرمت ڪرڻ جو حڪم ڏنائين. اھو بہ حڪم ڪيائين تہ قلعي اندر ھندو رسم موجب شام ۽ صبح جو پنجن ڏسمن جي وڄت ۽ نوبت وڄائي وڃي. ھن اوسي پاسي جا سيئي ماڻھو گھرائي قلعي جي مرمت ڪرائي ورتي. ڪم پوري ٿيڻ ڪانپوءِ ڪرمان روانو ٿيو ۽ اچي انھيءَ وھڪري وٽ پھتو. جيڪو مڪران ۽ ڪرمان جي وچ تي آھي. اتي انھن ملڪن جي اپرندي واري حد مقرر ڪيائين ۽ ان وھڪري جي ڪناري سان ڪجين جو جھڳٽو لڳائي اعلان ڪيائين تہ ھيءَ اھا حد آھي جيڪا چچ پٽ بساس (38) سنڌ جي راجا جي زماني ۾ ھئي. اھا ساڳي حد ھاڻي اسان جي قبضي ھيٺ آھي.

چچ جو ارمابيل (39) وڃڻ اتان جي ماڻھن تي ڏل ٻڌڻ

پوءِ چچ اتان کان ارمابيل ڏانھن موٽيو ۽ توران مان لنگھي اچي ھڪ رڻ پٽ ۾ پھتو. ڪنھن بہ ساٿس لڙائي ڪانہ ڪئي. ھلندو اچي نيٺ قندابيل پھتو. جنھن کي قندھار بہ سڏيندا آھن (40) ھن ھڪ ٻيو بيابان جھاڳي قلعي ڏانھن وڌڻ شروع ڪيو. جڏھن ھو سيبيءَ (41) جي پر واري وھڪري وٽ پھتو تہ لشڪر کي منزل

ڪرڻ جو حڪم ڏنائين. اتان جي ماڻهن کي هڪ لک درهم ڏيڻ
هڪ سو جابلو گهوڙن ڏيڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو. صلح نامي طئي ٿيڻ
کانپوءِ راجڏاني الور موڪلي آيو ۽ مرڻ ۽ جهنم رسيد ٿيڻ تائين اتي ئي
رهيو.

چندرپٽ سلائيچ جو الرور ۾ راجگدي تي ويهڻ

چچ جي وفات کانپوءِ سندس پاءُ چندر (42) پٽ سلائيچ ڇت
ڏٽي ٿيو. هوبڏ ڏرم جو پوئلڳ هو. راجگديءَ تي ويهڻ سان ئڏ ڏرم کي
زور وڌرايائين. اڳي جيڪي ٻڌ ڌري هندو ٿي ويا هئا, تن کي تلوار جي
زور سان هڪ هنڌ گڏ ڪري کين پنهنجي اصلي ڏرم اختيار ڪرڻ
لاءِ زور پريائين.

سيوستان جي بادشاهه "متي" جو هليو وڃڻ

سيوستان جو راجا متو ڪنوج جي راجا ڏانهن هليو ويو.
هندستان جو اهو ملڪ ڏاڍو سکيو ستابو ۽ ريان کيان هو. تنهن زماني
۾ ڪنوج حڪومت سهيرس پٽ راسل (43) جي هٿ هيٺ هئي
اتي ان جي خدمت ۾ پهچي کيس چيو ته: "چچ پٽ سلائيچ مري ويو
آهي ۽ تخت تي سندس پاءُ چندر پٽ سلائيچ ويٺو آهي. جيڪو ٻڌ
راهب ۽ ناسڪ آهي. هو سڄو ڏينهن ٻين ڪتن سان گڏ مندر ۾ ويهي
پڙهڻ ۽ پاڙهڻ ۾ رڌل رهي ٿو. ڪانئس بادشاهي ڦري وڃڻ ڏاڍي سولي
آهي. جيڪڏهن تون ملڪ فتح ڪري منهنجي حوالي ڪندو ته مان
ان جي بدلي ڏن ڏيندس ۽ تنهنجي خزاني ۾ پهچائيندو رهندس.

سهيرس جو جواب

اهو پڏي سهيرس متي کي چيو: ”چچ هڪ وڏو حڪمران هو ۽ سندس راڄ وسيع ايراضيءَ تي پکڙيل هو. هو هاڻي مري ويو آهي. مان سندس ملڪ کي فتح ڪري پنهنجي راڄ ۾ شامل ڪرڻ چاهيان ٿو. انهيءَ ڪري منهنجي حڪمراني گهڻي وسيع ايراضي تائين پکڙجي ويندي. پوءِ مان توکي ان جي هڪ حصي جو راجا مقرر ڪندس. تنهن کان پوءِ هن پنهنجي پاءُ برهاس پٽ ڪسائس کي روانو ڪيو. ان زماني ۾ ڪشمير تي وڏي چچ جو ڏوهتو حڪومت ڪري رهيو هو ۽ رمل جو راجا برهاسائس پٽ ٿي ٻيٺو. هنن ٻنهي راجائن جو گڏيل فوجون پيش قدميون ڪنديون اچي هانسي (44) جي ڪناري تي پهتيون. جتي هنن منزل ڪئي. ديوهپور ۾ راجا چندر جا عملدار رهندا هئا. ڪين جڏهن هن حملي جي ڄاڻ ملي ته مقابلي جي سگهه نه ساري پڇي هليا ويا. انهن جاين تي پنهنجا ماڻهو مقرر ڪري هو اڳتي روانا ٿيا ۽ اڳتي وڌندا وڃي بند ڪاهويه وٽ پهتا. اتي هنن منزل ڪئي ۽ مهينو ڪن اتي ٽڪي پيا ۽ ٻڌ جي پوڄا ڪندا رهيا. اتان هنن، چندر ڏانهن پيش پوڻ لاءِ قاصد روانو ڪيو ۽ ڪيس چيو ويو هو ته پنهنجي بچاءَ لاءِ درخواست ڪري.

چندر جو انڪار ڪرڻ
۽ قلعبند ٿي جنگ جي تياري ڪرڻ
۽ سهيرس جو ڏاهر پٽ چچ ڏانهن وفد موڪلڻ

چندر چچ جو جانشين ٿيو. سندس راڄ ۾ رعيت ڏاڍي ريان

کيان ۽ ملڪ سکيو ستابو هو ۽ ڏاڍو مضبوط ٿي ويو هو. ستن سال جي راڄ کان پوءِ هو وفات ڪري ويو. اٽين سال ۾ فاني جهان ڇڏيائين. کانئنس پوءِ راءِ ڏاهر راجگدي سنڀالي. راج پٽ چندر برهمڻ آباد کي وڌي مضبوط ڪيو. پر هو اتي هڪ سال کان وڌيڪ پنهنجي حڪومت قائم رکي نه سگهيو. ان کان پوءِ ڏهرسيہ پٽ ڇچ برهمڻ آباد تي قبضو ڪيو. سندس پيٽ ۾ بائي Bai (45) جا سائس سڀا تعلقات هئا. ڏهرسيہ برهمڻ آباد جي راجا اڳهم جي ڌيءَ سان شادي ڪئي. هن برهمڻ آباد تي پنج سال راڄ ڪيو ۽ پرپاسي وارن حڪمرانن سندس تابعداري قبول ڪئي. ڏهرسيہ ڪجهہ وقت راوڙ (46) جي قلعي ۾ بہ گذاريو هو. جنهن جو بنياد سندس پيءُ ڇچ رکيو هو ۽ پوري ٽيڻ کان اڳ وفات ڪري ويو هو. جڏهن قلعو جڙي راس ٽيو تہ ويجهڑائي ۾ وسندڙ ماڻهو آڻي قلعي ۾ آباد ڪرايائين. جڏهن هيءُ قعلو پوري ريت آباد ٿي ويو تہ ان جو نالو راوڙ رکيو ويو. ان کان پوءِ موڻي برهمڻ آباد پهتو ۽ پنهنجي حڪومت کي مضبوط ڪرڻ لڳو.

بائي يا مائين کي پاڻيہ جي راجا سان پرٽائڻ واسطي الور روانو ڪرڻ

هڪ ڏينهن ڏهرسيہ سوچي رهيو هو تہ بائي شاديءَ جي عمر کي پهچي وئي آهي تہ رمل جي ملڪ مان پاڻيہ گهراڻي جي راجا سوين راءِ (47) جو پيغام اچي پهتو. جنهن ۾ راڻي بائي جي سڳ جي گهر ٽيل هئي. ڏهرسيہ وڏو ياءُ هو (48) ۽ پنهنجي پيٽ کي گهٽو ڏاڄ ڏيوڻ ڏئي ست سو گهوڙي سوارن ۽ پنج سو پيادن سان گڏي هڪ خط

ڏي ڏاهر ڏانهن الرور روانو ڪيو. انهيءَ مقصد سان تہ ڏاهر سندس شادي پاڻيہ جي راجا (49) سان ڪرائي. هن کان علاوہ سندس اها بہ نيت هئي تہ هو بہ ڪيس شاندار ڏاج ڏئي. قاصد اهو پيغام ڪٽي الرور ويو ۽ مهينو کن اتي ويٺو رهيو (هن کان پوءِ راجا ڏاهر جو سندس پيٽ سان شادي ڪرڻ جو احوال آهي. جنهن تان ٻنهي پائرن ڏاهر ۽ ڏهرسيہ جي وچ ۾ جهيڙو ٿيو) راجا ڏاهر کي جڏهن هيءَ پيغام پهتو تہ پنهنجي پيٽ جي پاڻ جي معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ جوتشيءَ وٽ ويو. جنهن کيس ٻڌايو تہ هيءَ راجڪماري جنهن ماڻهوءَ سان وهانوءَ ڪندي سو الور جو حڪمران ٿيندو. اها ڳالهہ ٻڌي راجا ڏاهر وزير ٻڌيمن سان صلاح ڪري پنهنجي پاءُ ڏهرسيہ ڏانهن هڪ ڪان پوءِ ٻيو خط لکيو. جڏهن اهو خط کيس مليو تہ وٺي الور ڏانهن اسهيو ۽ سندس خواهش هئي تہ راجا ڏاهر کي ملي تہ هن صلاح مشوري لاءِ وزير کي گهريو ۽ جوڳو بندوبست ڪيو. ڏهرسيہ هاٿيءَ تي سوار ٿي الور جي قلعي ۾ داخل ٿيو. ان موقعي تي ڏاهر بچي ويو. ٿوري وقت کان پوءِ ڏاهر کي ڏهرسيہ جي وفات جي خبر پئي. آخر ۾ سندس سماڏيءَ کي اگني سنسڪار ڪيو ويو.

ڏاهر جو برهمڻ آباد وڃڻ

ڏاهر برهمڻ آباد جي قلعي ۾ هڪ سال رهيو. ان وقت تائين اوسي پاسي جي حڪمرانن سندس تابعداري قبول ڪئي. ان کان پوءِ هن ڏهرسيہ جي پٽ کي پاڻ وٽ گهرايو ۽ ساڻس سٺو سلوڪ ڪيو. اتان سيوستان ۽ پوءِ راوڙ (50) ڏانهن روانو ٿيو. هن قلعي جو بنياد

سندس پيءَ چچ رکيو هو. پر قلعي تيار ٿيڻ کان اڳ هو وفات ڪري ويو هو. هو ڪجهه وقت اتي رهيو ۽ قلعي کي راس ڪرڻ جو حڪم ڪيائين. هيءَ گرمي وارا چار مهينا هتي رهندو هو. چاڪاڻ ته هتان جي آبهوا تڏي هئي. اهڙيءَ طرح سياري جا چار مهينا وري برهمڻ آباد ۾ ٽڪي پوندو هو. باقي چيٽ وارا چار مهينا وري الرور ۾ هوندو هو. اهڙيءَ ريت حڪمراني ڪندي ڪيس اٺ سال گذري ويا. سندس حڪمرانيءَ جي هاڪ ڏاڪ ۽ هند ۽ سنڌ جي ڪنڌ ڪڙ ۾ پکڙجي وئي. رمل جي راجا کي به سندس دولت خزاني ۽ هاٿين جي انگ جو پتو پئجي ويو.

رمل جي حڪمران جي راجا ڏاهر سان جنگ ڪرڻ

پوءِ رمل جو بادشاهه وڏي فوج ساڻ ڪري ٻڌيه جي طرف کان راوڙ جي پسگردائيءَ ۾ پهتو. سندس فوج ۾ بيشمار هاٿي، گهوڙي سوار ۽ پيادل سپاهي شامل هئا. هيءَ راوڙ کي فتح ڪري الور ڏانهن وڌيو.

محمد علافي (عرب) جو رمل جو راجا سان مقابلو

محمد علافي (51) عرب هو. جنهن جو تعلق بني عصام قبيلي سان هو. هن عبدالرحمان بن اشعب (Asab) کي جنگ مان پڇي وڃڻ ڪري قتل ڪري ڇڏيو هو. بعد ۾ پنج سئو ماڻهن سان اچي ڏاهر وٽ رهيو هو.

محمد علافيءَ رمل جي راجا مٽان وڃي راتاهو هنيو. سندس پنج سو ماڻهو هن جي ڇڻن پاسن کان ڦري آيا. راجا جي لشکر جا ڪيترا ماڻهو ماري وڏائون ۽ اسي هزار جنگي باندي بڻايائون. پنجاهه هاٿي، هزارين گهوڙا ۽ بي شمار هٿيار کيس هٿ آيا.

ان کان پوءِ راءِ ڏاهر پنهنجي ڏاهي وزير ۽ مبارڪ مشير کي چيو ته "جيڪو گهرٽو هجئي سو گهر" تنهن تي وزير چيو ته "مون کي ڪو اولاد ڪونہ آهي. جو منهنجو نالو زنده رهي. تون حڪم ڪر ته شاهي ضرب خاني ۾ جيڪي چانديءَ جا سڪا تيار ٿين تا ۽ راجا جي نالي جو شرف حاصل ڪن تا انهن جي ٻئي پاسي منهنجو نالو اکيريو وڃي. انهي لاءِ ته هند ۽ سنڌ ۾ اهو نالو ياد هجي." تنهن تي راجا ائين ڪرڻ جو حڪم ڪيو.

ان کان پوءِ هيءَ احوال اچي ٿو:

پهرين ڇڻن خليفن جي تاريخ

معاويہ بن ابوسفيان

سنان بن سلمہ بن غرور الهندي راشد بن عمرو

سنان بن سلمہ جو ٻيو پيرو سنڌ جو گورنر مقرر ٿيڻ

منذ بن حارود (جارود) جو گورنر ٿيڻ

حڪم بن منذر

عبدالملڪ بن مروان

علافين جو احوال

مجاعہ بن سفير (سعر) بن يزيد بن حديفہ (حذيفہ)

وليد بن عبدالملڪ بن مروان

سراندیب (سراندیپ) مان خلیفہ ڏانھن سوکڙيون موکلڻ جو احوال

حجاج جوراءِ ڏاھر ڏانھن قاصد روانو ڪرڻ

حجاج جي درا الخلافہ کان اجازت گھرڻ

بديل جي شھادت

عماد الدين محمد بن قاسم ابن ابي عفيل ثقفي

حجاج جو دار الخلافہ ڏانھن خط لکڻ

حجاج جو جمعہ ڏينھن خطبو پڙھڻ

محمد بن قاسم جي روانگي

لشکر جو شيراز پھچڻ

محمد بن قاسم جو شيراز پھچڻ

ھارون جو محمد بن قاسم سان گڏجي ھلڻ

فوج جي ارمائيل کان اڳتي پيش قدمي

محمد بن قاسم کي حجاج وٽان حڪمن جو پھچڻ

فوج جو تيار ٿيڻ ۽ حجاج جا حڪم پھچڻ

ديبل جي ڳورھارتي موجود جھنبي جو منجنيق سان ڪري پوڻ

ٻڌن جو قلعي مان نڪري محمد بن قاسم کان امان گھرڻ ۽ ساڻن اھڙو واعدو ڪرڻ

مان غنيمت ۽ ٻانھن جو پنجون حصو الڳ ڪري ڇڏڻ

ديبل جي فتح جي راءِ ڏاھر کي خبر پوڻ

راءِ ڏاھر جو خط

محمد بن قاسم جو ديبل جي فتح کان پوءِ نيرون روانو ٿيڻ

مورخ بناڻ (نباتا) بن حنظلہ ڪلابي جي بيان جي آڌار هيءَ حقيقت قلمبند ڪئي آهي تہ عربن جي ديبل فتح ڪرڻ وقت مسلمانن هن شهر جي ڏاڍي قر لٽ ڪئي. ان ڪانپوءِ محمد بن قاسم منجنيقن کي ٻيڙين تي چاڙهڻ جو حڪم ڪيو ۽ نيرون ڪوٽ ڏانهن روانيون ڪيون ويون. مذڪوره ٻيڙيون سنڌ ساگر(52) جو وهڪرو ڏئي مٿي ويون هيون. پر هو پاڻ سيسم ڏانهن ويو. جڏهن هو اتي پهتو تہ وٽس حجاج جو جوابي خط اچي رسيو.

حجاج جو محمد بن قاسم وٽ خط پهچڻ نيرون جي رهواسين جو احوال جن حجاج وٽ وڃي ڪانئس امان جو پروانو حاصل ڪيو هو.

مورخن جو ابو لئث تميمي جي حوالي سان بيان آهي. جنهن وري جمونتہ بن عقبہ کان نقل ڪيو آهي (جيڪو حملي دوران محمد بن قاسم سان گڏ هو) تہ محمد بن قاسم جڏهن نيرون جي قلعي ڏانهن وڌيو تہ اتان جي رهاڪن حجاج کان ورتل امان جو پروانو اچي ڪيس ڏيکاريو هو. حجاج کان اهو پروانو ان زماني ۾ ورتو ويو. جڏهن مسلمان بديل جي اڳواڻي هيٺ سنڌ وارن هٿان شڪست کاڌي هئي ۽ بديل قتل ٿي ويو. هنن حجاج سان قبول ڪيو هو تہ هو مسلمانن

کي خراج ڏيندا. پوءِ هو اڳتي وڌندو ڇهين ڏينهن اچي نيرون پهتو. جيڪو ديبل کان پنجويهه فرسنگ پري هو ۽ بلهار (53) ۾ منزل ڪيائين. سيحون (54) جو پاڻي اڃا ڪونہ آيو هو. لشکر اڃ مري رهيو هو. محمد بن قاسم مينهن لاءِ دعا گهري ۽ پوءِ مينهن وسيو ۽ شهر جي پرسان جيڪي به ڪڙون کهيا ڏنديون ڏورا هئا. سي پاڻيءَ سان تار ٿي ويا هئا.

محمد بن قاسم جو پنهنجن پروسي جوڳن ماڻهن کي نيرون روانو ڪرڻنيرون جو گورنر شمني محمد بن قاسم جي سلام لا اچي ٿو ۽ هن لاءِ سوڪڙيون پاکڙيون ڪٽي اچي ٿو.

محمد بن قاسم نيرون ۾ ٻڌوهار پرسان هڪ مسجد تعمير ڪرائي ۽ حڪم ڪيو تہ اتي مسلمانن جيان نماز ادا ڪئي وڃي ۽ اتي هڪ امام به مقرر ڪيائين. ڪجهه وقت لاءِ پوءِ سيوستان ڏانهن روانو ٿيو. جيڪو مهراڻ جي اولاهينءَ ڪنڊيءَ سان وڏي درڙي تي اڏيل هو. هن ساري ملڪ کي فتح ڪرڻ جو پڪو پهه ڪيو هو. سيوستان جي فتح کان پوءِ درياهه ٻيهر اڪري راجا ڏاهر تي حملي لاءِ اڳتي وڌڻ لڳو ۽ خدا ان جون اميدون پوريون ڪيون.

سيوستان تي حملو

نيرون جو انتظام ٺيڪ ڪري هن فوج کي پوريءَ ريت هٿيار بند ڪيو ۽ شمنيءَ کي اڳيان ڪري هو سيوستان ڏانهن روانو ٿيو. هو منزلن پٽيان منزلون ڪندو ڀهرج (55) نالي هڪ ماڳ وٽ پهتو.

جيڪو نيرون کان ٽيهه فرسنگ ڏور هو. جتي هڪ شمني رهندو هو ۽ اتان جا رهواسي سندس چئي آگئي ۾ هئا. قلعي جو گورنر راءِ ڏاهر جو پائيٽو هو. جنهن جو نالو بجهراءِ هو ۽ چندر جو پٽ هو. ٻڌ ڌرم جو پوئلڳ هو. جنهن کي ٻڌ شمنيءَ چيو ته اسان جو ڌرم امن آشتيءَ جو مذهب آهي. جنهن ۾ جهيڙن ۽ قتل ڪرڻ ۽ رت وهائڻ منع آهي. تون هڪ مضبوط قلعي اندر محفوظ آهين ۽ اسان کليل ميدان ۾ آهيون. دشمن ماري اسان جو جڙ ٻڇو رلائي ڇڏيندو. سڄي جوءِ ڦرجي لٽجي پينگ ٽي ويندي. هتان جا سڀ ماڻهو تنهنجي رعيت آهن. اسان کي خبر آهي ته محمد بن قاسم وٽ حجاج جو هڪ فرمان آهي. جنهن ۾ لکيل آهي ته جيڪو ماڻهو امان گهري تنهن کي ڪجهه نه چيو وڃي. اسان کي توقع آهي ته تون عربن سان صلح ڪرڻ واريءَ ڳالهه کي مناسب سمجهندين. اها سڀني کي خبر آهي ته عرب مومن آهن ۽ جڏهن هو ڪنهن سان هڪ پيرو واعدو ڪندا آهن ته ضرور پاڙيندا آهن. بجهراءِ سندن اها ڳالهه قبول ڪانه ڪئي. محمد بن قاسم پوءِ هڪ جاسوس روانو ڪيو ته جيئن هو معلوم ڪري سگهي ته منجهن ايڪو ٻڌي آهي يا ڏائيءَ مچ ڏار آهن. ان جاسوس اچي محمد بن قاسم کي ٻڌايو ته فوج جو هڪ حصو قلعي کان ٻاهر نڪري آيو آهي ۽ سندن نيت جنگ ڪرڻ جي آهي. هن اها ڳالهه ٻڌي قلعي جي ان ڦاٽڪ سامهون اچي منزل ڪئي، جيڪو رڻ پٽ واري علائقي جي سامهون هو. چاڪاڻ ته اها اهڙي جڳهه هئي، جو مٿس حملي ڪرڻ جو امڪان گهٽ هو. ان زماني ۾ برساتين ڪري سنڌوءَ ۾ گهٽو چاڙهه هوءِ راول (56) (اڙل) محمد بن قاسم جي منزل واري جاءِ کان اترئون

وهي رهيو هو.

سيوستان واري جنگ

محمد بن قاسم مناسب جڳهه تي منجنيقن هٽڻ ۽ جنگ ڪرڻ جو حڪم ڪيو. شمنين بجهراءِ کي گهٽو ئي روڪيو ته هن لشڪر سان تنهنجي پڇڙ جي پيٽي کانه آهي. تون سندن کي مقابلو ڪري ڪونه سگهندين. تنهنجي اجائيءَ هوڏ ڪري ماڻهو ۽ سندن ملڪيتون ناس ٿي ويندیون. جڏهن راجا رعيت جي صلاح ٻڌڻ نه چاهي ته شمنين محمد بن قاسم ڏانهن ماڻهو موڪليو ته "سموري رعيت جهڙوڪ هاري ڪاريگر، واپاري ۽ عام ماڻهو بجهراءِ کان پڇي پري ٿي ويا آهن ۽ سندس چئي آکئي ۾ ڪونه رهيا آهن. وٽس نه ايترو جنگي سامان آهي نه وري ايڏي گهٽي فوج آهي، جو توسان مقابلو ڪري سگهي. اهو پيغام ٻڌي مسلمان فوج جي دل وڏي وئي ۽ محمد بن قاسم ڏينهن رات لاڳيتو جنگ جاري رکي. هفتي کن جي ويڙهه کان پوءِ قلعي وارا جهيڙي مان هٽ ڪيي ويا. بجهراءِ جڏهن ڏٺو ته قلعي وارا تنگ ٿي ويا آهن ۽ قلعو به فتح ٿيڻ وارو آهي ته رات جي وڳڙي ۾ اونداهيءَ جو فائدو وٺي قلعي جي اتر واري ڦاٽڪ کان نڪري درياهه اکري پڇي هليو ويو ۽ هلندو وڃي ٻڌيه جي علائقي ۾ پهتو. تنهن زماني ۾ ٻڌيه جو حڪمران هڪ شمني ڪاڪا پٽ ڪوتل هو. ڪيس سيسم نالي هڪ قلعو هو جيڪو ڪنپ نالي هڪ وهڪري تي واقع هو. ٻڌيه علائقي جا ماڻهو ۽ سردار بجهراءِ جي آجيان لاءِ اڳتي نڪري آيا ۽ ڪيس قلعي آڏو اچي لاٿائون.

سيوستان جو فتح ٿيڻ ۾ بجهراءِ جو هليو وڃڻ

جڏهن بجهراءِ سيوستان جي قلعي مان نڪري هليو ويو. تڏهن اتان جي شمنين مسلمانن جي اطاعت قبول ڪئي. محمد بن قاسم قلعي اندر داخل ٿيو. ملڪي ڪاروبار هلائڻ واسطي پنهنجا ماڻهو مقرر ڪيائين ۽ پرپاسي واري جوءِ به انهن پنهنجنن ڪامورن جي حوالي ڪئي. هن سون، چاندي، زيور ۽ روڪ پئسو جتي به ڏٺو ماڻهن کان ڦري لٽي هڪ جائتو ڪيائين. لشڪر جو حصو ۽ حق لشڪر کي ورهائي ڏنائين. باقي پنجون حصو حجاج جي خزاني حوالي ڪيائين. پوءِ حجاج ڏانهن فتح جو حال احوال لکي موڪليائين. انتظام هلائڻ لاءِ ڪن راوتن کي به مقرر ڪيو ويو. مال غنيمت ٻانهيون ۽ ٻانها حجاج ڏانهن روانا ڪيا ويا ۽ پاڻ ڪجهه وقت لاءِ اتي ترسي پيو. ٻن ٽن ڏينهن تائين لشڪر ۾ سندس حصن مطابق مال ۽ دولت ونڊيندو ورهائيندو رهيو. خزاني ۾ پهچائڻ لاءِ پنجون حصو ڪيڏي ڏار ڪرڻ کان پوءِ سيسم نالي قلعي ڏانهن روانو ٿيو. ٻڌيه جا ماڻهو ۽ سيوستان جو راجا سندس مقابلي لاءِ ٻاهر نڪري آيا. محمد بن قاسم سيوستان ۾ مقرر ڪيل عملدارن کان سواءِ پنهنجي وڏيءَ گهل سان ڪاهيندو اوڏانهن وڏي رهيو هو ۽ اڳتي اچي ڪنب نالي هڪ وهڪري جي ڪناري تي ان هنڌ اچي منزل ڪيائين. جنهن کي نلهان (57) Nilhan سڏيو ويندو هو. اوسي پاسي جا سيئي ماڻهو ڪافر هئا. هنن جڏهن مسلمان فوج کي ايندو ڏٺو ته مهاڏي ڏيڻ لاءِ اڳتي وڏي آيا ۽ مٿن راتاهي هڻڻ جو پڪو ڀهه

مکیہ ماڻھن جو ڪاڪا پٽ ڪوتل وٽ وڃڻ

اهو حال ڏسي اوسي پاسي جا مکيہ ماڻھو ڪاڪي پٽ ڪوتل وٽ آيا. ڇاڪاڻ جو ٻڌيہ جا راڻا سندس اولاد مان آهن سندن وڏو آڪر گنگا جي انهيءَ ڪهيڙ ڪان آيو هو. جنهن ڪان ماڻھو اودندوهار (58) سڏيندا آهن. هنن وٽس اچي ساڻس هي صلاح مشورو ڪيو تہ مسلمانن جي لشڪر متان راتاهو هڻڻ ڇاهن ٿا.

ڪاڪا جو جواب

جيڪڏهن اوهان ائين ڪري سگهو ٿا تہ ان جهڙي ٻي بهتر ڳالهہ ڪانہ ٿيندي. پر مون کي ٻڌ ڏرم جي پوئلڳن ۾ جوتش جي ڪتابن ٻڌايو آهي تہ هيءَ ملڪ مسلمانن هٿان فتح ٿيندو. ائين چئي هن پهن Pahan (پيمن) نالي هڪ ماڻھوءَ کي سندن سردار مقرر ڪيو ۽ انهن جي سپاهين ۾ سوڪڙيون پاکڙيون ورهايون. هن سردار جي هيٺان هڪ هزار ترار جا ڏڻي ۽ مشير مڙس هئا. جيڪي ترارن نيزن ۽ ڏڻن سان هٿيار بند هئا. جڏهن ڏينهن واري فوج رات واري لشڪر جي خوف ڪان لڪي وئي تڏهن هو مسلمانن جي فوج متان راتاهي هڻڻ لاءِ روانا ٿيا. جڏهن عربن جي فوج جي پرسان وڃي پهتا تہ ان وقت رستو پلجي ويا ۽ ساري رات رلندا ۽ ٻڪندا رهيا ۽ ڪين صبح ٿي ويو. اهي پاڻ بہ هڪ ٻئي ڪان ڇڄي ڇٽن ٽولين ۾ ورهائجي ويا هئا. ايتري قدر جو منجهن ڪو لاڳاپو ئي ڪونہ رهيو هو. نہ اڳئين حصي وارن جو پوئين پاسي سان رابطو هو نہ ساڄي واري فوج جو

کاپي پاسي وارن سان ڳانڍاپو قائم هو. نيٺ ڏومائون کائيندا صبح جو اچي سيسم (59) جي قلعي وٽ بيٺا. جڏهن رات جو کارو پردو ستارن جي بادشاهه (سج) جي روشنائي جي چوڪ سان ڦاٽي پيو. تڏهن سيسم جي قلعي اندر داخل ٿيا ۽ کاکي پٽ کوتل کي اچي ساري ڳالهه ٻڌايائون ته سنڌن اها رٽ سوپاري کانه ٿي آهي. کاکي کين وراڻيو ته توهان کي خبر آهي ته مان مردانگي، همت ۽ دليريءَ ۾ مشهور آهيان ۽ اوهان جون کيترين مشڪلاتون دور کيون اٿم. پر هڏ ڏرم جي ڪتابن ۾ نجوم جي حساب سان ائين حڪم ٿيل آهي ته هندستان اسلامي لشڪر هٿان ضرور فتح ٿيندو. تنهن ڪري منهنجو ارادو آهي ته سنڌن آجيان ڪريان. ڇاڪاڻ ته مون کي پورو ويساهه آهي ته ائين ضرور ٿيندو.

کاکي پٽ کوتل جو بنانه (نباتہ) بن حنظلہ سان گڏجي محمد بن قاسم وٽ وڃڻ ۽ سندس بيعت ڪرڻ

پوءِ کاکو پنهنجي خاص ماڻهن سان گڏجي مسلمانن جي فوج ڏانهن روانو ٿيو. ان وقت بناه بن حنظلہ محمد بن قاسم جي حڪم موجب دشمن جي جاسوسي ڪرڻ جي ارادي سان هيڏي هوڏي گهمي ڦري رهيو هو. جو کيس کاکو پٽ کوتل منهن پٺجي ويو. جنهن کي ساڻ ڪري اچي محمد بن قاسم وٽ کيس پيش ڪيائون. هن سندس سهڻي نموني آجيان ڪئي. کاکي کيس

جتن جي راتاهي هٽڻ واري منصوبي کان واقف ڪيو. ان کي اهو به ٻڌايائين ته ڪيئن هو رات جو رلي پٽڪي صبح جو ناڪام موٽي آيا هئا ۽ خدا ڪيئن انهن کي پلائي وڃي اوجهڙ ۾ هنيو هو. ڪين هتن ڳالهين کان به آگاهه ڪيائين ته "هتان جوتشين ۽ معتبر ماڻهن ٻڌايو آهي ته هي ۽ علائقو مسلمان فوج جي هٿان فتح ٿيندو. مان اها ڪرامت پنهنجي اکين سان به ڏٺي آهي ۽ خدا جي به اها ئي مرضي آهي. هتان جا ماڻهو ڪنهن به اڪل ۽ ڏوڪي سان مسلمانن کي روڪي ڪونه سگهندا. تون پڪ سمجهه ۽ دلجاءِ ڪر ته فتح نيٺ تنهنجي ٿيندي. مون تنهنجي تابعداري قبول ڪئي آهي. مون پنهنجي پوري ايمانداري سان توکي صلاح مشورا ڏيندو رهندس. جيترو به ٿي سگهندو تنهنجي هڙئون وڙئون واهر ڪندو رهندس ۽ تنهنجي دشمنن کي ناس ڪرڻ ۾ تنهنجو رهبر ڪارٽي ٿيندس" جڏهن محمد بن قاسم ڪاڪي پٽ ڪوتل جي هن حال احوال کان واقف ٿيو ته هو الله تعاليٰ جي ساراهه ڪرڻ لڳو ۽ نوڙي هڪدم سندس سجدي ۾ ڪري پيو. بعد ۾ ڪاڪي پٽ ڪوتل ۽ سندس تابعدارن کي امان ڏيڻ جو اعلان ڪيائين. پوءِ ڪائنس پڇيائين ته هند جا امير! اوهان جي سروپا ڪهڙي ٿيندي آهي. هن جواب ۾ چيو ته اسان جي سروپا ڪرسي. پٽ جو هندستاني ڪپڙو جيڪو پگ وانگر مٿي سان ٻڌندا آهيون. ڇاڪاڻ ته اسان جي وڏڙن ۽ شمني جامن جي اها ئي ريت رسم آهي. ڪاڪي پٽ ڪوتل کي اهڙي سروپا ملڻ کان پوءِ اوسي پاسي جا سڀ مڪيه ماڻهو سندس تابعداري ڪرڻ لڳا. هي ۽ ڪين عربن جي حملي کان امان ڏيڻ لڳو. جيڪي

ماڻهو هن سان سرڪشي ڪرڻ ٿي لڳا تہ عربن جي فوج جي اڳ ۾ ٿي مٿن حملو ٿي ڪرايائين. محمد هن علائقي جو عبدالملڪ بن قيس الدميءَ کي نائب مقرر ڪيو. (60) ڪيس حڪم ڏنائين تہ جيڪو بہ سرڪشي ڪري تنهن تي حملو ڪري ناس ڪري ڇڏيو. ڪاکي بہ پنهنجي مخالفن تي مسلمانن جا ڏاڍا حملا ڪرايا ۽ سرندي وارن ماڻهن کان پئسو ڏوکڙ ڦهه ڪڻا وهٽ ۽ قيمي ڪپڙا ڦري لڌي گهڙو مال غنيمت گڏ ڪري عربن جي حوالي ڪيو. مسلمانن جي فوج ۾ گوشت ۽ گاهہ پاڻيءَ جي سڀائي ٿي وئي.

ان کان پوءِ محمد بن قاسم اتان منزل پٽي سيسم پهتو. ٻن ڏينهن جي جنگ کان پوءِ خدا تعاليٰ ڪيس فتح سان نوازيو. گهڻا ڪافر اتان ڀڄي هليا ويا. ڏاهر جو سوٽ بجهراءَ (61) پٽ چندر سندس راڻا، راڄوڙا ۽ راوت مارجي ويا. ڪيترائي ماڻهو ٻڌيہ کي ڇڏي ڪيڏانهن هليا ويا. ڪن سالوج ۽ قندابيل جي وچ تي موجود هڪ قلعي "بهلطور" ۾ پهچي اتان محمد بن قاسم کي امان ڏيڻ جي گذارش ڪئي. اهي ماڻهو راءِ ڏاهر جا مخالف هئا. هنن سندس ڪن مائحن کي قتل ڪيو هو ۽ هن جي فرمانبرداريءَ کان ڦريل هئا. محمد بن قاسم ڏانهن قاصد موڪلي پاڻ تي هڪ هزار درهم چانديءَ جيترو ڏن مقرر ڪيو هئائون ۽ پنهنجا ضامن بہ سيوستان موڪليا هئائين.

حجاج بن يوسف وٽان محمد بن قاسم کي مهراڻ اکري راءِ ڏاهر سان جنگ جوڙڻ جو حڪم پهچڻ

محمد بن قاسم اتان جي سردارن مٿان ڀل مقرر ڪئي ۽ امان جا پروانا ۽ ڪين لکي ڏنا. ان کان پوءِ آل جارود جي عبدالملڪ بن القيوم ۽ حميد بن وداع النجدي کي هتان جو عملدار مقرر ڪري جڏهن سيسم جي انتظامي معاملن کان واندو ٿيو تہ ڪيس حجاج بن يوسف جو حڪم پهتو تہ ٻيا سڀ ڪم ڪارين ڇڏي نيرون موٽي اچو ۽ ڏاهر سان جنگ ڪريو. ڪيس اها ۽ هدايت ڪئي وئي هئي تہ فتح واسطي الله تعالیٰ کان مدد لاءِ دعا گهرندا رهو. سيوستان طرف فوجي پيش قدمي جي مقصدن حاصل ڪرڻ کان پوءِ ان علائقي جي سيني قلعن جي مرمت ڪري مضبوط ڪيو ويو ۽ حجاج بن يوسف وٽان پهتل فرمان موجب نيرون موٽي آيو ۽ اتان ڏانهن خط روانو ڪيائين.

عرب فوج جو نيرون ڪوٽ پهچڻ

پوءِ محمد بن قاسم منزلن پٽيان منزلون ڪندو اچي نيرون جي قلعي ۾ پهتو جيڪو هڪ ٽڪريءَ تي اڏيل آهي. ان جي پرسان هڪ تلاءُ آهي. جنهن جو پاڻي عاشق جي اکين کان وڌيڪ صاف آهي. چوڌاس چراگاهہ ارم جي باغ کان وڌيڪ وٽندڙ ڏسبا. هن اتي اچي منزل ڪئي ۽ حجاج بن يوسف ڏانهن خط روانو ڪيو.

محمد بن قاسم جو حجاج بن يوسف ڏانهن خط لکي کيس ڪن حقيقتن کان واقف ڪرڻ

بسم الله الرحمان الرحيم وڏي امير، وقت جي جيد عالم، دين جي تاج عجم ۾ هند جي پناه حجاج بن يوسف جي درگاهه اعليٰ ۾ هڪ ادنيٰ نوڪر محمد بن قاسم جي طرفان بندگي ۾ خدمت گذاريءَ کان پوءِ عرض ٿو ڪجي ته هي مخلص عرب جي سپني امير، لشڪر، نوڪرن، مسلمانن جي لشڪر جي سپني جماعتن سميت بلڪل خوش ۽ سلامت آهي. اسان بيابان ۾ سخت منزلن ڪرڻ کانپوءِ سيحون نالي هڪ درياهه جي ڪناري پهتا آهيون، جنهن کي هتان جا ماڻهو مهراڻ سڏيندا آهن. ٻڌيو جو سارو علائقو جيڪو بغرور (نيرون) جي سامهون درياهه جي ڪناري سان آباد آهي، سو فتح ٿي چڪو آهي. مذڪوره قلعو الرور واري علائقي ۾ شامل آهي، جيڪو راءِ ڏاهر جي ملڪيت هو. هتان جي جن ماڻهن اسان جي مخالفت ڪئي آهي سي اڄ اسان جن قيد خانن ۾ بند آهن ۽ ٻيا ٻڌي علائقو خالي ڪري هليا ويا آهن. جيئن ته امير حجاج جو حڪم پهتو آهي، تنهن ڪري موٽي اچي نيرون پهتا آهيون. جيڪو ٽڪريءَ تي اڏيل هڪ قلعو آهي ۽ دارالخلافه جي بلڪل پرسان آهي. اميد آهي ته الله تعالىٰ جي مدد، وقت جي خليفي جي سهڪار ۽ امير معظم جي بخت سان ڪافرن جا مضبوط قلعا فتح ٿي ويندا، شهر ۽ خزانا ۽ مسلمانن جي هٿ لڳي ويندا. في الحال ته سيوستان ۽ سيسم جا قلعا هٿ آيا آهن. ڏاهر جو پائٽيو ۽ سندس تابعدار سندن ملڪ مان ڀڄائي ڪڍيا ويا آهن. باقي ٻيا ڪافر هار ڪائي اسان جا مطيع ٿي چڪا آهن.

مندرن ۾ وهارن بدران مسجدون ٺهرايون ويون آهن. جتي بانگ نماز خطبن ۾ منبرن جو بنياد رکيو ويو آهي. انهيءَ لاءِ ته جيئن مسلمان خدا تعالي جو فرض ادا ڪندا رهن ۾ صبح شام سندس ذڪر ۽ تڪبير بجا آڻيندا رهن.

حجاج بن يوسف جو محمد بن قاسم وٽ خط پهچڻ

محمد بن قاسم کي خبر پوڻ ته راءِ ڏاهر نيرون ڏانهن وڌي رهيو آهي.

محمد بن قاسم جي نيرون جي شمنيءَ کي عزت ڏيڻ.

محمد بن قاسم جي مهراڻ جي ڪنار سان جنگ ڪرڻ.

موڪي پٽ وسائي جو محمد بن قاسم سان ناهه ڪرڻ

بنانہ بن حنظلہ کي موڪلي موڪي پٽ وسائي ۾ سندس مانحن کي جهلي وٺي اچڻ

بنانہ بن حنظلہ ۾ سندس قبيلي جي ماڻهن کي مقرر ڪيل ماڳ ڏانهن روانو ڪيو ويو جن وڃي موڪي پٽ وسائي (62) ۾ سندس ٻين مشهور ويهن ٽڪر (63) ساٿين کي جهلي پاڻ سان وٺي محمد بن قاسم وٽ پهتو جنهن ساڻس سڏو ورتاءُ ڪيو. ٻيٽ وارو علائقو سندس حوالي ڪيو ويو. اهڙو پروانو لکي ڪيس پڪ ڪرائي وٺي. ان کان علاوه هڪ لک درهم انعام سائي رنگ جو مور جي

شڪل جهڙو ڇڏ. ڪرسي ۽ قيمتي سروپا ڏڪائي سندس تابعدار نڪرن کي سروپا ۽ سنجيل گهوڙا ڏنا ويا. موڪي جي گذارش موجب ڪيس ٻيڙ ملڪ جا شهر ۽ علاقا بہ ڏنائين. جيڪي هن ۽ سندس پونيئرن جي ملڪيت هوندا. هن قسم جي عهدنامي جي شرطن طئي ٿيڻ کانپوءِ ڪيس ٻيڙين جي بندوبست ڪرڻ جو حڪم ڏنوويو.

محمد بن قاسم جي هڪ شامي قاصد ۽ مولانا اسلاميءَ کي راءِ ڏاهر ڏانهن موڪلڻ

محمد بن قاسم مهراڻ جي ڪناري تي منزل ڪئي ۽ شام جي بزرگن هڪ بزرگ ۽ مولانا ديبليءَ کي ڏاهر ڏانهن روانوڪيو. جيڪو محمد بن قاسم جي هٿ تي اسلام قبول ڪري چڪو هو. جڏهن اهي ٻئي ڇڪا ڏاهر جي درٻار ۾ پهتا تہ مولانا ديبلي هتان جي ريت رسم موجب ڏاهر جي آڏو ڪونہ جهڪيو. هن کي ڏاهر سڃاڻي ورتو. ڪيس چيائين تہ "هتان جي رسمن موجب منهنجي آڏو ڇونہ جهڪئين؟ ڪائنس اهو بہ پڇيو ويو تہ ائين ڪرڻ کان ڪيس ڪهن روڪيو آهي ڇا؟" مولانا ديبلي وراڻيو تہ "جڏهن آءٌ اوهان جي رعيت هيس تہ جهيڪي سلام ڪرڻ مون تي واجب هو. پر هاڻي آءٌ مسلمان ٿي چڪو آهيان. ان ڪري منهنجو تعلق اسلام سان آهي ۽ هڪ ڪافر آڏو ڪنڌ جهڪائڻ واجب ڪونہ آهي." ڏاهر ڪيس جواب ۾ چيو تہ "جيڪڏهن تون قاصد نہ هجين ها تہ توکي ڪهائي ڇڏيان ها." مولانا ديبليءَ ڪيس وراڻيو تہ "جيڪڏهن مون کي ڪهرائيندين تہ

عربن جو کوبہ نقصان کونہ ٿيندو. پر منهنجي خون جو توکان پلاند کرڻ وارا هٿي موجود آهن. جيکي توسان پڄي پوندا."

شامي ۽ جو ڏاهر کي اڇڻ جو مقصد ٻڌائڻ

ڏاهر جو وزير سياکر (64) سان صلاح مشورا کرڻ

علافي ۽ جو ڏاهر کي مشورو ڏيڻ

قاصد جو موڪي محمد بن قاسم وٽ وڃڻ ۽ ڏاهر جو سنيهو ٻڌائڻ

محمد بن قاسم وٽ حجاج بن يوسف جو خط پهچڻ

محمد بن قاسم جو حجاج بن يوسف طرفان آيل خط جو احوال سڌائڻ

راءِ ڏاهر جو مهراڻ جي ڪنار تي منزل کرڻ

هڪ شامي ۽ جو مارجي وڃڻ

مصعب جو سيوستان وڃڻ

جيسيہ جو ٻيٽ واري پٽڻ وٽ پهچڻ

ڏاهر کافر جو محمد ثقفي ۽ ڏانهن سنيهو موکلڻ

طيار قاصد جو محمد بن قاسم وٽان ٿي حجاج ڏانهن موڪڻ

حجاج جو محمد بن قاسم ڏانهن پہ هزار گهوڙا مُنجڻ

محمد بن قاسم جو حجاج جي حڪمن کان واقف ٿيڻ

حجاج جو محمد بن قاسم ڏانهن انگوري سرکو موکلڻ

مهراڻ جي اولاهين پاسي حجاج بن يوسف وٽان محمد بن قاسم وٽ پيغام پهچڻ

محمد بن قاسم جي درياهه اکرڻ مهل ڏاهر جي پنهنجي شمني وزير سان صلاح ڪرڻ

محمد بن قاسم جو لشڪر سميت درياه اکري اوير پاسي اچڻ

محمد بن قاسم درياه اکرڻ جو پڪو ارادو ڪيو. پر ڪيس خوف هو ته متان راءِ درياه جي ڪناري وٽ پهچي. سندس سامهون نه ٿئي ۽ ڪيس درياه پار ڪرڻ کان روڪي نه ڇڏي. تنهن ڪري سليمان بن نبهان کي فوج ڏئي اڳتي قلعي (65) ڏانهن روانو ڪيائين. انهي لاءِ ته جيئن فوفي (66) پنهنجي لشڪر سميت ڏاهر سان ملي نه سگهي. اهڙي ريت سليمان ڇهه سو گهوڙي سوارن سان گڏ روانو ٿي ويو. ابن عطيه تغلبيءَ کي پنج سو سوارن سان ان رستي تي مقرر ڪيائين. امڪان هو ته ان رستي سان اگهم پنهنجي فوج وٽي اچي ڏاهر جي واهر ڪندو. گنداوا (67) کان ايندڙ فوج جي راه روڪڻ ۽ سيڊي سامان پهچائڻ لاءِ نيرون جي سردار شمنيءَ کي ذميوار ڪيو ويو هو. مصعب بن عبدالرحمان کي لشڪر جي مهڙ ۾ مقرر ڪيو ويو. انهيءَ مقصد سان اڳتي وڃي رستن جي جاچ پڙتال ڪري نمامه Namama بن حنظله ڪلابي (68) کي هڪ هزار ماڻهن سان وچ ۾ رکيو ويو هو. ايتري ۾ ذکوان بن علوان البڪري موڪي پٺ وسائي سان پندرهن سو گهوڙيسوارن ۽ ٻين ٽڪرن سردارن سان گڏ اچي پهتو. ساڪري جا وڏيرا به پنهنجا ماڻهو وٽي ٻيڙ واري ايراضيءَ ۾ تيار ٿي ٻيٺا هئا. هن کان علاوه پٽي ٽڪر ۽ غزنيءَ (غربي) جا جت محمد بن قاسم جي مدد لاءِ اچي پهتا هئا. جيڪي اڳيئي بيعت ڪري چڪا هئا.

محمد بن قاسمَ جو متلف پتڻ جاڇي ڏسڻ ڏاهر کي خبر پوڻ تہ موکو پٽ وسايو محمد بن قاسم کي ٻيڑيون ڏئي رهيو آهي.

ڏاهر جو ٻيٽ جي حڪومت راسل جي حوالي ڪرڻ

جڏهن محمد بن قاسم ميڑي چونڊي ٻيڑيون ڪنيون ڪري پل تيار ڪرڻ لاءِ کين سلهاڙي رهيو هو تہ ٻي ڪنار سان راسل پنهنجي تابعدارن وڏيرن راڄوڙن سان گڏ اچي ٻيڑين واري پل ۾ رندڪون ۽ مشڪلاتون پيدا ڪري رهيو هو. ان کان پوءِ محمد بن قاسم حڪم ڪيو تہ ٻيڑيون الهندي ڪناري سان پاڻ ۾ سلهاڙيو. جڏهن انهن جي ڏيگهہ درياهہ جي ٻيٽ جيتري ٿي وڃي تہ سلهاڙيل ٻيڑين جو اتريون پاسو درياهہ جي لهنواري پاسي لوڙهيو وڃي. اهڙيءَ ريت ٻيڑين جي پل جي هڪ ڇيڙي کي درياهہ ۾ لوڙهيو ويو. ٻيڑين تي هٿيار بند تير انداز وهاريا ويا. جن ٻئي پاسي راسل سان آيل فوج تي تيرن جو مينهن وسائڻ شروع ڪيو. اهي گهٽ گهيڙ ڇڏي پوئتي هٽي ويا ۽ عرب فوج سلامتيءَ سان وڃي ٻئي ٻار پهتي. ڪناري تي مضبوط ڪلا کوڙي ٻيڑين جي پل کي سوڳهو ڪري ٻڌو ويو. بعد ۾ گهوڙي سوار ۽ پيادل فوج هن پل تان لنگهي پار پهتي. اتي بينل ڪافرن فوج کي ماري ڇڄائي کين جهم Jham جي قلعي ۾ پناهہ وٺڻ تي مجبور ڪيو.

ڏاهر جو ننڍ مان جاڳڻ ۽ دربان کي ڪاڻ جي ڇڏڻ ۽ اسلامي فوج جي فتح جي خبر ٻڌائڻ تي قتل ڪرڻ

عرب فوج پل ٽپڻ کان پوءِ اڳتي وڌندي اچي ٻيٽ جي قلعي وٽ پهتي. سيئي گهوڙيسوار زره بند هئا. جاسوسيءَ جي نقطه نگاهه کان چوڏاري ماڻهو مقرر ڪيا ويا هئا. جنگي ۽ کاڌي خوراڪ جي سامان کي چوطرف کاهي کوٽائي وئي. محمد بن قاسم پوءِ ٻيٽ واري قلعي کان راوڙ طرف روانو ٿيو ۽ اڳتي هلندو وڃي ان ماڳ وٽ پهتو جنهن کي جيور (69) جي نالي سان سڏيو ويندو هو. راوڙ ۽ جيور جي وچ تي پائي جي هڪ گهاري موجود هئي. ڏاهر ان ڇڇ (70) جي گهيڙ وٽ حفاظت خاطر ڪي هٿيار بند پهريدار ويهاريا هئا.

راجا ڏاهر جو محمد علافي کي گهرائڻ

علافيءَ جو جواب ڏيڻ ۽ ڏاهر جو ڪيس پنهنجي نوڪري مان ڪڍي ڇڏڻ

محمد قاسم جو علافيءَ کي گذري وڃڻ لاءِ رستو ڏيڻ حجاج ۽ محمد بن قاسم جي وچ ۾ خطن جي اچ وچ. راءِ ڏاهر جو جيسيه کي چوڪسيءَ لاءِ روانو ڪرڻ ڏاهر سان پهريون جهيڙو

راسل جو محمد بن قاسم سان ناهه

راسل. محمد بن قاسم جي خدمتن جا فرض بجا آندا ۽

وفاداريءَ جو انجام ڪندي ڪيس چيائين تہ خدا تعالىٰ جي حڪمن کي ڪير بہ روڪي ڪونہ ٿو سگھي. تو مون تي تمام گھٽا ٿورا ڪيا آھن ۽ ھن کان پوءِ مان تنھنجي خدمت ۾ رھندس. جيڪو بہ حڪم ڪندين اکين تي رکي بجا آڻيندس. ان کان ٿورو عرصو پوءِ راسل مري ويو ۽ ملڪ جو ڪاروبار موڪي کي سونپيو ويو. جنھن محمد بن قاسم کي اڳتي وڌڻ جي صلاح ڏني. ھن سندس صلاح مڃي منزل پٽي ۽ پيش قدمي ڪندو ناراني Narani (71) نالي ھڪ ماڳ وٽ وڃي پھتو. ڏاھر ڪاجيجات Kaijat (72) ۾ فوجي واندڪائي ھنيو ويٺو ھو. راءِ ڏاھر ۽ اسلامي لشکر جي وچ ۾ ھڪ وڏي ڇڇ موجود ھئي. جنھن کي پار ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ھو. اتي راسل محمد بن قاسم کي چيو تہ شال امير عادل سلامت رھي. ھيءَ ڇڇ ضرور ٽپڻ گھرجي. آخر راسل ٻيڙيون آندیون ۽ ھڪ ھڪ پور ۾ ٽيھ ٽيھ ماڻھو ٽپايا. نيٺ سارو لشکر اکري پار ٿيو. وچ تي فقط ھڪ خليج وڃي رھي ھئي. راسل اسلامي فوج جي سپھ سالار کي چيو تہ ھڪ منزل جي سفر کان پوءِ جيور (جيپور) نالي ھڪ ماڳ ايندو. جيڪو واڌ واھ جي ڪناري سان واقع آھي. (73) اھو ٽاڪ توھان جي فوجي واندڪائي ٽاڪ کان وڃ تي پنڌ آھي. اھا ھڪ اھڙي جاءِ آھي. جو جتان ڏاھر جي سامھون بہ مقابلو ڪري سگھجي ٿو ۽ پويان ڦري بہ حملو ڪري سگھجي ٿو. محمد بن قاسم سنڌس ھيءَ صلاح مڃي ۽ پيش قدمي ڪندو جيور (جئپور) جي ماڳ وٽ پھتو.

محمد بن قاسم جو جيور ۾ پهچڻ

جڏهن ڏاهر کي خبر پئي ته محمد بن قاسم ۽ سندس لشکر اچي جيور (جئپور) جي ماڳ وٽ پهتو آهي ۽ وزير ساکر (74) کي به پتو پيو ته رڙ ڪري چيائين: "اسان ناس ٿي وياسون." ان جڳهه جو نالو جئپور (75) آهي. جنهن جي معنيٰ فتح. جيئن ته اها فوج جيور جي ماڳ وٽ پهتي آهي. تنهن ڪري اها ضرور سوپاري ٿيندي. ڏاهر اهي لفظ ٻڌي ڏاڍو ڏمريو. سندس دل ۾ غيرت جي باهه ٻرڪي اٿي ۽ ڪاوڙ ۾ چيائين "هو هڏ ٻاري (86) ۾ لٽو آهي. هيءَ اها جاءِ آهي جتي رڳو هڏا پهچندا آهن." ڏاهر اتان تيسي ۾ اٿيو ۽ راوڙ جي قلعي ۾ وڃي ويٺو. جنگي ۽ ٻيو سامان قلعي ۾ رکي ۽ فوج وٺي وڃي مسلمان فوج کان هڪ فرسنگ پري وائيڙ هٽي ويٺو. ڏاهر هڪ جوتشيءَ کان پڇيو: "مون کي اڄ حملو ڪرڻ گهرجي؟" ۽ حساب ڪري ٻڌاءِ ته زهره ستارو ڪهڙي طرف آهي. اهو به ٻڌاءِ ته ڪنهي فوجن مان ڪنهن جي سرسي ٿيندي ۽ نتيجو ڇا ٿيندو؟

جوتشيءَ جي اڳڪٿي

نجوم جي حساب ڪرڻ کان پوءِ جوتشيءَ جواب ڏنو: "حساب جي نقطه نظر کان وڏيڪ سگهه عربن جي لشکر کي آهي. ڇاڪاڻ ته زهره ستارو هنن جي پٺيان ۽ تنهنجي سامهون آهي." "" هيءَ ڳالهه ٻڌي راءِ ڏاهر ڏاڍو ڏمرجي ويو. نجوميءَ کيس چيو ته: "راجا کي ڏوس ڏمر نه ڪرڻ گهرجي. حڪم ڪريو ته زهره ستاري جي سوني تصوير جوڙي توهان جي پٺيان رکجي ته جين فتح اوهان جي ٿئي." پوءِ زهره

جي تصوير سندس ڪنجڪ سان بڌي وئي. بن قاسم منزل پٽي ٽورو اڳتي سرڪي وڃي پي فوجي واندِ هنئي. اهڙيءَ ريت ٻنهي فوجن جي وچ وارو فاصلو اڌ فرسنگ رهجي ويو.

ٻئي ڏينهن جي جنگ
ڏاهر جو عرب فوج سان ٽئين ڏينهن مقابلو
چوٽين ڏينهن وارو جهيڙو
پنجين ڏينهن واريون چوٽون
اسلامي فوج جي صفبندي
محمد بن قاسم جو خطبو پڙهڻ
مسلمانن جي ڪافرن تي جلهه
شجاع حبشيءَ جي شهادت
الله جو نالو وني محمد بن قاسم جو حملو ڪرڻ

لعنتي ڏاهر جو قتل

مورخن جو چوڻ آهي ته ڏاهر 10 رمضان خميس ڏينهن سنه 93هـ (جون 712ع) تي قتل ڪيو ويو. ابوالحسن ابو لئيث هنديءَ کان روايت ڪئي آهي، جنهن پنهنجي پيءُ کان ٻڌو ته جڏهن اسلامي لشکر حملو ڪيو ته گهٽا ڪافر قتل ٿي ويا. ان وقت اوچتو ڪاپي طرف کان دانهن ٿي ته ڏاهر سمجهيو ته اهو لڙ سندس لشکر واري پاسي کان ٿيو. هن جواب ۾ چيو هيڏانهن اچو. مان هتي بيٺو آهيان. رڙين ڪرڻ تي ماڻهن دانهون ڪندي چيو ته "راجا اسان اوهان جون عورتون آهيون، عربن جي هٿ لڳي ويون آهيون. اهي اسان کي

پنهنجون ٻانهيون ٻڌائي وٺيو تا وڃن." تنهن تي راجا رڙ ڪندي چيو: "ايا مان زنده آهيان. توهان کي ڪنهن ٻانهيون ٻڌايو آهي." (77) اهو چئي هن پنهنجي هاٿيءَ کي مسلمانن جي فوج تي حملي ڪرڻ لاءِ موڪيو. اهو ڏسي محمد بن قاسم نفظ اچلڻ وارن کي تاڪيد ڪندي چيو ته هاٿي موقعو اوهان جي هٿن ۾ آهي. تنهن تي هڪ ماهر نفظ انداز راجا ڏاهر جي پالکيءَ تي نفظ جو تير هنيو ۽ پالکيءَ ٻاهر لڳي وئي. اهو ڏسي راجا ڏاهر پيلبان کي حڪم ڏنو ته هاٿي موٽاءِ چاڪاڻ ته اڄ لڳي اٿس. هوڏانهن پالکيءَ کي ٻاهر لڳي وئي هئي. تنهن ڪري هاٿي پيلبان جي وس کان نڪري ويو ۽ پاڻ کي وڃي پاٿيءَ ۾ سٽيائين. پيلبان ته گهٽا ئي حيلا هلايا پر هاٿي ڪونه موٽيو. ڪافرن مان ڪي فوجي ساٿس گڏ پاٿيءَ ۾ لهي پيا ۽ ڪي پاٿيءَ جي ڪناري تي بيهي رهيا. ايتري ۾ عرب سوار اچي پهتا. جن کي ڏسي ڪافر ڀڄي ويا. هاٿيءَ پاڻي پي قلعي ۾ وڃڻ پئي گهريو. اهو ڏسي مسلمان تير اندازن. تير وسائڻ شروع ڪيا. هڪ عرب جنهن جو هٿ ڏاڍو سڌو هو. تنهن تير چڪي ڏاهر جي دل تي هنيو. جنهن ڪري ڏاهر هاٿيءَ جي پالکي ۾ منهن ڀر ڪري پيو. هاٿيءَ پاٿيءَ مان نڪري حملو ڪيو ۽ باقي بچيل ڪافرن کي پيرن هيٺان لتاڙڻ لڳو. تنهن ڪري هو هيڏانهن هوڏانهن ٽڙي پکڙي ويا. ڏاهر هاٿيءَ تان هيٺ لهي هڪ عرب سان مقابلو ڪيو. ان بهادر عرب سندس مٿي تي تلوار هنئي ۽ سندس سسي کلهن تائين ٻه اڌ ٿي وئي. ان کان پوءِ هڪ نهايت خطرناڪ جنگ شروع ٿي وئي. جنهن ۾ پنهي ڌرين کي ڪو هوش حوصلو ڪونه هو. اهي وڙهندا وڙهندا وڃي

راوڙ قلعي وٽ پهتا. برهمڻ جيڪي پاڻي ۾ وڃي لڪا هئا. تن جڏهن ڏٺو ته جتي راءِ ڏاهر کي قتل ڪيو ويو هو. اها جاءِ خالي آهي. ماڻهن جي ڪا پهر ئي ڪانه آهي. سو پاڻيءَ مان نڪري آيا ۽ ڏاهر جي مئڻ کي گپ ۾ پوري چڏيائون. عربن ڏاهر واري سفيد هاٿيءَ ۽ سان بيئل ڪافرن تي جلهه ڪئي. اهو حال ڏسي هنن وٽي پويان پير ڪيا.

محمد بن قاسم جو پڙهو ڏيارڻ
ڏاهر جي زال راڻيءَ لاڏيءَ جو هٿ اچڻ
محمد بن قسم جو ڏاهر جي موت جو واقعو حجاج ڏانهن لکڻ
حجاج جو پنهنجي ڏيءَ جو سگ محمد بن قاسم کي ڏيڻ
ڏاهر جو سر عراق روانو ڪرڻ
حجاج جو ڪوفي جي جامع مسجد ۾ خطبو پڙهڻ
حجاج جو محمد بن قاسم ڏانهن فتح بابت لکيل خط جو جواب ڏيڻ
ڏاهر جا ويجها مٽ جن کي عربن بانها بٽايو
جيسيم پٽ ڏاهر جو راوڙ جي قلعي ۾ داخل ٿيڻ ۽ جنگ ڪرڻ جون تياريون

معتبر مورخن هيءَ روايت ڪئي آهي ته ڏاهر جي مارجي وڃڻ کان پوءِ سندس پٽ راڻي بائي (78) (جيڪا سندس پيٽ هٽي ۽ ڏاهر کيس زال بٽايو هو) ۽ ٻين شهزادن جو لشکر موٽي وڃي راوڙ ۾ قلعبند ٿيو. جيسيم کي پنهنجي همت، طاقت ۽ دٻدٻي تي پورو پروسو هو. سو جنگ جاري رکڻ لاءِ تيار ٻيٺو هو. محمد علافي ساڻس گڏ هو.

جڏهن راجا ڏاهر جي مارجڻ ۾ سفيد هاٿيءَ جي ڦٽجڻ جي کيس جاڻ ملي تہ چيائين: "دشمن سان سامهون ٿي ننگ ۽ ناموس خاطر ترار هٿنداسون پوءِ جيڪڏهن کسي وياسون تہ ضايع نہ چئباسون." وزير سياکر کيس وراڻيو: "شهزادي جي راءِ غلط آهي. اسان جو راجا کسي ويو آهي ۽ لشکر شڪست کاڌي آهي. فوج هيڏانهن هوڏانهن ٽڙي پکڙي وئي آهي. اسان جون دليون دشمن جي ترار جي هيبت سبب جنگ کان نفرت کري رهيون آهن. اهڙين حالتن ۾ تون عربن سان جنگ کيئن کري سگهندين. ملک اڃا قائم آهي. مضبوط قلعا اسان جي قبضي ۾ آهن. رعيت ۾ جنگي مٽير مڙسن جو کال کونہ آهي. منهنجي صلاح اها آهي تہ برهمڻ آباد قلعي ۾ رهجي. اهو قلعو بہ شهزادي جي ابن ڏاڏن جي ملکيت آهي. راجا ڏاهر بہ اتي رهندو هو. ملک جو خزانو بہ اتي رکيل آهي. اتي جا رهاکو چچ جي خاندان سان سهمت آهن. دشمن سان جهيڙڻ ۾ توسان ٻٽ ٿي بيهندا." پوءِ هن علافيءَ کان صلاح پڇي جنهن بہ وزير سياکر جي پٽيرائي کئي. پوءِ جيسيءَ سندن ڳالهہ مڃي پنهنجي پروسي وارن ماڻهن لاڳاپن وارن سان گڏ برهمڻ آباد ڏانهن روانو ٿيو. راڻي ٻائي (مابين) کن فوجي جنرلن سان گڏ راوڙ جي قلعي ۾ رهجي پئي ۽ عربن سان جهيڙڻ واسطي تيار ٿي بيٺي. هن ساٺس گڏ جنگي جوانن جي ڪٽپ کرائي تہ کيس پتو پيو تہ اهي پندرهن هزار کن هئا. جيڪي مرڻ مارڻ لاءِ تيار هئا. صبح جو جڏهن کين معلوم ٿيو تہ راجا ڏاهر مهراڻ ۾ وڏ واه (79) جي وچ تي مارجي ويو آهي تہ راڻيءَ سان گڏجي جيڪي راڻا ۽ راوت هئا. سي موٽي اچي قلعي ۾ رهيا

هئا. محمد بن قاسم کي جڏهن اها خبر پهتي تہ اڳتي وڌي اچي قلعي ويجهو منزل ڪيائين. هوڏانهن ڪافر قلعي ۾ برجن مٿان بيهي دهل شرنايون وڄائڻ لڳي ويا ۽ هيڏانهن مسلمانن منجنيقن ۽ مشينن سان پٿر وسائڻ شروع ڪيا. تير اندازن تيرن جو مينهن وسائڻ شروع ڪري ڏنو.

قلعي جو فتح ٿيڻ ۽ راڻي بائي (مابين) جو ڏاگهہ چڙهي ستي ٿيڻ

پوءِ محمد بن قاسم پنهنجي فوج کي ترتيب سان بيهاريو. کامڙين کي قلعي جي برجن کي ڪيرائڻ لاءِ ڪات هڻڻ جو حڪم ڏنو ويو. پوءِ هن لشڪر کي ٻن حصن ۾ ورهايو. هڪ حصو ڏينهن جو منجنيقن، تيرن ۽ نيزن سان جنگ ڪري رهيو هو تہ ٻيو حصو رات جو نفط ۽ زرنيخ وسائيندو ۽ قلعي تي پٿر وسائيندو هو. اهڙي قسم جي جنگ تيستائين جاري رهي جيستائين قلعي جا برج ڍهي هيٺ ڪري پيا. ڏاهر جي ڀيڻ عورتن کي گڏ ڪري کين چيو تہ: جيسيم اسان کان ڏار ٿي ويو آهي. محمد بن قاسم بہ هتي اچي پهتو آهي. حالتون ائين نظر اچن ٿيون تہ اسان کي هنن ڪٿون ڪائڪ چنڊالن کان چونڪارو ڪونہ ملندو. اسان جي عزت ۽ ناموس برباد ٿي ويو آهي. جڏهن چونڪاري جي آس ئي کانہ رهي آهي تہ ڏاگهہ چڙهي ستي ٿجي ۽ پنهنجن مڙسن سان هلي ملجي. جنهن بہ عورت کي مسلمانن کان امان ونڻي آهي، تنهن کي اجازت آهي تہ پلي وڃي. ممڪن آهي تہ کيس امان ملي بہ وڃي. پوءِ سيئي عورتون پنهنجن

گهرن ڏانهن ويون ۽ چتا تي چڙهي رک ٽي ويون. محمد بن قاسم ٽي ڏينهن ان قلعي ۾ رهيو پيو هو. باقي رهيل ڇهه هزار فوجي سپاهين جو قتل عام ڪيو ويو. ڪن کي تير چٽي ماريو ويو. ٻين تابعدارن، لاچاپي وارن ۽ عورتن کي ٻانهيون بڻايو ويو.

ٻانهن ٻانهين، روڪڙ ۽ ڪپڙن جي تعداد جو تفصيل

چيو ويندو آهي ته قلعي فتح ٿيڻ کان اڳ جيسيه بن هتان جنگي سامان ۽ مال خزانا ڪٽائي برهمڻ آباد هليو ويو. فتح ٿيڻ کان پوءِ مسلمان فوج کي جيڪو سامان روڪ پئسا هٿ آيا، تن کي ميڙي چونڊي محمد بن قاسم وٽ پيش ڪيو ويو. شمار کان پوءِ معلوم ٿيو ته ٽيهه هزار ٻانها ۽ راجائن جون ٽيهه هيون منجهن شامل هيون. انهن مان هڪ راجا ڏاهر جي پاٽيجي جيسيه بن هٽي. (81) انهن سڀني کي حجاج ڏانهن روانو ڪيو ويو. ان کان علاوه ڏاهر جو سر ۽ ٻانهن جو پنجون حصو ڪعب بن مخارق سان گڏي موڪليو ويو. جڏهن ڏاهر جو سر، زالون ۽ غنيمت جو مال حجاج وٽ پهتو ته هن سر سجدي ۾ رکي شڪراني جون ٻه رڪعتون ادا ڪيون ۽ الله تعاليٰ جي تعريف ڪرڻ کان پوءِ چيائين ته: " مون کي مال دولت ۽ دنيا جو ملڪ ملي ويو."

ڏاهر جو سر، سندس جهنڊا دارالخلافه موڪلڻ

پوءِ حجاج بن يوسف ڏاهر جو سر، ڇٽ غلام ۽ غنيمت جو مال خليفه وليد بن عبدالملڪ ڏانهن روانا ڪيا. جنهن خط پڙهڻ شرط

خدا تعالي جا شڪرانا ادا ڪيا ۽ ان ئي وقت غلام شهزادين کي وڪٽڻ شروع ڪري ڏنائين. ڪي شهزادين کان ماڻهن کي انعام طور به ڏنيون ويون. راجا ڏاهر جي ياڻيجيءَ کي ڏسي خليفو اچرج ۾ اچي ويو. سندس حسن ۽ جمال ڏسي پنهنجي هٿن جون آڱريون چي پٽڻ لڳو. عبدالله بن عباس کي گذارش ڪئي ته اها شهزادي ڪيس ڏني وڃي. خليفي وراڻيو ته : اي منهنجا ياڻتيا! هيءَ چوڪري بي انتها سهڻي آهي. مان ان تي موهت ٿي پيو آهيان ۽ خواهش اٿم ته جيڪر ڪيس پنهنجي حرم ۾ داخل ڪريان. پر مون کي وڌيڪ مناسب ائين لڳي ٿو ته تون ان سان شادي ڪر." خليفي جي موڪل سان عبدالله بن عباس ان چوڪريءَ سان نڪاح ڪيو. پر ڪيس ان مان ڪو اولاد ڪونہ ٿيو. ان کان پوءِ حجاج بن يوسف وٽ راوڙ جي قلعي جي فتح بابت ٻيو به خط اچي پهتو هو. چيو وڃي ٿو ته جڏهن محمد بن قاسم راوڙ جو قلعو فتح ڪيو ۽ علائقي جي انتظامي ڪاروبار کان واندو ٿيو ته حجاج ڏانهن خط لکيائين جنهن ۾ راوڙ جي قلعي جي فتح بابت احوال ڏنل هو. حجاج ڪيس ان خط جو جواب هن ريت لکيو: "اي سوٽا! تنهنجو دل کي اتساهہ ڏيندڙ خط مليو. خط پڙهي ڏاڍي خوشي ٿي ۽ ڪنڌ فخر کان مٿي ٿي ويو. تو ملڪي انتظام ۽ قاعدي جو جيڪو بنياد رکيو آهي. سو عين شريعت موجب آهي. پر تون ماڻهن کي امان تمام گهٽي ٿو ڏين. جيڪو به ماڻهو پوءِ اهو عام آهي يا خاص. سيني کي امان ڏيندو ٿو رهين. ان ۾ تون دوست دشمن جو فرق به ڪونہ ٿو ڪرين. خدا تعالي فرمايو آهي: يا ايها الذين آمنوا اذا لقيتم الذين كفروا فضرب الرقاب. يعني جڏهن اوهان ڪافرن سان

مقابلو ڪريو تہ سندن ڪنڌ لاهيو. توڪي اهو چاڻڻ گهرجي تہ خدا تعالىٰ جي فرمان ڪي وڏي اهميت آهي. ان ڪري توڪي هر ماڻهوءَ کي امان ڏيڻ نہ گهرجي. هن کان پوءِ تون ڪنهن بہ دشمن کي امان نہ ڏي. نہ تہ سڀئي سمجهندا تہ توڪي عقل گهٽ آهي ۽ اهڙي ريت ڏيڻي جي معاملن ۾ فتور ڪاهي پوندو. (82) والسلام – نافع سنہ 93 ھ لکيو.

جيسيہ جو برهمڻ آباد مان پاڻيہ (83)
۽ بين راجائن ڏانهن خط لکڻ

ڪن جهونڙن برهمڻن راجا ڏاهر جي قتل ٿيڻ ۽ محمد بن قاسم ثقفيءَ بابت هن ريت بيان ڪيو آهي تہ: جڏهن راجا ڏاهر لعنتي دوزخ ڏانهن روانو ٿيو ۽ جيسيہ وڃي برهمڻ آباد ۾ قلعبند ٿيو ۽ راوڙ جو قلعو مسلمانن فتح ڪري ورتو تڏهن جيسيہ مسلمانن سان جنگ ڪرڻ واسطي چوڏاري خط روانا ڪيا هئا. پهريون خط هن گوپي پٽ (84) ڏاهر ڏانهن روانو ڪيو. جيڪو سنڌ جي راجڌاني اوڙ ۾ رهندو هو. ٻيو پاڻيہ جي راجا ۽ پنهنجي پائٽي چچ پٽ ڏهر سينہ ڏانهن. ٽيون خط ٻڌيہ ۽ ڪيڪان جي راجا ۽ پنهنجي سوٽ ڏول پٽ چندر ڏانهن لکيو هئائين. هن کين راءِ ڏاهر جي مارجي وڃڻ جو اطلاع ڏنو ۽ کين دل ڏاڍي ڪرڻ جي صلاح ڏني هئائين. پاڻ بهادر جوانن کي ساڻ ڪري برهمڻ آباد ۾ لڙائي لاءِ تيار ٿي ويٺو.

بهرور ۽ دهليلہ جي لڙائي

راوڙ جي فتح کان پوءِ محمد بن قاسم برهمڻ آباد ڏانهن اسهڻ جو ارادو ڪيو. راوڙ ۽ برهمڻ آباد جي وچ ۾ ٻہ قلعا واقع هئا. جن مان

هڪ بهرور (85) ۾ ٻئي کي ڌهليڙ سڏيندا هئا. جن ۾ سورهن هزار جنگي جوان عربن جي مقابلي لاءِ موجود هئا. هن بهرور پهچي قلعي تي ڪڙو چاڙهيو. جيڪو ٻن مهينن تائين جاري رهيو. جڏهن قلعي جو گهيرو ڏگهو ٿيڻ لڳو تہ هن پنهنجي لشڪر کي ٻن ٻاڱن ۾ ورهايو. هڪ حصو ڏينهن جو وڙهندو رهيو ۽ ٻيو رات جو نفظ سٽيندو ۽ منجنيقن سان پٿر چٽيندو رهيو. قلعي وارا جنگ ڪندي ڪسي ويا تہ عربن قلعي جون پٽيون ٻڳيون ۽ اندر داخل ٿيا. ڏٺو ويو تہ اتي هڪ بہ هٿياربند ويڙهاڪ جيئرو ڪونہ هو. ٻانهيون ۽ ٻانها گرفتار ڪيا ويا. مال غنيمت بہ ڪين گهٽو هٿ آيو. جنهن جو پنجون حصو خلافت جي خزاني ۾ پهچايو ويو.

جڏهن راوڙ ۽ بهرور جي خبر ڌهليڙ پهتي تہ اتان جي رهاڪن کي پتو پيو تہ محمد بن قاسم سان لشڪر ۽ جنگي سامان تمام گهٽو آهي ۽ سوچيائون تہ: اسان کي انهيءَ کان هرگز بيپرواهہ نہ هئڻ گهرجي. جيڪي واپاري طبقي جا ماڻهو هئا. سي تہ هندستان هليا ويا. پر جيڪي جنگي جوڌا ۽ مٽير مڙس هئا سي پنهنجي ملڪ جي بچاءَ لاءِ اٿي ڪڙا ٿيا. نيٺ محمد بن قاسم اڳتي وڌندو اچي ڌهليڙ پهتو ۽ قلعي پرسان اچي منزل ڪيائين. ٻن مهينن يا ڪجهہ گهٽ وڌ عرصي لاءِ واندِ هنيو ويٺو رهيو. ڌهليڙ وارن کي جڏهن پڪ ٿي تہ سندن واهر لاءِ ڪتان بہ ڪا پهر ڪانہ پهتي آهي تہ اهي ڪفن ٻڌي عطر عنبر لائي تيار ٿي ويٺا. پنهنجن ٻارن ٻچن کي قلعي جي انهيءَ ڦاٽڪ کان ٻاهر موڪليائون. جنهن جو منهن ٽر ڏانهن هو. ٻاڻ نلجاڪ (82) Naljak وارو واهڙ اکري نکري هليا ويا ۽ مسلمانن

کي انهيءَ جي کا کل ئي کاڻ پئي.

دهليلہ جي راجا جو پڄي وڃڻ

جڏهن روشن صبح ڪاري رات جي پردي مان ٻاهر نڪتو تہ محمد بن قاسم کي انهن ماڻهن جي پڄي وڃڻ جي جاڻ ملي. پنهنجو ڪجهہ لشکر سندن ڪيڏ روانو ڪيائين. اهي ماڻهو هڪ واهڙا ڪري رهيا هئا. جو مٽائڻن مسلمان فوج وڃي ڪڙڪي. انهن مان جيڪي اڳ ۾ اکري چڪا هئا سي ٿر ۽ جيسلمير واري رستي سان سير واري ملڪ وڃي پهتا. جنهن جي راجا جو نالو ديوراج هو. جيڪو راءِ ڏاهر جو سوٽ هو. باقي جيڪي درياهہ اکري رهيا هئا. تن کي مسلمانن قتل ڪري ڇڏيو.

دهليلہ جي فتح ۽ مال غنيمت جو پنجون حصو خلافت ڏانهن موڪلڻ

محمد بن قاسم جڏهن دهليلہ جي فتح کان واندو ٿيو تڏهن مال غنيمت جون پنجون حصو خلافت جي خزاني جي حوالي ڪري بهرور ۽ دهليلہ جي فتح بابت خط لکي حجاج بن يوسف ڏانهن روانو ڪيائين.

سياکر وزير جو اچڻ ۽ امان گهرڻ

ان کان پوءِ محمد بن قاسم چوڏاري خط لکي هندستان جي راجائن کي مسلمان ٿيڻ ۽ مسلمانن جي تابعدار ۽ فرمانبردار ٿيڻ لاءِ

تاڪيد ڪيو. راءِ ڏاهر جي وزير سياڪر کي جڏهن هيءَ ڳالهه ڪنين پئي تہ پنهنجي پروسي جوڳا ماڻهو موڪلي امان گهريائين ۽ هن اهي مسلمان عورتون بہ پاڻ سان آنديون هيون محمد بن قاسم کي چيائين تہ: "هي اهي مسلمان عورتون آهن. جن (87) حجاج جو نالو وٺي رڙيون ڪيون هيون."

سياڪر جو وزير ٿيڻ

محمد بن قاسم کي جڏهن پتو پيو تہ وزير سياڪر ڏانهس اچي رهيو آهي تہ پنهنجي فوج جا وڏا ماڻهو سندس آجيان ڪرڻ لاءِ اڳيرو روانا ڪيائين. پهچڻ کان پوءِ سندس تمام گهڻي عزت ۽ تعظيم ڪئي وئي. مٿس ڏاڍيون مهربانيون ڪري وزارت سندس حوالي ڪئي وئي. هو پڻ مسلمانن جو خيرخواهہ رهندو آيو. محمد بن قاسم کي صلاح مشورو ڏيندو هو ۽ محمد بن قاسم بہ ڪيس راز جون ڳالهيون ٻڌائيندو هو. ملڪي انتظام هلائڻ واسطي سندس ڏنل صلاحن تي عمل ڪيو ويندو هو. هو محمد بن قاسم کي چوندو هو تہ: " تو جيڪو ملڪ جي انتظامي معاملن ۾ قاعدو ۽ ضابطو اختيار ڪيو آهي. سو هند جي ملڪ ۾ مسلمانن جي راڄ کي وڌيڪ سگهارو ڪندو. اهڙي حڪمت عمليءَ اختيار ڪرڻ سان سيئي دشمن راجا مات ٿي ويندا. رعيت ۽ انهن ماڻهن جو پلو ٽيندو جيڪي سرڪاري ڏل ادا ڪندا آهن. هو ڪيس اهو بہ چوندو هو تہ ملڪ جي پراڻي ديواني قانون کي قديم دستور موجب بحال رکڻ گهرجي. ان قانون تحت رعيت جي ڪنهن بہ ماڻهوءَ سان زيادتي

کان ٽيندي ۽ کين کوبہ نقصان وغيرہ کونہ ٽيندو. اهڙو قانون سرکاري کامورن جي تربيت ڪندو."

نوبتہ بن دهران (88) کي دهليلہ جي حڪومت ڏيڻ

کي ماڻهو روايت ڪن ٿا تہ جڏهن دهليلہ فتح ٿيو تہ محمد بن قاسم نوبتہ بن دهران کي سڏي کانئس بيعت ورتي ۽ ان ماڳ کان ساري ذميواري کيس سونپي وئي. ان قلعي جي ايرندي ۽ الهندي پاسي جو سارو انتظامي ڪاروبار بہ سندس حوالي ڪيو ويو. هن ماڳ کان برهمڻ آباد فقط ٽي ميل هو. جيسيہ پٽ ڏاهر کي بہ جاڻ ملي تہ مسلمان فوج مذڪورہ ماڳ وٽ پهچي چڪي آهي.

عرب فوج جو جلوالي ڏنڊ وٽ پهچڻ ۽ منزل ڪرڻ ۽ اتان مسلمان ٽيڻ لاءِ دعوت ناما روانا ڪرڻ

پوءِ محمد بن قاسم دهليلہ مان منزل پٽي برهمڻ آباد کان اوپر پاسي جلوالي (89) نهر تي اچي فوجي واندي هنئي ۽ پنهنجو پروسي جوگو قاصد برهمڻ آباد روانو ڪيائين. اتان جي ماڻهن کي تابعداري ڪرڻ ۽ ايمان آڻڻ جي دعوت ڏنائين ۽ کين اسلام يا هيءَ صورت ۾ جزيہ ڏيڻ جي آڇ ڏنائين. هن کان علاوہ قاصد کي اهو بہ چيو ويو هو تہ يا تہ آڻ مجن يا جنگ لاءِ تيار رهن. جيسيہ پٽ ڏاهر قاصد اچڻ کان اڳ چنير (90) (چنيسر) طرف هليو ويو هو. برهمڻ آباد جي قلعي کي چار دروازا هئا. جيسيہ شهر جي مکيہ ماڻهن مان سورهن ڇٽا چونڊيا هئا. جن مان چار چار ڇٽا هر هڪ دروازي تي مقرر ڪيا هئائين.

انهن مان هڪ دروازي کي جريتري سڏيو ويندو هو. هن دروازي تي ٻه چار ماڻهو اڳواڻ طور مقرر ٿيل هئا. جن مان هڪ جو نالو بهارند. ٻئي جو ساتيا. ٽئين جو بنوره ۽ چوٿين جو نالو مالیا (91) Maliya هو.

محمد بن قاسم جو رجب مهيني جي شروعات ۾ هتي اچي منزل ڪرڻ

محمد بن قاسم هتي پهچڻ کان پوءِ کاهي کوٽڻ جو حڪم ڏنو. چنڇر ڏينهن رجب جي پهرين تاريخ جنگ جي شروعات ڪيائون. مشرڪ ڏاڙي قلعي کان ٻاهر نڪري جنگ ڪندا هئا ۽ دهل نغارا وڄائي جنگ ڪندا هئا. سندن فوج ۾ چاليهه هزار جوان هئا . صبح کان وٺي شام تائين ٻئي ڌريون ڏاڍي بهادريءَ سان جهيڙيندیون هيون. ستارن جو بادشاهه (سج)جڏهن لهي ويندو هو تہ ٻئي ڌريون تلوار مان هٿ ڪيندیون هيون. مسلمان پنهجي مورچن ڏانهن ۽ هندو شهر ۾ قلعبند ٿي ويهندا هئا. ائين ڪندي ڇهه مهينا لنگهي ويا. محمد بن قاسم قلعي فتح ٿيڻ کان آسرو لاهي ويٺو. سن 93هـ (آڪٽوبر 712ع) ذوالحج جي پيڇاڙيءَ ۾ آچر ڏينهن جيسيہ موٽي آيو جيڪو ڪجهه عرصو اڳ رمل پاتيہ ڏانهن هليو ويو هو. هن اچڻ سان پنهنجي فوج رستن سان بيهاري ڇڏي ۽ مسلمانن جي فوج کي تباهه ڪري ڇڏيائين.

محمد بن قاسم جو موڪي ڏانهن نياپو مڃڻ

محمد بن قاسم اهو حال ڏسي پنهنجو هڪ پروسي جوگو مانهو موڪي پٽ وسائي ڏانهن روانو ڪيو. ڪيس اهو اطلاع ڏنو ويو

تہ جيسيہ پٽ ڏاهر اسان کي تمام گهٽو تنگ ڪيو آهي. کاڌو خوراڪ گاهہ پٽو سارو بند لڳو پيو آهي ۽ فوج جي حالت تمام خراب ٿي وئي آهي. تنهن لاءِ چا ڪري گهرجي. هن ڪيس چوائي موڪليو تہ جيسيہ جي رهڻ جي جاءِ ويجهي آهي. هن کي اتان تڙي ڪيڻ کان سواءِ ٻيو چارو ڪونہ آهي. توهان اعتماد جوڳا کي ماڻهو موڪليو تہ گڏجي ان جي پاڙ پٽي سگهون.

جيسيہ جو جئپور (92) هليو وڃڻ

محمد بن قاسم بنانہ جي بن خنطلہ ڪلابي، عطيہ ثعلبي (تغلبي) صارم بن ابي صارم همداني ۽ عبدالملڪ مدنيءَ کي پنهنجن پنهنجن سوارن سميت موڪي بن وسائي ڏانهن روانو ڪيو. جزيم Jazim بن عمرو والديهي (المدني) کي سندن سپهہ سالار مقرر ڪيو ويو هو. جيسيہ کي جڏهن عرب فوج جي ٻاهر نڪرڻ جو پتو پيو تہ هو اتان پنهنجي مال ۽ اهل عيال سميت نڪري هليو ويو ۽ ٿر منجهان مختلف رستا ڏيندو جئپور جي انهن علائقن ڏانهن هليو ويو. جن کي جنڪن، اورا ۽ اوڪايا سڏيو ويندو آهي. علاقي ڪائنس جدا ٿي تاڪيہ واري علائقي ڏانهن نڪري ويو. پوءِ روستا Rosta اهل رويم جي دنگ واري علائقي پرسان ڪشمير جي راجا سان ملڻ جو ارادو ڪيائين. هي سارو ملڪ رڻ پٽ لڳو پيو آهي. هن اتان کان ملڪ جي راجا ڏانهن خط لکيو. جنهن جي راجڏاني هڪ جابلو علائقي ۾ واقع آهي. ڪيس لکيو هٿائين تہ هو پنهنجي رضا خوشيءَ سان سندس ملڪ ۾ آيو آهي.

جيسيم پٽ ڏاهر جو هڪ راڻي وٽ وڃڻ

جيسيم طرفان لکيل خط جڏهن ڪشمير جي راجا کي ٻڌايو ويو تہ حڪم ڪيائين تہ ڪشمير جو علائقو شاڪلتا (93) Shaklta جيسيم جي حوالي ڪيو وڃي.

ڪشمير جي راجا جو
جيسيم کي سوڪڙيون پاڪڙيون ڏيڻ

جنهن ڏينهن جيسيم ۽ ڪشمير جي راجا جي پاڻ ۾ ملاقات ٿي، ان ڏينهن ڪشمير جي راجا جيسيم کي پنجاهہ سنجيل گهوڙا، ڪيس ۽ سندس ساٿين کي ٻہ سو قيمتي خلعتون ڏنيون. حميم بن سامہ شامي کي شاڪلا جي جاگير ڏني وئي. جڏهن ڪشمير جي راجا جي دربار ۾ ٻيو پيرو آيو تہ ڪيس ڏاڍي اعزاز ۽ اڪرام سان نوازيو ويو ۽ چٽ ڪرسي، ڪمربند ۽ ڏولي ڏني وئي. ان کان پوءِ وڏي عزت سان ڪيس سندن جاگير ڏانهن روانو ڪيو ويو. ڪجهہ وقت کان پوءِ هو شاڪلها ۾ مري ويو ۽ حميم بن سامہ سندس جانشين ٿيو. جنهن جو اولاد اڃا تائين اتي رهندو اچي ٿو. اتي هن گهٽيون مسجدون تعمير ڪرايون. ڪشمير جو راجا وڏن بادشاهن جيتري عزت ڪندو هو. جڏهن جيسيم جئپور (94) ۾ هو تہ اتان هن فوفي پٽ ڏاهر ڏانهن خط لکيا هئا. جيڪو ان وقت الور ۾ هو. هن ڪيس ان خط ۾ پنهنجي ملڪ ڇڏي وڃڻ جو ڪارڻ ٻہ ٻڌايو هو. ڪيس ملڪ جي انهيءَ حصي بچائڻ جي پارت ڪئي هئائين. فوفي پٽ ڏاهر کي جڏهن سندس خط مليو تہ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ عربن سان مقابلي ڪرڻ جو پڪو پهہ ڪيائين.

جڏهن محمد بن قاسم برهمڻ آباد ۾ هو ۽ لڙائي ڪندي ڪيس
ڇهه مهينا گذري ويا ۽ جنگ ڪٽڻ بدران انگهندي نظر پئي آئي ۽ ٻئي
پاسي جيسيه بابت برهمڻ آباد ۾ اهي خبرون گشت ڪري رهيون
هيون ته هو چنيسر (95) مان نڪري برهمڻ آباد ڏانهن اچي رهيو
آهي ته اهي چار واپاري جيڪي جريتري (96) دروازي جي نگهباني ۽
لاءِ مقرر ٿيل هئا سوچي رهيا هئا ته عرب فوج هر جاءِ سويارِي رهي
آهي. راجا ڏاهر به ڪسي ويو آهي. ڇهن مهينن کان وٺي هن شهر تي
ڪڙو چاڙهي وينا آهن. اسان ۾ ايتري طاقت ۽ همت ڪانه آهي. جو
ساڻن وڙهي سگهون. معلوم ائين ٿئي ٿو ته قلعو فتح ٿي ويندو. اسان
کي ڪتان به واهر جي اميد نه آهي. راجا به هتي موجود ڪونه آهي.
جتي اسان کي پناه ملي. مسلمانن جي لشکر سان ڇهن مهينن کان
وڌيڪ مقابلو به ڪري ڪونه ٿو سگهجي. جيڪڏهن پاڻ ۾ هڏي
ڪريو ته باهر نڪري هلي ساڻن مقابلو ڪريون ۽ آخري دم تائين
وڙهندا رهون. اها به پڪ آهي ته توڙي صلح ٿئي ته به هٿياربند ماڻهن
کي ڪٿي کان سواءِ جيئرو کو نه ڇڏيو ويندو. باقي ڪمي.
ڪاسبي. ڪاريگر ۽ واپاري طبقن کي ضرور امان ملندي. پر
جيڪڏهن ادسان ۽ مسلمانن جي وچ ۾ ڪو ناهه ٿئي ٿو ته هي قلعو
محمد بن قاسم جي حوالي ڪرڻ وڌيڪ بهتر ٿيندو. هو اسان تي
اعتماد ڪري ۽ فرمانبردار سمجهي ۽ اسان به ساڻس تعلق پيدا ڪري
سندس خدمت جا شرط بجا آڻيون. سو اهڙين ڳالهين تي متفق ٿي
محمد بن قاسم ڏانهن قاصد روانو ڪيائون ۽ پنهنجي اهل عيال لاءِ
امان طلب ڪيائون.

پڪي واعدي ڪرڻ تي ڪين امان ڏيڻ

محمد بن قاسم ڪين امان ڏيڻ جو پڪو واعدو ڪيو. باقي ٻين سڀني هٿياربند فوجي سپاهين کي قتل ڪري ڇڏيائون. جيڪي سندن واسطيدار تابعدار هئا، تن کي جنگي قيدي بڻايو ويو. ٽيهن سالن کان گهٽ جيڪي به ماڻهو شهر ۾ موجود هئا، عربن تن کي جنگي باندي بڻايو ۽ سندن قيمت مقرر ڪئي. (97) ان کان پوءِ محمد بن قاسم حجاج بن يوسف جي سڀني عملدارن کي پاڻ وٽ گهرايو ۽ ڪين چيائين ته برهمڻ آباد جي ماڻهن وٽان قاصد آيا آهن، تن کي ڏيان سان ٻڌڻ گهرجي ۽ انهن کي جواب به سوچي ويچاري ڏيڻ گهرجي.

موڪي پٽ وسائي جي صلاح

پوءِ موڪي پٽ وسائي چيو ته: اي اميرا! هي قلعو هند ۽ سنڌ جي سڀني قلعن جو سردار ۽ تختگاهه آهي. جيڪو ماڻهو هي قلعو فتح ڪندو، سو سنڌ جو حڪمران ٿيندو. هتان جا سڀئي مضبوط قلعا سندس تابعدار ٿيندا. اوسي پاسي جا ماڻهو به راجا ڏاهر جي اولاد کان نراس ٿي ملڪ ڇڏي هليا ويندا ۽ ڪي وري سندن فرمانبرداري ڪرڻ ڇڏي ڏيندا. ڪي وري اوهان جي تابعداري ڪندا.

محمد بن قاسم جو حجاج ڏانهن خط

پوءِ محمد بن قاسم حجاج کي هن صورتحال کان واقف ڪيو. ٻئي پاسي هن انهن ماڻهن ڏانهن پروانو موڪلي ساڻن وقت

مقرر ڪيو جن ڪجھ وقت کان اڳ قاصد موڪليو ھو ۽ صلح ڪرڻ پئي چاھيو. پرواني پھچڻ کان پوءِ مذڪوره ماڻھن چيو تہ: "فلاڻي ڏينھن جويتري (98) واري ڦاٽڪ وٽ اچجو ۽ اسان تي حملو ڪندا تہ اسان پڄي قلعي ۾ اچي پناھ ونڊاسون ۽ پٺيان قلعي جو دروازو کليل ڇڏيون ويندا سون.

حجاج وٽان جواب اچڻ

جڏھن محمد بن قاسم جي لکيل خط جو حجاج وٽان جواب پھتو تہ: "انھن کي امان ڏئي ساڻن ڪيل واعدو پورو ڪريو." تہ پوءِ قلعي وارن ماڻھن ڏھاڙي جيان. واعدي موجب ٽورو وقت جنگ ڪئي ۽ عرب فوج بہ حملو ڪري ساڻن وڇي جھيڙو ڇنڊيو تہ قلعي وارا پڄي اندر ھليا ويا ۽ پٺيان قلعي جو ڦاٽڪ کليل ڇڏيون ويا (99) عربن اڳتي وڌي ڦاٽڪ تي قبضو ڪيو ۽ قلعي جي پٽين تي چڙھي بيھي رھيا ۽ الله اڪبر جا نعرا ھڻڻ شروع ڪيائون. شھر وارن ڏٺو تہ قلعي تي مسلمانن جو قبضو ٿي ويو آھي تہ اوپر واري ڦاٽڪ کان نڪري وٺي ڀڳا. محمد بن قاسم لشکر کي حڪم ڪيو تہ جنگ ڪندڙ ماڻھن کانسواءِ ڪنھن ٻئي کي قتل نہ ڪيو وڃي. پوءِ جن کي ھٿيار ڏنائون تن کي تابعدارن ۽ ٻارن ٻچن سميت محمد بن قاسم جي اڳيان پيش ڪيائون. جن ماڻھن ڪنڊ ھيٺ ڪري امان گھري تن کي ڇڏي ڏنائون ۽ کين موتائي گھرن ۾ رھايائون.

جيسيم (100) ۽ ڏاھر جي زال جو مقابلي لاءِ بيھڻ

برھمڻ آباد جي جھونڙن جي بيان مطابق. جڏھن برھمڻ آباد

جو قلعو مسلمانن جي قبضي هيٺ آيو تہ ان وقت راءِ ڏاهر جي زال راڻي لاڏي هن قلعي اندر موجود هئي. جيڪا سندس قتل ٿيڻ کان پوءِ راءِ ڏاهر جي پٽ (101) جيسيہ سان گڏجي برهمڻ آباد پهتي هئي ۽ عربن جي مقابلي واسطي جيسيہ سان هٿ بيلي هئي. عربن جي ڀڄ کان جڏهن ماڻهو برهمڻ آباد کي ڇڏيندا ٿي ويا تہ هن چيو: "هيءَ هڪ سگهارو قلعو آهي. اسان کي کيڻن بہ ڪري هتي رهڻ کپي. اسان هتي رهي دشمنن مٿان سوپ حاصل ڪري پنهنجو گهر ۽ ملڪ بچائي ونڊاسين. اسان پنهنجا عيال ڪوٺ ڇڏيندا سون. پر جيڪڏهن عرب لشڪر سوپارو ٿيو تہ ڪو ٻيو رستو اختيار ڪيو ويندو. ائين چئي مال ۽ خزانو باهر ڪڍي بهادر فوجين ۾ ونڊي رهي هئي. اهي جوڌا قلعي جي ٻئي ڦاٽڪ وٽ جنگ ڪري رهيا هئا. راڻي لاڏيءَ جي اها سوچ هئي تہ جيڪڏهن قلعو فتح ٿيو تہ مان پاڻ ٻارن ٻچن ۽ تابعدارن سميت چتا تي چڙهي سڙي رک ٿي ويندس. پر قلعو اوچتو فتح ٿي ويو. ڪن معتبر ماڻهن ڏاهر جي حمايتن واري دروازي وٽ پهچي راجا ڏاهر جي لاڳاپي وارن کي وڃي باهر ڪڍيو. انهي لاءِ تہ مٿان پاڻ ساڙي ڇڏين. ائين ڪندي مٿان اچي عرب فوج پهتي ۽ راڻي لاڏي گرفتار ٿي وئي.

ڏاهر جي زال راڻي لاڏي ۽ بن ڪنوارين ڌين جو گرفتار ٿيڻ

قلعي جي فتح ٿيڻ کانپوءِ جڏهن مال غنيمت ۽ ٻانهيون ٻانها محمد بن قاسم جي آڏو آندائون ۽ کيس هر هڪ جو احوال معلوم

ٽيو تڏهن ڪيس خبر پئي ته راءِ ڏاهر جي زال راڻي لاڏي قلعي اندر موجود آهي. راءِ ڏاهر جون به ڏيون ٻين زالن سان گڏ منهن ڏيکيون ٻيليون هيون. جن کي هڪ خادم حوالي ڪري جدا وهاريو ويو. ٻانهن ۾ ٻانهين جو پنجون حصو خليفي لاءِ الڳ ڪيو ويو. باقي ٻين جي ڳڻپ ڪئي وئي. جيڪي شمار ۾ ويهه هزار هئا ۾ اهي فوجين کي ورهائي ڏنا ويا.

واپارين ۽ ڪاريگرن کي امان ڏيڻ

هن معاملي کي اڪلائڻ کان پوءِ واپارين، ڪاريگرن ۽ عام ماڻهن کي امان ڏئي. سندن قيدين کي آزاد ڪيو ويو. عدالت ۾ پاڻ ويهي جنگ ڪندڙ ماڻهن کي قتل جي سزا ٻڌائي ۽ کين ماريو ويو. چيو وڃي ٿو ته اهڙي ريت ڇهه هزار ماڻهو قتل ڪيا ويا. باقي ٻين کي معافي ملي.

راءِ ڏاهر جي ماڻهن سان برهمڻ جي غداري

چيو وڃي ٿو ته جڏهن ڏنو ويو ته راءِ ڏاهر جا تابعدار ۽ لاڳاپي وارا ماڻهو ٻانهن واري قطار ۾ ڪونہ آهن ته شهر جي مکين کان سندن پڇا ڳاڇا ڪئي وئي ته انهن مان ڪنهن به سندن متعلق ڪونہ ٻڌايو. ٻئي ڏينهن اٽڪل هزار برهمڻ، پنهنجا مٽا ۽ ڏاڙهيون ڪوڙائي محمد بن قاسم وٽ اچي حاضر ٿيا.

برهمڻن جو محمد بن قاسم وٽ اچڻ

محمد بن قاسم هنن کي ڏسي پڇيو ته: "هن ٽولي وارا ماڻهو ڪهڙيءَ فوج سان تعلق رکن ٿا." برهمڻ جواب ڏنو ته "اي امير، راءِ

ڏاهر برهمڻ هو. جڏهن هن کي ڪنو ويو ۽ ملڪ ۽ ڪانئن کسجي ويو تہ ڪن وفاداري طور پاڻ کي ماري ڇڏيو. باقي ٻين سندس سوءَ ۾ ڪارا ڪپڙا پاتا ۽ ڏاڙهيون مٿا ڪوڙايا آهن. هاڻي هتان جا حڪمران اوهان آهيو ۽ اوهان وٽ انهيءَ ڪري حاضر ٿيا آهيون تہ باقي بچي ويلن لاءِ ڪهڙو حڪم آهي؟ محمد بن قسم ويچار ڪري چيو تہ: مون کي پنهنجي جان ۽ سر جو قسم! هي ماڻهو ڏاڍا وفادار آهن. کين هن شرط تي امان ڏني ويندي تہ راءِ ڏاهر جا لاڳاپي وارا ماڻهو جتي ۽ هجن. کين ڳولي لهڻ ۾ اسان جي واهر ڪندا. انهيءَ تي برهمڻن راءِ ڏاهر جي زال راڻيءَ لاڏي کي آڻي سندس آڏو پيش ڪيو. ان کان پوءِ رسول الله صلي الله عليہ وسلم جي طريقي موجب مٿن ڊل مقرر ڪيائين. جيڪي مسلمان ٿيا، تن کي ٻانهپ، جزيہ ڊل (102) مال ۽ چوند جي معافي ڏني وئي. جن اسلام قبول نہ ڪيو، تن کي تن طبقن ۾ ورهايو ويو. پهريون طبقو مڪيہ ماڻهو يا راوت هئا. جن سان اٽيتاليهہ درهم طور چاندي رکي وئي هئي. ٻئي طبقي تي چوويهہ درهم ۽ هيٺاهين طبقي تي ٻارهن درهم چاندي مقرر ڪئي وئي هئي. محمد بن قاسم کين چيو تہ جيڪي مسلمان ٿيندا تن تان ڊل معاف ڪئي ويندي. جيڪي پنهنجي ڌرم تي رهندا، تن کان ڊل (جزيو) قبول ڪري پنهنجن ابن ڏاڏن (103) جي ڌرم تي پابند رهيا. سندن زمينون ۽ گهوڙا وٽن رهڻ ڏنا ويا.

برهمڻن کي امين مقرر ڪرڻ

ان کان پوءِ محمد بن قاسم سرنديءَ آهر مٿن ڊل (جزيو) مقرر

ڪئي. قلعي جي چئن ڦاٽڪن تي فوج مقرر ڪئي وئي هئي. هر دروازي جي ذميواري انهن برهمڻن جي حوالي ڪئي وئي هئي. محمد بن قاسم کين سنجيل گهوڙا ۽ هندستان جي رواج موجب هنن کي هٿن ۽ پيرن ۾ ڇهه پارايا ۽ هنن لاءِ محفل جي منڌ ۾ ويهڻ واسطي خاص جاءِ مقرر ڪيائين.

محمد بن قاسم برهمڻ آباد جي ماڻهن کي ٽن طبقن ۾ ورهايو

ان کان پوءِ ماڻهن کي ٽن طبقن جهڙوڪ. واپارين. ڪاريگرن ۽ هارين ۾ ورهايو ويو. جن جو تعداد ڏهه هزار هو. محمد بن قاسم هنن تي هارهن درهم چاندي مقرر ڪئي. چاڪاڻ ته سندن مال دولت لٽجي ويو هو. پوءِ وڏيرن ۽ راوتن کي مقرر ٽيل ڏل جي اوڳاڙيءَ لاءِ مقرر ڪيو ويو. انهيءَ لاءِ ته جيئن هر ڳوٺ ۽ شهر مان اها ڏل چڱيءَ ريت اوڳاڙجي سگهي ۽ کين سگهه ۾ حاصل ٿئي. اتان جي برهمڻن اها حالت ڏسي محمد بن قاسم عرض ڪيو ته کين ۾ عزت ۽ احترام ڏنو وڃي. شهر جي مکيه ماڻهن ۾ اها شاهدي ڏني ته اهي برابر اثر رسوخ وارا ماڻهو آهن ۽ کين عزت لائق ڪاڻ ڪا ذميواري سونپي وڃي. اهو احوال ٻڌي برهمڻن جي عزت برقرار رکڻ واسطي هن هڪ پروانو جاري ڪيو ته هنن تي ڪا روڪ ٽوڪ ڪاڻ هوندي منجهائن هر هڪ کي ڪاڻ ڪا ذميواري ڏني وڃي. چاڪاڻ ته کيس معلوم ٿيو ته اهي سپتيا آهن. بي ايماني ڪونه ڪندا آهن. راءِ چچ ۾ کين نه ڪنهن ڪم سان لڳايو هو. جڏهن اهڙيون خبرون محمد بن

قاسم کي پيون تہ کين روبرو پيش ٿيڻ جو حڪم جاري ڪيو ويو. جڏهن هو محمد بن قاسم جي روبرو ٿيا تہ کين چيائين تہ: ڏاهر توهان کي وڏن ڪمن تي رکيو هو. تنهن ڪري اوهان شهرن ۾ ڦرڻن کان ضرور واقف هوندا. سو جنهن به مشهور ماڻهوءَ کي نوازش جي لائق سمجهو تہ اسان کي ڄاڻ ڪريو تہ جيئن سندس حق ۾ ڪا مهرباني ڪري سگهجي. توهان جي ايمانداريءَ تي اسان کي پورو پروسو آهي. تنهن ڪري اوها ن جي معاملي فهميءَ تي ڇڏيو ويو آهي. هيءَ ڪم اوهان جي اولاد ۾ سندن ايندڙ پيڑهين جي حوالي ڪجي ٿو. پر واعدو ڪيو تہ اوهان اسان کان ڪڏهن به ڪونہ ڦرندا.

برهمڻن جو پوري اعتماد سان ڦرڻن ۾ وڃڻ

محمد بن قاسم طرفان اهڙي حڪم ملڻ کان پوءِ برهمڻ ۾ ڪامورا ملڪ ۾ گهڙي پيا ۽ ماڻهن کي چوندا رهيا تہ: اي وڏيرا وڏڙي. مڪيو ڪالتريو. توهان کي معلوم هجڻ گهرجي تہ راجا ڏاهر مارجي ويو آهي. ڪافرن جو راج ختم ٿي چڪو آهي هند ۽ سنڌ جي ملڪن ۾ چوڏس عربن جو راج نظر اچي ٿو. هنن هتي هڪ جهڙائي قائم ڪئي آهي. اسان هاڻي جيڪي ڪم ڪاريون ڪري رهيا آهيون سي محمد بن قاسم وٽان ملهيل پرواني مطابق آهن. اسان کي اوهان ڏانهن موڪليو ويو آهي تہ اوهان سندن فرمانبرداري ۽ تابعداري ڪريو. جيڪڏهن اوهان عربن جو حڪم نہ مڃيو تہ نہ اوهان جو مال ملڪيت رهندو ۽ نہ وري اوهان جو گذران جو ذريعو ئي رهندو. اسان به انهن عرب سردارن جا تابعدار آهيون. هن مان اسان

ڪنهن وڏي درجي تي پهچي سگهنداسون. جيڪڏهن سندن تابعداري ۽ فرمانبرداري نہ قبولي وئي تہ ملڪ مان ٽڙي ناس ٿي ويندا سون. جيڪڏهن اوهان عربن طرفان مڙهيل ڏل ادا نہ ٿا ڪري سگهو تہ هند سنڌ جي ڪن ٻين ملڪن ڏانهن هليا وڃو. اوهان جون دليون ائين ڪرڻ لاءِ مطمئن آهن تہ پوءِ پلي اوهان پنهنجن ٻارن ٻچن سميت اوڏانهن هليا وڃو. ڇاڪاڻ تہ ماڻهو واسطي پنهنجي جان جي سلامتيءَ کان وڌيڪ ڪا ٻي شيءِ ڪانہ آهي ۽ زندگي وڏي نعمت آهي. جيڪڏهن اسان هن خطرناڪ فوج کان بچي وياسون تہ پوءِ اسان ۽ اسان جي ٻارن ٻچن جون زندگيون محفوظ آهن.

شهر واسين تي ڏل مقرر ڪرڻ

ان کان پوءِ شهر واسي اڳي محمد بن قاسم آڏو گڏ ٿيا ۽ ڏل ادا ڪرڻ قبول ڪيائون. انهن محمد بن قاسم کان ڏل جي رقم پڇي. جيڪا کين ٻڌائي وئي. جيڪي برهمڻ ڏل جي اوگاڑي تي رکيل هئا. تن کي هن چيو تہ: حڪومت ۽ ماڻهن جي وچ ۾ سچائي جو خيال رکيو وڃي. جيڪڏهن کا شيءِ ورهائي وڃي تہ هڪ جهڙائيءَ جو ضرور خيال رکيو وڃي. هڪ هڪ ماڻهوءَ تي ڏل ٻہ وٽ آهر رکي وڃي. هڪ ٻئي سان ڪهي هلڻ سٹي ڳالهہ آهي. پريشان ٿيڻ جي ضرورت نہ آهي. جن ڳالهين کان ملڪ کي نقصان ٿئي. تن کان پاسو ڪرڻ ضروري آهي.

محمد بن قاسم جي ماڻهن کي هدايت ڪرڻ

پوءِ محمد بن قاسم هر هڪ ماڻهوءَ سان خاص مهرباني

ڪئي. انهن کي چيائين تہ: ڳڻتيءَ جي ڪاب ڳالهہ دل ۾ نہ رکجو تہ توهان جي ڪا وٹ پکڑ ٿيندي. بنا ڪنهن هڏ ڪٹي جي رهو. مان اوهان کان ڪنهن بہ قسم جو دستاويز لکائي ڪونہ ٿو ونان. ڏل جو جيڪو حصو اوهان کي اڳي ئي معلوم آهي، سو ئي ادا ڪندا رهو. پر توهان تي مهرباني ۽ درگذر ڪرڻ پاڻ تي واجب سمجهون ٿا. جنهن ماڻهوءَ وٽ ڪا درخواست آهي تہ اها پيش ڪري. اها ڏيان سان ٻڌي ويندي ۽ ان جو پورو جواب ڏنو ويندو ۽ هرهڪ ماڻهوءَ جي دل جي مراد پوري ٿيندي.

محمد بن قاسم جو برهمڻ آباد جي ماڻهن کي پروانو ڏيڻ

مسلمانن جي حڪومت قائم ٿين کانپوءِ برهمڻن کي ملندڙ خيرات بند ٿي وئي. نہ تہ هن کان اڳي واپاري، ڪافر ۽ ٺڪر برهمڻن کي خيراتون ڏيندا هٿا ۽ بتن جي پوڄا ڪئي ويندي هئي. خاص ڏڻن تي خوشيون ڪيون ويندیون هيون. مندر جي پوڄارين کي انهيءَ وسيلي ٿوري گهڻي اپت ٿيندي هئي. مسلمان فوج جي ڊپ کان ڪير بہ کين خيرات يا مانيءَ ڇيو ڪونہ ڏيندو هو. تنهن ڪري ويچارا سڄا ڪنگال ٿي ويا هٿا ۽ بکن ۾ بي حال هٿا. سو هڪ ڏينهن برهمڻن صلاح ڪري اچي محمد بن قاسم جو در جهليو ۽ هٿ کٹي ڪيس آسيسون ڏيڻ لڳا ۽ ملڻ لاءِ ڪيس پيغام موڪليائون تہ: "شال امير سلامت رهي. اسان يڪشو آهيون. وهارن جي رکوالي ڪري پيٽ پالينداآهيون. تو واپارين ۽ هندن کي پنهنجين اڳين جاين تي بحال

رکيو آهي ۽ کين ذمي قرار ڏنو آهي. اسان توهان جا داس آهيون. اوهان جي سخا ۽ اسان کي پورو پروسو آهي. تنهن ڪري گذارش ڪريون ٿا تہ ہڏ ڏرم جي پوئلڳن کي بتن جي پوڄا ڪرڻ جي موڪل ڏني وڃي. ہڏ وهارن جي بہ مرمت ڪئي وڃي. محمد بن قاسم وراڻيو تہ "ملڪ جو تخت گاهہ الرور آهي ۽ ٻيا علائقا ان جي ماتحت آهن." تنهن تي هنن وراڻيو تہ: "هن شهر جو مندر هندن جي سنڀال هيٺ آهي. اهي اسان جا وڏا ۽ ڏاها ماڻهو آهن. اسان کي پرٽي مرٽي ڪم ايندا آهن. اسان دل بہ ان ڪري ادا ڪندا آهيون تہ جيئن پنهنجي ڏرمن موجب پوڄا پاٺ ڪريون اسان جو ہڏ وهار ناس لڳو پيو آهي. اتي ڪير بہ ہڏ جي پوڄا ڪرڻ ڪونہ ٿو اچي. جيڪڏهن اسان جو امير اسان کي ان وهار جي مرمت ڪرڻ جي موڪل ڏيندو ۽ اتي رکيل بت جي پوڄا جي اجازت ملندي تہ اسان سندس بي انتها ٿورائتا رهنداسون."

محمد بن قاسم جو حجاج ڏانهن خط لکڻ ۽ ان جو جواب پهچڻ

محمد بن قاسم هيءَ حقيقت حجاج ڏانهن لکي روانو ڪئي. ٿوري وقت کان پوءِ جواب پهتو تہ: پياري پائٽي محمد بن قاسم جو خط پهتو. احوال پڙهي دل کي ڏاڍي خوشي ٿي ۽ جيڪي حال احوال لکيا اٽائين سي بہ معلوم ٿيا. جن مان هڪ ڳالهہ هيءَ آهي تہ برهمڻ آباد جا مکيہ ماڻهو وهار جي مرمت ڪرڻ گهرن ٿا ۽ پنهنجي ڏرم موجب ان جي پوڄا لاءِ عرض ڪري رهيا آهن. هاڻي هو اسان جا فرمانبردار ۽ تابعدار آهن. خليفي طرفان مقرر ڪيل دل (جزيو) بہ قبولي اٽائون

۽ ڊل وٺڻ کان وڌيڪ اسان جو متن کوبہ حق ڪونہ آهي. ڇاڪاڻ تہ جڏهن اهي ذمي ٿي چڪا. هينئر سندن معاملن ۾ وڌيڪ دست اندازي صحيح ڪانہ ٿيندي. تنهن ڪري کين پنهنجي بتن جي پوڄا جي موڪل ڏجي ٿي. توهان کنهن بہ ماڻهوءَ کي پنهنجي طريقي کان نہ روڪيندا. کين پنهنجي مرضيءَ مطابق زندگي گذارڻ جو پورو اختيار آهي. (104)

حجاج بن يوسف جو لکيو پهچڻ

حجاج بن يوسف وٽان جواب پهچڻ مهل محمد بن قاسم شهر کان ٻاهر نڪري وڃي منزل ڪئي هئي. پوءِ هن مکين. ڪلاترين ۽ برهمڻن کي موڪل ڏني تہ: پلي وڃي پنهنجي مندرن ۽ وهارن جي مرمت ڪريو. مسلمانن سان ڏيتي ليتي قائم ڪريو. پنهنجي حالت سڌارڻ لاءِ جاکوڙيو. برهمڻن ۽ ٻين فقيرن جي سارسنيال لهو. هن کان اڳ جيڪي برهمڻن ۽ يڪشن کي خيراتون ڏيندا هئا. سي بہ پلي ڏيندا رهو. سو درهمن مان ٿي درهم ڪڍي باقي جيڪو برهمڻن جو حق آهي. تن کي ڏنو وڃي. قاعدي موجب سرڪاري خزاني (105) ۾ جمع ڪرايو وڃي. آفيسرن ۽ ڪمن وارن لاءِ پگهارون مقرر ڪيون وڃن. انهن سيني تميم بن زيد القيسي ۽ حڪم بن عوانہ جي روبرو اهي شرط قبول ڪيا. برهمڻن لاءِ اهو فيصلو ڪيو ويو تہ هو تامي جي ٽالهي ڪٽي گهرن جي درن تي پنڻ لاءِ وڃن ۽ جيڪي ڪجهہ ملين تنهن مان پنهنجو گذر سفر ڪن. هاڻي پنڻ جي هيءَ رسم عام ٿي وئي آهي.

محمد بن قاسم جو برهمڻ آباد جي ماڻهن جو عرض اگهائڻ

هاڻي محمد بن قاسم برهمڻ آباد جي انتظامي مامرن کان واندو ٿي چڪو هو. هتان جي ماڻهن جيڪا کيس گذارش ڪئي هئي، سا پوري ڪئي وئي هئي. عراق ۽ شام جي يهودين، نصارن (106)، گبرن ۽ مجوسين کي جيڪي به حق ڏنا ويا هئا، سي هتان جي ماڻهن کي پڻ ڏنا ويا. کين پنهنجي طريقي سان زندگي گذارڻ جي موڪل هئي. سندن اڳواڻن کي (107) "راڻي" جو لقب ڏنائين.

محمد بن قاسم جو سياڪر وزير کي گهرائڻ

جڏهن مٽيان سيئي معاملا نبري ويا تہ پوءِ سياڪر وزير ۽ موڪي پٽ وسائي کي سڏايائين ۽ پڇيائين تہ چچ ۽ ڏاهر واري زماني ۾ لوهاڻي جي جتن سان ڪهڙو ورتاءُ ڪيو ويندو هو ۽ سندن معاملا ڪيئن اڪلايا ويندا هئا؟ سياڪر وزير چيو (ان گفتگو دوران موڪو پٽ وسايو به موجود هو) تہ راجا چچ جي حڪومت ۾ لوهاڻي (108) يعني سمن ۽ لاکن واري جوءِ جي جتن کي نرم ڪپڙن ۽ بخمل مٿي تي اوڍڻ جي اجازت ڪانہ هوندي هئي. هيٺ ۽ مٿي اوني ڪٽا اوڍيندا هئا ۽ ڪلهن تي جوڙيءَ جي ڪپڙي رکڻ جي کين موڪل هئي. اهو به حڪم هو تہ هو اگهاڙي مٿي اگهاڙي پيرين رهن. جيڪڏهن اهي نرم ڪپڙو پائيندا هئا تہ مٿن ڏنڊ رکيو ويندو هو. جڏهن گهر کان ٻاهر نڪرندا هئا تہ ساڻن ڪيڏ ڪتو ضرور هوندو هو تہ جيئن کين پري کان ئي سڃاڻي وڃجي. سندن سردارن کي گهوڙي

تي چڑهڻ جي اجازت ڪانه هوندي هئي. جتي به راجا ڪيس گس ڏيڪارڻ لاءِ ڪنهن سونهين جي لوڙ پوندي هئي ته اهڙو ڪم جتن ڪان ورتو ويندو هو. رستن جي سونهپ سندن نظر هيٺ هوندي هئي. هر پانڌيڙوءَ کي هڪ قبيلي ڪان ٻئي قبيلي پهچائڻ به سندن ذميواري هوندي هئي. جتن جو سردار جيڪڏهن گهوڙي تي سوار ٿيدنو هو ته ان تي نه هنورڪيل هوندو ۽ نه وري لغام ۽ نختو. راهه ويندي مسافر کي ڪو نقصان رسندو هو ته پڇاڙو جتن ڪان ٿيندو هو. مٿن جيڪڏهن چوري ثابت ٿيندي هئي ته چور کي هارن ۽ڇن سميت باه ۾ اڇلايو ويندو هو. قافلا به سندن رهبريءَ ۾ هلندا هئا. منجهن ننڍي وڏي جو فرق ڪونه ڪيو ويندو هو. اهي ڏاڍا سرڪش ماڻهو آهن. وقت جي راجا جا فرمانبردار ڪونه رهندا آهن. ديبل جي ڏاڙيلن سان ٻڌ ۽ جهٽ هوندا آهن. بورچيخاني جون ڪائيون ۽ بادشاهه مٿان پهريداري به سندن ذمي هئي.

انهيءَ تي محمد بن قاسم وراڻيو ته: "ڪهڙا نه مٿي ڦريا ماڻهو آهن. جهڙوڪ فارس ۽ ڪوه پايه (109) جا جهنگلي. اتان جا ماڻهو به ائين گذارينداآهن" محمد بن قاسم جتن کي اڳئين جيان ٻڌل رکيو. حضرت عمر بن الخطاب به شام جي ماڻهن سان هي شرط رکيا هئا ته هو راهه ويندي مسافر کي هڪ ڏينهن ۽ رات ضرور ماني کارائن. جيڪڏهن اهو بيمار ٿي پوي ته ان جي پورا ٿي ڏينهن مهماني ڪن." ساڳيءَ ريت محمد بن قاسم به جتن مٿان هي ٻڌاڻ رکيو ته راهه ويندي مسافر کي هڪ ڏينهن ۽ رات ماني کارائن جيڪڏهن بيمار ٿي پوي ته ٿي ڏينهن ۽ ٿي راتيون کارائن.

محمد بن قاسم جو حجاج بن يوسف ڏانهن خط مجڙ

محمد بن قاسم برهمڻ آباد ۾ لوهاڻي جي معاملن کان واندو ٿي. جتن تي ڏل مقرر ڪري اهڙو احوال حجاج بن يوسف ڏانهن روانو ڪيو تہ جتن کان اها خدمت جلوالي ڏوري (110) کان مٿان واري علاقي ۾ ورتي ويندي. ڪيس سنڌ جي ان حصي تي قبضي ڪرڻ بابت احوال ۾ لکيو ويو.

حجاج جو جواب

ان خط جي جواب ۾ حجاج محمد بن قاسم ڏانهن لکيو تہ. منهنجا پائٽيا محمد بن قاسم! تنهنجي فوجي ڪارڪردگي نهايت ساراهہ جوڳي آهي. ڪاروبار جي انتظام ۾ رعيت پروري لاءِ ۾ تون تعريف لائق آهين. جنهن طريقي سان تو ڏل مقرر ڪئي آهي ۾ شريعت جي دستور موجب رعيت سان رعايتون ڪري رهيو آهين. تنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ تون حڪومت جا بنياد پڪا ڪري رهيو آهين. توکي هاڻي اتي رهڻ نہ گهرجي. هند ۾ سنڌ جي بادشاهيءَ جا ٽنيا الور ۾ ملتان آهن. جيڪي بادشاهي شهر ۾ راجڏانيون آهن. بادشاهن جا خزانا ۾ دفينا انهن ٻنهي جاين تي پوريل هوندا. جيڪڏهن توکي ڪٽي رهڻو به آهي تہ پوءِ توکي ان جڳهہ تي رهڻ کپي. جتي رهي تنهنجو اقتدار سنڌ ۾ هند ۾ قائم ٿي سگهي. جيڪو مسلمان نہ ٿئي تنهن کي قتل ڪري ڇڏيو. الله ڏاڍو ٻاجهارو آهي. اوهان جي هن نيڪ ڪم ۾ ضرور مدد ڪندو. هند کي چين جي حد

تائين فتح ڪرڻ توتي لازمي آهي. چين فتح ڪرڻ لاءِ قتيبہ بن مسلم کي مقرر ڪيو ويو آهي. پاڻ وٽ موجود سڀ غلام انهن ڏانهن روانا ڪرڻ مقرر ڪيل لشکر ان سان ضرور گڏ وڃي. جهم بن زحر بن قيس کي بہ هن سان گڏ موڪليو ويڃي. اي سئوٽا! تون پنهنجي چاچي ۽ جيسيہ (111) جي ماءُ جي پٽ جي حوالي سان ڪو اهڙو نمايان ڪارنامو ڪر تہ جيئن تنهنجي قاسم جو نالو هميشہ لاءِ زنده رهي ۽ دشمن عاجز ٿي وڃن. انشاءالله

حجاج بن يوسف جو محمد بن قاسم وٽ خط پهچڻ

حجاج بن يوسف جو محمد بن قاسم کي خط پهتو جنهن ۾ لکيل هو تہ: "اي محمد! تون اسان سان خط لکي مشورو ڪندو رهجانءِ چاڪاڻ تہ اهو هوشياري لاءِ تمام ضروري آهي. پنڌ تمام پري آهي. تنهن ڪري حالتن جو پورو پتو پئجي ڪونہ ٿو سگهي. توکي اهڙي ڪوشش ڪرڻ گهرجي جو شهر جا چارئي اڳواڻ تنهنجي تابعداري ڪندا رهن ۽ تون بہ سندن دلجوئي ڪندو رهجانءِ."

شهر جي چئن مکين کي علائقي جي انتظامي ڪاروبار هلائڻ لاءِ مقرر ڪرڻ

پوءِ برهمڻ آباد يعني باين واهہ (112) (هالينڊ) جي ڪاروبار هلائڻ واسطي وداع بن حميد البحري کي سڏي ان جي روبرو ڪامورا

مقرر ڪيائين. مالي ڪاروبار شهر جي چئن واپارين جي حوالي ڪيو ويو ۽ هن قسم جو پروانو جاري ٿيو: "سڀ ڪم سندس حضور ۾ پيش ڪيا وڃن. ڪهڙو به معاملو سندس صلاح مشوري کان سواءِ پورو نہ ڪيو وڃي. توبتہ بن دارس کي راوڙ قلعي جو نگهبان مقرر ڪيو ويو. انهيءَ لاءِ جيئن هو ٻيڙيون تيار رکي. هر ايندڙ ويندڙ ٻيڙي تي جيڪڏهن هٿيار لڏيل هجن تہ ان کي جهلي ٻيهاري ۽ هٿيار راوڙ جي قلعي ڏانهن کڻي وڃي. راوڙ کان مٿي وارن ٻيڙين جو انتظام حڪم بن زياد العبدي جي سپرد ڪيو ويو. ڪچ وارو علائقو ڪيرج (113) جي راجا دروهر جي هٿ ۾ هو سو هزيل بن سليمان الازدي کي ڏنو ويو. حنظلہ بن ابي بنانہ کي دهليل جو حاڪم مقرر ڪيو ويو. انهن سڀني کي حڪم ڪيائين تہ ملڪي حالتن بابت هر مهيني ڪيس اطلاع ڏيندا رهن. کين هڪ ٻئي جي مدد ڪرڻ جو تاڪيد ڪيائين. انهيءَ لاءِ تہ جيئن باغين ۽ وڪوڙين جي فسادن کان محفوظ رهن. جيڪڏهن ڪو ماڻهو امن ۾ خلل وجهي تنهن کي سخت سزا ڏني وڃي. قيس بن عبدالمالڪ لامني ۽ خالد انصاري کي سيوستان ۾ رکيائين. مسعود تميميءَ، ابن شبيهہ جديدي، فراس عتڪي، صابر يشڪري، عبدالملڪ بن عبدالله الخزاعي، مهنہ بن عڪ ۽ الوقاع بن عبدالرحمان کي ديبل ۽ نيرون ڪوٽ جي عملداريءَ لاءِ روانو ڪيو ويو. انهيءَ لاءِ تہ جيئن اهي حدون محفوظ رهن. بڪربن رائل جي آزاد ڪيل هڪ غلام مليح کي اشبهار جو حاڪم مقرر ڪيو ويو هو. علوان بڪري ۽ قيس بن ثعلبہ ٽن هزار غلامن سان اتي رهي پيا. کين زالون ۽ اولاد هو ۽ سارو وقت جتن واري علائقي مٿان قبضو رکندا آيا.

محمد بن قاسم جو ساوندي سما ڏانهن روانو ٿيڻ

چيو وڃي ٿو تہ محمد بن قاسم برهمڻ آباد واري علائقي جي انتظامي ڪاروبار کان واندو ٿي ان جي اپرندي ۽ الهنديءَ جوءِ جو ڇڳي ريت بندوبست ڪري اڳاري ڏينهن 3 محرم سن 94هـ (آڪتوبر 712ع) تي اڳتي روانو ٿيو ۽ وڏندو ساوندي (114) واري علائقي ۾ منهل (115) واري ٽاڪ وٽ اچي منزل ڪيائين. جن مان هڪ کي ڏنڊ ۽ ٻئي کي ڪربها Karbaha ٿي سڏيائون. هن ڏنڊ جي ڪناري تي اچي منزل ڪئي. هتان جا رهواسي ٻڌ ڌرم جا پوئلڳ هئا. جن سيني اچي محمد بن قاسم آڏو آڻ ميڙي. جنهن حجاج جي فرمان موجب سيني کي امان ڏني ۽ چيو تہ اوهان پنهنجي وطن ۾ خوش ۽ آسودا رهو ۽ پنهنجي ڏل مقرر وقت تي ادا ڪندا رهو. پوءِ مٿن ڏل مقرر ڪئي وئي. هر هڪ قبيلي جو لٽ سردار مقرر ڪيائين. اهڙيءَ ريت بوادو شمني ۽ ٻڌيهي ۾من ڏول سندن ۾ سردار ٿيا. هن علائقي جي پوکي راهي جتن جي هٿ ۾ هئي. اهي ۾ اچي محمد بن قاسم جي آڏو پيش پيا. جنهن کين امان ڏني. سڀ معاملا ٺيڪ ٿي ويا تہ اهڙو احوال حجاج بن يوسف ڏانهن لکيو ويو.

جڏهن اها ساري حقيقت حجاج بن يوسف کي معلوم ٿي تہ جواب ۾ لکيائين تہ. "منهنجي طرفان حڪم ظاهر آهي تہ جيڪو ۾ جهيڙي لاءِ کنو هٿ ۾ کڻي تنهن کي قتل ڪيو. ۽ي صورت ۾ سندن پٽ ۽ ڏيئرون ضمانت طور قيد ۾ بند رکيون وڃن. جيڪي ماڻهو فرمانبرداري ۽ تابعداري لائق آهن ۽ سندن دليون صاف آهن. تن کي امان ڏني مٿن ڏل مقرر ڪريو. ڪاريگرن ۽ واپارين تي ڏل جو تمام

هلڪو بار رکيو ويو. جن ماڻهن بابت معلوم ٿئي تہ پوڪي راهي ۽ گهٽو پورهيو ڪري رهيا آهن. تن سان قانوني ڀل ۽ رعايت ڪئي وڃي. جيڪو ماڻهو خوشيءَ سان مسلمان ٿئي. تنهن جي مال ۽ ڪيتيءَ واري اپت مان ڏهين پٽي ورتي وڃي. جيڪو ماڻهو پنهنجي ڏرم تي قائم رهي تہ ان جي ڪاريگري واري ڏنڊي جي پيداوار مان اپت مقرر ڀل وٺي سرڪاري ڪامورن جي حوالي ڪئي وڃي. هتان جا سڀ انتظامي معاملا صحيح ڪري منزل پٽي وڃي بهراور ۾ لٿو. اتي پهچي هن سليمابن پناڻ (بنهان) ۽ ابوفضتہ القشيري کي سڏي خدا جو قسم کڻايو ۽ حيدر (جنيد) بن عمرو ۽ بني تميم وارن سان گڏ بهرج (112) علاقي ڏانهن روانو ڪيائين. جيڪي اتي وڃي رهي پيا. عمر بن حجاز اکبري (مختار الاکبر الحنفي) حنفي کي نائب مقرر ڪري نالين بهادرن جي هڪ جماعت سندس ماتحت رکي وئي.

سمن جو استقبال تي اچڻ

اتان کان پوءِ محمد بن قاسم سمن جي علاقي ڏانهن رخ رکيو. جڏهن هو ويجهو پهتو تہ هنن دهل شرنايون وڄائي ۽ ناچ ڪري سندس استقبال ڪيو. محمد بن قاسم پڇيو تہ. "هيءَ لڙ ڇا جو آهي؟" ڪيس ٻڌايو ويو تہ. "سندن رسم آهي تہ جڏهن ڪو نئون بادشاهہ ملڪ جو واڳ ڏٽي بڏبو آهي تہ هو سندس استقبال. دهل شرنايون وڄائي ۽ ناچ سان ڪندا آهن." پوءِ خريم بن عمرو محمد بن قاسم وٽ آيو ۽ ڪيس چيائين تہ. " اسان تي خدا جي ساراهہ ڪرڻ

لازمي آهي جو ماڻهن جو اهڙو قبيلو اسان جو فرمانبردار ۽ تابعدار ٿيو آهي ۽ اسان جو حڪم هن ملڪ ۾ جاري ٿيو آهي." خريم هڪ دانا، ۽ هوشيار شخص هو. گڏوگڏ ديندار ۽ ايماندار به هو. محمد بن قاسم سندس اها ڳالهه ٻڌي ڪلي ڏنو ۽ چيو ته. "هنن ماڻهن جو علائقو توکي سونپجي ٿو." پوءِ انهن سمن کي هن جي آڏو ناچ ۽ تماشي ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو. خريم مغربي سون جا ويهه دينار کين انعام ۾ ڏنا ۽ چيائين. "هي هڪ بادشاهي رسم آهي جو نئين حاڪم اچڻ وقت هو ڳائن ۽ تماشو ڪن ۽ انهيءَ لاءِ الله جو شڪرانو بجا آڻڻ کپي. هيءَ نعمت وٽن گهڻو وقت قائم رهندي."

محمد بن قاسم جو سهتن ۽ لوهاڻن جي علائقي ڏانهن روانو ٿيڻ

ڳالهين جي راويءَ علي بن محمد ۽ ان ورري عبدالرحمان بن عبد ربه السليطيءَ کان هن ريت روايت ڪئي آهي ته محمد بن قاسم جڏهن لوهاڻي علائقي جو انتظام ٺيڪ ڪيو ته سهتن واري ايراضيءَ ڏانهن اسهيو ۽ اتي اچي منزل ڪيائين. اهو ڏسي سهتن جا مکي ۽ ڪلاتري مٽا ۽ پير اگهاڙا ڪري سندس استقبال لاءِ آيا ۽ کانئس امان گهريائون. انهن کي پڻ امان ڏني وئي. مٿن ڏل مقرر ڪري کانئن ضامن ورتائين. کين چيو ويو ته هو گسن جا سونهان ٿي الور تائين ساٿس گڏ هلن. اهڙيءَ ريت محمد بن قاسم هنن کي سونهون ڪري اروڙ تائين آيو. هي وڏو شهر ۽ سنڌ جي راجڌاني آهي. هتان جا رهاڪو گهڻو ڪري واپاري هنرمند ۽ هاري آهن. راجا ڏاهر جو پٽ

گوپي هن قلعي تي حاڪم هو. ڪوبہ ماڻهو راءِ ڏاهر جي ڪنهن وڃڻ جي خبر هن جي آڏو بيان ڪرڻ جي سگهہ ڪونہ ٿي ساري سگهيو. سندس خيال هو تہ راءِ ڏاهر ايڏا جيئرو آهي ۽ هند جي راجائن کان واهر وٺڻ لاءِ اوڏاهين ويل آهي ۽ سندن واهر سان موٽي اچي عربن سان جهيڙيندو. محمد بن قاسم اروڙ قلعي کان هڪ ميل پري هڪ مهيني لاءِ فوجي واندڻ هنيون ويٺو رهيو. هن اتي هڪ جامع مسجد بہ تعمير ڪرائي هئي. جنهن ۾ هر جمعي تي خطبو ڏيندو هو.

الور وارن سان جنگ ڪرڻ

ٿوري وقت ترسڻ کان پوءِ محمد بن قاسم الور وارن سان جنگ شروع ڪري ڏني. قلعي وارن ماڻهن کي آس اميد هئي تہ راءِ ڏاهر هند جي ملڪن مان ضرور ڪا واهر آڻيندو. ان ڏي تي قلعي جي پتين تي چڙهي نعرا پئي هنيائون ۽ چيائون پي تہ: توهان کي جان ۽ مال جي معافي ڪانہ ملندي راءِ ڏاهر هند جي راجائن کان مدد وٺي وڏي لشکر، هاٿين ۽ گهوڙي سوارن سان گڏ اچي رهيو آهي. جيڪو اوهان جي پٽيان اچي ظاهر ٿيندو. پوءِ اسان قلعي کان ٻاهر نڪري اوهان جي لشکر کي زبردست شڪست ڏينداسون. اوهان پنهنجو مال اسباب اجايو برباد ڪري رهيا آهيو. پنهنجو پاڻ تي رحم ڪري هتان پڄي وڃو. هن نصيحت تي ڌيان ڏيو ۽ بربادي کان بچي وڃو.

محمد بن قاسم جو ڏاهر جي زال راڻي لاڏي کي هڪ عورت (117) وٽان خريد ڪرڻ

محمد بن قاسم جڏهن ڏٺو تہ هو مقابلي ڪرن واري ارادي ۾

اڻ آهن ۾ سندن جنگي تياريءَ کي نظر مان ڪيڻ کان پوءِ سمجهيائين تہ اهي هن حقيقت تي اعتبار ئي ڪونہ ٿا ڪن تہ ڪو راجا ڏاهر ڪسي ويو آهي. تڏهن راڻي لاڏي کي ڪاري اٽ تي چاڑهي، قلعي جي اڳيان موڪليائين. هيءَ راڻي محمد بن قاسم، مال غنيمت مان هڪ عورت کان خريد ڪئي هئي. جيڪا گرفتار ٿيڻ وقت بہ ان ڪاري اٽ تي سوار هئي. محمد بن قاسم پروسي جوڳن ماڻهن سان گڏي قلعي وارن سان ڳالهائڻ لاءِ ڪيس روانو ڪيو. هن قلعي وارن کي وڏي آواز سان پڪاري چيو تہ، "اي قلعي وارو! اوهان کي نيڪ صلاح ڏيڻ آئي آهيان، باهر نڪري منهنجي سامهون اچي بيهو." اهو ٻڌي لکين ماڻهن جو هڪ ٽولو مٿي قلعي جي پٽ تي چڙهيو. پوءِ راڻيءَ کين چيو تہ، " مان راجا ڏاهر جي زال راڻي لاڏي آهيان. اسان جو راجا ڪسي ويو آهي، جنهن جو سر جهنڊن سان گڏ عراق ۾ چٽ درالخلافہ ڏانهن موڪليو ويو آهي. توهان پاڻ کي برباد نہ ڪريو. خدا تعالىٰ قرآن ۾ چيو آهي: ولا تلقوا بايديكم الي التسهلكة (پاڻ کي برباد نہ ڪريو)" پوءِ هوءَ زاروزار روئڻ ۾ پار ڪيڻ لڳي. قلعي جي پٽ تي چڙهي بيئل ماڻهو کيس چئي رهيا هئا تہ، "تون ڪوڙ ٿي ڳالهائين. تون هنن چنڊالن ۾ ڦاڪي ڪائيندڙن سان ملي هڪ ٿي وئي آهين. اسان جو راجا اڃا جيئرو آهي. هو وڏو لشڪر، بيشمار گهوڙي سوار ۽ مست هاٿي ساڻ ڪري دشمنن کي تباهہ ڪرڻ لاءِ اچي رهيو آهي. تون عربن سان ملي پاڻ کي پليد ڪري ڇڏيو آهي. انهن جي حڪومت کي اسان جي ملڪي راج کان پليرو ٿي پائنين." اهڙي طرح هو کيس گاريون ڏيندا رهيا. هيءَ خبر

وڃي محمد بن قاسم کي پهتي. جنهن ڪري راڻي لاڏي کي واپس گهرائي ورتائين ۽ چيائين تہ "سلائيج جي گهراڻي کان بخت بيزار ٿي چڪو آهي."

هڪ جادوگر عورت جي ڏاهر جي وفات بابت خبر ڏيڻ

ڪن مورخن هيءَ روايت ڪئي آهي تہ الور جي شهر ۾ هڪ جادوگر عورت رهندي هئي. جنهن کي هتان جا رهاڪو "جوڳڻ" چوندا هئا. ڏاهر جو پٽ نوفي ۽ شهر جا ٻيا چگا مڙس وٽس ويا ۽ کيس چيائون تہ: "تون پنهنجي علم جي ذات وسيلي اسان کي ٻڌاءِ تہ راجا ڏاهر ڪٿي آهي؟" ان جادوگر عورت کين چيو تہ "مون کي هڪ ڏينهن جي مهلت ڏيو. انهيءَ لاءِ تہ جيئن جاچ پڙتال ڪري اوهان کي ڪري خبر ڏيان." پوءِ هوءَ پنهنجي گهر موٽي وئي. ٽن پهرن کان پوءِ هوءَ پنهنجي غيبي طاقت سان سراندیپ جي ٻيٽ مان مرچن ۽ جافر جي وڻ جي تازي ۽ سائي ٽاري، مکڙين، گلن ۽ ڦر سميت هٿ ۾ کڻي موٽي آئي ۽ اچي کين چيائين تہ: "مان قاف تائين ساري دنيا جو سفر ڪيو آهي. سنڌ ۽ هند جي ڪنهن بہ جاءِ تي راءِ ڏاهر جو نشان ڏسڻ ۾ ڪونہ آيو. نہ وري ڪا سندس خبر ٻڌم. جيڪڏهن هو جيئرو هجي ها تہ مون کان ڳجهو ڪونہ رهي سگهي ها. تنهن ڪري اوهان وڃي ڪو جوڳو بلو ڪريو. هن خبر جي تصديق لاءِ مان سراندیپ مان سايون ٽاريون اوهان وٽ کڻي آئي آهيان. جيئن اوهان جي مون ۾ ڪا بدگماني نہ ٽئي. مون کي پڪ ٿي وئي آهي تہ راجا روءِ زمين تي

جيئرو ڪونہ آهي."

محمد بن قاسم جو الور جي قلعي تي قبضو ٿيڻ

جڏهن محمد بن قاسم بابت ڳالهيون مشهور ٿيون تہ هتان جو عام ماڻهو چوڻ لڳو تہ: "محمد بن قاسم هڪ ديندار، سچار ۽ پرهيزگار ماڻهو آهي. نياءِ نيت پت جي اصول تي قائم آهي. ماڻهن سان اٺڻ ويهڻ ۾ بااخلاق ۽ سندس قول ۽ فعل ۾ ڪوبہ فرق ڪونہ ٿو ڏسجي. هن اڳي اهي ڳالهيون ڪنهن ٻڌيون هيون ۽ هاڻي اکين سان ڏسجي رهيون آهن. هاڻي اسان کي گهرجي تہ ڪي پروسي جوگا ماڻهو موڪلي ڪانئس امان گهرون ۽ قلعو سندس حوالي ڪريون." هوڏانهن جڏهن فوفي کي راجا ڏاهر جي ڪسڻ جي حقيقت معلوم ٿي تہ هو جڏهن ستارن جو بادشاهہ رات جي ڪاري پردي پٽيان لڪي ويو تہ پنهنجا لاڳاپي وارا تابعدار ۽ ڪٽنب جا ماڻهو ساڻ ڪري قلعي مان نڪري چتور (جئپور) (119) هليو. سندس پائر جيسيہ ۽ ٻيا اتي موجود هئا ۽ نزوالہ سندل (120) نالي هڪ ڳوٺ ۾ رهندا هئا. علاقين جو هڪ ماڻهو فوفيءَ سان گڏ الور ۾ رهندو هو. تنهن کي جڏهن فوفيءَ جي نڪري وڃڻ جي سڌ پئي تہ هن اها خبر هڪ ڪاڪر تي لکي تير ۾ ٻڌي عربن ڏانهن اڇلائي ڇڏي. جيڪا عربن جي فوجي واندي ۾ وڃي پهتي. پوءِ محمد بن قاسم پنهنجا چونڊ بهادر فوجي حملي لاءِ روانا ڪيا. جن قلعي تي چڙهي حملو شروع ڪري ڏنو.

الرور شهر جي رهواسين جي امان گهرڻ

جڏهن ماڻهن ڏٺو ته قلعو فتح ٿي ويندو ۽ فوڻي به قلعي مان نڪري هليو ويو آهي ته پوءِ اتان جي واپارين، ڪاريگرن ۽ عام ماڻهن محمد بن قاسم ڏانهن پيغام موڪليو ته " اسان برهمڻن جي رعيت هجڻ کان بس ڪئي. راجا ڏاهر قتل ٿي ويو. سندس پٽ فوڻي به اسان کي قلعي ۾ اڪيلو ڇڏي ڪيڏانهن هليو ويو ۽ اسان هيءَ ڏينهن ڪونہ ٿي گهريو. پر جڏهن هن ڳالهہ لاءِ الله جو حڪم صادر ٿي چڪو آهي. تڏهن اسان مخلوق کي تقدير سان مهاڏي ڏيڻ جي سگهہ کانہ آهي. دنيا جون بادشاهتون ڪنهن ماڻهوءَ جي ملڪيت ڪونہ هونديون آهن. جڏهن قضا جو لشکر غيب جي پردي مان حملو ڪندو آهي ۽ ڪن راجائن کان ڪنهن ٻهاڻي سان راڄ پاڻ ۽ ڇڏ اچي کسيندو آهي. ڪن راجائن کي زماني گذرڻ ڪن واقعن ۽ مصيبتن ڪري تباهہ ۽ برباد ڪيو آهي. تنهن ڪري نہ قديم بادشاهيءَ تي پروسو ڪري سگهجي ٿو نہ وري ڪنهن حڪمران تي ويساهہ رکي ٿو سگهجي. پر اصول اهو هڻڻ گهرجي ته حڪومت جنهن جي هٿن ۾ اچي اتي رهڻ ڏجي. انهيءَ ڪري هاڻي توسان فرمانبردار ۽ تابعدار رهڻ جو پڪو وچن ڪريون ٿا. تنهنجي نياءَ ۽ نيت پٽ پروسو ڪري تنهنجي تابعداري جو هار پنهنجي ڳچيءَ ۾ پائڻ ٿا گهرون ۽ هي قلعو امير عادل جي امينن جي حوالي ڪريون ٿا. اسان کي امان ڏئي لشکر جي قتل ۽ غارتگري کان بچايو ويجي. هي قديم بادشاهت ۽ وڏي امانت راجا ڏاهر اسان کي سونپي هئي. جيستائين هو جيئرو هو تيستائين اسان ان اڏاوت کي ڏرم سمجهي

نياهيندا آياسون. پر جڏهن راجا ڏاهر کسي ويو ۽ سندس فوجي به هليو ويو. تڏهن تنهنجي اطاعت ۽ تابعداري وڌيڪ مناسب ٿي ياڻئجي." تنهن تي محمد بن قاسم وراڻيو ته: "مان اوهان ڏانهن نه قاصد روانو ڪيو آهي ۽ نه وري ڪو نياپو نڙو موڪليو اٿم. اوهان پاڻ ۾ ايڪو ٻڌي ڪري امان گهرو ٿا ۽ فرمانبرداريءَ جو پڪو وچن ڪريو ٿا. جيڪڏهن اوهان جي نيت سچي آهي ته پوءِ جهيڙي کان هٿ جهليو ۽ اسان تي پورو پروسو ڪري قلعي تان لهي اچو. جي اوهان ائين نه ڪندؤ ته پوءِ جهيڙو ۽ ويڑ وڌندو ڪٽندو ڪونه. هن کان پوءِ اوهان جو ڪوبه عذر بهانو ڪونه ٻڌو ويندو. نه اهو قبول ڪنداسين. نه وري اوهان کي معافي ملندي انهن حالتن ۾ اوهان کي اسان جي لشکر جو ٻاڻ ٻپ ۽ چنتو ضرور ڪرڻ ڪپي."

اروڙ جو قلعو محمد بن قاسم جي حوالي ٿيڻ

ان کان پوءِ قلعي وارا پتين تان لهي آيا. پاڻ ۾ صلاح ڪري چيائون ته: "هن قلعي جو در کولي تيستائين بيهڻ گهرجي، جيستائين محمد بن قاسم اچي. ان سان ڳالهه ٻولهه ڪجي ته جيڪڏهن هو پنهنجي وچن تي پورو آهي، ته پوءِ اسان به سندس فرمانبرداري ڪنداسين ته جيئن هو اسان کي امان ڏئي. پر جيڪڏهن ڏئو وجي ته سندس من ميرو ۽ اندر ۾ ڪوٽ اٽس ته پوءِ اسان کي به ٽڪي ڪرڻي پوندي." پوءِ هو قلعي جون ڪنجيون ڪٽي دروازي وٽ آيا. حجاج جا امين جيڪي ٽياڪڙ هئا. سي پنهي ڌرين ۾ ٽاهه جو ذريعو ٻڌيا ۽

تاريخ سنڌ جا عربي ۽ فارسي ماخذ _____ 2455

قلعي وارا در کولي سنيري ويٺا.

محمد بن قاسم جو قلعي اندر داخل ٿيڻ

پوءِ محمد بن قاسم قلعي جي ڦاٽڪ وسيلي اندر داخل ٿيو. سندن اچڻ جو ٻڌي سڀ رهواسي (121) نووهار نالي هڪ وهار ۾ اچي گڏ ٿيا ۽ بت جي پوڄا ڪرڻ لڳا. محمد بن قاسم ته. "پڇيو هي ڪنهن جو گهر آهي. جو سڀ ننڍا وڏا ماٿهو گوڏا کوڙي سجدو ڪري رهيا آهن؟" ڪيس وراڻيائون ته. "هيءَ هڪ بتخانو آهي. جنهن جو نالو نووهار آهي." محمد بن قاسم جي چوڻ تي بتخانو کوليو ويو. هو پنهنجي امينن سان گڏ اندر ويو. جتي سنگ مرمر جي هڪ مور تي گهوڙي تي ويٺل هئي. جنهن کي ٻانهن ۾ لالن ياقوتن جي جڙاءَ سان سونا ڪنگڻ پاتل هئا. محمد بن قاسم هٿ ڌوکري بت جي هٿ مان هڪ ڪنگڻ لاهي ورتو. پوءِ نووهار جي مندر جي ٻائي کي سڏي چيائين ته: "توهان جو بت هي آهي؟" ان وراڻيو ته. "هائو." پر ڪيس ٻه ڪنگڻ هئا. جن مان هڪ ڪونه ٿو ڏيکارجي." محمد بن قاسم چيو ته: "اوهان جي معبود کي ايتري به خبر ڪانه ٿي پوي ته سندس ڪنگڻ ڪنهن لاٿو آهي ۽ ڪنهن وٽ آهي." ٻائي لڄي ٿي ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪيو. محمد بن قاسم مرکي ڪنگڻ کيس واپس ڏنو جو وري بت جي ٻانهن ۾ پارايو ويو.

محمد بن قاسم جو فوجي سپاهين کي قتل ڪرڻ جو حڪم ڏيڻ (122)

پوءِ محمد بن قاسم چيو ته. "فوجي سپاهين توڙي جو

فرمانبرداري لاءِ ڪنڊ جهڪايو آهي تہ بہ ڪين قتل ڪيو ويو.“ جنهن تي راڻي لاڏي چيو تہ. ”هن ملڪ جا ماڻهو رازا، واپاري ۽ ڪرمي ڪاسبي آهن. هيءَ شهر انهن ماڻهن جي پورهئي ڪري آباد ۽ سرسبز آهي. هنن جي محنت ڪري خزانو پريل رهي ٿو. جيڪڏهن ڪين قتل ڪندين تہ تنهنجو ڇڙ مال خزانو هليو ويندو.“ محمد بن قاسم چيو تہ. ”راڻي لاڏيءَ هيءَ فيصلو ڪيو آهي ۽ اهو اهو آهي تہ سيني کي ڇڙ امان ملي وئي.“

هڪ شخص جو باهر نڪري امان گهرڻ

هن تاريخ جا روايِ هن ريت ٻڌائين ٿا تہ جيڪي ماڻهو قتل ڪرڻ لاءِ جلادن جي حوالي ڪيا ويا هئا، تن مان هڪ شخص باهر نڪري آيو ۽ چوڻ لڳو تہ. ”مون وٽ هڪ اچرج جهڙي شيءِ آهي.“ جلاد چيس تہ. ”مون کي ڏيکار.“ هن وراڻيو تہ. ”امير کان سواءِ ڪنهن ڏيکاريندس.“ اها سڌ محمد بن قاسم کي ڏني وئي. جنهن چيو تہ. ”هيڏي وڏي اچوس.“ اچڻ سان ان ماڻهوءَ کان پڇيائين ”تو وٽ ڪهڙي اچرج جهڙي شيءِ آهي؟“ هن وراڻيو تہ: ”اهڙي شيءِ آهي، جيڪا ڪنهن اڳي ڏٺي نہ ڪانہ آهي.“ محمد بن قاسم چيو تہ ”ڏيکار.“ برهمڻ چيو تہ. ”انهيءَ شرط سان تہ مون کي منهنجي تابعدارن، اهل عيال، هارن ڀچن سميت امان ڏيندين.“ محمد بن قاسم چيو: ”امان ڏنم.“ ”برهمڻ چيو تہ ”پنهنجي مهر سان دستخط ٿيل پروانو ڏي.“ محمد بن قاسم ائين سمجهيو تہ وٽس املهہ هيرا جواهر يا ڪي قيمتي ڳهہ ڳٻا آٿس. سي وٽس پيش ڪندو. انهيءَ ڪري ڪيس

اهڙو پڪو پروانو ڏنو ويو. جڏهن اهو دستاويز لکجي پورو ٿيو تہ ڏاڙهيءَ جون ڳنڊيون کولي ان کي کنڊيڙيائين تہ وڃي سندس پيرن ۾ پئي. پوءِ ڏاڙهيءَ جو چوٽيءَ کي پير جي اڳوئي سان وکڙ ڏئي اتي بيهي ٽچڻ لڳو ۽ ورجائي ورجائي چوڻ لڳو: "اچرج جهڙي هيءَ شيءِ اڳي کنهن بہ کاڻ ڏٺي هوندي. جو منهنجي ڏاڙهي پيرن تائين پهچي ٿي." محمد بن قاسم ايڏي ڏگهي ڏاڙهي ڏسي عجب ۾ پئجي ويو. پر اتي جيڪي ٻيا ماڻهو موجود هئا. تن چيو تہ. "هي تہ عجيب شيءِ کاڻ آهي. جنهن کي وسيلو ٻڌائي اسان کان امان گهري اٿس." محمد بن قاسم چيو "وچن وچن آهي. پنهنجي واعدي تان ڦرڻ مڙس جو ڪم نہ آهي. جيڪو ماڻهو پنهنجي واعدي تان ڦرندو آهي. اهو دغاباز هوندو آهي ۽ اهو ماڻهو جيڪو پنهنجي وچن کي مان ڏيندو آهي. اهو ايترو تہ عظيم هوندو آهي. جنهن جو اوهان تصور بہ ڪري ڪونہ ٿا سگهو. اسان هن ماڻهوءَ کي قتل ڪونہ ٿا ڪريون ۽ کيس قيد ٿا ڪريون ۽ حجاج بن يوسف جي خدمت ۾ عرض ٿو ڪريان تہ هن ڏس ۾ هو ڇا ٿو فرمائي؟" پوءِ ان ماڻهوءَ جي ٻہ سو ويجهن مائٽن ۽ لاڳاپي وارن کي قيد ڪيو ويو ۽ حجاج بن يوسف جي راءِ معلوم ڪرڻ واسطي ڏانهس خط روانو ڪيو ويو. حجاج بن يوسف هيءَ معاملو بصري ۽ ڪوفي جي عالمن کان پڇيو ۽ وقت جي خليفي وليد بن عبدالملڪ کي بہ اهڙو اطلاع ڏنو ويو. خليفي ۽ علمائن جو جواب پهتو تہ. "رسول الله صلي الله علي وسلم جي اصحابن جي زماني ۾ اهڙيون ڳالهيون فيصل ٿي چڪيون آهن. الله تعالي جو بہ اهڙو حڪم آهي تہ: رجال صدقوا مان عاهدوا الله عليہ اهي ماڻهو سچا

آهن. جيڪي الله خاطر پنهنجي واعدن تي قائم آهن." جڏهن مٿان اهڙو حڪم پهتو تہ ان ماڻهوءَ کي سيني لاڳاپي وارن ۽ اهل عيال سميت معاف ڪري آڇو ڪيو ويو.

جيسيہ جو ڪيرج ڏانهن وڃڻ

ڇيو ويندو آهي تہ جڏهن جيسيہ پنهنجي ست سو ماڻهن گهوڙي سوارن ۽ پيادل فوج سان گڏ ڪورج (123) پهتو تہ ان ملڪ جي راجا اڳتي وڌي سندس آجيان ڪئي. ڪيس دلداريون ڏئي دل ٻڌائي چيائين تہ: "توکي اسلامي لشڪر خلاف ضرور مدد ڏيندس." دروهر (124) راءِ جي رسم هئي تہ هر ڇهماهي کان پوءِ هڪ ڏينهن واندو ٿي زالن سان گڏ شراب پيئندو ۽ نچندو هو. ڪنهن بہ اوپري ماڻهوءَ کي سندس خلوت خاني ۾ وڃڻ جي موڪل ڪانہ هوندي هئي. اتفاق اهو ٿيو جو جڏهن جيسيہ پٽ ڏاهر اتي پهتو تہ تڏهن اهو راجا دروهر جي جشن وارو ڏينهن هو. جيسيہ ڏانهن ماڻهو موڪلي ڪيس چيائين تہ. "اڄ اسان جي خلوت جو ڏينهن آهي. اسان جي هن خلوت خاني ۾ ڪوبہ اوپرو ماڻهو اچي ڪونہ سگهندو آهي. پر تون اسان جو پيارو مهمان آهين ۽ پنهنجي پٽ جي جاءِ تي آهين. تنهن ڪري قدم رنج فرمائي هيڏانهن هليو اچ." راجا جي اهڙيءَ آڇ تي جيسيہ زالن واريءَ محفل ۾ وڃي ويٺو. جيسيہ مجلس ۾ ويٺو هو پر هيٺ ڪنڊ ڪري زمين تي ليڪا پئي ڪڍيائين ۽ اک ڪٽي عورتن ڏانهن ڏٺائين بہ ڪونہ پئي. دروهر ڪيس چيو تہ. "هي عورتون تنهنجي مائرن ۽ پينرن سمان آهي. بيشڪ ڪنڊ مٽي ڪري هيڏانهن

هوڏانهن ڏس." جيسيءَ کيس وراڻيو تہ "اسان برهمڻ آهيون ۽ نامحرم عورتن ڏانهن ڪونہ ڏسندا آهيون." پوءِ راجا دروهر کيس زالن ڏانهن ڏسڻ جي معافي ڏني ۽ سندس لڇ، حياءَ ۽ شرم جي تعريف ڪرڻ لڳو. چيو وڃي ٿو تہ اتي مجلس ۾ جيڪي زالون اچي گڏ ٿيون هيون. تن ۾ راجا دروهر جي پيڻ بہ شامل هئي. جنهن جو نالو "چگي" هو جنهن جي معنيٰ آهي سهڻي سيبتي. اها چوڪري واقعي ڏاڍي سهڻي هئي. سندس واسطو بہ شاهي گهراڻي سان هو. سندس منهن مهانديءَ ۾ موهہ بہ ڏاڍو هو. قد صنوبر جهڙو صورت نازڪ، سيرت سهڻي، ڳالهائڻ پڻ موتين مالها، آواز مٺو. اکيون نظاريدار ڳل لال ۽ موتين مٽ. جيسيءَ کي ڏسڻ سان مٿس موهت ٿي پئي. کيس هر گهڙي ڏسندي ۽ سندس خوشامد ڪندي رهي.

جيسيءَ جڏهن پنهنجي رهائشگاهہ ڏانهن هليو ويو تہ راجا دروهر جي پيڻ چگيءَ بہ پنهنجي گهر هلي وئي ۽ ڏولي تيار ڪرائي هانهين کان کٽائي ان جاءِ ۾ آئي جتي جيسيءَ رهندو هو ۽ چگيءَ جي پهچڻ مهل کيس ننڊ هئي. راجمڪاري چگيءَ مان شراب جي بوءِ اچي رهي هئي. جڏهن اها جيسميءَ جي دماغ ۾ پهتي تہ هو جاڳي پيو ۽ راجڪماري چگيءَ کي پنهنجي پاسي ۾ ويٺل ڏسي ٽپ ڏئي اٿيو ۽ چيائين، "شهزاديءَ جو ڪهڙي ڪم سان اچڻ ٿيو آهي ۽ هن ريت ڪيئن آيا آهيو؟" راجڪماريءَ چيو تہ، "اي احمق! هن ڳالهہ پڇڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. هڪ سهڻي ۽ جوان عورت ڪاريءَ رات ۾ تو جهڙي شهزادي جي ديدار لاءِ اچي. مٺيءَ ننڊ مان جاڳائي توسان سمهڻ ٿي چاهي. مون جهڙو سهڻو محبوب جنهن جي لاڏ ڪوڏ تي

ساري دنيا چري آهي. سندس ملڻ لاءِ سارو جهان ديوانو آهي. شهزادي کان هي ڳالهه ڳجهي نه رهڻ گهربي هئي ۽ حقيقت حال کي بہ چگي ريت سمجهي وڃڻ گهربو هو. شهزادا هن وقت کي صبح ٿيڻ تائين هڪ نعمت سمجهڻ گهرجي." جيسيہ وراڻيو تہ "اي راجا جي نياڻي! اسان کي پنهنجي نڪاح ۾ڏي زال کان سواءِ ڪنهن ٻي نامحرم عورت سان ميل ميلاپ رکڻ جي سگهہ کانہ آهي. ڇاڪاڻ تہ اسان برهمڻ راهب، متقي ۽ پرهيزگار آهيون. اسان جهڙن ماڻهن کي اهڙا پتا ڪم منهن تي ڪونہ ٿا پون. خبردار جو اسان کي هن مهاپاپ جي پڇري ۾ ڦاسائڻ جا جتن ڪيا اٿئي." راجڪماريءَ گهٽيون منٽون ڪيون پر راجڪمار جيسيہ ڏانهن اک کڻي نهاريو بہ ڪونہ ۽ ڪيس ٻاهر ڪڍي ڇڏيائين.

چگيءَ جو جيسيہ کان ناميد ٿيڻ

اهڙي ريت ناميد ٿيڻ تي چگيءَ چيو تہ: "اي جيسيہ! تو مون کي هنن خوشين کان محروم ڪيو آهي. مان هاڻي پڪو ارادو ڪيو آهي تہ پهريائين توکي تباهہ ڪريان پوءِ مان پاڻ کي باهہ ۾ سڙي سڙي رک ٿي وڃان. پوءِ هوءَ پنهنجي گهر هلي وئي ۽ ڪپڙا بدلائي سمهي پئي. هو رات کان وٺي برهہ جي باهہ ۾ پچي ۽ پڇري رهي هئي.

ٻئي ڏينهن جڏهن ستارن جو بادشاهہ آسمانن جي برجن مان نڪتو ۽ رات جو سرمائي پردو ڦاڙي ڦٽو ڪيو تڏهن بہ چگي ستي پئي هئي. شراب جي نشي سان گڏ محبت جو نشو گڏجي ويو هو ۽ منجهند تائين مٿان ڪپڙو نائيو ستي پئي هئي. هوڏانهن راجا دروهر

جو حال وري اهڙو هوندو هو جو جيستائين راجمكاري چڱي نہ ايندي هئي. تيستائين كائيندو ۽ پيئندو ئي كونہ هو. سندس گهٽي عزت ۽ احترام كندو هو. راجكماري دير كئي تہ هو پيٽ جي جاءِ تي ويو. كيس غمگين ۽ پريشان ڏسي چيائين تہ. "اي پيٽ! اي راجكماري! توكي چا ٿيو آهي. جو تنهنجو لال جهڙو منهن ميرو ۽ هيبو ٿي ويو آهي؟" چڱيءَ كيس وراٽيو تہ. "اي راءِ زادا هن كان وڌيك ٻيو كهڙو كلور ٿيندو هن احمق سنڌيءَ مون كي عيش عشرت واري محفل ۾ ڏسي ورتو هو. سو كلهہ رات جو سراءِ ۾ لنگهي اچي مون كي پاڻ ڏانهن كونڊ لڳو. منهنجو نيك بخت ۽ پاكدامن جو پلاند كڏهن پليديءَ جي غبار سان ميرو نہ ٿيو آهي. هن پنهنجي گناهن جي گندگيءَ سان گندو كرڻ ۽ منهنجي پاكائيءَ جي پردي كي چاك كرڻ پئي چاهيو. راجا هن كان اهڙو بدلو ضرور ونڊ گهرجي. جيئن هن كان پوءِ كوبہ نالائق هن قسم جي خيانت ۽ دستا اندازي جي جرائت نہ كري سگهي. اڳا ڳالهہ ٻڌي دروهر جي غضب جي باهہ ۾ڙكي پئي ۽ پيٽ كي چيائين: "هو اسان جو مهمان آهي. هن كان علاوه راهب ۽ برهمڻ بہ آهي اسان كي مدد لاءِ پكاريو اٿس ۽ هك هزار جنگي جوڌا بہ ساڻ اٿس ان كري كيس كهي كونہ سگهبو چو تہ اسان جا ٻيٽا ماٺهو كسي ويندا. سندس كهڻ لاءِ هك ست سٽيان ٿو پر هن اهڙي كا زيادتي بہ كانہ كئي آهي. تنهن كري كو ڏڪو داب بہ كري كونہ ٿو سگهجي."

دروهر جي جيسيم سان دغابازي ۽ چگيءَ جو ساٽس مڪر ڪرڻ

پوءِ دروهر پنهنجي گهر اچي ہن هٿياربند جلادن ڪبير پدر (125) ۽ پيو کي گهرائي چيو: "مان اڄ منجهند کان پوءِ جيسيم کي گهرائي سندس ماني ڪندس. ماني کائڻ کان پوءِ اڪيلائيءَ ۾ ساٽس چوپڙ ڏاري راند کيڏندس. توهان ہٿي هٿيارن سميت تيار رهجو. جڏهن آءٌ چوان تہ "راجا مات ٿي ويو" تڏهن توهان تراريون ڪڍي جيسيم کي ڪهي ڇڏجو."

هن ڳالهہ جي هڪ سنڌيءَ کي سڌ پئجي وئي. هو ڏاهر جو ٽهليو هو ۽ دروهر جي خاص ماڻهن سان سندس دوستي هئي. هن ساري حقيقت جيسيم کي ٻڌائي. مانيءَ کان پوءِ جڏهن دروهر جو نوڪر راند رهڻ لاءِ جيسيم کي سڏڻ آيو تنهن وقت جيسيم پنهنجي جانبازن ہن ٽکرن کي گهرائي چيو تہ. "اي گورسيم (126) ۽ سورسيم مان راجا دروهر جي مهماني تي وڃان ٿو. توهان پورا هٿياربند ٿي مون سان هلو. مان دروهر سان چوُپڙ ڏاري راند رهندس. توهان هوشيار ٿي دروهر مٿان بيهي رهجو. جيئن هو ڪا لچائي يا ڪا ٽگي نہ ڪري سگهي."

جيسيم جو ہن هٿياربندن کي ساڻ ڪري اچڻ

اهڙي ريت هو راجا دروهر جي دربار ۾ پهتا. هوڏانهن دروهر ڪنهن کي اهڙو حڪم ڪونہ ڪيو هو تہ جيسيم سان گڏ ہين کي اندر نہ ڇڏجو. تنهن ڪري ہئي بهادر ساٽس گڏجي دربار ۾ هليا آيا ۽ اوچتو ئي اوچتو اچي دروهر مٿان بيهي رهيا. راند پوري ٿيڻ تي

پنهنجن ماڻهن کي مخصوص اشاري ڏيڻ لاءِ ڪنڌ مٽي ڪيو. پر ٻ ماڻهو هٿيارن سان تيار ۽ هوشيار ٻيئل ڏسي پشيمان ٿيو ۽ چيائين تہ. "راجا مات نہ ٿيو. تنهن ڪري انهيءَ گهٽي کي ڪهڻ نہ ڪپي." جيسيء سمجهي ويو تہ ڪيس ڪهڻ جو اهو اشارو هو. پوءِ اتان موٽي پنهنجي رهائشگاهہ تي پهتو ۽ گهوڙن سنجڻ جو حڪم ڏنائين. ايتري ۾ جيسيء وهنجي هٿيار پنهوار پائي پنهنجي لشکر کي تيار ٿي مٽي ويهڻ لاءِ چيو. هوڏانهن دروهر پنهنجو هڪ پروسي جوگو ماڻهو انهيءَ مقصد سان موڪليو تہ جيسيء چاٽو ڪري. ان ماڻهوءَ موٽي اچي راجا کي چيو تہ. "رحمت هجي انهيءَ ماڻهوءَ تي جنهن جي ذات پرهيزگاريءَ جي زيور سان سينگاريل هئي. سندس بنياد سڳورو ۽ اخلاق سٹا هٹا. جيڪو هميشہ خوف ۽ اميد ۾ رهي طهارت ۽ پاڪيزگيءَ جي ڪوشش ڪندو رهيو."

چون ٿا تہ جيسيء وهنجي سهنجي ماني کائي هٿيار ڌڪي گهوڙي تي سوار ٿيو. وهٽن تي سامان لڏرائي راجا دروهر جي سراءِ جي آڏو آيو. کانئس موڪلائڻ کان سواءِ کيس الوداع چئي. پنهنجي وڃڻ جي جاڻ ڪري پنهنجن دوستن ۽ تابعدارن سان گڏ اڳتي روانو ٿي ويو. هلندو وڃي جالهندر جي سرحد پرسان (127) ڪسه Kassa ملڪ ۾ پهتو. هتان جي راجا جو نالو بلهرا هو ۽ هتان جون عورتون هن کي آستان شاهہ (128) سڏيندیون هيون. هو حضرت عمر بن عبدالعزيز جي خليفي ٿيڻ تائين اتي رهيو. ان زماني ۾ عمرو بن ملسم جي حڪومت جي حڪم سان هن ڪاني ملڪ فتح ڪيو هو.

جيسيہ جي بهادري ۽ اهڙي نالي رکڻ جو سبب

الور جي ڪن برهمڻن جو چوڻ آهي تہ "جيسيہ پٽ ڏاهر پنهنجي سورهيائي ۽ ڏاهپ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو." سندس جنم جي ڳالهہ هن ريت ڪئي ويندي آهي تہ هڪ ڏينهن راجا ڏاهر شڪار تي ويو. اهو شڪار گاهہ شهر جي پرسان هو. هڪ پاسي ڪتا، چيتا ۽ بگهڙ هرڻن تي ڇڏيا ٿي ويا تہ ٻئي پاسي شاهين، باز ۽ شڪرا هوا ۾ اڏايا ٿي ويا. ان وقت اوچتو هڪ شينهن نڪري آيو جيڪو ماڻهن جو رستو روڪي بيهي رهيو. جنهن ڪري شڪار تي آيل ماڻهن ۽ لشڪر ۾ رڙيون ۽ دانهوڙ پئجي وئي. راجا ڏاهر ان وقت گهوڙي تي سوار هو ۽ هيءَ حالت ڏسي گهوڙي تان لهي پيادو ٿي اڇي شينهن جي سامهون ٿيو. جيڪو وڙهڻ لاءِ براٽو بيٺو هو. راجا ڏاهر ڇا ڪيو، جو پنهنجي هٿ تي چادر ويڙهي حملہ آور شينهن جي وات ۾ وجهي ترار هٽي سندس ٻئي ڇنگهون قلم ڪري ڇڏيائين. تنهن کان پوءِ وات مان هڏ ڪڍي ترار هٽي سندس پيٽ ۾ ڦاڙي وڌائين. هوڏانهن جيڪي ماڻهو شڪار جي ميدان تي بيٺا هئا، سي شينهن جي ڊپ کان پڇي گهرن ۾ پهتا. تن اچي راڻيءَ کي راجا ڏاهر جي شينهن سان ڳنڍجڻ جي ڳالهہ ٻڌائي. راجا ڏاهر جي زال پيٽ سان هئي. هوءَ خبر ٻڌڻ سان بيهوش ٿي وئي. ڇاکاڻ تہ هوءَ پنهنجي مڙس سان بي انتها محبت ڪندي هئي. جيستائين راءِ ڏاهر شڪار تان موٽي آيو، تيستائين عورت هن فاني جهان مان لاڏاٽو ڪري وئي. ڏاهر اڇي ڏانو تہ زال مئي پئي آهي، پر سندس پيٽ ۾ ٻار ڦٽڪي رهيو آهي. جنهن کي داين جي حوالي ڪيو ويو. ان ٻار جو نالو جيسيہ رکيو ويو. جنهن

جي عربي معنيٰ ٿيندي"المظفر بالاسد" ۽ فارسي ۾ ان جو مطلب ٿيندو "شير فيروز"(129)

احنف بن قيس جي ڏوهٽي رواح بن اسد جو اروڙ جو حاڪم مقرر ٿيڻ

ڪنوارين کي سنواريندڙ ۽ باغ جي هنن ٻوٽن جي رکوالي ڪندڙ علي بن محمد بن سلمه بن محارب ۽ عبدالرحمن بن عبد ربه السطي هن ريت روايت ڪئي آهي ته جڏهن محمد بن قاسم سنڌ جي راجڌاني الور ۽ اتان جي مٿير مڙسن کي تابعدار ۽ فرمانبردار بڻايو ته احنف بن قيس جي ڏوهٽي رواح بن اسد کي الور جي گورنر ڪيو ويو. شرعي ڪاروبار ۽ دارالقضا جو ڪم ۽ خطابت وارو عهدو صدر الامام الاجل العالم برهان الملته والدين سيف السنته ونجم الشريعته موسيٰ بن يقعوب بن طائي بن محمد بن موسيٰ بن شيبان بن عثمان ثقفي جي حوالي ڪري حڪم ڪيائين ته: رعيت جي دلجوئي واجب سمجهي وڃي. يامرون بالمعروف وينهون عن المنڪر يعني نيڪيءَ لاءِ تاڪيد ۽ بديءَ کان منع جو حڪم مهمل نه رهي. ٻنهي ڇٽن کي رعيت مان پلائيءَ ۽ نرمي ڪرڻ جي پارت ڪري حڪومت ڪرڻ جو پروانو ڏنائين. اتان پوءِ منزل پٽي پيش قدمي ڪندو وڃي يابيبه (130) Yabiba نالي هڪ قلعي وٽ پهتو جيڪو بياس نديءَ جي ڏکڻ پاسي هڪ قديم ماڳ آهي. اتان جو حاڪم ڏاهر پٽ چچ جو سؤٽ ڪڪسو پٽ چندر هو.

ڪڪسو جو محمد بن قاسم (131) وٽ اچڻ

ڪڪسو پٽ چندر سلائيج، ڏاهر سان گڏ لڙائيءَ ۾ موجود هو. اتان شڪست کائي پوءِ اچي انهيءَ قلعي ۾ لڪو هو. اسلامي لشکر جي ويجهي اچڻ تي دل ۾ ضمانت خدمت ۾ موڪلي ڏني هئائين. راوتن ۽ وڏيرن جي سندس خدمت ۾ حاضر ٿي امان حاصل ڪئي هئي ۽ هو ساڻن مهرباني‌ءَ سان پيش آيو ۽ مٿن گهٽيون نوازشون ڪيون هئائين ۽ کانئن پڇيائين تہ: هي ڪڪسو الور جو رهاڪو آهي؟ اتان جا سڀ ماڻهو ڏاها، ڏات ڏٺي، سچار ۽ پرهيز گار هوندا آهن. تنهن ڪري کيس امان ٿي ڏجي. هو پوري ويساهہ سان اسان سان ملي سگهي ٿو. ننديءِ وڏي معاملي جي ڏس ۾ هن کان صلاح مشورو ورتو ويندو ۽ کيس صلاحڪار وزير بڻايو ويندو. ڪڪسو هڪ ڇاڻو ماڻهو هو ۽ ڪڏهن بہ سندس صلاح کان ٻاهر ڪونہ ويندو هو. هو سڀني اميرن ۽ سپہ سالارن جو اڳواڻ هو. ڏلون ۽ آس پاس جي ملڪ جو انتظام سندس هٿ هيٺ هو. ملڪ جو خزانو بہ سندس مهر سان ئي داخل خارج ٿيندو هو ۽ هر هڪ لڙائيءَ ۾ محمد بن قاسم سان گڏ هوندو هو ان ڪري سندس نالو "مبارڪ شير" رکيو هئائين.

سڪ ۽ ملتان (132) جي فتح

ڪڪسي سان لاڳاپيل معمالا ٺيڪ ڪري محمد بن قاسم اتان منزل پٽي اڳتي وڌندو وڃي اسڪلنده (133) جي قلعي ٻرسان پهتو. جيڪو بياس کان ٻئي پار هو. قلعي وارن ماڻهن کي جڏهن

عرب فوج جي اچڻ جي سڌ پئي تہ ڪونڊ قطاري مهاڏي ڏيڻ لاءِ باهر نڪري آيا. عرب لشڪر جي اڳواڻي رواح بن عمير الطافي (134) ءِ ڪئي ڪري رهيا هئا. ٻنهي ڌرين طرفان اهڙا حملا ٿيا جو رت جون نديون وهي هليون. عربن ٻيهريءَ جي نماز کان پو هڏوهڻ حملو ڪيو. مشرڪن عربن جي حملي جو تاب نہ سهي قلعي ۾ وڃي پناھ ورتي. عرب فوج اهو ڏسي قلعي مٿان منجنيقن سان پٿر وسائڻ شروع ڪيا. اهڙيءَ ريت ست ڏينهن جنگ جاري رکيائون. ملتان جي راجا جو پائٽيو هن قلعي ۾ موجود هو. تنهن مسلمانن تي اهڙيءَ شدت سان حملا ڪيا جو سندن کاڌو خوراڪ کٽي پئي ۽ ڪٽان بہ ملي ڪانہ ٿي سگهي. آخرڪار اسڪلنده (135) قلعي جو نگهبان باهر نڪري وڃي سڪ ۾ لڪو. جيڪو راوي درياھ جي ڏاڪڻين پاسي هڪ مضبوط قلعو آهي. جڏهن قلعي وارن کي سڌ پئي تہ سندن اڳواڻ نڪري هليو ويو آهي تہ اتان جي واپارين. ڪاريگرن ۽ رعيت جي عام ماڻهن محمد بن قاسم ڏانهن پيغام موڪليو تہ: "اسان رعيت آهيون. اسان جو اڳواڻ نڪري هليو ويو آهي. تنهن ڪري اسان کي امان ڏيو" محمد بن قاسم واپاري. ڪاريگرن ۽ رعيت جي عام ماڻهن کي امان ڏئي قلعي ۾ داخل ٿيو. چئن هزارن هٿياربند فوجين کي قتل ڪيائين ۽ سندن لاڳاپي وارن کي غلام بڻايو ويو. پوءِ عتبہ بن سلم تميمي کي اتان جو گورنر بڻائي پاڻ سڪ ۽ ملتان ڏانهن روانو ٿيو. اهو قلعو راوي نديءَ جي ڏاڪڻينءَ ڪنار سان واقع هو. بجهراءِ تاڪيءَ جو ڏوهتو اتان جو حاڪم هو. (136) جڏهن ڪيس عربن جي منزل ڪرڻ جي سڌ پئي تہ ساٽن جنگ شروع ڪري ڏنائين. ڏاڙي جڏهن

عرب فوج قلعي جي سامهون اچي جنگ ڪندي هئي تہ قلعي وارا باهر نڪري اچي سندن سامهون ٿيندا هئا. سترهن ڏينهن تائين سخت جنگ هلي. هن جنگي ڪارروائي ۾ ويهه ڇٽا نالیوارا بهادر شهيد ٿيا ۽ شامي لشڪر مان ٻہ سو پندرهن ماڻهو ماريا ويا. راجا بجهراءِ راوي ندي اڪري پار ملتان هليو ويو. محمد بن قاسم متين دوستن جي شهيد ٿيڻ ڪري قسم کنيو هو تہ فتح ٿيڻ کان پوءِ سڪ جي قلعي کي ڌاهي پٽ ڪري چڏيندس. قلعو جڏهن فتح ٿيو تہ سندس حڪم سان ان کي ڌاهي ناس ڪيو ويو ۽ ماڻهن کي ڦري لٽي شهر پڙپانگ ڪري چڏيائون (138) ان کان پوءِ شهر کان هيٺان پٽڻ درياه اڪري ملتان ڏانهن راهي ٿيا. (138) سندن اچڻ جو ٻڌي بجهراءِ اچي سامهون ٿيو.

محمد بن قاسم جي پٽڻ جي مهاڻن سان جنگ ڪرڻ

ان ڏينهن صبح کان شام ٿيڻ تائين سخت لڙائي ٿيندي رهي. جڏهن دنيا ڏنجهيل ۽ ڏکويلن جهڙي ڪاري رلي اوڍي ۽ ستارن جو بادشاهہ غروب جي پردي پٺيان لڪي ويو تہ ٻئي ڏريون پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن روانيون ٿيون. ٻئي ڏينهن جڏهن صبح صادق اونداهيءَ جي پردي مان نڪري نروار ٿيو ۽ ساري دنيا روشن ٿي تہ ٻيو پيرو جنگ شروع ڪئي وئي. ان ڏينهن بہ ٻنهي ڌرين جا ڏاڍا ماڻهو قتل ٿيا ۽ اهڙي قسم جي جنگ لڳاتار هلندي رهي. پرين ۾ مهينن تائين قلعي مٿان منجنيقون ۽ (139) غڏرڪ. پٿر ۽ تير وسائيندا

رهيا. نيٺ حالت اها وڃي رهي جو عرب فوج ۾ کاڌي خوراڪ جي اٽاٽ ٿي وئي. ايتري تائين جو گڏهه جي منڊي به پنج سو درهمن ۾ وڪامڻ لڳي. راءِ ڏاهر جي ياڻٽي گورميه پٽ چندر ڏنو ته عرب جي فوج ۾ اهڙين مشڪلاتن هوندي به ڪو لوڏو ڪونه آيو آهي. پر اڃا به وڌيڪ استقامت سان وڙهي ۽ وڌي رهيون آهن ته هو بچاءَ جو آسرو لاهي ويٺو ۽ ڪشمير جي راجا ڏانهن هليو ويو. ٻئي ڏينهن جڏهن عربن قلعي تي حملو ڪيو ۽ جهيڙو شروع ٿيو ۽ ڪٽان به قلعي کي کاٽ لڳي ڪونه ٿي سگهيو ته قلعي مان هڪ ماڻهو ٻاهر نڪري آيو ۽ اڇي امان گهريائين. محمد بن قاسم کيس امان ڏني. پوءِ ان ماڻهوءَ جي ڏس ڏيڻ تي ندي‌ءَ جي ڪناري لڳ (140) اتر طرف کان قلعي کي کاٽ هنيو ويو. ٻن ڏينهن جي جاکوڙ کان پوءِ ان پاسي واري قلعي جي ڀت اڇي پٽ پئي ۽ قلعو فتح ٿي ويو. ڇهه هزار جنگي قيدي قتل ڪيا ويا. انهن جي لاڳاپي وارن ۽ تابعدارن کي جنگي باندي بڻايو ويو. واپارين، ڪاريگرن ۽ هارين کي امان جو پروانو ڏئي محمد بن قاسم کين چيو ته: "هاڻي جڏهن قلعو فتح ٿي چڪو آهي تڏهن اوهان تي واجب آهي ته پنهنجي مال مان دارالخلافه جي خزاني لاءِ ڏل ۽ فوجن جو حصو ادا ڪريو. جيڪي هيڏي تڪليف کائي سختي سهي جان جي بازي لڳائي اوهان جي قلعي کي کاٽ هٽي ۽ لڙائيءَ ۾ مشغول رهيا آهن."

قرلٽ جي مال جي ورهاست

پوءِ شهر جا مکي ماڻهو ۽ ڪلاتري اڇي وٽس گڏ ٿيا. فوج ۾

سٺ هزار درهم چاندي ورهائي وئي. هر هڪ گهوڙي سوار کي خاص طور چارسو درهم چاندي ملي. پوءِ محمد بن قاسم چيو ته. "دارالخلافہ جي خزاني واسطي ڪن مستقل آمدنيءَ جي ذريعن تي سوچڻ گهرجي." انهن ڳالهين تي سوچي رهيا هئا ته ان وقت هڪ برهمڻ اتي آيو. جنهن چيو ته. "جڏهن ڪافرن جي حڪمرانيءَ جو دور پورو ٿي ويو آهي. بتخانا ڍهي ويا آهن. دنيا اسلام جي نور سان چمڪي رهي آهي. مندرن جي جاين تي مسجدون اڏجي رهيون آهن. تڏهن آءٌ اوهان کي هڪ سچي ڳالهہ ٻڌايان ٿو. ملتان جي جهونڊن کان هي ٻڌو ويو آهي ته ڪنهن آڳاڻي سمي جبوين نالي (141) هتان جو هڪ راجا هو. جيڪو ڪشمير جي راجا جي اولاد مان هو. هو هڪ برهمڻ هو. پنهجي ڏرم سان سچو ۽ راهب هو. هو سدائين بتن جي پوجا ۾ رڌل رهندو هو. جڏهن سندس خزانو ڳٽپ کان گهٽو ٿي ويو ته هن ملتان کان ايرندي ڏس تي هڪ سو گز همچورس هڪ تلاءُ ٺهرايو. جنهن جي وچ ۾ پنجاهہ گز همچورس هڪ مندر جوڙايو هئائين ۽ ان جي هيٺان هڪ تهہ خانو ٺهرايو ويو هو. جنهن ۾ چاليهہ مٽ رکيل هئا. جيڪي آفريڪي سون جي پوري سان ڀريل هئا. مذڪوره تهہ خاني مٿان مندر جوڙيل آهي. جنهن ۾ ڳاڙهي سون جو هڪ بت رکيل هو. ان تلاءُ جي چوڌاري وٽن جون قطارون نظر ايندیون." مورخن. علي بن محمد مدائنيءَ کان هي روايت نقل ڪئي آهي. جنهن چيو ته ابو محمد هنديءَ کان ٻڌو اٿم ته اها ڳالهہ ٻڌي محمد بن قاسم پنهنجي وزيرن. گورنرن ۽ خاص مهمانن سان گڏجي ان مندر ۾ اچي اهو بت ڏٺائين ته اهو واقعي سون جو ٺهيل هو ۽ سندس هن اکين واري جاءِ تي ياقوت رکيل هئا.

محمد بن قاسم جي پلجي پوڻ

محمد بن قاسم اهو بت ڏسي سمجهيو ته کو ماڻهو آهي. سو کيس ڏک هٽڻ لاءِ ترار کڌيائين. مندر جي ٻائي کيس چيو ته، "اي عادل اميرا! اهو ته بت آهي جنهن کي ملتان جي راجا جبوين (142) Jibawin ٺهرائي هن مندر ۾ رکايو هو. جيڪو هن مندر ۾ خزانو پوري وفات ڪري ويو آهي." محمد بن قاسم پوءِ ان بت کي کڻڻ جو حڪم ڏنو. جنهن جي هيٺان ۾ سو ٽيٽيهه من سون ۽ چاليهه مٽ سون جي ٻوري سان پريل نظر آيا. ڪل تيرهن هزار ۾ سو من سون مليو. جيڪو بت هيٺان تهه خاني مان هٿ لڳو. اهو سون، بت ۾ هيرا جواهر کڻي خزاني ۾ پهچايا ويا. هن کان علاوه ملتان شهر جي رهواسين کي ڦري لٽي اهو مال غنيمت به ان ۾ شامل ڪيو ويو.

ابوالحسن همداني کان روايت آهي. جنهن اها ڳالهه خريم بن عمر کان ٻڌي ته جنهن ڏينهن مندر کولي خزانو کنيو ويو. انهيءَ ڏينهن حجاج وٽان خط پهتو جنهن ۾ لکيل هو ته: "اي سوٽا! جنهن وقت تو لشکر ساڻ ڪري سنڌ تي حملو ڪيو هو ته لشکر جي ڪاهه وقت مان ضامن هيس ته لشکر جي تياري ۽ حملي تي جيڪو به خرچ ايندو خليفه وليد بن عبدالملڪ پاران آءُ پري ڏيندس. پر انهيءَ کان ٻيٽو بلڪ ٽيٽو پري ڏيڻ منهنجي ذميواري آهي ۽ پتو پيو آهي ته محمد بن قاسم جي تياريءَ ۾ ست هزار درهم تور جيتري چاندي خرچ آئي آهي. هن وقت تائين جيڪي کپڙا، قيمتي سامان، روک پئسا ۽ جنس هيڏانهن موڪلي آهي تن کي تاريخوار درج ڪيو ويو آهي. ان کان پوءِ توڙانهن هڪ سو ويهه هزار

درهم (143) تور جيتري خالص چاندي حساب رهت آهي. جيڪا توڪي هيڏانهن موڪلڻي آهي. جتي به ڪا پرائي جاءِ يا ڪو نالي وارو شهر نظر اچي تہ اتي مسجدون ۾ منبر ضرور اڏيا وڃن. ان سان گڏ سڪو ۾ خطبو خليفي جي نالي پڙهيو وڃي. تون سولي ستياري ۾ سڳوري گهڙيءَ هتان لشڪر وٺي روانو ٿيو آهين. سو جڪيڏهن ڪافرن جي ملڪ ۾ جنهن به علاقي ڏانهن منهن ڪندين اهو فتح ٿي ويندو.

محمد بن قاسم جو ملتان جي شهرين کي مطيع ڪرڻ

محمد بن قاسم ملتان شهر جي مکين ۾ ڪلاترين سان ڳالهائي ٻولهائي انتظامي معاملا صحيح ڪيا. بعد ۾ هتي مسجدون ۾ منبر ٺهرايا ۾ امير دائود بن نصر بن وليد عماني کي هتان جو گورنر مقرر ڪيائين. خريم بن عبدالملڪ کي برهمپور جو حاڪم مقرر ڪيائين. هيءَ ماڳ جهلم نديءَ جي ڪناري سان واقع آهي. جنهن کي سوبور (144) (سور) به سڏيو ويندو آهي. عڪرمہ بن ريحان شاميءَ کي ملتان جي پسگردائي جو حاڪم ۾ احمد بن حرمسہ Harimsa بن عتبہ مدنيءَ کي اجتهاد Ajtahad ۾ ڪرور (145) جو والي بڻايو هو. هن اهو سارو خزانو ٻيڙين وسيلي ديبل (146) موڪليو. جتان اهو دارالخلافہ جي خزاني ۾ جمع ٿيڻ لاءِ اڳتي روانو ڪرڻو هو. پاڻ ملتان ۾ رهيو. جتي پنجاهہ هزار جنگي جوڌا سندس فوج ۾ شامل هئا.

ابو حڪيم کي ڏهن هزارن سوارن سان قنوج روانو ڪرڻ

ان کان پوءِ محمد بن قاسم ابو حڪيم شيبانيءَ کي قنوج جي ملڪ جي راجا تي چاڙهي موڪليو انهيءَ لاءِ ته جيئن ڪيس درالخلافہ جو خط، اسلام جي دعوت پهچائي سگهجي. هن کان علاوه ڪيس بيت المال جي ڏل ادا ڪرڻ لاءِ آماده ڪجي ۽ کائنس بيعت وٺجي. محمد بن قاسم پاڻ فوج وٺي ڪشمير هليو ويو ۽ ان ماڳ وٽ وڃي پهتو جنهن کي "پنجن ندين جي پاڻي" (147) نالي سڏيو ويندو آهي. ان جاءِ تي راءِ ڏاهر جي پيءُ، چچ، صنوبر ۽ سپيري يعني بيد جا وڻ پوکي ٻنهي ملڪن جو ڏنگ مقرر ڪيو هو.

ابو حڪيم جي فوج جو اڏافر (148) پهچڻ

تنهن زماني ۾ جهتل ۽ راءِ جو پٽ قنوج جو راجا هو. جڏهن مسلمان فوج اتي پهتي ته ابو حڪيم، زيد بن عمرو ڪلابي کي پاڻ وٽ سڏايو ۽ چيائين ته، "اي زيد تون هر چندراءِ پٽ جهتل راءِ ڏانهن پيغام ڪٽي وڃ ۽ کيس مسلمانن جي تابعداري جو وڃي پيغام پهچاءِ ۽ کيس ٻڌاءِ ته سمنڊ کان وٺي ڪشمير تائين سڀ راجا مسلمانن جي اطاعت، تابعداري ۽ امير عماد الدين، مسلمانن جي سپهہ سالار محمد بن قاسم جي فرمانبرداري ڪئي چڪا آهن. انهن مان ڪي مسلمان ٿي ويا آهن ۽ ڪن ڏل ۾ري اطاعت قبول ڪئي آهي، جيڪا اهي دارالخلافہ جي خزاني ۾ پيارينداً رهندا."

ڪنوج جي راجا هرچندراءِ جو پيغام اڇڻ

هرچندراءِ ڪيس جواب موڪليو تہ: اڄڪل سورهن سالن کان وٺي هيءُ ملڪ اسان جي انتظام ۾ حڪمرانيءَ هيٺ آهي. هن وقت تائين ڪنهن به ماڻهوءَ کي اسان جي راڄ جي دنگ اورانگهڻ، اسان سان جهيڙڻ، اسان جي راڄ ۾ دست اندازي ڪرڻ جي جرئت ئي ڪانہ ٿي آهي. اسان اوهان کي تچ سمان به ڪونہ سمجهون. اوهان هن قسم جون ناممڪن ڳالهيون ڪري رهيا آهيو. جيڪڏهن قاسم کي قيد ڪرڻ اصولي طور جائز هجي ها تہ اهڙي ناممڪن ڳالهہ تي ضرور ڪيس قيد ڪيو وڃي ها. انهيءَ لاءِ تہ جيئن اسان جي ٻين دشمنن کي سيکٹ ملي (149) هاڻي تون موٽي وڃ ۽ وڃي پنهنجي امير کي ٻڌاءِ تہ هڪ ٻئي جي سگهہ پرکڻ ۽ شان شوڪت کي سمجهڻ واسطي بنهي ڌرين ۾ مقابلو اڃ تر آهي. ان کان پوءِ ٿي سگهي ٿو توهان جي هيبت اسان جي دلين ۾ ويهي وڃي يا اسان اوهان کي ماري ناس ڪري ڇڏيون ۽ بنهي ڌرين جي وچ ۾ لڙائي دوران بهادري ۽ همت جي اپياس ڪرڻ کان پوءِ صلح ۽ جنگ جو فيصلو ٿي سگهي ٿو. جڏهن هرچندراءِ جو پيغام محمد بن قاسم کي پهتو، مڪين ڪلاترين، اميرن، سپهہ سالارن، فوجي سپاهين، بهادرن ۽ نائن کي سڏي چيائين: "هن وقت تائين هندستاني راجائن کي الله جي فضل ۽ غيبي طاقت جي مدد سان تابعدار ۽ خوار خراب ڪيو ويو آهي ۽ فتح اسلامي فوج جي همراه رهي آهي. اڄ جڏهن هن هٿيلي ۽ لعنتيءَ جي سامهون ٿيا آهيون تہ جنهن کي پنهنجي هاٿين جي گهٽائي ۽ وڏي فوج تي گهمنڊ ۽ تنڊ آهي ۽ ان سگهہ سان جهيڙڻ ٿو چاهي جنهن کي

الله تعالىٰ جي مدد حاصل آهي. اسان کي کوشش کرڻ گهرجي تہ کيس برباد کريون. سندس اها ڳالهہ ٻڌي سپ راجا هرچندراءِ (150) سان جنگ کرڻ لاءِ تيار ٿيا.

دارالخلافہ مان محمد بن قاسم وٽ حڪم پهچڻ

ٻئي ڏينهن جڏهن ستارن جو بادشاهہ (سج) رات جي ڪاري پردي مان ظاهر ٿيو تہ هڪ اوٻي دارالخلافہ جو هڪ حڪم ڪٽي اچي پهتو. محمد بن علي ءِ ابوالحسن همداني (مدائني) هن ريت روايت ڪئي آهي تہ: "راءِ ڏاهر جي قتل ٿيڻ کان پوءِ سندس شاهي محلات مان هن جون ٻہ ڪنواريون ڏيئر محمد بن قاسم. حبشي غلامن هٿان دارالخلافہ روانيون ڪيون هيون. وقت جي خليفي پنهنجي حرم سراءِ جي حوالي ڪيون. انهيءَ لاءِ جيئن ٻئي ڏينهن خلوت لائق ٿي سگهن. ڪجهہ وقت گذرڻ کان پوءِ خليفہ انهن ڇوڪرين کي ياد ڪيو ءِ رات جو ٻنهي ڀينرن کي حاضر ڪرڻ جو حڪم ڏنو. خليفي وليد بن عبدالمالڪ ترجمان کان پڇيو تہ معلوم ڪر تہ ٻنهي مان ڪهڙي وڏي آهي. پوءِ ان کي خلوت لاءِ روڪيو ءِ سندس ٻيءَ ڀيڻ کي ڪنهن ٻئي موقعي لاءِ رکيو وڃي. ترجمان پهريان انهن کان نالا پڇيا. وڏيءَ ڇيو تہ منهنجو نالو سريادیو آهي ءِ ننديءَ پنهنجو نالو پرمل ديو ٻڌايو. پوءِ وڏيءَ کي گهرائي ننديءَ بابت اشارو ڪيو ويو تہ کيس سنيالیو ءِ ٻئي وقت لاءِ رکيو وڃي. خليفي جڏهن وڏيءَ جو پردو مٽي ڪري ڏانهنس نهاريو تہ سندس سونهن ڏسي چريو ٿي پيو ءِ سندس ناز نخري هن جي دل کان صبر کسي ورتو. سريادیو کي هٿ وجهي

خليفي کيس پاڻ ڏانهن چڪيو تہ هوءَ اتي ويٺي ۽ خليفي کي چيائين تہ "بادشاهي سلامت رهي! مان بادشاهہ جي خلوت لائق کانہ آهيان. چاکاڻ تہ امير عماد الدين محمد بن قاسم ٿي ڏينهن پاڻ وٽ رکي پوءِ درالخلافہ روانو ڪيو آهي. شايد اوهان جو دستور اهو آهي؟ پر بادشاهن لاءِ هن قسم جي خواري جائز تہ کانہ آهي." ان وقت خليفي تي عشق سوار هو ۽ صبر جي مهار سندس هٿن مان نڪري چڪي هئي. انهيءَ ڪاوڙ ڪري وڌيڪ جاچ جوچ ڪرڻ جي کيس طاقت ئي کانہ رهي هئي. هڪدم ڪاغذ ۽ قلم گهرائي پنهنجي هٿن سان حڪم لکيائين تہ" محمد بن قاسم جتي بہ پهتو هجي هُو پاڻ کي ڪچي چمڙي ۾ سبرائي دارالخلافہ ڏانهن اچي."

محمد بن قاسم جو اڌافر Udhafar پهچڻ ۽ خلافت جو حڪم رسڻ

محمد بن قاسم کي خلافت جو هي، حڪم اڌافر ۾ پهتو. تڏهن هن پنهنجي ماڻهن کي حڪم ڪيو تہ کيس چمڙي ۾ بند ڪري وڏي صندوق ۾ وجهي واپس موڪليو وڃي ۽ اهڙيءَ ريت هن پنهنجي جان خدا جي حوالي ڪئي. ٻيا امير جن علائقن تي مقرر هئا. سي اتي برقرار رکيا ويا. کيس صندوق ۾ بند ڪري وقت جي خليفي جي دربار ۾ حاضر ڪيو ويو ۽ حجاج کي چيو ويو تہ. "خليفي کي ٻڌاءِ محمد بن قاسم کي آندو ويو آهي" خليفي پڇيو تہ. "جيئرو آهي يا مري ويو آهي؟" جواب ڏنائون تہ. "شال خليفي جي جمار ڏگهي ۽ عزت دائم رهي. دربار جو حڪم کيس اڌاپور (151) ۾ پهتو ۽ ان

حڪم موجب هن پاڻ کي اتي ئي ڪچي چمڙي ۾ بند ڪرايو. ان کان پـ ڏينهن پوءِ ساهـ مولا پاڪ جي حوالي ڪري اڳئين جهان ڏانهن روانو ٿي ويو. اميرن ۽ راجائن کي جن علائقن ۾ مقرر ڪيو هئائين سي پنهنجن علائقن تي قابض آهن. اهي منبرن تي چڙهي لقبن ۽ خطابن سان خلافت جو خطبو پڙهندا آهن ۽ هن حڪومت جي فرمانبرداري ۽ تابعداري لاءِ گهٽو ڪجهـ جاکوڙي رهيا آهن.

خليفي جو صندوق کي کولڻ

خليفي صندوق کولائي انهن ٻنهي چوڪرين کي گهرايو. کيس مورڙئي Myrtle جي سائي تاري هٿ ۾ هئي. جيڪا هن محمد بن قاسم جي ڏندن تي پئي گهمائي ۽ کيس چئي رهيو هو تہ: "اي راجا جون ڏيئرون! اسان جو حڪم پنهنجن ڪامورن تي اجهو هن ريت هلندو آهي. انهيءَ لاءِ تہ جيئن اهي فرمانبردار ۽ تابعدار رهندا اچن. جيئن ئي قنوج ۾ کيس اسان جو حڪم پهتو تہ پنهنجي پياري جان اسان جي حڪم تي فدا ڪري ڇڏيائين."

ڏاهر جي ڏيءُ چگي جي (152)
خليفہ عبدالملڪ بن مروان سان گفتگو

اتي پرده نشين چگي پنهنجو گهنڊ لاهي، مٿو زمين تي رکي چيو تہ. "شال خليفو ڏگهي جمار ماڻي ۽ سندس بخت بالا رهي. ڏاهي بادشاهـ تي اهو فرض آهي تہ هو جيڪو دوست ۽ دشمن واتان ٻڌي پنهنجي پروڙ جي ڪسوٽيءَ تي پرکي دل مان جاچي ان جي سچائيءَ

تي سوچي. جڏهن اها ڳالهه سچي ثابت ٿئي تہ ان مطابق حڪم فرمائي. جيڪڏهن هو ائين ڪندو تہ خدا طرفان عذاب کان ڇٽي پوندو ۽ ماڻهن جي گلائن کان بہ آجو ٿي ويندو. پاڪدامني جي لحاظ کان محمد بن قاسم اسان جي پيءُ ۽ پاءُ برابر هو. اسان غلامن تي هن دست درازي ڪانہ ڪئي هئي. پر هن سنڌ جي راجا کي ناس ڪري اسان جي ابن ڏاڏن جي حڪمراني ويران ڪري ڇڏي. اسان کي ڪيرائي غلامي ۾ جي درجي تي پهچائي ڇڏيائين. تنهن ڪري ڪائنس پلاند وٺڻ ۽ سندس بربادي لاءِ خليفي وٽ ڪوڙ هنيوسين. اسان جو مطلب پورو ٿيو. اسان هن ڪوڙ وسيلي پنهنجو پلاند ورتو ۽ خليفي بہ اهڙو حڪم صادر ڪيو. پر جيڪڏهن خليفي جو عقل شهوت جي پردي ۾ ڏکجي نہ وڃي ها ۽ جاچ جوچ ڪرڻ پاڻ تي لازم سمجهي ها تہ هن ريت پشيمان ڪونہ ٿئي ها. جيڪڏهن محمد بن قاسم کي عقل هجي ها تہ دارالخلافہ جي هڪ ڏينهن جي پنڌ تائين ويجهو اچي پاڻ کي ڪچي چمڙي ۾ بند ڪرائي ها ۽ جڏهن جاچ ٿئي ها ۽ سچ معلوم ٿي وڃي ها تہ آزاد ٿي وڃي ها ۽ هن ريت برباد نہ ٿئي ها."

چگيءَ جي خليفہ سان بيهر گفتگو

چگيءَ ٻيو ڀيرو زبان کولي خليفي ڏانهن نهاريو ۽ ڏٺائين تہ خليفي جي ڪاوڙ چوٽ تي چڙهيل هئي. اتي چيائين. "خليفي وڏي غلطي ڪئي آهي. جو ہن ڀانهين ڪارڻ اهڙي ماڻهوءَ کي مارائي ڇڏيائين. جنهن اسان جهڙين لکين ڀانهيون قيد ڪيون ۽ سنڌ جي ستر راجائن کي تخت تان لاهي جنازي جي تختي تي ليٽايائين.

مندرن بدران مسجدون ۽ منبر تعمير ڪرايائين. جيڪڏهن ڪائنس ڪا ٿوري بي ادبي يا ڪا اڻ وٽندڙ حرڪت ٿي وئي تہ بہ هڪ مطلبي ماڻهوءَ جي چوڻ تي محمد بن قاسم کي برباد ٿيڻ نہ گهربو هو. اهي ڳالهيون ٻڌي خليفي حڪم ڪيو تہ هنهي پينرن کي پٽ ۾ لنبي ڇڏيو. انهيءَ وقت کان اڄ تائين اسلام جو جهنڊو ڏينهون ڏينهن زياده سربلند ٿيندو پيو وڃي.

تاريخ سنڌ
مير محمد معصوم بکري

(اسان وٽ موجود ذخيري ۾ سنڌ جي تاريخ سان لاڳاپيل هيءُ ڪتاب ضخيم آهي) هن ڪتاب ۾ سنڌ تي عربن جي حملي کان وٺي مغل دور تائين سنڌ جو احوال نظر ايندو. هن ڪتاب کي تاريخ معصومي به سڏيندا آهن. جيڪا مڪيه طور چئن ياڳن ۾ ورهايل نظر ايندي.

پهريون ياڳو عربن جي سنڌ جي فتح سان لاڳاپيل آهي. جيڪو راجا ڏاهر جي موت تي ختم ٿئي ٿو. ۽ پوءِ به هن مختصر طور خليفي

هارون جي عهد تائين احوال قلمبند ڪيا آهن.

ٻئي پاڳي ۾ دهليءَ جي شهنشاهن ۽ تيمور جي حملي جي بيان کان پوءِ سنڌ جي سومرن ۽ سمن جو ذڪر ڪيل آهي. پر خليفي هارون کان وٺي محمود غزنوي تائين ڪوبه احوال ڪونہ آهي. اهڙيءَ ريت پورين ۾ن صدين جي وٺي آهي. جنهن بابت تاريخ معصومي بلڪل خاموش آهي. هن باب جي پچاڙيءَ ۾ مولف اهو به ذڪر ڪيو آهي ته ڪيس سومرن ۽ سمن بابت ڪجهہ تفصيل سان لکڻ لاءِ ڇيو ويو آهي ڇاڪاڻ ته انهن گهراڻن جا احوال ڪٿي به ذڪر ٿيل نظر ڪونہ ايندا. پر هنن گهراڻن جي دورن ۾ انهن جي مختلف حڪمرانن جي راج جي تاريخن بابت هو پاڻ به منجهيل آهي.

ٽيون پاڳو ارغونن جي تاريخ تي مشتمل آهي. جنهن ۾ سوي ۽ قندهار جو ذڪر پڻ نظر ايندو. هن کان علاوه منجهس مشهور بزرگن، قاضين، سيدن ۽ ملتان جي حڪمرانن بابت به بيان ڏسبا. پر وڌيڪ تفصيل سان ذڪر شهنشاهہ همايون جي انهيءَ دور جو نظر ايندو. جڏهن هو آگري کان نڪري سنڌ پهتو هو.

چوٽين پاڳي ۾ اڪبر جي فوج هٿان سنڌ جي فتح ٿيڻ جو ذڪر وڏي تفصيل سان ڏنو ويو آهي. جنهن ۾ ٻنڌي جي حڪمران مرزا جاني بيگ کي سن 1592ع ۾ شڪست ڏئي سنڌ کي دهليءَ سان ملايو ويو هو. ان تاريخ ۾ ٻنڌي اندر فرنگين جي موجودگيءَ ۽ دست اندازيءَ جي به جهلڪ ڏسڻ ۾ ايندي. جيئن ته هيءَ مولف ان ساڳئي دور ۾ رهندو هو تنهن ڪري پورچوگيزن جيڪو ٻنڌي ۾ ڏاڍ ۽ قهر ڪيو. تنهن کي ڏري پرزي بيان ڪيو اٿائين. پر اهو گهٽي پاڳي ايڏو دلچسپ ڪونہ

آهي. هن جيڪا شهنشاهه اڪبر سان شخصي ملاقات ڪئي هئي، تنهن جو بيان وستار سان ڏنو اٿائين. جنهن ۾ ڪيس بڪر جي علائقي ۾ ٽي ڳوٺ جاگير طور ڏنا ويا هئا.

مير معصوم شاعر به هو. سندس تخلص "نامي" هو ۽ سنڌ جي بکر شهر ۾ جائو هو. سندس پيءُ جو نالو سيد صفائي حسيني هو ۽ ڪرمان مان لڏي بکر ۾ اچي آباد ٿيو هو. هي وڏو قابل ماڻهو هو. اڪبر ۽ جهانگير جي دور ۾ ڪيس هڪ امتيازي حيثيت حاصل هئي. ان دور جي لحاظ سان ڪيس تاريخ جي تمام گهٽي ڄاڻ هئي. سڏو شاعر به هو. پر ڪاتب اعليٰ درجي جو هو (1). هن سنڌ جي تاريخ سن 1606ع ۾ لکي پوري ڪئي. تاريخ لکڻ جو سندس مقصد اهو هو ته جيئن سندس پٽ جنهن جو نالو بزرگ هو، اڳئين دور جي عظيم ماڻهن جا واقعا پڙهي ڪجهه دنيا بابت سکي ۽ سڃي ۽ خراب وچ ۾ موجود فرق کي سمجهي سگهي. اهو به پروڙي سگهي ته ڪم واري ۽ بيڪار شيءِ ڪهڙي آهي ۽ اهو رستو اختيار ڪري جيڪو اڳئين دور جا عظيم انسان اختيار ڪري چڪا آهن.

هن پنهنجي تاريخ ۾ چڇ نامي جا حوالا ڏنا آهن، جنهن جو هن پنهنجي ڪتاب جي پهرئين باب ۾ اختصار به ڏنو آهي. بزرگن جو ذڪر ڪندي ڪيس ڇڻ روحاني خوشي ٿئي ٿي. ۽ تحفته الڪرام جيان ڏند ڪٿائي ڪهاڻيون تاريخ ۾ ڪونه ڏنيون اٿس. مير معصوم ۽ سندس تاريخ کي ڪيترن ئي مورخن حوالي طور ڪم آندو آهي. بدايونيءَ ناميءَ جي نالي سان، حيدر رازي، ماثر الامرا، تحفته الڪرام ۽ مرات الدولت العباسيه (2) به هن تان گهڻو استفادو ڪيو آهي.

هن تاريخ جا اتارا گھٽا آهن (3) برٽش ميوزم ۾ به آهن، جن مان هڪ ته مير معصوم جي هٿ اکر جي ڪتاب جو نقل تان نقل آهي. هڪ نقل رايل ايشياٽڪ سوسائٽيءَ جي لئبريري ۾ موجود آهي، جنهن جو ذڪر مورلي پنهنجي ڪئٽالاگ ۾ ڪيو آهي. ان جو هڪ نقل انڊيا آفيس ۾ پڻ موجود آهي. هن کان علاوه چوٽون نقل سر ايڇ.ايم. الئٽ جي لئبريريءَ ۾ به موجود آهي، جيڪو هن پاڻ سن 1852ع ۾ اتارو ڪرايو هو. هن ترجمي ۾ هي ۽ ايشياٽڪ سوسائٽي وارو نقل ڪتب آندو ويو آهي، جن کي نسخو A ۽ نسخو B نالو ڏنو ويو آهي.)

(سر ايڇ . الئٽ واري نقل جي پچاڙيءَ ۾ سنڌ جي مختصر تاريخ ڏني وئي آهي، جيڪا ٽن مختلف بابن تي مشتمل نظر ايندي ساڳئي ماڻهوءَ جي هٿ اکرن ۾ لکيل آهي ۽ تاريخ به ساڳي ڏسبي جيڪا پڻ ٻئي اتاري تي نظر ايندي. پر اهي مذڪوره ٽئي باب فقط اٺويهن صفحن تي مشتمل آهن ۽ عرب حملي کان وٺي احمد شاهه ابداليءَ واري دور تائين احوال قلمبند ڪيل ڏسجن ٿا. مولف جو نالو ڏنل ڪونه آهي، پر موضوع ۽ بيان تاريخ معصوميءَ جهڙو ٿاس.)

هن تاريخ جو ترجمو خيرپور جي ريزيڊنٽ ڪئپٽن مئليٽ ڪيو هو. پر اهو لفظي ترجمو آهي ۽ ان کي پنهنجي اصلي شڪل ۾ ڇاپي ئي ڪونه ٿو سگهجي. ان ترجمي جو نقل به سر ايڇ. الئٽ وٽ موجود آهي. ان جي جاچ پڙتال کان پوءِ پتو پيو ته منجهس کي اهڙيون حقيقتون قلمبند ٿيل آهن. جيڪي ٻين پنجن اتارن ۾ نظر ڪونه ايندیون. ان ۾ هڪ ڏگهو ٽڪرو آهي، جيڪو سومرا گهراڻي

جي تاريخ سان لاڳاپيل آهي. سنڌ جي هن مشهور گهراڻي جي تاريخ گهٽو ڏنڊاڻيل آهي. ان گهراڻي جي ڪن وڏيڪ حڪمرانن جا نالا ۽ هن ٽڪري ۾ نظر ايندا، جنهن جي تصديق تحفته الڪرام مان به ٿي وڃي ٿي. پر سنڌ جون ٻيون تاريخون اهڙي معلومات کان وانجهيل ڏسڻيون. هن ۾ مير محمد معصوم واري تاريخ جي اضافي مواد جو عام اسلوب هڪ جهڙو آهي. ان مولف بادشاهه جي وفات تي هڪ خاص قسم جي عبارت ڪم آندي آهي. پر ڏنو وڃي ته اهڙو اسلوب هر مولف ڪم آندو آهي. اهڙو اسلوب ٿي سگهي ٿو ته. ارادي سان نقل ڪيو ويو هجي. پر اهڙي هڪ جهڙائي مان ائين سمجهڻ نه ڪپي ته اها تاليف هروپرو مستند آهي. سيني قلمي نسخن ۾ بيان ٿيل حقيقتون هڪ جهڙيون آهن. هن کان علاوه برٽش ميوزم واري قلمي نسخي جي آڏار تي يقين سان چئي سگهجي ٿو ته مذڪوره ٽڪرو ڪنهن پوئين دور جو وڌاراو آهي. پر پوءِ به ڏسڻ ۾ ائين اچي ٿو ته وٽس ڪو مستند ذريعو ضرور آهي. مورلي به پنهنجي ڪٽالاگ ۾ هن حقيقت ڏانهن اشارو ڏنو آهي ته رايل ايشياٽڪ سوسائٽي وارو نسخو اضافو ٿيل آهي جيڪو تاريخ جي صفا پچاڙيءَ ۾ نظر ايندو ۽ فقط ٿورين سٽن تي مشتمل آهي. سندس بيان هن ريت آهي ته: "موجوده نسخي ۾ هن کان پوءِ ٿٽي جي حڪمران دودي جو ذڪر نظر ايندو. جيڪو دهليءَ جي ناصر الدين محمود جي زماني ۾ اتان جو حڪمران هو ۽ اهو فقط ڇهن صفحن تي مشتمل ڏسجي ٿو. پر انڊيا آفيس لئبريري جي نمبر 43 واري قلمي نسخي ۾ اها حقيقت نظر ئي ڪانه ايندي هيءَ تاريخ مرزا جاني بيگ جي شڪست کان پوءِ کوبه احوال ڪونه ٿي ٻڌائي.

ان کان پوءِ فقط چار سٽون آهن. جن ۾ هڏايو وڃي ٿو ته هن سن 1011هـ ۾ 1602ع ۾ وفات ڪئي ۽ ان کان پوءِ سندس پٽ مرزا عيسيٰ هن جو جانشين ٿيو. هن تاريخ جو برٽش ميوزيم وارو اٽارو (نمبر 16700) ايسٽ انڊيا هائوس ۾ سر اليٽ واري قلمي نسخي سان هڪ جهڙائي رکي ٿو. حڪمران دودو مورلي واري ڏنل ٽڪري ۾ نظر ايندڙ حڪمرانن جي فهرست ۾ موجود ضروري آهي. پر منجهس ڏنل احوال ٻين نسخن کان مختلف ڏسبو.

سراليٽ واري نسخي چوڏهن سٽن تي مشتمل آهي. ڪُل ڪتاب ۾ سؤ نوي صفحا آهي. جن مان پنجيتاليهن صفحن جو ترجمو ڪيو ويو آهي.

(الف)
سومراءِ سما گھراٽي جو احوال

هيءَ احوال مٿي بيان ڪيو ويو آهي تہ ڪيئن محمود غزنوي ملتان فتح ڪري سنڌ وارو سارو علائقو پنهنجي حڪومت سان شامل ڪري ڇڏيو هو ۽ پنهنجا گورنر مقرر ڪري ان جو انتظام سنڀالينڈو هو. محمود جي وفات کان پوءِ سندس حڪومت نيٺ هن جي وارث سلطان عبدالرشيد مسعود جي هٿ هيٺ آئي. هيءَ سلطان عيش عشرت جو ڪوڏيو هو تنهن ڪري راج پاڻ سنڀالي ڪونہ سگهيو. ڏورانهن علائقن وارن مائٿن کانئس بغاوت ڪري آزاديءَ جو

اعلان ڪيو. ان زماني ۾ سومرا نيات جي ماڻهن ٽريءَ (4) ۾ ڪنوٽي سومار (5) نالي هڪ ماڻهوءَ کي حڪومت جي پڳ ٻڌائي. اهو ماڻهو ان قبيلي جو لڪ سردار اڳيئي هو جنهن ملڪ جي واڳ سنيالي امن امان طرف ڌيان ڏنو. هن ساد نالي هڪ سگهاري زميندار سان تعلق پيدا ڪيو ۽ سندس ڌيءَ سان شادي ڪئي هئائين. ان مائي مان ڪيس پونگر نالي هڪ پٽ پيدا ٿيو. پيءُ جي وفات کان پوءِ سنڌ جي حڪومت هن سنيالي ۽ ملڪ جي پلي لاءِ گهٽو جاکوڙي وفات ڪري ويو.

ان کان پوءِ سندس پٽ سندس راج پاڳ سنياليو. هن پنهنجي حڪومت نصرپور تائين وڌائي ۽ ڪجهه وقت حڪومت ڪرڻ کانپوءِ هُو جواني ۾ وفات ڪري ويو. هن پنهنجي پويان هڪ پٽ سنگهار ۽ ڌيءَ تاري ڇڏي. هن کان پوءِ سندس ڌيءَ تاري سندس جانشين ٿي ۽ راج پاڳ سنياليو. جڏهن سنگهارو وڏو ٿيو تہ پنهنجي پيءُ جي حڪومت جون واڳون هن پاڻ سنيالين ۽ وڳوڙي ماڻهن جون پاڙون پٽي ڇڏيائين ۽ ڪڇ جو ملڪ "ماٽڪ ٻٽي" (2) جي علاقي تائين فتح ڪيائين. ڪجهه عرصو حڪومت ڪرڻ کان پوءِ هي وفات ڪري ويو. ڪيس اولاد ڪونہ هو. تنهن ڪري سندس زال همون حڪومت هلائڻ لڳي ۽ راجڌاني ڦيرائي ڈهڪ Dahak ۾ رکيائين. هن پنهنجي پاءُ کي نائب مقرر ڪيو. جيڪو محمد طور ۽ ٽري ۾ ويهي حڪومت هلائيندو هو. ان علاقي ۾ دودي جا پائر موجود هئا. جن فتو (7) نالي هڪ ماڻهوءَ جي اڳواڻيءَ ۾ همون جي پاءُ خلاف بغاوت ڪئي. جنهن جي دودي جي اولاد ۽ انهن جي ساڻين بہ مدد

ڪئي هئي. هن تخت جي سيني دعويدارن کي مات ڪري ڇڏ ۽ راج ڏٽي ٽيو. هن جي وفات کان پوءِ خيري نالي هڪ ماڻهو تخت تي ويٺو. منجهس خاص انتظامي خوبيون هيون. تنهن ڪري گهڻو مقبول ۽ مشهور ٽيو ۽ پنهنجي وفات تائين راج ڏٽي رهيو.

(مئليٽ واري ترجمي ۾ ست صفحا وڌيڪ آهن، جن ۾ هن ڳهراٽي بابت ڏنل احوال ڪنهن ٻئي نسخي ۾ نظر ڪونہ ايندو. اهڙو ذڪر مٿي پڙ ڪيو ويو آهي)

"راڻن ۽ راوتن جي صلاح مشوري سان خفيف نالي هڪ ماڻهو سندس جانشين ٽيو. ملڪ جي واڳن ملڻ سان هن امن امان ۽ ملڪي سڌاري لاءِ ڪيترين ئي ڳالهيون ڪيون ۽ راجڌاني ڦيرائي ٺٽي ۾ رکي. هن جي حڪومت دوران خاص ۽ عام ماڻهو خوش هو ۽ کين وڳوڙين مان آڇپو ملي ويو. سڀ ماڻهو ريان کيان ۽ سکيا ستابا هئا. هڪ ڏينهن کيس خيال آيو تہ سڀني هٿ هٿ تي رکي پير پساري تخت تي واندو ڇو ويٺو رهجي ڇو نہ پٺ پوئا گهمي ڏسجن جتي وسڪارن کان پوءِ گاهن جون گلزارين لڳي ويون آهن ۽ جهنگلي جانور الر چلر، وڳر ڪيون پيا ٿا ڦرن گهرن. پوءِ هو پنهنجا بيشمار ماڻهو ساڻ ڪري نڪري پيو ۽ بلوچن، سوڍن ۽ جاڙيجن تي حملو ڪيائين. جڏهن هو انهن جي ملڪن ۾ دنگن وٽ پهتو تہ رڻ مل سوڍو، رام راءِ جاڙيجو ۽ مهراڻ نالي بلوچ وٽس سوکڙيون پاکڙيون ڪٽي آيا. پاڻ ۾ ڪين سوکڙيون ڏئي راضي ڪري روانو ڪيائين. ٻئي ڏينهن هو واپس ٺٽي ڏانهن روانو ٽيڻ وارو هو. جو هڪ بلوچ سردار وٽس دانهين ويو تہ سمن سندس ملڪ کي ڦري لٽي پينگ ڪري

چڏيو آهي. اها خبر ٻڌي خفيف کي ڏاڍو اچرج ٿيو. ان وقت ئي جيڪي ماڻهو ساٿس گڏ هئا. وٽي سمن متان کاهي ويو. اتي پهچي ڦريل مال سمن کان وٽي بلوچن کي ڏياريائين ۽ ڏاڙيلن کي سخت سزائون ڏنائين. هن نصرپور کان وٽي ڪچ تائين اهڙو انتظام قائم ڪيو هو. جو سندس زندگيءَ دوران سندس حڪمن جي ڪنهن به انحرافي کانه ڪئي. جيڪڏهن ڪنهن به اهڙي جرئت ڪئي ته هن پنهنجي تلوار کان ڪم ورتو. جڏهن ڪيس پڪ ٿي ته ڪوڙ وڪوڙي ماڻهو ڪونه رهيو آهي ته پوءِ هو ڏنڊي وريو. هن جي راج دوران راوت، راڻو، ڪمي، ڪاسبي، هاري ناري ڏاڍيءَ جپ سان جيئندو هو. نيٺ هو ڏڪهو عرصو راج ڪري ڏنڊي ۾ وفات ڪري ويو. سندس وفات کان پوءِ هن جي راڻن، راوتن وڏيرن هڪ مني صلاح ڪري دودي پٽ عمر کي راج ۽ نيات جي پڳ ٻڌائي جيڪو فتوءَ سومري جو سڳ ۾ پڙپوٽو هو. هو انتظامي طور وڏين صلاحيتن جو مالڪ هو. جنهن ٿوري وقت اندر ملڪ ۾ امن امان قائم ڪري چڏيو. هڪ ڏينهن سنگهار نالي هڪ راڻو وٽس ڏن ڏيڻ آيو ۽ سندس دوست ٿي ويو. ٿوري وقت گذرڻ کان پوءِ هڪ ڏينهن هن ڪچ ملڪ جي حالتن تي ڳالهائيندي کيس چيو ته هن ٻڌو آهي ته سما نيات جي ماڻهن ڏنڊي تي حملي ڪرڻ جو پڪو پهه ڪيو آهي. تنهن ڪري هن کي اهڙين ڳالهين کي منهن ڏيڻ لاءِ اڳواٽ تياري ڪرڻ گهرجي. اها ڳالهه ٻڌڻ شرط هو وڏي فوج ڪني ڪري ڪچ تي ڪاهي ويو ۽ مٽي ڦريل ماڻهن جي چگي ڪن مهٽ ڪيائين. پوءِ لاکي نالي هڪ ماڻهو سمن جو سفير ٿي وٽس آيو ۽ کيس قيمتي سوکڙيون پاکڙيون ڏنائين. دودي به ساٿس

وڏا وڙ ڪيا. سوڪڙين بدلي هن بہ ڪيس سوڪڙيون ڏنيون. ڪيس روڪ رقم. گهوڙو ۽ خلعت عطا ڪيائين ۽ پوءِ ڪيس وڃڻ جي اجازت ملي. ان کان پوءِ هن ٽريءَ کي راجڌاني بڻايو. هن ڊگهي ڄمار ماڻي ۽ وڏو عرصو راج جو واڳ ڏڻي رهيو ۽ ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي وڳوڙ ڪرڻ جي جرئت ئي ڪانہ هئي. ٽريءَ ۾ راجڌاني قائم ڪرڻ کان ڪجهہ ڏينهن پوءِ رڻ مل سندس سلام پرڻ آيو ۽ ڪيس چيائين تہ خفيف جي دور کان وٺي جتن ڪيس ڏن ڪونہ ڏنو آهي ۽ سمجهہ ۾ ائين اچي ٿوتہ تابعداري کان منهن موڙي ويا آهن. ڪيس اها بہ گذارش ڪيائين تہ صورتحال اوهان جي آڏو رکي اٿم. بهتر ائين ٿيندو جو ڪين سيکت ڏيڻ لاءِ مون کي لشکر ڏنو وڃي تہ جيئن ڪائنہ خفيف جي دور کان وٺي رهيل ڏن اڳاڙي اوهان جي خدمت ۾ پهچائي سگهجي. جتن خلاف ڳالهائڻ جو سبب فقط اهو هو تہ هنهي نياتن جاڙيجن ۽ سوڍن جي وچ ۾ پراٽو ويرهو. پوءِ هنهي نياتن ۾ وڏو جهيڙو مچي ويو. جنهن ۾ سوڍن جا ڪيترا ڪوندڙ ڪسي ويا ۽ بيشمار گهائجي پيا. هن موٽي اچي دودي جا ڪن پريا تہ جاڙيچن کان پاند وٺڻ لاءِ ڪيس اڃا بہ سگهاري فوج ڏني وڃي. دودو دل جو صاف ۽ سياڻهڙو ماڻهو هو. هن رڻ مل جي دل ٻڌائي ۽ همت افزائي ڪئي پر ٻئي پاسي جاڙيجن کي روبرو ملڻ لاءِ ڏانهن ماڻهو موڪليائين. جڏهن اهو وٽن پهتو ۽ رڻ مل جي حال احوال کان ڪائنہ واقف ڪيو تہ هو ڳچين ۾ تلوارون ٻڌي اچي دودي جي دربار ۾ پهتا ۽ ڪيس چيائون تہ. "اهي سڀ دودي جا غلام آهن. جيڪڏهن اهو کين بنا سبب کهڻ چاهيندو تہ هو ٻڙڪ بہ ڪونہ هوليندا. پوءِ هو هفتي کن اندر سوڪڙيون پاکڙيون ڪٽي وري

اچي دودي وٽ پهتا. دودي جيڪو هنن ڏانهن قاصد موڪليو. تنهن سان به مان مرجائتا وارو سلوڪ اختيار ڪيو هئائون. تنهن به جاڙيجن جي فائدي ۾ ڳالهايو. اهو ڏسي دودي رڻ مل کي چيو ته. هي ماڻهو ته ويساهه جوڳا آهن ۽ انهن جي قبيلي جا به سردار مون وٽ آيا آهن ۽ سوکڙيون ڪٽي اچي سلام پريو اٿن. پر تو ته هنن خلاف ٻيون ڳالهيون ٻڌايون هيون." دودي وسڪاري جو ٻهانو ڏئي رڻ مل کي ترسائي وڌو. پر هن جي دل ۾ ڪو گدڙ هو. هڪ وجهه وٺي ڪيس ملڪ وڃڻ لاءِ نماڻائيءَ سان عرض ڪيائين جيڪو دودي قبوليو. پنهنجي ملڪ پهچڻ سان هن بغاوت جو اعلان ڪيو. اها سڌ وجي رام راءِ جاڙيجي ۽ مهراڻ جت بلوچ کي پئي جن وهلو ئي وهي اچي دودي جا ڪن ڪٽايا. دودو وسوڙجي ويو ته هي ماڻهو به ائين ته نه ٿا ڪن. جهڙيءَ ريت هنن جي خلاف رڻ مل ٻارڻ ٻاريو هو. پڪ ڪرڻ لاءِ هن پنهنجا به اوٺي رڻ مل ڏانهن روانا ڪيا. جڏهن اهي رڻ مل جي جوءِ ۾پهتا ته هو اتي ڪونه هو. ڪين يتو پيو ته هو جهنگ ۾ لشڪر گڏ ڪري رهيو آهي. سندس نيات جي ماڻهن شاهي قاصدن جي مانائتي آجيان ڪانه ڪئي ۽ ساڻن اڻگو ڳالهايو. رڻ مل کي جڏهن دودي جي قاصدن جي سڌس پئي ته اهو به اچي وٽن پهتو ۽ ساڻن سڌو ورتاءِ ڪيائين. پر ٿوري گهڙيءَ کان پوءِ ساڻن ڪياڙ مان ڳالهائڻ لڳو. تنهن تي دودي جي اوٺين (قاصدن) کين چيو ته اهڙو وڌواتو ڳالهائڻ توکي ڪونه ٿو سونهين. هي ڳالهه لشڪر گڏ ڪرڻ واري ڳالهه ڏيان مان ڪڍ ته سڌو آهي. جيڪڏهن توکي ڪو ڏک سور آهي ته دودي کي وڃي سڌو ٻڌاءِ. هنن پنهنجي پر ۾ گهٽيون ئي مرليون وڃايون پر هو

چوي سهڙ جنگون ٿي چوٽون پچ. نيٺ هوڏ جي هڏي تان هو هيٺ ڪوٺ لٽو. دودي جا ماڻهو بہ نراس ٿي اٿي ڪڙا ٿيا. ۽ سُرتيون خبرون وڃي دودي کي ٻڌايائون. پوءِ دودي بہ وڏي گهل چاڙهي وڃي رڻ مل مٿان ڪڙڪيو. رڻ مل کي بہ اڳواڻ ٿي اهي پرون پيا هئا. تنهن بہ مهاڏي ڏيڻ لاءِ ويڙهاڪ جوان ميڙي چوندي گڏ ڪري ورتا هئا. تن کي قطاري اچي پڙ ۾ پهتو. ٻنهي ڏرين جا ڏڳ جوان ڪميت ڪڏائي اچي هڪ ٻئي جي سامهون ٿيا. ٻنهي پاسن کان ڪنڊ ڪريا ڏڙ ڏيا. پر ڇهن ڪلاڪن تائين ڪسي ۽ ڪانڊي. پاسي جو پتو پئجي ڪوٺ سگهيو ۽ ٻنهي پاسن اڙ ڳٽيا مٿير مڙس مهاڏي ٿي ويا. جوان هٽي هجي ٽڪجي پيا. رات ٿي تہ ٻنهي ڏرين ترار مان هٿ ڪڍيا. جتي هئا اتي ويهي رهيا. ٻئي ڏينهن جي پڙاڏي لاءِ پروڙ لڳا. سج اپريو تہ ٻنهي پاسن جي ڳيرن اچي ڳاٽ ڏنا. رڻ ۾ راڙو پئجي ويو هڪ ڪڙڪندڙ کان رڻ مل جي ڳچيءَ جا ڳچ لاهي ويو. ان کان پوءِ سندس فوج ۾ ٽرٽلو پئجي ويو. جو تہ سردار کان سواءِ فوج ائين هوندي آهي. جهڙو منڊي بنا ماڻهو. پوءِ تہ هنن وٽي ڪڙين تي زور رکيو. رئي آسمان هڪ ڪندا هليا ويا. سندن ڪيڏي جي فوج لڳي پئي. دشمن فوج مان گهٽا مٿا ۽ گهٽا ڦٽيا. مال غنيمت بہ گهٽو هٿ لڳو. ان کان پوءِ راجا راءِ سنگهہ ۽ جڳمل ٽياڪڙ ٻڌجي دودي وٽ پهتا ۽ پاڻ سان ڪيترين ئي قيمتي سوکڙيون ياکڙيون ڪٽي آيا هئا. آڻ مڃڻ کان پوءِ دودي کين معاف ڪري ڇڏيو.

ان کان پوءِ دودو پيش قدمي ڪندو وڃي نصرپور نڪتو. اتان جا سردار زميندار ۽ قاضي سوکڙيون ڪٽي وٽس پهتا. هو ڪجهہ وقت

اتي ترسيو. رڻ مل جي پٽ صاحب سوڍي ۽ سهٽا ڪچي گهوڙا آڻي سوڪڙيءَ طور ڪيس ڏنا ۽ آڻ مڃيائين. هن ڪيس ٻڌايو ته سندس پيءُ رڻ مل کي سندس نيات وارن دودي خلاف اپاريو هو. اڄ ۽ اهي ماڻهو دودي خلاف آهن. جيڪڏهن سرڪار کين سيڪٽ ڏئي سڏو ڪري ته ائين ڪري سگهجي ٿو. جيڪڏهن وڳوڙين کي جوڳي سزا ملندي ته وري ڪڏهن ۽ بغاوت ڪري نه سگهندا. اها ڳالهه ٻڌي دودو فوج وٺي منزلن مٿان منزلون ڪندو تيز رفتاريءَ سان وڃي مٽن اوچتو ڪڙڪيو. اتي پهچي هن پانيو ته رڻ مل جي رعيت ۽ نيات وارا ماڻهو صاحب سوڍي کي پنهنجو سردار مڃڻ لاءِ تيار ڪونه هئا. اهو ئي ڪارڻ هو جو صاحب سوڍو ڪيس وٺي پنهنجي دشمنن جي دڙي دڦ ڪرڻ پئي گهري. پوءِ دودي رعيت جا چگا مڙس پاڻ وٽ گهرايا ۽ کين صاحب سوڍي جي فرمانبرداري ڪرڻ لاءِ چيائين. انهن ڪيس وراڻيو ته جيڪڏهن سرڪار کي ويهه هزار رپيا ڏن ڏيندو ته رعيت سندس تابعداري ڪندي. پوءِ هن ائين ڪيو. اهڙيءَ ريت ان ملڪ جا انتظامي معاملا ٺيڪ ڪري ٺٽي پهتو ۽ وفات تائين اتي رهيو.

دودي جي وفات کان پوءِ، امير ن نوابن جي صلاح مشوري سان سندس پٽ عمر کي (8) راڄگديءَ تي ويهاريو. هن پنهنجي ملڪ جي انتظام ڏانهن ڪوبه ڌيان ڪونه ڏنو ۽ عيش عشرت ۾ ڪاهي ٻيو. سندس اهي حال ڏسي سما، سوڍا، جت، بلوچ سندس خلاف ٿي بيٺا ۽ بغاوت جو اعلان ڪيائون. جڏهن ملا حامد کي اها سڌ پئي ته عمر کي وڃي ٻڌايائين. عمر فوج گڏ ڪري ڪچ تي ڪاهي ويو. ٻنهي ڌرين ۾ جنگ لڳي. جڏهن ملا حامد ڏٺو ته سومرن وارو پاسو پوٺو

پوندو پيو وڃي. تڏهن عمر سومر ي جي سردارن کي گڏ ڪري کين قيمتي سوڪڙيون ڏنائين ۽ کين چيائين ته ڏٺو هتان کان تمام پري آهي ۽ پئسو اڻ لٻ آهي. جيڪڏهن اوهان بهادري سان وڙهندا ۽ سوڀ اوهان جي ٿيندي ته توهان کي دشمن جو مال ايترو هٿ ايندو جو سولائيءَ سان ڏٺي نه پهچي ويندا." سومرن جي سردارن کي اها ڳالهه دل سان لڳي. سندن حوصلا بہ بلند ٿي ويا. دشمنن تي زبردست حملا ڪري کين شڪست ڏنائون ۽ کين گهڻو مال غنيمت هٿ ڏگو. ان کان پوءِ سمن جگن نات سوڍي کي وچ ۾ آندو ۽ ٻنهي ڏرين جي سرچاءُ واسطي وڃي عمر سان مليو. کيس پيش ڪرڻ لاءِ گهٽيون سوڪڙيون پاکڙيون ساڻ کڻي ويو هو. ان کان هڪدم پوءِ عمر سومري جتن، سوڍن ۽ بلوچن تي زبردست حملا ڪيا. ساڻس پڄڻ جي سگهه نه ساري اڇي سندس آڻ مڃيائون. اهڙي ريت هُو ملڪ فتح ڪندو ڏٺي موڻي آيو جتي هن وفات ڪئي.

وفات وقت سندس پٽ دودو صغير هو تنهن ڪري دربار جي چگڻ مڙسن سوچي عمر جي پائڻي چنيسر کي حڪمران مقرر ڪيو. هن چا ڪيو جو پاڻ کي مضبوط ڪرڻ ۽ حڪومت کي پنهنجي هٿ هيٺ رکڻ لاءِ ملڪ جي گشت تي نڪري پيو. ملڪ جي دوري کان موڻ سان بعد هن جيڪي سرڪريا ماڻهو ڏنا تن کي ترار جو مزو چکايو ۽ پوءِ آرام سان ويهي حڪومت هلائڻ لڳو. جڏهن دودو عاقل، بالغ ۽ پنهنجي حڪومت هلائڻ جهڙو ٿيو ته چنيسر کيس ڪنهن نموني قيد ڪرڻ پئي گهريو. پر هن کي اهڙي سڌ جي پاڇو پئجي وئي. تنهن ڪري وٹي غزنيءَ ڏانهن رخ ڪيائين. درياه اکري هو فتح

پور پرسان دریاچہ ناري سنگ Darycha nari sang نالي ھڪ ماڳ وٽ پھتو. اتي ھن ڏٺو تہ ھڪ ماڻھو نڙن جي پري کنيون اچي رھيو آھي. جڏھن اھو دودي جي پرسان آيو تہ کيس ان ماڻھوءَ جا آندا گوندا نظر اچڻ لڳا. اھو لقاءَ ڏسي کيس گھٽو اچرج ٿيو. ان ماڻھو کي پاڻ وٽ سڏي کيس نڙن جي لھرائڻ ۾ مدد ڪيائين. پريءَ ھيٺ لھڻ کان پوءِ کيس ڪجھ بہ نظر ڪونہ آيو. پوءِ ھن نڙن جي پري ساڳي ماڻھوءَ جي مٿي تي رکي تہ کيس اڳئين جيان سندس آندا اوجھ نظر اچڻ لڳا. ھن سمجھيو تہ اھو سارو ڳجھ نڙن جي پريءَ ۾ آھي. دودي کيس ڪجھ پئسا ڏئي ھن کان اھا نڙن جي پري خريد ڪئي. ھو درياھ جي ڪناري تي ويھي ھڪ ھڪ ڪندو نڙن کي درياھ ۾ وجھندو رھيو. انھن مان ڀيا سڀ تہ لھوارا لڙھي ويا. باقي ھڪ اوپارو ترڻ لڳو. ھن ڀيا نڙ ڇڏي اھو ھڪ ھٿ ۾ رکيو. پوءِ نڙ جي ان ڪاني کي ڳنڍين وٽان ڪپي ڳريون ڳريون ڪيائين پوءِ واري سان ھڪ ھڪ ڪندو درياھ ۾ وجھندو ويو. ھڪ ڪانسواءِ ٻيون سڀ ڳريون لنھوارو لڙھي ويون. ھن اھا ڳري پاڻ وٽ سنياليو رکي ۽ غزنيءَ ڏانھن راھي ٿيو.

انھيءَ زماني ۾ غزنيءَ جو سلطان مسعود شاھہ سخت بيمار ھو ۽ حڪيمن، طبيبن کيس لاعلاج ڪري ڇڏيو ھو. غزنيءَ پھچي دودي ماڻھن کي ٻڌايو تہ ھو حڪيم آھي. مورخن لکيو آھي تہ سلطان مسعود کي اھا بيماري ھن ريت ٿي جو ھڪ ڏينھن اھو شڪار تي ويو انھيءَ زماني ۾ اھو دستور ھوندو ھو تہ شڪاري جانور جنھن جي منھن آڏو نڪرندو ھو. اھو ئي ان کي ماريندو ھو. ان ڏينھن شڪاري جانور سلطان مسعود جي منھن مان نڪتو ۽ اصول موجب شڪار

جي ڪيڙ لڳي ٻيو ۽ تمام گھٽي فاصلي تائين هلندو ويو پر ان کي ماري ڪونہ سگھيو. ڪيس اڄ ۽ بک اچي ورايو. ٽکرين ۾ پرسان هڪ تلاءَ هو هن وات وجهي اتان پاڻي پيتو تہ نانگ جا ٻہ ننڍڙا ٻچا سندس پيٺ ۾ هليا ويا. ٻن سالن ۾ اهي وڏا ٿي ويا. جنهن ڪري سلطان جي پيٺ ۾ اچي سخت سور پيدا ٿيو. ويڇن. طبيبن گھڻا حيلا هلايا پر ڪنهن ٻہ ستيءَ ڏکيءَ فرق ڪونہ ڪيو. اهڙيءَ ريت سلطان وڃي مرڻ جي ڪنڊيءَ تي پهتو. دودو ٻہ ان ئي وقت غزنيءَ پهتو هو ۽ طبيب هجڻ جو اعلان ڪيو هئائين ۽ کين چيائين تہ هو سنڌ کان ڪهي آيو آهي ۽ سلطان جو پنهنجي دوا داروءَ سان علاج ڪندو. شاهي طبيب اها ڳالهہ ٻڌي کلڻ لڳا ۽ چوڻ لڳا تہ هن سنڌي ويج وٽ ڪهڙي ٻکي آهي جو سلطان چيني ڇگو ڪندو. هڪ خدمتگار سلطان کي سنڌي حڪيم جي اچڻ ۽ علاج ڪرڻ جي هام هڻڻ ۽ شاهي حڪيمن جي مٿس کلڻ جي ساري ڳالهہ ٻڌائي. سلطان اهو قصو ٻڌي کيس گھرائي ورتو ۽ مانائتي آجيان ڪيائين. کيس ٻڌايائين تہ کيس هيءَ اگھائي گھٽي وقت کان آهي. هتان جا حڪيم طبيب وڏا وس ڪري بينا آهن پر ڪوبہ فرق ناهي ٿيو. هاڻي تون سنڌي طبيب آهين آس آهي تہ سولو پهو ٿي پوندو. پوءِ دودي ڇا ڪيو جو نڙ جي ڳڙي ڪيي سلطان مسعود جي مٿي تي رکيائين تہ کيس سندس پيٺ ۾ ٻہ نانگ نظر آيا. هن اها ڳري پاسي ڪري سلطان کي چيو تہ کيس سندس بيماري جو پتو پئجي چڪو آهي ۽ واقعي اها بيماري اگري آهي. پوءِ سلطان کي چيائين تہ توکي لکي ڏيڻو پوندو تہ جيڪڏهن تون منهنجي علاج ڪري مري پئين تہ مون

کي ڏوهي نہ ورتو ويندو. تنهن تي سلطان اهڙو دستاويز لکي پنهنجي
پهر هٿي دودي جي حوالي ڪيو. دودي پوءِ سلطان مسعود جي ٻن
ڏيٺهن لاءِ هر قسم جو کاڏو بند ڪرايو. ٽئين ڏينهن دودي سومري
سلطان جون اکيون ٻڌيون ۽ نڙواري ڳري سندس مٿي تي رکي. تنهن
کان پوءِ لوهہ جي ننڍين ڪنڊين ۾ پٽ جو سڳو ٻڌي مانيءَ جي گرهہ
جي وچ ۾ ڏئي سلطان کي چيو تہ اهو گرهہ ڳهي وچ سلطان ائين
ڪيو. دودي ڏٺو تہ اهو مانيءَ جو گرهہ هڪ نانگ ڳهي ويو. جڏهن
ڏٺائين تہ اهو گرهہ نانگ پوري ريت ڳهي چڪو آهي تہ ان کي ڇڪي
ٻاهر ڪڍي ورتائين. ٻيو نانگ بہ انهيءَ ساڳي طريقي سان سلطان
جي پيٽ مان ڪڍي ورتائين. اهڙيءَ ريت هڪ ڪلاڪ اندر سلطان
کي گهٽو آرام اچي ويو. پوءِ دودي سلطان جون اکيون کولي سندس
پيٽ مان نڪتل اهي نانگ ڏيکاريا تہ سلطان ڏاڍو خوش ٿيو ۽ کيس
چيائين تہ جيڪو گهرٽو هجئي سو گهر. دودي چيس جئندا قبلا! آءُ
سنڌ جو حقيقي حڪمران آهيان. چنيسر منهنجي اباڻي حڪمراني
تي ناحق قبضو ڪري ويٺو آهي. مان دانهين ٿي اوهان وٽ آيو
آهيان. جيڪڏهن اوهان مون کي فوجي مدد ڏيندؤ تہ کائنس پنهنجو
ملڪ واپس وٺي سگهندس. اهو ٻڌي سلطان فوج گڏ ڪرڻ جو
حڪم ڏنو ۽ پوءِ اها فوج دودي سان گڏي رواني ڪئي وئي. جڏهن
چنيسر کي غزنيءَ جي فوج جي اچڻ جي سڌ پئي تہ مقابلي جي سگهہ
نہ ساري نٿي جي قلعي ۾ وڃي لڪو. غزنيءَ جي فوج قلعي ٻاهران
ڪڙو چاڙهيو ويٺي رهي. آخر تنگ ٿي قلعي جون پٽيون ٻڌي اندر
داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪيائون تہ جهيڙي جي شروعات ٿي. جنگ

ٻارنهن ڏينهن سانده هلي نيٺ شاهي فوج کي فتح نصيب ٿي ۽ چنيسر ۽ سندس ٻيا ڪيترا ماڻهو تلوار جو ڪاڇ ٿي ويا. جيڪي بچيا سي ملڪ ڇڏي ويا. قلعو فتح ٿي وڃڻ کان پوءِ دودي کي گهٽو ئي خزانو هٿ لڳو.

دودي جي تخت تي ويهڻ کان پوءِ شاهي لشکر غزنيءَ ڏانهن روانو ٿيو. سنڌ جي حڪومت وڏي شان ۽ شوڪت سان هلائي ۽ ڪيترن سالن جي راڄ ڪرڻ کان پوءِ هي فاني جهان ڇڏي دارالبقا ڏانهن روانو ٿيو. (هتي اضافي ٽڪرو ختم ٿيو)

هن جي وفات کان پوءِ ارمل نالي هڪ ماڻهو تخت تي ويٺو. هيءَ ڏاڍو ڏنگو ماڻهو هو. سندس ڏاڍاين ڪري ماڻهن ۾ ڏهڪاءُ ۽ ٽرٿلو مچي ويو هو. ماڻهن منجهانئس تنگ ٿي کانئس آڇپي جو پڪو پهه ڪيو. سما نيات جا ڪي ماڻهو ڪڇ مان اچي سنڌ ۾ آباد ٿيا هئا ۽ هنن ماڻهن سان اچي ايڪو ڪيو هئائون. سمن جي ڄاڻايل قبيلي انڙ نالي هڪ مانهو جيڪو سڄاڻ ۽ نهايت ڏاهو هو. ملڪ جي چوند سردارن هن کي ڳجهه ڳوهه ۾ آڻي هتي اچي رهايو هو. صبح جو سوير ماڻهن جو هڪ ٽولو ارمل Armil جي گهر ۾ داخل ٿيو ڪيس قتل ڪري سندس سر شهر جي مکيه ڦاٽڪ وٽ لٽڪائي، انڙ کي تخت تي وهاريائون.

جام انڙ (9) پٽ بابينو

سنڌ جي راڻن راوتن ۽ وڏيرن جي پنيرائيءَ سان تخت تي ويٺو ۽ ملڪ جو حڪمران بڻيو. ڪيس عام ماڻهوءَ جي گهڻي تائيد حاصل

هئي. هو پنهنجي فوج وٽي سيوستان تي ڪاهي ويو. اتي ترڪ بادشاهه (10) جو هڪ نمائندو حڪومت ڪري رهيو هو. سيوستان جي ويجهو پهچي هن پنهنجي فوج جي صف بندي ڪئي. ملڪ رتن به پنهنجي قلعي مان فوج وٽي اچي سندس سامهون ٽيو. ٻنهي ڌرين ۾ جهونجهار ڪو جهيڙو شروع ٿي ويو. پهرئينءَ جلهه ۾ جام انڙ هارايو. پر هن جي واهر لاءِ سندس پائر پهچي پيا ۽ وري وڃي جهيڙو ڪنديائون. ملڪ رتن گهوڙي تي چڙهي وڃي رهيو هو جو جام انڙ وڃي مٿس حملو ڪيو. ڪيس هيٺ ڪيرائي سندس سسي ڏڙ ڪان ڌار ڪري ڇڏيائين. سيوستان جو قلعو جام انڙ جي حڪومت ۾ شامل ٿي ويو. فيروز ۽ علي شاهه ترڪ تنهن زماني ۾ بکر ۾ موجود هئا. تن جام انڙ ڏانهن هن مضمون وارو خط روانو ڪيو: "تنهنجي اها فتح ٿوري وقت لاءِ آهي. توکي شاهي فوج سان مقابلي ڪرڻ جو انتظار ڪرڻ گهرجي ۽ ان جو بهادريءَ سان مقابلو ڪجانءِ تہ پتو پوي" هنن جي لفظن مٿس اثر ڪيو ۽ هو اتان نڪري ٺريءَ (11) هليو ويو. هو سادين تن سالن جي راڄ ڪرڻ کان پوءِ وفات ڪري ويو. ڪن مورخن لکيو آهي تہ جڏهن هو سيوستان جي فتح کان موٽيو تہ هڪ رات عيش عشرت ڪندي گهڻو شراب پي ويو. ان وقت ڪيس سڌ ملي تہ ڪي ماڻهو هن خلاف بغاوت ڪري رهيا آهن. هن پنهنجي هڪ راوت گوهر پٽ تماچيءَ کي سندس مقابلي لاءِ روانو ڪيو. جيڪو پاڻ به وڏوڙين سان مقابلي ڪرڻ مهل نشي جي پورن ۾ هو. جنهن ڪري دشمن سان صحيح مقابلو ڪري ڪونہ سگهيو ۽ جهلجي پيو. باغين ڪيس جنگي قيدي بٽائي ورتو. جام انڙ هن ڏانهن ڪوبہ ڏيان نہ

ڏنو ۽ شراب نوشيءَ کندو رهيو. هڪ ڏينهن وجهه وٽي گوهر پٽ تماچي نڪري هليو ويو. جام انڙ کان سندس دل ڪٽي ٽي پئي هئي. هو سڏو وڃي علي شاهه ترڪ سان بکر ۾ مليو. جيڪو ملڪ فيروز شاهه سان گڏجي، جام انڙ تي گهل چاڙهي ويو. جام انڙ ان وقت بهرام پور ۾ هو. مٿس حملو ڪري قتل ڪري ڪيس ڇڏيائون. ملڪ فيروز شاهه کي قلعي جو حاڪم مقرر ڪيو ويو ۽ اعلي موٽي وڃي بکر نڪتو. تن ڏينهن گڏرڙ کان پوءِ جام انڙ جي مانحن رٽ رٽي گوهر پٽ تماچي ۽ ملڪ فيروز شاه تي حملو ڪري کين کهي ڇڏيو.

جام جوٹو پٽ بابينو

جام انڙ جي وفات کان پوءِ سما گهراٽي وارن جوٹي کي جام جو لقب ڏئي تخت تي وهاريو. سندس خواهش هئي ته ساريءَ سنڌ تي پنهنجو راج قائم ڪري. هو پنهنجي نيات وارن ۽ ٻين ماٹهن سان نهايت ٻاجهارو سلوڪ ڪرڻ لڳو. پنهنجي دلي مراد کي پورو ڪرڻ لاءِ کين مختلف سرڪاري عهدن تي مقرر ڪيائين. هنن ماٹهن تلٹيءَ وٽان سنڌو اڪري بکر سرڪار جا ڪيترا ڳوٹ اجاڑي پينگ ڪري ڇڏيا. انهيءَ ڳالهه تان اچي بکر سرڪار جي واڳ ڏٹين ۽ سمن ۾ جهيڙو لڳو جيڪو به ٽي ڏينهن هليو. بکر جا ترڪ حڪمران سمن سان جهيڙي ۾ پورا ڪونہ پيا ۽ بکر ڇڏي وڃي اچ وسايائون. هن ٽوري وقت لاءِ سنڌ تي وڏي دٻدٻي سان حڪومت ڪئي. ان زماني ۾ سلطان علاوالدين پنهنجي پاءُ الغ خان کي ملتان جو حاڪم مقرر ڪيو. جنهن تاج ڪافوري ۽ تاتار خان کي جام جوٹي جي مقابلي لاءِ

سنڌ موڪليو. پر سندس پهچڻ کان اڳ جام جوٹو خناق جي بيماري ڪري وفات ڪري ويو. علاوالدين جي فوج بکر جي فتح کان پوءِ سوستان تي حملو ڪيو.

جام تماچي (ءِ جام خيرالدين)

دربار جي راوتن ءِ راڄوڙن جي صلاح مشوري کان پوءِ جام تماچيءَ کي تخت تي وهاريو ويو. علاو الدين جي فوج ٿوريِ مقابلي کان پوءِ کيس قيد ڪري اهل عيال سميت دهليءَ وٹي آئي. اتي کيس اولاد بہ ٽي (12) سما نيات جي ماڻهن هنن کي وٹي اچي ٹريءَ ۾ قيد ڪيو ءِ راج پاڳ جي سنيال پاڻ ڪرڻ لڳا. گهٹي وقت ءِ جام تماچيءَ جي وفات کان پوءِ سندس پٽ خيرالدين کي تخت تي وهاريو ويو. جنهن جو ننڍپڻ وارو زمانو پيءُ سان گڏ دهليءَ ۾ گذريو هو ءِ سنڌ موٹي اچڻ کان پوءِ سنڌ جو راج ڏٹي ٹيو هو. هن کي تخت تي ٿورو وقت مس ٹيو هو جو محمد شاهہ سنڌ مان لنگهي گجرات وڃي رهيو هو. جام خيرالدين کي پاڻ وٹ گهرائڻ لاءِ قاصد روانو ڪيائين. جام اڳيئي بندي خاني جا ڏک ڏ ي چڪو هو تنهن قاصد کي محمد شاهہ وٹ هلڻ کان ڪتو جواب ڏنو. سلطان محمد شاهہ پٽ تغلق شاه بکر جي پسگردائيءَ ۾ وفات ڪري ويو. سندس وفات کان پوءِ هن جي وصيت ءِ وراثت (13) موجب سلطان فيروز شاهہ کي تخت تي وهاريو ويو. هي ۽ پوءِ سنڌ ملڪ جي علائقي، سوستان جي ڪنهن ماتحت ايراضي مان پنهنجي فوج وٹي دهلي روانو ٹيو. جام خيرالدين پنهنجي فوج وٹي سندس ڪيڊ پيو ءِ ڪيترين منزلون سندس پويان

وڃي پهتي موتي آيو. سلطان فيروز هن ڳالهه کي دل ۾ رکيو. سلطان فيروز شاهه تغلق جي وڃڻ کان پوءِ جام خيرالدين انصاف ۽ اصول سان حڪومت ڪرڻ ۽ عام ماڻهو جي حال سڌارڻ لاءِ جتن ڪرڻ لڳو. هن انصاف پسند حڪمران جي راڄ ۾ هڪ اهڙو واقعو ٿيو جنهن مان سندس نياءَ ۽ نيت پت جي سڌ پوي ٿي. چوندا آهن ته هڪ ڏينهن پنهنجي راوت راڻن، راڄوڙن ۽ ٻين ماڻهن سان گڏ ڪيڏانهن وڃي رهيو هو ته رستي ۾ ڪيس ماڻهن جا هڏا نظر آيا. اهي ڏسي هن پنهنجي گهوڙي جون واڳون ڇڪي بيهاريو ۽ انهن هڏن ڏانهن ڏسي سوچ ويچار ۾ اچي ويو. پوءِ پاڻ سان گڏ ماڻهن ڏي منهن ڪري ڪين چيائين ته "هڏايو ته مون کي هي انساني هڏا ڇا چئي رهيا هئا." ماڻهن ڪيس ڪوبه جواب ڪونه ڏنو. تنهن تي هن پاڻ ئي وراڻيو ته اهي هڏا ڪن مظلوم ماڻهن جا آهن ۽ مون کي انصاف لاءِ ٻاڏائي رهيا آهن. هن هڪدم اهڙي جاچ جوچ لاءِ ڏيان ڏنو. ان ڏس ۾ هڪ جهونڙي کي پاڻ وٽ سڏايائين. جنهن جي زمين تي اهي هڏا موجود هئا. جنهن پڇاڻي بعد ڪيس ٻڌايو ته ست سال ڪن ٽيندا جو هتان گجرات جو هڪ قافلو گذريو هو ۽ فلاڻن نياتن جي ماڻهن هنن کي لٽيو ۽ ماڻهن کي قتل ڪيو هو. ان ڦريل مال جو وڏو حصو اڃا به وٽن موجود آهي. جام اهو ٻڌڻ شرط حڪم ڪيو ته اهو سارو سامان گڏ ڪيو وڃي. اهڙو سامان ڪٿي ٿي وڃڻ کان پوءِ اهو گجرات جي حڪمران ڏانهن روانو ڪيو ويو ۽ ڪيس گذارش ڪئي هئي ته اهو مقتول ماڻهن جي وارثن ۾ ورهايو وڃي. بعد ۾ قاتلن کي جوڳيون سزائون ڏنيون ويون. ٿوري وقت کان پوءِ هو وفات ڪري ويو.

ڄام بابينو

هن جي وفات کان پوءِ سندس پٽ ڄام بابينو تخت تي ويٺو. ان وقت سلطان فيروزا شاه تغلق هندستان ۾ گجرات جا انتظامي معاملا ٺيڪ ڪري سنڌ جي فتح ڏانهن ڌيان ڏيڻ لڳو. هو پنهنجي گهل وٺي سنڌ تي چڙهي آيو. هيڏانهن ڄام بابينو به ويسلو ڪونہ ويٺو هو. سو به ترسيو ويٺو رهيو. درياهہ ۾ چاڑهہ جي رت ۾ سانوڻ جي وڏڦڙي وسڪارا لائي ڏنا. اٽائي واءُ گهلي پئي. ننهن کان پوءِ مچر به مچرجي پيا هئا. تنهن ڪري کيس مجبور ٿي گجرات جي پٽڻ شهر ڏانهن وڃڻو پيو. وسڪاري کان پوءِ هو وڏو لشکر وٺي موٽي اچي سنڌ نڪتو. ٻنهي ڌرين ۾ زبردست جنگ شروع ٿي وئي. آخر سلطان بابيني کي قيد ڪيو ويو ۽ ساري سنڌ سلطان فيروز جي حڪومت ۾ شامل ٿي وئي. سلطان کيس پاڻ سان گڏ دهلي ۾ وٺي ويو. ٿوري وقت کان پوءِ سلطان مٿس راضي ٿيو ۽ سنڌ جي حڪومت کيس موٽائي ڏنائين. هيءُ ڄام پندرهن سالن جي حڪومت کان پوءِ وفات ڪري ويو.

ڄام تماچي

ڄام بابيني جي وفات کان پوءِ سندس پاءُ ڄام تماچي تخت ۽ ڇت ڏٺي ٿيو (14) ۽ امن امان سان سنڌ جي حڪومت هلائڻ لڳو. هيءُ عيش عشرت جو ڪوڏيو هو ۽ سارو وقت محفلن ۾ گذاريندو هو. هن تيرهن سال راج ڪري وفات ڪئي.

جام صلاح الدين

جام تماچيءَ کان پوءِ جام صلاح الدين گاديءَ تي ويٺو. هن پهريون ڏيان سنڌ جي وجايل علائقن ڏانهن ڏنو. جيڪي وڪوڙي ماڻهن جي هٿ هيٺ اچي ويا هئا. ان ڪري هن اهڙن وڪوڙي مانهن جي ڪن مهٽ ڪرڻ لاءِ وڏي فوج رواني ڪئي ۽ کين جوڳي سيکٽ ڏيڻ کان پوءِ هو ڪٽڪ وٽي ڪڇ تي ڪاهي ويو. اتان جي ماڻهن سندس هر محاذ تي مڙس ٽي مقابلو ڪيو. پر هر هنڌ فتح جام صلاح الدين جي ٽيندي هئي. اهڙيءَ ريت هن گهڻو مال غنيمت هٿ ڪيو. هن پنهنجي فوج ۽ عام ماڻهوءَ جي فائدي لاءِ گهڻو ڪجهه ڪيو ۽ يارنهن سالن جي حڪمرانيءَ کان پوءِ وفات ڪري ويو.

جام نظام الدين

پنهنجي پيءُ جي وفات کان پوءِ سلطان نظام الدين تخت تي ويٺو. تخت تي ويهڻ شرط هن پنهنجي چاچن (15) ملڪ سڪندر، ڪرن، بهاؤالدين ۽ امر Amar کي آزاد ڪيو. جيڪي رياستي حڪمت عملي تحت ڪن سالن کان بند هئا ۽ کين پنهنجن پنهنجن علائقن ڏانهن روانو ڪري ڇڏيو. ان کان پوءِ ملڪ جو سارو ڪاروبار راڻن، راوتن ۽ سرڪاري ڪامورن جي حوالي ڪري رات ڏينهن عيش عشرت ۾ لڳي ويو. کيس ويسلو ڏسي سندس چاچا کيس قيد ڪرڻ جي ارادي سان شهر تي ڪاهي آيا. پر کيس اڳواٽ ئي اهڙي ڄاڻ ملي وئي. هو رات جي وڳڙي ۾ شهر کان نڪري گجرات هليو ويو. صبح جو جڏهن کين اهڙي خبر پئي ته سندس چاچا ڪيڏ

لڳي پيا. شهر جي وڏڻ هن وڳوڙي وايو منڊل ۾ جام علي شير کي وٺي آٽي تخت تي وهاريو. ان زماني ۾ جام نظام الدين وفات ڪري ويو ۽ سندس چاچا لڇي ٽي موٽي ويا ۽ هڪ رڻ ۾ ڦاسي ويا.

جام علي شير

ملڪ جي راڻن، راوتن ۽ راڄوڙن جي پٽيرائيءَ سان جام علي شير ملڪ جي راجڳديءَ تي ويٺو. هن نياءَ نيت پت سان حڪومت جي شروعات ڪئي ۽ ڏاڍو نرم دل حڪمران هو. هيءُ ڏاڍو ڏاهو سوجهه انسان هو ۽ هڪدم ملڪي معامن ۾ وڏي دلچسپي وٺڻ لڳو. سنڌ ۾ وڳوڙي وايو منڊل هو. هن وڏي جاکوڙ کان پوءِ امن امان قائم ڪيو. هن سمي سلطان جي راڄ جوهر هڪ ماڻهو سک جو ساهه کٽڻ لڳو. ٿوري وقت کان پوءِ هو بہ عيش عشرت ۾ ڪاهي پيو ۽ هر چوڏهين جو محفلون وڄي جهنگ ۾ ڪندو هو. سندس انهيءَ عادت کان جام تماچيءَ جا پٽ سڪندر، ڪرن فتح خان واقف ٿي ويا. اهي رات جو سفر ڪندا ڏينهن جو لڪندا نيٺ اچي شهر جي ٻاهران پهتا. جام علي شير بہ هميشہ جيان، مهيني جي 13 تاريخ ۽ جمع جي رات پنهنجي خاص ماڻهن سان گڏ ٻيڙيءَ ۾ چڙهي دريائي سفر لاءِ روانو ٿيو. آڌيءَ رات جو جڏهن هو واپس گهر اچي رهيو هو تہ هٿياربند ماڻهن مٿس حملو ڪيو. ساٿس گڏ ماڻهن کيس بچائڻ جا وڏا وس ڪيا پر دشمن جام کي قتل ڪري ڇڏيو. وڏي لڙ بکيڙي کان پوءِ هو شاهي محل ۾ داخل ٿيا. شهر جا ماڻهو بہ مڙي ويا. پر کين پتو پيو تہ معاملو ختم ٿي چڪو آهي ۽ سندس وس کان وڏو آهي. اهڙيءَ

ريت انهن آڻ مڃي. جام علي شير ست سال حڪومت ڪئي.

جام ڪرن

جام علي شير جي وفات ڪان پوءِ سما نيات جي ماڻهن جام ڪرن کي راڃگديءَ تي ويهاريو. هو شهر جي راوتن ۽ راڃوڙن ڪان ناراض هو. ڪائٽ ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ هڪڙن کي مارائي ڇڏيائين ۽ ٻين کي قتل ڪرايائين. جنهن ڏينهن هو راڃگديءَ تي ويٺو يا ان کان پئي ڏينهن هن شهر جا ننڍا وڏا ماڻهو پنهنجيءَ دربار ۾ آڻايا. هن کين ڏاڍي نرمائيءَ سان مخاطب ڪيو ۽ رات جي ماني به ڪارايائين. جڏهن هو موڻي گهر جي در وٽ پهتو تہ ڪن هٿيارين جي مٿس حملو ڪري کيس قتل ڪري ڇڏيو. انهن هٿيارين جي اڳواڻي فتح خان پٽ سڪندر ڪري رهيو هو. هو نيٺ فوجي سپاهين ۽ عام ماڻهن جي مدد سان راڃگديءَ تي ويٺو.

جام فتح خان

هن تخت تي ويهڻ سان اڳئين حڪومت جا قائم ڪيل اصول ۽ ضابطا برقرار رکيا. هو ملڪ جي هر معاملي بابت گهٽي ڇاڻ رکڻ لڳو ۽ ڏاڍو سچيتو تي پيو. انهيءَ زماني ۾ صاحب قران امير تيمور جي پوٽي مرزا پير محمد اچي ملتان تي حملو ڪيو هو. هن ملتان سان گڏ اُچ فتح ڪري ورتو هو. هتي ترسڻ دوران سندس گهوڙا مري ويا هئا. اهڙيءَ ريت سندس گهوڙي سوار پيادا ٿي پيا هئا ۽ ڏاڍي ڏڇي ۾ ڦاسي ويا هئا. جڏهن امير تيمور کي اها خبر پئي تہ ڏانهس ٽي هزار گهوڙا

روانا ڪيائين. ان کان پوءِ هن پٽي ۾ آهن Ahan (16) قبيلن تي وڃي حملو ڪيو هو. هنن ماڻهن بغاوت ڪري پنهنجي جڙ ٻڃي کي جڙ ناس ڪري ڇڏيو هو. ان کان پوءِ هن بکر ڏانهن ماڻهو موڪلي اتان جي رهواسين کي پاڻ وٽ گهرائي ورتو هو. دهليءَ جي حڪمران جا مقرر ڪيل نواب ۾ امير سندس مقابلو ڪري ڪونہ سگهيا ۽ جيسلمير رستي پڃي هليا ويا. بکر جو هڪ رهواسي جنهن جو نالو ابوليث ذات جو سيد ڪيس ملڻ لاءِ تڪڙو روانو ٿيو. هو متقي پرهيزگار ۽ خدا رسيده بزرگ هو. هو هر رات تهجد پڙهڻ مهل رسول الله صلي الله عليہ وسلم کي شفا لاءِ پيو ٻاڌائيندو هو. هڪ رات مرزا پير محمد کي رسول پاڪ صہ خواب ۾ نظر آيو ۽ کيس چيائين: "ابوليث منهنجو پٽ آهي. جيڪو توڏانهن اچي رهيو آهي تون سندس گهٽي عزت ۽ احترام ڪجانءِ." مرزا ننڊ مان جاڳي پيو ۽ پورا يارنهن ڏينهن ان ماڻهوءَ جي انتظار ۾ اوسيڙي ۾ رهيو. اهو سيد ان وقت پهتو جڏهن مرزا پير محمد دربار ۾ هو ۽ سندس چوڌاري امير ۽ نواب وينا هئا. جڏهن سندس اک وڃي سيد ابوليث تي پئي هن هڪدم کيس سڃاڻي ورتو ۽ سندس زبردست آڃيان ڪئي. ساٿس ياڪر پائي مليو ۽ وٺي اچي پنهنجي پاسي ۾ ويهاريائينس. دربار ۾ ويٺل نوابن ۽ اميرن مرزا پير محمد کان سيد بابت پڇيو. جنهن کين خواب وارو سارو قصو ڪري ٻڌايو. ان ڏينهن هن مرزا سيد ابوليث کي هڪ گهوڙو ۽ سوڪڙيون پاکڙيون ڏئي پٽتي روانو ڪيو ۽ کيس الور وارو پرڳڻو بہ انعام ڏنو هئائين. تيمور جي دهليءَ فتح ڪرڻ کان پوءِ مرزا موڻي اچي ملتان ۾ رهيو. انهن جي مقرر ڪيل دهليءَ جي

حڪمرانن جي ايامڪاريءَ دوران لانگاهن ملتان تي قبضو ڪري ورتو هو. سجيءَ سنڌ تي سمن جامن جي حڪومت قائم هئي. جام فتح خان سيني سمن حڪمرانن مر وڏيڪ سورهه ۽ سخي هو. هن پندرهن سال ۽ ڪجهه مهينا حڪومت ڪئي.

جام تغلق پٽ سڪندر

جڏهن جام فتح خان موتءَ جي بستري تي هو تہ پهنجي وفات کان ٿي ڏينهن اڳ پنهنجي پاءُ تغلق کي سڏائي تخت تي وهاريائين ۽ چٽ ۽ راڄ جون واڳون سندس حوالي ڪيائين. ان کان علاوه هن کيس تغلق جو لقب بہ ڏنو. ٿوري وقت کان پوءِ سندس پاءُ جي مقرر ڪيل گورنرن کي بکر ۽ سيوستان جو گورنر بحال ڪيائين. هيءُ پنهنجو گهڻو وقت شڪار ۽ ٻين مشغلن مر گذاريندو هو. بکر پاسي جڏهن ٻروچن شورش ڪئي تہ فوجون روانيون ڪري سندس سردارن جي ڪن مهٽ ڪيائين. هن اٺاويهه سال حڪومت ڪئي.

جام سڪندر

پنهنجي پيءُ جام تغلق کان پوءِ سڪندر راڄگديءَ تي ويٺو. ان وقت عمر مر ننڍو هو. بکر ۽ سوستان جا گورنر پاڻون جاڻون وٽس هلي ايندا هئا ۽ پاڻ مر پيا وڙهندا هئا. هن جي ڪاب ڳالهه ڪانہ ميجيندا هئا. هڪ ڏينهن جام سڪندر ڏٺي کان فوج وٺي بکر ڏانهن روانو ٿيو تہ هڪ ماڻهو نالي مبارڪ. جيڪو جام تغلق جو حاجب هو. موقعو ڏسي وڃي تخت تي قبضو ڪيو ۽ پنهنجو پاڻ کي جام مبارڪ

سڏائڻ لڳو. اتان جي ماڻهن هن شخص جي حڪومت کي ڪوڙ
سمجهيو جنهن ڪري سندس راڄ فقط ٿي ڏينهن هليو. چاڪاڻ جو ٿٽي
جي راوتن ۽ راڄوڙن ڪيس ٿٽي مان ڊوڙائي ڪڍيو ۽ سڪندر ڏانهن
پڃايائون. جڏهن سڪندر کي هي سٽس پهتي ته پنهنجي دشمنن
سان صلح واري پوئتي ٿٽي ڏانهن روانو ٿيو ۽ اچي حالتن تي ضابطو
ڪيائين. ڏيڍ سال جي حڪومت ڪرڻ کان پوءِ هو وفات ڪري ويو.

جام راءِ ڏنو (17)

جام راءِ ڏنو 6 تاريخ جمادي الاول سن 858هـ (1454ع) تي
سنڌ جي راڄگدي سنڀالي. جام جي دور ۾ هو ڪچ ۾ رهندو هو. هن
اتان جي ماڻهن سان ڏاڍا ناتا واسطا ڪري ورتا هئا. هن ماڻهن جو
هڪ جٿو به جوڙي رکيو هو. جيڪو نهايت تجربيڪار ماڻهن تي
مشتمل هو. هيءَ سندن گهٽو احترام ڪندو هو ۽ ڪين سوڪڙيون
پاکڙيون به ڏيندو هو. اهي ماڻهو به سندس ڏاڍي عزت ڪندا هئا ۽
ڪيس تمام گهٽو ڏاهو ۽ سچيت سمجهندا هئا ۽ ساٽس دليون جانيون
وفادار ۽ مخلص هئا. هن جڏهن ٻڌو ته جام سڪندر وفات ڪري ويو
آهي ته پنهنجا تجربيڪار ماڻهو ۽ فوج وٽي ٿٽي ڏانهن راهي ٿيو. اتي
پهچي هن شهر جي ماڻهن کي هڪ جاءِ تي ڪٺو ڪري ڪين هن
ريت مخاطب ٿيو. "مون کي تخت ۽ تاج جي لالچ هيڏانهن وٽي ڪاڻ
آئي آهي. پر مان هن مقصد سان آيو آهيان ته جيئن ملسمانن جو
بچاءُ ڪري سگهان. سندن عزت، آبرو، جان ۽ مال جو تحفظ ڪري
سگهان. مان پنهنجو پاڻ کي حڪمران ٿيڻ جو لائق ڪونه ٿو

سمجهان. پر اوهان پنهنجي مرضيءَ سان جيڪو بہ حڪمران چونڊيو آءِ ان جي بعيت ڪندس." پر سما گهراٽي مان ڪير بہ حڪومت سنيالڻ لاءِ تيار ڪونہ ٿيو. انهن سيني گڏجي جام راءِ ڏني کي سنڌ جو حڪمران چونڊيو. جام سنجر تخت تي ويهڻ کان ڏيڍ سال اندر سمنڊ کان وڻي ماٽيلي ۽ اوباوڙي پاسي کاجريکي ۽ ڪنڊرڪ (18) تائين ساري سنڌ پنهنجي حڪومت ۾ شامل ڪري چڏي. ڪيس حڪومت ڪئي اجا اٺ سال مس گذريا هئا. جو سندس هڪ درباري جي دماغ ۾ حڪمرانيءَ جو سودا جاڳيو. هن ٻين درباري دوستن ۽ پنهنجن خاص ماڻهن کي هن سازش ۾ شريڪ ڪيو. هڪ ڏينهن جيئن جام راءِ ڏنو خاص محفل ۾ شراب پي رهيو هو تہ هڪ بوتل ۾ زهر وجهي. اها سندس خدمتگار جي حوالي ڪيائين. جنهن وجي ڪيس اهو شراب پياريو. اهو شراب پيئڻ کان پوءِ ٿئين ڏينهن هو وفات ڪري ويو. (19)

جام سنجر

جام راءِ ڏني کان پوءِ جام سنجر راڄگديءَ تي ويٺو. چيو ويندو آهي تہ هو ڏاڍو سهڻو نوجوان هو. ڪيترا ماڻهو ساڻس پيار ڪندا هئا ۽ بنا ڪنهن اجوري وٺڻ جي سندس خدمت ڪندا هئا. اهو بہ ٻڌايو وڃي ٿو تہ هڪ درويش وٽ ويو. رسمي عليڪ سليڪ کان پوءِ هن درويش کي ٻڌي جي بادشاهہ ٿيڻ واسطي دعا لاءِ گذارش ڪئي. هن ڪيس وڌيڪ هي بہ چيو تہ اها بادشاهي پلي پوءِ اٿن ڏينهن جي هجي پر هو هڪ وار ٻڌي جو سلطان ضرور ٿئي. درويش ڪيس دعا ڪندي

چيو تہ "اٹ ڏينهن چا، تون اٹن سالن لاءِ ٹتي جو بادشاهہ ٹيندين." اهڙيءَ ريت جام راءِ ڏني جي وفات کان پوءِ ٹتي جي راوتن ۽ راجوڙن جام سنجر کي راجگديءَ تي ويهاريو ۽ سنڌ جي حڪمرانيءَ جون واڳون سندس حوالي ڪيون. درويش جي دعا سان ڪيس بنا ڪنهن مخالفت جي بادشاهي ملي وئي. هر پاسي جا ماڻهو سندس وفادار ۽ تابعدار ٹيندا ويا. هن سلطان جي ڏينهن ۾ سنڌ ايتري گهڻي ترقي ڪئي، جنهن جو مثال اڳين حڪمرانن ۾ ملڻ ئي مشڪل آهي. فوجي سپاهي ۽ عام ماڻهو بہ آرام سان زندگي گذارينداهئا. جام سنجر، درويشن،۽ عالمن جي گهڻي عزت ڪندو هو ۽ انهن لاءِ پيل ماڻهن جي لاءِ وظيفا مقرر ڪيا هئائين. هي جمعي تي غريبن مسڪينن ۾ گهڻي خيرات ورهائيندو هو. چيو ويندو آهي تہ اڳين حڪمرانن جي ڏينهن ۾ هو پنهنجي نوڪرن چاڪرن کي ايتري ٹوري پگهار ڏيندا هئا، جو سندن گذر سفر ڪرڻ ٹي سگهندو هو. جام سنجر جي ڏينهن ۾ بکر جي قاضي معروف جي شڪايت ڪيس موصول ٹي تہ جڏهن وٹس فيصلي لاءِ ڪو معاملو پيش ٹئي ٹو تہ هو مدعي ۽ مدعا عليہ ٻنهي کان رشوت وٺندو آهي. جڏهن هن ڳالهہ جي جام سنجر کي سڌ پئي تہ ڪيس ڏاڍي ڪاوڙ آئي ۽ هڪدم قاضيءَ کي پيش ٹيڻ جو حڪم ڏنائين. قاضي جڏهن سندس دربار ۾ پيش ٹيو تہ کانئس پڇيائين تہ: "ٻڌو اٿم تہ جڏهن تو وٽ انصاف لاءِ ڪو معاملو پيش ٹيندو آهي تہ مدعي ۽ مدعا عليہ ٻنهي کان رشوت وٺندو آهين؟" قاضي وراڻيو تہ "سائينءَ جن جيڪو ٻڌو آهي سو بلڪل سچ آهي، پر منهنجي مرضي هوندي آهي تہ شاهدن جي ڪيسن مان بہ

ڪجهه ڪسڪائي وڻان پر اهي نياڳا مون کي اهڙو ڪو موقعو ئي ڪونہ ٿا ڏين." جام سنجر قاضيءَ جي هيءَ ڳالهه ٻڌي ڏاڍو ڪليو ۽ قاضيءَ کان پڇيائين تہ شاهدن کان رشوت وٺڻ جو خيال ڪيس ڪيئن آيو؟ قاضي ڪيس عرض ڪيو تہ "سائين اڳين حڪمرانن جي ڏينهن ۾ سرڪاري ڪامورن جون پگهارون ايتريون ٿوريون هونديون هيون جو پنهنجي گهر ياتين جي پيٽ جي پورت ڪري ڪونہ سگهندا هئا ۽ بک کان تنگ ٿي رشوت وٺندا هئا. توهان منهنجو ئي مثال وٺو تہ مان سچو ڏينهن عدل انصاف ڪرڻ ۾ رڌل رهندو آهيان ۽ منهنجي لاءِ روزگار جو ٻيو وسيلو بہ ڪونہ آهي. توهان ٻڌايو تہ مان رشوت نہ وٺان تہ ٻيو ڇا ڪريان." جام سنجر قاضيءَ جو سچائي وارو بيان ٻڌي ڏاڍو متاثر ٿيو. ڪيس گهٽا انعام اڪرام ڏئي روانو ڪيائين. سندس پگهار بہ وڌائي وئي. ان سان گڏ اهو فرمان بہ جاري ڪيو ويو تہ سندس حڪمرانيءَ جي حدن اندر سرڪاري ڪامورن جون ايتري قدر پگهارون وڌايون وڃن جو سندن گذر سفر عزت آبروءِ سان ٿي سگهي. جام سنجر اٺ سال حڪومت ڪئي.

جام نظام الدين عرف جام نندو

جام سنجر جي وفات کان پوءِ 25 ربيع الاول 866هـ (ڊسمبر 1461ع) تي جام نظام الدين راڄگديءَ تي ويٺو. سندس تخت نشيني عالمن صالحن فوجي عملدارن راڻن راوتن ۽ راڄوڙن جي متفق صلاح سان عمل ۾ آئي هئي. جام نظام الدين شروع کان ولي

علم جو شوقين هو ۽ پاڻ بہ عالم، زاهد، متقي ۽ پرهيزگار هو. وقت جو گهڻو حصو عالمن جي صحبت ۽ خانقاهن ۾ گذاريندو هو. سندس طبيعت ۾ هيٺاهين، نماڻائي ۽ نهٺائي تمام گهڻي هوندي هئي. سندس زماني ۾ مسجدون نمازين سان سدائين پريل ڏسبيون هيون. هو تخت نشينيءَ کان ٽورو پوءِ پنهنجي فوج سان گڏ ٺٽي کان بکر آيو ۽ اتي سال کن رهي ڏاڙيلن ۽ رهزنن کي سخت سزائون ڏئي ملڪ ۾ امن امان بحال ڪيائين. هن مختلف شيون گڏ ڪري بکر جي قلعي ۾ ذخيرو ڪيون ۽ پنهنجي هڪ غلام دلشاد کي ٺٽي جو حاڪم مقرر ڪري ٺٽي ڏانهن واپس ٽيو. ان کان پوءِ هن سنڌ جي انتظام ڏانهن ڌيان ڏنو. سندس جاکوڙ جو اهو نتيجو ٽيو. جو رعيت آرام ۽ سکون سان زندگي گذارڻ لڳي. مسافر، سيلاني ۽ واپاري طبقي کي بہ اڇ وڇ ۽ آند نيند ۾ گهڻيون سهولتون ملڻ لڳيون. عالم صالح ۽ فقير بہ نهايت خوش گذارڻ لڳا. هن کان علاوه فوج بہ ڏاڍو خوش ۽ مطمئن هئي. جام نظام الدين ملتان جي حسين لانگاهہ جو سهيوگي هو. پنهنجي ۾ دوستاڻا ناتا واسطا قائم هئا ۽ هر هفتي گهوڙن جي ڪڙهين ۾ ويندو هو ۽ سندن منهن تي ٽڪيون هڻي کين مخاطب ٽيندو هو ته: "منهنجي مرضي ڪانہ آهي ته مان سواءِ اسلامي جهاد جي توهان تي سواري ڪريان. چاڪاڻ ته منهنجي ملڪ جي چئن ئي ڪنڊن تي مسلمانن جون بادشاهيون آهن. مون کي اوهان بہ دعا ڪريو ته مان قانوني جواز کان سواءِ متن گهل چاڙهي نہ وڃان. نہ وري ڪو منهنجي ملڪ تي ڪاهي اچي جو مسلمان جي رتوچاڻ ٽئي ۽ مان قيامت جي ڏينهن خدا جي سامهون لڄي ٽي بيهان. جام نندي جو دور ۾ سندس

دينداريءَ ڪري ساري ملڪ ۾ دينداري ايتري تہ اوج تي هئي جو ان جو مثال ملڻ ٿي مشڪل آهي. عام ماڻهو عبادت ۽ رياضت جا ايترا تہ شوقين هئا جو ننڍا وڏا مسجدن ۾ اچي باجماعت نماز ادا ڪندا هئا ۽ ڪير بہ گهر ۾ اڪيلي سر نماز ڪونہ پڙهندو هو. جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جي باجماعت نماز قضا ٿي ويندي هئي تہ توبہ تائب ٿيڻ لاءِ بہ ٽي ڏينهن ساندهہ پيو نمازون پڙهندو هو. سندس حڪمرانيءَ جي پوئين دور ۾ شاهہ بيگ ارغون قندهار کان فوج وٺي اچي لکڑي Lakri چانڊا ۽ سنڌيڪ Sindhicha نالي ڳوٺن تي حملو ڪيو. جام نظام الدين مغلن جي انهيءَ فوج جي سامهون ٿيڻ لاءِ پنهنجو وڏو لشڪر ڏياري موڪليو. جنهن هڪ لک پرسان وڃي کين مهاڏو ڏنو. جنهن کي عام طور تي جلوگير جو ماڳ سڏيو ويندو آهي. ٻنهي ڌرين ۾ جهيڙو ٿيو. جنهن ۾ شاهہ بيگ جو پاءُ ڪسي ويو ۽ سندس لشڪر هارائي قندهار ڏانهن پڇي ويو ۽ جيستائين جام نظام الدين جيئرو هو. تيستائين هن کي سنڌ ڏانهن ميرين اکين سان ڏسڻ جي جرئت ئي ڪانہ ٿي.

جام نظام الدين پنهنجي وقت جي سڃاڻ عالمن سان گهٽي حجت ڪندو هو. شياز جي مشهور عالم مولانا جلال الدين محمد دواني سنڌ ۾ آباد ٿيڻ جي ارادي سان پنهنجي ٻن شاگردن مير شمس الدين ۽ مير معين کي موڪليو تہ جيئن جام نظام الدين کان اهڙي اجازت وٺي اچن. سنڌ جي حڪمران انهن ٻنهي ماڻهن جي رهڻ واسطي خاص ۽ مناسب رهائشگاهہ جو بندوبست ڪيو ۽ وڃڻ وقت، مولانا جي سفر جي خرچ لاءِ وڏي رقم کين ڏني هئائين. پر مولانا انهن

ماڻهن جي پهچڻ کان اڳ وفات ڪري ويو. سنڌ ۾ رهڻ وقت مير شمس الدين ۽ مير معين کي گهڻي عزت ڏني وئي هئي. ان ڪري هو واپس اچي ٺٽي ۾ آباد ٿيا هئا. ڪجهه عرصي کان پوءِ جام نظام الدين وفات ڪري ويو ۽ سنڌ وگوڙين جي ور چڙهي وئي.

جام فيروز

جام نظام الدين جي وفات وقت سندس پٽ جام فيروز ننڍڙو هو. تنهن ڪري جام صلاح الدين ٺٽي جي تخت تي پنهنجي دعويٰ ڪئي. جيڪو ڪنهن اڳئين جام جو مائٽ ۽ جام سنجر جو ڏوهٽو هو. دريا خان ۽ سارنگ جام نظام الدين جا نهايت سگهارا ۽ پٽ وارا غلام هئا. جن سندس سات نہ ڏنو. راڻن، راوتن ۽ راجوڙن جي آچار ويچار سان جام فيروز کي سندس پيءُ جي گاديءَ تي ويهاريو ويو. جام صلاح الدين سمجهيو تہ جهيڙي کان سواءِ ٺٽي جو تخت حاصل ڪري ڪونہ سگهندو. تنهن ڪري هو گجرات جي حڪمران مظفر ڏانهن واهر لاءِ ويو. سلطان مظفر زال جي جام صلاح الدين جي سوٽ هئي. تنهن ڪري سندس سهائتا ڪري ملڪي معاملن ڏانهن ڏيان ڪونہ ٿي ڏنائين. سندس سارو وقت حرم سراءِ ۾ گذرندو هو يا وري مسخرن سان ويٺو محلفون مچائيندو هو. سما نيات جا ماڻهو يا جام فيروز جي لاڳاپي وارا شهر واسين لاءِ آزار بڻجي ويا هئا. جڏهن دريا خان کين ائين ڪرڻ کان منع ڪندو هو تہ سندس توهين ڪندا هئا. تنهن ڪري خان دل هاري پنهنجي ڪاهان (ڳاهن) واري جاگير ڏانهن هليو ويو. انهن ڏينهن ۾ مخدوم عبدالعزيز آبهري ۽ سندس ٻ

پٽ مولانا اصيل الدين ۽ مولانا محمد. لڏي پلاڻي اچي ڪاهان جي ڳوٺ ۾ ويٺا ۽ اتي اچي علم ۽ عرفان جو درس ڪوليو هٽائون مذڪوره عالم هرات مان ان ڪري لڏي آيو هو جو تنهن سمي يعني 918هـ (1512ع) ۾ شاهه اسماعيل بغاوت جو جهنڊو بلند ڪيو هو ۽ علائقي ۾ وڳوڙي وايو منڊل هو. مذڪوره مولانا کي علم جي هر شعبي تي دسترس حاصل هئي ۽ هر شعبي سان لاڳاپيل ڪتاب وٽس موجود هٿا. هن عالم مشڪوات جي شرح بہ ترتيب ڏني، پر پوري ڪري ڪونہ سگهيو. ان جا ڪجهہ حصا مسعود Masud جي لئبريريءَ ۾ ايجا بہ موجود آهن. (20) ان مواد جا ڪي ٽڪرا ڪيترن ڪتابن جي حاشين ۽ حوالن طور ڏنا ويا آهن. هن ڪاهان جي ڳوٺ ۾ وفات ڪئي. سندس مقبرو عام ۽ خاص ماڻهن جو زيارتگاهہ بڻيل آهي.

جام فيروز عيش عشرت ۾ ڪاهي پيو. دربار جي ڏاهن ۾ سڃاڻ ماڻهن سان سندس ڪو واسطو ئي ڪونہ رهيو هو. ٽٽي جي راوتن ۽ راجوڙن قاصد وسيلي جام صلاح الدين ڏانهن شهر ۽ دربار جو سارو احوال موڪليو تہ جام فيروز مڙ جا چڪا چاڙهيون سدائين گهر ۾ ڳڙهيل ٿو رهي. دريا خان جيڪو سندس راڄ جو مکيہ پائو آهي. سويہ ڪانئس نراس ٿي پنهنجي ڳوٺ ڪاهان ۾ وڃي ويٺو آهي. تنهن ڪري ٽٽي تي ڪاهي اچڻ جو هي ۽ نهايت مناسب ٽاڻو آهي. تنهن ڪري ٽٽي تي ڪاهي اچڻ جو هيءَ نهايت مناسب ٽاڻو آهي. جام صلاح ٽٽي جي ماڻهن طرفان موڪليل خط سلطان مظفر کي ڏيکاريو جنهن ڪيس پنهنجي لشڪر ڏئي ٽٽي تي چاڙهي موڪليو. هو منزلن

پنيان منزلون ڪندو تيز رفتاريءَ سان پيش قدمي ڪندو اچي اتي پهتو ۽ درياهه اڪري ٻئي پاسي کان لٿي ۾ داخل ٿيو ۽ اچي تخت تي ويٺو. جام فيروز جي ماڻهن سخت سزائون ڏيڻ لڳو ۽ کانئن سرڪاري خزاني جي طلب ڪرڻ لڳو. جام فيروز جي ماءُ (21) جام فيروز کي ولي دريا خان وٽ ڪاهان وئي ۽ ان جي ٽيل خطائن جي کانئس معافي ورتي.

دريا خان تي جام فيروز جي پيءُ جام نظام الدين جا گهٽا ٽورا هٿ اهي ڳڻ ڳالهيون ياد ڪري کيس معاف ڪري ڇڏيائين. هن پوءِ بکر ۽ سيوستان جون فوجون گڏ ڪيون. جيڪي جام فيروز جي مهنداري ۾ اچتي وڃڻ لڳيون. انهيءَ پاسي وارا هروچ ۽ دريا خان جي جهنڊي هيٺان اچي ڪنا ٽيا هٿ ۽ اهي ۽ جام صلاح الدين خلاف لٿي روانا ٽيا. جام صلاح الدين اهڙو اٽڪل وارو فيصلو سما نيات جي چگن مڙسن وسيلي نبيرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر سندس وزير حاجيءَ کيس ائين ڪرڻ کان روڪي ورتو ۽ چيائين ته: "توهان شهر ۾ رهو ۽ مان هاتين ۽ فوج سان حملي آورن جو مقابلو ٿو ڪريان. اهڙيءَ طرح جام صلاح الدين لٿي رهيو ۽ سندس وزير پنهنجي فوج جو مهندار بڻجي اچتي وڃي جام فيروز ۽ دريا خان جي لشڪر سان مهاڏو ڏنو. ٻنهي ڌرين وچ ۾ جهونجهارڪو جهيڙو لڳو. جنهن ۾ درياخان هارايو ۽ جام صلاح الدين جي فوج جي سرسي ٿي.

حاجي وزير هن جنگ ۾ سوڀ حاصل ڪرڻ کان پوءِ جام صلاح الدين ڏانهن هن قسم جو خط لکيو. خدا جو شڪر آهي جو هن جهيڙي ۾ اسان جي فتح ٿي آهي ۽ درياخان هار کائي پوئتي هٽي ويو

آهي. سندس کي لڳڻ مناسب کونہ سمجهيم تنهن ڪري ان جو پيڇو کونہ ڪيم.

اتفاق سان اهو قاصد جيڪو حاجي وزير طرفان خط ڪٽي جام صلاح الدين ڏانهن وڃي رهيو هو سو رستي ويندي دريا خان جي ور چڙهي ويو. جنهن اهو خط قاڙي حاجيءَ طرفان ٻيو خط لکي ان ماڻهوءَ جي حوالي ڪيو. جنهن جو مفهوم هن ريت هو تہ "ڏک جي ڳالهہ آهي جو اسان جي لشکر دريا خان هٿ هار کاڌي آهي. دشمن جون فوجي تياريون مڪمل ڏسجن ٿيون. منهنجو خيال آهي تہ اسان سندن مقابلو ڪري کونہ سگهنداسين. بهتر اهو آهي تہ اوهان پنهنجي ڪٽنب جا ماڻهو وٺي جيترو جلد ٿي سگهي نڪري وڃوءِ مون سان چاچڪان واري جوءِ ۾ اچي ملو."

دريا خان اهو خط لکي قاصد جي حوالي ڪيوءِ انعام اڪرام ڏئي ڪيس هن ڳالهہ تي آماده ڪيو تہ اهو خط جام صلاح الدين کي ڏئيءِ ڪيس اهو نہ ٻڌائي تہ اصلي خط قاڙي ڏانهن ٻيو ڪوڙو خط لکيو ويو آهي. قاصد دريا خان جي چوڻ تي عمل ڪيوءِ جام صلاح الدين سمجهيو تہ اهو سندس حاجي وزير جو خط آهي پڙهي هڪدم روزو پڇي درياه اکري نڪو خالي ڪري هليو ويو. جام صلاح الدين جيئن ئي نڪو خالي ڪيو تيئن دريا خان جام فيروز کي وٺي آڻي نڪي تي قبضو ڪيو. اهو رمضان جي عيد جو ڏينهن هو. جام فيروزءِ دريا خان عيد نماز بہ نڪي ۾ پڙهي. جڏهن هو ٻئي ڇڻا چاچڪان واري جوءِ ۾ مليا تہ حاجي وزير کي ڏاڍو اچرج ٿيوءِ ڪانئس پڇيائين. تہ "تو نڪو ڇو ڇڏيو؟" تنهن تي هن ڪيس سندس لکيل خط ڏيکاريو. حاجي وزير

اهو ڏسي قسم کٽي چيو تہ جاٽايل خط سندس لکيل ڪونہ آهي. پوءِ کين ڏاڍو ڏک ٿيو. پر سڀ ڳالهيون سندن هٿن مان نڪري ويون هيون. ڏک ڪرن کان سواءِ وٽن ٻيو ڪس بہ ڪونہ هو. هن کان پوءِ جام فيروز امن امان سان ڪٽي تي حڪومت ڪندو رهيو. سن 916هـ (22) (1511ع) ۾ شاه بيگ ارغون سنڌ تي حملو ڪيو.

انهيءَ کان پوءِ جيڪي جنگيون ٿيون، تن جو احوال مناسب جڳهه تي ڏنو ويو آهي. مون کي سومرن ۽ سمن جي تاريخ بابت پوري معلومات ڪانہ آهي. تنهن ڪري هي اختصار پيش ڪيو اٿم. جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ وٽ وڌيڪ معلومات آهي تہ هن ۾ واڌارو ۽ سڌارو ڪري سگهي ٿو.

سويءَ جا عجائب

سويءَ جو قلعو هڪ ٽڪريءَ تي اڏيل آهي. سندس تعمير گول پٿرن سان ٿيل آهي. اهڙا پٿر قلعي جي اوسي پاسي ڌرتي کوٽڻي تہ ملي ويندا آهن.

ڪرر – زمين ۽ ڇتُ Chhatur بہ سويءَ جا علائقا آهن. جتي وونئڙ وٽن جيڏا ڏگها نظر ايندا آهن ۽ ماڻهو ڏاڪڻيون رکي ڦٽيون چونڊيندا آهن. وونئڙ جي هر هڪ ٻوٽي تي هڪ يا ٻہ سو نانگ ڏسبا جيڪي چاڙڪيءَ جيترا ڏگها هوندا آهن. انهن کي ساڻا هٽي پڃائي پوءِ ڪپهہ چونڊي ويندي آهي. جيڪڏهن اهڙا نانگ ڪنهن کي ڏنگيندا آهن تہ ان جاءِ تي ٽڪو ڏئي زهر چوسي ونبو آهي نہ تہ ڪڪيل ماڻهو زهر جي اثر کان مري ويندو آهي.

سويءَ پرسان پاٽيءَ جو هڪ ننڍڙو وهڪرو آهي. جيڪو گندرف وارن جهرٽن کان نڪرندو آهي. جيڪو ماٺهو هيءَ پاٽي پيئندو آهي سو اگهو ٽي پوندو آهي. هن پاٽي پيئڻ ڪري ڪيترا ماٺهو مري ب ويا آهن. پر هتان جي ماٺهن کي هي پاٽي ڪو اثر ئي ڪونہ ڪندو آهي. اهو ئي سبب آهي. جو سلطان محمود ڪو ڪلتاش اتي رهندڙ فوجن کي گهٽو وقت ڪونہ ترسائيندو آهي. هن زهريلي پاٽيءَ ڪري ڪيترا فوجي مري چڪا آهن ۽ ڪيترا مري بچيا آهن. اڪبر جي زماني ۾ پاٽيءَ ۾ اٽل آئي. جنهن ۾ اهو گندرف وهي ويو هو ۽ جهرٽن جو پاٽي صاف ٽي ويو هو ۽ ان کان پوءِ جاٽايل پاٽي پيئڻ ڪري ماٺهو بيمار گهٽ ٽيندا آهن. هيءَ نوي سوي کان پنجاهہ ڪوهہ پري وهندي آهي. جيڪا اڳتي سرواه تي پهچندي آهي. جتي هن جو پاٽي پوکي راهيءَ لاءِ ڪتب آندو ويندو آهي ۽ واڌو پاٽي اڳتي نڪري سيوستان پرسان منجر ڍنڍ ۾ وڃي پوندو آهي. هن ڍنڍ ۾ ب ڪيترا نانگ (23) آهن. جيڪي ڏگها ۽ سنهڙا آهن. جن جي جهڙپ کان پوءِ ڪو ياڳين بچندو آهي. هن ڍنڍ جي اوسي پاسي وسندڙ ماٺهو نانگن کان بچاءَ لاءِ ڏگها جوتا پائيندا آهن. ڪي هاري اهو پاٽي پوک کي ڏئي رهيا هئا تہ مون اهي نانگ پنهنجي اکين سان ڏٺا. اهڙا ڪيترا نانگ پنهنجي گهوڙي جي پيرن ۾ ڏٺا. گرميءَ جي رت هئي. مان ڍنڍ جي ڪناري لهي ڪجهہ آرام ڪرڻ چاهيو پر نانگن جي پوڪان گهوڙي تان لهڻ جو ست ساري ڪونہ سگهيس. پوءِ ٽورو پنڌ اڳتي وڃي هڪ پٽ تي گهوڙي تان لٿس.

سويءَ جي اوسي پاسي وارن پٽن پوٽن تي آڳاٽي سمي ڪيترا

قلعا هونداهئا. ملڪ سائو ڏاڙو هو چوڏاري پوکون ئي پوکون نظر ايندیون هيون. هاڻي ته اتي رڻ پٽ پيو ڏسبو. جڏهن لڪ جي گهاڙ گهلندي آهي ته ساهه پيو نڪرندو آهي. سوي ديري، ۽ ڪشمور (24) جي وچ تي هڪ پٽ آهي، جنهن کي بارگان سڏيندا آهن. اتي اهڙا گهوڙا پاليا ويندا آهن، جيڪي عراقي گهوڙن جي مٽ هوندا آهن. ٻاٽن کي هڪ سال لاءِ ساڪري تي ڏوڙايو ويندو آهي. ان ڪري سندن سنب پٽرن جهڙا پڪا ٿي ويندا آهن ۽ کين نعل هٽائڻ جي لوڙ کان ٽيندي آهي ۽ بنا ڪنهن تڪليف جي ٽڪرين جي لاهين چاڙهين تان هلندا آهن.

چٽ ۾ کهيري نيات جا ماڻهو رهندا آهن. هن قبيلي تي اهو نالو هڪ ڪهر ڪري پيو آهي. چيو ويندو آهي ته سندن وڏي ان وڻ تي چڙهي لڪڻ هٽي کيس چيو هل "ته گهوڙو ونې ڏوڙڻ لڳو."

گنجاوا ۽ سوئ جو علائقو آهي. هتي هڪ جهرٽو آهي، جنهن مان نڪرندڙ پاڻي گهٽيءَ ايراضيءَ تي چانيل نظر ايندو. منجهس مڇي جام آهي. گنجا وارين ٽڪرين ۾ هڪ نهايت اتاهين ٽڪري آهي، جنهن جي چوٽيءَ تي هڪ لوهي پيجرو رکيل آهي. چيو وڃي ٿو ته ان ۾ ڪا پراسرار شيءِ رکيل آهي. جڏهن ڪو ماڻهو رسيءَ جي مدد سان مٿان لهي ان پيجري تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ته اهو پري ٿي ويندو آهي. جيڪڏهن ڪنهن وسيلي هيٺان مٿي وڃي پيجري تائين پهچڻ جا جتن ڪيا ويندا آهن ته اهو مٿي ٽيندو ويندو آهي ۽ ائين پيو پانئبو ته اها چوٽي مٿي چڙهندي تارن تائين پهتي آهي.

ستور Situr جون ٽڪريون ۽ آبڪشيده وارو پاٽيءَ جو وهڪرو اڌ گول جي شڪل نظر ايندو ۽ ڄاڻايل وهڪرو گنجاوا (25) ڏانهن وهندو نظر ايندو آهي. هنن ماڳن جي وچ تي هڪ رستو آهي، جيڪو قندڌار ڏانهن وڃي ٿو. سويءَ تائين هن علائقي جي پکيڙ 60x10 ڪوهه ٽيندي. اونهاري جي رت ۾ هتي پورا چار مهينا ساندهه لڳ لڳندي آهي.

قندڌار جا عجائب

هتي سابوده (26) Sabuda نالي هڪ ٽڪري آهي. بابر بادشاهه جي حڪم سان ان کي ڪٽي ڪوري منجهس هڪ وڏي ڪوٺي ٺاهي وئي آهي، جنهن کي پيش تاڪ سڏبو آهي. هن ونگ کي اسي راڻا نون سالن ۾ مس تيار ڪري سگهيا هئا. هيءَ ڏاڍي خوبصورت جڳهه آهي. مٿي چڙهي ڏسبو ته هيٺان ارغند Arghand جو پاڻي پيو چمڪندو ڏسبو. پرسان باغ ۾ سايون پوکون پيون نظر ايندیون. گهٽا ماٺهو مٿي چشمن واري هنڌ تي وڃڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، پر پهچي ڪونه سگهندا آهن. ڇاڪاڻ ته اهي ايڪپرين ٽڪرين تي آهن جن تي چڙهڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. ان پيش تاڪ تي لکيل ڪتبي ۾ بابر بادشاهه ۽ ان جي سرويچ ساٿين جا نالا اکريل نظر ايندا. هن کان علاوه مرزا ڪامران، مرزا عسڪري ۽ مرزا هندال جا نالا پڻ ٽڪيل آهن. شهنشاهه همايون جيئن ته ان جاءِ تي ڪونه ويو هو. تنهن ڪري اتي سندس نالو اکريل نظر نه ٿو اچي. ڄاڻايل پيش تاڪ ۾ فقط قندڌار (27) علائقي جو نالو نظر ايندو. مان جڏهن

هن ماڳ تي پهتس تہ منهنجي ڏيان ۾ هيءَ ڳالهہ آئي تہ ڇونہ شهنشاهہ همايون ۽ سندس عظيم فرزند شهنشاهہ اڪبر جو نالو اڪيري ساڻس شامل ڪيان. جنهن ۾ هن جي ماتحت علائقن بيشمار شهرن جو تفصيل ڏنل هجي. جنهن ۾ ڪابل ۽ قندهار وارا علائقا بہ آهن. انهيءَ مقصد سان بکر مان پٽر گهڙيندڙ ۽ اڪير وارن کي گهرائي ورتم. پوءِ انهن ٻنهي شهنشاهن جا نالا اڪير ڪرائي ورتم ۽ بنگال کان وٺي لاهري بندر ۽ ڪابل ۽ غزني کان وٺي دکن تائين جيڪي سندن ماتحت علائقا ۽ مشهور شهر آهن. تن جا نالا بہ تفصيل سان ٽڪيا ويا. هن پورهئي چار سال کن کاڌا. پر ڪم اهڙو سهڻو ٿيو جو ساراهڻ کان سواءِ رهي ڪونہ ٿو سگهجي. ٽڪرين هيٺئين پاسي هڪ غار آهي. جيڪو هتان گهڻو پري ڪونہ آهي ۽ پيش تاڪ واري ٽڪريءَ کان ٻئي پاسي آهي. چيو ويندو آهي تہ حسن ابدال نالي هڪ بزرگ ان غار منجهان سوني سر آندي هئي. هنن ٻنهي جڳهن جي وچ ۾ ستن ائن ڪوهن جي وٿي ٿيندي.

قندهار پرسان ساڳين ٽڪرين مان مخلسہ نالي هڪ پٽر ملندو آهي. جيڪو سيني نانگن ۽ ٻين زهرن جي لاءِ تریاق سمجهيو ويندو آهي. هن ملڪ ۾ جاڻايل ايراضيءَ کان سواءِ هيءَ پٽر ڪاڻي بہ ڪونہ لبندو آهي. هنن ئي ٽڪرين ۾ هڪ آتش ڪدہ بہ نظر ايندو. جيڪو تمام آڳاٽي دور سان واسطو رکي ٿو. ان جي اڏاوت ڪچين سرن جي آهي همچورس ڊيگهہ بہ گز ۽ ٽولهہ ٻاکو کن مس ٿيندي. اها تعمير ايجا سلامت آهي.

چيو ويندو آهي تہ قندهار ۾ هر سال مهامري (28) ۽ ٻيون

وچڙندڙ بيماريون ٿينديون هيون. اهو آزار طهماسپ تائين هليو جنهن هتان جي گورنر سلطان حسين مرزا کي حڪم ڏنو تہ ويجهو وهندڙ ان نهر جي ڪنڊيءَ سان هوڙا (ڪمند) پوکيا ويڻ جنهن جو پاڻي ماڻهو پيئڻ واسطي ڪتب آڻيندا آهن. انهن ڏينهن کان اها مري کانہ پوي پر ڪڏهن ڪڏهن ظاهر ضرور ٿيندي آهي. جنهن ۾ ماڻهوءَ جي نڪ، وات، ڪنن ۽ هينان بہ رت وهڻ شروع ٿيندو آهي. مان اڪبر اعظم جي زماني ۾ سن 1007هـ (1598ع) ۾ جڏهن اتي هوس تہ مهامري ڪلور ڪري ڇڏيا ۽ شاهي فوج جا ۾ سو سپاهي هن مرض وگهي مري ويا هئا.

قندهار پرسان هزاري نيات جا ماڻهو آباد آهن. جيڪي اڇو ڀاڙهو ۽ ڪارو ڪپڙو ڪونہ پائيندا آهن. تنهن ڪري انهن رنگن جي ڪپڙن ۽ جوتن جو واپار ڪونہ هلندو آهي. قندهار پرسان مماتي بزرگن جو ذڪر بہ لازمي آهي. بابا حسن ابدال جنهن جي نڪ سبز واري سيدن سان لڳي ٿي. هو مقدس مقامن جي زيارت کان پوءِ صاحب قران جي پٽ مرزا شاهہ رخ سان گڏجي هندستان پهتو هو واپس ٿيڻ کان پوءِ هن ڪجهہ عرصو لنگر قندهار ۾ گذاريو ۽ اتي ئي وفات ڪيائين. سندس مقبرو هڪ درڙي تي اڏيل آهي. جنهن جي چوڌاري ڀوٽ ڏسڻ ۾ ايندا. ارغند آب سندس بلڪل هينان وهندو آهي. هر جمعي تي ننڍا وڏا رنين آهرين اچي زيارت لاءِ ڳاهت ٿيندا آهن ۽ ان موقعي تي شهر ۽ ڀوٽ خالي ٿي ويندا آهن. هي ڏاڍو خوشگوار علائقو آهي. سيلانين جو بہ اهو چوڻ آهي تہ هن جهڙا سهڻا ماڳ تمام ٿورا آهن.

(ب)

سنڌ جو احوال

سلطان محمود خان جي وفات کان پوءِ شهنشاهہ اڪبر جي عملدارن ان کي ڪهڙيءَ ريت فتح ڪيو

مان اهو بيان اڳي ئي ڪري آيو آهيان تہ ڪيئن گيسو خان 12 جمادي الاول 982هـ (آگسٽ 1574ع) بکر پهتو هو وٽس هڪ شاهي فرمان هو جنهن ۾حڪم ٿيل هو تہ بکر کي هڪ جيترو ورهائي محب علي خان ۽ مجاهد خان جي انتظام هيٺ رکيو وڃي

هن کان علاوه کيس اهو به حڪم هو ته بکر جي انتظامي ماڻهن کي ٽيڪ ڪري ڏني پهچي. محمد باقي خان ترخان کي قيد ڪيو وڃي تن ڏينهن مجاهد خان گنجاوا ۾ موجود هو. جڏهن کيس گيسو خان جي بکر پهچڻ جي سڌ پئي ته ساڻس ملڻ لاءِ تيز رفتاري سان سفر ڪندو اچي بکر رسيو. مجاهد خان جي پهچڻ کان اڳ گيسو خان سکر (29) جي قاضي کي خالي ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي. مجاهد خان جي ماڻهن ڪهڙو ئي اڄ سپاٽي ڪري لنوائڻ جي ڪئي. پر هن سندن هڪ به ڪاند هڏي ۾ شاهي فوج سکر قلعي اندر موڪلي ڇڏي. وڪيل خان. مجاهد خان جو نمائندو هو ۽ ان ڪوٽ وٽ بيهي ان فوج جو مڙسيءَ سان مقابلو ڪيو. جيڪو مجاهد خان سکر شهر جي چوڌاري ڪيرايو هو. هن جهيڙي ۾ پنهي ڌرين جا ٻلوان ماڻهو ڪسي ويا ۽ ڪيترائي گهائجي پيا. ٽن ڏينهن جي جهيڙي کان پوءِ مجاهد خان اچي پهتو ۽ پنهنجا ماڻهو ڪڍي لوهري (روهڙي) هليو ويو ۽ سکر تي گيسو خان جو مڪمل قبضو ٿي ويو. لوهري پاسي بکر وارو پرڳڻو محب علي خان ۽ مجاهد خان (30) جي قبضي ۾ هو. انهن جي جن ماڻهن مدد ڪئي. سي هاڻي هنيا هاري ويٺا آهن. ان نازڪ موقعي تي ارغونن جا ڪجهه ماڻهو کين ڇڏي بکر اچي نڪتا جن کي ڪسو خان شاهه بابا پٽ جان بابا ترخان جي غلط مشوري تي ڪهائي ڦٽو ڪيو. گيسو خان ظالم ۽ ڪنور دل ماڻهو هو. هن معمولي ڏوهه تي دربار جي اڏو برجي توجي Barji Tawji کي پيرن ۾ اچي پيد وجهرايا هئا. ٻن مهينن کان پوءِ مجاهد خان محبت علي کي هارن ڀچن جي پرگهور لاءِ ڇڏي ڏني کي فتح ڪرڻ لاءِ ڪامي

ويو هو سفر جي پوريءَ تياري واسطي رستي ۾ راڻي پور وٽ ٻن ڏينهن لاءِ ترسي پيو. هيڏانهن گيسو خان کن ماڻهن جي ٽوڪ ڏيڻ تي لوهريءَ تي ڪاهڻ چاهيو. جمع ڏينهن 2 تاريخ رمضان سنہ 982ھ (ڊسمبر 1574ع) تي پنهنجي فوج کي ٻن حصن ۾ ورهائي درياه پار ڪرڻ جو حڪم ڏنو. اهڙيءَ ريت فوج جو هڪ حصو شهر جي باغ وارو پاسو ڏئي لوهري ڏانهن وڌڻ لڳو. ٻيو حصو ٻيڙين ۾ چڙهي خواجه خضر جي آستان وارو پاسو ڏئي لوهري پاسي اڳتي وڌڻ لڳو. محبت علي خان جي ماڻهن گهوڙن تي سوار ٿي عيدگاهه واري پاسي هلڻ شروع ڪيو. گيسو خان جي ٻيڙين ۽ غورابن ۾ رواني ٿيل فوجي وڃي مجاهد خان جي ٻيڙين کي باهه ڏني. وڏو پنيٽ ۽ دونهون ٿيو ته محب عليءَ جي گهوڙي سوار فوج جيڪا عيداگاهه ڏانهن وڌي رهي هئي، سا باهه جا شعلا ڏسي موٽي پئي. انهيءَ وقت تائين گيسو خان جا گهوڙيسوار به پهچي چڪا هئا. تن وٽي باهه وارا تير (31) شهر مٿان اڇلايا. تنهن ڪري شهر کي ڪيترين ئي جڳهن وٽان باهه لڳي وئي. محب علي اها حالت ڏسي گهوڙي تان لانگ ورائي واڇ مينهن ڪندو الائي ڪاڏهون جو ڪاڏي هليو ويو. بکر واريءَ فوج شهر ۾ داخل ٿي شام تائين قرلٽ ڪئي ۽ محب علي جي جهنڊن ۽ نغارن کي پنهنجي قبضي ۾ ورتو ويو. جيڪي پاڻ سان گڏ قلعي ۾ کڻي آيا. جڏهن اها سڌ مجاهد خان جي ڪنين پيئي ته هو به واپس وريو ۽ منزلن پٽيان منزلون ڪندو تيز رفتاري سان هلندو اچي لوهريءَ پڳو ۽ حالتون ڏسي وسوڙجي ويو. گيسو خان (32) کي شاهي فرمان هو تنهن ڪري کيس ڪجهه به ڪري ڪونہ سگهيو. کيس دهلي شاهيءَ

جي پٽيرائي هئي. ڏرتيءَ تي ته سندس نظر ئي ڪانه ٽڪي پئي. هن پنهنجو مرڪز وڃي بکر کي بڻايو ۽ وڏي انياءَ انيت، ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ واري حڪمت عملي شروع ڪيائين. شهنشاهه اڪبر کي جڏهن سندس اره زوراين جي سڌس پئي ته هن اهو علائقو ترسون خان جي حوالي ڪيو. اهڙي ريت محرم مهيني جي منڊ ۾ سن 983هـ (اپريل 1575ع) تي محمد طاهر خان پٽ شاهه محمد سيف الملوڪ، محمد قاسم خان ۽ مرزا محمد سلطان اچي لوهري پهتا ۽ فرمان جو نقل گيسو خان ڏانهن موڪليائون ته بکر جي جاگير ترسون خان جي حوالي ڪئي وئي آهي. گيسو خان پهريائين سندن مقابلي ڪرڻ جو سوچيو هو پر جڏهن ڳالهه هولهه ڪرڻ لاءِ وات ڪلي ته هن سيد قبيلي جو هڪ مڪيه ماڻهو انهن ٻنهي ماڻهن ڏانهن ڪن معتبر ماڻهن جو وفد موڪليو ته گيسو خان جي راءِ بہ پڏي وڃي ته جهيڙي جو امڪان دور ٽي سگهي ٿو. جڏهن اهو وفد هنن سردارن وٽ پهتو ته ڳالهين ٻڌڻ ڪان پوءِ انهيءَ مقصد سان ڪين روڪيو ته اهي ماڻهو حقيقت حال لکي شهنشاهه ڏانهن رواني ڪن. معتبر ماڻهن جي وفد جنهن ۾ سيد شامل هئا، تن ائين ڪرڻ ڪان انڪار ڪيو ۽ هنن کي چيائون ته جيڪڏهن ٻئي ڏريون گڏ ويهندیون ته روبرو ويهي سڀئي حقيقتون لکي ڏهلي روانيون ڪيون ويندیون. سردارن کين وراڻيو ته گيسو خان جا نمائندا موجود آهن. جيڪڏهن انهن جي روبرو حقيقت حال لکي وئي ته کين ڪابه تڪليف ڪانه رسائي ويندي. تنهن ڪان پوءِ اهي سيد ايئن ڪرڻ تي راضي ٿي ويا. جڏهن اها ڳالهه گيسو خان ٻڌي ته چرڪي ويو ۽ ڪاوڙ ته سارو معاملو هن جي خلاف وڃي رهيو هو ۽

اها لکت هن جي تباهيءَ جو سبب بڻجي پئي سگهي. تنهن ڪري هن قلعي ڇڏڻ جو نياپو موڪليو ۽ کين جهليائين تہ لکت ۾ شڪايت نہ موڪلي وڃي. هنن گيسو خان ڏانهن ورندي موڪلي تہ اها شڪايت تيار ڪئي وئي آهي. جيڪڏهن قلعو اسانجي حوالي نہ ڪندين تہ مٿي شهنشاهہ ڏانهن ضرور موڪلي ويندي. گيسو ٻيو ڪس نہ ڏسي انهن سردارن کي قلعي ۾ وئي ويو. شهنشاهہ طرفان اهي احڪام ٻہ پهتا هئا تہ گيسو خان ترسون جي ماڻهن ۽ سيدن سان ڳڙجي جاڇ جوڇ ڪن تہ سلطان محمود خان جي ملڪيت ڪيتري ۽ ڪهڙي هئي. اهڙو ڏري پرزي جو احوال لکي شاهي درٻار ڏانهن روانو ڪيو وڃي. شاهي احڪامن جي پوئواري ڪرڻ جي نقطہ نگاهہ سان سلطان محمود خان جي حرم جا ماڻهو روبرو پيش ڪيا ويا. باقي سندس پٽ راڻي جيڪا خان جهان جي پيڙ هئي. سا لاهور رواني ڪئي وئي. ساڳئي وقت خواجہ سراءِ راءِ سنگهہ درٻاري ۽ بن والي داس نويسنده ٻہ محمود ڪوڪلتاش جي حرم ۽ سندس خزاني جي معاملي کي ڪٽائڻ لاءِ اچي پهتا هئا. ان جي خزاني سان لاڳاپيل معاملو لوهريءَ ۾ نبيريو ويو. هنن ناگور رستي ڏهلي وڃڻ چاهيو ۽ مٿي ڄاڻايل سال جي رجب مهيني جي اڳياڙيءَ ۾ اهي سفر تي روانا ٿيا.

جڏهن ترسون خان درٻار کان رواني ٿيڻ جي موڪل ورتي تہ درٻار جي ڪن اميرن اعتراض ڪيو تہ ترسون خان جو ايڏاهين وڃڻ سياست جي خلاف آهي. جو سيف الملوڪ جي نسل کي ان علائقي جي سرحدن تي موڪليو وڃي. انهن حالتن کي نظر ۾ رکي ترسون

خان کي آگري جو گورنر مقرر ڪيو ويو ۽ بکر کي في الحال بن وال داس جي نگراني ۽ ۾ ڏنو ويو جيڪو اڳي ئي اتي پهچي سلطان محمود جي خزاني جي حساب ڪتاب گڏ ڪرڻ کي لڳو پيو هو. ان کان پوءِ تحفظ جي نقطه نظر کان مير سيد محمد کي هڪ هزار منصب سان مير عدل جي عهدي تي سرفراز ڪري بکر جو گورنر مقرر ڪيو ويو هو. مٿي ڄاڻايل سال جي رمضان مهيني جي ۱۱ تاريخ تي هو بکر پهتو. اتان جي عالمن مشائخن سندس استقبال ڪيو. هن پنجاهه هزار بيگه زمين سندس رتبي مطابق سيدن ۽ عالمن کي ڏني جيستائين هن علاقي تي گورنر رهيو سيد ۽ عالم ڏاڍو خوش هئا. هن پنهنجي گورنري جي عهدي دوران گاگڙيءَ (ڪاڪڙي) جي مگٽيجن خلاف گهل چاڙهي وئي. هو مغل سرڪار جا باغي هئا. جن سرڪاري ڪامورن سان به جهيڙيو هو. هن ڪڙمي ڪاسبيءَ عام ماڻهوءَ لاءِ رڳ هاري ڇڏيا هئا. مٽن ڏل گهٽي مڙهي، پئسو پئسي تي چاڙهي وٺندو هو. هن هر بيگه زمين تي پنج مڻ داڻ بندي مقرر ڪئي. هن جا ڏل اوڳڙ تي مقرر ڪيل عملدار وري عوام جي ابتي ڪل لاهيندا هئا. مير عدل جي رواني ڪيل فوج گمبڊ ۽ بچراهه جي وچ تي هڪ قلعي وٽ پهتي ته مگٽيجن کين پنهنجي تيرن سان کٽي ڏنو. جنهن ۾ شاهي فوج جا ڪيترائي ماڻهو مري ويا. قلعي جي اندر هڪ کوهه هو. مگٽيجا شاهي فوج جا مسلمان ۽ هندو سپاهي مارينديا ويا ٿي انهيءَ کوهه ۾ اڇلائيندا. جڏهن اهو لاشن سان پرجي ويو ته پوري زمين سٽين سڌي ڪري ڇڏيائون. جڏهن مير عدل کي انهيءَ واقعي جي خبر پئي ته هن سوين ۾ رهندڙ فوج گهرائي مگٽيجن جي سيڪٽ لاءِ اوڏانهن

روانی ڪئي. مگٹيجن کي جڏهن سوي واري لشکر جي اچڻ جي ڪڙڪ پئي تہ ڪک پن ٽي ڪيڏانهن جو ڪيڏانهن نڪري ويا. ان فوج جو مهندار مير عدل جو پٽ سيد ابوالفضل هو جيڪو گهٽي پنڌ تائين سندن ڪيو پيو ۽ پوءِ بکر موتي آيو. ٽوري وقت کان پوءِ مير عدل سير چوڙائي جنهن ۾ سندس گهٽو رت نڪري ويو ۽ 8 تاريخ شعبان سنہ 984هـ (آڪٽوبر سنہ 1576ع) ۾ وفات ڪيائين.

هن جي وفات کان پوءِ شهنشاه اڪبر سندس پٽ سيد ابوالفضل کي بکر جو گورنر مقرر ڪيو. ٻئي سال هن ڇا ڪيو جو وڏي گهل چاڑهي وڃي گاگڙيءَ جي مگٹيجن تي اوچتو ڪڙڪيو. سندن گهٽا ماڻهو وڃي بنديخاني ۾ بند ڪيائين ۽ هن ٽن کي هاٿيءَ جي پيرن هيٺان چيپاٽي مارائي ڇڏيائين.

تاريخ 2 ذوالحج سنہ 985هـ (فيبروري 1578ع) تي دهليءَ طرفان اعتماد خان خواجہ سراءِ کي بکر جو گورنر ڪري موڪليو ويو. هو سياڻ ۾ ٽانڊي تپٽو هو. رعيت جي عام ماڻهو عالم ۽ مخدوم لاءِ ڪيس رتيءَ برابر بہ عزت ڪانہ هوندي هئي. ڪي پير، مخدوم ڪائنس ڪاوڙجي دهلي درٻار ۾ دانهين ٽي ويا. هن کين پرچاءَ سرچاءَ لاءِ ميڙيون منٽون ڪيون پر هنن سندس هڪ بہ نہ ٻڌي ۽ شهنشاهہ اڪبر جي روبرو وڃي سندس خلاف رڙيون ڪيون. سندن شڪايتون ٻڌي هن چيو تہ جنهن ماڻهوءَ هنن شريف انسانن خلاف پارٽ ٻاريو آهي سو پاڻ بہ ڪسي ويندو. آخر ٽيوبہ ائين. جيئن اڪبر بادشاه جي زبان مان نڪتو ماڻهن بہ ڪيس ائين ڪهي ڇڏيو. فوجي سپاهين سان بہ سندس روبرو سڏو ڪونہ هوندو هو. تاريخ 10 ربيع

الاول سنہ 986ھ تي فوجين جي هڪ ٽولي ديوانخاني ۾ ڪيس قتل ڪري ڇڏيو.

اعتماد خان کان پوءِ بکر سرڪار فتح خان بهادر، راجا پرمانند راجا توڊرمل جي حوالي ڪئي (33) ساڳئي سال جي رجب مهيني ۾ متي جاٽايل خان ۽ ٻيا ماڻهو بکر آيا ۽ ڪين مليل ايراضيءَ جي اچي سنيال ڪرڻ لڳا. ٻن سالن کان پوءِ راجا پرمانند کي درٻار طرفان واپس اچڻ جو حڪم پهتو ۽ ڏاريجي نيات جا ماڻهو سندس پاءُ ماڏو داس خلاف بغاوت ڪري الور ۾ قلعبند ٿي ويٺا. شاهي فوجن ٻه ٽي پيرا مٿن وڃي هلان ڪئي. ٻنهي ڌرين جا الاهي ڪونڊر ڪسي ويا. ان کان پوءِ ڏاريجن جي ڪن ماڻهن شاهي فوج تي وڃي حملو ڪيو. جنهن جي جوابي ڪارروائي لاءِ فتح خان وڏيڪ فوج روانو ڪئي. تنهن ڪري هتي پهچڻ مهل سندس وڏي آجيان ڪئي وئي. فتح خان سادي طبيعت جو ماڻهو هو پر پٽسي جو گهٽو پياسو هوندو هو. ماڻهن سان منيءَ ٻوليءَ ۾ ڳالهائيندو هو ۽ عام ماڻهوءَ سان سلوڪ ۽ سٽو هوس. سمائ جي پسگردائي جي زميندارن مان هڪ ناتجربيڪار ماڻهو شهاب خان سندس وڪيل هوندو هو. فريد ڏهر جي چرچ تي خان ناهڙ جي ماڻهن سان ڳنڍيجي پيو ۽ لشڪر وٽي ڪن ڪوٽ جي قلعي تي ڪاهي ويو. جيڪو ابراهيم خان ناهڙ جي قبضي ۾ هو. جنهن ۾ فتح خان جا گهڻا ماڻهو ڪسي ويا. ان جنگ ۾ شهاب خان ۽ پنهنجي پائرن سميت مارجي ويو. جڏهن اهي خبرون دهليءَ پهتيون تہ ڪيس بکر جي جاگير تان هٽائي اتي محمد صادق خان کي مقرر ڪيو ويو ۽ ان سان گڏ ڪيس ٽٽي کي فتح ڪرڻ جو ۽

تاڪيد ڪيو ويو هو.

محمد صادق خان 12 ربيع الاول سن 994هـ (فيبروري 1586ع) تي بکر پهتو. اتان جي مخدومن ۽ بزرگن سنڌس شاندار استقبال ڪيو. ٿورو وقت بکر رهي اتان جي انتظامي معاملن کي ٺيڪ ڪري ساڳي سال جي ذوالحج مهيني ۾ سيوستان ڏانهن روانو ٿيو. هن جي وڃڻ کان ڪجهه وقت اڳ سنڌس ماڻهن پاڻ وچي مرزا جاني بيگ جي ماڻهن سان جهيڙيو هو. جنهن مرزا جا ناليرا ماڻهو جهڙوڪ: محمدو خان برندق. ڪوچڪ پٽ سبحان قلي ۽ عبدالله ڪانجر جهڙا ماڻهو قتل ٿي ويا هئا. هن کان علاوه دستم جو پٽ رستم خان به گرفتار ٿيو هو ۽ محمد صادق جي ماڻهن جي سوپ ٿي هئي. ان کان پوءِ محمد صادق پاڻ فوج وٺي اڳتي روانو ٿيو. تڏهن مرزا جي لشڪر جي سپهه سالار سبحان قليءَ ارغون درياهه جي ڪنار سان هڪ قلعو ٺاهي. جنگ جهيڙي جو سامان، يعني هٿيار پنهوار اتي ڪٺا ڪيا هئائين. جڏهن محمد صادق خان جو اڙ اتي پهتو تڏهن هو به غورابن ۾ چڙهي وڃي سنڌس سامهون ٿيو. هن پيري پڻ ارغون لشڪر هارايو ۽ دهليءَ جي لشڪر جي سوپ ٿي ۽ ارغونن جا هارنهن غوراب دشمن جي هٿ اچي ويا. محمد صادق هن فتح کان ڏاڍو خوش ٿيو ۽ سيوستان جي قلعي تي وڃي ڪڙو چاڙهيائين. گهيري کي گهٽو وقت گذري ويو. لاچار ٿي نيٺ هڪ وڏي سرنگهه هئين وئي. جنهن ڪري قلعي جو دروازو ۽ پت ڪري پئي. محمد صادق حڪم ڪيو ته منهنجي حڪم کان سواءِ ڪوبه ماڻهو قلعي ۾ اندر نه وڃي. جڏهن دونهون ۽ غبار گهٽ ٿيو. تيستائين هن قلعي

اندران ٻي پٽ تيار ڪرائي توبون هلائڻ شروع ڪري ڏنيون جيڪي ماٺهو دروازن جي دالانن تي چڙهي ويا هئا. سي هيٺ زمين تي ڪري پيا ۽ ڪين ڪجهه نه ڪوٺ ٿيو. ايتري ۾ مرزا جاني بيگ خشڪي ۽ درياهي لشڪر وٺي اچي مهراڻ جي سامهون پهتو جيڪو سيوهڻ کان ڇهه ڪوهه پري ٿيندو. ان ڪري محمد صادق خان کي جنگي حڪمت عملي بدلائڻي پئي ۽ سيوستان جي جو ڪڙو پٽي اچي مرزا جي سامهون ٿيو. جڏهن لڪيءَ وارين ٽڪرين جي آمهون سامهون رسيو ته مرزا جاني بيگ جي غورابن ۾ رکيل توبن گولا وسائڻ شروع ڪيا. ٿورن ڏينهن جي جهيڙي کان پوءِ محمد صادق خان کي دهليءَ طرفان حڪم پهتو ته مرزا جاني بيگ درٻار ۾ سوکڙيون پاکڙيون روانيون ڪري تابعداري قبول ڪئي آهي ته محمد صادق خان موٽي بکر آيو ۽ ٿوري وقت ترسڻ کان پوءِ درگاهه عالي ڏانهن روانو ٿيو. هڪ سال کان پوءِ هيءَ جاگير کائنس کسي وئي.

محمد صادق ٻه سال کن بکر جو جاگيردار رهيو. انهيءَ ٻنهي سالن ۾ خريف جي پوکيءَ تي ماکڙ حملا ڪيا ۽ فصل کائي چٽ ڪري وئي. ملڪ ۾ ڏرت ۽ ڏڪار ڪاهي پيو. گهٽا ماٺهو پنهنجا اباڻا ڪک ڇڏي الائي ڪيڏانهن هليا ويا. هروچن جي به ٻيگهي مچي وئي. جن سميجن سان گڏجي درياهه جون ٻئي پريون ٻيلي پينگ ڪري ڇڏيون.

ربيع الثاني سنه 996هـ (فيبروري 1588ع) تي محمد اسماعيل خان ۽ سندس پٽ رحمان قلي بيگ بکر جا جاگيردار مقرر ٿي آيا. هي جوان سال جاگيردار هو. قلعي جي ماٺهن سان سندس ورتاءُ سهڻو

هو. بکر وارو علائقو جيڪو اڳي ڏٽڙجي ويو هو. سو سندس جتن ۽ جاکوڙ ڪري سکيو ستابو ٿي ويو. جڏهن اسماعيل خان ملتان چڙهي دربار ڏانهن هليو ويو تہ اها جاگير شيرويہ سلطان جي حوالي ٿي ۽ بکر علائقي ۾ به گهٽو ڦيرو اچي چڪو هو.

محرم مهيني 997هـ (نومبر 1588ع) ۾ نواب شيرويہ سلطان بکر جو جاگيردار ٿي آيو. عيش عشرت جو ڪوڙيو ۽ شراب جو شوقين هو. علائقي جو سارو ڪاروبار پنهنجي زر خريد غلامن جي حوالي ڪري پاڻ رات ڏينهن شراب جي شغل ۾ مست گذاريندو هو. دربار ۾ تمام گهٽ ويندو هو ۽ نہ وري ڪنهن کي ساڻس ملڻ جي اجازت هئي. پنهنجي ساري عرصي دوران هو فقط هڪ پيرو ٻاهر نڪتو هو ۽ هڪ هٽ تي ٻيهي مال ۽ ڏيتي ليتي وصول ڪئي هئائين (34) گهٽو ڪري فقيرن ۽ نادار ماڻهن جا مقرر ڪيل وظيفا معطل رهندا هئا. ڪجهہ وقت لاءِ شيخ سانگي کي هن علائقي جي محصول اوگاڑي جي ميواري ڏني وئي هئي. هن پنهنجي پٽ محمد حسن بيگ کي سوي قلعي کي فتح ڪرڻ لاءِ روانو ڪيو. اتي جي قابض پٺاڻن پنهنجي فوج گڏ ڪري هن سان جهيڙيو هو. شيرويہ سلطان جي پٽ جي مقدمي ۾ بڙدي (35) بروچ بيهاري ويا هئا. جن پهرئين حملي دوران ڀڄي جان بچائي. ڪيترائي ماڻهو قتل ٿيا ۽ ڪي گرفتار ٿيا. گهٽا وري رڄ ۽ اڄ ڪري مري ناس ٿي ويا. جيڪي موٽي ماڳ پهتا سي ڏينهن کان پوءِ وڃي ڏسڻ جهڙا ٿيا.

جڏهن شيرويہ سلطان جا ڪيس ۽ ڪلور ليکا لتاڙي ويا تہ اوچتو سندس بدليءَ جي خوشخبري عالم الغيب طرفان بکر جي

عوام وٽ پهتي ۽ ماڻهن کي هن ظالم جي ظلم کان چوٽڪارو مليو. تاريخ 12 ربيع الاول سنہ 998هـ (ڊسمبر 1589ع) ۾ محمد زاهد پٽ محمد صادق خان بکر جو جاگيردار مقرر ٿي آيو. جنهن ڏهڪايل رعيت جي ڏٽن تي همدردين جو پهو رکيو. هو پاڻ به سهڙو ۽ چٽيءَ لکڻو هو ۽ سدائين عالمن فاضلن جي صحبت ۾ گذاريندو هو. پنهنجي پيءُ محمد صادق جي ڏنل سندن مطابق سيني جا وظيفا مقرر ڪيائين. مظلومن کي ظالمن جي ڏاڍ ۽ ڏهڪاءُ کان بچائي ورتو هٿائين. خواجہ محمد معصوم سندس وڪيل هو سوءِ سهڻين صفتن سان سينگاريل هو. ننڍي خواهہ وڏي معاملي ۾ نهايت اونهو ويندو هو. بکر جا ماڻهو دلجاءِ ڪري پوڪيءُ راهيءُ سان رڌل هوندا هٿا. انهيءُ سال ربيع جي فصل تي الاهي آفت اچي نازل ٿي. ڏرت ۽ ڏڪار کاهي پيو. تنگي ۽ مهانگائي سبب جيئڻ ٿي جنجال ٿي پيو هو.

جڏهن اڪبر بادشاهہ پنهنجي دربار اچي لاهور ۾ قائم ڪئي تہ مرزا جاني بيگ، شاهہ حسن جي دستور جي پيروي ڪندي اطاعت جا فرض بجا ڪونہ آندا ۽ آزاديءُ جو اعلان ڪيو هٿائين. تڏهن دربار طرفان خان خانان کي لٽي جي فتح ۽ بلوچن جي ڪن مهٽ لاءِ روانو ڪيو ويو. جنهن ساڳي سال 22 تاريخ شوال خريف جي وچ ڌاران بکر ۾ پهچي ڪاروباري امور کي سنياليو. انهن ٿي ڏينهن هن تاريخ جي مولف گجرات کان اچي ملازمت جو شرف حاصل ڪيو هو. اتفاق سان والدہ به ڪجهہ سوڪڙيون پاڪڙيون موڪليون هيون. سي به بادشاهہ جي نظر انور هيٺ آندم. شهنشاهہ نهايت ٻاجهاري نموني مان پڇيو تہ. "ماءُ کان جدا ٿئي ڪيترو عرصو گذريو اٿئي؟" عرض

سڀيءَ "اڪل ويهه سال ٿي ويا آهن." تنهن تي پاڻ حڪم ڪيائون
تہ ما، سان ملي پوءِ دربار ۾ حاضر ٿجانءِ ۽ وڏيڪ اهو به حڪم
ڪيائون تہ بخشي منهنجي جاگير کي ڪنهن ٻئي پرڳڻي ۾ تبديل
ڪن. اتي نواب محمد صادق خان منهنجي واهر ڪئي ۽ عرض
ڪيائين تہ، "جنهن صورت ۾ هي بکر وڄي رهيو آهي تہ جيڪڏهن
سندس جاگيرون به انهيءَ طرف هوندوين تہ چگو ٿيندو." پاڻ بادشاهہ
فرمايو تہ، "بکر تہ خان خانان جي جاگير مقرر ٿي چڪو آهي." ان
وقت خان خانان دربار ۾ موجود هو جنهن عرض ڪيو تہ، "جيڪڏهن
سائينجن کين بکر جي سرڪار مان جاگير ڏيندا تہ مون کي ڪو
اعتراض ڪونہ ٿيندو ۽ انهيءَ عيوض بنده کي ڪنهن ٻئي هنڌ
ايتري جاگير مرحمت ٿئي." شاهي حڪم موجب بخشين مون کي
درپيلي ڪاڪڙي ۽ چانبڪا پرڳڻي مان جاگيرون ڏنيون. جاگيرن
مقررٽيڻ کان پوءِ بادشاهہ سلامت مهرباني فرمائي مون کي پيڙيءَ
تائين ڇڏڻ آيا ۽ رخصت ڪرڻ وقت هي لفظ چيائون: "بنشين وسفر
ڪُن ڪہ بغايت خوب است" ملطب تہ تاريخ 14 (36) سفر سن
999هـ (نومبر 1590ع) بکر پهتس. جڏهن تہ خان خانان مون کان
اڳ بکر پهچي چڪو هو. اونهارو هو. رات گرم ۽ پاٽيءَ ۾ چاڙهہ هو.
ان ڪري ڪيس بکر ۾ ڪجهہ وقت لاءِ ترسڻو پئجي ويو. لڏي (تاري)
ايرڻ کان پوءِ مولف کي بهادر خان ۽ ملا محمود سان گڏ رخصت
ڏنائين. اسان بہ هلندا وڄي سيوهڻ پهتاسين تہ پٺيان خان خانان بہ
اچي اتي پهتو. اتان جا ماڻهو قلعي جا ڦاٽڪ بند ڪري ويهي رهيا.

نواب خان خانان جي پين اميرن کي گهرائي صلاح مشورو ڪيو

تہ چا ڪرڻ گھرجي؟ اسان کي پھريائين جاني بيگ تي حملو ڪري ڦٽو وڃجي يا ان کان پھريائين سيوھڙ وٽي پوءِ اڳتي وڌجي. مجلس ۾ ويٺي سينيئر ماڻھن ھڪ راءِ تي پنھنجي فيصلي جو ھن ريت اظھار ڪيو تہ سيوھڙ رستي تي آھي. اسان جي ماڻھن ۽ ٻيڙين جو لنگھ ٻہ اتان آھي. تنھن ڪري بھتر اھو آھي تہ سيوھڙ فتح ڪري پوءِ اڳتي وڌجي. اھو فيصلو ڪري درياھ اڪري (37) سيوھڙ جي چوڌاري مورچا قائم ڪيا ويا. ايتري ۾ اھا خبر ملي تہ مرزا جاني بيگ ڦٽي مان پنھنجي فوج وٽيو پيش قدمي ڪندو. سيوھڙ ڏانھن اچي رھيو آھي. اھڙي سڌ ملڻ کان پوءِ سيوھڙ جي قلعي تان گھيرو پٽي جاني بيگ ڏانھن متوجھ ٿياسون. جڏھن مرزا جاني ڪي ھي خبر پئي تہ ھو نصرپور مٽان لوھڙي (ہوھڑي) ڳوٺ وٽ قلعو (38) ٻڌائي محڪر ٿي ويھي رھيو.

خان خان پيش قدمي ڪندو. جڏھن ھن جي ڇھ ڪوھ ويجھو آيو تہ ڪيس مھاڏي ڏيڻ لاءِ خسرو خان جي مھنداري ھيٺ 120 غورب ۽ ڪيتريون ٻيڙيون روانيون ڪيون. ھن کان علاوہ درياھ جي ٻنھي ڪنڌين سان فوج ٻہ پيشقدمي ڪندي رھي ھئي. سندس مقصد اھو ھو تہ ھڪ وقت ئي درياھي ۽ خشڪي فوج سان خان خانان تي حملو ڪري. خان خانان چا ڪيو جو ڪجھ لشڪر ڪنڌيءَ لاھي. فوجي واندي کان ٿورو اڳيرو واريءَ ۾ ھڪ ننڍڙو قلعو جوڙايو. محمد مقيم بخشي علي مردان ترمدي. علي مردان ترندي ۽ مولف کي جاڻايل ننڍڙي قلعي جو نگھبان (39) مقرر ڪيو ويو. ھي قلعو انھيءَ جاءِ درياھ پرسان ھو جو ھر غوراب کي اتان منٽو ٽي پيو. چاڪاڻ تہ درياھ

ڀي برٽين پاسي واري، جو هڪ وڏو دڑو هو ۽ ڪين ان قلعي ۾ آڏو ڏاڪڻ فوجي واندڻ تائين پهچڻو هو. اها صلاح محمد مقيم ڏني هئي ۽ ٽوبن کي ٽورو اڳتي رکڻ مان اهو فائدو ٿيندو. جو سندن فوجي واندڻ ڪي ڇيهو ڪونہ پهچندو. (40) حقيقت ۾ اها آهي تہ محمد مقيم کي موڪليو ٿي انهي، لاءِ ويو هو تہ انهي، پاسي کان فوجي واندڻ کي ڪو نقصان نہ پهچڻ گهرجي.

انهي، ڏينهن شام جو غوراب اچي پهتا. ڏاڻائون تہ درياهہ جي هڪ ڪناري سان پيٽاري آهي ۽ ٻئي پاسي کان قلعي واريون توبون ويڙيون آهن. انهي، ڪري لاچار ڪين بيهڻو پئجي ويو. ٻنهي طرفن کان توب جي گولن جي ڏي وٺ ٿي. خان خانان رات جي وڳڙي ۾ ماڻهن جو هڪ ٽولو پار پهچايو. ٻئي پاسي مرزا جاني بيگ جي موڪليل خشڪي، واري فوج اچي خان خانان جي فوجي واندڻ تي راتاهو هنيو. هتي اهڙي قسم جي خطري کان اڳيئي بندوبست ڪيل هو. صبح جو اهي غوراب دشمن جي فوجي واندڻ ڏانهن متوجہ ٿيا. خان خانان جي طرف کان جيڪي توبون چوڙيون ٿي ويون سي دشمن فوج جي غورابن کي نشانو ٻڌائي ٻئي پار ٽپندڙ پنهنجي فوج کي بہ ماري رهيون هيون. انهي، ڪري توبن جون نالیون هيٺ ڪيون ويون. ان کان پوءِ توب غورابن کان اورئين پاسي ٿي لڳي ۽ ائين ڏسڻ ۾ پئي آيو تہ جڙ پهريائين پاٽي، ۾ لڳي پوءِ ٽپو کائي اٽ نو ٻيڙيون ٿي پگهائين ۽ ڪي ماڻهو بہ ٿي ماريائين (41) هن وٽ غورابن جي مرمت لاءِ پورو بندوبست ٿيل هو. هر هڪ غوراب وٽ ايترا ڍڪڻ ويڻا هئا. جو ان ڏکيل غوراب جي اک چنپ ۾ مرمت ڪري ٿي ورتائون. ان

ڏينهن جنگ اهڙي ريت هلندي رهي ۽ توبون کولڻ باري کنديون رهيون. درياهہ جي هڪ پاسي خان خانان جو لشکر تہ ٻئي پاسي واريءَ واري ٻيڙيارين ۽ جهلو هو. تنهن ڪري مجبور ٿي غورابن کي درياهہ جو وچ ڏئي هلڻو پيو. جتي پاڻيءَ جي رفتار تيز هئي. تنهن ڪري ادائي پهرن تائين کين رڳو ونجهہ هڻڻو ٿي پيو ۽ ان سان گڏ جنگ بہ ڪري رهيا هئا. نيٺ هن محسوس ڪيو تہ هو توپن واور ننڍڙو قلعو ٿپي ڪونہ سگهندا ۽ سندن گهڻا ماڻهو تلف ٿي رهيا آهن. تنهن ڪري کين پوئتي هٽڻ کان سواءِ ٻيو ڪو گس ڪونہ هو. اهو ڏسي خان خانان جا غوراب سندن ڪيڙ لڳي ٻيا. درياهہ جي ٻئي طرف کان خان خانان جي لشکر بہ مٿن حملو ڪيو. خسرو خان فوج جو مهندار هو. ٻين سڀني غورابن کي اڳ ۾ ڪري پاڻ پٺيان ٻيڙين ۾ هلي رهيو هو. ڪجهہ غوراب جن ۾ فرنگي فوجي يا ڪي ٻيا سپاهي هئا سي شاهي فوج جي هٿ اچي ويا. خسرو خان جي غوراب کي شاهي فوج جو غوراب وڃي سوڙهو ٻيو. پر ان غوراب جي داروءَ واري پاندي ۾ باهہ لڳي وئي. تنهن ڪري پرسان ٻيئل لشکر سڙي مري ويو. انهيءَ ڪري خسرو خان وارو غوراب ۽ ٻيا غوراب نڪري هليا ويا. سندن گهڻا ماڻهو قتل ٿيا ۽ کين وڏي فتح حاصل ٿي.

ٻئي ڏينهن اتان روانا ٿيا ۽ لشکر جاني بيگ جي قلعي ڏانهن اڳتي وڌڻ لڳو. هن پنهنجي بچاءَ لاءِ جيڪو قلعو ناهيو هو سو ڏاڍو سگهارو هو. منجهس جاڳايل پٽ ۽ ٻيڙيارين (42) جو ڪجهہ حصو شامل هو. تنهن ڪري انهيءَ کي فتح ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو هو. جڏهن ڪڙي چاڑهي گهڻا ڏينهن گذري ويا. خان خانان جي اميرن ڏٺو تہ

سندن داخل نہ ٿي ڳري تڏهن هڪ رات چئن ئي پاسن کان قلعي تي حملو ڪيائون. قلعو گهڻو سگهارو هو. تنهن ڪري سندن جاکوڙ جو ڪوبہ ڪڙتيل ڪونہ نڪتو. تنهن کان پوءِ سوچيو ويو تہ ٿٽي سرڪار جي ساري ايراضيءَ ۾ شاهي فوجون روانيون ڪيون وڃن. يعني ڪي سيوهڙ وڃن. تہ ڪي ٿٽي. ڪي بدين. ڪي فتح باغ تہ ڪي جوڙ واري علاقي ڏانهن نڪري وڃن. اهڙيءَ ريت شاهہ بيگ خان ڪي شاهہ ڳڙهہ قلعي ڏانهن روانو ڪيو ويو. جيڪو قاسم خان ارغون ٺاهيو هو. خان خانان ٿٽي روانو ٿيو ۽ باقي ٻيا ڪي فتح باغ. ڪي بدين تہ ڪي جوڙ ڏانهن اسهيا. شاهہ بيگ وڃي شاهہ ڳڙهہ تي حملو ڪيو. خان خانان جي نوڪرن سيد بهاوالدين. بختيار بيگ. هن ڪتاب جي مولف. حسن علي عرب. جان بيگ ۽ مقصود بيگ سيوهڙ تي وڃي ڪڙو چاڙهيو ۽ اتان معلوم ٿيو تہ ڳالهہ هٿ مان نڪرندي ٿي وڃي تہ جاني بيگ ڏانهن لکيائون تہ هو فوج سميت وهلو اچي واهر ٽئي نہ تہ سيوهڙ جو قلعو فتح ٿي ويندو. جڏهن مرزا جاني بيگ کي هيءَ سڌ پئي تہ هو فوج ونئي تيز رفتاريءَ سان سيوهڙ ڏاانهن وڌڻ لڳو. هو جڏهن اسان کان ويهن ڪوهن جي پنڌ تي پهتو تہ اسان کي سندس پيش قدميءَ جي ڪڙڪ پئجي وئي. اسان پاڻ ۾ ويهي صلاح مشورو ۽ فيصلو ڪيو تہ سيوهڙ کي ڇڏي مرزا جاني بيگ سان مقابلو ڪيو وڃي. انڪري سيوهڙ جي قلعي تان ڪڙو پٽي اڳتي وڃي هن جي سامهون ٽياسون. هوڏانهن جڏهن خان خانان کي هيءَ سڌس پئي تہ هن محمد خان نيازيءَ ۽ ٻين کي فوج ڏئي اسان جي واهر لاءِ سيوهڙ روانو ڪيو. جڏهن اسان لکي وارين ٽکرين ۾ اوڏو

پهتاسون تہ خان خانان جي موڪليل فوج بہ اسان سان اچي ملي. پوءِ اسان جي انهيءَ گڏيل فوج ۾ هارنهن سو گهوڙي سوار هئا. مرزا جاني بيگ پنهنجي ڏهہ هزار گهوڙي سوارن، بيشمار تير اندازن ۽ پيادل فوج سان گڏ اڳتي وڌي رهيو هو. ٻئي پاسي درياهہ رستي غوراب ۽ توبرن اچي رهيون هيون. ان وقت اسان سمجهيو تہ ٽئي طرف کان سيوهڻ وارو لشکر حملہ ور ٿيو تہ ڳالهہ ئي ڳڙ ٿي ويندي. تنهن ڪري سوچي ويچاري اسان جاني بيگ کي منهن ڏيڻ لاءِ اڳتي وڌياسون. مرزا جاني بيگ کي سندس جاسوسن اسان جي پيش قدميءَ بابت ستت ئي وڃي ٻڌايو. پر ڪيس اهڙو وبساهہ ڪونہ آيو ۽ چوڻ لڳو تہ اها تہ آڳرين تي ڳڻڻ جيتري فوج آهي. اسان جي هيڏي وڏي لشکر تي حملي ڪرڻ جي وٽن سگهہ ئي ڪانہ آهي. جڏهن ڪيس اسان جي لشکر جي ڏوڙ ڏسڻ ۾ آئي تہ پوءِ پنهنجي لشکر جي صفبندي ڪيائين. منجهند مهل اچي ٻئي لشکر پاڻ ۾ دويدو ٿيا. جڏهن اسان جي فوج جي مقدمي وارا دستا وڃي جنگ ۾ جنبيا تہ ڪي ماڻهو وڙهڻ جو ست نہ ساري پڃي ويا. دشمنن ڪيڏ لڳي اچي اسان جي فوج تي حملو ڪيو. پوءِ تہ عام جنگ شروع ٿي وئي. ٽي چار پيرا تہ نهايت سخت جنگ لڳي. نيٺ مرزا جاني بيگ جي فوج هارايو. مرزا جاني بيگ پنهنجي مڙسيءَ سان وڙهندو رهيو. جڏهن ڏٺائين تہ سندس وڙهڻ مان ڪو فائدو ڪونہ آهي تہ پاڻ بہ نڪري هليو ويو. سندس گهڻا ماڻهو قتل ۽ قيد ٿيا. بعد ۾ پوئتي هٽي جنگ واري ميدان کان ويهہ ڪوهہ پري انڙپور (43) وٽ هڪ ننڍو قلعو ٺاهي مضبوط ٽي ويٺو. شاهي فوج سندس ڪيڏ لڳي اتي بہ وڃي پهتي ۽ وڃي مٿن

ڪڙو چاڙهيائون. ٽورن ڏينهن کان پوءِ مرزا خان خانان ۽ اچي نڪتو ۽ مورچا تيار ڪرايائين. هر روز جهيڙو ٿيندو رهيو ۽ ٻنهي طرفن کان چونڊ جوان مرندا رهيا. آخر قلعي جي چوڌاري ڏنل مٽي پٽي فوج قلعي ڏانهن رواني ٿي. ان پٽيل مٽيءَ جا ڍير وڃي ڪاهيءَ سان لڳا. مرزا جاني هي حالات ڏسي صلح ڪرڻ لاءِ راضي ٿيو. مختصر طور سندس عرض هن ريت هو ته: "مان ٽيهه غوراب ۽ سيوهڻ جو قلعو اوهان کي ڏيان ٿو. مان پاڻ ٿڌي پهچڻ کان پوءِ موٽي اچي اوهان سان ملاقات ڪندس." خان خانان اميرن کان صلاح پڇي ته چا ٿيڻ گهرجي. سڀني هڪ راءِ ٿي چيو ته "هاڻي ڪير اچي چپن سان لڳو آهي ۽ سندس حالت تنگ ٿي آهي. تڏهن صلح واريو اٽائين. هن ڳالهه جو به شڪ آهي ته مرزا ٿڌي پهچي پنهنجيءَ هن ڳالهه کان نئون اکر ڪيڊي ويهي ته ڪير ڪيس چا چئي سگهندو. تنهن ڪري ٽيپهريءَ تي روزو ڪوٺ پڇبو." خان خانان کيس وراڻيو ته: جيڪڏهن اسان قلعي کي چنبڙي پونداسين ته ٻنهي طرفن کان ماڻهو ڪسندا رهندا. ٻيو ته هنن جو اهل عيال پاڄين جي ور چڙهي ويندو ۽ اها سندن بي عزتي ٿيندي. تنهن ڪري اسان ساڻس صلح ٿا ڪريون ۽ حضرت جي خدمت ۾ حاضر ٿي کيس پاڻ جهڙو پنج هزاري منصب وٺي ڏيندا سون. سندس اها راءِ بلڪل صحيح هئي. مرزا جي ايلچين اقرار ڪري غوراب حوالي ڪيا ۽ سيوهڻ جي قلعي ڏيڻ لاءِ پنهنجا ماڻهو موڪليائين ۽ مرزا پاڻ ٿڌي هليو ويو. چاڙهه واريءَ رت ۾ خان خانان سن نالي هڪ ڳوٺ ۾ ٽڪي پيو. جڏهن ٽڏي رت آئي ته ٿڌي ڏانهن روانو ٿيو. جڏهن اسان فتح باغ پهتاسون ته مرزا جاني

اسان جي آجيان ڪرڻ لاءِ اڳتي آيو ۽ ٻنهي سردارن روبرو ملاقات ڪئي ۽ ماحول دوستاڻو هو. مرزا کي اتي چڏي خان خانان ٺٽي جي سير تي روانو ٿيو. مرزا ۽ سندس پٽيان اچي ٺٽي پهتو. وس آهر سڀني جي خدمت ڪيائين. اتان کان پوءِ سمنڊ ڏسڻ لاءِ لاهري بندر ڏانهن روانا ٿيا. دهلي دربار طرفان مرزا جاني بيگ کي پاڻ سان وٺي اچڻ جو حڪم پهتل هو. ان ڪري خان خانان دولت خان ۽ واجد مقيم کي ملڪي انتظام کي ٺيڪ ڪرڻ لاءِ اتي چڏي پاڻ مرزا کي ساڻ ڪري شاهي قدم بوسي لاءِ دهليءَ روانا ٿيا. اعليٰ حضرت جاني بيگ سان نهايت لطف ۽ مهربانيءَ سان پيش آيو. ٺٽي جو ملڪ سندس حوالي ڪيو ويو ۽ ڪيس پنج هزاري منصب عطا ٿيو. شهنشاهه جي مٿس مهرباني هئي. انهيءَ تائين جو خسرو شاهه کي جاني بٽجڻ لاءِ قبول فرمايائون. جنهن دور ۾ شهنشاهه اڪبر دکن (44) ڏانهن متوجه هو. احمد نگر ۽ قاسم قلعو (اسير وارو) فتح ٿي چڪا هئا تہ مرزا جاني بيگ سرسام جي بيماري وگهي 25 رجب سن 1008هـ تي وفات ڪري ويو. نواب علائي جي سفارش ڪرڻ تي ٺٽي جو ملڪ مرزا جاني بيگ جي پٽ مرزا غازي بيگ جي حوالي ڪيو ويو.

تاريخ طاهري

هيءَ تاريخ مير طاهر محمد نسياني ولد سيد حسن لٽويءَ جي تاليف آهي. مولف، سندس پيءُ ڏاڏو ارغونن ۽ ترخان گهراڻن کان چگيءَ ريت واقف هئا ۽ ساڻن لاڳاپيل هئا. طاهر محمد، هيءَ ڪتاب شاهه محمد بيگ عادل خان ولد شاهه بيگ عادل خان ارغون، گورنر ٺٽهار جي چوڻ تي لکيو هو ۽ منسوب به ان ڪري ڪيو اٿائين. تحفته الڪرام جو بيان آهي ته شاهه بيگ عادل خان ارغون نه پر ترخان هو ۽ هي اهو ماڻهو آهي، جنهن ڏانهن تاريخ طاهري منسوب ٿيل آهي.

هن ڪتاب جو اجائي ڏيگهه وارو مهاڳ ويهن صفحن تي مشتمل آهي. جيڪو چاپلوسيءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ڪونه آهي جنهن ۾ مولف، هن ڪتاب (1) لکڻ دوران پنهنجي گهراڻي جي حالتن جو اتفاقي ذڪر ڪيو آهي. هن ڪتاب مان اسان کي اهي اهڃاڻ ملن ٿا ته سن 1015هـ (1606ع) ۾ جڏهن قندهار تي ايراني فوجن اچي ڪڙو چاڙهيو هو ته مولف پنهنجي تعليم مڪمل ڪرڻ لاءِ ٺٽي آيو هو ۽ ان وقت سندس ڄمار ويهه سال هئي ۽ هن شهر جي مشهور عالم محمد اسحاق وٽ اچي پڙهڻ شروع ڪيو هئائين، جيڪو صوفي منش ماڻهو هو. هن مولانا سعدي، جامي، خاقاني ۽ انوري جي ڪلام جو گهڻو مطالعو ڪيو هو.

سندس نالو عمر شاهه هو ۽ سندس پٽ داؤد سهتو درپيلي پرڳڻي جو سردار هو، جنهن شهنشاهه همايون جي دل کولي واهر ڪئي هئي، جنهن شير شاهه جي حملي کان ڀڄي اچي سنڌ ۾ پناهه ورتي هئي. شهنشاهه همايون به سندس مهلائتي مدد کان متاثر ٿي اهڙو هڪ دستاويز ڪيس لکي ڏنو هو، جنهن ۾ هن ڪيس درپيلي وارو علاقو انعام ڏيڻ جي سفارش ڪئي هئي. ان پرواني ۾ اهو به لکيو هئائين ته جيڪڏهن هو تخت وڻڻ ۾ ڪامياب ويو ته ائين ضرور ڪيو ويندو. بکر جي گونر سلطان محمود جي چوڻ تي هنن ٻنهي پيءُ ۽ پٽ کي قتل ڪيو ويو. چاڪاڻ ته ڪيس اها ڳالهه پسند ڪانه هئي ته اهي شهنشاهه همايون جي مدد ڪن. هڪ کي ڪچي چمڙي ۾ بند ڪري بکر جي قلعي جي هڪ برج تان سنڌوءَ ۾ اڇلايو ويو هو. ٻئي کي جيئري کل لاهي ان ۾ ڀهه پرائي شاهه حسن ڏانهن تحفي طور روانو

ڪيو ويو. پوءِ سهتن جو اهو ڪتب احمد آباد گجرات ڏانهن هليو ويو. مٿي ڄاڻايل دستاويز (پروانو) ان وقت سڙي خاڪ ٿي ويو جڏهن مرزا جاني بيگ شاهي لشڪر جي ويجهي پوڻ جو پڏي ٽٽي ڪي پاڻ ۾ ڏئي ساڙائي رک ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو. هن تاريخ جي مولف ڪي اهو يقين ضرور هو ته جيڪڏهن ڪيس پاڻ پڙايو ته موجوده شهنشاهه جهانگير ڪيس ضرور جاگير نوازش ڪندو. هن ڪتاب جي هڪ باب ۾ عمر شاهه ڪي جام جي لقب سان لکيو آهي. جنهن سان پتو پوي ٿو ته هو سما گهراڻي سان لاڳاپيل هوندو. دائود پٽ عمر ڪي سهتو به لکيو ويو آهي. هڪ اقتباس ۾ اهو پڻ نظر ايندو ته جام سهتي نالي هڪ ماڻهو سمن جي اولاد مان آهي. جيڪو ڪڇ جي راوتن مان هو.

طاهر محمد اسان کي اهو به ٻڌائي ٿو ته هن اهڙي تاريخ هٿ ڪرڻ لاءِ وڏي جاکوڙ ڪئي هئي. جنهن ۾ مختلف حڪمران گهراڻن جي ويساهه جوڳي زماني بابت ڪا معلومات ملي سگهي. امڪان آهي ته سنڌي هولي، ۾ ڪا اهڙي تاريخ هجي جنهن ۾ مٿي ڄاڻايل پروسي جوڳي معلومات هجي. سنڌس لکيل تاريخ جا آڳاتي دور سان واڳيل باب ضرور ڪنهن نه ڪنهن تاريخ تان ورتل هوندا. ۽ هن انهن تاريخن جا حوالا نه ڏئي ڪجهه بددياني ضرور ڪئي آهي. هن پنهنجي تاريخ ۾ مير معصوم بکري جو هڪ نظم ڏنو آهي. جنهن سان معلوم ٿئي ٿو ته سنڌس تاريخ تان به استفادو ضرور ڪيو هوندائين پر ايترو گهٽو نه. ساڳين واقعن کي بيان ڪرڻ مهل هي، مولف معصومي کان وڌيڪ تفصيل ۾ وڃي ٿو. ڪن واقعن تي اعتبار

ڪري قلمبند ڪيو اٽائين. جيڪي ٻي، تاريخ ۾ نظر ٿي ڪوند ايندا. پوئين دور سان لاڳاپيل تاريخي وچور وستار سان ڏٺي ٿو. چاڪاڻ ته اهي واقعا هن پنهنجي پي، واتان ٻڌا. جيڪو انهن واقعن ۾ عملي طور شريڪ هو. هن کان علاوه پاڻ به جاکوڙي اکين ڏٺن ماڻهن کان ڪي ڳالهيون معلوم ڪيون اٽائين. معلوم ائين ٿئي ٿو ته هو پاڻ درٻيلي جو رهاڪو هو. پهرين، چامڙ مطابق هو اسان کي فقط نٽي ۽ قندهار ۾ نظر اچي ٿو پر سندس نشان ملتان ۽ لاهور ۾ نظر اچن ٿا. فرائسرت Fraissart جي بيان جيان هي سنڌين منجهان "سيلاني سردار" هو.

تاريخ طاهري سنه 1030هـ (1621ع) ۾ لکجي پوري ٿي. ان وقف مولف جي عمر چاليهه سال هئي. سندس بيان منجهيل آهي ۽ سنو ڪوند آهي. ڪٿي وري لالچ جو گمان به نظر ايندو. ٻڌايو وڃي ٿو ته هن تاريخ ۾ ڏهه باب آهن. چئن بابن کان پوءِ ڪنهن ٻئي باب جو اهجاڙ ڪوند ڏسبو. پر پوءِ به ڏسبو ته منجهس ڇڪي تاڻي ست باب ٿي سگهن ٿا. هن جو پهريون باب سورهن صفحن تي مشتمل آهي. جيڪو سومرا گهراڻي متعلق آهي. ٻيو باب سما گهراڻي سان لاڳاپيل آهي. جنهن ۾ ڏهه صفحا ڏسبا. ٽئين باب ۾ ٽيهه صفحا آهن. اهو باب ارغونن سان واسطو رکي ٿو. چوٿين باب کان وٺي اڳتي هڪ سو ٻاهتر صفحا آهن. جن ۾ فقط ترخانن جو احوال نظر ايندو. جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته هن جو توجهه فقط ترخانن ڏانهن آهي. سندس ڏنل احوال، مرزا غازي بيگ کي سنه 1021هـ (1612) ۾ قندهار ۾ ڏنل زهر واري واقعي تائين اچي ختم ٿئي ٿو. ان زماني کان پوءِ ترخان جاگيردار به ڪوند رهيا هئا. مرزا جاني بيگ جي دور ۾ سنڌ جي آزاد حيثيت ٽيهٽ

کان پوءِ سندس اڳيان لقب ۽ خطاب بہ جڙ پچائي، کي پهتا هئا. هن ڪتاب ۾ عرب حملي بابت ڪوبہ احوال نظر ڪونہ ايندو. سومرن ۽ سمن واري بابن ۾ ڏنل سندن احوال، ڪنهن لڳاتار سلسلي ۾ ڪونہ آسبو. پوئين دور سان لاڳاپيل احوالن ۾ بہ تاريخون ۽ سال ڪونہ نظر ايندا. هن کان علاوه اهو بہ ڏسبو تہ ارغون ۽ ترخان گهراڻي کي جڙ هڪ ئي باب ۾ رکيو ويو آهي. نہ تہ هجڙ ائين گهرجي ها جو هر هڪ گهراڻي جو جدا باب ۽ هر گهراڻي جي هر حڪمران لاءِ جدا عنوان هجي ها. هنن ٻنهي گهراڻن کي هڪ لڳاتار سلسلي جي شڪل ۾ قلمبند ڪيو ويو آهي. جيڪو سنو ڪونہ ٿو لڳي. هنن گهراڻن جي احوال ۾ جيڪي تاريخون ۽ سال ڏنا ويا آهن سي گهڻو ڪري غلط آهن.

هن مولف تاريخ طاهري کان سوءِ سنڌ جي ڏند ڪٿائن تي هڪ ٻيو ڪتاب بہ لکيو هو. "نسياني" (2) سندس خاندان جو نالو بہ پر شاعرانہ تخلص آهي. اهڙو بيان تحفتہ الڪرام جي صفحي 192 تي نظر ايندو. ساڳئي هنڌ اسان کي سندس شجري بابت بہ جاڻ ڏني وئي آهي. هن تاريخ جا نقل سنڌ ۾ تمام گهٽ نظر اچن ٿا ۽ ٿوري جاکوڙ کان پوءِ ملي سگهن ٿا. هڪ اتارو خيرپور جي ميرن وٽ ۽ هڪ ٻئي جي اميرن وٽ موجود آهي.

اقتباس

سن 700هـ (1300) کان وٺي سن 843هـ (1439ع) تائين هندو سومرا سنڌ تي راڄ ڪندا هئا. اهو علائقو جيڪو هاڻي سائو

ڊائوءِ ريان ڪيان ڏسجي ٿو سو ڪنهن زماني ۾ سنڌوءَ يا پنجن ندين جي درياهه ۾ پاڻيءَ جي قلت ڪري سجو رڻ لڳو پيو هوندو هو. بکر (3) ڪان هيٺ هن درياهه ڪان سنڌو درياهه يا پنجن ندين وارو درياهه سڏيندا آهن. هن درياهه جو پاڻي هاڻي مٽي جاڻايل علائقي ڏانهن ويندو آهي. ڇيو ويندو آهي ته سڪر سٽائي پاڻي سان ٽيندي آهي سومرا گهراڻي جي راجڌاني محمد طور (4) نالي هڪ شهر هوندو هو جيڪو هاڻي ويران آهي ۽ ديرڪ پرڳڻي ۾ موجود آهي. هي شهر جڏهن اوج تي هو ته منجهس وڏا زميندار ۽ بزرگ ماڻهو رهندا هئا. هند سنڌ جي مشهور هستيءَ شيخ المشائخ غوث العالم بهاؤالدين زڪريا جو مشهور مريد ملا خليفو سنڌي نالي مشهور بزرگ به هتي جو رهاڪو هو. هن شهر ۽ ان سان لاڳاپيل علائقن جي تباهيءَ جو ذڪر هن ريت ڪيو ويندو آهي ته نَو سو سالن کان وڌيڪ هڪ هزار سال کان گهٽ عرصو ٿيندو جو الور کان هيٺ هڪ درياهه وهندو هو جنهن کي پنجن ندين وارو درياهه سڏيو ويندو هو. هن جا هاڪڙو واهند. داهن (واهن) ٻيا به ڪيترا نالا هوندا هئا. هن وهڪري تي گهٽا نالا انهيءَ ڪري هئا. جو جنهن ڳوٺ وٽان هيءَ وهڪرو ٽٽيندو هو تنهن ڳوٺ جو نالو مٽس ڏرجي ويندو هو. پوڪيءَ راهيءَ کان پوءِ واڌو پاڻي وڃي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو هو. ڪنهن سمي الور ۽ محمد طور جي وچ واري علائقي تي راجا دلو راءِ راج ڪندو هو. هو ڏاڍو ظالم هو ۽ هر رات نئين عورت سان همبستر ٿيندو هو. جيڪي به واپاري ٻيڙا اتان لنگهندا ديبل بندر ڏانهن (5) ايندا ويندا هئا. تن کان سُنگ اوگاڑيو ويندو هو. جيڪو ٻيڙيءَ تي رکيل تجارتي مال جي اڌ

تاريخ سنڌ جا عربي ۽ فارسي ماخذ

قيمت جيترو هوندو هو. انهيءَ ڪري واپارين ڪي وڏو نقصان پوندو هو. هڪ ڏينهن ڪو واپاري(6) تجارتي مال سان پريل پيڙا هاڪاري اچي اتي پهتو ۽ اتان جي راجا جي مقرر ڪائي ٽوڙ سنگ جو پڌي وائڙو ٿي ويو. جڏهن ڪسٽم جي آفيسرن ڪي معلوم ٿيو تہ سندس واپاري وکر نهايت قيمتي آهي ۽ اهو به ڏنائون تہ واپاري پاڻ به هڪ ڏورانهين ڏيهہ جو واسي آهي تہ هنن سنگ کي رهندو به وڌائي چڏيو. هن کان علاوه ان واپاريءَ سان گڏ چوڏهين جي چنڊ جهڙي هڪ سهڻي سوپيا چوڪري به هئي. جڏهن هتان جي انهي ڪئور راجا کي هنن سيني ڪالهين جي سڌ پئي تہ هن پنهنجي پراڻيءَ هير موجب اها چوڪري هٿ ڪرڻ جو پڪو پهہ ڪيو. اهو سيلاني سياڻو ۽ خدا ترس ماڻهو هو. تنهن سوچيو تہ هن ظالم راجا کان عزت آبروءَ سان جند چڏائڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. تنهن ڪري وڏي جاکوڙ ڪرٽي پوندي. هن خدا کي واهر لاءِ ٻاڏايو تہ ننگ ۽ ناموس لاءِ سندس اهي جتن قيامت تائين مقدر جي ڪاغذن ۾ لکيل هجن. هن راجا کان ٽن ڏينهن جي مهلت گهري. انهيءَ مدت کان پوءِ هو سنگ سان گڏ پاڻ سان گڏ آندل چوڪري به سندس حوالي ڪندو. هن عرصي دوران واپاري چا ڪيو جو ڏاها ۽ جاڻڻا ڪمي هٿ ڪري ورتائين. جيڪي ڪوتائي جي ڪم ۾ فرهاد جيان پڙ ۽ بند ٻڌڻ ۾ سڪندر جيان جوان همت هئا انهن ڪمين کي هر گهربل شيءِ هٿ ڪري ڏنائين ۽ پورهئي جي عيوض کين سون چاندي هيرا جواهر ڏيڻ لڳو. هن واپاري جي مرضي هئي تہ الور(7) مٿان درياه جي پيٽ ۾ بند ٻڌي ان جو رخ بکر ڏانهن موڙيو وڃي. اهي اڻ ٽڪ ۽ ان اوڇ پورهيت رات ڏينهن درياهہ جي

تاريخ سنڌ جا عربي ۽ فارسي ماخذ

پيٽ کوٽڻ ۾ ان جي پيٽ اندر بند پڌڻ جو ڪم ڪندا رهيا. اهڙي ريت وڏي جاکوڙ کان پوءِ درياهه جو رخ سيوهڻ ۾ لڪي جي ٽڪرين ڏانهن موڙيو ويو. ان تازي وهڪري مان پاڻي ڏاڍي سانهه ۾ سگهه سان وهڻ لڳو ۾ ڏٽيءَ سڳوري جي ٻاجهه سان ان واپاريءَ جا ٻيڙا ان ٻي رحم راجا جي پهچ کان پري نڪري ويا. ان علائقي جا ماڻهو پرهه ڦٽي جو جاڳي ڏسن تہ ڪاري وارا ڪڪ. درياهه ۾ پاڻيءَ جي تہ ڏنڀ ۽ ڪاڦ آهي. جتي ڪلهه تائين پرهين پاڻي هوا تي اڇ گپ گيچڙ کان سواءِ ڪجهه ۽ ڪونہ هو. پوءِ ڪسٽم جي عملدارن ڏوڙي وڃي ملڪ جي راجا کي سڌ ڪئي تہ سنڌو رخ موڙي ويو ۾ واپاري ۽ ان وهڪري سان پنهنجا ٻيڙا هاڪاري الائي ڪيڏانهن ڪڪ پن ٽي ويو. هن حڪم ڪيو تہ درياهه کي واري آٽي پراٽي پيٽ ۾ وجهن. ماڻهن وراڻيو: "ائين تہ ٽي نہ سگهندو ڇاڪاڻ تہ ان جو وهڪرو ئي اوڏانهن ٽي ويو آهي. هاڻي ڏڏو ڪير ٽٽين پٽجي ڪونہ ٽي سگهيو. پاڻ ڪري پوءِ پڇتائڻ مان ڪهڙو لاڀ. ڪنن ۾ ڪپهه وجهڻ نہ ڪپي ۾ ڪن ڪڙا ڪري سچيت رهڻ گهرجي. ڪيرت ويل ڳهر ۾ ڳڻاتجڻ ناس ٽيڻ سمان آهي." ٿوري وقت اندر گاهن جون گلزاريون پڃاڻيءَ کي پهتيون. ويءَ ۾ ولهار سڪي ويران ٽي ويا. باغن ۾ بستانن جون رونقون اجاڙ ٽي ويون ۾ سنڌ جو هڪ پريو تريو علائقو سڄ ۾ رڄ ٽي ويو. ماڻهن ۾ چوپائي مٽان موت ڳجهن جيان لامارا ڏيڻ لڳو. هڪ ڪنور پنهنجي ڪڏن ڪر توتن سان پاڙ پنهنجي ملڪ ۾ ماڻهن کي بہ نهوڙي نيو.

برهمڻ آباد جي تباهي

هڪ قديم مورخ جو بيان آهي تہ مٽي جاٽايل راجا دلوراءِ کي چٽي امراٽي (8) نالي هڪ پاءُ هوندو هو. جيڪو الله جي مهرباني، سان ننڍي لاءِ کان وٺي چٽيھ لکڻو هوندو هو. هو پنهنجي پاءُ دلوراءِ کي سندس ڪڏن ڪرتوتن، پاپ ۽ پچ کان روڪيندو هو. پر اهي ڳالهيون سندس هڪ ڪن کان لنگهنديون ٻئي ڪن کان نڪري ويندیون هيون. سندس اهڙيون ڍنگايون ڏسي ملڪ کان ئي ٻاهر هليو ويو ۽ قرآن پاڪ جي تلاوت ڪرڻ ۽ هنيان، سان هنڌائڻ لڳو. قرآن پاڪ جي ياد ڪرڻ کان پوءِ موٽي ڳوٺ آيو تہ سندس مٽن مائٽن کيس شادي ڪرڻ لاءِ زرو پريو. پر هو سندن اڻ سهائيندڙ ڳالهين کان بچان ڪندو هو. تنهن ڪري کين انڪار ڪيائين. هن جي مائٽن کيس مسلمان سمجهي گهر مان ۽ نيات مان ڪڍي ڇڏيو. کيس ٽوڪيندي چيائون تہ هو مڪي وڃي ڪنهن امير عرب جي ڏيءُ سان پرٽبو. امراٽيءُ جو ستارو بلند هو ۽دل خدا ڏانهن لڙيل هئي. مائٽن جي چٽرن ۾ سندس دل تي گهٽو اثر ڪيو. تنهن ڪري هن ڪعبت الله شريف جي زيارت ڪرڻ جو پڪو پهہ ڪيو. جڏهن هو منزل مقصود تي پهتو تہ اتي هڪ عورت کي ڏٺائين، جنهن جي هٿ ۾ مائي هئي ۽ ڏاڍي سريلي آواز ۾ قرآن شريف جي تلاوت ڪري رهي هئي. هو ڏانهس گهوري نهارڻ لڳو. عورت کي محسوس ٿيو تہ هو کيس ڏسي رهيو آهي تہ کانئس پڇيائين تہ" ڪير آهين ۽ هن شهر ۾ ڇا ڪرڻ آيو آهين؟" تنهن تي هن وراٽيو تہ مان توکان قرآن پڙهڻ ٿو چاهيان. ان عورت کيس ٻڌايو تہ فلاٽي امير عرب جي ڏيءُ مون کان ۾

وڌيڪ سهڻي قرات سان قرآن پڙهي سگهندي آهي ۽ بهتر آهي تہ تون وٽس وڃي قرآن شريف پڙهہ. اها چوڪري ٻين ڪيترين چوڪرين کي قرآن شريف جو سبق ڏيندي آهي. تون بہ جيڪڏهن چوڪرين وارا ڪپڙا پائي وٽس ويندين تہ چوڪري سمجهي هوءَ توکي قرآن شريف پڙهائڻ کان انڪار ڪانہ ڪندي. ڇڪي امراٽي ڪيس ورندي ڏني تہ اهو سڀ ڪجهہ تنهنجي مهرباني سان ٿي سگهندو. هن ڪيس ٽوريون گهٽيون سوڪڙيون پاڪڙيون بہ ڏنيون. نيٺ هو قرآن جي قرات ۾ پڙ ٿي ويو. هڪ ڏينهن کا عورت پنهنجي استاد سان ملڻ آئي جيڪا علم نجوم جي پڻ ماهر هئي. آيل عورت کانئس پنهنجي ڏيءَ جي ستاري بابت پڇيو جنهن جي شادي ٿيڻ واري هئي. کانئس اهو بہ سوال ڪيائين تہ اها شادي ڪامياب ثابت ٿيندي يا نہ. جيڪڏهن اها شادي ڪامياب ثابت نہ ٿئي تہ ان بدران ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ جي چونڊ ڪري. ان چوڪريءَ ڪيس ورندي ڏني تہ اها شادي ڪامياب ثابت ٿيندي. اهو ٻڌي عورت هلي وئي. ڇڪو امراٽي بہ چوڪري جي روپ ۾ اتي موجود هو. جيڪو ان وقت ماهر قاري ٻڌجي چڪو هو. سندس استاد چوڪريءَ کي پتو ڪونہ هو تہ چوڪري آهي يا چوڪرو. هن ڪيس گذارش ڪئي تہ علم نجوم وسيلي ٻين چوڪرين جي ڪامياب شادين بابت تہ ٻڌائين ٿي. پر پنهنجي ستاري جي بہ ڪا سڌ اٿئي تہ جنهن مرد سان تنهنجي شادي ٿيندي اهو ڪير هوندو؟ "اهڙي جاچ ڪرڻ تہ منهنجي لاءِ گهڻو دلچسپ هوندي" چوڪريءَ جواب ڏنو تہ مان هن وقت پنهنجي متعلق ڄاڻڻ لاءِ ڪو ويچار ڪونہ ڪيو آهي. چوڪريءَ ڪجهہ وقت

تاريخ سنڌ جا عربي ۽ فارسي ماخذ

حساب ڪتاب ڪري هن ريت ٻڌايو تہ:"چٽي امراٽي نالي هڪ ماڻهو سنڌ ولايت مان ايندو ۽ منهنجو سڳ ڪيس ڏٺو ويندو." امراٽي ڪيس ڇيو تہ: "اهو ماڻهو سنڌ مان هيڏانهن اچڻ لاءِ نڪتو آهي يا نہ؟" هن وراڻيو تہ: "اهو شهر ۾ پهچي چڪو آهي." ڪانئس پڇيائين" اهو هاٿي ڪٽي آهي." چوڪريءَ ڇيو تہ "اهو هن گهر اندر آهي ۽ اهو تون آهين." اهو ٻڌي چٽو امراٽي قرآن شريف پڙهڻ لڳو.

چوڪريءَ اها ساري ڳالهہ وڃي ماءُ کي ٻڌائي. سندس مائٽن ان شاديءَ جي اجازت ڏني ۽ شادي بہ خير سان ٿي وئي. چٽو امراٽي ۽ سندس زال فاطمہ هڪ ٻئي کي تمام گهڻو پيار ڪندا هئا. ٿورو وقت اتي رهڻ کان پوءِ هو موٽي پنهنجي ملڪ آيو ۽ پائن واهہ Painwah ۾ اچي رهڻ لڳو. جتي سندس پاءُ راجا دلوراءِ راڄ ڪندو هو (9) هو ٻئي ڇٽا خدا جي تمام گهڻي عبادت ڪندا هئا. ۽ ڪائنڪ ڪابہ شيءِ ڳجهي ڪانہ رهندي هئي. هڪ ڏينهن دلوراءِ سندس زال کي ڏسڻ جي ارادي سان چٽي امراٽيءَ کي ڪنهن ڪم سان باهر موڪليو. جنهن وقت راءُ چٽي امراٽي جي گهر ويو تہ سندس زال فاطمہ غسل خاني ۾ هئي ۽ پنهنجي غيبي طاقت وسيلي ڪيس گهر اچڻ جي خبر پٽجي ويئي. اهڙي ريت چٽي امراٽيءَ کي اتي جاڻ ملي تہ سندس پاءُ هن جي غير حاضريءَ ۾ سندس گهر آيو هو. هو جلد ئي گهر پهچي پنهنجي زال کي وٽي ان شهر مان نڪري هليو ويو. پر چوندو ويو تہ هي شهر جلد ئي ناس ٿيندو. جنهن کي پڇڻو هجي سو پڇي وڃي. جنهن رات هنن شهر ڇڏيو ان رات هي نگري ناس ٿي وڃي ها. پر هڪ رن زال ڪري بچي وئي. جيڪا ان وقت ستّ ڪتي رهي هئي.

تاريخ سنڌ جا عربي ۽ فارسي ماخذ

ٻي رات هڪ ڪنيگير (10) جي جاڳڻ ڪري هي شهر تباهه ٿي ڪونه سگهيو. ٽين ۽ رات جنهن گهڙي ۾ شهر ڏهالڻ ٽيٺو هو سپ ننڍ ۾ هئا ۽ ساري شهر کي ڏرتي ڳهي وئي. ماڻهو گهر ۽ هر شيءِ مليامينٽ ٿي وئي. رڳو اچرج حاصل ڪرڻ لاءِ فقط هڪ منارو بچي ويو. جيڪو سوڏو ڏسي سگهجي ٿو. چٽو امراٽي ۽ سندس زال فاطمه وجي سوستان ۾ آباد ٿيا. جنهن کي هاڻي سيوهڻ سڏيو ويندو آهي. هن پنهنجي ساري چمار خدا جي بندگي ڪندي گذاري. جيستائين هو هن فاني دنيا ۾ جيئرو رهيو کانئس ڪيترين ئي ڪرامتون ظاهر ٿيون ۽ سندس وفات کان پوءِ به جاري آهن. چيو وجي ٿو ته جيڪو به ماڻهو هن جي زيارت ڪندو آهي ته سندس دلي مراد پوري ٿيندي آهي. سندس مزار سيوهڻ شهر ۾ آهي. جتي هر جمعه تي زيارتين جي گپاگيهه لڳي پئي هوندي آهي.

سومرا گهراڻو

ڳالهين جي ڳجهه ڳولڻ ۽ ڏاهن ماڻهن کي جاڻڻ گهرجي ته هنن جاهلن هندو ڏرم جي پوئلڳن بابت قديم تذڪرن ۾ احوال هن ريت ڏسڻ ۾ ايندو ته : ان نيات جو هر هڪ ماڻهو پاڻ کي راڻو ۽ راوت سمجهندو هو. پر پوءِ سندن حڪمران عمر نالي هڪ سومرو ٿيو. اها سڌ کانه آهي ته سندس راڄ ڪيترو عرصو هليو. هن حڪمران پنهنجي ساري چمار پاپ پڇ ۾ گذاري ڇڏي. هن پنهنجي نالي (11) جو شرم ۽ پرم ڪونه رکيو. پنهنجي رعيت ۾ جيڪا به سهڻي عورت ڏسندو هو ڏاڍ ڪري سا آڻي پنهنجي ڏوراڻن ۾ ڏريندو هو. سندس هن

ڪلور ۽ ڪپت کان پرٽيل عورت ۽ وانجهيل ڪوڙ هوندين هيون. اهڙي پرٽيل عورت مارئي ۽ هئي. جنهن جو واسطو مارو (12) نيات سان هو ۽ ڏوڳ (13) نالي هڪ ماڻهوءَ جي مڱيندي هئي. اهي مارو لوڪ عمر ڪوٽ جي اوسي پاسي رهندا هئا. مارئي پنهنجي پيءُ ماءُ وٽ رهندي هئي. جڏهن هوءَ جوان ٿي ته ويتر سهڻي ٿي پئي. مارئي جا مائٽ ڏوڳ کي مارئيءَ جي سڳ ڏيڻ کان ڦري ويا ۽ ڪنهن ٻئي مائٽ کي ڏيڻ جو آسرو ڏنائون. تنهن ڪري ڏوڳ عمر ڏانهن دانهين ويو ۽ڪيس چيائين: "مون کي مارئي جي سڳ ملڻ جو آسرو اميد ڪانه آهي. مارئي ڏاڍي سهڻي آهي ۽ تنهنجي حرم سراءِ ۾ سونهين ٿي. جيڪڏهن ڪيس هڪ ڀيرو ڏسندين ته ڪائنس ڌار ٿي نه سگهندين." ٿر جي هن رهاڪوءَ جي اهڙين ڳالهين عمر سومري کي هرڪائي وڌو. هو ان ئي مهل لٺا بدلائي تيز رفتار اٺ (14) تي سوار ٿي اوڏاهين روانو ٿيو. جتي مارئيءَ جي مائٽن جي واندي هئي. هو مارئيءَ کي ڏسڻ سان مٿس موهت ٿي پيو. ۽ چار ڏينهن اتي ترسي پيو ۽ هڪ ڏينهن وڃه وٺي مارئي کي اٺ تي ڪٺي اچي ملڪ جي راجڌاني عمر ڪوٽ پهتو. عمر کيس پنهنجي ڏاڍ ۽ ڏمر کان گهٽو ڏهڪايو. سون، چاندي، هيرن، جواهرن ۽ لالن جي لالچ ڏني. ان چوکريءَ جي سچائي، ست ۽ سيل جي ڪيتري ساراه ڪجي جو هن سون تي ست، سيل ۽ سيڙ ڪونه مڃيا ۽ پنهنجي راڄوٽي ريت کي ڪريت جو لينگهو ڪونه لاتو هن پنهنجي لوئي، لوءِ ۽ لج کي تقدس جي موتين جا ٽڪور ٽاڪيا نه لڏي نه ٻڏي. هنئون هيٺ نه لٿي. نيٺ عمر کي چيائين: "اها نيات ڏيکار جنهن ۾ عورت کي اها ڪريت رهائي ۽

هيرن جواهرن ۾ دنيا جي ٿور وقتي حڪومت لاءِ پنهنجي مڙس جي امانت ڪنهن ڏارئي کي آڇي" مارئي جي هن ڪومل ۽ ڪنول جهڙن ٻهه ٻهه ٻولن عمر کي به نرم ڪري وڌو. هڪ سال جي حيلن هلائڻ کان پوءِ سندس تقدس آڏو جهڪي پيو. پوءِ سندس مڙس کي گهرائي مارئي سندس حوالي ڪيائين ۽ ڪيس سون، هيرا ۽ جواهر به ڏنائين ۽ چيائينس ته سندس زال ست ۽ سيل جي مالڪ آهي. پر مارئي جي مڙس مان شڪ دور ڪونه ٿيو. ڪائنس الڳ رهڻ لڳو هو ۽ سدائين پيا مهٽا ڏيندو هوس. نيٺ اها خبر وڃي عمر جي ڪنين پئي ته مارئيءَ کي سندس مڙس لنڊي هجڻ جا سهما ۽ ويڑ ٿو ڏئي ۽ انهيءَ ناتي هو (عمر) به پيو ٿو لوئجي. پوءِ عمر کي ڪاوڙ ڪندي تي چڙهي وئي ۽ مارن جي واندي تي ڪٽي گهل چاڙهڻ جو حڪم ڏنائين. پر مارن کي اهڙي باهور پئجي وئي ته پنهنجا پڪا پيهون پٽي اک ڇنب ۾ ڪاڏهون جو ڪاڏي ڪک پن ٿي ويا. چون ٿا ته جڏهن عمر کي اها سڌ پئي ته چيو هئائين ته: "مارئي جو مڙس هڪ پاڪدامن ۽ ستيءَ جتي عورت تي ڪارنهن جو ٽڪر ڇوٽو پيڃي ۽ ان گلا جو گهانگهو سندس ڳچيءَ ۾ ڇوٽو وجهي! جيڪو ڏوهه مارئي ڪيو ئي ڪونه آهي ۽ هڪ ست ۽ سيل واري عورت ۽ وقت جي حڪمران کي ڏوءِ ڏوءِ ڪري خلق ۾ خوار ڇوٽو ڪري؟ هڪ ڪوڙي بهتان کي ماٿهن ۾ مشهور ڪري جڙ هڪ قسم جي وڳوڙ کي اپاري رهيو آهي" تقدس جي ان زنده مجسمي پنهنجي گهراڻي جي عورتن کي تسلي ڏئي پنهنجي ست ۽ سيل جي ڏيڍ تي پاڻ عمر وٽ لنگهي وئي ۽ منهان منهن وڃي عمر کي چيائين ته: "تون هن ملڪ جو بادشاهه آهين،

جيڪڏهن تون اها ڪريت نه ڪرين ها ۽ سمجهين ها ته اهڙي انياءَ
۽ انيت ڪري ڪارنهن جو چٽو لڳندو. هاڻي ايڏو وڏو مهاپاپ ڪري
مون کي به مٺيهاب ڪيئي. پاڻ کي به خلق ۾ خوار ڪيئي. پرائيءَ
چوڪريءَ کي پريا هارنهن مهينا تو ڪوٺ ۾ قيد ڪري رکيو. اهڙي
ريت منهنجي مٽان شڪ ۽ ڪارنهن جا تو هٿ ونيِ گس گهڙيا.
لينگهه لڳڻ کان پوءِ مارن جي منهن موڪلي ڇڏيئي. اهي ماڻهو جن
کي منهنجي ست سيل جي ڪل ڪاڻ هئي. سي ته مون کي ضرور
پاپڻ سمجهندا. انهيءَ حالت ۾ جيڪڏهن مڙس غيرت ۾ اچي ڪهي
ڇڏيو ته ان تي ڪهڙي ميار آهي. هي ڏوهه ايڏو وڏو آهي جنهن جو
حق انصاف ڪري به پورائو نه ٿو ڪري سگهجي. ڏاڍ جي ڏهڪايل
ماڻهن مٽان وري به ڪلور ڪري پنهنجي انصاف سان نوازڻ ٿو
چاهين؟ پنهنجيون اوٽايون ڏس. چاتيءَ ۾ جهاتي پائي نياءَ ڪر ته
اصلي ڏوهي ڪير آهي؟" مارئي عمر کي اهي لفظ اهڙي ته ڏکندي
انداز ۾چيا جو هو لڄي ٽي ڪنڈ هيٺ ڪري پنهنجي ڪئي تي
پڇتائڻ لڳو. موڪليل گهل کي موٽڻ جو حڪم ڏنائين ۽ مارئي جي
مڙس کي نياپو ڏيئي دربار ۾ گهرائي ڪيس چيو ته. "هو قسم ڪٽي
مارئي جي دامن تي لڳل ڪارنهن جو چٽو لاهڻ ٿو چاهي." مارئي چيو
ته. "نا اهو قسم مون کي ٽوروائي. انهيءَ سان مون ۽ منهنجي ڪُرتان
ڪچو ڏوپي ويندو. پوءِ ائين ڪيو ويو ۽ هرندڙ باهه ۾ لوهه جو ٽڪرو
وڏو ويو. جڏهن اهو تپي لال ٽي ويو ته مارئيءَ اهو هٿ ۾ ڪٽي ٻيلي ۽
ڪيس هٽن کي لهس به ڪاڻ آئي. هن پرک ۾ سوپاري ٽيڙ کان پوءِ
ملير جا ماڻهو ڪيس ستي جتي سمجهڻ لڳا. ان وقت عمر ڏاڍو پڇتايو

۽ سوچيائين تہ: "مان پاڻ تي لڳل لينگهو ڪيئن لاهيان. خدا انصاف وارو آهي ۽ انياءَ ڪي ڪڏهن به پسند ڪونہ ڪندو آهي مارئي جي مڙس مون ۾ شڪ ڪري ساري دنيا آڏو ڪلهاب ڪري ڇڏيو آهي. هن وڏو آڙاهہ ٻارائي وچان لنگهي پاڻ کي سچو ثابت ڪيو. سڀ ساراهون الله لاءِ آهن. جنهن سچ کي سدائين سوپارو ڪيو آهي. آڙاهہ مان گذرڻ مهل سندس وار به ونگو ڪونہ ٽيو ۽ سندس لٽن جي ڏاڳي کي به باهہ جي لهس ڪونہ لوساڻيو ۽ ان آڙاهہ مان سلامت نڪري آيو. جيڪو دوست دشمن کي به ساڻي رک ڪري ڇڏيندو آهي. اهڙي ريت عمر ۽ مارئي ماڻهن جي نظر ۾ اڇا اجرا ٿي پيا. مارئي جو مڙس جنهن کي طعنن تپائي ۽ مهڻن ماري ڇڏيو هو. سو اهڙي ذهني عذاب کان آجو ٿي ويو. (15)

اکبر جي دربار ۾ بڏايل مارئيءَ جو قصو

جڏهن نواب خان خانان ٺٽو فتح ڪيو تہ هن هتان جا برک ماڻهو پاڻ وٽ سڏايا. انهن مان ڪجهہ سنڌي ماڻهو چونڊ ڪري مرزا جاني بيگ سان اکبر جي دربار ڏانهن روانا ڪيا ويا هئا. جن سان عارض ترخان به شامل هو. ملاقات دوران ڳالهہ ٻولهہ هلندي وڃي مارئي تي بيني. شهنشاهہ اکبر هن قصي ۾ ڏاڍي دلچسپي ورتي ۽ جاني بيگ کان اصلي قصي جو پڇيائين. هن وراڻيو تہ مون سان مقيم نالي هڪ شاعر گڏ آهي. جيڪو هن قصي کان چڱيءَ ريت واقف آهي ۽ فارسيءَ سان گڏ سنڌيءَ ۾ به شاعري ڪندو آهي. شهنشاهہ کي گذارش ڪيائين تہ جيڪڏهن اجازت ملي تہ ڪيس

درٻار ۾ گهرايو وڃي. حقيقت اها هئي تہ مرزا جاني هن قصي کان پوري ريت واقف هو. پر هن شاعر کي شهنشاهہ جي روبرو آڻي سندن ڀيان تي آڻڻ ٿي گهريو. ڪيس درٻار ۾ گهرايو تہ ويو پر ڪيس قصي جي ڪا خبر ئي ڪانہ هئي ۽ درٻار کي ٻڌايائين تہ ان عورت کي عمر مان ٻار ٿيو هو (16) شاعر جي غلط بياني تي اڪبر کي ڏاڍي مٺيان لڳي ۽ هن کيس تنبيهہ ڪئي. بعد ۾ مارئي جو سارو قصو مرزا جاني ٻڌايو. مير معصوم سسئي پنهون جي قصي کي منظوم صورت ۾ لکيو آهي. سندس نالو رکيو هئائين "حسن و ناز" ابو القاسم ولد شاهہ ابوالقاسم ولد شاه قاسم ارغون چنيسر ليلان جي قصي کي منظوم صورت ۾ لکيو ۽ مٿس "چنيسر نامہ" (17) نالو رکيو هئائين. مان بہ هن قصي کي منظوم صورت ۾ لکيو آهي ۽ نالو "ناز ونياز" اٿس اميد تہ عقل وارا پلو پائيندا (18)

ڪنگا ۽ عمر سومري جو قصو

مون هيءَ قصو سڀني روشن ضمير، نيڪ نفس ۽ علم وارن ماڻهن لاءِ لکيو آهي تہ ڪنگا نالي هڪ چوڪري هئي. جنهن جو تعلق تميم جي بدو قبيلي سان هو جيڪا عمر سومري سان مڱيل هئي. پر هوءَ ايڏا جوان ڪانہ ٿي هئي. جو ڪيس عمر ڏسي ورتو هو. سندس هڪ گلاب جي گل جيان ڪوٺ ڪڙيا هئا. نہ وري سندس سونهن جو پيالو پوريءَ طرح پرجي ڪنن ڪر ٿيو هو. هن جڏهن ڪيس ڏٺو تہ هوءَ ڪيس ايڏي ڪانہ وٽي هئي تنهن ڪري هن جو ساٿس شادي ڪرڻ وارو شوق بدلجي ويو هو ۽ چوڪريءَ جي مائٽن کي اجازت ڏئي ڇڏي

هٹائين تہ ڪيس پلي ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ سان پرٽائي ڇڏن. عمر تميم چوڪريءَ جو مائٽ ۽ عمر سومري جو پڳ مٽ يار. پيالي پائي هو ۽ سري سرڪڙي ۽ گڏجي پيئندا هٿا. تنهن سان ان چوڪريءَ جو وهانو ٽي ويو. ڪو ڏينهن اهڙو ۽ آيو جو هيءَ مڪڙي ٽڙي پورو گلاب ٻڌجي پئي. سندس سونهن جي سرهاڻ ۽ لالائي، نيرانن نيٽن جو نور ۽ سڪ وارن جي دلين جو سرور ٽي وئي.

جوءَ جي ڏوپيءَ لٺا ڏوئي ڏهاڙيءَ جيان اچي هڪ گس پرسان سڪٽا وڌا. انهن ۾ هڪ وڳو اهڙو هو. جنهن جي سڱڻڊ ۽ سرهاڻ ساريءَ وسنديءَ کي واسي ڇڏيو. ان ڏينهن چا ٿيو جو قسمت سانگي سومرو سردار عمر اچي ان واٽ سان لانگهائو ٿيو. ڪيس مشڪ عنبر جي ايڏي تہ تکي سڱڻڊ آئي جو ڪيس نڪهير شروع ٿي وئي. ڪيس اچرج ٿيو ۽ سوچيائين تہ اهي ڪنهن جا ڪپڙا ٿي سگهن ٿا. هن ڏوبي کي پاڻ وٽ گهرائي پڇيو تہ ڪپڙا ڪنهن جا آهن. ڪپڙن جي مالڪ جي ڏوپيءَ کي جهل ٿيل هٿي تہ ڪنهن کي به نہ ٻڌائي تہ اهي ڪپڙا ڪنهن جا آهن. گهٽيءَ ريڑهہ پيڑهہ کان پوءِ ان کيس ٻڌايو تہ "اهي عمر تميم جي ان زال جا آهن. جيڪا اوهان جي مگيندي هٿي ۽ ڪيس سهڙو نہ ڏسي ننديءَ ئي مگٽو ٽوڙي ڇڏيو هو." انهيءَ ڄاڻ ملڻ کان پوءِ ڪيس ڏاڍو ڏک ۽ پڇتاءُ ٿيو. ڪيس سيني سنيهہ جي ايڏي سٽ لڳي جو پنهنجي گهر ڏانهن وڃڻ بدران گنگا جي گهر ڏانهن وڃڻ لڳو ۽ سڳا ٻئي سوريائين تہ شل سندس مڙس گهر ڪونہ هو. پر هو منجهي پيو تہ اندر آيو آهي. عمر وراڻيو تہ "هن پنهنجو تير ڪبوتر کي هنيو آهي سو هتي اچي ڪريو آهي. سو ڳولڻ آيو آهيان." ائين

چئي هو هليو ويو. پر عشق جو ڦهري ڪان ڪڪ مان هسڻ وڃي ٻاهر نڪتو هو ۽ ڏکيل نانگ جيان وڻ کائي رهيو هو. سڪ جو ڏک ڪيس اهڙو ته هنڌائتو لڳو هو جو هو هر سڪ وڃائي ويٺو. کائڻ پيئڻ ڳالهائڻ ٻولهائڻ سڀ ختم. سنس وزير به وسوڙي ۾ اچي ويا ته عمر بادشاهه سان الائي ڪهڙي ويڌن آهي. پر جڏهن کين سندس ڏکن سورن جو پتو پيو ته ڪيس هٽ ٻڌي وڃي عرض ڪيائون ته. "جئندا ٻلا! ڳڻتيءَ جي ڪاب ڳالهه ڪانه آهي. مولا ڪندو سڀ سٽايون ٿي ويندیون ۽ سڀ ڏک ڏور ڪري ڪڍ ۽ خوش ٿيڻ گهرجي." پوءِ مڙني وزيرن مڙي صلاح مشورو ڪيو ته حيلا هلائي ڪيئن به ڪري تميم ۽ سندس گهر واريءَ کي چنبي ڏار ڪجي پوءِ ان کي عمر سومري جي محلات ۾ آڻجي. اها سٽ سڀني هن بي ترس ۽ بي رحم ماڻهن چا ڪيو جو عمر سومري کي صلاح ڏنائون ته هو عمر تميم تي وڏيون مهربانيون ۽ نوازشون ڪري. جنهن سندس صلاح مطابق عمل ڪيو ۽ کيس وڏي عزت ڏيڻ ۽ نهايت گهٽو احترام ڪرڻ لڳو. کيس اچرج ٿيڻ لڳو ته معاملو چا آهي. تنهن ڪري هڪ ڏينهن هن پنهنجي دلي يارن کان پڇيو ته ڳالهه چا آهي. انهن کيس مخفي نموني ٻڌايو ته عمر بادشاهه کيس پنهنجي پيٽ جو سڳ ڏئي سيڙ ٻڌائڻ ٿو گهري. هن بادشاهه جون جيڪي نمڪ حلاليءَ سان خدمتون ڪيون آهن. انهن کان هو گهڻو خوش آهي. عمر تميم اهڙين اجاين ڳالهين تي اعتبار ڪري ويو ۽ خوشيءَ وچان ڪپڙن ۾ نٿي ماپيو. گلاب جي گل جيان ڦري ۽ چوڌهينءَ جي چنڊ جيان ڪڙي پيو. هن سادي انسان کي اها ڪل ئي ڪانه هئي ته کيس سندس سهڻيءَ سلڇٽي ڪونج جهڙي

ڪويسر زال کان ڏريان ٿي ڏار ڪري رهيا آهن. هڪ ڏينهن سينئي پياڪن دوستن سري جي سرڪ لاءِ منڊلي مچائي پاڻ ۾ چڪي چاڙهيائون ته عمر کي به ڏنائون. پر کيس ڪجهه وڌنديون وٺيون ڏنائون سو ته گهر ۾ ڳڻتاجي ويو. هنن سمجهيو ته اڄ کان وڌيڪ مناسب موقعو کين وري ڪڏهن به هٿ ڪونہ ايندو. تنهن ڪري سندن ان ناممڪن شادي جي موضوع تي ڳالهائڻ شروع ڪيائون. نيٺ هن اهو قبول ڪيو ته عمر سومري جي پيٽ سان شاديءَ خاطر موجوده زال کي طلاق ڏيڻ لاءِ راضي آهي. جڏهن سارو معاملو مڪمل ٿي ويو ته کيس ان محفل مان اڌاري چڏيائون ۽ سندس گهر واريءَ کي عمر سومري جي گهر روانو ڪيو ويو. صبح جو جڏهن کائنس کيپ لٽا ته اڳئين ڏينهن وارو واقعو ياد ڪري کائنس سيسراٽيون نڪري ويون ۽ ڏک کان رڙيون ڪندو رهيو. نيٺ پنهنجا لٽا ڪپڙا ليلام ڪري سلطان علاوالدين بادشاهہ وٽ دهليءَ ڏانهين ٽيو.

هتان جا ماڻهو پڏائيندا آهن ته جڏهن گنگا جي مڙس سلطان کي دانهن ڏني ته عدالت پناه ان رات ئي عمر ڏانهن ماڻهو موڪليو ته هو روبرو اچي فريادي جي سامهون درٻار کي حقيقت حال کان واقف ڪري. سندس نہ اچڻ جي حالت ۾ کيس سزا ڏيڻ لاءِ فوج روانو ڪئي ويندي. ان حالت ۾ سندس ملڪ پيليجي پينگ ٿي ويندو ۽ سندس ٻار ٻچا فوج جي حوالي ٿي ويندا. قاصد جي پهچڻ شرط عمر سومرو درٻار ڏانهن روانو ٿيو ۽ نيٺ هلندو هڪ ڏينهن اچي پهتو. ڪيتريون سوڪڙيون پاڪڙيون اچي سلطان جي خدمت ۾ پيش ڪيائين. جڏهن داعي مدعي سامهون ٿي حقيقتون بيان ڪيون ۽

سلطان علاوائدين بہ حقيقت حال کان واقف ٿيو تہ عمر سومري کي ڏوهي سمجهي تا حيات قيد ڪرڻ جو حڪم ڏنائين. انهيءَ لاءِ تہ جيئن پيا سرڪش ماڻهو انهيءَ مان سبق پرائين. هو گهڻو وقت قيد جي سزا پوڳيندو رهيو. نيٺ سندس ڪي دوست اچي وچ ۾ پيا جن سلطان کي ڏنڊ ڏوهہ ڏئي هن جي جند آجي ڪرائي. هن کان علاوہ ساليانو خراج ڏيڻ جو بہ واعدو ڪيو هٿائون. اهڙن شرطن طي ڪرڻ کان پوءِ هو موڪي سنڌ آيو. ان زماني کان وٺي سنڌ جو هر حڪمران دهلي دربار جو ڏن پريندو ايندو آهي. ٿوري وقت گذرڻ بعد عمر سومري کان قيد جا سارا ڏک ڏولاوا وسري ويا ۽ سنڌ جي نهايت قديم نيات سمن سان کونس شروع ڪيائين. سندس ڏاڏي ۽ ڪلور ڪري ڪيترا سما گهراٽا پنهنجو اباٽو ڏيهہ چڏي وڃي ڪڇ (19) واسي ٿيا. جاٽايل ملڪ سنڌ ۽ گجرات جي وچ تي آهي. اهي ايا تائين اتي رهندا اچن.

سما گهراٽو

چوندا آهن تہ الور جي بند تعمير ٿيڻ ڪري درياهہ پنهنجو اصلي وهڪرو متائي ويو. تنهن زماني ۾ سومرن جي راجڌاني محمد طور نالي هڪ شهر هوندو هو. درياهہ جي رخ تبديل ٿيڻ ڪري مٿي جاٽايل سومرن جي راجڌاني محمد طور ۽ ان جي اوسي پاسي وارو سارو علاقو سڄ ٿي ويو. شايد الله تعالىٰ جي بہ مرضي اها هئي تہ انهيءَ علاقي ۾ سندن نالو نشان بہ نہ رهي. ڇاڪاڻ تہ هنن ڏاڏي ۽ ڏهڪاءُ ڪري ماڻهن سان هاڃا ڪري چڏيا هئا. هر ننڍي ۽ وڏي

سومري جو هٽ ڪيس ۽ ڪلور تي هريل هو. هندو هٿا پر ماهيو گوشت کائيندا هٿا. توڙي جو هن ڏرم ۾ وڏو گوشت کائڻ منع آهي سما نيات جا عام پورهيت ماڻهو يا راوت ۽ راجوڙا به هندو هٿا. هو وڏن ڏٽن کان سواءِ شراب ڪوبه پيئندا هٿا. پر جيڪڏهن پيئندا هٿا ته پاڙي جو گوشت ضرور کائيندا هٿا. هڪ ڏينهن چا ٽيو جو گهر ڏٽي سمون گهر ۾ موجود ڪوبه هو. سومرن اره زورائي ڪري هن جي پرپٽ سندس گهر وڃي سندس هڪ ڪونهٽ ڪاهي آئي ڪٿو سڃو ڏينهن پٽي جڏ ڪيائون. ڇڪرا چاڙهيائون. گهر ڏٽي موڪيو ته جوٽس ڪٽي انگهن تي ڪنيس. چي: اڄ هي ڏاڍ ڪري ري، موڪل گهر ۾ گهڙي زوري ڪونهون ڪاهي ويا آهن. سياڻي جيڪڏهن ساڳي ريت اچي اوهان جون رنون به گهلي ڪٽي وڃن ته به اوهان جو پنجهر ڪوبه پرندو يا اوهان پنهنجون زالون خاش خوشيءَ سندن حوالي ڪري ڇڏيو يا ٽپڙ ڪٽي هلي پڃندي به گهٽي هئس. پنهنجي، نيات جا ماڻهو به ڪيس گهٽو ئي مهت ۽ مان ڏينداهٿا. هن پنهنجي سنگت ساڻ ۽ نيات جي ماڻهن کي ڪٿو ڪري هڪ جائتو ڪيو. سومرن به جهيڙي جي نيت سان ماڻهو آٽي ڪنا ڪيا هٿا. سمن به مناسب مهل تي وڃي مٽن هلان ڪئي. ٻئي ڏريون ڳنڍجي ويون. سومرن هارايو سندن گهٽا ماڻهو ڪسي ويا. سندن ساري مال مڏي هٽ ڪري پنهنجا ماڻهو وٽي ڪڇ هليو ويو. سما نيات جا ڪيترا ماڻهو به ساٽس گڏ اوڏانهن هليا ويا

هو سنڌ ۽ گجرات جي وچ واري ڪڇ جي رڻ واري جوءِ ۾ مس پهتا ته پويان سومرن جو ڪٽڪ به اچي پهتو. ڪين سنڌ موٽي هلڻ لاءِ

ڏاڍيون ميڙيون منٽون ڪيائون. پر هوءَ پنهنجي ڳالهه تي ٽي ٻيٺا. نيٺ ڳالهين هلندي گانگهاڙجي پيا. پنهي ڌرين ۾ جونجهارڪو جهيڙو شروع ٿي ويو. پنهي پاسن کان ڪيترائي ڪونڊ ڪٽا. نيٺ سما وڙهندا وڃي ڪڇ پهتا. اتي چاوڙا اڳيئي رهندا هئا ۽ سما ان رڻ واري علاقي ۾ پنهنجا لڏا لاهي ويهي رهيا. ٿورو وقت رهڻ کان پوءِ پٽو لڳايائون ته هن پٽ جا راوت ڪير آهن. پوءِ وٽن لنگهي ويا ۽ کين چيائون ته اسان گهٽا ماڻهو آهيون ۽ اڃي اوهان جي سام پيا آهيون. پيٽ گذر لاءِ پني هارو گهرجي انهيءَ لاءِ ته جيئن مٿانئن خرچ پکي جو بار نه پوي. چاوڙن جي راوت ڳالهيون ٻڌي کين پوکيءَ راهيءَ لاءِ پني ٽڪرو ڏنو ۽ چيائين ته اُن اوهان جو باقي سڪو مال چارو اسان کي قلعن ۾ پهچائي ڏيڻو ٿيندو. اهڙن شرطن تي ٽيڻ کان پوءِ سمن پوکي راهي شروع ڪئي.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ اهي سما ملڪ ڏٺي ٻڌجي ويا. سا حقيقت هن ريت آهي ته پنهي ڌرين جي وچ ۾ طئي ٿيل شرطن مطابق هو پوکي راهي ڪندا رهيا ۽ ان جي بدلي زمين تي ڦٽندڙ گاهه پلو لٽي رڻ ۽ ٽڪرين وارن قلعن ۾ پهچائي ايندا هئا. (20) جڏهن سمن جا ڪڇ واريءَ جوءِ ۾ پير پختا ٿي ويا. ملڪي وايو منڊل جي به کين جاڻ ملي وئي ۽ اهو به پتو پئجي ويو ته اتان جي راڻن ۽ راوتن جي آمدنيءَ جو وسيلو ڪهڙو ۽ ڪيترو آهي ته پنهنجي هڪ حڪمت عملي شروع ڪيائون. هنن اهو به سوچڻ شروع ڪيو ته جيڪڏهن طئي ٿيل هڪ شرط تحت پنهنجي هلت چلت ۾ آجا ۽ خودمختيار آهن ته پوءِ ساري ملڪ تي قبضي ڪرڻ ۾ به ضرور سوپارا ٿيندا.

هنن هيءَ رتّ رڻي تہ گاهہ جي هر هڪ گاڏي ۾ ٻہ هٿياربند ويڙهاڪ جوان لڪائي قلعي ۾ موڪليا ويڻ ۽ ٽيون مٿان ٻہ هٿياربند هجڻ کپي. جيڪو گاڏر جي روپ ۾ هجي. اهڙي ريت پنج سو ماڻهو هڪ ئي ڏينهن قلعي اندر موڪليا ويا. ٻيا ماڻهو قلعي ٻاهران انتظار ۾ ويهاريا ويا تہ جيئن اندران نعرن جو آواز ٻڌن تہ حملو ڪري ڏين. هوڏانهن قلعي جي ڦاٽڪ تي هڪ جوتشي ويهاريو ويو هو. جنهن جو ڪم اهو هو تہ جوتش جي علم وسيلي پهريدارن کي خبردار ڪندا رهن. جڏهن ٻہ گاهہ سان ٻريل گاڏي قلعي جي ڦاٽڪ وٽ پهچندي هئي تہ هو رڙيون ڪري خبردار ڪندا هئا تہ ڪين گاڏي کان ڪچي گوشت جي بانس اچي رهي آهي. سندن رڙين سبب. ڦاٽڪ وٽ ٻيئل پهريدار چرڪ ٻري اٿندا هئا ۽ پنهنجا ڏڦا وڄي ستيل گاهہ ۾ هڻندا هئا. سندن ڏڦن جون اٽيون رت ۾ ويندیون هيون ۽ سمجهيو ويندو هو تہ اندر ڪجهہ ٻہ ڪوڙ آهي. هر گاڏي اچڻ مهل اهي جوتشي ساڻگيون رڙيون ڪندا هئا ۽ پهريدار ڏڦا هڻي پڪ ڪندا هئا تہ اندر ڪير ٻہ ڪوڙ آهي. جڏهن ڪين يقين ٿي ويو تہ اندر ڪير ٻہ ڪوڙ آهي. جيڪو گاهہ ۾ لڪي گاڏين وسيلي قلعي اندر ڏانهن وڄي رهيو آهي تہ پوءِ جوتشين جي اهڙين رڙين تي پهريدارن ڪن ڏيڻ ئي ڇڏي ڏنو. اهڙيءَ ريت گاهہ واريون گاڏيون بنا ڪنهن روڪ ٽوڪ جي قلعي اندر ويندیون رهيون. رات ٿي تہ قلعي اندر پهتل هٿيارين ۽ ٻاهر انتظار ۾ ٻيئل مسلح ماڻهن پنهنجي ڪم جي شروعات ڪئي قلعي اندر لڪل ماڻهن چا ڪيو جو اوچتو وڄي قلعدار تي ڪڙڪيا ۽ ڪيس هڪدم قتل ڪري ڇڏيائون. هنن پوءِ دهل تي ڏونڪو ڏئي

باهرين کي پنهنجي، سوپ جي سڌ ڏني. جن قلعي جي ڦاٽڪ تي ست ڪئي ۽ اتي بيٺل پهريدارن کي ڪن پل ۾ ڪهي ڇڏيائون. ان کان پوءِ وڏي ويڙهاند شروع ٿي وئي. پنهي طرفن کان ڪيترائي ڪندار مڙس ڪٽا تنهن جو نه ٿو انت نه شرو (21)

نيٺ سمنڊ جي ڪنار وارو علائقو سمن جي هٿ اچي ويو (22) ۽ انهن ماڻهن جي ڦري، سان لاڳاپيل اڄا تائين اتان جا حڪمران رهندا پيا اچن. اڄ به راءِ بهارو ۽ جام سهتو ننڍي ۽ وڏي ڪچ جا راج ڏٺي آهن سي به سندس نڪ سان واڳيل آهن. انهن سپني مان فقط راءِ کي ٽيڪ ڏيو ويندو آهي. ننڍي ڪچ جي جامن مان جڏهن ڪو وفات ڪري ويندو آهي ته ان جي جاءِ تي ڪو ٻيو جام مقرر ڪيو ويندو آهي. پر ڪيس ٽيڪ Tika ڪونه ڏنو ويندو آهي. اهو فقط وڏي ڪچ جي راءِ لاءِ مخصوص هوندو آهي. جڏهن ڪوبه راجگدي، تي ويهندو آهي ته هر ڪو سندس سڳي ڏاڳي ۾ هوندو هو. نئين راءِ جي چٽ پائڻ وقت راج اچي مڙندا آهن. هر ڪو ماڻهو رسم موجب ۽ پنهنجي رتي آهر ڪيس گهوڙا ويس وڳا ۽ ٻيون قيمتي سوڪڙيون پاڪڙيون ڏيندو آهي. جڏهن به ننڍي ۽ وڏي ڪچ ۾ ڪوهه ڪوڙيو يا تلاءُ جوڙيو ويندو آهي ته چاوڙن سان ضرور صلاح مشورو ڪيو ويندو آهي. چاڪاڻ ته جڏهن اهي راج ڏٺي هوندا هئا ته اهڙن ڪمن جي شروعات مهل ڪائنس صلاح مشورو ضرور ورتو ويندو هو ۽ اها رسم اڄا تائين هلندي پئي اچي.

سومرن جون عجيب ريتيون رسمون

روشن خيال ماڻهن کي هيءَ ڄاڻڻ کپي تہ سومرن وٽ اچرج جهڙيون رسمون هونديون هيون، جن مان هڪ هي رسم بہ هئي تہ پنهنجن غلامن کي ڏنب ڏئي کي داغ هڻندا هئا. هنن مان دودي نالي هڪ ماڻهو هو جنهن پنهنجي پائرن کي ڏنيي غلامن وارا داغ هنيا هئا. کوبہ ماڻهو جيڪڏهن داغ هڻائڻ کان انکار ڪندو هو تہ کيس کهڻ جو حڪم ڏيندو هو. منجهن اهو بہ عجب جهڙو رواج هو جو پنهنجن هٿن پيرن جي آڱرين جا ننهن بہ پاڙئون پٽائيندا هئا ۽ اهڙو سلسلو تمام آڳاٽي زماني کان شروع هو. انهيءَ ڪري کين سور بہ ڏاڍو ٿيندو هو. هڪ ڏينهن ڪنهن ماڻهوءَ ائين ڪرڻ جو سبب پڇيو تہ ننهن پٽرائڻ جو عذاب هو پاڻ کي ڇوٽا ڏين؟ تنهن تي سومرن وراڻيو تہ هڪ راءِ ۽ رعيت ۾ ضرور کو فرق هجڻ کپي ۽ عام ماڻهوءَ کي خبر پوي تہ سومرا اهو ڪجهہ ڪري سگهندا آهن. جنهن لاءِ جهڙو تهڙو ماڻهو هام ئي نہ ٿو هٽي سگهي (23) ڪپڙو بہ ٻيو پيرو کونہ پائيندا هئا. پنهجي زال کي ٻار ڄمڻ کان پوءِ هٽ ئي کونہ لائيندا هئا. چوندا آهن تہ هڪ سومري سردار کي هڪ خوبصورت ۽ ڏاهي زال هئي. پيٽ ٿيڻ کان اڳي کيس ڏج ورايو تہ ٻار ڄمڻ کان پوءِ هوءَ هميشہ لاءِ پنهنجي مڙس کان وڇڙي ويندي. پنهنجي مڙس کي پائيندي بہ تمام گهٽو هئي. هوءَ سوچڻ لڳي تہ اهڙي ڪا اٽڪل ڪجي جو مڙس کي سمجهائي سگهي تہ ٻار ڄڻڻ کان پوءِ عورت ناپاڪ کانہ ٿي رهي. اها ڳالهہ دل ۾ سانديءِ جيڪو ڪپڙو سندس مڙس لاهي ڦٽو ڪندو هو. سو ڏوئڻ لاءِ ڏوبيءَ کي ڏئي ڇڏيندي هئي ۽

کين سختيءَ سان حڪم ڏنو هئائين تہ انهن لٽن کي نهايت ڏيان سان آڻن جو نون کان وڌيڪ اڇا صاف ۽ سهڻا لڳن. هڪ ڏينهن سندس رهنجڻ کان پوءِ لڳن اگهڙ واسطي ڪنهن نئين ڪپڙي جي گهر ڪئي. سندس زال ڪيس اهو ڪپڙو ڏنو جيڪو ڏوپيءَ آڻي ڪيس ڏنو هو. اهو ڪپڙو ٻين کان وڌيڪ نرم ۽ اڇو هو. پڇيائين هي ڪهڙو ڪپڙو آهي. سندس زال وراڻيو تہ هي سندس لٽل ڪپڙو جيڪو هن ڏوپيءَ کان ڏٺاري صاف ڪرايو آهي. انهيءَ تي سندس مڙس ڪيس چوڻ لڳو تہ: "اڳتا لاءِ لٽل ڪپڙا ڏوپيءَ کي ڏنا وڃن ۽ ڏٺڻ کان پوءِ هُو اهي ٻيهر پائيندو." جڏهن هن سندس واتان اهڙي ڳالهہ ٻڌي تہ موقعو ڏسي هڪدم ڪيس چيائين تہ عورت بہ ائين آهي. ٻار ڄڻڻ کان پوءِ هُوءَ بہ مڙس لاءِ پاڪ صاف ٿي ويندي آهي." پوءِ ان سردار اهي ٻڌي رسمون چڏي ڏنيون ۽ پوءِ رعيت بہ ائين ڪرڻ لڳي.

هاڻي اهي مومن قسم جا مسلمان آهن ۽ ڏاڍا خدا ترس بہ آهن. ميان دائود سومرو ميان همون سومرو ۽ اسماعيل اگهم جي پرڳڻي جا مشهور عالم ۽ بزرگ آهن جن جي مدرسي ۾ پنج سو ڪتابي پڙهندا آهن. انهن جو ڪاڏو خوراڪ ۽ پيو خرچ پڪو بہ سندن ذمي هوندو آهي. مرزا محمد باقي ترخان جيڪو پنهنجي دور جو نالیرو ڪنجوس هو (24) تنهن بہ ڪين کي آباد علائقا مدرسن جي خرچ لاءِ ڏئي چڏيا هئا. هن جي ڪنجوسيءَ تي ڪنهن مناسب هنڌ تي بہ اکر لکيا ويا آهن. ڪيس ڪن ڏل اڳاڙيندڙ ڪامورن اچي شڪايت ڪئي تہ هڪ درويش جي ڏنل ٻني، ٽڪري مان پورت ڪاڍ پئي. تنهن ڪري سرڪار جي ٻيل ٻي ٻني، تي پوکي راهي ڪاهي اٽائين.

تنهن ڪري هنن هارين کي ڪو ٻيو روزگار ڏنو وڃي تہ بهتر ٿيندو مرزا کين وراڻيو تہ: "انهن کي منهنجي ٿوري ٽڪي ٻني ڪاهڻ جي موڪل آهي. اهڙا ماڻهو جيڪڏهن منهنجي مٽي تي اچي هر ٻڌن تہ آءُ ارهو ڪونہ ٿيندس." مرزا باقيءَ جي درگاهہ تي فقير، درويش، مڏل، رن زالون ۽ ٻيا گهرجاٽو اچي پنهنجي لوڙ پوري ڪندا هئا. سندس اڳڻ تي مهمانن ۽ آئي وئي جا ڳاهٽ پيا ڏسبا. پر پاڻ سدائين روزو افطاريءَ وقت جَوَنِ جي الوٽي ماني، ڳيو ڪائيندو هو. هڪ ڏينهن وٽس مهمان آيو تنهن لاءِ طرحين طرحين طعام ڀڪي آيا. مهمان کيس چيو تہ: "آءُ توسان گڏجي ماني ڪائيندس." مرزا وراڻيو: "اها تہ منهنجي خوش قسمتي آهي جو مهمان مون سان گڏ ماني ڪائي." روزي کولڻ مهل مرزا سان گڏجي ماني ڪاڻ لاءِ مهمان کي سڏيو ويو. جنهن ڏٺو تہ وٽس جَون جي الوٽي ماني رکيل هئي. اهو ڏسي مهمان چيو تہ: "مون سمجهيو هو تہ اوهان جي ماني مون کي پيش ڪيل ماني، کان وڌيڪ سٺي هوندي. مان هيءَ ماني ڪونہ ڪائيندس. مون کي اڳين ماني ڏني وڃي، جنهن ۾ طرحين طرحين طعام هئا." مرزا جواب ڏنو: "طرحين طرحين توکي نيبهہ. مون کي منهنجي جون جي ماني ڪافي آهي. سنسار تياڳڻ ۽ پنهنجو پاڻ سوپ ماڻڻ ڏاڍو ڪٺن ڪم آهي. هيءَ دنيا هڪ اهڙي عورت آهي. جيڪا پنهنجي مڙس کي قتل ڪندي آهي ۽ پنهنجي جاتي کي ڳڙڪائي هڙپ ڪري ڇڏيندي آهي. ڪو ڏاهو ماڻهو اهڙيءَ ڏاڻڻ زال کي جيءُ ۾ جايون ڪونہ ڏيندو ۽ ان کي ساهہ ۾ ساندڻ وارا حقير ماڻهو هوندا آهن. اهڙي بيوفا عورت کي هن ڪائنات جي چٽن ئي ڪنڊن مان لوڙي ڪڍي ڇڏيو ۽ هن

جي خواهش کان پنهنجي دامن کي چنڊي صاف ڪري چڏيو."

نخواهند دنيا بزرگان دين
که مردان نباشد محتاج زن
چو تو پاي بند زني بيوه اي
دگر لاف مردي بمردان مزن
نخواندي مگر تو بمکتب قديم
که از زن چه ديده حسين و حسن
زن از نيڪ و بد همين لائق است
بيک پاي بنشان وگردنش زن

سومرن جي علائقي مان ماڻهن جي لڏ پلاڻ

دلوراءِ جي ڪڏن ڪرتوتن سبب سنڌو الور وٽان وهڪرو مٽي سيوهڻ جي پرسان وهڻ لڳو. جنهن ڪري ماڻهو جتان ڪٽان لڏي اچي هن شهر ۾ وسڻ لڳا. اڳي جيڪي سڪيا ستابا علائقا هٽا. سي درياهه جي منهن مٽڻ ڪري رڻ پٽ ۽ سڃا ٽڪ ويا ۽ اهي سومرن جي سڳهه واريون ايراضيون هيون. هن کان علاوه دودي سومري ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ واري حڪمت عملي شروع ڪئي هئي. جنهن جي ڪري گهٽن ماڻهن دهليءَ دانهين ٽي سلطان علاوالدين جو در وڃي کڙڪايو. جنهن سالار نالي هڪ ماڻهوءَ جي مهنداري هيٺ هڪ فوج روانو ڪئي هئي. سومرن ڏاريءَ گهل ڏسي پاڻ ۾ سانباهو ڪرڻ شروع ڪيو. جهيڙي ۾ سرن جون سٽون ڏيڻ لاءِ جيڙهه جو آسرو لاهي. پنهنجون زالون ۽ ٻار هڪ پٽ جي هٽ ابڙي ابڙائي ڏانهن سام طور

روانيون ڪيون. ابڙو سمن جي نڪ مان هو ۽ ان ڦري سان واڳيل هو جن سومرن جي ڪيس ۽ ڪلور کان سوڙهه پائڻي پنهنجو ڏاڏاڻو ڏيهه چڏي وڃي ڪڇ جا وڻ وسايا هئا. سمن ۽ سومرن جي هي رسم آهي ته پنهنجن پٽن تي گهٽو ويساهه ڪندا آهن. جن کي چارڻ، مارت، مگٽهار ۽ ڪتري به سڏيو ويندو آهي. جڏهن سومرن جا ٻار ٻچا نڪري هليا ته هنن اوڪا پوڪا پلي هڪ منوڻي دهليءَ جي ڏاري گهل سان چوڻون ڏنيون. سومرن جي فوج جو ڪمانڊر ساهڙ سلطاني هو جيڪو پڙ تي پرزا ٿيو. باقي ٻي فوج پوئتي هٽي وئي. ان کان پوءِ دهليءَ جو لشڪر، سومرن کي هٽ ڪرڻ لاءِ محمد طور کان ڪڇ ڏانهن اڳتي وڌڻ لڳو. سنڌين جو مٿن ايڏو خوف طاري هو جو جتي به رات جو فوجي واندي ٿي هنيائون ته چوڏاري اونهي کاهي کوٽڻ کونه ٿي وساريائون (25) اهي کاهيون ايتريون هيٺ اونهيون ۽ ويڪريون هيون جو اڄ به جڙ تلاءِ ۽ کڏون ٻيون محسوس ٿيندڙيون آهن. جڏهن دهليءَ جي فوج ڪڇ پهتي ته ڪڇ جي راڻي ابڙي سر تري تي رکي سامهون پيل سومرن جو هڪ جنگي جونجهار جيان بچاءُ ڪيو ۽ بهادر انسانن جيان دشمنن سان وڙهندي مارجي ويو. انهن پاڪدامن عورتن جي چوڏاري دهليءَ جي دشمن فوج ڪڙو چاڙهي وئي. جن جو منهن سڄ به ڪونه ڏٺو هو. جڏهن هنن ڏٺو ته دهلي جو لشڪر چوڏس ڦري ويو آهي ته اهي جنگي باندي بڻجي ويندڙيون ۽ خدا کان سواءِ سندن ڪو ٻيو واهي ڪونه رهيو آهي ته هنن ٻئي هٽ کٽي ٻاڏايو: "اي مولا! توکان سواءِ ڪوبه وسيلو واهر ڪانه آهي. هن جبل کي چڙ ته اسان جي سامهون جهلي ۽ اسان کي هنن بدن کان بچاءِ." سندن دعا اڳهاٽي، هو

نهايت ويجهي واهر ۽ سگهارو ساڻي آهي. جڏهن ٻيا در بند ٿي ويندا آهن تڏهن فقط سندس در کلي پوندو آهي. پوءِ جبل ڀاڻي کين جاءِ ڏئي. دشمن اچي، تنهن کان بچائڻ واري کين بچائي ورتو. پر سندن چنين جون ڪندون پوئتي رهجي ويون، جنهن مان پتو پيو ٿي تہ اهي ڪيڏانهن ويون. دشمن فوج سندن پيرا ڪٽي اچي پهتي ۽ رنگيءَ جا رنگ ڏسي مٿن دهشت طاري ٿي وئي. تنهن ڪري پويان پير ڪري وئي ڪڙين تي زور ڏنائون. اهو جبل ۽ ستين جو اهو آستان ڪچ ولايت ۾ اڄ سوڌو موجود آهي. سومرن مان ڪوبہ ماڻهو سنڌ ۾ ڪونہ رهيو. تنهن ڪري سمن درياهہ پار وڃي ملڪ کي آباد ڪيو.

سومرن کان پوءِ سمن ساموئي جو شهر آباد ڪيو

مٿي ڄاڻايل گهراڻي کان پوءِ سما گهراڻي جو راج سن 843هـ (1439ع) ۾ شروع ٿيو. جيڪو سنڌ جي تباهيءَ تائين قائم رهيو (26) سومرن جي راج دوران سما سندن رعيت هئا. جن مڪلي ٽڪريءَ پرسان هڪ قلعو ۽ شهر ساموئي (27) تعمير ڪيو هو. ان کان پوءِ تغلق آباد نالي هڪ وسندي تعمير ڪئي وئي. جنهن جي پيرهہ جو پٿر ڄام تغور Taghur رکيو هو. جيڪو اڄ ۾ رهجي ويو (28). هن خاندان جي حڪمران ٻين سڻڻ ۽ وسندڙ شهرن جا بنياد رکيا هئا. اهي علائقا پاڻيءَ جي کاٻڙ سبب سڄ ۽ رڄ ٿي ويا. تنهن ڪري شهر ناس ٿي ويا. درياهہ جي رخ منجهڻ ڪري ويران علائقا آباد ٿي ويا ۽ زمين جي هڪ ٻاڪ بہ ڪيتيءَ کان سواءِ واندي ڪانہ رهي. ٿٽي واري علائقي ۾ جيڪي مختلف صوبا ۽ پرڳڻا آهن، سي

هنن ماڻهن کري آباد هئا. جڏهن هن نيات جي هر هڪ ماڻهو پورهيو کري ڏرتيءَ جو هڪ هڪ ٽڪرو آبادي هيٺ آندو تہ سارو علائقو سکيو ستابو ٿي ويو ۽ چوڏس سڪر سڀائي ٿي وئي. ان کان پوءِ سمن جي ننڍن وڏن مڙي نظام الدين کي پڳ ٻڌائي ۽ کيس جام جو لقب ڏنو. جيڪو هنن جي نيات ۾ سيني کان وڏو خطاب آهي. چوڏس سرهائي ڄاڻجي وئي. وسوڙيل ۽ ويڳاٽا ماڻهو به خوشين کان ڪپڙن ۾ ڪونہ پيا ماپن. سمجهہ ۾ ائين پئي آيو تہ جڙ نئين دنيا پيدا ٿي پئي آهي. هن حڪمران کانسواءِ ٻيا بادشاهہ اهڙا خاص ڪونہ هئا. جن جا حال احوال قلمبند ٿيڻ جوڳا هجن. پر سندن دور ۾ عدل انصاف قائم ڪيو ويو هو ۽ اسلام به گهٽو وڌيو ويجهيو. انهن علائقن جي جهونڙن جيڪو ڪجهہ سندس حڪمرانيءَ بابت ٻڌايو آهي. تنهن ما ن ننڍڙي مان ننڍڙي شيءِ قلمبند ڪئي اٿم. هي سمون سلطان رات ڏينهن عبادت ۾ گذاريندو هو. ڏاڍي کي هيٺي تي ظلم ڪرڻ جي جرئت کانہ ٿيندي هئي. نڊر ۽ ڪنگال ماڻهو تہ هن مان ڏاڍو خوش هئا. سدائين سندس ساراهون ڪندا ڏسبا هئا. چوڌاري امن امان ميڙ محبت ايتري هئي. جو کيس ڪڏهن به تلوار هٿ ۾ کڻڻي کانہ پئي. نہ وري کنهن دشمن کي ميدان جنگ ۾ ساڻس سامهون ٿيڻ جي جرئت ٿي. هو ڏهاڙي صبح جو سوير گهوڙن جي ڪڙهين ۾ ويندو هو. کين ٽڪيون هڻندو ۽ پيار ڪندو هو ۽ چوندو هو تہ: "منهنجي مرضي آهي تہ جهاد کان سواءِ اوهان تي سواري نہ ڪريان. خدا جي فضل سان سنڌ جي چوڌاري مسلمان حڪمران آهن. توهان به دعا ڪريو تہ شرعي حڪمن کان سواءِ مان کنهن تي

حملو نہ ڪريان ۽ نہ وري ڪو ٻيو منهنجي ملڪ تي حملو ڪري ناحق مسلمانن جو رتوڇاڻ ٿئي ۽ قيامت ڏينهن خدا تعالي جي سامهون مون کي ڪو ٽيٽو پوي.

نئين جو بنياد

ڪيس سائي Sai (ساموئي) ۾ ڪجهه وقت رهڻ کان پوءِ خيال آيو ته ڪنهن سڳوريءَ گهڙيءَ ۾ نئين شهر جو بنياد رکجي. جنهن ۾ سدائين خوشيون ئي خوشيون هجن. برهمٽن ۽ نجومين هڪ سدوري ڏينهن جي چونڊ ڪئي ۽ ساموئي جي ڀرپاسي ۾ هڪ پاڻ وارو ٽڪرو چونڊيو ويو. جنهن تي اڄ نئنو آباد آهي. جام جي موڪل سان نئين شهر جي پيڙهه جو پٿر رکيو ويو. پوءِ اتي شاهي محلاتون ۽ ٻين ماڻهن جا گهر تعمير ٿيڻ لڳا. سچ ته اهو آهي ته هن پاڳوند شهر جو بنياد اهڙي سڳوريءَ ۽ سپاڳيءَ گهڙي رکيو ويو هو جو هتان جي رهواسين کي ڪڏهن ڪوسو واءُ نه ڪوٺ لڳو. هر حال ۾ خوش رهڻ وارا پنهنجي ڏنڊي ڏاڙي ۾ ريان ڪيان. هتان جا ماڻهو ڏاڍا خوش خرم ۽ سرها آهن ۽ هنن جهڙا خوش قسمت ماڻهو ڪاٿي ڏسڻ ۾ ئي ڪونہ ايندا. هتان جي ماڻهن لاءِ هڪ مهيني ۾ ڪيئي عيدون هونديون آهن. هر مهيني جي پهرئين جمع تي جنهن کي سنڌي ماهه پهروين جمعو سڏيندا آهن. انهيءَ ڏينهن نئين شهر جا سيئي ماڻهو وڃي مڪليءَ تي ڳاهت ٿيندا آهن ۽ پير ڏرڻ جي جڳهه ملي ڪانہ سگهندي آهي. اهڙيءَ ريت مهيني جو پهريون سُومر يا ماه پهريون سومر بہ ملهايو ويندو آهي. ان ڏينهن بہ مڪليءَ تي ماڻهن جا ميڙ

ڏسبا. اهو به ماهه پهرئين جمعه جيان زيارتن جو ڏينهن هوندو آهي اتي ماڻهو پاڻ ۾ ملي خوش ٿيندا آهن. وت آهر هڪ ماڻهو پنهنجي ماني ۽ درياهه جو پاڻي پاڻ سان کڻي ويندو آهي. اهي جڏهن گڏجي ويهي ماني کائيندا آهن تہ ڏاڏو پلو لڳندو آهي. سڄو ڏينهن هڪ مزار کان ٻي تائين ويندي خوشين ۾ گذري ويندو آهي. درياهه جو پاڻي پاڻ سان انهيءَ لاءِ آڻيندا آهن جو مزارن ۾ سان تلائن ۾ بيٺل مينهن جو پاڻي هاڙو هوندو آهي. جڏهن شام سندن سرهائين تي سرمائي پردو وجهڻ شروع ڪندي آهي تہ هو سرکي پنهنجي گهرن ڏيڑا ٿيندا آهن. شيخ المشائخ پير پٽي کان سوءِ ڏهه هارنهن ٻيا بزرگ به آهن. جن جي مزارن تي ماڻهو وجد ۾ نچڻ شروع ڪندا آهن. اهي ماڻهو پاڻمرادو ڪنهن جذبي ۾ اچي نچندا آهن ۽ ايڏو وجد ۾ اچي ويندا آهن. جو کين پٽرن جو به پتو ڪونہ پوندو آهي. کين پنهنجن ڏاهن استادن جي مهرباني‌ءَ سان ڪجهه به ڪونہ ٿيندو آهي. هن قسم جو نچڻ اسلامي اصولن جي خلاف آهي. پر هيءَ رسم پيڙهين کان وٺي هلندي پئي اچي. وقت جي گورنرن ۽ عالمن هن رواج کي ختم ڪرڻ لاءِ گهڻو ڪجهه جاکوڙيو آهي. ليکن ان کي بند ڪرڻ ۾ سوپارا ڪونہ ٿيا. هيءَ به اچرج جهڙي ڳالهه آهي تہ سانوڻ رت ۾ مڪليءَ تي مينهن به ڪو ٿورو ٽڪو پوندو آهي. پر ان ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي کير — سر نالي هڪ تلاءُ آهي. جيڪو پاڻيءَ سان پرجي تار ٿي ويندو آهي. ان تلاءُ جو پاڻي صاف ۽ شفاف ۽ ايڏو ساءُ سواد وارو هوندو آهي جو هندو مسلمان اهو پاڻي پيئندي ڏاپندا ئي ڪونہ آهن. پرهه کان وٺي جهونجهڪڙي تائين هن تلاءُ تي ماڻهن جا ڳاهٽ پيا ڏسبا. ماني

ٻ اتي پچائيندا. ٽوليون ٽي ڪائيندا ٻ اتي. معلوم ائين پيو ٿيندو جڏ هر ڪو پنهنجي پر ۾ ڪا عيد پيو ملهائي. اها ڪهڙي عيد هوندي يا اهو ڪهڙو وهانوٺ هوندو جنهن تي هن کان وڌيڪ ماڻهو مڙندا ۽ هن کان وڌيڪ سرها هوندا يعني دنيا جون سڀ سرهايون هتي اچي ڪٺيون ٿيون پون. هنن اجهاڳ سرهاين جو انت اهو لهي سگهندو. جيڪو پاڻ هن قسم جي خوشين ۾ شريڪ هجي يا اهڙيون خوشيون هن پنهنجي اکين سان ڏٺيون هجن. خوشين سان لاڳاپيل اهي ريتون رسمون گهٽيون آڳاٽيون آهن. جن جي شروعات جو ڪنهن کي ٻ پتو ڪونہ آهي. هيءَ ڳالهہ مجان ٿو تہ دنيا ۾ وڏيون دولت مند قومون آباد آهن. جن جي پئسي ڏوکڙ جو ڪو انت شرو ڪونہ هوندو. پر نٽي جي ماڻهن ۾ وري خوشي ۽ سرهائي ايتري تہ اجهاڳ. اٽاهہ ۽ اجهال آهي. جنهن جو ڪو سنڊو سيڙهو ڪونہ آهي. مجزور ٻ هڪ ڏينهن پورهيو ڪندو ۽ باقي ڇهہ ڏينهن ايڏو خوش گذارينڊو. جڏ ڪو بادشاهہ آهي. کين محدود ضرورتون ۽ لامحدود خوشيون آهن. دنيا اندر خوشين جي اهڙي نعمت فقط نٽي وارن لاءِ مخصوص آهي.

چام نظام جو لکدير کان،
دريان خان خريد ڪرڻ ۽ تربيت ڏيڻ

چام نظام الدين عرف چام نندو پٽ چام بابينو راٺن. راوتن ۽ راجوڙن جي سهائتا سان نٽي جي راڄگديءَ تي ويٺو. بعد ۾ هن نئين شهر نٽي جو بنياد رکيو. جنهن ۾ هر طبقي جو ماڻهو سرهو ۽ ريان کيان هو. نياءَ ۽ نيت پت جو سمون هو. ڪوبہ هيٺو ڏاڍي کان

ڏهڪايل ڪونہ هو.

بهشت آنجا ڪ آزاري نباشد
ڪسي رابا ڪسي ڪاري نباشد

هڪ ڏينهن هو لکدير (29) وزير ڪي پاڻ سان گڏ وئي شڪار تي هليو ويو. مٿي ڇاڻايل وزير وٽ هڪ نوڪر هو. جنهن جو نالو قبوليو هو. هن ڪيس پاڻي پيارڻ جي ڪم تي رکيو هو. حقيقت ۾ هي، چوڪرو سيد هو. پر قسمت ڪيس غلام بڻايو هو. جنهن کي وزير خريد ڪري پاڻ وٽ رکيو هو. جام شڪار ۾ ڊوڙي ڏکي ٿڪجي پيو ۽ ڪيس اڇ لڳي تہ پاڻي گهريائين. جام جو پنهنجو پاڻيءَ تي رکيل ملازم موجود ڪونہ هو. تنهن ڪري لکدير وزير پنهنجي نوڪر کي حڪم ڪيو تہ جام نظام الدين کي پاڻي پيار. قبوليو عمر جو ڪچو پر ڏاڍو ڏاهو هو. جنهن جام کي پاڻيءَ جو پيالو تہ پري ڏنو. پر منجهس جاڻي ٻجهي ڪک وجهي پيش ڪيائين. جام پاڻيءَ جو ٽاڻو پاسي تي رکي چوڪري کان پاڻيءَ ۾ ڪکن وجهڻ جو ڪارڻ پڇيو. چوڪري ادب سان وراڻيو تہ: "جئندا قبلا! مون سائينءَ جن کي ڏاڍو اجارو ڏنو. گهوڙي سواري دوران جيڪڏهن اوهان پاڻي هڪ ساهيءَ ۾ تمام گهڻو پي ويندا تہ صحت تي خراب اثر وجهندو. تنهن ڪري مان پاڻيءَ ۾ ڪک وجهڻ جي گستاخي ڪئي. انهيءَ لاءِ تہ جيئن اوهان پاڻي هوريان هوريان ۽ ساهيون ڪري پيئو. اها ڪا نئين ۽ اچرج جهڙي ڳالهہ ڪانہ هئي. پر چوڪري جا پنهنجا ڪي پاڳ پلا هئا. جام مٽس گهڻو راضي ٿيو. هن لکدير کان ڪيس خريد ڪري پاڻ وٽ ملازم رکيو. هن چوڪري ۾ ڏينهون ڏينهن اهليت ۽ لياقت وڌندي

وٹي. جام بہ مٿس جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ مهربان ٿيندو ويو. هن ڏنو تہ منجهس انتظامي صلاحيتون تمام گهڻيون آهن ۽ ملڪ جي انتظام سنياليڻ جي بلڪل اهل آهي تہ ڪيس مبارڪ خان جو لقب ڏئي، منجهيل ملڪي مامرا سندس حوالي ڪري ڇڏيائين. هن کان علاوه جام نظام الدين جي درٻار ۾ هيا بہ نهايت ڏاها ڏات ڏٺي ماڻهو موجود هٿا. جن مان سندس هڪ وزير دلشاد خان بہ هو. جنهن سن 912هـ (1506ع) ۾ پنهنجي فوج وٹي ڦٽي کان وٹي اُچ تائين امن امان قائم ڪري ڇڏيو هو. ان زماني ۾ دريا خان بہ پنهنجي قابليت جا جوهر ڏيکاريا هٿا. جنهن مان پتو پئجي رهيو هو تہ هو انتظامي طور جام نظام الدين جي پٽ جام فيروز کان وڌيڪ قابل آهي. هن ملتان کان وٹي قندار جي دنگ تائين ڇ کان وٹي مڪران تائين اهڙو تہ امن امان ۽ انتظام رکيو هو. جو سرڪاري ڪامورو آڏيءَ رات جو ڪنهن راڻي راوت ڏانهن پيغام ڪٹي ٿي ويو تہ ان جي مڃڻ ۽ تابعداري ڪرڻ ۾ ڪابہ دير ڪانہ ٿي ٿي. مٿي ڦريل ۽ سرڪش ماڻهن جي علاقن ۾ سندس نالي جي هاڪ ڏاڪ ويٹل هئي. جيڪڏهن حامله عورتن کي سندس ويجهي اچڻ جي سڌ پوندي هئي تہ سندن ہار ڪري پوندو هو. انهن علاقن جي ماڻهن تي سندس ڊپ ڌاءِ ايترو ڇانيل هوندو هو. جو رٹندڙ ہار کي دڙڪو ڏئي چيو ويندو هو (30) تہ: "چپ ڪر نہ تہ دريا خان ٿو اچيئي."

جام نظام الدين هن قسم جي مثالي حڪومت ڪرڻ کان پوءِ بيهتر ورهين جي ڄمار ۾ وفات ڪئي ۽ ملڪ، حڪومت ۽ جام فيروز جي ڪيس پارت ڪري ويو هو ۽ ڪيس هي لفظ چيا هٿائين: "هن

ملڪ جي توکي پارت هجي. جام فيروز خدا جي حوالي تنهنجي حوالي آهي. سندس وفادار رهجانءِ "(31)

فرنگين جو نئين (32) کي ساڙڻ

سن 973هـ (1565ع) ۾ مرزا عيسيٰ خان ترخان پنهنجي فوج وڻي. پنهنجي پٽ مرزا محمد باقي کي ساڻ ڪري بکر تي حملو ڪيو هو. جڏهن هو بکر سرڪار جي مشهور شهر درپيلي وٽ پهتو تہ بکر جي حڪمران سلطان محمود قلعي جي مرمت ڪري ان کي مضبوط بڻايو ۽ هن جي مقابلي لاءِ پنهنجي فوج بہ اڳتي روانو ڪئي. هو چوڻ لڳو تہ "هو تہ ڪيل ٽاهہ جي پاڻ پيچڪڙي ڪري رهيا آهن. منهنجي علائقي ۾ هو فوج وڻي ڇو اچي رهيا آهن؟ ايڏي گهل چاڙهي اچڻ مان سندن مقصد ڪهڙو آهي؟" محمد باقي جي مرضي هئي تہ بکر مان درپيلي وارو پرڳڻو ڪيي پنهنجي علائقي سيوهڻ سان ملائجي. پر محمود خان جي فوج ڪيس ائين ڪرڻ ڪونہ ڏنو. سندس فوج تمام مضبوط هئي ۽ ساڻن هر وقت ۽ ڪٽي بہ مقابلو ڪرڻ لاءِ تيار هئي. ٻنهي ڌرين ۾ ايڌا جهيڙي جي شروعات ئي ڪانہ ٿي هئي جو سڌ پئي تہ فرنگين لاهري بندر وٽان مٿي اچي لٿي تي حملو ڪيو آهي. قاصد ٻڌايو تہ قلعي جا ڦاٽڪ بند آهن. جيڪڏهن هي فوج بنادير پوئتي هلي وقت سر پهتي تہ قلعو سندن حوالي ٿي سگهي ٿو. دشمن فوج تمام گهڻي طاقتور آهي. جيڪڏهن ان قلعي تي قبضو ڪري ورتو تہ کانئس ڇڏائڻ مشڪل ٿي پوندو. اها افسوسناڪ خبر ٻڌي مرزا حملي مان هٽ ڪيي ويو. ملڪ سلطان محمود خان جي

حوالي ڪري ٻيڙين ۾ سوار ٿي وهلوئي لٽي وريو. سندن پهچڻ کان اڳ فرنگين، ماڻهن جو انڌاڌند قتل عام ڪري شهر کي ڦري لٽي پينگ ڪري ۽ ساڙي رک ڪري ڇڏيو هو. ڪيترن ماڻهن ڀڄي مرزا فرخ جي مسجد ۾ اچي پناهه ورتي هئي. جڏهن مرزا محمد باقيءَ جي ويجهي اچڻ جو ٻڌائون تہ ٻاهر نڪري آيا هٿا. فرنگين جو لٽي تي ڪاهه جو احوال هن ريت آهي: لٽي ۽ لاهري بندر جي وچ تي درياهه ۾ خشڪيءَ وسيلي ٻن ڏينهن جو سفر آهي. اتان کان هڪ ڏينهن جو سفر ڪري سمنڊ تائين پهچبو آهي. ٻيو به هڪ وهڪرو آهي، جنهن کي سنڌي ٻوليءَ ۾ نار چوندا آهن. انهيءَ رستي به بندر تائين پهچي سگهبو آهي. ڇاڻايل وهڪرو ڪن جاين تي ڏهه ٽنابون يا ڪجهه وڌيڪ ويڪرو آهي، تنهن ڪري منجهائنس پار اڪرڻ ڪجهه ڏکيو آهي. بندر ۽ سمنڊ جي وچ تي سوئي ميائي (سون ميائي) نالي هڪ وسندي آهي. جتي ميربندر جي عهدي وارو هڪ سنڌ سرڪار جو ڪامورو رهندو آهي. جڏهن ڪوبہ غوراب ڪاريءَ ۾ داخل ٿيندو آهي تہ توب ڇوڙي چوڪيءَ تي رهندڙ پهريدارن کي خبردار ڪيو ويندو آهي تہ ڪو ڏاريو غوراب ايڏانهن اچي رهيو آهي. اهي به وري توپ ڇوڙي ڏارئي جهاز جي اچڻ جو اطلاع بندر وارن کي ڏيندا آهن. اهڙو نياپو سنيهو لٽي جي واپارين ڏانهن مڪو ويندو آهي. اهي ٻيڙين ۾ چڙهي ڇاڻايل چوڪيءَ وٽ پهچندا آهن. سندن پهچڻ کان پهريائين چوڪي وارا پهريدار اڳتي ان غوراب بابت ضرور ڇاڙ ونڊندا آهن. اهڙي قسم جي غورابن ۽ ان تي سوار واپارين کان پڇاڙو ضرور ٿيندو آهي. ان کان پوءِ عملو ۽ واپاري ٻيڙين تي چڙهي ڪاريءَ جي چوڙ وٽ

پهچندا آهن. جيڪڏهن ڏسندا تہ غوراب تي لڏيل سامان لاهري بندر سان واسطو رکي ٿو تہ ان کي مٿي وڃڻ جي موڪل ملندي آهي. پر جيڪڏهن ان جو واسطو ڪنهن بندر سان نہ هوندو آهي تہ ان تان سامان لاهي درياهي ٻيڙين تي لڏي شهر روانو ڪيو ويندو آهي ۽ غوراب کي سندس بندر ڏانهن وڃڻ جي اجازت ملندي آهي. مختصر تہ جڏهن فرنگين کي اها سڌ پئي تہ ملڪ جو حڪمران شهر کان ٻاهر ويل آهي ۽ کين جهلڻ پلڻ وارو ڪوبہ آهي. تہ هنن وٹي ٹڪي تي حملو ڪيو. مير بندر اصولي ضابطن جي پوئواري ڪرڻ چاهي. پر فرنگين کيس روکي چيو تہ اهي بندر تي کين پل بہ ڪوبہ ترسندا ۽ انهن ننڍڙين ٻيڙين (غورابن) وسيلي ٹڪي هليا ويندا. جتي هو سوار ٿي هتي پهتا آهن. هو اتي ڪجهہ وسرام ڪندا ۽ ٿورو گهٹو واپاري ڪر آهي. سو ويچيندا ۽ وهلوئي ورندا. ان وقت ٹڪي جو گودنر هٹين خالي هو. ڏارين کي روڪڻ جي ونس سگهہ ڪانہ هئي. جتان بہ ڏاريا ماڻهو گذريا سنڌوءَ جي ٻنهي ڪنڊين سان آباد شهر ۽ ڳوٺ لٹيندا ڦرندا پينگ ڪندا ويا. علاقي ۾ حڪمران موجود ڪوبہ هو. تنهن ڪري کين روڪڻ وارو ڪير بہ ڪوبہ هو. نيٹ هلندا وڃي شهر پهتا جنهن کي چوڏاري قلعو ڪوبہ هو ۽ ماڻهو بي هٹيار هٹا. مرزا شهر جي بچاءَ لاءِ جيڪا فوج چڏي ويو هو. سا ٹوري هئي. سنڌي فوج بهادري سان وڙهي پر ساڻن پڄي ڪانہ سگهي. هاڻي شهر سندن هٹ وس هو. هن اوچتي حملي جو ٻڌي مرزا ٹڪي ڏانهن تيز رفتاريءَ سان وڌڻ لڳو. فرنگين کي جڏهن مرزا جي ويجهي اچڻ جي سڌ پئي تہ جيترو سامان ٹي سگهين. غورابن ۾ ٹي ٹکري هليا ويا. (33)

مرزا اڳي جيڪو ارغونن جي حملي جي بچاءِ کان قلعو تعمير ڪرايو هو. تنهن کي محلات ۽ شهر جي چوڌاري ڀيرائڻ جي ضرورت محسوس ٿي.

هن سن 984هـ (1576ع) ۾ وفات ڪئي. هن کان پوءِ سندس دولت ۽ ملڪ جو وارث مرزا محمد باقي ٿيو.

نٽي جي برڪ ماڙهن کي شهر نيڪالي

مرزا محمد باقي پنهنجي حڪومت جي شروعات ئي ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ سان ڪئي. ڪنهن کي ڪيس سڃ چوڻ جي همت ۽ جرئت ڪانه هئي. اهو حال ڏسي شهر جا ماڙهو پنهنجا گهر ۽ ٻيون ملڪيتون ڇڏيندا شهر مان نڪرندا ويا. ڪيس ڪنهن عالم فاضل جي عزت آبروءَ جي ڪا پرواهه ئي ڪانه هئي. سڀني اميرن، نوابن، شيخن، مشائخن، قاضين ۽ مفتين قلعي اندر موجود سندن رتن لائق جڳهن کي ڇڏي عام ماڙهن جيان قلعي کان ٻاهر جتي مرضي پوين رهن. سندس خيال هو ته هو پنهنجو اثر وڃائي چڪا آهن. سيد علي‌ءَ جي سڀني کان وڏي پٽ مرزا محمد باقيءَ جي ٻاءُ مرزا صالح جي ڏيءُ سان شادي ڪئي هئي، تنهن هوندي به ساڻس کي رعايتون ڪونه ڪيائين ۽ ڪيس ٻين عام ماڙهن جيان سمجهندو هو. ڏاڍ، ڏهڪاءُ، ظلم ۽ زور ڏاڙيءَ جو معمول بڻجي ويو هو. جيڪي به مسافر سندس علاقي مان گذرندا هئا تن مان جيڪي ڏسڻا وائسڻا ماڙهو هوندا هئا، تن کي پاڙ وٽ گهرائيندو هو. سندن تمام گهڻي عزت سان آڇيان ڪندو هو. جو مسافرن جا ٽڪ ئي لهي ويندا هئا. ويچارو ائين

سمجهڻ لڳندو هو تہ هن دنيا ۾ مرزا جهڙو سخي ماڻهو ٻيو ڪو آهي ئي ڪونہ. جيڪو اڻ پنڻي ۽ اوپري واڌاڻ سان ايڏا وڏا وڙڻو ڪري جڏهن اهي وڃڻ لاءِ تيار ٿيندا هئا تہ ٻيڙي واري ميربحر کي چوندو هو تہ هن ملڪ جي ٽڏڙي هير هيڻاءَ ٺار آهي ۽ درياهہ جو سير بہ واهہ جو آهي! تن کي تراوت ۽ روح کي راحت پٽي اچي. تنهن ڪري هنن پرديسي مسافرن کي سنڌوءَ جي سير واسطي ڪنهن سهڻي ٻيڙيءَ جو بندوبست ڪر. پوءِ انهن ڏارين ماڻهن سان ٻريل ٻيڙي جڏهن سنڌوءَ جي وچ سير ۾ پهچندي هئي تہ حڪم موجب ٻيڙيءَ جي تري مان تختو ڪڍيو ويندو هو ۽ سڀ ڏاريا ماڻهو ٻڏي مري ويندا هئا. هن مان سندس مقصد اهو هوندو هو تہ ڪنهن ڏاڻي ماڻهو کي هن خطي جهڙي سرسبز ۽ خوشحال ملڪ بابت خبر نہ پوي. جيڪو وڃي ڪنهن ٻئي هنڌ هن علاقي جي سڪئي ستابي ۽ ريان ڪيان هجڻ جون خبرون ٻڌائي. اهڙيءَ ريت ڪو طاقتور ڏاريو هن ملڪ تي هلان ڪري سگهي ٿو. جيڪو هن وڌين ڏکيائن کان پوءِ مليو آهي. جيڪڏهن ڪو ڏاريو مسافر نڊر ۽ ڪنگال هوندو تہ ڪيس پنهنجي روبور ڪونہ گهرائيندو هو. پر ان کي پرپٽ ئي ڪهي ڇڏڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيندو هو. (34) ٻئي جو هيءَ حڪمران اهڙو خطرناڪ هو. هر هفتي ۾ فقط خميس ڏينهن دسترخوان ديوان خاني ۾ ايندو هو. باقي ٻيا ڇهہ ڏينهن کي ڪنهن کي ڪجهہ بہ ڪونہ ملندو هو. جڏهن ڪيس خبر پوندي هئي تہ سندس پاڙي پنبي ۾ سندس ڪو مٽ مائٽ. فوجي يا ڪو ٻيو ماڻهو ست رڄي طعام کائي ٿو تہ ڪنهن حيلي بهاني سندس مال مڌي ۾ وڃي هٽ وجهندو هو. جيستائين اهو سچو

ڪنگال ۽ گرهہ جو محتاج نہ ٿيندو هو. تيستائين هٿ ڪونہ ڪيندو هو. سندس هر ٻول ۾ چالاڪي ۽ ڍونگ پيو بکندو هو. ڪيس ديوان عام ۾ ويٺي گهڙي پل بہ مس گذرندي هئي تہ پنهنجي درباري اميرن ۽ نوابن کي چوندو هو تہ "مون کي ڪٽان بہ سون آٿي ڏيو. ڪيئن بہ ڪري اناج آٿي ڏيو. توهان جو مڪيہ ڪم اهي شيون آٿن آهي. اهي شيون ئي تہ اصل طاقت آهن." اڳي وٽس ڪجهہ بہ ڪونہ هو. هڪ سچو سڪٽو ماڻهو هو. ان احساس محروميءَ ڪري هر شيءِ گڏ ڪري رکڻ جي منجهس هوس ۽ حرص پيدا ٿي پيو آهي ۽ چوي ٿو تہ سون سان خزانا ۽ اناج سان ڀانڊا ڀريل هجن ۽ ٻئي واري قلعي جي هر ڪنڊ ۾ چانورن جا انبار لڳل هجن ڪين. ڀر گهٽو ڪري ٿيندو ائين هو تہ ان لڳي ڳوڙها ٿي ويندو ۽ اتان ڪني بانس پيڪا ڪيون پئي ايندي هئي. اهڙي سڙيل ڳريل ۽ گندي انَ کي قلعي مان ڪڍي باهر اڇلائڻ تي راضي ڪونہ هوندو هو. جيڪي دل ۾ اناج يا روڪ پئسو ڏئي پنهنجي جند آجي ڪندا هئا. نيٺ هڪ ڏينهن سندس ملازم اچي ڪيس ٻڌايو تہ قلعو پراٿي ۽ نئين انَ سان ايترو تہ ڀرجي ويو آهي، جو نئين لهندڙ فصل جي اناج رکڻ لاءِ منجهس ڪا جڳهہ ئي ڪانہ رهي آهي. تنهن کي ڪڍي اڇلڻ کان پوءِ پلو آهي تہ ماڻهن ۾ ورهائجي. هن سان چار ڏوڪڙ سجهي پوندا. مرزا ڪيس وراٽيو تہ "هن ڳالهہ جو جواب ڪائنس ٻئي ڏينهن پڇيو ويجي." هن چا ڪيو جو رات جو متيءَ جون مانيون پچرايائين. صبح جو جڏهن امير ۽ نواب سندس سلام تي آيا تہ پنهنجي عادت جي برخلاف هن دسترخوان وڇائڻ جو حڪم ڪيو ۽ ڪين ماني کائڻ جي دعوت ڏنائين. خوف

کان هو کجھ چئي ب کونہ پئي سگھيا تہ ڳالھ چا آهي. چاکاڻ تہ جيکڏهن کوہ کامورو کيس ناراض ڪري وڃهندو هو تہ کيس ڳٽرا ڳٽرا ڪرائي دسترخوان ۾ ڏکائي انجي وارثن ڏانهن مکو ويندو هو تہ جيئن متن ڏهکاءُ ويهي وڃي ۽ کجھ کڄي نہ سگھن. ڏنل ۽ هپاٽل اميرن جڏهن متان ڏک هٿايو تہ ڏٺائون تہ هينان متيءَ جون مانيون پيون هيون. اهو ڏسي هک پئي ڏانهن تکڙ لڳا تہ هن ڪجهارت جي معنيٰ چا آهي. اهو ڏسي مرزا رڙ ڪري چيو تہ" منهنجي طرفان پيش کيل هي طعام آخر اوهان چونہ ٿا کائو؟ شايد اهو انهيءَ ڪري آهي جو اوهان امير ۽ نواب ماڻهو آهيو ۽ منهنجي طرفان آندل هيءَ ماني نهايت سادي آهي." ڏهکايل اميرن مان ڪن اتي رکيل ڳسن چانورن جي ماني کائڻ شروع ڪئي. تنهن تي مرزا رڙ ڪري کين چيو تہ: "اوهان متيءَ جي ماني چو نہ ٿا کائو؟" اميرن مان ڪن کيس جواب ڏنو تہ جيئندا قبلا! اوهان جي دولمتندي ۽ ڏاهپ بي مثال آهي. پر گذارش آهي تہ متيءَ جي ماني کائڻ ايڏي سولي کانہ آهي. سندن اها ڳالھ ٻڌي کين گاريون ڏيندي چيائين: "اوهان چرين جي اهڙي بيوقوفي منهنجي ملڪ جو بچاءُ ڪري کانہ سگھندي اهو بيڪار ۽ گسو ان ڪنهن وقت انهيءَ متي جي ماني کان تہ بهتر هوندو ۽ زنده رهڻ لاءِ خوراڪ جو ڪم ڏئي ويندو آهي. اوهان ڪهڙا نہ گندا ماڻهو آهيو. جو متيءَ جون مانيون ڏسڻ سان ئي جڙ تہ اڏ مٽا ٽي چڪا آهيو پر پئي هن گندي گسي ان کي اڇلائي ڇڏڻ جون غلط صلاحون ٿا ڏيو. (35) توهان کي خبر آهي تہ کو وقت اهڙو به آيو جو هتان جي ماڻهن بک کان ڪچا چمڙا کاڌا ۽ پراڻا

چمڑا کاڑهي پيتا.(36)

اها واقعي حقيقت آهي ته جڏهن شهنشاهه همايون شير شاهه کان شڪست کائي سنڌ پهتو هو ته حسن ارغون کي ڄڻ وڪوڙي ويو ته متان اهو سنڌ تي قبضو ڪري تنهن ڪري هن ملڪ جو بيئل فصل ساڙائي رک ڪرائي ڇڏيو. انهيءَ لاءِ ته جيئن همايون بک کان تنگ ٿي سنڌ ڇڏي هليو وڃي. پوءِ ته ملڪ ۾ اچي ڏڪار پيو. ماڻهن الائي ڇا ڇا کائڻ شروع ڪيو هو. چيو ويندو آهي ته هڪ ڏينهن ڪنهن ماڻهوءَ جي ڳڻون وڃائجي وئي سو چار ماڻهو گڏ ڪري ان کي ڳولا لاءِ روانا ٿيا. هلندي هلندي نيٺ اچي هڪ پٽ ۾ پهتا. ڏٺا ٿون ته ٻه ٽي چوڪرا گوشت رڌي رهيا هئا. ڳڻون جي مالڪ ءِ ساٿس گڏ واهر وارن ماڻهن کين چور سمجهيو ۽ چوڻ لڳا ته ڪني وارو گوشت وڃايل ڳڻون جو آهي. تنهن ڪري کين جهلي ڪٽي چوڪنيو ٻڌائون ۽ کائڻ ڇڏڻ لڳا ته باهه تي چڙهيل گوشت ڪهڙي جانور جو ۽ ڪٿان آندو اٿو؟ چوڪرن جو ته ڄڻ ڪان ساهه سڪي ويو. جو کائڻ جواب ٿي ڪونه پيو اڪلي. ٻن ٽن تلهڙن کان پوءِ چيائون ته اسان پاڻ ۾ پائر آهيون ۽ اسان سان گڏ ماءُ به رهندي هئي. گهر ۾ ڪجهه به ڪونه هو. لنگهڻ تي ويئي ويئي ڏينهن لنگهي ويا. امڙ اسان کي بکيو ڏسي کائه سگهي. دل ۾ چوڻ لڳي ته اها ماءُ ڪهڙي جيڪا ٻچا بک تي ڏسي جيئري رهي سگهي. هن کان ته مرڻ پلو آهي. پوءِ اسان کي ايلاز منٿون ڪرڻ لڳي ته ڪيس ڪهي اسان سندس گوشت کائون ۽ ڪجهه وقت جيئرا رهون. پر اسان ائين ڪونه ڪيو. نيٺ جڏهن بک ڇتو ڪري وڏو تڏهن پي راهه نه ڏسي امڙ کي ڪهي ان جو گوشت

ڪنيءَ ۾ رڌي رهيا هئاسون جو اوهان اچي مٿان پيا. ڳئون جو مالڪ ۽ واهر وارا ماڻهو ڪاڦي اهڙي ٿابتي گهرڻ لڳا. تنهن تي چوڪرن ڪين وٺي وڃي اها جڳهه ڏيکاري جتي هنن ماءُ جا آندا اڇلايا هئا. انهن ماڻهن کي هارن جي ڳالهه تي وبساهه ڪونه آيو. ڪين ويتر سوگهو هڏي مارڻ ڪٽڻ لڳا ته انهن کي ٻيو ماڻهو ڪهي چڏيو آهي. انهيءَ ويرهڪدم چاٽيو جو اهي آندا بل ڪائي اچي انهن ماڻهن جي پيرن ۾ وڇڙي ويا. اچرج جهڙي ڳالهه ڏسي ڪين شڪ پيو ته ڏڏڙ ۾ ڪي داڻا آهن. انهن ماڻهن ۾ ڪو جهونڙو هو. جنهن چيو "هارن سچ ڳالهايو آهي. ماءُ ڪيڏي هاجهاري هوندي آهي. جو مئي کان پوءِ به پنهنجي ٻچن تي ڏک سهي ڪانه ٿي سگهي. هوءَ پيرين پئي اوهان کي هاڏائي رهي آهي ته سندس ٻچن کي ڪجهه نه چيو وڃي ۽ سندن جند آجي ڪئي وڃي.

جڏهن شهنشاهه جي حڪم سان بکر وارو علائقو غازي مجاهد خان اچي هٿ ڪيو ته سلطان محمود جي مٽن مائٽن جو گهڻو احترام ڪيو ويو. مرزا محمد باقيءَ کي به اچي خوف ورايو ته متان شهنشاهه اڪبر ننڍي کي هٿ ڪرڻ لاءِ به ڪجهه ڪري ان ڳالهه کي نظر ۾ رکي. هن ڪيس پنهجي ڏيءُ جو سڳ ڏئي سيڙپو ڳنڍڻ پئي چاهيو. ملا جنهن جو مٿر ذڪر ڪيو ويو آهي. تنهن مونکي ٻڌايو ته ڪيس هڪ ڏينهن مرزا باقي پاڻ وٽ گهرائي چيو ته شهنشاهه جلال الدين محمد اڪبر نهايت سگهارو حڪمران آهي. جنهن جي هڪ خسيس ملازم مجاهد خان پنجاهه سوارن سان اچي سلطان محمود ڪوڪلتاش کي پنهنجي ملڪ تان دست بردار ڪيو. حتي ڪه وٽس مضبوط قلعا

هٹا. جيڪي بہ درباهيءَ جي وچ تي واقع آهن. هو پاڻ بہ دلير هو ۽ پاڻ کي اسفنديار جي مٽ سمجهندو هو. تنهن هوندي بہ شاهي فوج سان مقابلو ڪري ڪونہ سگهيو. جيڪڏهن ٺٽي کي فتح ڪرڻ لاءِ پنهنجي فوج رواني ڪري تہ مان ڇا ڪري سگهندس. پوءِ تہ ڏرتي نهوڙجي ناس ٿي ويندي. دهليءَ ۽ ٺٽي جي وچ تي بکر جو علائقو هو. جيڪو ٺٽي جو بچاءُ هو. بکر جڏهن دهلي حڪومت ۾ شامل ٿي ويو آهي تہ هاڻي اسان جو ڇا حال ٿيندو؟ ان حملي کان اڳواٽ بچاءُ طور بيگم کي ملڪ جي ڪنهن ويساهہ جوڳي ماڻهوءَ جي نظر هيٺ شهنشاهہ ڏانهن روانو ڪيو ويجي. ممڪن آهي تہ هيءَ شادي شاهي فوج جي جرار فوجي جي حملي کان بچاءُ جو ڪو ڏئي ۽ هن رٽ بابت تنهنجو ڇا خيال آهي؟ ملا. مرزا محمد باقيءَ جو نهايت فرمانبردار ۽ مخلص ماڻهو هو. جنهن ڪيس وراڻيو تہ "هيءَ رٽ نهايت گندي آهي. جنهن مان سولائي سان لکي سگهجي ٿو تہ اسان ڪانئر ۽ ڏڇٽا آهيون. اها ڳالهہ تہ سچي ڪري هئي. پر مرزا اهڙيون ڳالهيون ٻڌي ڪاوڙ مان ترار کڻي ان سڄ چوندڙ ماڻهو جي سسي ڏڙ کان ڌار ڪري ڇڏيندو هو. تنهن ڪري ملا کان پڇيم توکي اهڙيءَ ڳالهہ ڪرڻ جي جرئت ڪيئن ٿي؟ ملا وراڻيو تہ مرزا پنهنجي مرضيءَ جو مالڪ هو. واقعي ڪهي بہ ڇڏي ها. پر ڳالهہ سورنهن آنا سچ ٻڌائي هيم ۽ ڪيس اهو بہ چيو هيم تہ شهنشاهہ اڪبر وٽ مرزا جي ڪا عزت ڪانہ آهي. ڪهڙي خبر شهنشاهہ بيگم کي عزت ڏئي يا نہ ٿي سگهي ٿو تہ ڪيس ٽورو وقت حرم ۾ رکي واپس موڪلي ڇڏي ان ڪري اوهان جي ڪيڏي نہ بي عزتي ۽ توهين ٿيندي. فقط

حڪمرانيءَ جي لالچ ڪري ڪُڙِ تي اهڙو ڪجو لائڙ ڪونہ ٿو جڳائي." منهنجي اها ڳالهہ ٻڌي مرزا جو منهن ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي ويو. سندس طبيعت پاري جيان بيقرار ٿي وئي ۽ گجگوڙ ڪندي پنهنجي ملازمن کي چيائين تہ: "هن نياڳي کي منهنجي درٻار مان ڏڪا ڏئي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو." حڪم ٻڌڻ شرط ملان سندس درٻار مان نڪري آيو. هن پاڻ تان بار لاهي ڇڏيو هو. ملان وڏيڪ ٻڌايو تہ: سچ چوڻ نمڪ حلال نوڪر جو فرض آهي. مان سچ چئي پنهنجي حڪمران کي ڪاوڙائي وڏو هو. پر ان هوندي بہ آءٌ مطمئن ۽ خوش آهيان. جيڪڏهن شهنشاهہ بيگم کي قبول نہ ڪري ۽ موڪلائي ٿو ڇڏي تہ ڪيڏي نہ ٻڌڻ جي ڳالهہ چئبي. اهو بہ ٺي سگهي ٿو تہ بيگم جو سڳ پنهنجي هڪڙي درٻاري امير کي ڏئي. جيڪو عزت ۽ وقار ۾ مرزا محمد باقي کان گهٽو هيٺ آهي تہ اها ڪا گهٽ بي عزتي هوندي؟ ۽ اهو بہ چيومانس تہ وڏيڪ تون مرضيءَ جو مالڪ آهين. توکي خبر آهي تہ هُو قانون ۽ اصول جي پرواهہ ڪونہ ڪندو آهي. پنهنجي مرضيءَ موجب هلندو آهي. منهنجي هيءَ سچي ڳالهہ ڪيس اڳري لڳي. ٻڌائين پر لنوائي ڇڏيائين. ڪن دوستن ڪيس سندس مرضي واري صلاح ڏني ۽ انهيءَ تي عمل ڪيائين. نيٺ پنهنجي نورچشم شاهي درٻار ڏانن رواني ڪئي وئي. جنهن سان گڏ سيد جلال پٽ علي شيرازي روانو ڪيو ويو. جيڪو سندس پاءُ مرزا صالح جو نياڻو هو. خواجہ مير بيگ ديوان بہ حڪم موجب ساٿن گڏ ويو. چوڪريءَ کي نهايت قيمتي سوڪڙيون پاکڙيون ۽ ڏاج ڏيوڙ ڏئي روانو ڪيو ويو هو. قاصد درٻار ۾ پهچي شهنشاهہ جي قدم بوسيءَ کان پوءِ ڪيس پنهنجو

مقصد عرض ڪيو. جنهن کان پوءِ آندل سوڪڙيون پاڪڙيون خزاني ۾ جمع ڪرائڻ ۽ بيگم کي حرم سراءِ ۾ موڪلڻ جو حڪم ڪيائين. جيو وڃي ٿو تہ شهنشاهہ ان چوڪريءَ جو نقطہ هڪ پيرو منهن ڏئو ۽ پوءِ هميشہ لاءِ ڪائنس منهن ڦيرائي ڇڏيائين. سندس خيال هو تہ مرزا محمد باقيءَ جي ڏيءَ سندس لائق ڪانہ آهي. (37) انهيءَ ڪري ڪيس پنهنجي ڪنهن درباري امير جي حرم ۾ داخل ڪرڻ پئي چاهيائين. پر اتي ڪي ارغون موجود هئا. جن جو تعلق بيگم صاحب واري نيات سان هو. جيڪي مرزا باقي جي ظلمن کان ڀڄي اچي اڪبر جي دربار ۾ لڪا هئا. تن شهنشاهہ کي هٽ ٻڌي گذارش ڪئي تہ جئندا قبلا! اسان اهو ڪڏهن ڪونہ ٻڌو جو ڪنهن وقت جي بادشاهہ هن معزز خاندان جي ايڏي هتڪ ڪئي هجي. جيڪڏهن اعليٰ حضرت کي اهڙو حڪم قبول نہ آهي تہ چوڪريءَ کي واپس لٽي موڪليو وڃي. اسان کي اميد آهي تہ ساري دنيا جو شهنشاهہ ۽ مهان ڏاتار اسان جي هي نماڻي گذارش قبول ڪندو. هن احسان ڪري نہ رڳوو ارغون برادري شهنشاهہ جي ٿورائتي رهندي. پر ان ملعون ڪافر جو سر بہ هميشہ لاءِ هن دربار آڏو جهڪيل رهندو. سندن اها گذارش ٻڌي شهنشاهہ حڪم ڪيو تہ هن سنڌي بيگم کي پنهنجي پيءُ ڏانهن ڏٽي واپس ڪيو وڃي.

سنڌي بيگم جو شاهي دربار کان پيءُ ڏانهن واپس اچڻ

شهنشاهہ اڪبر بيگم کي رخصت ڪرڻ وقت ڪيس هڪ

هاڻي ڏنو ۽ پوءِ ڪيس پنهنجي پيءُ ڏانهن ڏٽي روانو ڪيائين. هنن جا وڏا پيڑهين کان ولي شهنشاهه جي گهراڻي جا وفادار ۽ تابعدار رهندا آيا هئا. شهنشاهه بيگم کي جاگير طور هڪ زمين جي ٽڪري جي به نوازش ڪئي. ڪيس اها گذارش به ڪيائين ته نماز پڙهڻ وقت سندس بلند اقبال لاءِ دعا گهرندي رهي. اهڙيءَ طرح بيگم صاحبه سان جيڪي به ماڻهو گڏ هئا،ڏٽي ڏانهن روانا ٿيا. مرزا محمد باقي ڏانهن به اهڙو خط درٻار طرفان روانو ڪيو ويو هو. جنهن ۾ واقعن جو وچور ڏنو ويو هو. بهرحال خدا تعالي مرزا محمد باقيءَ جي عزت سلامت رکي ملا وڏيڪ ٻڌايو ته جڏهن مرزا کي درٻار طرفان خط مليو ته مون کي گهرايو ويو. هن اهو خط مون ڏانهن اچلائيندي چيو ته هي، افسوسناڪ خبر پڙهه. جيڪو تو مون کي اڳواٽ ٻڌايو هو. تنهن جو به ساڻيو مفهوم هو. مون ڪيس گذارش ڪئي ته: "جئندا قبلا! تون ان قادر مطلق جا شڪرانا بجا آڻ جنهن مالڪ تنهنجي عزت آبروءَ جي پت رکي آهي ۽ ان ارغون نيات جو مرڻ گهڙي تائين ٽورائتو رهه جيڪي تنهنجي ڏاڍ کان ڀڄي وڃي. شهنشاهه اڪبر جي درٻار ۾ پناهي ٿيا آهن. انهن جا ڪي ماڻهو هتي به موجود آهن. هن احسان ڪري تون پنهنجي دل مان دشمني ڪڍي ڇڏ." منهنجا هي لفظ ٻڌي مرزا خوش ٿيو ۽ منهنجي ٽوري مڃڻ لاءِ به ٻي لفظ ورجايائين. هن هڪدم ئي جتي به ارغون موجود هئا، تن ڏانهن قاصد روانو ڪيائين ته اهي بنادير وٽس پهچن ۽ ڪوبه خوف خطرو محسوس نه ڪن ۽ هنن جيڪي به ڏکيائون ڏٺيون آهن، تن جو سندن مرضيءَ مطابق ازالو ڪيو ويندو. جن ارغونن کي مرزا ۾ شڪ شبهو هو، سي ته هوريان

هوريان پهتا. پر جن کي پنهنجي وطن جي سڪ هئي. تن اچڻ ۾ دير ڪانه ڪئي. دل ۾ چياڻون ٿي پلي. مرزا کهي پر وڃبو ضرور. مرزا ساڻن توقع کان وڌ ڏاڍو سهڻو ورتاءُ ڪيو. جنهن ڪري هنن جي دلين تان سندس ڏاڍ جا ڏنل ڏٽ چٽي ويا. انهيءَ زماني ۾ شاهي درٻار جي فوج اچي بکر پرسان پهتي هئي ۽ اتان جي جاگيردارن سيوهڻ کي فتح ڪرڻ جي ارادي سان پنهنجي فوج رواني ڪئي هئي. هي علائقو قرلٽ ڪرڻ جو نه پر هن علائقن کي مرزا محمد باقي کان کسڻ جو هو. غلام فتح خان هن علائقي جو حڪمران هو. هن جو نمائندو هڪ هندو هو. جنهن جو نالو "جوٽو" هو. علائقي جا انتظامي معاملا. ان هندوءَ جي هٿ وس هئا. جڏهن ڪو ماڻهو وٽس دانهين ويندو هو ته چوندو هو "مون کي خبر ڪانه آهي. جوٽي وٽ وڃو. اهو آچار ويچار ڪري مامرو نبيريندو." سندس پٽ ابوالفتح عيش عشرت ۾ ڪاهي پيو هو. هن سهڻن چوڪرن کي زالاڻا ڪپڙا پڪائي ٻانهن ۾ ڪنگڻ چوڙيون وجهي پنهنجي رهائشگاهه تي رکيو هو. جنهن شيءِ تي مک ويهندي هئي. اها شيءِ ڪونه ڪائيندو هو. هن لاءِ سندس دوست احباب ڪيترن قسمن جا طعام ڪٽي ايندا هئا ۽ اهڙي طريقي سان کين پيو ڏيندو لٽيندو هو. هر مهيني جي 13 کان 16 تاريخ سيئي دوست هڪ جاءِ تي گڏ ٿيندا هئا ۽ عيش عشرت ڪندا هئا. اهي راتيون مٺايون ميوات ۽ شراب پي گذاريون ويندیون هيون. هو پنهنجي دوستن ۽ ملازمن کي سوڪڙيو پاڪڙيون به جام ڏيندو هو. هو ايترو ته دل جو ڪليل هو جو پکين جا ولر اڏامندا ڏسندو هو ته کين ڪٽي لاڙي (38) يا سونو سڪو اڇلائي ڏيندو هو.

جڏهن سندس ڪڏا ڪرتوت جاڏي ڪاڏي مشهور ٿي ويا تہ ان علاقي جي مامرن کي راڄڌاني پر ويهي مرزا پنهنجي سر اڪلائڻ جو پڪو پهہ ڪيو ۽ پنهنجي پٽن کي سرحدي علاقن ڏانهن روانو ڪري ڇڏيائين.

نواب خان خانان جو سيوهڻ پهچڻ ۽ لکيءَ جي ٽڪرين جا عجائب

خان خانان جڏهن بکر ڇڏي سيوهڻ پهتو تہ سندس خيال هو تہ پهريائين هيءَ قلعو فتح ڪري پوءِ اڳتي وڌجي. گهڻي سوچ ويچار کان پوءِ هن ڳالهہ تي پهتو تہ ٺٽي جي حڪمران پر راڄڌاني کي هٿ ڪرڻ کان سواءِ بہ ٻي ڪچا پڪا هٿ ڪرڻ کا وڏي ڳالهہ ڪانہ آهي. بنيادي شيءِ پاڻ هوندي آهي. ٽاريون ڪوٹ هوندیون آهن. پوءِ نواب سيوهڻ جي قلعي فتح ڪرڻ جيترو ٿورو لشڪر ۽ غوراب ڇڏي باقي ٻي فوج ساڻ ڪري انهيءَ رٽ کي عملي جامو پارائڻ لاءِ اڳتي وڌيو. جڏهن هو لکيءَ جي ٽڪرين پرسان پهتو جن کي هتان جا ڏاها ماڻهو هن ملڪ جي سياسي سگهہ جي ڪنجي سمجهندا آهن. تہ ڪيس عجيب ڏيک نظر آيو. سنڌوءَ جي ڪنار کان وٹي لهندڙ سج تي هڪ اوچو جبل هو. جنهن مان وار جهڙو سنهڙو رستو نظر اچي رهيو هو. انهيءَ مٿان ايندڙ ويندڙ ماڻهو ماکوڙن جي قطار جيان ڏسجي رهيا هئا. اهو گهٽ جيڪڏهن ڏهہ ماڻهو جهلي بيهن ۽ رڳو حملہ آور کي پٽر هڻندا رهن تہ دنيا جي ڪهڙي بہ طاقتور فوج اتان گذري ڪانہ سگهندي. انهيءَ اتاهين جبل جي پرسان ڪيترين

ٻين ٻ ننڍڙين وڏين ٽڪرين آهن. جن تي بلوچ،نومڑيا. جوڪيا ۽ جت رهندا آهن. جيڪي يڪو ويندي ڪيچ ۽ مڪران تائين پکڙيل نظر ايندا. سنڌو، جي اپرندي وارن علائقن ۾ مواس ۽ سميجا رهندا آهن. جيڪي وري امر ڪوٽ Amr kot قلعي تائين آباد نظر ايندا ۽ هي اهڙا مٽي ڪڙي ماڻهو آهن. جو پنهنجن حڪمرانن جي اطاعت ڪرڻ ڪندا آهن. انهي ٻنهي طرفن ڏانهن فوج روانو ڪرڻ عملي طور ناممڪن آهي. نواب ملڪي معلومات حاصل ڪرڻ کان پوءِ منجهي پيو. هن سوچيو ته جيڪڏهن هن گهٽ ۾ ويهي دشمن طرفان لڪي ڇپي حملا ڪيا وياتہ هو اڳتي وڌي ڪونہ سگهندو ۽ هي اهڙي اهم جڳهہ آهي. جو هن کي ساري ملڪ جي ڪنجي سمجهيو ويندو آهي. انهي ڳالهين کي نظر ۾ رکي اتي هڪ ننڍڙو قلعو تعمير ڪرڻ جو حڪم ڏنائين. پر پوءِ کيس معلوم ٿيو ته هن اهم جاءِ تي دشمن جو هڪ سپاهي ٻ موجود ڪونہ آهي. اهو ڏسي خان خانان کي ڏاڍي خوشي ٿي ۽ دل ۾ چوڻ لڳو ته روءِ زمين جي بادشاهہ جو ستارو بلند آهي. هتان جا ماڻهو جيڪڏهن اهڙا غافل ۽ عقل جا ويري آهن ته هي ، ملڪ ڪنهن ٻ صورت ۾ سندن هٿن مان نڪري ويندو. جڏهن هيءَ ڳالهہ مرزا جاني بيگ جي ڪنين پئي ته هن محسوس ڪيو ته واقعي هيءَ هن جي ۽ سندس مشيرن جي وڏي غلطي هئي ۽ پنهنجي زبان سان ٻ چئي ڏنائين ته هڪ جنگي مهندار جي لحاظ سان واقعي وڏي غلطي آهي. ٿوري وقت کان پوءِ خان خانان بنا ڪنهن روڪ رنڊڪ جي لڳاتار منزلون ۽ پيش قدمي ڪندو مرزا جاني بيگ جي سامهون وڃي فوجي واندڻ هٽي مورچابندي ڪئي. صبح کان وٺي شام

تائين ٻنهي ڌرين جا ڪونڊ ۽ ڪوپا جوان اچي پاڻ ۾ جهيڙيندا هئا. ڪيترن جا ڪلها ڪوربا ۽ ڪنڊ ڪرندا هئا. ٻئي ڏينهن وري به ڪميت ڪڏائي اچي پٽ تي ڳاهڻ ٽيندا هئا. نه هن پاسي ڪمي هئي نه هن پاسي گهٽتائي هئي. پر شهنشاهه جو ستارو بلند ۽ خان خانان جو بخت بالا هو. جو هن لشڪر کي ورهائي مختلف طرفن ڏانهن پنهنجون فوجون روانيون ڪيون. ان سان گڏ هو مرزا جاني بيگ سان به جهيڙيندو رهيو ۽ سيوهڻ جي قلعي تي ڪڙو قائم رهيو. شاهه بيگ خان کي حڪم ڪيو هئائين ته وڃي شاهه ڳڙهه قلعي تي ڪڙو چاڙهي جتي. مرزا جاني بيگ طرفان ابوالقاسم مقرر هو. ٻئي فوجي مهندار کي حڪم ڪيائين ته جاگير واري علاقي ۾ نيرون ڪوٽ تي حملو ڪيو وڃي. اهڙيءَ ريت ٻئي جي علاقي جي هر پاسي ڏانهن حملي واسطي فوج ۽ مهندار مقرر ڪيا ويا. پر اهي ايڏا اوڏانهن روانا ڪونه ٿيا هئا. مرزا جاني پنهنجي فوجين کي چيو ته جيڪو به دشمن جو سر وڍي سندس روبرو پيش ڪندو ته کيس پنج سو ڪبر انعام ڏنو ويندو. هر هڪ ڪبر ۾ هارنهن ميريون هونديون هيون. جنهن کي مرزا جاني بيگ جي زماني ۾ پوستني به سڏيو ويندو هو. جيڪي هڪ ٽڪي ۾ هاهتر هونديون هيون. سنڌ جا ماڻهو جاني بيگ واسطي سر ترين تي رکيون ويٺا هئا. تن جڏهن هيءَ اعلان ٻڌو ته ڏاڍا خوش ٿيا. پوءِ ته ڏارين جا هزارين سر مرزا جاني بيگ جي دربار ۾ پيش ٿيڻ لڳا. ڪيترا وري دشمن جي سر لٽڻ مهل پنهنجو سر به وڃائي ويهندا هئا. ڏارئي دشمن خلاف اهي قهري ڪارروايون ڪيترن ئيمهينن تائين هليون. گريو نالي هڪ هندو هو. جيڪو

سنڌ جي خزاني جو نگران هو. هن ليکو چوکو ڪري سنڌ جي خزاني جو اندازو لڳايو ۽ ٻين ملڪي ضرورتن کي ٻ آڏو رکيو. اهڙيءَ ريت دشمن جي سر جي قيمت پنج سو ڪبر مان گهٽائي فقط پنجاه ڪبر رکي وئي. هن ٽوري قيمت جي عيوض ٻ ماڻهو دشمن جا سوين سر آڻڻ ۽ انعام ونڊ لڳا ۽ سر ايترا گهٽا اچڻ لڳا. جو سنڌ جو خزانو خالي ٿي ويو. پوءِ ڏينهون ڏينهن ملڪ ۽ ماڻهن جي حالت خراب ٿيندي وئي. مرزا جاني جهيڙو اينگهائيندو رهيو. چوڌاري جوانن جا جٿا موڪلي دشمن جون وايون بتال ڪرڻ لڳو. هڪ ڏينهن ڪيس خبر پئي ته خان خانان ڏانهن دهليءَ کان شاهي خزانو پهچي رهيو آهي ته هن سنڌي جنگي جوانن جو فوجي جٿو تيار ڪيو. جنهن ۾ ڪجهه مغل ٻ شامل ڪري شاهه قاسم ارغون جي مهنداريءَ هيٺ وڃي شاهي فوج جي واندڙ تي حملو ڪيو. رات جو وڳڙو هو. شاهه قاسم ٽورن ماڻهن کي واندڙ جي پئٽين پاسي وڃي حملي ڪرڻ جو حڪم ڏنو جن وڏو هل هنگامو ڪري مٿن اوچتي جلهه ڪئي. واندڙ واري فوج وائڙي ٿي. ساڻن جوابي ڪارروائي ته ڪئي ٻئي پاسي شاهه قاسم پنهنجي وڏي فوجي اٽالي سان مناسب موقعي جي تاڙ ۾ لڪو ويٺو هو. سو وجهه وئي اچي واندڙ تي ڪڙڪيو ۽ دهليءَ جو شاهي خزانو ڦري دشمن فوج جي لاشن جا ڍير لائي ڇڏيائين. ٻئي طرف کان خسرو خان چرکس جي درياهي فوج ٻ رٽ موجب مٿن سخت گولاباري ڪئي. جاڻايل رٽ رٽي وئي ته فوج جو هڪ حصو درياهه رستي. ٻيو حصو خشڪيءَ رستي ڏارئي دشمن تي حملو ڪندو. ان لاءِ نواب خان خانان ٻ جوڳو بندوبست ڪيو هو. افسوس

جي ڳالهه آهي ته سنڌ جي فوج ۾ ويچا پئجي ويا هئا. ڪن فوجي مهندارن جي مرضي هئي ته خسرو خان چرڪس پنهنجي حملي ۾ شڪست کائي تنهن ڪري سندن هٿ هيٺ رهندڙ خشڪي واري فوج واٽ تي بيهي رهي ۽ مقرر وقت کان گهڻو دير سان پهتي. دشمن فوج جا جنگي غوراب مٿي وڃي درياهه جي ٻنهي ڪنڊين سان بيهي ويا. جڏهن خسرو خان جنگي ڪارروائي شروع ڪئي ته مٿس ٻنهي طرفن کان آتش بازي ۽ گولہ بازي شروع ٿي وئي. باهه ايتري پکڙجي وئي جو درياهه هرندڙ جبل جو مادو محسوس ٿيڻ لڳو ۽ آسمان دونهين جي ڪارن ڪڪرن سان ڍڪجي ويو. سج بارود جي دونهين سبب نظر ئي ڪونہ ٿي آيو. سمجهه ۾ ائين رهيو آيو ته جڻ سج گرهڻ ۾ ونڃي ويو هو. اوندهه ايتري هئي جو اک نہ ڏسي ڪوڏي ڪي ۽ ساهه ۾ گهٽجڻ لڳو هو. اهڙي ڏنڌ ۾ ٻيڙين جي ترتيب ۾ ڏانواڏول ٿي وئي. ناتاريون Grapnels ۽ ڪنڌيا جيڪي دشمنن جي ٻيڙين کي ڏورڻ جي مقصد سان ٺهرايا ويا هئا، سي پنهنجين ٻيڙين کي قطارڙ واسطي ڪم اچڻ لڳا. جهيڙو ۽ ايڏي خطرناڪ صورت اختيار ڪري ويو هو جو مئل ماڻهن جو ڪو انت ڇيهه ئي ڪونہ هو ۽ درياهه جو پاڻي ۾ رت سان ريٽو ٿي ويو هو. ڪناري واري فوج جي مدد سان خان خانان سوپ حاصل ڪئي ۽ مرزا جاني، جي فوج اتان نڪري هلي وئي. ٻين سان گڏ خسرو خان چرڪس ۽ سندس غوراب جهلجي پيو هو. چرڪس سان گڏ هڪ فرنگي واپاري هو جيڪو هر سال هرمز کان ڪٿي تائين تجارتي مال پيو نيندو آڻيندو هو. تنهن همت ڪري پنهنجو غوراب دشمن ٻيڙين جي وچ ۾ هٽي چرڪس کي ڇڏائي هليو

ويو پر پوءِ دشمن کين ورائي ويو ۽ اهڙي جدوجهد ۾ ٻئي ڇڙا پنهنجيون زندگيون وڃائي ويٺا. جڏهن ٻنهي ڏرين کي رت مان ڏٺو ٿيو ته پنهنجن تنبن ڏانهن وري ويون ۽ پنهنجن قٽن کي چيڙڻ لڳيون. هڪ ڏر اتان پڄڻ جو ارادو ڪيو. جهيڙي ۾ سوين سدائين سورهين جي ٿيندي آهي (39)

بيگلار نامہ

ڪتاب جي لکندڙ هي تصنيف امير شاهہ قاسم پٽ مير سيد قاسم بيگلار نالي منسوب ڪئي آهي. جنهن مصنف کي هن تاليف لکڻ لاءِ اياريو ۽ همٿايو هو. اسان کي مولف جي ڪابہ خبر ڪانہ آهي. ايتري قدر جو سندس نالي جي بہ سڌ ڪانہ پئجي سگهي آهي. اسان فقط سندس سرپرست بابت چيل ٻول ٻڌائي سگهون ٿا. باقي سندس انداز گفتگو مان سو سمجهي سگهجي ٿو تہ هو سندس ملازم هو. بيگلار. مولف جي سرپرست جي ذات آهي. تنهن ڪري هن کي ايران ترڪيءَ جي بيگلر بيگ سان منجهائڻ نہ ڪپي. جن کي علائقن

جا گورنر چيو ويندو هو. (۱) بيگلار گهراٽي جون ڪجهه پيڙهيون ترمذ ۾ رهيون. پوءِ اتان اڪائي اچي سمر قند ۾ لڏا لاٽائون. موقعي جي مناسبت سان پوءِ اتان لڏي اچي سنڌ ۾ واسو ڪيائون. سندن دعويٰ آهي تہ هو رسول الله صلي الله عليہ وسلم جي سوٽ ۽ نائي حضرت علي رضہ جي اولاد مان آهن. سندن اهڙو شجرو بيگلار نامي ۽ تحفتہ الڪرام ۾ ڏنو ويو آهي. سندن ارغونن سان سڌو واسطو انهيءَ ڪري آهي. جو سندن ڪو ابو ڏاڏو اچي خط Khita واري علائقي ۾ آباد ٿيو هو. جنهن جي پونيرن ترڪن سان لڳ لاڳاپا پيدا ڪري ورتا هئا. ساٽن اهڙي گهاٽي لاڳاپي ڪري کين اڪثر ڪري ارغون سمجهيو ويو آهي ۽ تاريخ طاهري جي ص263 ۽ 287 تي بہ هن مولف جي سرپرست کي بہ ارغون لکيو ويو آهي.

امير شاهہ قاسم مرزا شاهہ حسن ارغون جي زماني ۾ سمرقند کان سنڌ آيو هو ۽ سندس وڏو آڏر پاءُ ڪيو ويو هو. هن عمر ڪوٽ جي راجا ويرسيءَ جي پاٽيجيءَ سان شادي ڪئي هئي. جيڪا هڪ پٽيءَ راڻي جي ڌيءَ هئي. شاهہ قاسم جاٽايل مائي مان جائو هو. تنهن ڪري ڇڻي سگهجي ٿو تہ اڌ پٽي هو. ننڍو ٿي وڏو بہ ان نيات ۾ ٿيو هو. هن ڪتاب ۾ ڪيس خان زمان جي لقب سان سڏيو ويو آهي. هو ملڪي معاملن ۾ تمام گهڻي دلچسپي وٺندو هو. مولف ساٽس لاڳاپيل ننڍڙين ڳالهين بہ اينگهائي ڪتاب ۾ لکي ڇڏيون آهن. جنهن ۾ هيءَ ۽ سندس پٽ ملڪي سازشن، سرحدي ڇڪتاڻ ۽ چوپائي مال جي ڏاڻن، ڦرين ۾ ملوث رهيا آهن. هن ننڍڙي تاريخ ۾ مصنف ڳوٺن، درياهي وهڪرن، قلعن جو وستار سان بيان ڪيو

آهي. جيڪي اڄ اهميت کان خالي ڪونہ آهن. هن کان علاوہ ڄاڻايل ڪتاب ۾ مقامي جهگڙن ۽ سگهن جي ڏي وٺ مان ٻ بيگلار نامي ناتي. چگي ڄاڻ ملي وڃي ٿي. (2) سندس اٺڻ ويهڻ مان پتو پوي ٿو تہ هو عوامي ماڻهو ڪونہ هو. هن شاهہ حسن ارغون جي زماني ۾ پنهنجو نالو ڪڍيو. تنهن کان پوءِ هي مرزا عيسيٰ ترخان. جان بابا. مرزا محمد باقي ۽ مرزا جاني بيگ اڪبر جي درٻار ۾ وڃي پيش پيو هو تہ خان زمان ٻ ساڻس گڏ هو ۽ شهنشاهہ اڪبر هن سان وڏيون مهربانيون ڪيون هيون. هي مرزا غازي بيگ جو سنڌ ۾ نائب ٻ رهيو. وڏي عمر ۾ ڪيس پٽ پوڻا ۽ گهٽو ايڙڪيو هو. سندس پٽ ابوالقاسم ٻ ميدان جو مڙس ۽ قلم جو ڌڻي هو. هن وقت جي حڪمرانن خلاف بغاوت ٻ ڪئي هئي. پر سندس پيءُ جي وچ ۾ پوڻ تي ڪيس معافي ملي هئي. پر ان پوَ کان متان هو اڳتي هلي وري بغاوت ڪري. ڪيس انڊو ڪيو ويو هو.

اهو نٽو چئي سگهجي تہ هيءُ ڪتاب ڪڏهن لکجي پورو ٿيو هو. پر هڪ اندازي مطابق 1017هـ کان 1036 هـ تائين ويهن سالن ۾ لکجي مڪمل ڪيو ويو هو. ڇاڪاڻ تہ هن نڪتي ۾ متضاد ڳالهيون نظر اچن ٿيون. هن ڪتاب جي صفحي 256 ۾ مصنف جو پنهنجي سرپرست لاءِ بيان هن ريت آهي تہ: "هن وقت سن 1017هـ ۾ سندس چمار ستر ورهيہ آهي. سندس هن بيان مان اسان کي ڪوبہ شڪ شبهو ڪونہ آهي. ڇاڪاڻ تہ هي صفحي 36 ۾ ٻڌائي ٿو تہ سندس سرپرست سن 947 ۾ جائو هو ۽ اهو سن انگن ۽ اکرن ٻنهي ۾ لکيو ويو آهي. صفحي 27 تي مرزا غازي بيگ جي وفات 1021هـ ۾

ڏيکاري وئي آهي. ان ۾ ب ڪنهن شڪ شبهي جي گنجائش ڪانه آهي. ڇو جو ان جي پٽيرائي تحفتہ الڪرام ص72 ۾ ڏنل هڪ قطعہ تاريخ مان ب ٽئي ٽي ڪتاب جي صفحي 260 ۽ 261 تي هن جي پٽن پوٽن جو بيان نظر ايندو. جتي سن 1032هـ ۽ 1033هـ انگن ۽ اکرن ۾ لکيل نظر اچي ٿو. هن حقيقت مان سولائي سان پتو لڳائي سگهجي ٿو تہ هي ڪتاب مٿي ڄاڻايل سن کان ٽي سال پوءِ لکجي پورو ٿيو هوندو. ڇاڪاڻ تہ ٻڌايو وڃي ٿو تہ ان وقت شهنشاهہ جهانگير دهليءَ جي تخت تي براجمان هو. جيڪڏهن هنن سيني ڳالهين تي سوچبو ويچاربو تہ پتو پوندو تہ هن ڪتاب جو جڏو سڏو خاڪو 1017هـ ۾ تيار ڪيو ويو هوندو. ان کان پوءِ نظرثاني ڪري 1035هـ ۾ لکي پورو ڪيو ويو هوندو ۽ ڄاڻايل تاريخون بعد ۾ داخل ڪيل ٿيون پائنجن. ڪتاب جي صفحي 41 تي اڪنون يا "هاڻي" جو لفظ نظر ايندو. جيڪو واقعي سان تعلق رکي ٿو ۽ مصنف ب واقعي جي تعلق سان بيان ڪري رهيو آهي. پر ان وقت سان لاڳاپو ڪونہ ٿو رکي. جنهن ۾ مصنف ڪتاب لکي رهيو آهي. مختصر تہ هن جو مقصد "انهيءَ وقت" آهي نہ ڪہ "موجوده وقت" تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو تہ سن 1017هـ جو ان دور سان واسطو آهي. جڏهن خان زمان وڏي ايڏ ڪيڏ وارو ٿي چڪو هو ۽ سيد ڪڙهہ قلعي جي اوسي پاسي واري جوءِ اچي ويٺو هو. جنهنن قلعي جي تعمير هن سن 1011هـ ۾ پورڻ ڪئي هئي. اهڙي ريت هڪ امڪاني اندازي موجب پئي سگهجي ٿو تہ مولف هيءَ تصنيف سن 1035 يا 1036هـ يا 1625ع ڌاري لکي پوري ڪئي هوندي. پر پوءِ ب پڪ

کانڌ ٽي ٽئي تہ اهو ڪهڙي سال لکجي پورو ٿيو هو. پر اهڙي ڳالهہ جي تحقيق ڪرڻ بہ هروپرو ضروري ڪانہ آهي.

مهاڳ کان پوءِ بيگلار نامي جا ٻاويهہ صفحا، عربن جي حملي ۽ سنڌ جي اڳئين دور جي تاريخ تي مشتمل آهن. ان کان پوءِ اسان کي ارغون گهراٽي جو نهايت مختصر ذڪر نظر ايندو. بعد ۾ امير قاسم جي حياتي قلمبند ڪيل آهي، جيڪو ارڙهن صفحن تي پکڙيل ڏسبو. پوءِ ترخان گهراٽي جو تفصيلي ذڪر آهي، جنهن ۾ خان زمان جي هنيل ڏاڙن بابت احوال ڏنل آهي. معلوم ائين ٿيندو تہ سندس مڪيہ ڏنڊو ڏاڙا هٽڻ ڦرون ڪرڻ هو.

هن ڪتاب جا اتارا سنڌ کان سواءِ هندستان جي ڪنهن ٻئي صوبي ۾ ڪونہ ملندا. جتي منهنجي ڄاڻ موجب سندس ٽي نقل آهن. هڪ امپيريل لئبريري پئرس ۾ موجود آهي (3) ۽ سندس نمبر 17 آهي. سائيز 9x12 انچ. صفحا 275 ۽ هر هڪ صفحي تي سترهن سٽون آهن.

اقتباس

"سنڌ" حام جو پٽ ۽ نوح جو پوٽو هو. هيءُ ملڪ انهيءُ سنڌ ۽ سندس اولاد جي قبضي ۾ هو. تنهن ڪري هن ملڪ تي نالو سنڌ پئجي ويو. هن قوم جو احوال نہ ڪنهن تاريخ ۾ بيان ٿيل آهي ۽ نہ وري هن ڌرتيءَ بابت ڪي معتبر روايتون موجود آهن. تنهن ڪري هن قوم جي بيان کي ڇڏي جيڪي احوال ماڻهن واتون ٻڌا ويا آهن، سي هتي بيان ڪجن ٿا. ڪنهن آڳاٽي سمي هن ملڪ (سنڌ) تي

بين. تاڪ ۽ نئبوميہ نالي قومن جو قبضو هو. اها پوري جاڻ ڪانہ ملي آهي تہ هنن قومن مان ڪنهن سنڌ تي ڪيترو وقت راج ڪيو.

انهن قومن کان پوءِ راءِ سهاسيءَ جو سنڌ تي راج هو. سندس راجڌاني الور (4) هئي ۽ اهو قلبند شهر هو. ساري هند ۾ سنڌ سندس حڪمرانيءَ هيٺ هئي. هن جي وفات کان پوءِ چچ برهمڻ سنڌ ۾ هند جو حڪمران بڻيو. هن جي راجڌاني برهمڻ آباد هئي. سندس حڪمراني ڪشمير جي حدن تائين پکڙيل هئي. هن کان پوءِ سندس پٽ ڏاهر راجگديءَ تي ويٺو. هن جي دور ۾ محمد بن قاسم جي سپهہ سالاري هيٺ اسلامي لشڪر ڪاهي آيو ۽ ڪيترين جنگين کان پوءِ راءِ ڏاهر کي قتل ڪيو ويو.

ميرقاسم بيگلار جي راڻي ڪنبہ جي ڏيءُ سان شادي ٿيڻ

معلوم ٿئي ٿو تہ جنهن زماني ۾ ميرقاسم بيگلار عمرڪوٽ (5) جو گورنر هو تہ هن راڻي ڪنبہ ويرسيءَ (6) کي پنهنجو نائب مقرر ڪيو هو. انهيءَ زماني ۾ هن راڻي ۽ نيلم (7) قلعي جي راڻوڙن وچ ۾ پراڻي دشمني هئي ۽ ٻئي هڪ ٻئي جا رت پياڪ ويري هئا. هن راڻي ڪيس نيلم جي راڻوڙن تي ڪاهڻ جي گذارش ڪئي هئي. انهيءَ مقصد سان تہ جيئن ڪائنہ پراڻا پاند چڪائي سگهي. ميرقاسم سندس عرض مجيو ۽ سوڍن (8) جو هڪ وڏو لشڪر تيار ڪري روانو ٿيو. جڏهن اها سنڌ ويڑهاڪ راڻوڙن کي پٽي تہ اهي پنهنجن ڪوندن کي قطاري اچي ميدان تي پهتا. راڻي ڪنبہ ويرسي. امير

قاسم کي ٻڌايو تہ سوڍن ۽ راڻوڙن جي پراڻي آڏاھا آھي تہ ھو گھوڙن تان لھي پيادل جھيڙو جوڙيندا آھن. (9) مير سندس اھا ڳالھ مڃي ۽ سوڍن کي گھوڙن تان لھڻ جو حڪم ڏنائين ۽ کين پيادل ٿي دشمن سان مقابلي ڪرڻ جو چيائين. پوءِ امير قاسم پنھنجي ڪمان سان تيرن جا وسڪارا لائي ڏنا ۽ دشمن کي اھڙو تہ زور سان پئي لڳا جو سندن زرھن مان پار ٿي اڌ ماري ٿي ڇڏيائون. جڏھن دشمن فوج جا ويھ چونڊ جوان مارجي ويا تہ ھنن وٽي ڏيھڙ ڏنو. سوڍن ٻہ سمجھيو تہ مير قاسم بھادر ۽ سگھارو مڙس آھي. سندس دل کولي تعريفون ڪرڻ لڳا ۽ کيس سڳ ڏيڻ جو پکو پھ ڪيائون. خدا جي مھرباني ۽ سان ھن سندن اھڙي گذارش قبول ڪئي ۽ راڻي ڪنبہ ويرسيءَ جي پاٽيجيءَ "راجيہ" سان شادي ڪئي. (10) ھن چوڪريءَ جو پيءُ پٽي ۽ جيسلمير قلعي جو مھندار ۽ راوت ھو.

خان زمان جو جيسلمير وڃڻ ۽ اتان خير سان موٽڻ

خان زمان جان بابا جي چوڻ تي پنھنجا فرمانبردار ۽ تابعدار ماڻھو وٽي جيسلمير ڏانھن روانو ٿيو. ھن قلعي جي ٻاھران ھڪ ڍنڍ جي ڪناري (11) تي منزل ڪئي. اتان راجا ڏر راج ڏانھن نياپو موڪليائين تہ "مرزا جان بابا اوھان ڏانھن سروپا ۽ سوڪڙيون پاڪڙيون موڪليون آھن. جي آءٔ ڪٽي ھتي پھتو آھيان ھاڻي جيڪو حڪم ھجي." راجا چوائي موڪليس تہ "توھان اتي ترسو. آءٔ ڪنھن سدوريءَ گھڙيءَ پاڻ اوھان ڏانھن ايندس ۽ سروپا ۽ سوڪڙيون

ولندس."

انهن ڏينهن ۾ جيسلمير واري جوءِ ۾ پاٽيءَ جي ڏاڍي اٽاٽ هئي. ڏنڊون ڏورا تليون ترايون سڀ سڪي ويون هيون. جنهن رات خان زمان ڏنڊ جي ڪناري اچي منزل ڪئي هئي. تنهن رات ايڏو تہ وڏڦڙي جو وسڪارو ٿيو. جو تليون ترايون ڏنڊون ڏورا پاٽيءَ سان تار ٿي ويا. ٿورن ڏينهن ۾ چوڏس گاهن جون گلزاريون ٿي ويون. صبح جو راجا وڃي خان زمان سان مليو ۽ ڪيس چيائين تہ "اوهان ڏاڍا سياڻا آهيو. جو توهان جي اچڻ سان هتي مهر پريا مينهن وسي پيا آهن ۽ نراسائي مان جڙ آس ڦٽي پئي آهي." ٿوري پليڪار کان پوءِ راجا خان زمان کي قلعي ۾ وٺي آيو. اتي ڪيس تمام گهڻي عزت ۽ تعظيم ڏني وئي. ڪيس نهايت معزز مهمان سمجهي سندس احترام ڪيو ويو. خان زمان به ساندهه پنجاهه ڏينهن اتي رهيو پيو هو. ان کان پوءِ راجا کان موڪلائي اتان روانو ٿيو ۽ نصرپور ڏانهن رخ ڪيائين. جڏهن ساڳري ڏنڊ جي ڪپ تي پهتو تہ اتي خبر ٻڌائين تہ حبش خان علاوالدين خان ۽ ميان ننئي جٽا درياهه جو ايرندو ڪنارو ڏئي ڏانهن ويڄي رهيا آهن. هن کان علاوه اها به سڌ پيس تہ جان بابا کي مرزا محمد باقيءَ مارائي ڇڏيو آهي. خان زمان اهي خبرون ٻڌي آس پاس وارا ڳوٺ ۽ شهر ڦريندو لٽيندو ماٺهن جا جهڳا جهڙ ڪندو اچي نصرپور پهتو. ڪيس پٽسن جي ڏاڍي ضرورت هئي. نصرپور جي ماٺهن کان پٽسن جي گهر ڪيائين پر ڪيس ڪٿان به پائي ڪانہ ملي. پوءِ پنهنجن سنگتين سان صلاح مشورا ڪري ترنگچي جي اوسي پاسي واري جوءِ جي ماٺهن تي ڦرلٽ لاءِ ڪاهي ويو.

خان زمان جو ترنگچي واري جوءِ جي قرلٽ لاءِ روانو ٿيڻ

جڏهن سيد خان زمان نصرپور مان ترنگچي روانو ٿيو تہ غازي دودي انڑ کي خبر پئي تہ خان زمان ٿورن ڏاڙيلن سان گڏ نصرپور مان نڪري ڪيڏانهن وڃي رهيو آهي تہ هي بہ پنهنجن گهوڙن تي سوار ٿي ان سان گڏ وڃڻ لاءِ روانا ٿيا. علاوالدين انڑ ۽ ميان خان انڑ کي جڏهن سڌ پئي تہ سندن پٽ خان زمان سان گڏجي قرلٽ جي مقصد سان ڪيڏانهن وڃي رهيا آهن تہ کين موٽائڻ لاءِ پاڻ بہ گهوڙن تي چڙهي هليا. خان زمان ساڳو واهہ اکري هن پر ٿيو تہ هيڏانهن غازي دودو انڑ اڃي هن پر رسيا. پوئتي ڏٺائون تہ سندن پيءُ گهوڙن کي هنيون ٽا اچن ۽ سمجهيائون تہ اهي ضرور اسان کي پوئتي موٽائي ونڊي ويندا. تنهن ڪري پنهنجا گهوڙا ڪٽي درياهہ ۾ هنيائون. هنن سمجهيو تہ جيڪڏهن هن وقت هو خان زمان سان هن ڏاڙي ۾ پٽ ۽ جهٽ نہ ٽيندا تہ کين ڪيل اڳين ڦرن لٽن واري پتي ڪانہ ملندي. شام جو خان زمان پنهنجي گهوڙن کي پاڻي پياريو ۽ راهو مڙ ٽالي ڳوٺ کان نڪري اڳتي روانو ٿيو. ان وقت هن بهادر شينهن سان فقط هارهن گهوڙيسوار ڏاڙيل ساڻ هٿا. ساري رات هڪ جهنگل منجهان سفر ڪندا رهيا. رات پلوَ ڪنيا تہ هو بہ اڃي ترنگچي ڳوٺ پهتا ۽ ڏٺائون تہ اتي ڳوٺ وارن جا اٺ چري رهيا آهن ۽ انهن کي ڪاهي وڃڻ جو پڪو پهہ ڪيائين. پر هن ائين ڪرڻ کان اڳ گهوڙن کي پاڻي پيارڻ ضروري سمجهيو. انهيءَ ارادي سان ڳوٺ ڏانهن وڌڻ لڳو تہ گس ۾ ڪيس پنج سو گهوڙن جا پير لڳا. جيڪي اتان تازو مٽي ويا

هئا. ڪيس اچي ابڪو لڳو ته هو پنهنجن ٽورن ماڻهن سان هيترن گهٽن جو مقابلو ڪيئن ڪري سگهندو. هو ٽورو اڳتي وڌيو. ڏٺائين ته ڪي ماڻهو ائن تي چڙهيو ڪيڏانهن وڃي رهيا هئا. جن کان پڇيائين. "ته گس تي ڪنهن جي فوج گذري آهي؟" انهن وراڻيو ته. "مرزا باقي ۽ جان بابا وچ ۾ جهيڙو لڳي ويو آهي ۽ مرزا باقي. سيدن کي واهر ڪرڻ لاءِ ٻاڌايو آهي. وٺسا ٽيات جا پنج سو جوان اوڏاهين نڪري ويا آهن. خان زمان جا ماڻهو اها ڳالهه ٻڌي ڀڄي ويا ۽ پاڻي پيارڻ کان سواءِ گهوڙا موڙائي آيا. پر جهنگ ۾ چرندڙ اٺ هنيون ويا. گهٽا اٺ ته تکيءَ رفتار سان هلڻ ڪري رستي ۾ ئي مري ويا. ٻئي ڏينهن شام اهي موڙي اچي راهومڙ (12) (راهوند) پهتا. وهڻ کي پاڻي پياريائون. رات اچي پرياري نالي هڪ ڪوٽ ۾ ٽڪيا. صبح جو اتان هلي سيناره نالي هڪ وسنديءَ پهتا. جتي انڙن جي ٽيات رهندي هئي. هتي ڪجهه وسرام ڪري ڏاڙي ۾ هنيل اٺ پتيون ڪري ڪنيائون. انهن مان هڪ اٺ جئش (حيش) خان هڪ برلاس خان. هڪ علاوالدين ۽ هڪ ميان سيدي کي ڏهيو.

خان زمان جون ڪارگذاريون

خان زمان پنهنجو صدر مقام نصرپور کي بنايو هو ۽ ماڻهن سان نهايت ٻاجهارو سلوڪ ڪندو هو.

خان زمان ۽ پٽي راڻن جي وچ ۾ مٽيءَ وارو لاڳاپو قائم هو. هن هر قسم جي قيمتي شين سان گهوڙا پرائي سوڍن راڻن. پٽي ٽيات جي راجوڙن. راوتن. راڻوڙن ۽ جاڙيجن جامن ڏانهن روانا ڪيا هئا. ساڳيءَ

ريت هن عمرڪوٽ، جيسلمير، بيڪانير، نروهي، مهوَ (ميواڙ)، ڪوٽار، ٻاهڙ مير، نيلم، بڪار، ڪچ، ناڪتي، رامدين پر، چندار ڏانهن قيمتي سوڪڙيون پاڪڙيون موڪليون هيون. ڪائن ڪنهن به خدمت جو مطالبو ڪونہ ڪيو ويو هو. انهيءَ ڪري اتان جا حڪمران سندس وفادار ۽ تابعدار ٿي پيا هئا ۽ پاڻ کي سندس گهٽو ٿورائتو سمجهندا هئا ۽ چوندا هئا تہ "اسان شاهہ جا نهايت شڪرگذار آهيون. اسان جون دليون چون ٿيون تہ سندس سدائين خدمت ڪندا رهون. اسان کي هن جي سخاوت جڻ تہ خريد ڪري چڏيو آهي ۽ جيڪوبہ حڪم ڪندو اکين سان بجا آڻينداسون." اهڙين ڳالهين ڪري سندس حڪمن مڃڻ لاءِ سدائين تيار هوندا آهن. جيڪڏهن ڪين ڪو ڪم سونپيو ٿي ويو تہ ڏاڍيءَ نمڪ حلاليءَ سان پورو ٿي ڪيائون ۽ جڏهن بہ ڪين نياپو سنيهو موڪليو ٿي ويو تہ پهچڻ ۾ دير ڪانہ ٿي ڪيائون. پٽ ۽ چارڻ بہ هنن ماڻهن جي خدمتن سان لاڳاپيل هوندا هئا. اهي بہ جڏهن وٽس ايندا هئا تہ ڪين ڌرن دانن سان نوازيو ويندو هو. هيوند نالي سان ڪ ماڻهو پٽين جو پٽ هوندو هو تنهن کي بہ هن گهوڙا ۽ ٻيو انعام ڏنو. هو سوا ڪروڙ پٽين جو چارڻ هو. مختصر تہ هن پنهنجي ڪليل دل ۽ سخاوت ڪري هر وڏي ۽ ننڍي ماڻهوءَ جون دليون جيتي ورتيون هين ۽ سندس وفادار ۽ تابعدار ٻڌجي پيا هئا. خان زمان پنهنجي زماني جو حاتم ثاني آهي، جنهن جو نالو نہ رڳو هر عام ۽ خاص ماڻهن جي زبان تي آهي، پر ساري دنيا ۾ بہ مشهور ٿي ويو آهي.

عمرڪوٽ جي قرلٽ وارو واقعو

عمرڪوٽ جي نوابي سنڌ جي حڪمران جي هٿ هيٺ هئي. هو جنهن کي به چاهيندو هو اتان جو نواب مقرر ڪندو هو. جنهن زماني ۾ خان خانان سنڌ ۾ آيو تہ ان زماني ۾ عمرڪوٽ جي گورنري راڻي ميگهراج جي حوالي هئي. خان خانان جي مرضي هئي تہ هو راڻن جي گهراڻي مان شادي ڪري. راڻي ميگهہ راج وٽ اهڙي لائق نياڻي ڪانہ هئي. جو خان خانان جي شاديءَ جي لائق هجي. تنهن ڪري هن پنهنجي پاءُ مانسنگهہ جي چوڪري ڪيس ڏني. راڻي ميگهہ راج جي وفات کان پوءِ مرزا جاني بيگ ان علائقي جي گورنري سندس پٽ ڪشنداس کي ڏني. عمر ڪوٽ جي هن نئين حڪمران ۽ مان سنگهہ جي وچ ۾ ويچا پئجي ويا. تنهن ڪري ڪيس قلعي مان باهر ڪيو ويو. هن راڻي جي چوڪري خان خانان کي ڏنل هئي. ان مٽيءَ جي آسري تي هن پنهنجو پٽ ڏانهن دانهين روانو ڪيو. تنهن زماني ۾ نواب خان خانان ۽ مرزا جاني بيگ شهنشاهہ جي دربار ۾ پيش ٿيڻ لاءِ وڃي رهيا هئا. جيڪو تن ڏينهين برهانپور ۾ موجود هو. خان خانان مرزا جاني بيگ وٽ مانسنگهہ جي سفارش ڪئي. جنهن مرزا ابوالقاسم سلطان ڏانهن لکيو تہ "عمرڪوٽ جي گورنر ڪشنداس کي لاهي ان جي جاءِ تي مانسنگهہ کي گورنر بڻايو وڃي ۽ ڪشنداس کان پڇاڻو ڪيو وڃي تہ هن راڻي مانسنگهہ کي قلعي مان چو ڪڍيو؟ جيئن هن راڻي مانسنگهہ کي ڪڍي ڇڏيو هو. تيئن هاڻي ڪيس قلعي مان ڪڍيو وڃي." مرزا ابوالقاسم سلطان حڪم جي پوئواري ڪرڻ واسطي شاهہ ڳڙهہ (13) مان عمرڪوٽ ڏانهن روانو

ٽيو ۽ رستي ۾ ساماري نالي هڪ ڳوٺ پرسان منزل ڪيائين. راڻي مانسنگهه پنهنجي فوج وٺي ساڻئي ڳوٺ جي ٻئي پاسي وڃي واندي هنئي. راڻي ڪشنداس جو خان زمان سان گهٽو ناتو لاڳاپو هو. سندس هڪ پيٽ مير ابوالقاسم، بي شاهه مقيم سلطان کي ڏنل (14) هئي ۽ پاڻ خان جو پاٽيجو هو. امير جي لشکر سان گڏ ڪي اهڙا ماڻهو به هئا، جن جا ٻنهي ڌرين سان دوستاٽا لاڳاپا هئا، تن منجهن جهيڙو ڪوڙ ٽي چاهيو. انهن ماڻهن وڃي ڪشنداس سان ڳالهايو جنهن چيو. "آءٌ امير ابوالقاسم سان جهيڙي ته سگهان ئي ڪوڙ ٿو. هن ساري ويڃي ۽ گهل چاڙهي اڇڻ جو اصل ڏوهي مانسنگهه آهي. جنهن تيليءَ مان ٽنب ٽاهي هيڏو وڏي هارڻ هاريو آهي. امير ابوالقاسم کي حڪم جي پوئواري ڪرڻي هئي ته مانسنگهه کي عمرڪوٽ جو گورنر بنايو وڃي." ڪن خيرخواهن جي صلاح تي لڳي راڻو ڪشنداس گهوڙي تي سوار ٿي پنهنجا وفادار ۽ تابعدار ماڻهو ساڻ ڪري امير ابوالقاسم جي آجيان لاءِ روانو ٿيو. ويجهو پهچي هو گهوڙي تان لهي پيو ۽ پنڌ وڃي سندس استقبال ڪيائين ۽ امير گهوڙي تي سوار هو. راڻي پنهنجي سواريءَ وارو گهوڙو ڪيس پيش ڪيو. امير ساڻس هٿ ملايو. پوءِ هن ساماري ڳوٺ پرسان پاٽيءَ جي تلاءَ جي ڪناري تي منزل ڪئي. (15) راڻي به پنهنجي فوجي واندي ان تلاءَ جي پاسي ۾ هنئي. پرهه ڦٽيءَ جو امير ابوالقاسم جي فوجي واندي ۾ رهيل ماڻهن وڃي ڪشنداس تي اوچتو حملو ڪيو. جيڪي ذات جا سميجا هئا. چيو وڃي ٿو ته سميجن ۽ سومڙن جو ڪو پراڻو جهڳڙو هلندڙ هو. ڪشنداس اها حالت ڏسي پنهنجي فوج جي

صفبندي ڪري اڳرائي ڪرڻ وارن سان جهيڙو ڳنڍي وڏو پر پوءِ هو دل جهلي ڪونہ سگهيو. نيٺ نڪري هليو ويو. امير ابوالقاسم پنهنجي فوج سان تکڑو اڳتي وڌندو وڃي عمر ڪوٽ پهتو. قلعي اندر راڻي ڪشنداس جو پٽ پنهنجي فوج سان موجود هو جيڪو پڃڻ جي پيٽي نہ ڏسي قلعي مان نڪري هليو ويو. امير قلعي ۾ داخل ٿي راڻي جي گهرياتين ۽ وٽن موجود خزاني تي وڃي قبضو ڪيو. (16) هن جي ساڻن مٽي مائٽي هئي. تنهن ڪري کين نقصان ڪونہ رسيو ۽ فوج جي قرلٽ کان بچي ويا. باقي شهر ۾ جيڪي مندر هئا. تن کي ڍاهي پٽ ڪري ڇڏيائون. اتي رکيل مورتيون پڃي پورا ڪري ڇڏيائون. کين ڳئون کهي کائڻ جو حڪم هو. تنهن ڪري شهر ۾ نالي کاڻ کا ڳئون کانہ بچي. هر ڪافر جو گهر فتح جي دهلن شرنائين سان گونجي رهيو هو ۽ مندرن ۾ اذانن جا پڙاڏا ٻري رهيا هئا. پورو هفتو انهن ۾ نمازون پڙهيون ويون. امير ابوالقاسم قلعي ۾عيش عشرت ڪندو رهيو. مسلمانن ڳئن جو ڪوس ڪيو ۽ مورتيون پڃي پورا ڪيون هيون ۽ اها سوڍن لاءِ نہ سهڻ جهڙي ڳالهہ هئي. ڪشنداس ان وقت ڪورهار نالي هڪ ڳوٺ ۾ ترسيل هو. هن اوسي پاسي جي سوڍن کي نياپو موڪليو تہ هو اچي گدي Gaddi ۾ ملن. اها ڳالهہ ٻڌي تر جا سڀ سوڍا عمر ڪوٽ تي ڪاهڻ لاءِ اچي گڏ ٿيا ۽ وچن ڪيائون تہ هو پنهنجون حياتيون قربان ڪري ڇڏيندا. اها سڌ جڏهن خان زمان کي پهتي تہ هو ڊڄي ويو. چاڪاڻ تہ سندس فوج ۾ بہ گهٽا سوڍا شامل هئا. هن جي مرضي هئي تہ جهيڙو نہ ٿئي ۽ صلح صفائيءَ سان مامرو نبري وڃي. تنهن ڪري هو نصرپور مان

نڪتو ساري رات تيز رفتاريءَ سان سفر ڪندو رهيو. صبح جو گڏي ڳوٺ پرسان منزل ڪيائين ۽ صلح ڪرڻ لاءِ پنهنجي پٽ شاه مقيم، مير فتح بيگ سلطان، ڪٽي Kana پٽي کي موڪليائين جيڪو رام پٽيءَ جو پاءُ هو. هنن وٽس پهچي ڪيس خان زمان ڏانهن هلڻ جي صلاح ڏني. جڏهن خان وٽ پهتو تہ ڪيس گهوڙو سروپا ۽ ٻيو انعام ۾ ڏنو ويو. انڪان پوءِ ڦريل لٽيل سامان ۾ راڻي کي واپس ڪيو. پر ان کان پوءِ به هو دل سان راضي ڪونہ ٿيو.

ترخان نامہ

هن تاريخ جو مولف سيد جمال پٽ مير جلال الدين حسيني شيرازي آهي. هن تصنيف جا ٻ نالا آهن. جيڪا سن 1065هـ (1654_55) ۾ لکجي پوري ٿي هئي. مذڪوره معلومات اسان کي هڪ شجري مان ملي آهي. جنهن جو احوال هيٺ ڏنو ويندو. هن ڪتاب ۾ ارغون ۽ ترخان گهراڻي جو احوال ڏنل آهي. جن جو مفصل احوال ضميمي ۾ ڏسي سگهجي ٿو. تحفته الڪرام ۾ ارغون نامي جو ذڪر آهي. جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته اهو هڪ جدا ڪتاب هوندو. پر ڇاڻايل پوئين، تاريخ ۾ ارغونن بابت ڪو ٻ احوال نظر ڪونہ

ايندو. منهنجي چاڻ موجب سنڌ ۾ هن نالي سان کو ڪتاب ڪونہ آهي. پچا ڳاڇا ڪرڻ تي ڪن ماڻهن ٻڌايو تہ اهو ڪتاب تہ ارغون نامہ نالي سان ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو. ڏنو وڃي تہ هن ڪتاب ۾ گهٽو ذڪر بہ ارغون گهراڻي جو آهي. ترجمي ٿيل اقتباس مان بہ اها ڄاڻ ملندي تہ سندس گهٽو تڻو تعلق ارغون گهراڻي جي احوال سان آهي. هن ڪتاب کي جيڪڏهن ارغون نامو نالو ڏنو بہ وڃي ها تہ غلط ڪونہ ٿئي ها. پر هيءَ ڪتاب جيئن تہ مرزا صالح ترخان جي چوڻ تي تاليف ڪيو ويو هو. تنهن ڪري مولف پنهنجي سرپرست کي خوش ڪرڻ واسطي ان جو نالو ترخان نامہ رکي ڇڏيو.

معلوم ائين ٿئي ٿو تہ هن گهراڻي جي ترخان نامہ ڪان اڳي ڪا بہ قديم تاريخ ڪانہ هئي. ڇاڪاڻ تہ سيد جمال اسان کي پاڻ ئي ٻڌائي ٿو تہ مرزا صالح مغلن جي شجري بابت تفصيلي ڄاڻ حاصل ڪرڻ پئي گهري ۽ خاص طور پنهنجي وڏڙن بابت معلومات جي ڪيس هورا ڪورا لڳل هئي ۽ اهو بہ ڄاڻڻ پئي چاهيائين تہ سندس نڇ ڪهڙي سردار سان وڃي ملي ٿي. تنهن هن ڪتاب جي مولف کي تصنيف جو هيءَ ڪم سونپيو هو. ڪتاب جي مولف ويهن ئي ننهن جا زور لاتا. پر ڪيس ترخانن تي کو ڪتاب ملي ڪونہ سگهيو. ان ڪري هن سوچيو تہ اهڙي نالي وارو ڪتاب لکي ان کوٽ جو پورائو ڪري. ان نقطئہ نظر کان هن تاريخ طبري. روضتہ الصفا. ظفر نامہ. تاريخ همايوني. اڪبر نامہ. نگارستان. منتخب التواريخ. تاريخ گزيده. مجمع الانساب ۽ ٻين تاريخن جو مطالعو ڪرڻ شروع ڪيو. اهڙيءَ ريت هن ترخان گهراڻي جو پيرو ڪٹي وڃي ڪين نوح نبيءَ

تائين پڃايو ۽ ان تاريخ جو نالو هن ترخان نامہ رکيو. هن مولف استفادي لاءِ جن ذريعن جو ذڪر ڪيو آهي. تنن ۾ به هن سڄ کي لکائڻ جي پنهنجي پاران پرپور ڪوشش ڪئي آهي. اها عادت گهٽو ڪري هندستان جي هر مولف ۾ نظر اچي ٿي. سيد جمال ترخان نامي لکڻ مهل وڏ ۾ وڏ استفادو تاريخ معصوميءَ تان ڪيو آهي. هن تاريخ ۾ ڏنل احوالن کي مختصر ڪري ترخان نامي ۾ بيان ڪيو اٽائين. پر مير معصوم جي ڪيترن بيانن کي ڇڏي به ڏنو اٽائين. (۱) ان هوندي به هن شاهہ بيگ ارغون کان جاني بيگ ترخان تائين ٻنهي گهراڻن جو جيڪو به تفصيلي ذڪر ڪيو آهي. سو مير معصوم جي ڏنل احوال کان ٻاهر ڪونہ آهي. پر هن مولف مير معصوم جو ڪٿي به ذڪر ڪونہ ڪيو آهي سواءِ هڪ ڀيري (ص 90) جي. جتي اتفاق سان مولف جي ڏاڏي سيد مير ڪلان جو ذڪر اچي ويو آهي. هن ترڪي شجري جي ناتي سان. ڪيترن ئي ڪتابن تان استفادو ڪيو ٿو ڏسجي. پر هن ٽن ڪتابن روضتہ الصفا. ظفرنامہ ۽ مجمع الانساب جو ذڪر ڪونہ ڪيو آهي. هن موضوع تي وڏ ۾ وڏ ڇاڻ انهن ٽنهي ڪتابن مان ملي سگهي ٿي. جيڪڏهن ٻين سيني ڪتابن کي ڇڏي مٿي ڄاڻايل ٽنهي ڪتابن تان مدد ونڊي ها تہ ڪيس ٻين ڪتابن تان استفادي ڪرڻ جي ضرورت ئي محسوس ڪانہ ٿئي هئا. هن مقامي تاريخ طاهريءَ جا به گهٽا حوالا ڏنا آهن. جنهن ۾ واقعا ۽ تاريخون صحيح ڪونہ آهن.

مولف جو سرپرست مرزا صالح مراز عيسيٰ ترخان جو پٽ ۽ مرزا عيسيٰ ترخان اول جو پوٽو هو. جنهن سنڌ ۾ ترخان گهراڻي جو

بنياد وڌو هو. مرزا عيسيٰ ٻيو 1012هـ اڪبر جي درٻار سان وابستہ ٿيو. بعد ۾ هو جهانگير دور ۾ به ساڳئي عهدي تي بحال رهيو. جيڪو هن جي بي انتها عزت ڪندو هو. ان ڪري شاهي درٻار جا نواب ۽ امير ڪانئس پيا سڙندا هئا. سندن ڪوشش اها هوندي هئي ته مرزا عيسيٰ کي اهڙيون جاگيرون ڏنيون وڃن. جيڪي وڳوڙي علائقن ۾ هجن ۽ جتان جا ماڻهو جهيڙاڪار فسادي هجن. (2) پر هن ڪڏهن به اهڙين ڳالهين کان ڪوڙ ڪيٻايو. پنهنجي بهادري ۽ ڏاهپ سان ڏکيا مامرا به سولائيءَ سان نياهي توڙ پهچائيندو هو ۽ ڪيترن پرور اميرن ۽ نوابن کي شڪست ڏيندو هو.

احمد آباد جي عيد گاهہ ۾ شاهجهان دهليءَ جي تخت تي ويٺو. ان زماني ۾ گجرات وڳوڙن جي ور چڙهيل هئي. مرزا عيسيٰ ترخان سندس تابعداري ۽ فرمانبرداري طور ڪيس مبارڪباد ڏيڻ هليو ويو. تن ڏينهن شهنشاهہ جي ماهي نديءَ جي ڪناري منزل هئي. هن مرزا سان گهڻي مهرباني ڪئي. ٿوري وقت کان پوءِ ڪيس نئين جي صوبيداري به ڏني وئي هئي ۽ ڪيس شريعت الملڪ (شريف الملڪ) کي قيد ڪرڻ جو به حڪم ڏنو ويو هو. جنهن کي وڏي مقابلي کان پوءِ شڪست ڏئي، قيد ڪري شاهي درٻار ڏانهن روانو ڪيائين. ان ڪري شاهي درٻار طرفان ڪيس نوبت ۽ هڪ لک روپيا انعام مليو. سندس منصب ۾ هڪ هزار جو واڌارو ٿيو ۽ گجرات جي صوبيداري به ملي. هن 95 ورهين جي وڏيءَ عمر ۾ هن ڪتاب کان چار سال اڳ سن 1061هـ (1615ع) ۾ وفات ڪئي.

سندس وفات کان پوءِ سندس پٽ محمد صالح ۽ هن جي پين

پٽن تي شاهي درٻار طرفان مهربانيون ٿيندیون رهيون ۽ هر ڪنهن کي جدا جدا جاگيرن تي مقرر ڪيو ويو هو.

ترخان نامہ ۾ مهاڳ جي ٽن صفحن کان پوءِ ترخانن جو شجرو ڏنو ويو آهي. جيڪو نوح نبيءَ کان وٺي مرزا صالح تائين اچي توڙ ڪري ٿو. اهو اٺاويهين صفحن تي مشتمل آهي. ان کان پوءِ ترڪستان جي خانن ۽ چنگيز خان جي پونئيرن جو احوال نظر ايندو. جن ايران تي راج ڪيو. سندن اهڙو احوال چاليهن صفحن تي لکيل نظر ايندو. ارغونن جي تاريخ سان لاڳاپيل ٽيويهه صفحا ۽ ترخانن جو احوال ٽيٽيهن صفحن تي مشتمل آهي. منجهس ڪل 127 صفحا سائيز 12x9 انچ، هر صفحي ۾ 14 کان 17 سٽون آهن. اسلوب تمام سئو اٽس. پر جن ذريعن تان استفادو ڪيل نظر اچي ٿو. اسلوب بہ گهڻو ڪري اهوئي ورتايو ويو آهي. سنڌ جي ٻين تاريخن جيان سندس نسخو پنهنجي ڏرتيءَ تي اڻ لڀ آهي.

اقتباس

قندهار ۽ سنڌ جو (3) ارغون گهراڻو

مورخن جو بيان آهي تہ امير ذوالنون پٽ امير بصري امير ارغون خان ترخان جي اولاد مان هو. جيڪو ابقا خان پٽ هلاڪو خان پٽ تولي خان پٽ چنگيز جي ڏريءَ سان واسطو رکندڙ هو. اهو پنهنجي منگول نيات مان وڏيڪ بهادر انسان (4) هو. ڪيس ابو سعيد مرزا پنهنجي درٻار سان وابستہ رکيو. هي نهايت بهادر ماڻهو هو. سندس هن گڻ ڪري ابو سعيد مٿس گهڻو مهربان هوندو هو. مٿس انعام اڪرام

۽ ٻيون نوازشون ٿيندیون رهيون. تنهن ڪري دربار جا ٻيا امير ڪانئس پيا سڙندا پچرندا هئا. سندس عهدو پنهنجن سڀني مٿن ماڻڻ ڪان مٿي ٿي ويو هو.

جڏهن قرهٔ باغ واري جهيڙي ۾ ابوسعيد مرزا قتل ٿي ويو، تہ امير ذوالنون وڃي سندس پيءُ وٽ هرات ۾ رهيو. هن ڪجهہ عرصو يادگار مرزا وٽ گذاريو. جڏهن سلطان حسين خراسان جي تخت تي ويٺو تہ ان وقت امير مصري (5) وفات ڪري ويو. ان ڪري هن سندس پٽ امير ذوالنون کي پنهنجي مهربانين سان نوازيو ۽ غور، زميندار ۽ قندهار وارن علاقن جو گورنر ڪري موڪليائين. هنن علاقن ۾ هزارا ۽ تڪدري نيات جا ماڻهو رهندا هئا، جيڪي جهيڙاڪار ۽ وڙوڙي هئا ۽ انهن علاقن تي سندن هاڪ ۽ڏاڪ هئي. (6) سن 884هـ (80_1479ع) ۾ امير ذوالنون ڄاڻايل علاقن جي انتظام سنيالڻ لاءِ پنهنجي نيات تي مشتمل فوج جو هڪ جٿو ونيِ روانو ٿيو. ڪجهہ وقت اهي ويڙها قبيلا ساڻس مهاڏو ڏيندا رهيا. پر هر محاذ تي کين شڪستون مليون. نيٺ سندس وفاداري ۽ تابعداري قبول ڪيائين. اتان جي هزاري، تڪدري قبيلن ۽ ٻين ماڻهن جڏهن ڏٺو تہ امير انصاف پسند ۽ رعيت پرور ماڻهو آهي تہ کيس وڌيڪ عزت ڏيڻ لڳا. امير ذوالنون ۾ اهڙيون انتظامي صلاحيتون ڏسي کيس غور، قندهار ۽ ٻين علاقن جو گورنر مقرر ڪيو. ٿوري وقت کان پوءِ اچا بہ کيس وڌيڪ اختيار ڏنا ويا. هن شال ۽ مستونگ پاسي حملا ڪرڻ شروع ڪيا. ڇٽن سالن جي وڌيڪ عرصي دوران هزاري، تڪدري ۽ ڪبڇاڪ ۽ قندهار جا مغل قبيلا هن جي گهٽو ويجهو آيا. سندس

مقبوليت جي خبر سلطان حسين وٽ پهتي ته کيس جهڙ پٽ درٻار ۾ پهچڻ جو حڪم روانو ڪيو ويو. شاهي فرمان موجب امير ذوالنون درٻار ۾ پهتو ۽ هميشه جيان سوڪڙيون پاڪڙيون پيش ڪيائين. درٻارين به سندس فرمانبرداري ۽ تابعداري جي گهٽي تعريف ڪئي. سلطان مٿس راضي ٿي کيس سنجيل گهوڙو، نوبت ۽ جهنڊو به مرحمت فرمايو. بادشاهه طرفان کيس اهو حڪم ٿيو ته پنهنجي پٽ هين لاڳاپي وارن کي درٻار ۾ چڏي پاڻ قندهار هليو وڃي. اهڙي شاهي حڪم ٻڌڻ کان پوءِ امير ذوالنون چا ڪيو جو مال ملڪيت اتي چڏي پنهنجو پٽ ۽ پنهنجا فرمانبردار ۽ تابعدار ماڻهو، چوري وڏي تيز رفتاريءَ سان قندهار روانو ٿيو. هن ٽن ڏينهن کان سلطان حڪم ڪيو ته نوروز ڏينهن تائين امير ذوالنون قندهار نه وڃي. جڏهن اهڙو پيغام ڪٽي قاصد امير ذوالنون جي رهائشگاهه تي پهتو ته کيس هن جي پڃي وڃڻ جو پتو پيو. جنهن موڪي اچي سلطان کي پيرائتيون خبرون ڏنيون. سلطان اهڙن احوالن ٻڌڻ کان پوءِ چيو ته امير ذوالنون هاڻي ڪڏهن به موڪي ڪونه ايندو. درٻار جي امير کيس وراڻيو ته هو پنهنجا اٺ، گهوڙا ۽ ٻيو قيمتي سامان چڏي ويو آهي. سو ضرور موڪي ايندو. سلطان کين چيو ته سندس هلي وڃڻ ۾ حاضر دماغي ۽ ڏاهپ بکي ٿي. پر ڏک ڪرڻ اجايو آهي. سن 911هـ (1505ع) ۾ سلطان وفات ڪئي. ان ڪري خراسان ۾ وڳوڙي ڪاهي پيا. ان وڳوڙي وايو منڊل ۾ ان وقت ٽاپر آئي. جڏهن محمد خان شيباني سن 913هـ (1507ع) ۾ جيحون اکري پنهنجي لشکر سان اچي خراسان ۾ پهتو. جڏهن سندس فوج ويجهو اچي پهتي ته سلطان حسين جي پٽ بديع الزمان

جون هيئيون هيٺ ۾ مٿيون مٿي رهجي ويون ۽ واهر لاءِ امير ذوالنون ڏانهن ماڻهو موڪلياٿين. (7) پيغام پهچڻ کان پوءِ امير پنهنجن پٽن، نوابن ۽ اميرن کان اهڙو صلاح مشورو طلب ڪيو. پر هر ڪنهن جدا راءِ ڏني. اتي ذوالنون چيو تہ "هن وقت بديع الزمان جي واهر ڪرڻ مون تي فرض آهي. انسانيت ۽ بهادري جي تقاضا آهي تہ آءٌ مهل تي مڙس ٿي اوکيءَ ويل ساڻس سور پائي ٿيان." هن وڌيڪ ٻڌايو تہ سندس موٽڻ جو امڪان گهٽ آهي. چاڪاڻ تہ ازبڪ فوج تمام گهڻي آهي ۽ سلطان حسين جي گهراٽي جو سج لٿل آهي. پوءِ هن ارغونن ۽ ترخانن جي فوج گڏ ڪري سلطان بديع الزمان جي مدد لاءِ اتي وڃي پهتو. ساڳئي ڏينهن ازبڪ ۽ ماوراءالنهر جي گڏيل فوج درياه اڪري اچي منزل ڪئي. واقعن مان اهو نظر اچي رهيو هو تہ سوپ خان جي آهي. ميدان تي پهچي ٻنهي ڌرين پنهنجي پنهنجي لشڪر جون صفون سڌاريون. ٻنهي ڌرين جي فوج جي نعرن ۽ نغارن جو آواز آسمان تائين ٿي پهتو.

امير ذوالنون بہ پنهنجي بهادر پيادل فوج ۽ گهوڙي سوارن سان دشمن لشڪر تي جلهه ڪئي. هن ايترو تہ زوردار حملو ڪيو جو دشمن جون وايون بتال ٿي ويون ۽ سندن صفون ڄانوان ڏول ٿي ويون. پر اهي سپ جاکوڙون جاڙهيون. جيئن درياهہ ۾ هڪ لهر کان پوءِ ٻي لهر ايندي آهي. تيئن ازبڪ فوج جي ٽولن پٺيان ٽولين جو هڪ لڳاتار سلسلو هو. جنهن جي پچاڙي جڏ تہ هئي ئي ڪانہ. ان جي پيٺ ۾ خراساني تمام ٿورا هٿا. ايڏيءَ وڏيءَ فوج سان سندن مقابلو ناممڪن هو. تنهن ڪري وٽي ڪڙين تي زور رکيائون. ان کان پوءِ

ڪنهن کي ڪنهن جي خبر ڪانہ رهي. پر پوءِ امير ذوالنون پنهنجي مختصر بهادرن سان گڏ جنگي ميدان تي جميو رهيو. هو ان وقت بچاءِ واري جنگ ڪري رهيو هو. ڪڏهن هڪ فوجي ڏويزن سان ٿي مقابلو ڪيائين تہ ڪڏهن وري ڪنهن ٻئي فوجي جٿي سان ٿي مهاڏو ڏنائين. ميدان رت جو درياهہ لڳي پيو هو. امير آخري گهڙيءَ تي مڙس ٿي منهن ڏنو. پوءِ ازبڪ فوج سندس چوڌاري گهيرو تنگ ڪندي آئي هو. گهائجي گهوڙي تان ڪري پيو. ازبڪ فوج جي مهندارن کيس پيش پوڻ لاءِ چيو تہ جيئن کيس زنده گرفتار ڪري فاتح محمد خان شيباني ۽ آڏو پيش ڪري سگهجي پر هو بهادري ۽ پنهنجي فوجي شان سان وڙهندي مارجي ويو.

شاهہ بيگ ارغون

شاهہ بيگ ارغون پٽ امير ذوالنون، پنهنجي پيءُ جي وفات کان پوءِ اميرن نوابن جي يڪراءِ صلاح سان پيءُ جو جانشين ٿيو ۽ هن مقرر ڪيل سيني ماڻهن کي ساڻين عهدن تي برقرار رکيو ۽ سيني کي سروپائون ۽ انعام ڏنائين. هن عدل ۽ انصاف کي پنهنجي شيوو بڻايو. تنهن ڪري عام ماڻهو ۽ فوجي سندس گرويده ۽ جان نثار ٿيڻ ويا هئا. هو پنهنجي ملڪ جي عالمن فاضلن جي صلاح مشوري سان حڪومت هلائيندو هو. سن 915هـ (1509ع) ۾ شاهہ اسماعيل ثاني، جنگ دوران محمد خان شيباني کي قتل ڪري خراسان تي قبضو ڪيو. ان زماني ۾ هن کي تمام گهڻي سگهہ هئي. اوسي پاسي وارا سيئي ملڪ سندس نالي کان ٻيا ڪنبندا ۽

چرڪندا هئا.

ان ئي زماني ورس (قدس) خان پرسان اچي قاره تي قبضو ڪيو. شاهہ بيگ سندس امڪاني حملي کان ڊڄي پنهنجن اميرن ۽ نوابن سان صلاح مشورو ڪرڻ لڳو ته سندس ملڪ سخت خطري ۾ وکوڙيل آهي. هڪ پاسي کان شاهہ اسماعيل صفوي جو خوف آهي، جنهن تازو خراسان فتح ڪيو آهي. ٻئي طرف کان بابر آهي، جيڪو اڳتي وڌي اچي ڪابل تائين پهتو آهي. ٻئي ماڻهو ڪيس آرام سان قندهار ۾ ويهڻ ڪونہ ڏيندا. تنهن ڪري جيڪڏهن قندهار هٿن مان نڪري وڃي ته مٿي لڪائڻ واسطي ڪٽي جڳهہ ته ڳولڻ کپي. پوءِ سبيءَ تي حملي ڪرڻ جي صلاح ٻيٽي. سن 917هـ (1511ع) ۾ فوج وٺي اچي شال تي حملو ڪيائين. اتي ويهي وڌيڪ حملي جون تياريون ڪرڻ لڳو. پوءِ پيش قدمي ڪندو اچي سبيءَ پهتو ۽ قلعي تي ڪڙو چاڙهيائين. سلطان پور دلي (Pordili) برلاس جي پيڙهيءَ مان ڪو ماڻهو هن قلعي جو حڪمران هو. جنهن پنهنجي فوج وٺي اڳتي نڪري ساٺس مهاڏو ڏنو. هن سان هزار ڪن بلوچ ۽ ٻيا ماڻهو هئا. ٻنهي ڌرين ۾ جهيڙو لڳو. جنهن ۾ شاهہ بيگ سوپارو ٿيو. دشمن کي سخت شڪست آئي. سندن ڪيترا ماڻهو مارجي ويا. جيڪي بچيا تن سندڙ ڏانهن رخ ڪيو. شاهہ بيگ فاتح جي حيثيت ۾ سبيءَ جي قلعي ۾ داخل ٿيو. قلعي جي مرمت ڪري ان کي وڌيڪ مضبوط ڪيو ويو. منجهس فوج ويهاري مرزا عيسيٰ ترخان کي هتان جو گورنر مقرر ڪري، پاڻ قندهار هليو ويو.

سن 919هـ (1513ع) ۾ بابر قندهار کي فتح ڪرڻ جو ارادو

ڪيو ۽ هڪ وڏي فوج ساڻ ڪري اوڏانهن روانو ٿيو. شاه بيگ پنهنجي گهٽي فوج ۽ کاڌو خوراڪ ۽ بارود گڏ ڪري قندهار ۾ قلعبند ٿي ماڻهو ويهاري چڏيا. بابر جڏهن قندهار جي پسگردائيءَ ۾ پهتو تہ بيمار ٿي پيو ۽ گهٽي وقت جي اگهائيءَ ڪري ڏاڍو هيٺو ٿي پيو هو. ساٿس گڏ جيڪي امير نواب هئا. سي بہ ڪانئن نراس ٿي پيا ۽ ڪيس چڏي وڃڻ لاءِ آتا ٿي پيا هئا. شاهہ بيگ کي سندن اهڙن ڏهرن حالن جي پاهور پئجي وئي. جنهن قندهار جا سکر ۽ برڪ ماڻهو صلح لاءِ ڏانهن موڪليا. بابر بادشاهہ صلح جا شرط قبول ڪيا ۽ خواجہ جلال الدين هٿ شاه بيگ ڏانن سوڪڙيون پاڪڙيون بہ روانيون ڪيون. ٿوري وقت کان پوءِ شاهہ بيگ قندهار چڏي اچي سبيءَ کي وسايو. هن اتي پهچي پنهنجي ماڻهن سان صلاح مشورو ڪيو تہ بابر بادشاهہ قندهار پهچي ان ٿوري علائقي تي ما ٹ ڪري ويهي ڪونہ رهندو. تنهن ڪري ڪنهن مستقل علائقي لاءِ هٿ پير هڻجن. جيڪو سندس پهچ کان وٽيرڪو هجي. ان سال سياري جي منڊ ۾ هڪ هزار گهوڙي سوار ساڻ ڪري سبيءَ مان سنڌ ڏانهن رخ ڪيائين. هن فوج 7 ذي القعد سن 920هـ (ڊسمبر 1514ع) ڪاڪان (ڳاهن) ۽ باغبان تي اچي حملو ڪيو. هي علائقو سرسبز ۽ آباد هو. هڪ هزار اٹ تہ باغن کي پاڻي پيچائڻ واسطي نارن ۾ وهي رهيا هئا. جيڪي نارن مان چوڙ ي ارغون پنهنجي قبضي ۾ ڪيا. هن مان اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ اهي ٻئي علائقا ڪهڙ اڻ سکيا ستابا ۽ ريان ڪيان هئا (8) اتي هفتو ڪن رهيا ۽ مال غنيمت کڻي موڻي اچي سبي پهتا.

سن 921هـ (1515ع) ۾ بابر قندهار تي حملو ڪيو. جنهن جو

کيترا ڏينهن اڳي شاهہ بيگ کي انديشو هو. قلعي تي ڪڙو چاڙهي سرنگهون هٽڻ شروع ڪيون ويون. شهر تي گهيرو نهايت سخت هو. کاڌ شيءِ اندر پهچي کاڻ ٿي سگهي. تنهن ڪري ڏکار ۽ ڏرت ڪاهي پيو. پر هن پيري ۾ بابر جي فوج کي بيماري وکوڙي وئي. نيٺ کيس قلعي وارن سان صلح ڪرڻو پيو. تنهن ڪري موٽي ڪابل هليو ويو.

هن زماني ۾ شاهہ حسن پنهنجي پيءُ سان ڪاوڙجي بابر جي دربار ۾ پهتو. جنهن سندس دلي آجيان ڪئي. جتي هو ٻہ سال ڪن رهيو. شهنشاهہ بابر محسوس ڪيو تہ شاهہ حسن کيس ڏنل پيار ۽ عزت جي ڪري سندس دربار ۾ ڪونہ ٽڪيو پيو آهي. پر توڙہ سلطنت ۽ قانون ايالت ڪان واقف ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. هو ٿوري ئي وقت ۾ درباري آدابن ڪان واقف ٿي ويو. نيٺ شهنشاهہ ڪان اجازت وٺي موٽي اچي قندهار پهتو. سن 922هـ (1516ع) ۾ شهنشاهہ بابر پنهنجي فوج گڏ ڪري قندهار تي هلان ڪئي ۽ وڃي قلعي تي ڪڙو چاڙهيائين. شاهہ بيگ سندس بار بار حملن ڪان تنگ ٿي صلح ڪرڻ جي خيال سان شيخ ابو سعيد پوراڻيءَ کي ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ جي لاءِ بابر ڏانهن روانو ڪيو. جنهن هن شرط سان صلح ڪيو تہ ٻڌي سال شاهہ بيگ قندهار جو قلعو بابر جي عملدارن جي حوالي ڪندو. هن قسم جي ناهہ ٿيڻ کان پوءِ بابر ڪابل موٽي ويو. هن ناهہ موجب قندهار قلعي جون ڪنجيون سن 923هـ (1517ع) ۾ مير غياث الدين جي هٿان بابر بادشاهہ ڏانهن موڪلي ڏنيون. جيڪو حبيب السير ڪتاب جي مصنف "خوند مير" جو پوٽو عبدالڪارم

جو پي، ۽ عبدالله سلطان جو ڏاڏو هو. قلعي چڙهڻ جي هن قسر جي طريقہ کار کي شهنشاهہ بابر پسند ڪيو(9)

سند ملڪ بابر جي قبضي هيٺ اچڻ کان پوءِ شاه بيگ ٻہ سال شال ۽ سوي، ۾ رهيو پيو هو. سندس حالت ڏاڍي تنگ ٿي وئي هئي. ايتري قدر جو سندس لشڪر گجرون ۽ گوگڙون ۽ ٻيون ياڇيون ڪائي پيو جيئندو هو.

هن سن 924هـ (1518ع) جي پچاڙي، ڌاران سنڌ تي حملي ڪرڻ جون تياريون ڪيون. ان ڪري هن سلطان علي ارغون، زيبڪ ترخان ۽ ٻين کي سوي ۽ گنجاوا علاقن جي نظرداري لاءِ اتي چڏي مرزا عيسيٰ ترخان کي پاڻ سان وٺي اڳتي روانو ٿيو. هراول طور هن مير فاضل ڪولڪتاش کي ٻہ سو گهوڙي سوار ڏئي روانو ڪيو ۽ بعد ۾ ٽي سو سوار ۽ ٻيو لشڪر ساڻ ڪري سندس ڪڍ روانو ٿيو. هو سنڌ جي سرحد ۾ داخل ٿي اچي باغبان پهتو. هن ڏٺو تہ محمود خان پٽ دريا خان سميجن جي فوج وٽيو ٿئي، (ٽلٽي،) ۾ جهيڙي لاءِ تيار ويٺو هو. جيڪو سوستان کان چار ڪوه پري هو. شاه بيگ باغبان ۾ منزل ڪئي. جتي علائقي جي راوتن ۽ وڏيرن سندس آڌر ڀاءُ ڪيو. ٿورو وقت آرام ڪرڻ کان پوءِ هو لڪي، جي ٽڪرين مان گس وٺي ٿٽي طرف روانو ٿيو. نيٺ اڳتي هلندو وڃي درياهہ جي ڪناري وٽ پهتو. تنهن زماني ۾ اهو هڪرو ٿٽي کان اترين پاسي وهندو هو.(10) درياه اڪرڻ جو وٽس ڪو ذريعو ڪونہ هو. تنهن ڪري هو ٻہ ٽي ڏينهن اتي ويٺو رهيو ۽ پار اڪرڻ واسطي سوچي ويچاري رهيو هو. ان وقت لشڪر جي ڪن ماڻهن ڏٺو تہ هڪ ڇٽو گڏهہ سان درياهہ

تاريخ سنڌ جا عربي ۽ فارسي ماخذ

اکري رهيو هو. هنن کيس جهلي درياهہ جي لانگهي بابت پچا ڳاڇا ڪئي. (11) پوءِ عبدالرحمان دولت شاهي نالي هڪ ماڻهوءَ گهوڙو وڃي درياهہ ۾ هنيو. جيڪو پار پهچي واپس آيو ۽ اچي شاهہ بيگ کي درياهہ جي لانگهي بابت پورو احوال ٻڌايائين. کيس اها ڄاڻ 15 محرم سن 927هـ (1520ع) تي ملي ۽ ان ئي ڏينهن درياهہ اکري لٽي شهر تي حملو ڪيائين. ان مهل ڄام نندي جي گود ورتل پٽ دريا‌خان ڄام فيروز کي قلعي جي نظرداريءَ لاءِ ڇڏي پاڻ شاهہ بيگ سان جهيڙي لاءِ نڪري پيو.

سارو ڏينهن زبردست جنگ هلي. جنهن ۾ درياهہ خان ۽ سمن جي لشڪر مان چوندِ ماڻهو وڙهندي مارجي ويا ۽ سوپ شاهہ بيگ ارغون جي ٽي. جڏهن ڄام فيروز کي هيءَ ڏکوئيندڙ سڌ ملي تہ هو لٽو ڇڏي هليو ويو ۽ تيز رفتاريءَ سان پرار (12) نالي هڪ وسنديءَ وٽ وڃي پهتو. 20 محرم تائين ارغوني فوج لٽي کي ڦريندي لٽيندي رهي. هتان جي رهواسين مٿان بي انتها ظلم ڪيو ويو. جيڪي ترار کان بچي ويا. سي غلام ٽيڙ کان محفوظ رهي ڪونہ سگهيا. قرآن شريف ۾ آهي: ان الملوڪ اذ ادخلوا قريتہ افسدوها جنهن جي معني آهي تہ جڏهن بادشاهہ ڪنهن ڳوٺ ۾ داخل ٿيندا آهن تہ ان کي اجاڙي ناس ڪري ڇڏيندا آهن. هتان جي هڪ وڏي عالم قاضي قادن جي چوڻ تي شاهہ بيگ ارغون فرمان جاري ڪيو تہ هاٿي ڪنهن بہ شهريءَ سان ڏاڍ نہ ڪيو وڃي (13) تڏهن مس وڃي قرلڻ ۽ بيگناهہ مانهن جو ڪوس بند ٿيو. ڄام فيروز هار کائي پرار جي ڳوٺ ۾ رهي پيو هو. پر سندس پار پچا لٽي شهر ۾ موجود هٿا. جڏهن کيس

تاريخ سنڌ جا عربي ۽ فارسي ماخذ ——————

محسوس ٿيو تہ هن لاءِ پوئتي کابہ شيءِ کانہ رهي آهي تہ هن شاهہ بيگ آڏو آڻ مڃڻ لاءِ پنهنجو قاصد روانو ڪيو ۽ پڪو وعدو ڪيائين تہ هو سندس فرمانبردار ۽ تابعدار ٿي رهندو.

شاهہ بيگ پنهنجي سياڻ نهايت هاجهارو هوندو هو. جڏهن ڪيس هارايل دشمن جي ڏهرن حالن جي سڌ پئي تہ ڪيس ڏاڍو رحم آيو. جام فيروز طرفان آيل قاصد کي سروپا ڏيڪايائين ۽ جام فيروز ڏانهن دوستاڻو جواب موڪليائين. جام فيروز کي جڏهن اهو خط مليو تہ پنهنجي فرمانبردارن ۽ تابعدارن سان گڏجي شاهہ بيگ وٽ پهتو. سندس ڳچيءَ ۾ تلوار لٽڪيل هئي. جنهن مان معلوم ٿي رهيو هو تہ هو سندس رعيت آهي. ڪيس شاهہ بيگ جي هٿن چمڻ جي اجازت ڏني وئي. پوءِ هن عاجزي، انڪساري ۽ ندامت جو اظهار ڪيو. شاهہ بيگ ڪيس معاف ڪرڻ جو يقين ڏياريو ۽ اها خلعت فاخره ڪيس عطا ڪيائين. جيڪا ڪنهن زماني ۾ سلطان حسين امير ذوالنون کي عطا ڪئي هئي. هن کان علاوه ڪيس ٻڌي جي گورنري بہ ڏنائين. بعد ۾ هن پنهنجي اميرن، نوابن ۽ وزيرن کي صلاح مشوري لاءِ پاڻ وٽ گهرايو. کين چيائين تہ سنڌ هڪ تمام وسيع علائقو آهي. جيڪو سندس اڪيلي سر انتظام کان گهٽو وڏو آهي. تنهن ڪري سندس مرضي آهي تہ هڪ حصو جام فيروز جي حوالي ڪيو وڃي ۽ ٻيو حصو پنهنجي حڪمرانيءَ جي هيٺ رکي. سندس اها ڳالهہ سيني کي وڻي. بعد ۾ اهو طئي ڪيو ويو تہ سوستان جي پرسان لکيءَ جي ٽکرين کان وٺي ٻڌي تائين سارو علائقو جام فيروز جي هٿ هيٺ رهندو ۽ ساڳين ٽکرين کان مٿي سندس انتظام هيٺ رهندو. هنن

گالهين جي طي ٿي وڃڻ کان پوءِ شاهه بيگ ارغون سوستان ڏانهن روانو ٿيو. اتان جا رهاڪو سندس اچڻ جو ٻڌي پڇي اچي ٽلٽيءَ نڪتا ۽ سهتن ۽ سومرن جي نيات سان گڏجي (14) شاه بيگ جي مقابلي لاءِ تيار ٿي ويٺا. هنن سيني گڏجي شاه بيگ سان سخت جنگ ڪئي. جنهن ۾ وري به سوپ شاه بيگ جي ٿي. سندس دشمن سوستان جو قلعو خالي ڪري هليا ويا ۽ هي هڪ فاتح جي حيثيت ۾ قلعي اندر داخل ٿيو. بعد ۾ هن اهو قلعو پنهنجي مشهور سردارن جهڙوڪ سلطان مقيم بيگلار، مير عليڪ ارغون، ڪيبڪ ارغون ۽ احمد ترخان جي حوالي ڪيو ۽ ضروري مرمت کان پوءِ بکر ڏانهن روانو ٿي ويو. گهٽن ڏينهن جي پيش قدميءَ کان پوءِ سکر پرسان هڪ ڪلئي ميدان تي پهتو. ٿوري وقت جي آرام کان پوءِ هو بکر جي قلعي اندر داخل ٿيو. قلعو ۽ شهر ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. قلعي جي جاچ پڙتال ڪرڻ کان پوءِ هن قلعي اندر شهر جي اڏاوت شروع ڪئي. پنهنجي مڪيه ڪامورن کي حڪم ڪيائين ته هو پنهنجا گهر قلعي اندر جوڙين. هن قلعي جي نقشي کي نئين سر جوڙڻ جو منصوبو جوڙيو. اهڙي منصوبي جي تڪميل لاءِ ڪيترا ڏميوار ڪامورا مقرر ڪيا ويا. انهيءَ لاءِ ته جيئن نئين نقشي موجب قلعي جي وقت اندر مرمت ڪري ڪم کي جهٽ اڪلائي وڃن. الور جو پراڻو قلعو ڏاهي ان جي پکين سرن کي بکر جي قلعي جي مرمت واسطي ڪتب آندو ويو (15) ٿوري وقت اندر قلعي جي مرمت جو ڪم پڄاڻيءَ کي پهتو. قلعي جي مڪيه جڳهه تي هن پنهنجي ۽ شاهه حسن جي رهڻ لاءِ جڳهه جوڙائي. هن کان علاوه پنهنجي مهدار فاضل ڪوڪلتاش ۽ سندس

پٽ سلطان محمود خان جا گهر بہ انهيءَ جاءِ تي تعمير ٿيا. هن اهو سڄو سال جڳهن جي اڏاوت ۽ رعيت جي معاملن کي سڏارڻ ۾ گذاريو.

سن 928هـ (1522ع) ۾ پاينده خان ترخان کي بکر قلعي جي انتظام لاءِ چڏي. هڪ وڏي فوج ساڻ ڪري هو گجرات تي حملي ڪرڻ جي ارادي سان نڪري پيو. هو گجرات ڏانهن ويندي سنڌ جي بنهي ڪنڌين سان رهندڙ سرڪش ماڻهن کي سيکت ڏيندو اڳتي وڌندو رهيو. هو جڏهن چانڊڪي پرڳڻيءَ ۾ پهتو ته مرزافاضل ڪوکلتاش اوچتو بيمار ٿي پيو ۽ ٿوري وقت کان پوءِ هي فاني جهان چڏي ويو. سندس دوست جي هن اوچتي وفات ڪري کيس ڏاڍو صدمو رسيو. سمجهيائين ته هاڻي سندس ڏينهن بہ پورا ٿيڻ وارا آهن. ٿوري وقت کان پوءِ اهي خبرون پهتيون ته بابر بهره ۽ خوشاب وارن علائقن ۾ پهچي چڪو آهي ۽ سندس ارادو هندستان تي حملي ڪرڻ جو آهي. جڏهن اهڙي سڌ شاهہ بيگ جي ڪنين پئي ته سمجهيائين ته هو کيس هتي بہ سک جو ساهہ کٽڻ ڪونہ ڏيندو. کيس پرون پڄي ويا ته هو کائنس سندس ڪنهن پونير کان سنڌ ضرور کسي ونڊندو. تنهن ڪري سمجهيائين ته کيڏانهن سنجهي ئي پلاٽجي ۽ ڪٽي پري وڃي مٽي چانوڙ ڪجي. پنهنجي گهٽگهرن دوستن سان اها گالهہ هولهہ ڪري رهيو هو جو کيس پيٽ ۾ سخت سور محسوس ٿيو. گهڻو دوا دارون ڪيو ويو پر ڪنهن ويج، طبيب جي ڪنهن فرق نہ ڪيو. نيٽ شعبان مهيني سن 928هـ (1522ع) ۾ هن وفات ڪئي. سندس حڪومت جو دور پندرهن سال رهيو.

گجرات کي فتح ڪرڻ واري سندس آس پوري ڪاند ٿي سگهي. "شهر شعبان" سندس وفات جي تاريخ آهي.

شاهه حسن ارغون

سن 928هـ (1522ع) ۾ شاهه بيگ جي وفات کان پوءِ سندس پٽ شاهه حسن سندس جانشين ٿيو (16) ڪيس جيڪي معزز ماڻهو مبارڪ ڏيڻ آيا. تن کي سروپائون ۾ ڏيا انعام اڪرام ڏنا ويا. هن کان علاوه فاضلن. اميرن. نوابن ۽ وزيرن کي به انعام اڪرام ۽ سروپائن سان نوازيو ويو. اهو رمضان جي عيد جو موقعو هو. جو ڪيس پيءُ جي تخت تي وهاريو ويو. سندس اميرن ۽ نوابن جي مرضي هئي ته عيد تي سندس نالي جو خطبو پڙهيو وڃي. تنهن تي هن ڪيس وراڻيو ته جيستائين صاحب قران جو اولاد حال حيات آهي. تيستائين ڪنهن ٻئي حڪمران جي نالي خطبو پڙهڻ ٺيڪ نه آهي. تنهن ڪري عيد جو خطبو شهنشاهه ظهيرالدين بابر جي نالي پڙهيو ويو. عيد دوران هو بکر ۾ رهيو. اتي ڪيس اها سڌ ملي ته سندس پيءُ شاه بيگ جي وفات تي جام فيروز ۽ ٻڌي جي ٻين ماڻهن خوشيون ملهايون آهن ۽ ڏهل. شرنايون وڄائي. پنهنجي مسرت جو اظهار ڪيو آهي. اهڙي ڳالهه ٻڌي شاهه حسن کي ڏاڍي ملهان لڳي. هن پنهنجي وزيرن ۽ اميرن نوابن سان صلاح مشورو ڪيو. چيائين ته سندس پيءُ ڪنهن زماني ۾ گجرات تي حملي ڪرڻ جو ارادو ڪيو هو پر ناگهاني واقعن ڪري ان تي عمل ٿي ڪونه سگهيو هاڻي وقت اچي ويو آهي. جو گجرات تي حملو ڪيو وڃي. اهڙيءَ ريت ٻڌي وارن کي به سندن

اڃڪي روش تي سيکٽ ڏني وڃي. جڏهن سنڌس هن ارادي جي خبر لڌي وارن ۽ جام فيروز کي پڻي ته ڊڄي ويا. کين شاهه حسن سان پڄڻ جي سگهه کان هئي. تنهن ڪري جام فيروز تڙتڪڙ ۾ لڌي کي الله جي آسري تي ڇڏي درياهه پار اکري ڪڇ ڏانهن روانو ٿيو. چاچڪان ۽ راهمان وارن علائقن مان پنجاهه هزار گهوڙي سوار ۽ پيادل فوج گڏ ڪري شاهه حسن جي مقابلي لاءِ تيار ٿيو. جيڪو اڳي ئي پنهنجي فوج سان لڌي ۾ پهچي چڪو هو. جڏهن اها خبر مرزا شاهه حسن کي پڻي ته ناليوارا عملدار لڌي جي نظرداريءَ لاءِ ڇڏي پاڻ جام فيروز جي مقابلي لاءِ اڳتي روانو ٿيو. سنڌي فوج جي پرسان پهچي سنڌس فوج صفون ٻڌي جهيڙي لاءِ تيار ٿي پيش قدمي ڪرڻ لڳي. جڏهن سنڌي فوج مغلن کي ڏنو ته هو گهوڙن تان لهي پيادا ٿيا. پٽڪا لاهي مٿين اگهاڙي ٿي ڪپڑن جا پلئو پلون سان اٽڪائي اگهاڙيون تراريون ڪري اڳتي وڌڻ لڳا. مرزا شاهه حسن کي سڌ هئي ته جڏهن سنڌي مرڻ لاءِ تيار ٿي ويندا آهن ته گهوڙن تان لهي مٿا پير اگهاڙا ڪري. پلو پلوَن سان سوگهو ٻڌي سندرا ساهي هڪ ٻئي سان ملي ڪڙو ٿاهي دشمن تي هلان ڪندا آهن. ان وقت جيئڻ جو آسرو لاهي سر ترين تي رکي وڙهندا آهن. اهڙو رواج سنڌ ۽ هند ۾ عام آهي. سنڌين جون اهڙيون ڳالهيون ڏسي شاهه حسن کلي رهيو هو ۽ دشمنن کي اٿين ڪندي ڏسي پنهنجن دوستن کي واڌايون ڏئي رهيو هو. مناسب موقعو ڏسي هن دشمن تي حملي جو حڪم ڏنو. صبح کان وٺي سانجهيءَ تائين چتي جنگ لڳي. ويهه هزار ماڻهو قتل ٿيا. جام فيروز کي شڪست آئي. شرم لڪائڻ لاءِ هو گجرات هليو ويو ۽

وفات تائين اتي رهيو. شاهہ حسن ٽي ڏينهن جنگ جي ميدان تي رهيو. هٿ آيل مال غنيمت ۽ گهوڙا پنهنجي فوج ۾ ورهائيندو رهيو. پنهنجي اعليٰ عملدارن کي به انعامن اڪرامن سان نوازيائين. بعد ۾ هو موٽي ٺٽي آيو. ڪجهہ وقت ترسڻ کان پوءِ اتان نڪري تغلق آباد آيو. جتي ڇهہ مهينا ترسي پيو ۽ اتان کان پوءِ بکر روانو ٿيو. جڏهن هو شهر کان ٻاهران ڪوهن جي مفاصلي تي پهتو تہ سکر ۽ بکر جي ماڻهن اڳتي اچي سندس استقبال ڪيو ۽ کيس سوڀ جون واڌايون ڏنيون. هن به کين طرح طرح جي مهربانين سان نوازيو. ساڳئي سال شيخ بلخي قندهار مان ڪهي سنڌ آيو هو. هن سالن کان پوءِ سن 930هـ (1524ع) ۾ هن ملتان تي ڪاهڻ جو پڪو پهہ ڪيو ۽ پنهنجي اميرن ۽ نوابن کي لشڪر جي تياريءَ لاءِ حڪم ڏنائين. سن 931هـ (1525ع) جي شروعات ۾ هن ملتان طرف پيشقدمي شروع ڪئي. جڏهن هُو اُچ واري جوءِ ۾ پهتو تہ ڏٺائين تہ بروچ ۽ لانگاهہ سندس مقابلي لاءِ تيار بيٺا آهن. انهيءَ زماني ۾ ملتان ۾ رهندڙ فوج شاهہ حسن جي فوج کان سوپيرا گهٽي هئي. ۽ ڪيس خدا تي پروسو هو ۽ پنهنجي ٿوري مغل فوج سان جهيڙي جي تياري ڪرڻ لڳو. جڏهن ٻنهي ڌرين جا ڪنڊار مڙس ڪميٽ ڪڍائي اچي هڪ ٻئي جي سامهون ٿيا تہ مغلن پنهنجي طرف کان لانگاهن پنهنجي طرف کان تيرن جا وسڪارا لائي ڏنا. مقابلو ڏاڍو ٿيو. پر ٿورو وقت هليو جنهن ۾ شاهہ حسن کي سوڀ نصيب ٿي. لانگاهن جا ڪيترائي ڪونڊ ڪنا. قلعو فتح ڪرڻ کان پوءِ ان ۾ موجود جڳهن کي ٻاهي پٽ ڪيو ويو.

تاريخ سنڌ جا عربي ۽ فارسي ماخذ

شاه حسن جي هن فتح جي خبر ملتان جي حڪمران سلطان محمود لانگاهه (17) کي پڻجي وئي. جنهن چوڌاري پنهنجا ماڻهو ڏوڙايا انهيءَ مقصد سان ته ٿوري وقت اندر تمام گهٽي فوج گڏ ٿي سگهي. هن مهيني کن جي ٿوري عرصي اندر هن رندن، پروچن، دادي جت نيات مان اٽڪل اسي هزار گهوڙسوار ۽ پيادل فوج گڏ ڪري ورتي (18) هن لشکر جي اڳواڻي سلطان محمود لانگاهه پاڻ ڪري رهيو هو. شاه حسن کي جڏهن ايڏي وڏي لشکر جي اچڻ جون خبرون مليون ته پنهنجي منزل ڇڏي اچي گهاري واري وهکري جي ڪنار سان مورچه بندي ڪيائين ۽ اتي ويهي دشمن جو انتظار ڪرڻ لڳو. سلطان محمود مهينو کن ملتان جي اوسي پاسي انهيءَ مقصد سان رهي پيو ته جيئن پنهنجي فوج واسطي مناسب جنگي سامان ۽ بارود جو جوگو بندوبست ڪري سگهي. اهڙي بندوبست کان پوءِ هن پيش قدمي شروع ڪئي. ڪيس گهٽي لشکر ڪري سوپ جي پڪ هئي. تنهن ڪري ڏاڍي تنڊ ۽ ٽيلي سان اڳتي وڌي رهيو هو. هتي هڪ اهڙو معاملو پيدا ٿي پيو جو هڪدم حالتون ئي بدلجي ويون. شيخ شجاع بکري نالي هڪ ماڻهو جيڪو سلطان جو نياڻو به هو جنهن بابت سلطان کي پتو پيو ته سندس حرم سراءِ جي ڪنهن عورت سان هن جا تعلقات آهن. اهڙي خبر شيخ شجاع کي به پڻجي وئي. هن پنهنجو سر بچائڻ خاطر سلطان کي ختم ڪرڻ جو سوچيو. هن چا ڪيو جو سرڪاري خزاني ۾ رکيل قاتل زهر جيڪو عام طور تي باغين کي کارائي ختم ڪيو ويندو آهي. ڪنهن طريقي سان هٿ ڪري سلطان محمود کي کارائي ڇڏيو. سندس فوج گهٽي هروچن تي

مشتمل هئي. جيڪا سندس وفات تي منجهي پئي.

لانگاهن مڙي سلطان محمود جي پٽ سلطان حسين کي راڄگديءَ تي وهاريو ۽ مناسب ائين ڄاتائون ته شاهه بيگ سان جهيڙي وارڻ بدران ناهه ڪيو وڃي. تنهن ڪري ناهه ڪرڻ جي خيال سان لانگاهن شيخ بهاوالدين کي شاهه حسن ڏانهن روانو ڪيو. جنهن ڳالهيون ٻولهيون ڪري ناهه ڪيو ۽ موٽي اچ آيو. هتي هن هڪ ٻئي قلعو ناهڻ لاءِ حڪم ڪيو. اتي سلطان محمود جو هڪ مڪيه ماڻهو لنجار خان اچي وٽس پهتو ۽ ڪيس ٻڌايائين ته سلطان حسين ڪچيءَ عمر وارو هڪ ڇوڪرو آهي. منجهس ملتان جي راڄ سنڀالڻ جيتري ڏاهپ ڪانه آهي. ملڪي مامرن ڏانهن سندس ڪو ڌيان ئي ڪونه آهي. عيش عشرت ۾ ڪاهي پيو آهي. رعيت سان ڏاڍ جي ڪري ماڻهو ڪائنس ڦري ويا آهن. چوڌاري وڳوڙن منهن ڪڍيو آهي. ان ڪري عام ۽ خاص ماڻهو ڪنهن ٻئي حڪمران لاءِ واجهائي رهيا آهن ۽ آخر ۾ ڪيس ملتان تي ڪاهڻ جي گذارش ڪيائين. هن سندس اهڙو عرض قبوليو ۽ ملتان ڏانهن پيش قدمي شروع ڪئي ۽ اتي پهچي هن قلعي تي ڪڙو چاڑهيو. جنهن ۾ لانگاهه فوج قلبند هئي. ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ ڏهاڙي سخت جنگ لڳندي هئي. ان ڪري شهر ۾ ڪاڏو خوراڪ اچڻ بند ٿي ويو. نتيجي ۾ ڏڪار ڪاهي پيو. اهو نيٺ ايترو وڌي ويو جو ڳڻون جي منڊي ڏهن ٽڪن ۾ ملڻ لڳي ۽ ان جو اڳهه به وڌي وڃي هڪ سئو روپيه مڙ ٿيو. هڪ ڏينهن صبح جو هڪ فوجي ٽولي ڪوشش ڪري قلعي جو ڦاٽڪ پڄي وڏو ته ارغون لشڪر ڏوڪيندو قلعي ۾ ڪاهي پيو. اهڙيءَ طرح قلعو فتح

ٽي ويو. ستن ورهين کان سترهن ورهين تائين جيڪي به ماڻهو هئا. تن کي هانها هانهيون ٻڌايو ويو. شهر کي ڦري لٽي پينگ ڪيو ويو. ڪيترا لانگاهه ڪسي ويا. ان کانپوءِ شاه حسن پنهنجي فوج کي حڪم ڪيو ته ڪنهن به ماڻهوءَ کي هٿ نه لاتو وڃي.

شيخ بهاوالدين سلطان حسين ءِ سندس پيٽ کي شاهه حسن جي روبرو وٺي آيو ءِ سندن اڳئين عزت ءِ آبروءَ کي ڏسي ساٽن مهرباني ۽ وارو ورتاءَ ڪيو. شاهه حسن ملتان ۾ به مهينا ٽڪڙ کان پوءِ خواجه شمس الدين کي به سؤ گهوڙيسوار هڪ سؤ پيادا ءِ هڪ سؤ تويچي (19) حوالي ڪري شهنشاهه بابر ڏانهن قاصد موڪليائين ته هن ملتان جو علائقو کيس تحفي طور پيش ڪيو آهي. ان کان پوءِ هو منزلون ڪندو اچي بکر پهتو. ٿورو وقت اتي ترسي ٽٽي پهتو. ملڪي انتظام جي جاچ پڙتال ڪيائين. پوءِ هو سارو وقت ٽٽي ۾ رهيو ءِ پندرهن سال حڪومت ڪري وفات ڪري ويو.

سن 949هـ (1542ع) جي رمضان مهيني ۾ شهنشاهه نصير الدين همايون، شير شاهه افغانيءَ کان شڪست کائي لاهور کان ٽيندو اچي سنڌ پهتو ءِ لهري (روهڙي) پرسان اچي خيما کوڙيا هئائين. پنهنجي رهائشگاهه ٻهرلوءِ واري جوءِ ۾ قائم ڪئي هئائين. جتي باغن جي بهار لڳي پئي هئي. سلطان محمود سندس اچڻ جو ٻڌي ٻيڙي فصل ساڙائي ڇڏيا ءِ پاڻ بکر ۾ قلعبند ٿي ويهي رهيو. شهنشاهه همايون امير طاهر صدر ءِ شمس الدين بيگ کي ٽٽي مرزا شاهه حسن ڏانهن روانو ڪيو ءِ نياپو موڪليو ته هو شهنشاهه بابر ءِ ترخانن رڄ ۾ مضبوط دوستاڻن ناتن کي ضرور ڏسي ءِ سندس

مناسب واهر ڪري شاهہ حسن سندس موڪليل قاصدن جي تمام گهٽي آجيان ڪئي. ڏانهن اهو بہ نياپو موڪليائين تہ جيڪڏهن شهنشاهہ گجرات تي حملو ڪندو تہ منهنجي فوج ان علاقي جي مڪمل فتح تائين ساڻس گڏ هوندي اهو بہ چوائي موڪليائين تہ هالاڪنديءَ کان وٺي سمنڊ تائين سندس اهل وعيال جو سارو خرچ هو پريندو. هن پنهنجي طرفان شيخ ميرڪ پوراني ۽ مرزا قاسم طفائي (طغائي) کي شهنشاهہ ڏانهن ساڳيو پيغام ۽ قيمتي سوڪڙيون پاکڙيون ڏيئي روانو ڪيو. همايون بادشاهہ جي دربار ۾ پهچي مرزا طرفان ڏنل سوڪڙيون پيش ڪيون ۽ پيغام بہ پهچايو. ٿورن ڏينهن کان پوءِ مرزا لاءِ هن پنهنجي هٿ اکر سان خط لکي کين ڏنو ۽ وڃڻ جي موڪل مرحمت فرمائي. ان خط جو متن هن ريت هو: "شاهہ حسن — سلامن کان پوءِ مان تنهنجي گذارش هن شرط قبول ڪريان ٿو تہ تون مون سان وفادار رهندين."

شاهہ حسن شهنشاهہ همايون سان پاڻ وڃي ملڻ جو پڪو پهہ ڪيو هو. ارغون امير ۽ نواب سندس اهڙي خيال سان سهمت ڪونہ هئا. انهيءَ ڳالهہ تي راضي ڪونہ هئا تہ هو پاڻون ڇاڻون وڃي شهنشاهہ جي آڻ مڃين ۽ پيش پون. ان اختلاف راءِ ڪري ٿورا ڏند بہ ڏنائون ۽ مرزا کي ٻڌايائون تہ هو سندس شخصي راءِ سان ٻڌل ڪونہ آهي. شهنشاهہ همايون انهيءَ آسري تي پنج مهينا ٻهرلوءِ ۾ رهي پيو تہ مرزا شاهہ حسن ضرور سندس آجيان لاءِ وٽس لنگهي ايندو. فرمانبرداري مڃيندو ۽ تابعدار ٿي رهندو ۽ نيڪ نيت ساڻي ٻڌجي پوندو. پر جڏهن ڪيس ارغونن جي ارادن جو پتو پيو تہ سن 948هـ (

1541ع) جي جمادي الاول مهيني ۾ پنهنجي منزل ۾هرلوءِ مان پٽي سيوستان ڏانن روانو ٿيو. هتي پهچي اچي قلعي تي ڪڙو چاڙهيائين. مرزا کي جڏهن همايون جي پيش قدميءَ جي سڌس پئي ته هن ۾ ٻئي مان فوج وڻي اچي قلعي ۾رسان مورچا بندي ڪئي. قلعي کي فتح ڪرڻ واسطي فوج کي سرنگهن هڻڻ جو حڪم ڏنو ويو ۽ اهڙيءَ ريت قلعي جو هڪ برج اچي هيٺ ڪريو. اندر رهيل فوج ۾ همت ڪري اندران هڪ ٻي ٽپ تيار ڪري ورتي. شهنشاهه همايون کي جڏهن پتو پيو ته ارغونن جي فوج نئين ٽپ جوڙي ورتي آهي ته کيس محسوس ٿيو ته قلعي جي ڀاهڙ لاءِ وڌيڪ اهڙو ڪو سامان موجود ڪونه آهي. نه ته قلعي کي ڀاهي فتح ڪري وڻي ها. قلعي کي گهيري ڪئي کيس ڀريا ست مهينا گذري چڪا هئا. ٻئي پاسي کان شاهه حسن ڇا ڪيو جو گهيري واري فوج ڏانهن ويندڙ کاڌو خوراڪ بند ڪرائي ڇڏيائين. قدرتي طور اناڻي گهلي پئي ۽ درياهه ۾ چڙهڻ شروع ڪيو. اهي سيئي مشڪلاتون هڪ وقت آڏو آيون. تنهن ڪري همايون جي لشڪر لاءِ ڏڇو پيدا ٿي پيو. انهيءَ وقت جوڌپور جي راجا مالديو وٽان کيس هڪ درخواست پهتي ته هو سندس غير حاضري ۾ پنهنجي طرفان فوج گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. جيڪڏهن حضور جن پنهنجي سر هيڏانهن ايندا ته واهر لاءِ گهٽي فوج ڪٽي ڪري سگهجي ٿي. وڌيڪ اها ۾ گذارش ڪئي هئائين ته وٽس ويهه هزار راجپوت فوج آهي. جيڪا شهنشاهه جي فرمانبردار ۽ تابعدار هوندي ۽ جهڙي طرح ان کي حڪم ڪيو ويندو اوڏانهن هلي ويندي.

هن دعوت ملڻ کان پوءِ شهنشاهہ سن 949هـ (مئي – جون 1542ع) ڏاران راجا مالديو ڏانهن جوڌپور روانو ٿي ويو. ٿورين منزلن کان پوءِ جڏهن ويجهو وڃي پهتو تہ اتان جي ڪن خيرخواهہ ماڻهن ڪيس ٻڌايو تہ راجا مالديو جي ڏنل دعوت ۾ فريب آهي. انهن ڪيس اهو بہ چيو تہ هن واهر ڪرڻ جو ڏونگ ڪري انهيءَ لاءِ هن کي گهراريو آهي تہ جيئن شيرشاه افغاني جي چوڻ مطابق مٿس اوچتو حملو ڪري ۽ ڦري لٽي سندس فوج کي ناس ڪري ڇڏي. همايون کي جڏهن حقيقت جو پتو پيو تہ مٿس ڏاڍ ڇائنجي ويو. پنهنجن ماڻهن سان صلاح مشورو ڪري يڪدم جوڌپور واري علائقي مان منزل پٽي تڪڙيون منزلون ڪندو ساتلمير ۽ اتان کان جيسلمير ڏانهن روانو ٿيو. بعد ۾ منزلون هٽندو اچي عمرڪوٽ رسيو. هن سفر ۾ پاڻيءَ جي اٽاٽ ڪري سندس فوج ڏڃي ۾ اڙجي وئي هئي. جڏهن ڏير سال Dair sal پهتو تہ اتان جو راڻو سندس استقبال لاءِ آيو ۽ اچي سندس رڪاب چميائين. همايون آرام ڪرڻ لاءِ ڪجهہ ڏينهن اتي ترسي پيو.

ٽٽي وارن ماڻهن سيد علي شيرازي کي مختلف قسم جي عطرن ۽ ميوات ۽ ٻين قيمتي تحفن سان ڏانهن روانو ڪيو. جيڪو ان وقت ٽٽي جو شيخ الاسلام هو. سندس اقبال جو ستارو تنهن زماني ۾ چمڪڻ لڳو هو.

آخر ڏينهن رجب جي 5 تاريخ سنہ 949هـ (15 آڪٽوبر 1542ع) ۾ شهنشاه جلال الدين محمد اڪبر اتي ڄائو. شهنشاهہ همايون پنهنجي پٽ جي ڄمڻ تي بي انتها خوش ٿيو. هن ننڍڙي ٻار

جا پهريان مٿي جاٽايل سيد جي پهراڻ مان سڀيا ويا هئا. عمر ڪوٽ ۾ بادشاهه جي رهڻ لاءِ جڳهه ڪانه هئي. تنهن ڪري همايون سنڌ جي آباد علاقي ڏانهن اسهيو. سفر ڪندو نيٺ اچي جوڙ نالي هڪ شهر ۾ پهتو. جيڪو ريٽي نالي هڪ وهڪري تي آباد هو. هيءَ ساري سنڌ ۾ وڏيڪ سکيو ستابو ۽ سائو ڀائو علائقو آهي. چوڏس باغن جي بهاري ۽ ٽيڙ نهار تائين پوکي راهيءَ جي ساوڪ پئي ڏسڻ ۾ ايندي پاڻي جا وهندڙ واهه ڪڙيا ۽ ڪس هيڏانهن هوڏانهن ويندا پيا ڏسبا هئا. من موهن ڏيک ڏسڻ سان هنيانءَ هٿن مان نڪري وڃي. هنن باغن بستانن جي بهاريءَ ۾ شهنشاهه ڪجهه ڏينهن ترسيو. پرسان ئي هڪ ٻيو شهر به ڏسجي رهيو هو. مرزا شاهه حسن به پنهنجي فوج وٺي اچي پرسان وائڙ هنئي. فوجين جي ٻنهي واندين جي ماٺهن ۾ ڪنهن نه ڪنهن ڳالهه تان لڙ بکيڙو ۽ جهيڙو جهٽو پيو ٿيندو هو. هڪ ڏينهن تيمور سلطان، شيخ علي بيگ ۽ تردي بيگ خان هڪ قلعي تي هلان ڪرڻ چاهي جنهن ۾ ان رکيل هو. اها سڀس سلطان محمود بکريءَ جي ڪنين پٽجي وئي. تنهن ڪري هي پنهنجي فوج وٺي وڃي مٿن ڪڙ ڪيو. شيخ علي بيگ ۽ سندس پٽ ان مقابلي ۾ مارجي ويا. ٻين به ڪيترن ماٺهن هن جهيڙي ۾ پنهنجون جانيون تلف ڪيون. مخالف فوج جو به گهٽو جاني نقصان ٿيو. همايون جڏهن هيءَ ڳالهه ٻڌي ته ڪيس ڏاڍو ڏک ٿيو. تنهن ڪري سنڌ مان مايوس ٿي هن قندهار ڏانهن وڃڻ جو سوچيو.

7 محرم سن 950هـ (1543ع اپريل جي مهيني بيرم خان به گجرات کان ناااميد ٿي موٽي آيو. همايون سندس ڳالهيون ٻڌي رهندو

بہ هنيانءَ لاهي ويئو. پر بيرم خان کيس دم دلاسا ڏئي دل ٻڌائي. هن ٻنهي مڃريل ڏرين وچ ۾ ڳالهه ٻولهه وسيلي ناهه ڪرائڻ جا جتن ڪيا. شاهه حسن بہ ناهه تي ڏاڍو سرهو ٿيو ۽ هڪدم هڪ لک مثقال روڪ ڏوڪڙ همايون ڏانهن روانا ڪيائين. هن کان علاوه بار برادري لاءِ ٽي سو گهوڙا ۽ ٽي سو اٺ بہ ڏياري موڪليائين. شهر پرسان درياهه تي پل تعمير ڪئي وئي. جنهن تي شهنشاهه "صراط مستقيم" نالو رکيو هو. هي ڇڙ قطع تاريخ هو. جنهن مان ناهه ۽ پل ٺهڻ جو سال 950هـ (1543ع) نڪري ٿو. ساڳئي سال ربيع الآخر جي 7 تاريخ همايون قندهار ڏانهن روانو ٿيو ۽ مرزا شاهه حسن ٺٽي موٽي آيو. ڇيو ويندو آهي تہ مرزا شاهه حسن عمر جي آخري ڏينهن ۾ اڌرنگي جو مريض ٿي پيو هو ۽ سندس گهٽو اٽڻ ويهڻ هيٺئين طبقي جي گندن ماڻهن سان ٿيندو هو. مثال طور هن سن 960هـ (1553ع) ۾ عربي ڪاهيءَ کي شهر جو ڪوٽوال ۽ گهوڙن جي ڪڑهين جي داروغي اسماعيل کي پنهنجو وزيراعظم مقرر ڪيو. ساڳئي سال جي پچاڙيءَ ڏاران ساڳي عربي ڪاهيءَ کي تغلق آباد قلعي جو قلعدار مقرر ڪيو ويو. ان ئي سال پنهنجي ٻن غلامن، رفيق ۽ شبيهه کي شهر جو ڪوٽوال مقرر ڪيائين جن کي هن ڪجهه عرصو اڳ خريد ڪيو هو. اهڙيءَ ريت هن سيني ارغونن ۽ ترخانن کي عربي ڪاهيءَ جي هيٺيان رکي پاڻ بکر هليو ويو.

عربي ڪاهيءَ جا پٽ اجهل ۽ ايڌگا ماڻهو هئا. ڦر لٽ ۽ ڏاڙا سندن ڏهاڙيءَ جي ڪرت هئي. سندن اهي حال ڏسي ٺٽي جا ارغون ۽ ترخان وسوڙجي ويا ۽ پاڻ کي ڏکيو پائڻ لڳا. اهڙيون ڳالهيون ٻڌي

عربيءَ کاهي بکر. مرزا ڏانهن پنهنجو قاصد روانو ڪيو جنهن وڃي سارو احوال ڪيس ٻڌايو تہ ٺٽي جي ارغونن ۽ ترخانن سندن فرمانبرداري ۽ تابعداري ڇڏي ڏني آهي ۽ هن خلاف ڪي ستون ستي رهيا آهن. جيئن تها هي ملڪ جي خلاف ڳالهيون آهن، تنهن ڪري پاڻ تي فرض ۽ قرض ڄاتم تہ اوهان کي اهڙي ڄاڻ ڏيان. شاهہ حسن جڏهن اهي ڳالهيون ٻڌيون تہ ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي ويو ۽ عربي ڪاهيءَ ڏانهن حڪم موڪليائين تہ ارغونن مان جهيڙاڪار ۽ وڳوڙي ماڻهن جهڙوڪ مير فرخ، مير ڪيبڪ، مير تيمور، مير فاضل ۽ ٻين کي ڪنهن حيلي بهاني ۾ قلعي ۾ گهرائي قتل ڪرايو وڃي. اهڙن ماڻهن جي قتل ٿي وڃڻ کان پوءِ ٻيا ماڻهو ڪن ڪندا ۽ فرمانبردار ۽ تابعدار ٿي ويندا. هن ساڳيءَ ريت دوکو ڪري مغلن ڏانهن وري هن قسم جو خط لکيو. جنهن ۾ پيار، پاڻپوهہ ۽ ٻاجهہ ۾ ٻريا ٻول لکيل هئا. "توهان ۽ منهنجو رشتو ناتو اٽوٽ آهي. عربي ڪاهي ۽ ان جهڙا ٻيا ماڻهو اوهان جا نوڪر چاڪر آهن. اهڙن ماڻهن کي سمن جي دل ساڙڻ واسطي اهڙن وڏن عهدن تي رکيو ويو آهي. جيڪڏهن اهي ماڻهو هن جي حڪمن موجب عمل ڪندا ۽ اوهان سندن عزت ڪندا تہ پنهنجا فرض ادا ڪرڻ ۾ هو دل ٻڌي ڪم ڪندا رهندا." اهي ٻئي متضاد خط مغلن جي هٿ لڳي ويا. ڪين شاهہ حسن جي دوکي دولاب جو پتو پئجي ويو. تنهن ڪري بغاوت جو اعلان ڪيائون. محرم مهيني جي اڳياڙي سن 921هـ (ڊسمبر 1533ع) ڏاران سندس ماڻهن جهڙوڪ عربي ڪاهي، شبيهہ ۽ رفيق کي جهلي کهي ڇڏيائون. ماهہ بيگم ۽ سندس ٻين سريتن کي قيد ڪيو ويو.

ملڪي انتظام هلائڻ واسطي ڪين هڪ اعليٰ منتظم جي لوڙ هئي. انهن مان هر ڪو ماڻهو اهڙا انتظام سنيالڻ لاءِ تيار هو ۽ چئي رهيو هو ته ارغونن جي ساري ڪٽم مان هو اڪيلو باصلاحيت ۽ ڏاهو ماڻهو آهي. جيڪو ملڪ کي سهڻي طريقي سان هلائي سگهي ٿو. حالت هن حد تائين وڃي پهتي جو ارغونن چيو ته هڪ ارغون کي ٻئي کان مٿاهون سمجهي منجهائن کو حڪمران چونڊي ڪونه ٿو سگهجي. تنهن ڪري بهتر آهي ته ترخانن مان ڪنهن ڏاهي ۽ سمجهوءَ ماڻهوءَ کي چونڊي اها ذميواري سونپجي. تنهن زماني ۾ مرزا عيسيٰ ترخان فتح باغ جو گورنر هو. جيڪو اعليٰ منتظم. سمجهو ۽ ڏاهو ماڻهو هو. اهو ئي ان عهدي جو لائق هو ۽ سمجهيائون ته جيڪڏهن ڪيس اهڙي گذارش ڪئي وئي ته منهن ڪونه موڙيندو. اهڙيءَ ريت ڪيس نياپو موڪلي فتح باغ مان گهرايو ويو. هن جي پهچڻ تي سندس گهٽو آدر ياءَ ڪيو ويو. بعد ۾ ڪيس ملڪي انتظام سنيالڻ جي گذارش ڪئي وئي. جيڪا هن قبولي. ان کان پوءِ سيني گڏجي ڪيس پنهنجو سردار ۽ ٻڌي جو حڪمران تسليم ڪيو ۽ ساڻس فرمانبرداري ۽ تابعداري جا واعدا وچن ڪيائون ۽ پير تي ڏئونکو ڏئي سندس حڪمران هجڻ جو اعلان ڪيو ويو. ملڪ جو خزانو به سندس حوالي ڪيو ويو. جهن جو وڏو حصو فوجين ۾ ورهايو ويو. اهڙيءَ ريت سنڌ جي مختلف علائقن ۽ قبيلن تي سندس حڪمراني جي سگهه جو ڏاڪو جمي ويو.

جڏهن هيءَ خبر شاهه حسن ٻڌي ته آپي کان نڪري ويو. بکر ۾ جيڪي به ارغون ۽ ترخان موجود هئا. جهڙوڪ: مير جاني بيگ

ترخان، ميرِ احمد ترخان، ميرِ حمزو بيگلار ۽ ميرِ مراد حسين بيگلار تن کي ساڻ ڪري وڏي فوج وٺي انهيءَ مقصد سان ٺٽي روانو ٿيو تہ جيئن اتان جي ارغونن ۽ ترخانن کي سيکٽ ڏئي سگهي. جڏهن هو شهر کان ٻن ڪوهن جي پنڌ تي پهتو تہ ٺٽي واري فوج اچي سندس سامهون ٿي. ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ چتي ويڑهہ لڳي،، جنهن ۾ ڪيترا ماڻهو مارجي ويا. جهيڙو ڪنڊيو پيو هو تہ ان دوران مرزا شاهہ حسن تي اڌرنگي جو سخت حملو ٿيو.

شاهہ حسن جي فوج جو مهندار سلطان محمود بکري هو. جيڪو ميرِ فاضل ڪوکلتاش ولد عاقل خواجہ ولد احمد خواجہ جو پٽ هو. ميرِ احمد خواجہ اصفهان جي چوڌ ناليرن اميرن مان هو. جڏهن صاحب قرآن امير تيمور گورگاڻي عراق تي حملو ڪيو هو تہ اصفهان جي اميرن هن جي خلاف بغاوت ڪئي هئي. جڏهن اها خبر امير تيمور کي پئي تہ حڪم ڪيائين تہ انهن کان ملڪيت ڦري لٺي وڃي. انهيءَ حملي دوران ميرِ غافل خواجہ جو پيءُ امير حسن بصريءَ کي هٿ لڳي ويو هو. جنهن ڪيس پنهنجي گود جو پٽ ٻڌايو ۽ تعليم ڏياري ۽ تربيت ڪئي. خواجہ احمد، ملڪ محمود کان ٿي پيڙهيون اڳ ۽ عدي Iddi پٽ حاتم طائيءَ کان اٽويهہ پشتيون پوءِ پيدا ٿيو هو. سلطان محمود خان بکري آزاد طبع ۽ بهادر انسان هو. پوئين گٺ ۾ تہ هو پنهنجو مٽ پاڻ هو. مرزا شاهہ حسن جي ملازمت دوران پنهنجي بهادريءَ جي ڏاڪ جمائي ڇڏي هئائين. جڏهن سمجهيائين تہ شاهہ حسن جي ڪپيءَ مان ڪڍا ڪٽي ويا آهن ۽ ڏينهن ٻن جو مهمان آهي. هلندڙ جهيڙي ۾ مسلمانن جون حياتيون تلف ٿي رهيون آهن.

جيڪڏهن جهيڙي هلندي شاهه حسن مري ٿو وڃي ته هو ڏکن ڏولاون جي اهڙي ويڑهيءَ ۾ وکوڙجي ويندو جو جند ئي آجي ڪري ڪونه سگهندو. هن سوچي ويچاري مرزا عيسيٰ ترخان ڏانهن نياپو موڪليو ته شاهه حسن گهڙين جو مهمان آهي. سندس موت کان پوءِ ته ڪو جهيڙو ئي ڪونه آهي. تنهن ڪري بهتر آهي ته پاڻ ۾ ڪن شرطن تي ناهه ڪريون. جيستائين شاهه حسن جيئرو هو ته هن خلاف ڪوبه ڪم ڪونه ڪيائين. سندس وفات کان پوءِ هن مرزا عيسيٰ سان هن قسم جو ناهه ڪيو ته لکي کان متي بکر جو علائقو محمود جي حڪمرانيءَ هيٺ رهندو. جڏهن ته ان کان هيٺ ويندي سمنڊ تائين سارو ملڪ مرزا عيسيٰ ترخان جي ملڪيت هوندو. ٻئي ڏينهن صبح جو شيخ عبدالوهاب پوراني ۽ مير قاسم بيگلار، مرزا عيسيٰ ترخان طرفان معافي وٺڻ آيا ته هنن مرزا شاهه حسن خلاف بغاوت ڪري ڏوهه ڪيو آهي. هنن اهو به چيو ته جيڪڏهن شاهه حسن قيد کيل ارغونن۽ ترخانن کي آجو ڪندو ته مرزا عيسيٰ ترخان پاڻ هلي اچي کيل اڳين زيادتين جي معافي وٺندو. مرزا جي اها گذارش شاهه حسن قبولي. جيڪي به ارغون ۽ ترخان وٽس قيدي هئا، سي سڀ آجا ڪري ڇڏيائين. ان جي بدلي مرزا عيسيٰ ماه بيگم ۽ سندس ٻيون سريتون جيڪي وٽس بند هيون، سي آجيون ڪري مرزا شاهه حسن ڏانهن موڪلي ڇڏيون. ٻئي ڏينهن مير قاسم، مرزا عيسيٰ ڏانهن هن عبارت وارو خط کڻي آيو: "توکي هيئن ڪرڻ ڪونه جڳائيندو هو، جنهن ڪري ٻنهي ڌرين تي ٽڪو لڳي چڪو آهي. هاڻي ڏڏو ڪير ٽڪين ڪونه پوندو. جيڪو ٿيو سو ٿيو. هاڻ هيئن ڪر يا تون پاڻ اڇ

يا پنهنجي پٽ کي هيڏانهن موڪل. منهنجي مرضي آهي ته مان توکي ڏٽي جي حڪومت حوالي ڪريان ۽ پوءِ بکر موڙي وڃان." سيني ارغونن ۽ ترخانن صلاح مشورو ڪري مراز عيسيٰ کي شاهه حسن ڏانهن وڃڻ کان روڪيو ۽ چيائون ته هن بدران سندس وڏي پٽ مرزا محمد باقيءَ کي موڪليو وڃي. اها ڳالهه ٻڌي محمد باقيءَ انڪار ڪيو ۽ چيائين ته دشمن جي حوالي ڪرڻ کان بهتر آهي ته اوهان مون کي پاڻ پنهنجي هٿن سان قتل ڪيو. اهو ٻڌي مرزا عيسيٰ ترخان پنهنجي ٻئي پٽ مرزا صالح ڏانهن تڪيو. هو ادب کان اڳي ٻيڻو ۽ چيائين: "اوهان اطمينان ڪريو. آءٌ وڃڻ لاءِ تيار آهيان. ڏسڻون ته هو پنهنجو ڪيل قول پاڙي ٿو يا نه. جيڪڏهن هو پاڙي ٿو ته اسان جون آسون آسرا سڀ پورا ٿي ويندا. پر جيڪڏهن هو ڦري ٿو وڃي ته توهان محفوظ رهجي ويندا. مان اوهان واسطي اهڙي قرباني ڏيڻ لاءِ بلڪل تيار آهيان ۽ ان کي مان پنهنجو عزت ۽ريو موت سمجهان ٿو." مرزا عيسيٰ سندس مڙسي واريون اهڙيون ڳالهيون ٻڌي اڳي کيس پاڻهه مان ٻاکر پاتو ۽ کيس اوڏانهن وڃڻ جي موڪل ڏنائين. مرزا صالح تاريخ 4 ربيع الاول سن 961هـ (فيبروري 1554ع) تي ڪجهه سورهيه جوان ساڻ ڪري مرزا شاهه حسن وٽ پهتو ۽ کيس آندل سوڪڙيون پاکڙيون پيش ڪيائين. هن سندس مان ۽ مرجاتا جهڙي آجيان ڪئي. سندس وفاداري ۽ همت کي واکاڻيو. کيس پنهنجو پٽ ڪري مخاطب ٿيو. سروپا، تلوار، ڪمربند، جڙائو سنجن سان گهوڙو، خوبصورت هار ۽ نوبت بہ کيس مرحمت فرمايائين. ان کان پوءِ ڏٽي جي گورنريءَ جو پروانو ڏئي کيس رخصت

ڪيو ويو. هو خير سلامتيءَ سان موٽي ٺٽي پهتو. شاه حسن جيڪي شيون ڪيس ڏنيون. سي پنهنجي پيءُ جي حوالي ڪيائين. باقي نوبت پنهنجي رهائشگاهه جي سامهون رکيائين. جيڪا مقرر وقت تي سندس حڪم تي وڃندي رهندي هئي. هو پنهنجي پيءُ جو سدائين فرمانبردار ۽ وفادار رهندو آيو ۽ سندس حڪمن جي پوئواري ڪندو رهندو هو.

هنن ڳالهين طئي ٿيڻ کان پوءِ شاهه حسن بکر روانو ٿيو ۽ ساڳئي مهيني جي 12 تاريخ ٺٽي کان ويهه ميل مٿي علي پوٽن جي ڳوٺ پرسان وفات ڪري ويو. سندس حڪومت جو دور ٻٽيهه سال هو. ماهه بيگم ۽ شيخ عبدالوهاب سندس ميت آڻي امانت طور مڪليءَ ۾ دفن ڪرايو. ٻن سالن کان پوءِ سندس لاش سيد علي شيرازي ۽ ماهه بيگم کٽائي مڪي ۾ سندس پيءُ شاه بيگ جي قبر پرسان وڃي دفن ڪيو.

مرزا عيسيٰ ترخان

مرزا عيسيٰ پٽ مرزا عبدالعلي پٽ مرزا عبدالخالق پٽ (21) ارغون خان پٽ ابقا خان پٽ هلاکو ان پٽ چنگيز خان. مرزا شاهه حسن جي وفات کان پوءِ ان جو جانشين ٿيو. هن پنهنجي پٽ مرزا صالح کي پنهنجي جيئري ولي عهد مقرر ڪيو هو. حڪومت جو سارو ڪاروبار سندس حوالي هو ۽ مرزا عيسيٰ رڳو نالي جو حڪمران هوندو هو. (22) هو جنهن زماني ۾ ٺٽي ۽ اوسي پاسي واري علائقي جو حاڪم هو تہ پنهنجي پاءُ مرزا جان بابا کي پنهنجو قائم

مقام مقرر ڪري تاريخ 14 شوال 961هـ (سيپٽمبر 1554ع) تي وڏو لشڪر وٺي سيوستان تي ڪاهي ويو هو. ساڳئي مهيني جي 21 تاريخ تي اهو قلعو فتح ڪري ورتو هٿائين. درحقيقت اهو قلعو سلطان محمود بکريءَ جي حڪومت ۾ شامل هو. جڏهن ڪيس هن واقعي جي سڌ پئي تہ هو بہ پنهنجي فوج وٺي مرزا صالح جي مقابلي لاءِ روانو ٿيو. جڏهن اها ڄاڻ مرزا عيسيٰ کي پئي تہ هي بہ لٽي مان لشڪر وٺي بکر کي فتح ڪرڻ لاءِ نڪري پيو. هو محرم سن 962هـ (نومبر 1554ع) اچي بکر واريءَ جوءِ ۾ پهتو. سلطان بکري پنهنجي فوج وٺي اچي سندس سامهون ٿيو ۽ ٽوري مقابلي کان پوءِ هٽي اچي قلعبند ٿي ويهي رهيو. مرزا عيسيٰ ترخان وڏي اچي قلعي کي ڪڙو چاڙهيو ۽ سلطان محمود کي اچي سوڙهو ڪيائين. اهو حال ڏسي هن مير معصوم بکريءَ جي ڏاڏي مير سيد ڪلان کي وچ ۾ آندو. جنهن ناهہ ڪرڻ واسطي وڃي ترخان امير سان ڳالهہ ٻولهہ ڪئي ۽ سيوستان قلعي جي اوسي پاسي وارو علاقو بہ ڪيس ڏيڻ جي آڇ ڪيائين. سلطان محمود ڪيس هن حقيقت کان بہ واقف ڪيو تہ بکر هندستان کي ويجهو آهي ۽ لٽي جي حڪومت جو بچاءُ ڪيو ٻيلو آهي. سندس حڪومت جي سلامتي واسطي بکر جي سلطان محمود جي حڪومت رهڻ نهايت ضروري آهي. ناهہ جي ڇيڙي نبيري پوري ڪانہ ٿي هئي جو خبر پئي تہ فرنگين لٽي تي حملو ڪري ماٺهن جو قتل عام ڪري قري لٽي پيٻنگ ڪري ان کي ساڙي رک ڪري ڇڏيو آهي. حقيقت هن ريت هئي تہ اهي مرزا عيسيٰ ۽ سلطان محمود جي وچ ۾ هلندڙ جنگ ۾ مرزا عيسيٰ جي واهر لاءِ اچي رهيا هئا. مرزا

عيسيٰ هنن کان اڳي ٿٽي مان نڪري چڪو هو. ٿٽي کي غير محفوظ ڏسي ڦرڻ لاءِ مٽس حملو ڪيائون. هن واقعي جي جڏهن مرزا عيسيٰ کي خبر پئي ته سلطان محمود طرفان ٺاهه جي آڇ کي هڪدم قبولي پوئتي ٿٽي ڏانهن راهي ٿيو.

سن 964هـ (نومبر 1556ع) جي اڳياڙيءَ ۾ محمد باقي پيءُ خلاف بغاوت ڪئي. هن مان سندس مراد اها هئي ته تاج ۽ تخت جو وارث ڪير تسليم ڪيو وڃي. چاڪاڻ ته هو مرزا صالح کان وڏو هو. ان جنگ ۾ محمد باقيءَ هارايو ۽ وٽي ونگا ڏانهن ڀڳو. جيڪو سومرن جو علائقو هو. اتي رهي هو ڪيترن مغلن کي پاڻ سان ملائي جيسلمير ۽ عمرڪوٽ کان ٽيندو وڃي بکر نڪتو. سلطان محمود بکري هن ۽ سندس پيءُ جي وچ ۾ ٺاهه ڪرائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي. مرزا عيسيٰ مرزا صالح جو گهڻو احترام ڪندو هو. تنهن ڪري ڪيس ٿٽي مان نيڪالي ڏني وئي ۽ هو بکر ڏانهن هليو ويو. هن بکر ۾ ويهي هندستان جي بادشاهه (23) کان مدد حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. پر سلطان محمود ڪيس ائين ڪرڻ کان منع ڪئي. هن دور انديشيءَ کان ڪم ورتو هو ۽ سمجهيائين پئي ته هندستان جي جيڪا فوج ٿٽي تي حملو ڪندي سان ضرور بکر وٽان گذرندي ۽ ٿٽي کان وڌيڪ نقصان ڪيس ٽيندو. تنهن ڪري هن ڪيس سختي سان روڪڻ جي ڪوشش ڪئي.

سن 970هـ (1562ع) ۾ مرزا صالح کي مريد نالي هڪ پروچ قتل ڪري ڇڏيو. هو نهايت بهادر انسان هو. دشمنن خلاف ڪيترين ئي سوين ماڻي چڪو هو. مرزا صالح هن پروچ جي ساري ڪٽنب

کي ڏاڙي جي ڏوهه ۾ قتل ڪرائي چڏيو هو. هن کيس کا درخواست ڏيڻ پئي چاهي، مرزا کيس پاڻ وٽ ويجهو سڏيو. هن موقعو ڏسي کيس خنجر هڻي قتل ڪري چڏيو.

پنهنجي پياري ڏاهي ۽ بهادر پٽ جي قتل کان پوءِ هن جان بابا کي ولي عهد مقرر ڪيو. ٿوري عرصي کان پوءِ سلطان محمود بکريءَ مرزا عيسيٰ ترخان کي مرزا باقيءَ کي معاف ڪرڻ جي گذارش ڪئي، پر مرزا عيسيٰ سندس اها ڳالهه کائه مڃي. ڪيترا امير نواب جيڪي مرزا محمد باقيءَ جا طرفدار هئا، تن به مرزا عيسيٰ کي زوردار گذارشون ڪيون ته کيس معاف ڪري ۽ سندس اهڙيءَ ريت سلطان بکريءَ وٽ رهڻ هن لاءِ بهتر ڪوٺيندو. پوءِ مس وڃي محمد باقيءَ کي معاف ڪيائين ۽ کيس ڏنڻي اچڻ لاءِ شيخ عبدالوهاب پوراني ۽ پنهنجي پائڻي مير يار محمد کي بکر روانو ڪيائين. مرزا باقي جڏهن ڏنڻي پهتو ته سڏو وڃي پنهنجي پيءُ سان مليو. جنهن کيس سيوستان واري جاگير حوالي ڪئي پوءِ هو اوڏانهن روانو ٿي ويو.

مرزا عيسيٰ ڏاڍي ٻاجهاري سيءُ وارو ماڻهو هوندو هو ۽ پنهنجي ذات پات جي ماڻهن کي تمام گهڻو نوازيندو هو. پر پوءِ به ارغونن کي ڪوبه اکر دل تي ڪونه ويهندو هو. نت نوان وڳوڙ پيا پيدا ڪندا هئا ۽ درياهه پار ڳري ساڻس وڙهڻ جون پيا ڪاريون ڪندا هئا. هڪ پيري سندن وڳوڙ اهڙي صورت اختيار ڪري ويو. جو مرزا عيسيٰ کي سندن خلاف آتش بازي ڪرڻي پئي. جنهن ۾ ڪيترا ارغون مارجي ويا. باقي جيڪي بچيا سي واهر لاءِ وڃي سلطان محمود ڏانهن بکر پڳا. سلطان محمود بکريءَ ڏنڻي کان آيل هر ارغون کي سروپا ڏيڪائي، هر هڪ کي گهوڙو ڏنو ۽ سيني کي هڪ ڪري سيوستان تي حملي ڪرڻ لاءِ روانو ڪيائين. هنن سيوستان پهچي قلعي تي وڃي ڪڙو

چاڑهيو. ۽ ٽي قلعي جي پٽ ٽپڻ ۾ ڪامياب ٿيا. انهيءَ کان وڌيڪ هو ڪجهه ۽ ڪري ڪونہ سگهيا. مرزا عيسيٰ کي جڏهن اهڙي سڌ ملي تہ هوبہ نٽي مان وڏي فوج وٺي سيوستان ڏانهن روانو ٿيو ۽ فوج مان هڪ دستو چني هراول طور اڳتي روانو ڪيائين. انهيءَ مقصد سان تہ جيئن قلعي تي گهيري کي وڌي پٽائن ۽ حملي آورن جي ڪيڙ وڌي کين سيکٽ ڏين. ان فوج جو "رافيان" جي وسندي وٽ دشمن سان مقابلو ٿي ويو. جن مان گهٽا مارجي ويا ۽ ڪيترن پڃي جان بچائي. مرزا عيسيٰ پنهنجي فوج سان پيش قدمي ڪندو وڌي درهيلي وٽ پهتو. سلطان محمود بہ مراز عيسيٰ جي اچڻ جو ٻڌي بکر مان فوج وٺي اچي ساڳئي ماڳ وٽ پهتو ۽ مقابلي ڪرڻ واسطي هڪ ننڍڙو قلعو تعمير ڪري ورتائين. آخر ٻنهي ڌرين جي ناهہ لاءِ ماهہ بيگم ۽ شيخ عبدالوهاب پوراني اچي وچ ۾ پيا. ناهہ کان پوءِ ٻئي ڌريون راضي ٿي بکر ۽ نٽي هليون ويون.

سن 974هـ (1566ع) ۾ مرزا سخت بيمار ٿي پيو. ڪيس بچڻ جو آسرو ڪونہ هو. تنهن ڪري سيني ارغونن، ترخانن، اميرن، نوابن، وزيرن ۽ ملڪ جي برک ماڻهن کي انهيءَ مقصد سان پاڻ وٽ گهرايائين تہ جيئن مرزا جان بابا کي پنهنجي ولي عهد بڻائڻ جو اعلان ڪري. پر ماهہ بيگم اچي وچ ۾ پئي. جنهن سندس وڏي پٽ مرزا باقيءَ جي حق ريٽڻ کان ڪيس سختيءَ سان منع ڪئي. تنهن تي مرزا عيسيٰ جي وفات جي خبر بہ ڳجهي رکي وئي. مرزا عيسيٰ ترخان چوڏهن سال حڪومت ڪئي. ڪيس ان مقبري ۾ دفن ڪيو ويو. جيڪو هن پنهنجي باغ ۾ پاڻ لاءِ ٺهرايو هو. ان کان پوءِ مرزا محمد باقي تخت تي ويٺو.

تحفتہ الکرام

هن تاريخ جو مولف مير علي شير قانع آهي. جيڪا ٽن جلدن ۾ ورهايل آهي. پهريان ٻئي جلد گهٽا ضخيم ڏسبا. ٽيون جلد پنهنجي قسم جي منفرد تاريخي مواد تي مشتمل آهي. ساري ڪتاب جو مختصر خاڪو پهرئين جلد ۾ بيان ٿيل نظر ايندو. انهيءَ ترتيب موجب ڪتاب جي شروعات هن ريت ٿئي ٿي:

جلد پهريون: هن پاڳن ۾ ٽن بابن ۾ ورهايل آهي. پهرئين باب ۾ 1. پيغمبرن جو احوال 2. بادشاهن جو احوال 3. حضرت محمد صہ کان اڳ وارن ڏاهن ماڻهن. بزرگن. شاعرن ۽ وڏن ماڻهن جو حال

احوال، باب ٻيو پنجن پاڳن ۾ ورڇيل نظر ايندو. 1. حضور ﷺ جي ابن ڏاڏن جو ذڪر 2. حضور ﷺ جن جو حال احوال 3. ڇٽن خليفن سڳورن جو احوال 4. ڇٽن امامن جو ذڪر 5. ڇٽن امامن جي پونيرن جو احوال. ٽيون باب 3 حصن ۾ ورهايل ڏسبو. 1. بني اميہ گهراٽي جا خليفہ ۽ سندن عراق ۽ خراسان ۾ مقرر ڪيل گورنر ۽ ان جي وقت جي وڏن ماڻهن جو حال احوال 2. عباسي گهراٽي جي خليفن جو احوال. هن کان علاوه انهن ماڻهن جو ذڪر، جن مصر ۾ خلافت جو بنياد وڌو هو. ان دور جي ڪن وڏن ماڻهن جو پڻ احوال 3. عباسي خليفن جي سيهوڳي بادشاهن جو حال احوال.

جلد ٻيون: عام تاريخ جنهن ۾ وقت جي ڏاهن ماڻهن، اميرن ۽ وزيرن جو حال احوال.

جلد ٽيون: هن جلد ۾ خاص طور تي سنڌ جو حال احوال ڏنو ويو آهي. ان کان سواءِ سنڌ جي شهرن ڳوٺن، عالمن، بزرگن ۽ بادشاهن جو حال احوال پڻ نظر ايندو.

معلوم ائين ٿئي ٿو تہ ٽيون جلد پوئين دور سان واسطو رکي ٿو. جيڪو وڌيڪ مفصل ۽ سنڌ جي تاريخ سان لاڳاپيل آهي. هن ڪتاب جو اهو حصو جيڪو هن ملڪ جي قديم تاريخ سان واسطو رکي ٿو، سو ميرٻر معصوم جي "تاريخ سنڌ" جيان تفصيلي ڏسڻ ۾ ڪونہ ايندو. پر مذڪوره باب جون متفرق ڳالهيون پڻ نظر ايندڙيون جن جو هن تاريخي ڪتاب ۾ موجود هجڻ ضروري ٻيو معلوم ٿئي.

جهڙوڪ: ڏنڊ ڪٽائي ڳالهيون، ڪن ذاتين جو حال احوال ۽ ڪن اڳين حڪمران گهراٽن جي دور سان لاڳاپيل ڪن اهم شخصيتن

جا بيان ڏسبا. هن مولف بزرگن ۽ ولين جو ذڪر وڏي چاهه سان ڪيو آهي. هن ڳالهه ۾ معصوم جي "تاريخ سنڌ" کان به گوءِ ڪٽي ويو آهي. سنڌ جي هر ڳوٺ ۾ ڪنهن نه ڪنهن بزرگ جو مقبرو هوندو. هن مولف اهڙي هر بزرگ جو احوال وڏي وستار سان بيان ڪيو آهي.

هن ڪتاب جي شروعات راءِ ۽ برهمڻ گهراڻي سان ٿئي ٿي. جنهن ۾ عرب حملي جو ذڪر به اچي ويجي ٿو. نظر ائين اچي ٿو ته اهو احوال چچ نامي تان کنيو ويو آهي. جيڪو ويهن صفحن تي پکڙيل ڏسبو. ان کان پوءِ ٽيهن صفحن تي ڏند ڪٿائي ڳالهيون. ڏهلي طرفان مقرر ڪيل گورنرن جو حال احوال. سومرن سمن جو بيان. چٽيهه صفحا وري ارغون ۽ ترخان گهراڻي جي حڪمرانن ۽ انهن جي مکيه سردارن جي ڳالهين تي مشتمل ڏسڻ ۾ ايندا. چوويهن صفحن تي تيموري خاندان جي مقرر ڪيل گورنرن ۽ هارهن صفحن ۾ ميان سرفراز تائين ڪلهوڙا گهراڻي جو حال احوال قلمبند ٿيل ڏسبو. هن جلد جو ننڍيو اڌ اهڙين تاريخي حقيقتن سان لاڳاپيل ڏسبو. باقي وڏي اڌ ۾ وري شيخن مشائخن، عالمن، فاضلن، صوفين، بزرگن، درويشن، شاعرن ۽ ڪاتبن جو احوال ڏسبو.

هن جلد جي ختم ٿيڻ تي به قطعه تاريخ نظر ايندا جن مان معلوم ٿيندو ته هي ڪتاب 1181هـ (68_1767ع) ۾ لکجي پورو ٿيو آهي. پر هن باب جي وچ ۾ ڪلهوڙا گهراڻي جي راج جي پڇاڙي واري پاڳي ۾ ڪيترين اهڙين تاريخون به ڏنيون ويون آهن. جن مان معلوم ٿئي ٿو ته هي، ڪتاب مٿي ڏنل تاريخ سن 1188هـ ڌاران لکجي ختم ٿيو.

مولف جن تاريخن جا حوالا ڏنا آهن. سي سڀ سنڌ جون ڏيهي تاريخون آهن. جن جو مختصر ذڪر اڳتي ايندو. باقي هتان جي بزرگن بابت ڏنل احوال جواهر الاولیا، حديقة الاولياء، معلومات الآفاق ۽ تذڪرة المراد تان ورتل آهن. هن ڪتاب ۾ ٻين ڪتابن جا حوالا به نظر ايندا پر اهي اڃ سڌي ريت ورتل ڏا پائنجن.

تحفته الڪرام جا ڪجهه اقتباس ڪئپٽن پوسٽنس به جنرل ايشياٽڪ سوسائٽي آف بنگال ۾ به ڏنا آهن. هن کي LXXIV_ 1838ع 1845_CLVIII ۾ ڏسي سگهجي ٿو. پوئين CLVIII_ 1845 واري جنرل ۾ عرب حملي جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جيڪو چچ نامي تان ڪنيل پائنجي ٿو. جي فليوجل G.FLUEGEL جي ڪتاب "حاجي خليفاس ببلوگرافيڪم" جلد 71 ص 665_679 تي ڏنل احوال مان معلوم ٿئي ٿو ته تحفته الڪرام نالي هڪ ڪتاب مشهور عالم جلال الدين سيوطيءَ به لکيو هو.

(سر ايڇ –اليٽ وٽ موجود نسخي ۾ ٽي جلد آهن. پهرئين جلد ۾ 746 صفحا ۽ سائيز 11x8 انچ. ٻئي جلد ۾ 889 صفحا ۽ هر صفحي ۾ 17 سٽون آهن. ٽئين جلد ۾ 242 صفحا سائيز 1_2_ 12x8 انچ. في صفحي ۾ 25 سٽون ۽ اکر سنهڙا آهن. هتي ٽئين جلد جو نئون اتارو به موجود آهي)

اقتباس

سنڌ ۾ باه وسيلي سڃائي جي پرک جو رواج

سنڌ ۾ ڪي ريتون رسمون تمام آڳاٽيون آهن. اهڙين رسمن جو

ناتو واسطو جهالت سان آهي. پر اهي پابنديءَ سان اڄ سوڏو قائم آهن. جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ ۾ وڏي پاپ جو شڪ ڪيو ويندو آهي، جيڪڏهن اهو ماڻهو لڳايل الزام دور ڪرڻ چاهيندو آهي ته هو باهه جي آڑاهه مان ڳوهه جيان سرڪي لنگهندو آهي جيڪڏهن بي ڏوهو هوندو آهي ته ڪيس باهه ساڙي ڪانه سگندي آهي ۽ حضرت ابراهيم خليل جيان صحيح سلامت نڪري ايندو آهي. سسئي ۽ مارئي جي قصي ۾ به اهڙي ئي پرڪ جو مثال ملندو.

هتان جي اڻ پڙهيل ماڻهن ۾ هڪ ٻيءَ پرڪ جو به رواج آهي. ڏوهي جيڪڏهن پاڻ کي بي ڏوهو ثابت ڪندو ته باهه ۾ تپي ڳاڙهي ٿيل شيخ هٿن ۾ ڪٽي بيهندو. سندس هٿن کي باهه نه ساڙيو ته ڪيس بي ڏوهي سمجهيو ويندو. اهڙي پرڪ اسان کي مارئي جي قصي ۾ به نظر ايندي. ان جو طريقو اهو هوندو آهي، جو ڏوهي جي هٿ تي ڪچي سڳي جي مدد سان ساوا پن ٻڌا ويندا آهن. پوءِ باهه ۾ تپي ڳاڙهي ٿيل شيخ سندس هٿن تي رکي ويندي آهي ۽ هو ٻڌ ٽن وکن کڻڻ کان پوءِ اها اڇلي ڇڏيندو آهي. ان جي هٿ تي ويڙهيل پنن ۽ سڳي کي لهس به ڪانه ايندي آهي ته ان جي گرميءَ کان ڏرتي ائين ڪاري ٿي ويندي آهي. سچ جي سگهه ڪري هٿ کي ڪجهه به ڪونه ٿيندو آهي. نه ته اهڙي پجرندڙ لوهي شيخ جي گرمي پنهنجو اثر چونه ٿي ڏيکاري؟

اڄ ڪلهه ماڻهن جي وات هيءَ قصو به عام آهي ته هڪ عورت گهوڙيسوار جي جتي چورائي ۽ چوڻ لڳي ته ڪيس کابه خبر ڪانه آهي. جڏهن اهڙي پرڪ جو وقت آيو ته ان چور عورت چا ڪيو جو اها

جتي هڪ ڪاريءَ ۾ وڃي مٿان ڏڪي ان گھوڙيسوار جي زال کي جھلڻ لاءِ ڏنائين. جيڪا پرڪ ڏسڻ واري ميڙاکي ۾ بيٺي هئي ۽ چيائينس پرڪ کان پوءِ کائنس اڇي وڻندي پوءِ چيائين تہ سچ آهي تہ مان جتي لڏي هئي. جيڪا مان مالڪن کي موڪلائي ڏني آهي. جيڪڏهن اها ڳالھ سچي آهي تہ مان هي ڳاڙهي تتل شيخ کڻان ٿي. ان عورت پوءِ اها شيخ هٿ ۾ ڪنئي تہ ڪيس ڪجھ بہ ڪونہ ٿيو. دانهين عورت ڪاوڙ مان اها ڪاري ڪٽي هيٺ اڇلي تہ سچ ظاهر ٿي پيو ۽ ان چور عورت جي اٽڪل ظاهر ٿي پئي.

پاٽي وسيلي سچائيءَ جي پرک

تار پاٽيءَ ۾ هڪ ڏگھو لڪڙو کوڙيو ويندو آهي. شڪي ماڻھوءَ کي چيو ويندو آهي تہ ٽپي هٽي ان کتل لڪڙي جي پاڙ ۾ وڃي ويهي. پوءِ ڪمان مان تير هنيو ويندو آهي ۽ هڪ ماڻھوءَ کي چيو ويندو آهي تہ ڊوڙي اهو تير کڻي اچي. پوءِ هڪدم ان لڪڙي کي مٿان لوڏيو ويندو آهي. جيڪو پاٽيءَ ۾ ٽپي هٽندڙ ماڻھوءَ کي ٻاهر نڪري اچڻ جو اشارو هوندو آهي. جيڪڏهن اهو ماڻھو بي ڏوهو هوندو تہ خير سلامتيءَ سان نڪري ايندو. جيڪڏهن ڏوهي هوندو تہ ان وقت تائين ٻڏي مري ويندو.

بين جو مکڻ سوسڻ

هن کان علاوه هتان جا ماڻھو بين پاڳين جو مکڻ سوسي وڻندا آهن ۽ ٻئي ماڻھوءَ جي چاڏيءَ مان ڏونرو سوسي ان جو اثر پنھنجي

چاڊي ۾ آڻيندا آهن. ان جو هڪ مثال هيٺ بيان ڪجي ٿو:

هڪ معزز ماڻهوءَ ٻڌايو ته هو ڪنهن ڳوٺ جي هڪ عورت وٽ وڃي مهمان ٿيو. جنهن وٽ فقط هڪ ڳئون هئي. ڏڏ ولوڙڻ مهل هوءَ پاڙي ۾ ٽاندي بهاني هلي وئي. جتي هڪ گهر ڏياڻي وڏي چاڊي ولوڙي رهي هئي. ڇاڻايل مائي هٿان بيهي منتر جا ٻول چئي موڪي آئي. پوءِ هن هڪ ڳئون واري ڏونري مان ڏهوڻ تي وڏيڪ مکڻ ڪڍي ورتو.

جانور جي اڳئين ران جي ڦٽي وسيلي اڳڪٿي ڪرڻ

هن قسم جي اڳڪٿيءَ ڪرڻ کي شاڻ (۱) سڏيو ويندو آهي ۽ اڳڪٿي ڪندڙ کي مانسنگهه سڏيندا آهن. تازي ڪنل جانور جي اڳئين ران جي ڦٽي وسيلي جنهن بابت معلومات ڪرڻ چاهيندا آهن سا اڳواٽ حاصل ڪري وٺندا آهن. هڪ ڳالهه مشهور آهي ته جبل ۾ رهندڙ کي ماڻهو دشمن جي پؤ کان ڏجي ڪيڏانهن نڪري هليا ويا ۽ هنن جا دشمن سندن ڪيڙ ڪاهي پيا. پڇندڙ ماڻهن جي مانه ٻنگهه کين ٻڌايو ته هن شاڻ وسيلي معلومات حاصل ڪئي آهي ته سندن ويري تيز رفتاريءَ سان سندس ڪيڙ پيرا ڪٽي اچي رهيا آهن ۽ ڪنهن اٽڪل کان سواءِ بچڻ ممڪن ئي ڪونه آهي. تنهن ڪري ماڻهن کي چيائين ته کلين وارو پاڻي هيٺ هاري ۽ ان مٿان اڪري وڃن. هڪ مانسنگ دشمن ٽولي سان به گڏ هو تن شاڻ وسيلي معلوم ڪيو ته سندن پاڇوڪڙ دشمن هڪ واهڙ پار اڪري ويا آهن. مانسنگ جي اها ڳالهه ٻڌي پٺيان ڪاهي ويندڙ ماڻهو هنيانءَ هاري

ويڻا ۽ موتي هليا ويا. اهڙيءَ طرح پڇندڙن ماڻهن جي جان بچي وئي. هيءَ هڪ نندڙو مثال آهي تہ شاہ وسيلي کهڙي ريت اڳڪٿي ڪري سگهجي ٿي.

اڳڪٿي ڪرڻ جو هڪ ٻيو نمونو بہ آهي. منجهيل ۽ گنجريل نوڙيون هيٺ ڏرتيءَ تي اڇلائي تن کي سموهڻ مهل ڪيتريون اڳڪٿيون ڪري سگهبيون آهن.

سنڌ ۾ اڳڪٿيءَ ڪرڻ جا ٻيا نمونا

جيري کائڻ وسيلي: هتي کي عورتون اهڙيون آهن. جيڪي فقط جيرا کائيندڙيون آهن (2) ۽ انهن وسيلي اڳڪٿي ڪندڙيون آهن. جن جو هڪ مثال مرزا محمد باقيءَ جي تاريخ ۾ واضح آهي (3) کي جوڳٽيون عورتون بہ اهڙي ڳجهي ڳالهہ ڪري سگهندڙيون آهن. جنهن جو مثال راءِ ڏاهر جي تاريخ ۾ موجود آهي.

بوراتيہ Bawartiya ذات جا ماڻهو پنندا آهن. ۽ راز ٻڌائڻ جي ڀاني ماڻهن کي ڦرينداوتندا آهن. اهڙيون اڳڪٿيون بہ ڪندا آهن. جيڪي ڪڏهن بہ پوريون ڪونہ ٿيندڙيون آهن.

سنڌين جا ڪي ماڻهو مهان پاڳي هوندا آهن. جيڪي سولائي سان ٻڌائي سگهندا آهن تہ اهو پير مرد جو آهي يا عورت جو. ڪراڙي جو آهي يا جوان جو. جوءِ جو آهي يا اوپرو. اهي اهڙا تہ سچاڻ ۽ سچيت هوندا آهن. جو گهوڙي. اٺ ڏاند ۽ مينهن جو پير بہ ٻين اهڙن جانورن کان. سڃاڻي. الڳ ڪري وٺندا آهن. اهي پيرا آهوڙي جبل رڻ پٽ مان چور جي پيري کي کٽي ويندا آهن پر پاڻي مان بہ ڪونہ

چڏڻ.

ڪڇ ۾ ڪي اهڙا ماڻهو رهندا آهن. جيڪي تتر جي ٻولي ۽ مان سنو ۽ بد سوڻ سمجهي ويندا آهن. ٻين پکين جي ٻولي ۽ مان پڻ سمجهي ونندا آهن ته سفر سٽائو گذرندو يا نه هڪ ماڻهوءَ ٻڌايو ته هو ڪن ماڻهن سان گڏ سفر ڪري رهيو هو. منجهائن هڪ ماڻهوءَ چيو ته: "مون کي گهٽو تکو هلڻ کپي" باقي ماڻهن کي چيائين اهي ٻلي پنهنجي رفتار سان هلندا اچن. ڇاڪاڻ ته ڪيس پکيءَ جي ٻولي ۽ مان پتو پوي ٿو ته سندس گهر مهمان اچي نڪتا آهن ۽ منهنجا فلاڻا فلاڻا دوست مري ويا آهن. پوءِ پتو پيو ته سندس اها ڳالهه بلڪل سچي هئي.

هن ملڪ جي ڪن عجيب غريب ڳالهين جو بيان ڪنهن مناسب جاءِ تي ڪيو ويندو ۽ جابلو ماڻهن جون ڪي اچرج جهڙيون ڳالهيون قصي جي پچاڑيءَ ۾ بيان ڪيون ويندیون.

سسئي پنهونءَ جو قصو

نانيه نالي هڪ برهمڻ هو. جيڪو پنهنجي زال منڊر سان گڏ برهمڻ آباد ۾ رهندو هو. ڏاڍو سکيو ستابو هو. راجا دلوراءِ جو زمانو هو. کين ڪو اولاد ڪونه هو. ٿوري وقت کان پوءِ کين هڪ ڏيءَ ڄائي جيڪا سونهن ۾ چوڏهين جي چنڊ کان به ۾ رتيون سرس هئي. سندس جنم پتريءَ مان کين پتو پيو ته هوءَ هڪ مسلمان سان شاديَ ڪندي. تنهن ڪري اهڙي اڌرمي ڳالهه کان بچڻ واسطي ان ننڍڙيءَ سهڻيءَ ٻارڙيءَ کي هڪ صندوق ۾ بند ڪري درياهه ۾ لوڙهي

چڏيائون. اتفاق سان اها صندوق پنيور لڙهي وئي. ان شهر ۾ نهيہ نالي هڪ ڏوپي رهندو هو جنهن کي لال بہ ڪري سڏيندا هئا. کيس پنج سو شاگرد هئا پر کيس پنهنجو پيٽ ڀرڻو اولاد ڪونہ هو. اها صندوق جڏهن سندس شاگرد وٽان اچي لانگهائو ٿي تہ ان کي جهلي استاد وٽ کڻي آيا. کولي ڏٺائون تہ اندر چوڏهين۽ جي چند جهڙي سهڻي ۽ من مهڻي ڀارڙي ستي پئي هئي (4) سندس نالو سسئي رکي. کيس پنهنجو ٻار ٻڌايائون. جنهن جي معنيٰ آهي چند (5) اڄ ننڍي سپاٽي وڏي نيٹ اچي جوان ٿي تہ ويتر سهڻي ٿي پئي. سندس سونهن هنڌين ماڳين مشهور ٿي وئي. جيڪو بہ کيس ڏسندو هو تہ ان کي پنهنجي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو. ڪيترائي جوان کيس دل ڏئي ويٺا هئا. تنهن زماني ۾ ڪيچ ۽ مڪران کان قافلا پنيور ايندا هئا ۽ ڪيترن شين جو واپار ڪري پنهنجي ڏيهہ هليا ويندا هئا. اهڙو هڪ قافلو وڪر واپارڙ لاءِ اچي پنيور نڪتو ۽ حسب معمول کي شيون خريد ڪري پنهنجي ملڪ وريو. سسئي جي سونهن جون سوڌيون خبرون وڃي پنهون۽ جي ڪن پيون جيڪو اتان جي سردار جو پٽ هو. هو سونهن جي اهڙي هاڪ ۽ ڏاڪ ٻڌڻ سان پنهنجي دل کسائي ويٺو ۽ قافلي وارن جو ويس ڏکي اچي پنيور نڪتو. جتي سسئي۽ کي ڏسڻ سان دل هٿن مان نڪري ويس. سندس پاڻ بہ پلا هئا جو سسئي بہ ساڻس پيار ڪرڻ لڳي هئي. ان ڪري سسئي سان ملڻ جي آسري تي وڃي پٽهس جي نوڪري ڪيائين. قصو ڊگهو آهي. ان کي مختصر ڪري هن ريت بيان ڪجي ٿو تہ سسئي پنهون کي ڏسي جڙ تي چري ٿي پئي هئي. هڪ سوناري عورت پنهنجي مطلب خاطر هنن

ٻنهي طالب ۽ مطلوب جي وچ ۾ غلط فهميون پيدا ڪري ڦٽائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ غيرت ڏياري سسئي کان ڪاوڙائي وڏو هو. پر سسئي جي سڪ سچي هئي ۽ پاڻ کي بي گناهه ثابت ڪرڻ خاطر باهه جو آڙاهه لنگهي وئي ۽ ماڻهو اچرج ڪرڻ لڳا. ٿوري وقت کان پوءِ هنن جي ٻنهي جي شادي ٿي وئي. جڏهن پنهون جي پيءُ کي هن شادي جي خبر پئي ته پنهنجي مٽن کي پنهون کي وٺڻ لاءِ پنيور موڪليائين. هنن اچي پنهونءَ سان ملاقات ڪئي ۽ مهمان ٿي اچي سسئيءَ وٽ رات رهيا. ڪيس ننڊ ۾ ستي چڏي ڪري پلاٽيءَ پنهونءَ کي ڪڙي سوار ڪري پنهنجي ملڪ روانا ٿي ويا. هوءَ جڏهن صبح جو اٿي ته اٽ نه اوطاقن ۾. الائي ڪهڙيءَ ويل ڏوهڙ کي ڏاڙو هڻي جت پنهنجي جوءِ روانا ٿيا هئا. هوءَ بيوس ٿي پنهنجا ڪپڙا ڦاڙي اڪيلي ئي اڪيلي پنهنجي پرين جي پويان لڳي. ڏونگر ڏورڻ ۽ جبل جاڳڻ لڳي. اڪل چاليهه ڪوهه پنڌ ڪرڻ کان پوءِ اڄ جي سختي نه سهي سگهي ۽ بيهوش ٿي ڪري پئي. سڪرات جي سختي کان جيئن ڪو ماڻهو چڙيون هڻندو آهي. تيئن هوءَ پير رڳڑڻ لڳي. خدا جي قدرت سان هڪ تلاءُ پيدا ٿي پيو ۽ اتان هوءَ پاڻي پي تازي توانائي ٿي. وري ورڪنجي پنڌ کي ڏورڻ لڳي. ڪن معتبر ماڻهن جو چوڻ آهي ته اهو تلاءُ اڄا تائين پاڻيءَ سان ڀريل رهندو آهي. مينهن پوي يا نه پوي پر اهو سڪي خالي ڪونه ٿيندو آهي. ڇيو ويندو آهي ته واقعي واري رات سسئي ميندي لائي ستي هئي ۽ ڪيس هٿ ۾ ميندي جي سائي لاهه هئي. اها سجاڳ ٿيڻ وقت به هٿن ۾ هيس ۽ اها پاڻ سان کڻي نڪتي هئي. سا ان تلاءُ تي پوکيائين. قدرت جي ڪرشمي سان اها

وڏي سائو وڻ ٿي ٿي وئي. اهو وڻ هڪ ڦٽيل دل جي يادگار طور اڃا بہ موجود آهي. قصو مختصر تازي توانيٿيڻ کان پوءِ سسئي هلڻ شروع ڪيو. وري بہ جبل جا ڇهہ ست ڪوهہ ڪري وئي. تنهن کان پوءِ وري اڄ محسوس ٿيس. اتي ڪنهن ڏنار پري کان ڏسي ورتس ۽ چاهيائين پئي تہ ڪيس پنهنجي گهر وٺي وڃي ساڻس شادي ڪري. جڏهن هو سسئي جي ويجهو پهتو تہ ڪيس هڪل ڪري چيائين تہ "اي بي رحم انسان! مان اڄ مران ٿي پاڻيءَ لاءِ حيران پريشان آهيان تون وري منهنجي ڪيڏ حيران آهين. پهريائين تون مون کي پاڻي تہ پيار." اها ڳالهہ ٻڌي ڏنار وٺي پوئتي ڀڳو تہ هن لاءِ ڪا ٻکري ڏهي کير ڪڍي اڃي. هيڏانهن ويچاري سسئي پنهنجي پنهون کي ڳولي ڳولي ٿڪجي ناميد ٿي پئي. تنهن دل مان دانهن ڪري رب کي پناهہ ڏيڻ لاءِ ٻاڏايو. الله پاڪ جي قدرت سان جبل ڦاٽي پيو. جهڙيءَ ريت پٿر جي وچ ۾ لعل هوندو آهي. تيئن هن دردن جي ماريل کي جبل جاءِ ڏئي پنهنجي سيني ۾ سمائي ڇڏيو. پر پنهنجي محبوب کي ڏس ڏيڻ ۽ ماڻهن جي عبرت واسطي سندس رئي جو پلو ٻاهر رهجي ويو. ڏنار کير ڪڍي واپس موٽيو تہ خدا جي قدرت ڏسي کيس ڏندين آڱريون اڃي ويون. پنهنجي ڪئي تي ڏاڍو پڇتاءُ ٿيس. پوءِ چا ڪيائين جو پر پاسي تان پٿر ڏوئي نشانيءَ طور ٻُنيءَ جو لوڙهہ ناهي ڇڏيائين. ڇيو ويندو آهي تہ پنهونءَ جي پائرن کيس اٽ تي ڪڙي پيءَ وٽ پهچايو تہ سهي پر سسئي کان سواءِ اهڙو بيقرار رهڻ لڳو جهڙي طرح مڇي پاڻي کان سواءِ ڦٽڪندي آهي. پٽهس بہ سمجهيو تہ جيڪڏهن سو سسئي کان جدا رهندو تہ مري ويندو. پوءِ هن پنهنجي پٽن کي ڇيو تہ

پنهونءَ سان گڏجي وڃي سسئي کي ٻڌايو. موٽ تي جڏهن پنهون سسئي جي قبر وٽ پهتو ۽ تازا نشان ڏٺائين تہ پريشان ٿي بيهي رهيو. سندس اندر کي اهڙي سٽ آئي جو سمجهيائين تہ سسئي اتي آهي. ان وقت اهو ڏنار ٻ اچي نڪتو تنهن سربستو احوال ڪري ٻڌايس. پوءِ پنهون اٺ تان لهي پنهنجي پائرن کي چيو تہ توهان ٻيهو مان هن قبر جي زيارت ڪري اچان ٿو. قبر وٽ پهچي پاڻ کي ٻڌيءَ مٿان ڪٽي سٽيائين ۽ سسئي سان ملڻ واسطي مولا کي سچيءَ دل سان سڏ ڪيائين. هن بيوسيلن جي وسيلي جي درگاهہ ۾ ڪا ناڪامي ڪانہ آهي. تنهن ڪري باڪمال قادر جي قدرت سان هڪدم جبل ڦاٽي پيو ۽ ڪيس ٻ جاڙيءَ بادامي جيان هڪ کل ۾ جاءِ ڏنائين. انهيءَ وقت کان وٺي هيءَ عجيب قصو عام ماڻهن جي زبان تي جاري آهي. حال ۽ قال جا صاحب هيءَ احوال عاشق معشوق جي زباني سندڙي بيتن ۾ چوندا آهن. جنهن کي سر حسيني چيو ويندو آهي ۽ انهيءَ مجاز مان حقيقت جو رستو ڳوليندا آهن ۽ لهندا آهن. وڇوڙي ۽ ميلاپ واري تاثير ڪري وجد ۽ سماءَ وارن جي عجيب حالت ٿي ويندي آهي (6) مير معصوم بکري هن قصي کي "مثنوي حسن وناز" جي عنوان سان قلمبند ڪيو آهي. هن کان سواءِ محمد شاهہ بادشاهہ جي زماني ۾ قاضي مرتضيٰ سورٹيءَ ويٹل ديهہ ڪتيانہ پنهنجي خاص طرز تي هڪ نظم جوڙيو آهي.

چيو ويندو آهي تہ اسماعيل نالي هڪ درويش هو. جيڪو ملتان جو رهاڪو هو سو هنن ٻنهي عاشقن جي زيارت لاءِ ملتان کان ڪهي آيو هو ۽ پنهنجي اٺ کي پري ٻڌي هنن ٻنهي جي ديدار لاءِ ٻہ ٽي

ڏينهن بکيو اڇيو ويٺو رهيو. ٽن ڏينهن کان پوءِ هڪ پوڙهي عورت ماني ۽ پاڻي کڻي ظاهر ٿي. درويش ان عورت کي چيو ته: "جيستائين مان سسئي پنهونءَ کي نه ڏسندس تيستائين ماني کونه کائيندس." تنهن تي ان ٻڍيءَ چيس ته سسئي ته آءٌ آهيان پر پنهون ڏسڻ جي ڳالهه تان لهي وڃ. چاکاڻ ته زماني تي اعتبار کونهي مان اڳيئي ڏيرن ڏڏي آهيان. درويش چيو: "تنهنجي ڳالهه تي کيئن وسهان تون ته ٻڍي آهين. هوڏانهن سسئي سج جهڙي سهڻي هئي." اهو ٻڌي هوءَ پنهنجي اصلي روپ ۾ ظاهر ٿي بيٺي ۽ چيائينس: "هاڻي ٽورو ڪجهه کاءِ" درويش سسئي کي چيو ته "آءٌ ٻڍي کي ڏسڻ کان سواءِ ماني نه کائڻ جو قسم کنيو آهي. هاڻي مرندو مري ويندس پر هڪ گرهه به کونه کائيندس." پوءِ گهڻي قسم قسمات کان پوءِ هوءَ قبر ۾ وئي ۽ پنهونءَ کي چيلهه جيترو مٿي ظاهر ڪيائين ۽ کيس پاڪ ۾ جهلي ٻيهي رهي ته متان ڪير کائنس اڳئين جيان هن کان ڦري وڃي.

هن طريقي سان الله جي ڪيترن بزرگن هن جوڙي کي ڏٺو آهي. چيو ويندو آهي ته هتان مسافر اٺ تان لهي لنگهندا آهن نه ته کين نقصان رسندو آهي. جيڪو به سندن قبر تي جاڳندو آهي، تنهن کي هن رڻ پٽ ۾ الائي ڪٿان ماني ملي ويندي آهي.

جتن ۽ بلوچن جو شجرو

محمد بن هارون مڪراني جنهن جو احوال مڪران جي گورنرن جي سلسلي ۾ مٿي اچي چڪو آهي. سو سنڌ جي فتح وقت محمد بن

قاسم سان گڏ ارمن پيلي تائين آيو هو. پر اتي وفات ڪري ويو هو. جنهن کي دفن ب اتي ئي ڪيو ويو هو. سو نسب جي عالمن جي فيصلي موجب محمد بن ابان بن عبدالرحمان بن حمزه بن عبدالملڪ جو پوٽو هو.

چيو وڃي ٿو ته امير حمزه شڪار ڪندي وڃي ڪنهن ڏورانهين ڏيهه ۾ نڪتو ۽ رڻ پٽ ۾ اڪيلو رهجي ويو. خدا تعالي پنهنجن خاص بندن تي مهربان هوندو آهي. تنهن ڪري انهيءَ رڻ پٽ ۾ سندس وندر واسطي پري پيدا ٿي وئي ۽ خدا جي حڪم سان هن لاءِ حلال ٿي. تڏهن خدا تعالي جي حڪم سان اها پري دور ٿي وئي ۽ امير ب پنهنجي ملڪ هليو ويو. مٿينءَ پريءَ مان عبدالرحيم نالي پٽ جاڻو. قصو مختصر ته محمد هارون کي ستن زالن مان پنجاهه پٽ جاوا هئا. حميرا نالي زال مان ڪيس 1 عيسيٰ 2. مهراڻ 3 حجاز 4 شهڪ 5 بهرام 6 رستم 7 جلال جاوا. حميري نالي زال مان ڪيس 1 مريد 2 جمال 3 راڏو 4 بهلول 5 شهاب 6 نظام 7 جلال 8 مرمد جاوا. مريم مان 1 مانده رودين (راءِ ڏنو) 2 موسيٰ 3 نوتي 4 نوح 5 مندءَ 6 رضي الدين. عائشه جلال مديءَ مان 1 آدم 2 ڪمال 3 احمد 4 حماد 5 حامد 6 سعيد 7 مسعود. فاطمه مان 1 شير 2 ڪوهه 3 بلند 4 ڪڪ 5 نورالدين 6 حسن 7 حسين 8 سليمان 9 ابراهيم. حوا مان 1 عالم 2 علي 3 تيرڪش 4 بهادر 5 تيغ زن 6 مبارڪ 7 ترڪ 8 طلحه 9 عربي 10 شيراز 11 تاج الدين 12 تخت گير يا گسلتان برگ.

حجاج جي حڪم سان مڪران جي هر مخالف قوت کي هن ختم ڪيو هو. جڏهن هن وفات ڪئي ته هن ملڪ جو اڌ سندس

اکيلي پٽ جلال کي ۽ ٻيو اڌ ٻين سڀني پائرن کي مليو هو. ٿوري وقت گذرڻ کان پوءِ اچي پائرن ۾ ڦيٽاڙو پيو ۽ جهيڙو لڳو. سندس ٻيو اولاد تہ اتي رهندڙ ٻين ذاتين سان گڏجي هڪ ٿي ويو. پر جلال الدين اتي رهي ڪوند سگهيو ۽ سنڌ ۾ ڪچ ڏانهن نڪري آيو. سندس اولاد ايا تائين انهن ملڪن ۾ رهندو اچي.

لوده يا لولي ذات وارو ماڻهو

لوده قوم کي لولبان ب سڏيندا آهن. هن جي حقيقت هن ريت آهي تہ پيغمبر حضرت سليمان عليہ السلام جنن جي هڪ ٽولي کي ٻانهيون خريد ڪرڻ لاءِ روم موڪليو هو. رستي ۾ هڪ جن جي لوليا نالي هڪ ٻانهيءَ سان محبت ٿي وئي. جنهن کي ٻار ٿي پيو. جڏهن اها خبر حضرت سليمان عليہ السلام کي پئي تہ سندس ٻانهيءَ کي جن ماڻ پيٽ ٿي ويو آهي تہ اها جن کي بخش ڪري ڇڏيائين. گهڻي وقت گذرڻ کان پوءِ عربن سان گڏجي ويو. سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ هو هتي اچي رهيا هئا. امڪان آهي تہ انهيءَ کان اڳ هن سرزمين تي رهندا هئا.

سمن جو شجرو

ڪن نسب دانن جو چوڻ آهي تہ سما عمر بن هشام بن ابو لهب جي اولاد مان آهن. ٻئي قول موجب عمر بن عڪرمہ بن ابوجهل جي ڌرياءَ سان واسطو رکن ٿا يا عڪرمہ بن عصام بن ابوجهل جي نسل مان آهن. پر وڌيڪ صحيح قول هي آهي تہ هو ايران جي جمشيد جي

اولاد سان لاڳاپو رکن ٿا. جنهن کي جام (جام) جي لقب سان به سڏيو ويندو هو. هن جو واسطو سام بن نوح سان هو. کيس چار پٽ هوندا هئا. هڪ جو نالو پڌ هو. جنهن جو اولاد پڌ سومرا، سهتا، اداکيل، اوتار، امره ۽ نهدين وغيره هئا. ان کي ڪل سورهن پٽ هئا، جن کي راڻوڙ سڏيو ويندو آهي. سندس ٻئي پٽ جو نالو سنگا، ٽئين جو مهر ۽ چوٿين جو پاڳرت هو. جنهن کي ڏيري نالي هڪ پٽ ڄائو هو ۽ ڏيري کي اجيهار ۽ ان کي دسرت نالي پٽ ٿيو هو. دسرت کي ٽي زالون هيون جن ما ن هڪ جو نالو ڪسيلا (ڪوشليا) ٻي ڪيلپ (ڪيڪئي) ۽ ٽئين جو نالو سميا هو. ڪسيلا مان کيس به پٽ رام ۽ لکڻ (لچمڻ) ڪيلپ مان کيس هڪ پٽ ٿيو. جنهن جو نالو پرت هو. سميا مان شترگهن ٿيو. سنگا پٽ سام کي به اولاد ٿيو. همهر پٽ سام کي به تودر نالي اولاد ٿيو. دسرت پٽ پرت جو اولاد آهي آهي. پڙهيار، جانسپا، ڪوريجا ۽ ناهيا. شترگهن جو اولاد ڇترا جي نالي سان مشهور آهي. پرت جي لکمڻ کي ڪوبه اولاد ڪونه ٿيو. رام پٽ دسرت کي تواکس نالي هڪ پٽ ڄائو. کيس اتت نالي هڪ پٽ هو. ان کي وري تتت نالي هڪ پٽ ڄائو. جنهن کي نرگنت ۽ ان کي ڪن نالي پٽ هو ۽ ڪن جو شهر سندس نالي سان ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو. ڪن جي پٽ کي سنبوت راجا جو لقب مليو هو. کيس چار پٽ ڄاوا هئا، جن جا نالا سام، پر ڪردهه (هن کي شاه پڻ سڏيندا هئا) هنرت (هن کي دکن به سڏيو ويندو هو) ۽ چوٿون "ماده" هو. سنبوت راجا جي پٽ سام کي جادم نالي هڪ پٽ ٿيو. جادم پٽ سام پٽ سنبوت کي هسپت (جنهن جو اولاد سنڌ سما آهن) ڪجپت (جنهن

جو اولاد چندا آهن) پوءِ (هن مان پٽي قوم پيدا ٿي) ۽ چوڙا سما نالي چار پٽ پيدا ٿيا. هن جي اولاد مان سورٺ ملڪ جي ڪرنال گرنار قلعي جو حاڪم راءِ ڏياچ هو. جيڪو پنهنجي حشمت ۽سخاوت ڪري هنڌين ماڳين مشهور هو. هن راجا پنهنجو سر خدا واسطي وڍي ڏنو هو. ڪيس سورٺ نالي هڪ زال هئي. جنهن سان تمام گهٽي محبت ڪندو هو. انهن زال مڙس جي بي انتها محبت ۽ راءِ جو خدا جي واٽ ۾ پنهنجي سر گهوري ڏيڻ جو واقعو جيڪو سورٺ سر ۾ ڳايو ويندو آهي. سو حال جي صاحبن جو هوش عقل قري ونڻندو آهي. هسپت پٽ جادم پٽ سام پٽ سنبوت کي ابدري نالي پٽ هو. جنهن کي نيٽ ۽ انهيءَ مان نوتيار. انهي مان اوڍو انهيءَ ما اودهه. انهيءَ مان لاکيار. انهيءَ مان لاکو ڄائو. جنهن بادشاهي ڪئي. هن راجا بوٽي جارا مان شادي ڪئي هئي. جنهن مان ڪيس اودهه (جنهن کي اولاد ڪوڙ ٿيو ۽ اودهه سندس رهڻ واريءَ جوءِ جو به نالو آهي) مهر (جنهن کي چار پٽ سيتر (تير. هاٽاري. ورها (ڪيس اولاد ڪوڙ ٿيو) ۽ ساند هئا. چون ٿا تہ متي ڄاٽايل لاکي پوئين عمر ۾ شادي ڪئي هئي. جنهن مان ڪيس چار پٽ. انڙ. چٽو (جنهن کي بابڙا. دنڪنہ ۽ ڪلا نالي پٽ هئا) ڦل لاکو (جنهن مان ڦلاٽي قوم مشهور آهي) ۽ مناهيہ لاکو هئا. هن مناهيہ لاکي کي انڙ نالي هڪ پٽ هو. جنهن کي سمي نالي هڪ پٽ پيدا ٿيو. سمي پٽ لاکي پٽ انڙ پٽ لاکي کي ڪاکو ۽ جکرو نالي ٻہ پٽ ڄاوا. ڪاکا راج ڏٽي ٿيو. ڪکڙ شايد ا ن نالي پويان سڏي ويندي آهي. ڪاکا کي ٻہ پٽ پلي ۽ رائدن ٿيا. پلي ءَ مان مسرڪ نالي سمو سردار ٿيو. رائدن ولد ڪاکي کي نو پٽ ٿيا.

جن مان هڪ سمو هو جنهن جو اولاد سميجا آهن. ٻيو نوتيار سيپ نوت انهيءَ جو اولاد آهن. ٽيون لاکو آهي.. لنجار ۽ مخدوم ساهڙ سندس اولاد مان چيا ويندا آهن. چوٿون ابڙو جنهن جي اولاد مان ڏاهر ناهيو ۽ ڦل ناهيو آهن. پنجون ناهيہ آهي. ڪن جو چوڻ آهي تہ ناهيہ رائڊن جي پيڙهيءَ مان آهي. ڇهون چنيسر جيڪو رائڊن جي اولاد مان مشهور سردار ٿي گذريو آهي. ستون مفاهيو. الون ڪوريو. منڊرا قوم هنن ٽنهي جي اولاد آهي. نائون پلي جنهن کي ٻہ پٽ هئا. هڪ اودهہ جنهن جي اولاد کي پريا، اوڊيجا ۽ ڪوريا پوٽا چوندا آهن. پليءَ جو ٻيو پٽ ساند هو جيڪو ساندن جو سردار ٿيو. ساند پٽ پليءَ کي ست پٽ هئا. سندس پهريون پٽ ڪاکو هو. سندس اولاد ڪاکي پوٽا ٿيو. ٻيو پٽ جاڙو هو جنهن جي اولاد کي جاڙيجا سڏيو ويندو آهي. ٽئين پٽ جو نالو ويرو. کي چون ٿا تہ نارو هو جنهن جي نسل کي ناريجا سڏيو ويندو آهي. پنجون پٽ هنگورو هو. هن جي ولاد مان هنگورا، اوڊيجا، جکسيا، دودها (ڊورا) آهن. ڇهون ڏيرو جنهن جو اولاد ڏيرا سما ٿيا. جيڪي ڪڇ ۾ رهندا آهن. ستون ڄام هوتي ٿيو. هن کي پنج پٽ ڄاوا. هڪ ها لو جنهن جو اولاد هالا قوم آهي. ٻيو هنگورو ٿيو. جنهن جي اولاد مان ڊوري هنگوري ۽ بار هنگوري ٿيا. جيڪي رام دهين ۾ رهندا آهن. سامڙ مان سامڙ سما ٿيا. جيڪي هاٽي ديهہ سامڙ سمي ۾ رهندا آهن. چوٿون چيلاريو آهي. جنهن مان نهڙيہ پيدا ٿيا. پنجون ڄام هاپر ٿيو. ڄام هاپر کي ٻہ پٽ هئا. جن مان هڪ جو نالو راهوجو ۽ ٻئي جو نالو جوٽو هو. ڄام جوٽي کي "ڪرراهو" پٽ هو. ڪرراهوءَ کي ٽي پٽ ٿيا. پهريون پٽ ساند.

جنهن کي راهوميا، لاکاڻيا ۽ جکرا ٿيا. ٻئي جو نالو سومرو هو. جنهن کي اولاد ڪوند ٿيو. ٿيون لاکو. ڄام لاکي کي ڪاهي نالي هڪ پٽ ڄائو ۽ انهيءَ کي لاکي نالي پٽ هو. ڪاهيءَ جي مري وڃڻ کان پوءِ ڪيس پٽ ڄائو. جنهن جو نالو پنهنجي پيءُ وارو ڪاهو رکيائين. مٽيين ڪاهي جي ياءُ لاکي پٽ ڪاهي کي ٻارهن پٽ هئا. انهن مان هڪ ڄام جوٽو جنهن جي اولاد مان ساموئيءَ جا ويڻل سما آهن، جيڪي سنڌ جا راڄ ڏڻي ٿيا. ٻيو انڙ ٿيو جنهن پريا ۾ راڄ ڪيو ۽ اولاد ڪوند هوس. ٿيو پلي هو. جنهن مان پلي سما ٿيا. چوٽون ڪاهو ٿيو. جهن جو اولاد سوڍياري سما آهن. پنجون اوٽو جنهن جو اولاد صاحب سما، اونا سما ۽ سيڪاٽ سما آهن. ڇهون پٽ جيسر آهي، جنهن مان پيه پريا ٿيا ستون منگر. ڪيس اولاد ڪوند ٿيو. اٺون ابڙو، جنهن مان ابڙيچا ذات پيدا ٿي. نائون هنگورو ڪونو. ڏهون سليمان. انهيءَ جي اولاد مان اونا ٿيا. يارهون رائدن، ٻارهون لاکو. هنگوري ڪوند کي. ڏيسر. ناهيو ۽ مرادي نالي ٽي پٽ ٿيا. ڏيسر کي پنج پٽ ڪاهو ٻال، رکڻ، هنگورو ۽ جوٽو هئا. جوٽي کي پنج پٽ ڪوريه، تاجيا، ابڙو، بلوچ، پامبيه (7) يا بابنينه (پنيو) ٿيا.

معلوم هئڻ گهرجي ته سنڌ ۽ گجرات جي ڏر تيءَ ۾ گهٽو ڪري سما رهندا آهن. هن کان علاوه راجپوتا واري علائقي ۾ گهٽائي سمن جي آهي. سنڌ ۾ رهندڙ ذاتين مان به گهٽائي سمن سان لاڳاپيل آهي. هروچ ۽ جت ذاتيون جن جو مٿي ذڪر ڪيو ويو سي به سنڌ جا نهايت قديم رهاڪو آهن. ٻيون آيل قومون پوئين دور سان واسطو رکن ٿيون. هن ڪتاب جو مصنف اختصار کان ڪم وٺي ان تي

اکتفا ڪري ٿو. جيڪو ماڻهو وڌيڪ تحقيق ڪرڻ چاهي ته پلي ڪري سگهي ٿو.

غزني گهراڻي ۽ ان کان پوءِ وارن حڪمرانن طرفان سنڌ جا گورنر

قصو ڪوتاهه سلطان محمود کان پوءِ سلطان مسعود پوءِ سلطان مودود ۽ پوءِ سلطان مجدود ۽ ان گهراڻي کان پوءِ سلطان قطب الدين پوءِ سلطان آرام شاهه جا گورنر سنڌ تي مقرر ٿيندا آيا. جن مان هر هڪ جو بيان جلد پهرئين ۾ ٻڌي ۽ مناسب ماڳن تي ڏنو ويو آهي. سلطان آرام شاهه جي دور ۾ بادشاهي چار حصا ٿي وئي هئي. جن مان اڇ، ملتان ۽ ساري سنڌ تي ناصرالدين قباچه جو حڪم جاري هو. انهيءَ زماني ۾ سنڌ جا ست راڻا ملتان جا ڏن ڏيندا هئا. پهريون راڻو سهتو (پونر) راڻوڙ هو. جيڪو درهيلي پرڳڻي جي ڏيري شهر ۾ رهندو هو. ٻيو راڻو سنرو پٽ ڏماچ هو. جيڪو ڪوريجو سمو هو. سو روپاهه جي حدن ۾ ٽونگ جو رهاڪو هو. ٽيون ر اڻو جيسلر ولد ججو هو. جيڪو سولنگي ماڇي ماڻڪ تاري (8) جو رهاڪو ۽ راڻو هو. چوٿون وڪيو لد پنهون چنو هو. جيڪو سيوئي لڪ جو حڪمران هو. پنجون چنو پٽ ڏيڏو ذات جو چنو هو. جيڪو پاڳناڙي جو حڪمران هو. ڇهون جيو پٽ وڙياهه هو. جيڪو جهم يا هيم ڪوٽ جو حڪمران هو. ستون جسوڏن آگرو هو. جيڪو برهمڻ آباد علائقي جي مين ٽڪر جو راڻو هو. جڏهن تاج الدين يلدور جي ماڻهن لاهور فتح ڪيو. تڏهن ناصر الدين قباچا ملتان ۾ قلعبند ٿي ويهي رهيو.

سن 626هـ (1229ع) جي پڄاڙي ڏاران ملڪ خان خلجي ۽ سندس وفادار ماڻهن سيوستان (سيوهڙ) جي قلعي تي قبضو ڪيو. سلطان التمش پنهنجي وزير نظام الملڪ محمد بن ابي اسعد کي اڇ جي گهيري ڪرڻ لاءِ روانو ڪيو ۽ ڀاڙ ڏهليءَ هليو ويو. نظام الملڪ سن 625هـ تي اڇ کي ڳالهه ٻولهه وسيلي فتح ڪري بکر تي ڪاهيو. جڏهن ناصر الدين قباچه کي بکر تي حملي جي خبر پئي تہ ڀاڙ کي سنڌو درياهه ۾ اڇلائي آپگهات ڪيائين. ان کان بعد سلطان شمس الدين التمش سنڌ جو حڪمران ٿيو. سن 630هـ ۾ نورالدين محمود گورنر مقرر ٿي آيو. سن 632هـ (1236ع) ۾ سلطان التمش گذاري ويو تہ سلطان مسعود شاهه تخت ۽ تاج جو وارث ٿيو. انهيءَ زماني ۾ مغلن سنڌ اڪري اچي اُڇ تي حملو ڪيو هو. پر سلطان مسعود جون فوجون پهتيون تہ هو خراسان ڏانهن پڇي ويا. سلطان مسعود نورالدين جي جاءِ تي ملڪ جلال الدين محمد کي سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو. سلطان مسعود کان پوءِ سندس چاچو ناصر الدين محمود تخت ۽ تاج جو وارث ٿيو. سن 649هـ ڏاران لاهور، ملتان، اڇ ۽ بکر فتح ڪري سارو سنڌ ملڪ سنجر ملڪ جي حوالي ڪيائين. سن 662هـ (1264ع) ۾ سلطان غياث الدين تخت تي ويٺو. جنهن ملتان لاهور ۽ سنڌ وارو پاسو پنهنجي پٽ محمد جي حوالي ڪيو. هو هر ٽئين سال پنهنجي پيءُ جي خدمت ۾ ويندو هو ۽ سال ڪن اتي ٽڪي پوءِ ورندو هو. سن 682هـ (1283ع) ۾ سلطان چنگيز جي موڪليل لشڪر هٿان قتل ٿي ويو. ان کان پوءِ اهو ملڪ سند پٽ ڪيخسرو کي ڏنو ويو. سن 692هـ (1293ع) ۾ سلطان جلال الدين خلجي لاهور پهچي.

ملتان ۾ اچ پنهنجي پٽ ارڪلي جي حوالي ڪيو ۽ سنڌ جي باقي حصي جي حڪومت نصرت خان کي ڏنائين. سن 695هـ (1296ع) ۾ سلطان علاوالدين خلجي پنهنجي پاءُ الغ خان کي موڪلي ارڪلي خان کي بي دخل ڪيو. پر نصرت خان پنهنجي ڏهه هزار فوج سان ملتان، اچ، بکر، سيوستان ۽ ٺٽي جي حڪمرانيءَ تي بحال ڪيو. سن 697هـ (1297ع) جي اڳياڙيءَ ۾ صلدي مغل سيستان کان اچي سيوستان تي حملو ڪيو. پر نصرت خان مٿس حملو ڪري سيوستان آزاد ڪرايو. سلطان علاوالدين پڇاڙيءَ ۾ غازي ملڪ کي ڏهه هزار فوج ڏئي ديپالپور روانو ڪيو. جنهن وڃي چنگيز خان کي اتان ڪڍيو ۽ ملتان، اچ ۽ سنڌ سندس جاگير ۾ ڏنا ويا.

انهيءَ عرصي ۾ خسرو خان وڃه وٺي سلطان علاوالدين کي تخت تان لاهي پاڻ مالڪ بڻجي ويٺو (9) انهيءَ تي غازي ملڪ سنڌ ۽ ملتان جو لشڪر وٺي وڃي خسرو خان کي لاهي پاڻ غياث الدين جي لقب سان تخت تي ويٺو. انهيءَ واڇ واري زماني ۾ سومرا بغاوت ڪري ٺٽي تي قبضو ڪري ويٺا. سلطان غياث الدين ملڪ تاج الدين کي ملتان، خواجه خطير کي بکر ۽ ملڪ شير کي سيوستان جو گورنر ڪري موڪليو. ٿوري وقت کان پوءِ جڏهن ڪشلو خان ملتان ۾ بغاوت ڪئي ته سلطان محمود شاهه ولد سلطان غياث الدين تغلق سن 728هـ (1328ع) ۾ ملتان پهچي ڪيس شڪست ڏئي بکر ۽ سيوستان تي اعتبار جوگا ماڻهو مقرر ڪري، دهليءَ موٽي ويو. سن 751هـ (1350ع) ۾ طغي (10) نالي سندس هڪ غلام بغاوت ڪئي. تنهن جي ڪيڏ لڳي گجرات ۽ ڪڇ مان ٽيندو ٺٽي اچي

نڪتو هو ۽ ٽرڙي جي ديهه ۾ درياهه جي ڪنار سان اچي منزل ڪئي هئائين. اتان بيماريءَ جي ڪري موٽي اچي گوندل ۾ ترسيو (11) صحتمند ٿيڻ کان پوءِ موٽي نٽي آيو ۽ اتان کان چئن ڪوهن جي فاصلي تي فوجي واندِ هٽي ويهي رهيو. هتي اها ساڳي بيماري وري اٽلي پئي. جنهن ڪري گذاري ويو ۽ سلطان فيروز شاهه سندس وارث بڻيو.

تنهن زماني ۾ طغي نٽي ۾ موجود هو. جڏهن دهليءَ جي لشکر جي ڪاهي اچڻ جي ڪيس سڌ پئي ته سومرن، سمن ۽ جتن جا ماڻهو وٽي وڃي سلطان سان مقابلو ڪيائين. پر شڪست کاڌائين. سلطان ساڳئي سال جي پهرينءَ صفر تي نٽي جي آس پاس کان منزل پٽي ساڳري درياهه جي ڪناري تي هڪ شهر اڏڻ جو حڪم ڏنو ۽ امير نصر کي هڪ هزار سوارن سان اتي چڏيائين. جنهن ڪوششون ڪري شهر اڏايو ۽ ان جو نالو نصرپور رکيائون. ساڳئي وقت هڪ امير بهرام کي به هڪڙي شهر تي فوجدار ٿي رهڻ جو حڪم ڪيائين ۽ اهو شهر بهرام پور نالي سان مشهور ٿي ويو. ان کان پوءِ ملڪ علي شير ۽ ملڪ تاج ڪافوري کي سيوستان ۾ چڏي پاڻ بکر پهتو. جتي ملڪ رڪن الدين کي گورنر ۽ ملڪ عزيز کي اتان جو ديوان مقرر ڪري ويساهه جوڳا ماڻهو ڪيس ڏئي پاڻ دهليءَ روانو ٿيو. هن کان علاوه ملڪ رڪن الدين کي اخلاص خان جو لقب ڏنو هئائين. هو سن 772هـ (1370ع) ۾ نگر ڪوٽ کي فتح ڪري نٽي پهتو هو. تنهن زماني ۾ نٽي جو حڪمران جام خير الدين هو جيڪو درياهه جي ڪناري تي موجود هڪ قلعي ۾ ويهي رهيو ۽ سلطان

مقابلي واسطي فوج گڏ ڪندو رهيو. سلطان اناج جي قلت ۽ مچرن جي گهٽائي سبب اتان منزلپٽي اچي لٽي پهتو. جام خيرالدين امان ولي اچي سندس خدمت ۾ حاضر ٿيو. جنهن کي سلطان بين زميندارن سان گڏ ڏهليءَ ولي ويو. جڏهن سيوستان جي آس پاس جام جي پڄي وڃڻ جي ارادي جي کيس کڙڪ پئي ته کيس ڇڏڻ ۽ ٻيڙيون وجهرايائين. ٿوري وقت کان پوءِ جام جوٽي پٽ خيرالدين کي سروپا ڏئي سنڌ جو حڪمران مقرر ڪيو ويو. سن 790هـ (1388ع) ۾ سلطان فيروز وفات ڪري ويو ۽ سلطان تغلق شاهه سندس جانشين ٿيو. هن کان پوءِ سلطان ابوبڪر، سلطان محمد شاه ۽ سلطان سڪندر هڪ ٻئي پٺيان حڪمران ٿيندا رهيا. هن کان پوءِ سلطان ناصرالدين تخت تي ويٺو. جنهن سارنگ خان کي ديبالپور ملتان ۽ سنڌ تي قبضي (12) ڪرڻ لاءِ روانو ڪيو هو.

سن 800هـ (1397ع) ۾ امير تيمور جي پوٽي مرزا پير محمد سنڌو اکري اچي اڇ جي قلعي تي ڪڙو چاڙهيو. ملڪ سارنگ ملڪ عليءَ کي اتان جو مهندار مقرر ڪيو هو. جنهن مهيني تائين مرزا جو مقابلو ڪيو. هوڏانهن ملڪ سارنگ سندس واهر لاءِ ملڪ تاج الدين کي چار هزار فوج ڏئي اڇ روانو ڪيو. جڏهن اها خبر مرزا پير محمد کي پئي ته اڇ تان گهيرو پٽي وڃي ملڪ تاج الدين سان مقابلو ڪيائين. ڪيس شڪست ڏيڻ کان پوءِ وڃي ملتان تي گهيرو ڪيو. ڇهن مهينن جي گهيري کان پوءِ سارنگ پير محمد جي آڻ مڃي قلعو سندس حوالي ڪيو. سن 881هـ (1398ع) ڌاران امير تيمور پنهنجي سر به ملتان پهچي ويو. ا ن کان پوءِ سنڌ جي

حڪمرانن تان دهلي جي سلطان جو رعب لهي ويو ۽ انهن سنڌ جي آزادي جو جهنڊو بلند ڪيو.

سومرا گهراٽو

هن گهراٽي جا ماڻهو سنڌ جي هڪ پاڳي تي گهٽي آڪاٽي دور کان وٺي قابض هئا. تنهن ڪري سندن حڪمراني وارو سارو دور 550 سالن کان بہ وڌيڪ ٻڌايو وڃي ٿو. ڪي مورخ سندن حڪمران آل تميم جي گورنري کان پوءِ ٻڌائن ٿا. جيڪي عباسي گهراٽي جي خليفن جي پوئين دور سان لاڳاپيل ٻڌايا وڃن ٿا. مٿي بيان ٿيل دور کان پوءِ هي گهراٽو سنڌ جي سياست تي گهٽو ڇانيل ڏسجي ٿو. سندن اهڙي اثر دخل کي ڏسي ڪن مورخن هنن جي حڪمراني کي گهٽو وڌائي بيان ڪيو آهي. ڏنو وڃي تہ انهيءَ زماني ۾ سنڌ تي گهٽي پاڳي حڪومت غزنوين ۽ غورين جي هوندي هئي. تنهن ڪري صحيح ائين ٿيندو تہ انهن جي دور حڪومت ان زماني کان سمجهڻ گهرجي، جنهن زماني ۾ هو ڪنهن ٻئي حڪمران سان پاڳي پائيوار ڪوٺ هئا.

هن گهراٽي جي بڻ بنياد بابت پڪ سان ڪجهہ بہ چئي ڪونہ ٿو سگهجي. مٿي بيان اچي ويو آهي تہ هي سامره جا عرب آهن، جيڪي چوٿين صدي هجري ڌاران لڏ پلاڻ ڪري سنڌ پهتا هئا. ڪي چون ٿا تہ دلوراءِ امراٽي جو پاءُ چتو امراٽي جڏهن پاءُ جي ظلم کان تنگ ٿيو ۽ پاءُ جي ڪڏن ڪرتوتن جي ڪري الور ۽ پانيرا جي تباهي اکين سان ڏٺائين. تڏهن بغداد وڃي خليفي کان سيد عليءَ

جي مهنداريءَ هيٺ هڪ سو عرب سنڌ تي چاڑهي آيو. جيڪي سامره جا عرب هئا. نيٺ دلوراءِ انهن جي تابعداري قبول ڪئي ۽ پنهنجي نياڻيءَ جو سڳ سيد عليءَ کي ڏيڻ تي راضي ٿي ويو. سنڌ جي فتح ڪرڻ کان پوءِ هو اتي رهي پيو ۽ ڪيس گهٽو اولاد ٿيو. سندن رهڻ وارو هنڌ متعلوي (متياري) ڳوٺ ان جي آس پاس وارو علائقو هو.

جيئن مٿي بيان ٿي آيو ته سن 720هـ (1320ع) ۾ ملتان ۽ سنڌ جو گڏيل لشڪر وٺي خسرو خان تي حملو ڪيو هو ۽ شڪست ڏئي سلطان غياث الدين تغلق شاهه جي لقب سان دهلي جي تخت تي ويٺو. هو اهڙين ڪارراوين ۾ رڌل رهيو. تڏهن سومرن سونجهر وجهه ڏسي ٽرڙيءَ جي آس پاس وارن ماڻهن کي گڏ ڪري سهر نالي هڪ ماڙهوءَ کي گاديءَ تي ويهاريو ۽ چوڌاري علائقي جي سڀني مکيه ماڻهن کي وفادار ۽ تابعدار بڻايو. انهيءَ زماني ۾ صاد نالي هڪ ماڙهو هو. جيڪو هڪ خودمختيار رياست جو مالڪ هو. تنهن سومر سومري کي پنهنجي نياڻيءَ جو سڳ ڏنو. جنهن مان ڪيس پونگر نالي هڪ پٽ ڄائو. سومر جي گذاري وڃڻ کان پوءِ سندس پٽ پونگر سندس جانشين ٿيو. سندس پٽ دودي نصرپور تائين سارو ملڪ پنهنجي قبضي ۾ ڪيو. سندس وفات ڪرڻ وقت پٽ سنگهار صغير هو. تنهن ڪري دودي جي ڏيءَ تاريءَ ملڪ جي واڳ پنهنجي هٿ ۾ رکي. جڏهن سنگهار جوان ٿيو ته حڪومت پاڻ سنڀالڻ لڳو ۽ ڪچ تي ڪاهي بانگنئي (نانڪيءَ) جو علائقي تائين سارو ملڪ پنهنجي قبضي هيٺ آندائين. ڪيس اولاد ڪونه هو. هن جي وفات کان پوءِ

سندس زال هيموءَ راج سنپاليو ۽ پنهنجن پائرن کي ٽرڙيءَ ۽ محمد طور وارن علائقن جو حڪمران مقرر ڪيائين. ٽوري وقت کان پوءِ ڏاڪ (وڳهه ڪوٽ) جو حاڪم دودو فوج گڏ ڪري هيموءَ جي پائرن تي ڪاهي ويو ۽ سندن حڪومت ختم ڪري ڇڏيائين. انهيءَ عرصي دوران وڏي دودي جي اولاد مان دودو ڦتو نالي هڪ ماڻهو پنهنجي فوج گڏ ڪري حڪومت ڪندو رهيو. اُنهيءَ کان پوءِ خيرو نالي هڪ سومرو بہ راج ڏٽي ٽيو ۽ ڪافي وقت حڪومت هلايائين. هن کان بعد ارميل نالي هڪ سومري پنهنجي حڪومت جي شروعات ڪئي. پر هو ڏاڍو ظالم هو. جنهن جي خلاف سمن بغاوت ڪري کيس ڪهي ڇڏيو ۽ اهو 752هـ (1351ع) جو واقعو آهي. سندن ڪمال ۽ زوال. حڪمرانن جي تعداد ۽ انهن جي زوال جي ڪارڻ جي نقطہ نگاهہ کان هن گهراٽي جي حڪومت جو عرصو واضح ڪونہ آهي. منتخب التواريخ جو بيان آهي تہ محمود غزنوي کان پوءِ جڏهن سلطان عبدالرشيد گادي نشين ٽيو. هو عيش عشرت جو ڪوڏيو سست ۽ ڪاهل هو. سنڌ جي ماڻهن ان وقت سن 445هـ (1053ع) ۾ بغاوت ڪري آزادي حاصل ڪري ورتي هئي. انهيءَ زماني ۾ سومرا سنڌ جي سياست تي چانيل هئا. انهن ٽرڙيءَ جي اوسي پسي پنهنجا ماڻهو گڏ ڪري سومر نالي هڪ ماڻهوءَ کي پنهنجو سردار مقرر ڪيو ۽ حڪومت سندس هٿ ۾ ڏني. هن ڇڪو عرصو آزاديءَ سان حڪومت ڪئي. صاد نالي هڪ شخص جي ڏيءَ سان شادي ڪئي هئائين. جنهن مان ڪيس پونگر هڪ پٽ بہ ڇاڏو هو. پونگر پٽ سومر پندرهن سال حڪومت ڪئي ۽ سن 461هـ (

1069ع) ۾ وفات ڪئي. هن کان پوءِ سندس پٽ دودود تخت تي ويٺو جنهن چوويهن سالن جي حڪمرانيءَ کان پوءِ سن 485هـ (1092ع) ۾ وفات ڪئي. هن کان پوءِ سنگهار پندرهن سالن جي حڪمرانيءَ کان پوءِ وفات ڪئي. ان کان پوءِ خفيف ڇٽيهه سال، ڪُهڙو سورهن سال (13) محمد طور پندرهن سال، ڪُهڙو ٻيو (14) ڪافي عرصو، دودو چوڏهن سال، طائي چوويهه سال، چنيسر ارڙهن سال، پونگر پندرهن سال، خفيف ارڙهن سال، دودو پنجويهه سال، عمر پنجٽيهه سال، پونگر ڏهه سال. ان کان پوءِ هُمير تخت تي ويٺو هو. هي نهايت ظالم ۽ ادنگو ماڻهو هو. سمن بغاوت ڪري کيس تخت تان لاهي ڇڏيو. هن گهراڻي جي طاقت ۾ اچڻ جا مختلف قصا آهن. هن کان علاوه مٿي بيان ڪيل حڪمرانن کان سواءِ سندن ٻيا الائي ڪيترا حڪمران چيا وڃن ٿا. هن گهراڻي جي زوال جون مختلف ڳالهيون ڪيون وڃن ٿيون. عمر ڪوٽ جو قلعو عمر سومري جي نالي پٺيان سڏيو ويندو آهي.

مومل ۽ مينڌري جو قصو

هيءَ حمير سومري جي ڌينهن جو قصو آهي. جيڪو هن ريت ٻڌايو ويندو آهي ته مومل نالي هڪ عورت هئي. جيڪا هڪ گجر سردار جي ڌيءَ هئي. پنهنجي پيءُ جي وفات کان پوءِ حڪومت سنيالڻ لڳي. شهر جي پرسان هڪ عاليشان ماڙي ٺهرائي هئائين. انهيءَ جي ٻاهران جادوءَ جي زور تي هڪ درياهه وهائي انهيءَ گهيڙ تي ماڙيءَ ۾ اندر وڃڻ لاءِ پٿر جو ڦاٽڪ هٽائي ڇڏيو هئائين. جنهن جي

پاسن تي جادوءَ جا شينهن وهاريا ويا هئا. اندر صفحي ۾ ست پلنگ رکيل هئا. جن تي هڪ جهڙا هنڌ وڇايل هئا. انهن مان ڇهه پلنگ ڪچن ڏاڳن سان واڻيل هئا. هر هڪ پلنگ هيٺان اونهان کوهه کوٽيل هئا. انهيءَ کان پوءِ اهو شرط وڌو هئائين ته جيڪو به ماڻهو جادوءَ جي درياهه مان اُڪري شينهن وٽان گذري اچي سڄي پلنگ تي وهندو ، تنهن کي هوءَ پنهنجو مڙس ڪري قبول ڪندي انهيءَ خواهش کي پوري ڪرڻ واسطي ڪيترن ماڻهن ياڳ آزمايا، پر ڪنهن کي به سوپ ڪانه ٿي. سڀ اونهي کوهه ۾ ڪري پنهنجيون حياتيون به وڃائي ويٺا. هڪ ڏينهن حمير سومرو پنهنجن ٽن وزيرن سان گڏ اچي هن جُوءِ ۾ شڪار ڪرڻو آيو. جن مان هڪ سندس سالو ميندرو به هو. کين اتي هڪ جوڳي مليو. جنهن کان مومل جي سونهن جي ساراهه ٻڌي کيس سندس ديدار جو شوق ٿيو. هو پنهنجي ٽنهي دوستن سان گڏ اوڏانهن روانو ٿيو ۽ اچي مومل جي محلات ٻاهران لٿا. مومل کي جڏهن سندن اچڻ جي سڌ ملي ته پنهنجي هڪ چالاڪ ۽ هوشيار ٻانهي انهن ڏانهن موڪليائين. انهيءَ لاءِ ته جيئن کانئن حال احوال معلوم ڪري سگهي ۽ انهن مان وڏي کي محلات ڏانهن وٺي اچي. پهريائين هميرٻانهيءَ سان گڏجي اندر روانو ٿيو. ٻانهي ته وچ تي کاٽي گسائي کيڏانهن جو کيڏانهن نڪري هلي وئي ۽ هيءَ طلسمي درياهه جون لهرون ۽ لس ليٽ ڏسي دل جهلي ڪونه سگهيو ۽ مقصد جي موتي ماڻڻ کان سواءِ موتي هليو آيو ۽ لڄ کان ڳڙڪ به کانه هوليائين. ٻي، رات ٻانهي اچي ٻئي کي وٺي وئي. اهو ويچارو به مايوس ٿي موٽي آيو. ٽئين رات ٿي ته ٻانهي ٽئين کي پاڻ سان وٺي

وئي ۽ اهو بہ ائين خالي موٽي آيو. چوٽين رات راڻو ميندرو ٻانهيءَ سان گڏجي روانو ٿيو. ٻانهيءَ دستور موجب اڳيان هلڻ گهريو. پر هن سندس دامن جهلي پوئتي هٽائيندي چيو تہ ٻانهين کي سردارن کان اڳ پر هلڻ نہ گهرجي. پوءِ طلسمي درياهہ تي پهچي حيران ٿي بيهي رهيو. آخر جيڪو نيزو هٿ پر هوس تنهن کي درياهہ جي اونهائي معلوم ڪرڻ لاءِ هيٺ پاڻيءَ پر هنيائين. ڪيس معلوم ٿيو تہ اهو پاڻي نہ پر طلسم آهي. تنهن ڪري ان مان هڪدم لنگهي اڳتي هليو ويو. دروازي تي بيٺل شينهن کي نيزي سان ٽوڪي ڏنائين تہ پتو پيس تہ اهي بہ رڳو ڏيک آهن ۽ طلسم کان سواءِ سندن ڪابہ حقيقت ڪانہ آهي. تڏهن ڪاميابيءَ سان اندر ماڙيءَ پر لنگهي ويو ۽ صفحي پر وڃي بيٺو. اتي ست ئي هڪ جهڙا پلنگ رکيل هئا. بيهي ويچار ڪرڻ لڳو تہ نيٺ ويهڻ لاءِ هڪ پلنگ هوندو. ڪيس شڪ ٿيو تہ متان هتي بہ ڪا اٽڪل رکيل هجي. تنهن ڪري هو هر هڪ پلنگ کي نيزي جي نوڪ سان جاچيندو رهيو تہ ڪهڙو سچو آهي. حقيقت معلوم ٿيڻ کان پوءِ هڪ تي پلٽي ماري ويهي رهيو. ٻانهيءَ راڻي جي احوال ۽ عقلمنديءَ جي ساري ڳالهہ وڃي مومل کي سڻائي جا هڪدم باهر نڪري آئي. هو هڪ ئي صحبت پر پاڻ پر ٿهي ويا ۽ نڪاح ڪري هڪ ٻئي جا طالب مطلوب ٻڌجي ويا. ميندڙي اها رات عيش عشرت پر گذاري. صبح جو هميرسومري ۽ ٻين دوستن جي خدمت پر پهتو ۽ ڪين سارو احوال ڪري ٻڌايائين. هميرڪيس چيو تہ هاڻي مومل تنهنجي نڪاح ٻڌي زال ٿي چڪي آهي. پر اسان کي هڪ پيرو ضرور ڏيکار. انهيءَ تي راڻو هڪ رات هميرڪي درباريءَ جي

پوشاڪ پارائي اندر محلات ۾ وٺي ويو. همير سندس اهڙيءَ بي ادبي واري روش ڪري مٿس گهٽو ڏمريو. جڏهن موٽي هو شهر پهتا تہ ڪيس قيد ڪرائي چڏيائين.

مينڊرو مومل جي محبت جي مهاڇار ۾ اهڙو تہ ڦاسي پيو هو جو هڪ ويل بہ جدا گهاريڻ هن لاءِ قيامت هئي. تنهن ڪري قيد خاني جي چوڪيدارن کي ٽاهي ڳجهہ ڳوهہ ۾ هڪ پلي اٽ تي چڙهي رات جو وڃي مومل سان ملندو هو. اهو اٽ اهڙو تکو هو جو هڪ ئي رات اندر مومل سان ملي موٽي ايندو هو ۽ هڪ رات اندر ڇڻ پنجن ڏينهن جيترو پنڌ هٽي سگهندو هو. هڪ ڏينهن مومل پيٽ جي ملاقات لاءِ ويل هئي ۽ مينڊرو وڃي خالي واپس موٽي آيو. ڪيس مومل خلاف دل ۾ شڪ جاڳي پيو ۽ وٽس وڃڻ چڏي ڏنائين. بي ڏوهي مومل، مينڊري جي انهيءَ رسائيءَ ۽ رنج کان ڏاڍي ماندي ٿي پئي ۽ پنهنجو ملڪ چڏي اچي مينڊري جي ماڙيءَ سامهون ٽهرائي. دريون مينڊري جي ماڙي جي درين سامهون رکايائين. انهيءَ خيال کان تہ ڪيس ڏسندي رهي ۽ من ڪا اهڙي گهڙي ٿئي جو سندس ديدار ٿي وڃي. پر مينڊري ڪاوڙ کان انهيءَ پاسي واريون دريون ئي بند ڪرائي چڏيون. مومل اهو ڏسي ٻئي پاسي کان ماڙي جوڙائي وري بہ دريون مينڊري جي ماڙيءَ جي درين سامهون رکيائين. اهڙيءَ ريت هن مينڊري جي ماڙيءَ جي چوڌاري ماڙيون اڏايون پر ڪيس مينڊري جو ديدار نصيب نہ ٿيو. جڏهن ڪيس معلوم ٿيو تہ ڪنهن حيلي بهاني مينڊرو ڏانهن ڏيان ڪونہ ٿو ڏئيتہ هڪ ڏينهن ڪري هيٺ ڪري پئي ۽ مري وئي. جڏهن هيءَ خبر وڃي مينڊري کي ٻڌايائون تہ هو بہ سندس جدائي جو

غم سهي ڪونہ سگهيو ۽ اهو به مري ويو.

هيءَ احوال سنڌي بيتن ۾ ۽ خاص سر ۾ ڳائيندا آهن. حال جا صاحب هن مجازي عشق مان حقيقت پروڙي پنهنجو شوق ۽ جذبو وڌائيندا آهن. ملا مقيم نالي هڪ شاعر هيءَ قصوري فارسي ۾ منظصوم ڪيو آهي ۽ مٿس "ترنم عشق" نالو رکيو آهي. (15)

ليلان ۽ چنيسر جو قصو

قصو هن ريت ٻڌايو ويندو آهي تہ ڪنهن زماني ڪنگهار نالي هڪ حشمت ڏيا وارو راجا هوندو هو. ڪيس ڪونروءَ نالي هڪ نهايت سهڻي ڏيءَ هوندي هئي. جيڪا پنهنجي سوٽ سان مگيل هئي. ڪيس پنهنجي سونهن تي ڏاڍو گهمنڊ هوندو هو. تنهن ڪري پنهنجي ساهيڙين سان آکڙ ۽ تنڊ سان ڳالهائيندي هئي. تن ڏينهن چنيسر ديولي ان علائقي جو حڪمران هو. جيڪو پنهنجي سونهن ڏن ۽ دولت ۽ دٻدٻي ڪري گهڻو مشهور هو. ان ڪري هر هڪ سهڻي چوڪري ساڻس شادي ڪرڻ چاهيندو هو. هڪ ڏينهن ڪونروءَ جي هڪ ساهيڙيءَ جمني ڪيس مهڙو ڏيندي چيو تہ تنهنجي هن نڪ نخري مان پائنجي ٿو تہ تون چنيسر سان لانوَ لهڻ جو سوچي رهي آهين. هيءَ مهڙو ڪونروءَ جي هيانءَ ۾ چيي ويو ۽ اڻ ڏٺي چنيسر تي موهت ٿي پيئي. سندس ماءُ مرکيءَ هيءَ حال معلوم ڪري وڃي پنهنجي مڙس ڪنگهار کي ٻڌايو. چنيسر سان پرٽو ان وقت وڏي عزت سمجهيو ويندو هو. پر اهو ڪنهن حيلي بهاني کانسواءِ ممڪن ئي ڪونہ هو. سو راڻي ڪنگهار موکيءَ کي چيو تہ اهو سلو ڪونہ آهي جو

ڪونروءَ پاڻ وڃي دربدر ڦري ڇڳوائين ٿيندو جو تون پاڻ چمڙا پوش ڪري انهيءَ ملڪ جي واپارين جي لباس ۾ ڪيس پاڻ سان گڏي وڃي اڇ ۽ اتي پهچي ڪا اٽڪل ڪر. ممڪن آهي ته اهو هنيلو حڪمران تنهنجي اٽڪل جي ڪنهن جار ۾ ڦاسي پوي. مڙس جي اها صلاح ٻڌي پاڻ سان ضروري سامان کڻي پنهنجي ڏيءَ سميت پنهنجو ملڪ ڏٽ ۽ پربت ندي اکري منزلون ڪندي وڃي ديبل شهر پهتي. هڪ ڏينهن موقعو تاڙي بکر جي وزير معرفت چنيسر سان سڳاونديءَ جي ڳالهه چورائين. هي حڪمران پنهنجي زال ليلا سان تمام گهڻو پيار ڪندو هو. جيڪا پنهنجي سونهن ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئي. ڪيس وراڻيائين ته ليلا کان سواءِ ٻي زال ڪانه ٿي گهرجي. خبردار جو وري ائين چيو اٿئي. جيڪي ماڻهو سڳ ڪرڻ آيا آهن تن کي موڪلائي ڇڏ. اها ڳالهه جيڪڏهن ليلا ٻڌندي ته ڪيس گهڻو ڏک ٿيندو. اها ڳالهه ٻڌيءَ مرکيءَ سوداگري وارو سامان وڪڻي ڇڏيو. هڪ ڏينهن مسافرن جيان غريباڻو ويس ڏکي اچي ليلا وٽ حاضر ٿي ۽ ڪيس ليلائي چوڙ لڳي ته مان ۽ منهنجي ڏيءَ زماني جي هيٺ مٿاهين کان ستيل آهيون ۽ پنهنجي ڏرتيءَ کان دور آهيون. اسان جو ڏنڊو ڪورڪو آهي. اسان کي ديا ڪري پاڻ وٽ ٻانهيون ڪري رکو ۽ اسان اهڙي ته نوڪري ڏيندیون سين جو دنيا کي پسند پوندي. ليلا انهن ٻنهي کي پاڻ وٽ ٻانهيون ڪري رکيو ۽ سندن ڪم ڪيس گهڻو پسند آيو. هلندي هلندي ڪونروچنيسر جي هنڌ وڃائڻ جي ڪم تي مقرر ٿي. هڪ رات ڪونروءَ کي پنهنجي بادشاهي ۽ لاڏ ڪوڏ وارا ڏينهن ياد آيا ۽ اکين ۾ ڳوڙها پرجي آيس. اهو حال ڏسي چنيسر

کانئس پڇيو تہ ڇا ڳالھ آھي. تنھن تي ڪونروءَ وراڻيو تہ جئندا قبلا! ڪابہ ڳالھ ڪانہ آھي. جنھن ھٿ سان ڏئي جي وٺ ناھي ھيم سواڪ کي لڳي ويو آھي. تنھن ڪري اکين مان پاڻي ڳڙي پيو آھي. ھيءَ ڳالھ ليلا بہ ٻڌي جنھن ڪيس وڌيڪ زور پريو تہ ڳالھ ڇا آھي. پوءِ ڪونروءَ چيو تہ: سچي ڳالھ ھي آھي تہ مان ھڪ ملڪ جي راجا جي ڏيءَ آھيان. جنھن وٽ ڏئي بدران شب – چراغ موتي ٻرندا ھئا. ھتي ڏئي جي دونھين منھنجو دماغ پريشان ڪري ڇڏيو آھي. سو اھي پاڻ پريا ڏينھن ياد ڪري روئي ڏنم. ليلا کانئس اھڙي ثابتي گھري انھيءَ ڪري ھن ڇا ڪيو جو پنھنجا پٽ جا ڪپڙا ڪيس ڏيکاريائين. جيڪي ليلا اڳي ڪڍھن ڏنا ۽ ٻڌائي ڪوڙ ھئا. ھن کان علاوہ ڪيس ھڪ نو لکو ھار اڳيان رکيائين. جيڪو ڏسي ليلا وائڙي ٿي وئي. ليلا ھن قسم جي عجيب شين تي موھجي پئي ۽ کانئس انھن جي گھر ڪيائين. ڪونروءَ ڪيس چيو تہ: "اسان اھي شيون ھن شرط سان ڏينديون سين تہ تون اسان کي چنيسر ڏي" جيئن تہ زالون گھٽو ڪري گھٽ عقل واريون ٿيندیون آھن. تنھن ڪري لالچ ۾ اچي ليلا اھو شرط قبول ڪيو ۽ ھڪ رات چنيسر کي نشو ڏئي ڪونروءَ جي حوالي ڪري ڇڏيو. ھوڏانھن چنيسر نشي جي ڳھر ۾ سڄي رات بي حوصلو ستو رھيو. صبح جو سجاڳ ٿيڻ مھل حيران ٿي پڇيائين تہ "ڪيڏ ۾ ڪير آھي." ھوڏانھن ڪونروءَ جي ماءُ سڄي رات ڪونروءَ جي وائڙ وٺندي رھي. صبح تائين پنھنجي ڏيءَ جي ناڪامي ڏسي پردي پٺيان منڊ پڙھڻ شروع ڪيائين. ليلا بہ عجيب قسم جي عورت آھي. جو چنيسر جھڙو مڙس ھار تي وڪڻي ڇڏيو

اٽس. چنيسر کي اها خبر کانه پئي آهي ته اهڙيءَ زال ڏانهن توجهه ڪرڻ غيرتمند مردن جو شان کونه آهي. هيءَ ڳالهه ٻڌي چنيسر کونروءَ ڏانهن رخ ڪري کانئس اول کان آخر تائين ذري پرزي جو احوال معلوم ڪري چيو: "جيڪهن ڳالهه ائين آهي ته تون دلجاءِ ڪر مان ٻيهر ليلا جي ويجهو به کونه ويندس ۽ توکي پنهنجي ساهن ۾ سمائيندس." ليلا هيءَ ڳالهه ٻڌي گهٽا ٽي حيلا هلايا پر ڪجهه به کونه وريو. هوءَ چنيسر کي گهٽيون ٽي منٽون ميڙون ڪندي رهي پر هن ڏانهس نهاريو به کونه. نيٺ ڏاڍ جا ڏينهن گهارڻ کان پوءِ هوءَ موڪل وٺي پنهنجي پيڪي هلي آئي.

چنيسر جو وزير جڪرو ليلا جي مائٽن مان هڪ چوڪري سان مڳيل هو. ليلا جي واقعي ٽيڻ کان پوءِ پنهنجي چوڪري جڪري کي ڏيڻ کانه ٽي چاهي. هيڏانهن وري جڪري کي ان چوڪريءَ سان شاديءَ لاءِ ڏاڍو شوق هجي. چوڪريءَ جي مائٽن کي پيو ايلاز منٽون ڪندو هو پر هنن سندس هڪ به کانه ٽي مڃي. هن ڏانهن ليلا نياپو موڪليو ته جيڪڏهن چنيسر کي پاڻ سان وٺي ايندين ته شاديءَ جي مان ضامن آهيان. هيءَ پيغام ٻڌي جڪرو هزارين منٽون ايلاز ڪري چنيسر کي وٺي آيو. ليلا به لباس بدلائي ۽ شاديءَ جو سڏ ڪٽي ايندڙ زالن جهڙا ڪپڙا پائي اچي وهانو ۾ شريڪ ٽي ۽ منهن تي پردو ڪري چنيسر جي مجلس ۾ پهتي ۽ ڪيس ليلا سان بيوفائي ڪرڻ جا ڏک ڏورپا ڏيڻ لڳي. گفتگو هلندي هن اهڙا ته ناز انداز ڏيکاريا جو چنيسر مٿس موهجي پيو ۽ ڪيس اها خبر به کانه هئي ته اها ڪير آهي. چنيسر اها بي رخي ۽ بي توجهي فقط مرداڻي غيرت وچان

ڪئي هئي. باقي ليلا سان محبت تہ اها ئي هيس. تنهن ڪري هو ليلا جي وصال واري زماني جون محبت واريون ڳالهيون ياد ڪري بيخود ٿي ويو ۽ شرم لڪائڻ کان چيائين: اي خوش گفتار نينگري. تون پاڻ بہ سهڻين جو نڪ آهين. ليلا جي ڳالهہ ڪيتري ڪندين؟ بڏاءِ تون ڪير آهين. مان تہ توتي موهت ٿي پيو آهيان." هن وراڻيو توسان ميلاپ ڪرڻ ڪنهن جي دل چاهيندي. چنيسر هن جي ڳالهائڻ تي بي اختيار ٿي منهن تان پردي هٽائڻ جي ڪوشش ڪئي. ليلا بہ هن جي شوق جي انتها ڏسي پردو سرڪايو. چنيسر ڏٺو تہ هوءَ چوڪري تہ پاڻ ليلا آهي ۽ دانهن ڪري هيٺ ڪري پيو ۽ اتي ئي مري ويو. ليلا بہ اهو حال ڏسي دانهن ڪري زمين تي ڪري دم ڏنو. ٻنهي کي رسم موجب وڃي چتا تي چاڙهيائون. هي عجيب واقعو ماڻهن جي دلين تي يادگار رهجي ويو. حال جا صاحب جڏهن هن قصي کي سنڌي بيتن جي هڪ سر ۾ ٻڌندا آهن تہ بي خود ٿي ويندا آهن. ادراڪي بيگلار هن قصي کي فارسي نظم ۾ لکيو آهي. مولف ڀيڪهہ جي ڄاڻ هن قصي کي مختصر ڪري لکيو آهي.

سنڌ جي تاريخ جا عربي ماخذ

مختصر تعارف:

تاريخ شاهد آهي تہ عربن جي ڪاهہ ڪان اڳ سنڌ تي ڪيترين ئي ڌارين قومن ڪاهون ڪيون. پر اهي سنڌين جي دلين تي حڪمراني ڪوند ڪري سگهيا. ان جو وڏو سبب اهو آهي تہ سنڌين کي پنهنجي ڌرتيءَ سان اٽ ميو پيار ۽ ڌارين کان ڌڪار آهي.

سنڌ جي تاريخ ۽ ان جي عظمت کي سمجهڻ لاءِ اهو ضروري آهي تہ سنڌ جي عربي ماخذن تي نظر وجهڻ گهرجي. چو تہ عربن جي اچڻ کان اڳ سنڌ بابت ڪوبہ مواد موجود نہ هو عربن جي اچڻ کانپوءِ

سنڌ بابت عربي زبان ۾ ڪافي مواد ملي ٿو. عرب مورخن، سيلانين، واپارين ۽ ٻين عالمن سنڌ جي تاريخ، تهذيب، ثقافت ۽ جاگرافي وغيره بابت ڪافي معلومات ڏني آهي، تنهن ڪري سنڌ جي تاريخ، اسلام کان اڳ ۽ اسلامي دور، ان دور جي معاشرت، مذهب، سياست، حڪمراني جي اصولن، قومن، قبيلن سندن عقيدن، فلسفي، مذهب ۽ عبادت وغيره تي روشني پوي ٿي. ان کان علاوه جاگرافيائي حدون درياهه، شهر، وستيون، واهڻ، پيداوار، معدني شيون، هڪ شهر جو ٻئي شهر کان خشڪي، بحري، درياهي رستن، مفاصلي، ٻاهران گهرائڻ ۽ موڪلڻ جون شيون، حساب ڪتاب ۽ ٻين معاملن تي تفصيل سان معلومات مهيا ڪئي وئي آهي.

سنڌ ۾ عربن جي اچڻ کانپوءِ سنڌ واسين عربي زبان ۾ تعليم حاصل ڪئي. ڪيترا سنڌي اهڙا آهن، جن مختلف علمن ۾ تعليم حاصل ڪري پنهنجي ذات سان عالم اسلام ۾ سج ۽ چنڊ جيان مشهور ٿيا، تنهن ڪري سنڌ جي روح ان جي عظمت ۽ علمي قدر و قيمت ۽ ان جي منفرد مقام کي سمجهڻ لاءِ سنڌ جي تاريخ جا عربي ماخذ آڏو رکڻا پوندا.

هيءَ هڪ حقيقت آهي ته سنڌ بابت عربي زبان ۾ تمام گهڻا ڪتاب لکيا ويا آهن ۽ ڪن ڪتابن ۾ سنڌ بابت ٿورو گهڻو احوال موجود آهي. انهن سمورن جو تفصيلي احوال ڏيڻ مشڪل آهي، تنهن ڪري هتي ڪن چونڊ اهم ڪتابن جو مختصر تعارف ڏنو وڃي ٿو.

فتح نامہ سندھ (چچ نامو)

چچ نامو سندھ جي تاريخ بابت نہ فقط پھريون ڪتاب آھي. بلڪ برصغير جي تاريخ جو سڀ کان پھريون ۽ قديم ڪتاب آھي. ڈاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي تحقيق موجب هن ڪتاب جو مصنف ابوالحسن المدائني آھي. جيڪو اٽڪل 135ھ ۾ پيدا ٿيو ۽ غالباً 225ھ ۾ وفات ڪري ويو. هو تاريخ اسلام جي واقعن جو وڏو ماهر هو. خاص طور اسلامي خلافت جي اوپارين ملڪن جھڙوڪ: عراق، خراسان، بحرين، عمان، ڪرمان، سجستان، زابلستان، مڪران ۽ سندھ وغيره جي اسلامي فتحن جو ڪيس مفصل ۽ مڪمل علم هو. اهوئي سبب آھي جو هن اتي ڪتاب لکيا آهن.

مدائني جي انهن ڪتابن جو سڌيءَ ريت يا ڪنهن واسطي سان سندھ جي ابتدائي اسلامي فتوحات سان تعلق آھي. مدائني جا ٽي ڪتاب سندھ متعلق آهن. جن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا.

1. فتح مڪران 2. شعزالهند (سندھ جو محاذ) ۽ عمال الهند. يعني سندھ جا گورنر. هيءَ ڪتاب خاص طور سڌيءَ طرح سندھ جي فتوحات ۽ هتان جي عربي حڪمرانن بابت آھي. ان کان علاوه مدائني جو هڪ ٻيو ڪتاب "اخبار ثقيف" آھي. جنهن ۾ ثقفي خاندان جي تعريف بيان ڪئي وئي آھي. جن جي بهادري. دليري. حڪمت عملي ۽ اٽل ارادي جي ڪري سندھ فتح ٿي هئي.

مدائني سندھ جي اسلام کان اڳ وارين حڪومتن جا مختصر حالات 15 ھ کان 96ھ تائين مطابق 637ع کان 714ع تائين لکيا آهن. جنهن ۾ هندوستان جي اتر اولهه سرحدن تي اسلامي فوجن جي

ابتدائي خشڪي ۽ بحري حملن ۽ آخر ۾ مڪران ۽ سنڌ جي اسلامي فتوحات جو مفصل ۽ مستند ذڪر موجود آهي. تنهن ڪري قدامت جي لحاظ کان سنڌ جو هيءُ پهريون ڪتاب آهي، جيڪو سنڌ جي تاريخ جو اهم ترين ماخذ آهي.

مدائني سنڌ جي اسلام کان اڳ واري دور متعلق پڻ تفصيل سان حالات لکيا آهن. اسلام کان اڳ واري دور متعلق سندس معلومات مقامي ماڻهن، ڏاهن، بزرگن ۽ برهمڻن وغيره جي زباني بيان تي مشتمل آهي.

سنڌ و هند جو هيءُ پهريون ڪتاب آهي، جيڪو عربي زبان ۾ آهي. عربن جي آمد کان اڳ سنڌ ۾ تاريخ نويسيءَ جو ڪو تصور ڪونہ هو. هن ڪتاب معرفت اسان سنڌ جي اسلام کان اڳ واري تاريخ بابت معلومات حاصل ڪري سگهون ٿا. ان جي ابياس مان معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌ جي قديم برهمڻ حڪومت جي حاڪمن جا سياسي، معاشرتي، تمدني ۽ اخلاقي حالات ڪهڙا هئا. هيءُ ڪتاب سندن مذهب ۽ ملڪي معاملن تي پڻ روشني وجهي ٿو. هندو راجائن، سندن نجي زندگي، حڪومت جو اصول ۽ برهمڻن جي ڊپلوميسي کي بہ غيرجانبداريءَ سان پيش ڪيو ويو آهي.

هن ڪتاب جي ذريعي عرب ۽ سنڌ جي تعلقات بابت پڻ ڇڪي معلومات ملي ٿي ۽ اها ڳالهہ ڇٽيءَ ريت معلوم ٿئي ٿي تہ عرب سنڌ ۾ ڇو آيا؟ محمد بن قاسم جي حملي، فتحن ۽ فتح ڪيل علائقن جي ماڻهن سان سندس سلوڪ، ان جي حڪومت جي نظام، مذهبي رواداريءَ غيرمسلمن جي حق ۽ فرضن وغيره تي قابل قدر مواد موجود آهي.

محمد بن قاسم جي جنگين جو تفصيل، فوجن جي چُرپر، حجاج جي لڳاتار رهنمائي، وقت بوقت هدايتون ۽ محمد بن قاسم جي ڏاهپ، جنگي حڪمت عملي ۽ مرڪزِ خلافت سان تعلق وغيره اهڙا موضوع آهن، جن تي مدائني تفصيل سان لکيو آهي.

مدائني جي هن ڪتاب جي ذريعي سنڌ اسلامي دنيا ۾ متعارف ٿي. ماڻهو هن ڪتاب معرفت سنڌ جي تاريخ مان واقف ٿيا. تنهن ڪري هي ۽ پهريون ڪتاب آهي، جنهن مان سنڌ جي تاريخ بابت تمام گهڻي ۽ قابل قدر معلومات ملي ٿي.

فتح البلدان

تاريخ سنڌ جي قديم ترين ماخذن ۾ عربي زبان جو مشهور ڪتاب "فتوح البلدان" هڪ اهم ترين ماخذ آهي. هن ڪتاب جو مصنف ابوالحسن احمد بن يحيٰ البلاذري هو. جيڪو بغداد جي عباسي خليفن المتوڪل ۽ المستعين جو دوست ۽ عبدالله بن المعز جو استاد هو. تاريخ ۾ هي ۽ عالم البلاذري جي نالي سان مشهور ٿيو.

البلاذري 203هـ ۾ پيدا ٿيو ۽ 279هـ ۾ فوت ٿيو. هي ۽ شخص انهن مشهور هستين مان آهي، جيڪي بغداد جي روشن ترين ۽ تاريخ ۾ علم و دانش جا ڏيئا سمجهيا ويندا هئا.

فتح البلدان ۾ "فتوح السند" جي باب ۾ سنڌ جي جغرافيائي حالت، عربن سان تعلقات جي ابتدا، سنڌ جي فتح جا سبب، حجاج جي هدايت ۽ رهنمائي، محمد بن قاسم جون فتحون، جنگي قيدين سان سهڻو سلوڪ، نظام حڪومت، مذهبي حالتون، بت پرستي، عام

ماڻهن جي هلت چلت، مذهبِ اسلام جي اشاعت، عام ماڻهن جي خوشحالي وغيره. شهرن جي اڏاوت، عربن جي هڪٻئي سان قبائلي دشمنيءَ سبب جهيڙا ۽ انهن جا اثر ۽ نتيجا ۽ مذهبي تبديليءَ جا دلچسپ واقعا وغيره ڏنا ويا آهن.

تاريخ يعقوبي

هي تاريخ سنڌ جو اهم ماخذ آهي، هن جو مصنف احمد بن يعقوب بن جعفر آهي، جيڪو عباسي خلافت ۾ انشاءَ جي دفتر جو هڪ آفيسر هو. هن اسلامي خلافت جي اوپارين ۽ اولانهن ملڪن جو سير پڻ ڪيو هو ۽ پاڻ هندوستان ۾ آيو هو. سندس وفات 284 يا 287 هـ مطابق 897ع يا 900ع آهي.

هيءَ پهريون مسلمان مورخ آهي، جنهن سڄي دنيا جي تاريخ عربي زبان ۾ لکي آهي. سندس ڪتاب ٽن حصن تي مشتمل آهي. ٽئين حصي ۾ خليفي مروان اول کان وٺي پنهنجي دور جي تاريخي واقعن جو ذڪر ڪيو آهي. هن مسلمانن جي فتوحات جي سلسلي ۾ سنڌ تي عربن جي حملي جو ذڪر ڪيو آهي ۽ سنڌ ۾ اموي ۽ عباسي دور جي گورنرن جو احوال تفصيل سان لکيو آهي. تنهن ڪري تاريخ سنڌ جو هيءَ هڪ اهم عربي ماخذ آهي.

تاريخ طبري

ابو جعفر محمد بن جرير الطبري 224هـ ۾ پيدا ٿيو ۽ 310 هـ ۾ وفات ڪري ويو. هيءَ هڪ وڏو عالم، محدث، مفسر ۽ فقيه ۽ جڳ

مشهور مورخ هو. سندس مشهور ۽ معروف ڪتاب جو نالو "تاريخ الرسل ولامم والملوڪ" آهي جيڪو پنهنجي ننڍي نالي "تاريخ طبري" سان مشهور آهي. مصنف پنهنجي هن ڪتاب ۾ سنه وار سال بسال جا واقعا سن 303 هـ تائين لکيا آهن. سنڌ جي فتح ۽ سنڌ جي عرب گورنرن ۽ سنڌ بابت ٻي گهڻي معلومات موجود آهي. هن ڪتاب جي سڀ کان اهم خصوصيت اها آهي ته مصنف سال هيٺ مختلف راوين جا بيان قلمبند ڪيا آهن ۽ حتمي راءِ قاري تي ڇڏي آهي.

تاريخ مسعودي

مسعودي هڪ بلند پايه مورخ، جاگرافي نويس ۽ سيلاني جي حيثيت سان مشهور آهي. هن پنهنجي عمر جا 35 ورهيه سير سفر ۾ گذاريا. هن پنهنجي وطن بغداد کان سفر جي شروعات ڪئي. عراق، شام، آرمينيا، روم (ايشياءِ ڪوچڪ) آفريڪا، سوڊان ۽ حبش کان سواءِ چين، تبت، هندوستان ۽ سريلنڪا جو به سير ڪيو. تنهن ڪري هن انهن ملڪن جي تاريخ ۽ جاگرافي بابت جيڪو احوال ڏنو آهي، سو وڏي اهميت وارو آهي. مسعودي جيئن ته تمام گهڻو گهميو ڦريو، تنهن ڪري سندس نظر گهري ۽ مشاهدو قابل اعتماد آهي.

هن گهڻائي ڪتاب لکيا، سندس ضخيم ڪتابن مان فقط ٻه اهم تاريخي ڪتاب موجود آهن، جن مان هڪ جو نالو "مروج الذب و معدن الجواهر" ۽ ٻئي جو نالو "تنبيه الاشراف" آهي.

مروج الذهب و معادن الجواهر نهايت پراثر معلومات ۽ قابل اعتماد تصنيف آهي. هي، توڙي جو اسلام جي تاريخ آهي، پر ان جي

مقدمي ۾ دنيا جي سڀني قومن جي مختصر تاريخ ڏنل آهي.

هن ڪتاب ۾ سنڌ بابت تمام گهڻي معلومات ملي ٿي. سنڌو درياهه جو وهڪرو، سنڌو درياهه جا پرتي ڪنڊ درياهه، سمنڊ مان ملندڙ شيون، ملتان، منصوره ۽ بين هنڌن جي وچ ۾ مفاصلو آبادي جا مختلف طبقا، سنڌ جي حاڪمن جا احوال ۽ منصوره بابت تفصيلي معلومات ملي ٿي.

مسعودي پنهنجي ڪتاب ۾ عام آبادي، مذهب، معاشرت، ريتن، رسمن، عبادت جي طريقن، پيداوار، کاڌ خوراڪ ۽ درياهن جي تقابلي مطالعي وغيره جو به ذڪر ڪيو آهي. جنهن مان ان دور جي سنڌ جي تمدني، معاشرتي، اقتصادي حالت ۽ ثقافتي زندگيءَ تي روشني پوي ٿي.

6. ڪتاب الڪامل في التاريخ

هيءَ ڪتاب اعزالدين ابوالحسن علي بن محمد جي تصنيف آهي. جيڪو 555هـ مطابق 1160ع ۾ پيدا ٿيو ۽ 630هـ مطابق 1234ع ۾ وفات ڪري ويو. سندس ڪتاب تاريخ ابن الاثير جو "الڪامل" جي نالي سان مشهور آهي. هن تفصيل سان سال بسال جي تاريخ لکي آهي. جنهن ۾ سنڌ جي فتح، سنڌ جا عرب گورنر، سنڌ جا مقامي عرب حڪمران ۽ المنصوره جي اڏاوت ۽ زوال جي تاريخ تي بحث ڪيو آهي. هن ۾ سنڌ بابت تمام قيمتي ۽ قابل قدر مواد موجود آهي.

7. اخبار الطوال

هيءَ ڪتاب الدينوريءَ جو لکيل آهي. جيڪو هن 282هـ ۾ لکي پوروڪيو. هن ڪتاب ۾ ڪٿي ڪٿي سنڌ جو مختصر احوال ڏنل آهي.

مٿي جن ڪتابن جو احوال ڏنو ويو آهي، سي سمورا تاريخ جي موضوع سان تعلق رکن ٿا. جن ۾ سنڌ جي تاريخ، جاگرافي، سياست، ثقافت، انتظامي امور ۽ ٻين موضوعن تي تمام اهم معلومات ملي ٿي. هينئر اهڙن ڪتابن جو احوال ڏجي ٿو جيڪي عرب سوداگرن، سياحن ۽ جاگرافي دانن تصنيف ڪيا. انهن ڪتابن ۾ هنن پنهنجا اکين ڏٺا احوال ۽ ڪي ٻڌل ٻڌل ڳالهيون لکيون آهن. جن جي ذريعي اسان کي سنڌ بابت مفيد معلومات ملي ٿي.

8. ڪتاب البيان والتبين

هيءَ ڪتاب حافظ (المتوفي 255هـ مطابق 884ع) جي تصنيف آهي، جنهن ۾ سنڌ جي تهذيب ۽ معاشرت تي نهايت ئي قيمتي مواد ڏنل آهي. هن ۾ سنڌ جي رهواسين جي رهٽي ڪهٽي، ريتن رسمن، هندي رسم الخط، طب، مصوري، شطرنج، تلوار، ٽوٽن ڦيٽن، راڳ، ناچ وغيره، ان کانسواءِ ادب ۽ فن تي قيمتي معلومات ملي ٿي. هن ڪتاب ۾ سنڌين جي ڪن خوبين جي ساراهه ڪئي وئي آهي. هن ڪتاب جي ذريعي سنڌ جي تهذيب، تمدن ۽ ثقافت کي سمجهڻ ۾ وڏي مدد ملندي.

9. المسالك والممالك

هي عربي زبان جو پهريون ڪتاب آهي، جيڪو جاگرافي سان تعلق رکي ٿو. ڪتاب جو مصنف خرداذبه آهي. هو برمڪين جي هڪ مسلمان ٿيو. معتمد عباسي خليفي جي زماني ۾ سي آءِ اي (خفيه اطلاعات جي محڪمي) ۾ هڪ آفيسر هو. هو پاڻ سنڌ ڪونه آيو پر هن سنڌ بابت معلومات سرڪاري اطلاعن ۽ پنهنجي عهدي ۽ منصب جي ذريعي حاصل ڪئي. هن خاص طور اهڙن سوداگرن کان سنڌ بابت معلومات حاصل ڪئي، جيڪي واپار سانگي سنڌ اينداً رهندا هئا.

خرداذبه جو جنم 211هـ مطابق 826ع ۾ ٿيو ۽ 300هـ مطابق 912ع ۾ وفات ڪري ويو.

خرداذبه جي ڪتاب ۾ سنڌ ۽ هند جي راجائن جو احوال ملي ٿو. خاص طور راجا بلهرا (پهل راءِ؟) جوگهڻو احوال ملي ٿو. جيڪو هڪ ڪرڙو حڪمران هو. سنڌجي هڪ شهر کان ٻئي شهر تائين مفاصلو، پيداوار، مصنوعات، اهي شيون جيڪي ڏيساور موڪليون ويندیون هيون ۽ اهي شيون جيڪي سنڌ ۾ ٿيندیون هيون، تن جو ذڪر ڪيو آهي. هن هتان جي عام رهواسين جي رهڻي ڪهڻي، ڏوهن، مذهبي عقيدن جو تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي. هن ڪتاب مان سنڌ جي معاشرت، مذهبي زندگي ۽ عام ماڻهن جي ڏنڏن بابت معلومات ملي ٿي.

10. سلسلہ التواريخ

هيءَ سليمان تاجر جي تصنيف آهي. هيءَ پهريون عرب سياح آهي، جنهن چين ۽ وچ مشرق جو سفر ڪيو. هن هند ۽ سنڌ جي ساحلي علائقن جو سير ڪيو. هن پنهنجو سفرنامو 237ع ۾ لکيو. هن پنهنجي سفرنامي ۾ هند ۽ سنڌ جي تهذيب، تمدن، معاشرت ۽ سياست جو احوال ڏنو آهي. ان کانسواءِ هتان جي راجائن جي ڪن سزائن جي قاعدن قانونن جو ذڪر ڪندي انهن جي چين جي قانون سان پيٽ ڪئي آهي.

هن ڪتاب ۾ سنڌ جي تمدني، مذهبي ۽ معاشرتي تاريخ تي نهايت ئي قيمتي مواد موجود آهي. اهو احوال هڪ اهڙي سياح جو لکيل آهي، جيڪو هن اکين ڏٺو، تنهن ڪري اهو قابل اعتماد چئي سگهجي ٿو.

11. الڪتاب الثاني من سلسلہ التواريخ

هن ڪتاب جو مصنف ابو زيد سرافي آهي. جيڪو ٽين صدي هجريءَ جو هڪ مشهور سيلاني ۽ سوداگر هو. هن سنڌ ۽ چين جو سفر ڪيو هيءَ ڪتاب دراصل سليمان تاجر جي ڪتاب سلسلہ التواريخ جو تڪملو آهي. هن پنهنجي ڪتاب ۾ جيڪا معلومات ڏني آهي، سا هن ڪجهہ عرب سياحن کان حاصل ڪئي۽ ڪجهہ پنهنجو اکين ڏٺو احوال ڏنو اٿائين.

12. كتاب البُلدان

هن ڪتاب جو مصنف ابن فقيہ همداني آهي، جيڪو ٽين صدي هجريءَ جي آخر ۾ مشهور انشا پرداز ۽ جاگرافي دان هو. ابن نديم ۽ ياقوت حموي سندس ڪتابن جو ذڪر ڪيو آهي. پر اسان کي صرف سندس هڪ "ڪتاب البُلدان" ملي ٿو جيڪو هن 279هـ ۾ تصنيف ڪيو هو.

هن ڪتاب مان مشرق ۽ مغرب جي مُلڪن وانگر شهرن، ڳوٺن، درياهن ۽ سمندن بابت معلومات ملي ٿي. سنڌ جو ذڪر ڪندي هن لکيو آهي ته هتي گينڊا، هاٿي ۽ مور تمام گهڻا آهن. ان کان علاوه گل ۽ ميوا به عام جام آهن.

عود، عنبر، لونگ، سنبل، دالچيني، ناريل ۽ ٻي پيداوار جو ذڪر ڪيو اٿس. هن سنڌ جي معدنيات مثلاً ياقوت، الماس وغيره ۽ قيمتي پٿرن بابت معلومات ڏني آهي ۽ لکيو اٿس ته سنڌ ۽ ان جي شهرن کي الله تعالىٰ هيءَ خاصيت بخشي آهي ته اتي طرح طرح جي خوشبوءِ ۽ قيمتي شيون پيدا ٿين ٿيون.

13. أعلاق النفسيه

هيءَ ڪتاب احمد بن رسته جي تصنيف آهي، جيڪو ٽين صدي هجريءَ جو جاگرافيدان ۽ ابن فقيہ همداني ڪتاب "البُلدان" جي مصنف جو سهيوگي هو. هن پنهنجو ڪتاب 290هـ ۾ لکي پورو ڪيو.

احمد بن رُسته پنهنجي هن مشهور ڪتاب ۾ زمين جي عجائبات ۽ ملڪن جي حالات جي سلسلي ۾ سنڌ ۽ هند جي

جاگرافيائي حالات، خصوصيات ۽ ڪن ڏوهن جي سزا ۽ ملڪي قاعدن قانونن جو ذڪر ڪيو آهي. سندس ڪتاب ۾ سنڌ جي مختلف پهلوئن بابت معلومات ملي ٿي. هن سنڌ جي سرحد سنڌو درياهه جي وهڪري ۽ سنڌي معاشرت جو ذڪر ڪيو آهي.

هن ملتان ۾سامه بن الوئي جي خاندان جي حڪومت جو احوال تفصيل سان لکيو آهي. ملتان جي بُت ان جي اهميت، قدر و قيمت، ان جي زيارتين، ان جي آمدني ۽ ان بابت مختلف قصن ۽ روايتن بابت تفصيل سان بحث ڪيو آهي.

14. عجائب الهند

هي، مشهور ڪتاب بزرگ بن شهريار جي تصنيف آهي جو هڪ ايراني جهاز ران هو. جنهن ٽين صدي هجري، جي پڇاڙي ۾ چوٿين صدي هجري، جي شروعات ۾ عراق جي هڪ بندر کان هندوستان ويو. پوءِ اتان کان چين ۽ جاپان ويندو رهيو. هن پنهنجي ۽ ٻين ساڻين جي معلومات ۽ مشاهدا عربي زبان ۾ عجائب الهند جي نالي سان لکيا.

بزرگ بن شهريار 288هـ ۾ منصوره آيو هو. سندس ڪتاب جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته سنڌ ۾ اسلام ڪهڙي ريت پکڙيو ۽ ڪهڙي طرح سنڌ واسي اسلام ۾ داخل ٿيا.

هن ڪتاب ۾ سنڌو درياهه جي واپاري اهميت تي پڻ روشني وڌي وئي آهي. هن ۾ درياهه جي وهڪري، ڪشمير کان منصوره تائين خشڪي رستن ۽ واپار وغيره جي معاملن تي پڻ روشني وڌي

وئي آهي. ان کان علاوه منصوره جي هباري حاڪم عبدالله بن عمر بابت اهم معلومات ملي ٿي. هن پنهنجي ڪتاب ۾ قرآن پاڪ جي سنڌي ترجمي جو به ذڪر ڪيو آهي.

15. ڪتاب البدو التاريخ

هيءُ ڪتاب مطهر بن طاهر مقدسي ڇهن جلدن ۾لکيو هو.ان جي چوٿين جلد ۾ سنڌ ۽ هند جي مذهبن، سمنڊن،درياهن جا احوال ڏنا آهن. هيءُ به چوٿين صدي هجري جو هڪ فاضل عرب فلسفي هو جنهن کي علم الڪلام ۽ تاريخ جي فن ۾ ڪمال حاصل هو.

16. ڪتاب الاقاليم

هن ڪتاب جو مصنف ابراهيم بن محمد آهي، جيڪو اصطخري جي نالي سان گهڻو مشهور آهي. هو هڪ جاگرافي دان ۽ سيلاني هو جنهن ايشيا جي اڪثر ملڪن جو سير ڪيو. هُو 240ھ مطابق 951ع سنڌ ۾ آيو.جتي سندس ملاقات مشهور جاگرافي دان ابن حوقل سان ٿي هئي. سندس تصنيف "ڪتاب الاقاليم" تاريخ سنڌ جي شاگرد لاءِ تمام اهم ۽ قابل قدر آهي. هن پنهنجي ڪتاب ۾ ٻين ملڪن سان گڏوگڏ سنڌ جو نقشو پڻ ڏنو آهي. هن خود لکيو آهي ته. "سنڌ ۽ ان جي آسپاس وارا شهر جن کي مون هڪ ئي نقشي ۾ ڏيکاريو آهي. سي سنڌ، ڪچ، هندوستان، نيزد مڪران، طوران ۽ بڌ جا شهر آهن.

هن سنڌ جي شهرن مان منصوره، ديبل، ٽبرون، قالري، بلڙي

مورهي، بانتيه، سروسان ۽ اروڙ جو ذڪر ڪيو آهي. منصوره جي محل وقوع، رهواسين، حاڪمن عباسي خليفن جا بغداد سان تعلقات، آبهوا، پيداوار، گهربل شين جي گهٽائي. ڏي وٺ جي طريقن جو تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي. ان کان علاوه ملتان ۽ محفوظ جو ذڪر ڪندي اتان جي سرسبزي، خوشحالي ۽ ٻين معاملن تي روشني وڌي آهي.

اصطخري سنڌ جي لساني مسئلي تي پڻ پنهنجا ويچار پيش ڪيا آهن. هن لکيو آهي ته هن زماني ۾ منصوره ۽ ملتان جا ماڻهو عربي ۽ سنڌي ٻئي زبانون چاڻن ٿا ۽ ڳالهائين ٿا. البته اهل علم جي زبان عربي آهي پر مڪران جا ماڻهو مڪراني ۽ فارسي ڳالهائين ٿا.

اصطخري جا احوال اکين ڏٺا آهن. تنهن ڪري اهي سچا ۽ ڪرا سمجهڻ گهرجن. هن تمدني، ثقافتي ۽ معاشرتي نقطه نگاهه سان سنڌ جا احوال اوريا آهن. جيڪي سنڌ جي تاريخ تي محققن لاءِ سند جو درجو رکن ٿا.

17. اشكال البلاد
يا كتاب المسالك والممالك

هن ڪتاب جو مصنف تاريخ ۾ ابن حوقل بغدادي، جي نالي سان مشهور آهي. هن جو اصل نالو ابوالقاسم هو. بغداد جو رهاڪو هو. هن پنهجي سفر جي شروعات 943ع ۾ ڪئي ۽ ڪيترن ئي ملڪن جو سير ڪيو. هُو سنڌ پڻ آيو هو ۽ هتي سندس ملاقات مشهور سياح ۽ جاگرافي دان اصطخري، سان سن 340هـ مطابق

951ع ۾ ٿي.

ابن حوقل جيئن ته هڪ جاگرافي دان ۽ سيلاني هو. تنهن ڪري هن سنڌ جي جاگرافي تي تفصيل سان روشني وڌي آهي. هن هڪ شهر کان ٻئي شهر تائين جو مفاصلو چٽيءَ ريت ٻڌايو آهي. مثلاً تيز ڪيچ، ڪنيز، ارمائيل (ارمن ٻيلو قنبيلي) وغيره وغيره جو خاص طور ذڪر ڪندي هن شهرن جي وچ وارو مفاصلو پڻ ٻڌايو آهي.

ابن حوقل سنڌ جي پيداوار، واپار، زراعت وغيره تي روشني وڌي آهي. هن لکيو آهي ته، " تضدار جو طوران سنڌ جي هڪ ضلعي جي گاديءَ جو هنڌ (مرڪزي) شهر هو. هتان جي زمين انگورن لاءِ نهايت ئي مناسب آهي. تنهن ڪري هتي انگور تمام گهڻا ٿيندا. هتي ڏاڙهن جا باغ به آهن. ان کان علاوه ٻيا سردين جا ميوا پڻ ٿين ٿا. پر انهن جي پيداوار ايتري گهڻي نه آهي. سنڌ جي واپار جو ذڪر ڪندي لکيو اٿس ته، " ديبل وڏو واپاري مرڪز آهي ۽ هتان مختلف قسم جو واپار ٿئي ٿو. هيءَ صوبي جو بندر آهي. هتي ڪيتي گهٽ ٿئي ٿي. چوته هيءَ هڪ خشڪ شهر آهي. هن کي فقط واپار سبب وڏي اهميت حاصل آهي.

اروڙ جو ذڪر ڪندي لکي ٿو ته، " هيءَ سنڌ جي وڏن شهرن مان هڪ آهي. هن کي به شهر پناهون آهن. هيءَ سنڌو درياهه جي اوپارين طرف آباد آهي. هيءَ هڪ خوشحال شهر آهي. هر شيءِ عام جام آهي. تنهن ڪري سستي اڳهه تي ملي ٿي. هتي واپار عام جام ٿئي ٿو. واپاري مرڪزن مڙهه جو گاديءَ جو هنڌ (مرڪزي شهر) قندابيل پڻ آهي. ٻڌي پنهنجي ضرورت جون شيون اُتان خريد ڪن

ٿا. قضدار به هڪ تجارتي منڊي آهي.

ابن حوقل پنهنجي دور ۾ سنڌ جي هيٺين رياستن، انهن جي حڪمرانن ۽ راڄڌانين جو ذڪر ڪيو آهي.

رياست جو نالو	گادي جو هنڌ	حڪمران
1. ملتان	جندورو	سامہ بن لوئي
2. سنڌ	منصوره	هباري گهراٽو
3. مڪران	ڪيچ	عيسيٰ بن معدون
4. مشڪي	مشڪ	مطهر بن رجا
5. ٻڌ	گنداوا	غير مسلم راجا
6. طوران	طوران شهر	ابوالقاسم بصري
7. قزدار	ڪنير ڪاتان	معين بن احمد

ابن حوقل جي ڪتاب اشڪال البلاد مان سنڌ جي سياسي، اقتصادي، معاشي ۽ جاگرافيائي حالتن تي تفصيلي احوال ملي ٿو. تنهن ڪري اهو سنڌ جي تاريخ جي شيدائين لاءِ نهايت ئي قيمتي ۽ ڪارگر آهي.

18. احسن التقاسيم في معرف الاقاليم

هي، مشهور ڪتاب بشاري مقدسي جو لکيل آهي. بشاري هڪ عرب سياح هو. هو 375هـ مطابق 985ع ۾ سنڌ آيو هو. هن اوير ۽ اولهه جي مختلف ملڪن جو سير ڪيو ۽ پنهنجو ڪتاب "احسن التقاسيم في معرف القاليم" ۾ سنڌ جو تفصيلي ذڪر ڪيو آهي.

سنڌ بابت لکي ٿو تہ: "هي، هڪ خوبصورت ملڪ آهي. هن جا شهر رونق پريا آهن ۽ ڳوٺن ۾ امن ۽ امان آهي. ماڻهو امانتدار ۽ ايماندار آهن. هي، ملڪ سمنڊ جي ويجهو آهي. هتي درياهہ وهن ٿا. چئني طرفن کجين جا باغ آهن. زمين نرم ۽ سڌي آهي. کيتي مينهن تي ٿئي ٿي. شهر سهٹا آهن ۽ درياهہ خوش منظر آهن. سنڌ جو سمورو انتظام هندن جي هٿن ۾ آهي."

هن مشهور شهرن جو پڻ ذڪر ڪيو آهي. منصوره متعلق لکي ٿو تہ "هتان جا رهاڪو حياء ۽ مروت وارا آهن. اسلام وٽن زندهہ آهي. هتي علم ۽ عالمن جي گهٹائي آهي. هتان جي رهواسين ۾ عقل، ڏاهپ ۽ نيڪي تمام گهٹي آهي. خير، منجهن خيرات ڪرڻ جو جذبو آهي."

دبيل بابت لکيو اٿس تہ: هي، ساموندي شهر آهي. هتان جا رهاڪو گهٹي ياڳي هندو آهن. ماڻهو وڻج واپار ڪن ٿا. عربي ۽ سنڌي ٻئي زبانون ڳالهائين ٿا. هي، سڄي صوبي جو بندر آهي ۽ ماڻهو خوشحال آهن ۽ آمدني تمام گهٹي آهي.

مطلب تہ هن ڪتاب ۾ سنڌ جي حڪومت، انتظام، پيداوار، آبهوا، شهر ۽ اتان جون حالتون ماڻهن جا عقيدا ۽ بين موضوعن تي مواد موجود آهي. تنهن ڪري هن ڪتاب جي معرفت سنڌ جي چوٽين صدي هجري جي سياسي، تمدني، تهذيبي ۽ ثقافتي تاريخ بابت پرپور معلومات ملي ٿي.

تاريخ سنڌ جا عربي ۽ فارسي ماخذ ——— ۵۲

تا. قضدار به هڪ تجارتي منڊي آهي

ابن حوقل پنهنجي دور ۾ سنڌ جي هيٺين رياستن، انهن جي حڪمرانن ۽ راڄڌانين جو ذڪر ڪيو آهي.

رياست جو نالو	گادي جو هنڌ	حڪمران
1. ملتان	جندورو	سامہ بن لوئي
2. سنڌ	منصوره	هباري گهراٽو
3. مڪران	ڪيچ	عيسيٰ بن معدون
4. مشڪي	مشڪ	مطهر بن رجا
5. بُڌ	گنداوا	غيرمسلم راجا
6. طوران	طوران شهر	ابوالقاسم بصري
7. قزدار	ڪنير ڪاتان	معين بن احمد

ابن حوقل جي ڪتاب اشڪال البلاد مان سنڌ جي سياسي، اقتصادي، معاشي ۽ جاگرافيائي حالتن تي تفصيلي احوال ملي ٿو. تنهن ڪري اهو سنڌ جي تاريخ جي شيدائين لاءِ نهايت ئي قيمتي ۽ ڪارگر آهي.

18. احسن التقاسيم في معرف الاقاليم

هي، مشهور ڪتاب بشاري مقدسي جو لکيل آهي. بشاري هڪ عرب سياح هو. هو 375هـ مطابق 985ع ۾ سنڌ آيو هو. هن اوپر ۽ اولهه جي مختلف ملڪن جو سير ڪيو ۽ پنهنجو ڪتاب "احسن التقاسيم في معرفة القاليم" ۾ سنڌ جو تفصيلي ذڪر ڪيو آهي.

سنڌ بابت لکي ٿو تہ: "هيءَ هڪ خوبصورت ملڪ آهي. هن جا شهر رونق پريا آهن ۽ ڳوٺن ۾ امن وامان آهي. ماڻهو امانتدار ۽ ايماندار آهن. هيءَ ملڪ سمنڊ جي ويجهو آهي. هتي درياهہ وهن ٿا. چئني طرفن کجين جا باغ آهن. زمين نرم ۽ سڌي آهي. کيتي مينهن تي ٿئي ٿي. شهر سهڻا آهن ۽ درياهہ خوش منظر آهن. سنڌ جو سمورو انتظام هندن جي هٿن ۾ آهي."

هن مشهور شهرن جو پڻ ذکر کيو آهي. منصوره متعلق لکي ٿو تہ "هتان جا رهاکو حياء ۽ مروت وارا آهن. اسلام وٽن زندهہ آهي. هتي علم ۽ عالمن جي گهڻائي آهي. هتان جي رهواسين ۾ عقل، ڏاهپ ۽ نيڪي تمام گهڻي آهي. خير، منجهن خيرات ڪرڻ جو جذبو آهي."

ديبل بابت لکيو اٿس تہ: هيءَ ساموندي شهر آهي. هتان جا رهاکو گهڻي پاڻي هندو آهن. ماڻهو وڻج واپارکن ٿا. عربي ۽ سنڌي ٻئي زبانون ڳالهائين ٿا. هيءَ سڄي صوبي جو بندر آهي ۽ ماڻهو خوشحال آهن ۽ آمدني تمام گهڻي آهي.

مطلب تہ هن ڪتاب ۾ سنڌ جي حڪومت، انتظام، پيداوار، آبهوا، شهر ۽ اتان جون حالتون ماڻهن جا عقيدا ۽ ٻين موضوعن تي مواد موجود آهي. تنهن ڪري هن ڪتاب جي معرفت سنڌ جي چوٽين صدي هجري جي سياسي، تمدني، تهذيبي ۽ ثقافتي تاريخ بابت ڀرپور معلومات ملي ٿي.

---

19. الفهرست

هي، ڪتاب ابن نديم 377هـ مطابق 987ع ۾ لکيو. ابن نديم ڪتاب جو نقل تيار ڪرڻ، انهن جي ترتيب تصحيح ۽ وڪرو ڪندو هو. هن پنهنجي مشهور ڪتاب ۾ سنڌ جي رهاڪن جي مختلف زبانن، انهن جي رسم الخط، مختلف مذهبن ۽ بادشاهه جي محل ۾ سون جي بُت، سنسڪرت ڪان عربي ۾ ڪتاب جو ترجمو، هتان جا ڪتاب ماڻهن جي عمر، جنم، فن، طب، نجم، ڳورهارين عورتن جي علاج، عورتن جي خصوصي علاج، مختلف جڙي ٻوٽين، عبادتگاهن، بُتن، بُت خانن، راجائن، عمارتي ڪاٽ، هندن جي مختلف مذهبي فرقن سندس مذهبي رياضتن ۽ عبادت جي طريقن تي ڀرپور نموني بحث ڪيو آهي، تنهن ڪري هي، ڪتاب مذهبي توڙي طبي نقطه نگاهه کان سنڌ متعلق نهايت قيمتي مواد مهيا ڪري ٿو.

20 الفرق بين الفرق

هي، ڪتاب عبدالقاهر بغدادي (المتوفي 429هـ مطابق 1037ع) اسلامي فرقن بابت لکيو آهي. هن ۾ اسلام جي هڪ عقل پرست فرقي معتزلہ جو ذڪر ڪندي هندن جي هڪ فرقي سمني بابت به احوال لکيو آهي ۽ تناسخ جي مسئلي (آواگان) متعلق پڻ بحث ڪيو اٿائين جنهن مان ان وقت جي سنڌ جي هندن جي مذهبي عقيدن بابت معلومات ملي ٿي. هي، ڪتاب تاريخ مذاهب عالم جي شاگردن لاءِ نهايت ئي مفيد ۽ معلومات سان ڀريل آهي.

هن ڪتاب جو مصنف عبدالقاهر بغدادي مختلف علوم ۽

فنون جو ماهر هو. درس و تدريس سان گڏوگڏ تصنيف ۽ تاليف جو ڪم به ڪندو رهيو. حافظ ابن ڪثير جي بيان مطابق هن 17 علوم و فنون ۾ تدريس ۽ تصنيف جو ڪم ڪيو آهي. تنهن ڪري سندس هي ڪتاب علمي لحاظ کان قابل قدر آهي.

21. طبقات الامم

هن ڪتاب جو مصنف قاضي صائدالاندلسي (متوفي 462هـ مطابق 1070ع) اسپين جي مردم خيز خطي قرطبہ جو رهاڪو هو ۽ حديث، فقہ، ادب، تاريخ، فلسفي، طب، رياضي، هيئت ۽ نجوم جو ماهر هو. هن پنهنجي دور تائين علوم ۽ فنون جي تاريخ لکي. سندس ڪتاب "طبقات الامم" جي نالي سان مشهور آهي ۽ غالباً هي مختلف علوم و فنون تي پهريون ڪتاب آهي. جيڪو هڪ مسلمان عربي ۾ لکيو.

هن ڪتاب جي هڪ باب ۾ هند ۽ سنڌ جي علوم ۽ فنون خاص طور نجوم ۽ هيئت تي مفيد ۽ فاضلاڻي نموني بحث ڪيو ويو آهي.

22. الملل والنحل

عبدالڪريم شهرستاني 548هـ مطابق 1153ع پنهنجي دور جو مشهور فقيہ مصنف ۽ دنيا جي مذهبن جو بينظير محقق هو. هن پنهنجي مشهور ڪتاب "الملل والنحل" ۾ دنيا جي مذهبن جو تذڪرو ڪيو آهي ۽ ان جي فلسفي، عقيدن، تاريخ ۽ مذهب وارن جي مختلف فرقن ۽ سندن عقيدن ۽ نظرين تي معلوماتي بحث ڪيو

آهي. هن ڪتاب ۾ سنڌ ۽ هند جي حڪيمن (پنڊتن) يعني برهمڻن جو به ذڪر ڪيو ويو آهي.

23. ڪتاب الذخائر والتحف

هيءُ ڪتاب قاضي رشيد بن زبير (462هـ) جي تصنيف آهي. هن ڪتاب جو نيارو موضوع آهي. هن ۾ مسلمان حاڪمن ۽ غيرمسلم ملڪن جي حاڪمن جي پاڻ ۾ تعلقات جو ذڪر ڪيو ويو آهي. ان سان گڏوگڏ هو هڪٻئي کي سوڪڙيون پاڪڙيون ڏيندا هئا. تن جو خاص طور احوال ڏنو ويو آهي.

24. نزهه المشتاق في اختراق الافاق

هيءُ ڪتاب شريف الادريسي (493هـ 560ع) جي تصنيف آهي. شريف هڪ عظيم جاگرافي دان ۽ سياح هو. جنهن مشرق ۽ مغرب جي گهٽن ئي ملڪن جو سير ڪيو. ساڻس گڏ ڪجهه عالم ۽ مصور به هئا. هن 15 ورهيه پنهنجن ساٿين سان گڏ مختلف ملڪن جو سير سفر ڪيو. ان کان پوءِ پنهنجو جڳ مشهور ڪتاب "نزهت المشتاق في اختراق الافاق" لکي پورو ڪيو.

ادريسي پنهنجي ڪتاب ۾ ديبل، نيرون، منصوره، بانيه، قالري، سدوسان، جندور، مندور، بنجالري، سمد، ملتان، مڪران وغيره ۽ سنڌو درياهه جي مختلف شاخن جو ذڪر ڪيو آهي. ان کان سواءِ سنڌ واسين جي مذهب، ذاتين، شهرن جي ٻيهڪ، اچڻ وڃڻ جا پنڌ، پيچرا ۽ مفاصلا، رهاڪن جي رنگ، عادتن، مختلف علائقن جي پيداوار تي روشني وڌي وئي آهي.

25. عيون الانبا في الطبقات اطباء

هن ڪتاب جو مصنف ابن ابي اصيبعه (468 هـ مطابق 1269ع) آهي. جيڪو پنهنجي دور جو وڏو طبيب هو. هن "عيون الانبا في طبقات الاطباء" جي نالي سان ٻن جلدن ۾ دنيا جي طبيبن جو احوال لکيو آهي. پهئي جلد ۾ هند ۽ سنڌ جي طبيبن جي زندگيءَ جو احوال ۽ سندن ڪارنامن لکيا آهن.

هن ويد (طبيب) طب جي ڪتابن، جڙي ٻوٽين جا نالا، سندن صفتن ۽ ڪارنامن، مختلف مرضن جي نالن ۽ انهن جي علاج جي طريقن تي سهڻي نموني بحث ڪيو آهي.

هن ڪتاب ۾ سنڌ جي طبي تاريخ تي ڪافي مواد موجود آهي. هن ڪتاب ذريعي سنڌ ۾ طب ۽ دواسازي وغيره بابت مفيد معلومات ملي ٿي.

26. تحفته النظار في غرائب الامصار و عجائب الافسار

هيءَ ڪتاب تاريخ ۾ رحلته ابن بطوطه (ابن بطوطه جو سفرنامو) جي نالي سان مشهور آهي. ابن بطوط مشهور عرب سياح هو. سندس ولادت سن 703ع ۾ طنجه (مراڪش) ۾ ٿي ۽ سن 779 ۾ وفات ڪري ويو.

ابن بطوط محمد تغلق (1326ع 1351ع) جي دور ۾ هند ۽ سنڌ ۾ آيو. هو ٿي سال دهلي ۾ قاضي ٿي رهيو. هن پنهنجو سفرنامو، مشاهدا ۽ تاريخي واقعا پنهنجي ڊائري "تحفته النظار في غرائب

الامصار وعجائب الاسفار" ۾ تفصيل سان لکيا آهن.

هن پنهنجي سفرنامي ۾ پنهنجو اکين ڏٺو احوال قلمبند ڪيو آهي. هن هند ۾ سنڌ جي جاگرافي، تمدن معاشرت ۽ مذهبي خيالن وغيره سان گڏوگڏ سنڌ جو به ذڪر ڪيو آهي.

ٽپال جا قسم، ان جي موڪلڻ جا طريقا، اخبار نويس، سلطان محمد تغلق جي سيرت ۽ ڪردار سنڌ جي شهرن، آبادي سامره قوم، لاهري شهر، بکر، اُچ ۽ ملتان جو پڻ ذڪر ڪيو آهي. ان کان علاوه کاڌي پيتي جي شين، ڪائڻ، پيئڻ جي طريقن جو تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي. سندس معلومات سنڌ جي تاريخ بابت وڏي اهميت رکي ٿي.

27. معجم البلدان

جڳ مشهور ڪتاب جو مصنف ياقوت حموي آهي. سندس وفات 425هـ مطابق 1228ع ۾ ٿي. هن ڪتاب ۾ سنڌ جي شهرن، ڳوٺن جو احوال ڏنل آهي. ان کان علاوه ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي، واپار، سڪا، زبان وغيره بابت پڻ مفيد معلومات ملي ٿي.

28. وفيات الاعيان

هي ڪتاب ابن خلڪان جي تصنيف آهي. ابن خلڪان جي وفات 408هـ مطابق 1211ع ۾ ٿي. سندس اصل نالو احمد بن محمد ابن خلڪان آهي. هو دمشق ۾ قاضي القاضات جي منصب تي فائز هو. هن پنهنجي ڪتاب ۾ علمي دنيا جي مشهور ۽ معروف ماڻهن جي سوانح حيات لکي آهي، جنهن ۾ نهايت ئي قيمتي مواد موجود

آهي. هن ۾ سنڌ جي عرب حڪومت جو پڻ احوال ڏنل آهي.

29. صبح الاعشيٰ

هن ڪتاب جو مصنيف قلقشندي (المتوفي 831 مطابق 1418ع) آهي. هي مصر جي انشا واري محڪمي ۾ وڏو آفيسر هو. هن ڪيترائي مفيد ۽ معياري ڪتاب لکيا. پر انهن مڙني مان سندس هڪ ڪتاب "صبح الاعشيٰ" کي اهميت حاصل آهي ۽ سندس اهو ڪتاب جڳ مشهور آهي.

مٿي عربي زبان جي اهڙن ڪتابن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. جيڪي سنڌ جي تاريخ جا اهم ماخذ آهن. جن جي ذريعي سنڌ جي تاريخ جي هر پهلو تي مواد ملي ٿو ۽ انهن ڪتابن کانسواءِ سنڌ جي تاريخ، سياست، تمدن، معاشرت ۽ ثقافت تي جو ڪجهه لکيو ويندو سو اڏورو ۽ اڻ پورو سمجهيو ويندو.

انهن کان کانسواءِ عربي زبان ۾ ٻيا ڪيترائي اهڙا ڪتاب موجود آهن. جن جي ذريعي سنڌ جي تاريخ جي ڪنهن نه ڪنهن پهلوتي روشني پوي ٿي. هتي مختصر نموني انهن ڪتابن جو تعارف ڪرايو وڃي ٿو.

28. ڪتاب الهند

هن ڪتاب جو مصنف محمود غزنوي جي دور جو مشهور عالم هو جيڪو تاريخ البيروني جي نالي سان مشهور آهي. هن پنهنجي ڪتاب ۾ سنڌ جي جاگرافي، مختلف شهر ۽ ڳوٺ انهن جي

بيهڪ، مختلف بوليون، زبان، رسم الخط ۽ مذهبي عقيدن وغيره جو احوال ڏنو آهي.

29. ڪتاب الاغاني

هيءَ ڪتاب مشهور عالم ابوالفرج اصبهاني جي تصنيف آهي، جنهن جي وفات 962ھ ۾ ٿي. هن ڪتاب ۾ عربي شاعرن جو تذڪرو موجود آهي. هيءَ ڪتاب 21 جلدن تي پکڙيل آهي. هن ڪتاب جي 12 جلد ۾ سنڌ جي انهن شاعرن جو احوال ڏنل آهي، جن عربي زبان ۾ شاعري ڪئي ۽ عرب دنيا ۾ مشهور ٿيا. انهن شاعرن ۾ ابوعطا سنڌي، ابو نصر سنڌي ۽ بيا اڇي وڇن ٿا.

30. اشعر والشعراء

هيءَ ڪتاب مشهور عالم ابن قتيبہ جي تصنيف آهي. هن ۾ شعر و شاعري ۽ عربي شاعرن جو احوال ڏنو ويو آهي. ڪتاب ۾ هر هڪ شاعر جي سوانح حيات ۽ ڪلام جو نمونو شامل آهي. هن ۾ انهن سنڌي شاعرن جي سوانح حيات ۽ ڪلام ڏنو ويو آهي، جن عربي زبان ۾ شعر چيو ۽ عرب دنيا ۾ مشهور ٿيا. هن ڪتاب ذريعي سنڌ ۾ عربي ادب جي تاريخ لکڻ جي سلسلي ۾ وڏي مدد ملي سگهندي.

31. سيرت الرسول ص

سيرت پاڪ تي ابن هشام جو هيءَ ڪتاب نهايت ئي اهم آهي. هن ڪتاب ۾ هبار بن الاسود ۽ بنو اسد قبيلي جي ڪن ماڻهن

جو ذڪر ملي ٿو. جيڪي اصل ۾ عرب هئا ۽ سنڌ ۾ اسلام اچڻ کان پوءِ اچي آباد ٿيا. سنڌ ۾ هباري گهراڻي جي حڪومت قائم ٿي هئي. هن ڪتاب ۾ سنڌ جي هباري خاندان جي وڏڻ جي تاريخ ۽ حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وآلہ وسلم سان سندن لاڳاپن بابت ڄاڻ ملي ٿي.

32. طبقات الكبير

هن ڪتاب ۾ پڻ بنو اسد قبيلي جو احوال قلمبند ٿيل آهي. جيڪو سنڌ ۾ منصوره ۾ اچي آباد ٿيو هو ۽ بعد ۾ سنڌ ۾ هباري خاندان جي حڪومت قائم ٿي. هن ڪتاب ۾ انهيءَ گهراڻي جي وڏڻ جي تاريخ لکيل آهي.

33. ديوان حماسہ

هيءَ عربي شاعري جو هڪ ڪتاب آهي. جنهن ۾ ڪيترن ئي شاعرن جو تذڪرو ملي ٿو. هن ڪتاب ۾ سنڌ جي مشهور عربي شاعر ابو عطا سنڌي جو ڪلام موجود آهي.

34. آثار البلاد و اخبار الاباد

هيءَ ڪتاب ذڪريا بن محمد بن محمد القزويني جي تصنيف آهي. هو پاڻ سنڌ ڪونہ ويو. پر هن اصطخري جي ڪتاب "الاقاليم" ۽ ابن حوقل بغدادي جي ڪتاب "اشكاة البلاد" يا ڪتاب المسالك والممالك ۽ ٻين عرب سياحن ۽ جاگرافي دانن جي ڪتاب جي مدد سان پنهنجو ڪتاب تيار ڪيو هن ۾

المنصوره، ان جي مملڪت،ٻين شهرن ڳوٺن ۽ عام ماڻهن متعلق قابل قدر معلومات مهيا ڪئي وئي آهي.

35. تاريخ بغداد

هيءَ مشهورڪتاب ابوبڪر احمد ابن علي ابن ثابت جيڪو خطيب بغدادي جي نالي سان مشهور آهي، جي تصنيف آهي. نالي مان ائين لڳي ٿو ته هيءَ ڪتاب بغداد جي تاريخ آهي. پر ائين نه آهي. هن ڪتاب جو مرڪزي موضوع بغداد ئي آهي. پر هن ڪتاب ۾ خطيب بغدادي سنڌ جي ڪن عالمن جو ذڪر پڻ ڪيو آهي. جيڪي سنڌ جا رهواسي هئا. پر پنهنجي علمي فضيلت ۽ عربي زبان تي مهارت حاصل هئڻ سبب عرب دنيا ۾ مشهور ٿيا ۽ کين وڏي عزت ۽ احترام سان ياد ڪيو وڃي ٿو.

36. تذڪره الحفاظ

هيءَ ڪتاب حافظ شمس الدين جي تصنيف آهي. هن ۾ سنڌ جي انهن عالمن سڳورن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. جن کي حديث، تفسير، فقه ۽ ٻين اسلامي علوم و فنون ۾ ڪمال حاصل هو ۽ پنهنجي علمي فضيلت سبب سموري عرب دنيا ۾ مشهور هئا ۽ سندن روايت کي سند سمجهيو ويندو هو.

هيءَ ڪتاب پنجن جلدن تي مشتمل آهي. ڪتاب جو مصنف ياقوت حموي آهي. ياقوت جي وفات 625 مطابق 1268ع ۾ ٿي. هن ڪتاب ۾ سنڌ جي ڪن شهرن جو احوال ڏنو ويو آهي.

ان کان علاوہ سنڌين جي رهڻي ڪهڻي، وڃج واپار، سکڻ ۽ زبان وغيره بابت ڪافي معلومات ملي ٿي. سنڌ جي تاريخ، جاگرافي ۽ ثقافت جي سلسلي ۾ هي؛ اهم ماخذ آهي.

هن ڪتاب جو مصنف ابن خلڪان آهي. سندس وفات 408هـ مطابق 1211ع ۾ ٿي. سندس پورو نالو احمد ابن محمد ابن خلڪان هو. هو دمشق ۾ قاضي القضات جي عهدي تي فائز رهيو. هن پنهنجي ڪتاب ۾ اسلامي دنيا جي مشهور ۽ معروف شخصيتن جي سوانح عمري لکي آهي، جنهن ۾ نهايت ئي قيمتي مواد موجود آهي. هن ڪتاب ۾ سنڌ جي عرب حڪومت جو پڻ احوال ملي ٿو.

37. اخبار الحكماء

هن ڪتاب جو مصنف علامہ جمال الدين ابوالحسن بن يوسف القفطي آهي. سندس ولادت 568ع مطابق 1172ع ۾ ٿي. هن ڪتاب ۾ فلسفين، طبيبن، رياضي دانن، نجومين ۽ ٻين باڪمال ماڻهن جا حوال ڏنل آهي. ڪن سنڌ جي عالمن ۽ طبيبن جو پڻ ذڪر ڪيو ويو آهي.

38. تاريخ الخلفاء

هي؛ ڪتاب جڳ مشهور شخصيت علامہ سيوطي جي تصنيف آهي. سيوطي جي وفات 911هـ ۾ ٿي. هن ڪتاب ۾ 11هـ کان 903ع تائين جا واقعا لکيا ويا آهن. خليفن جو ذڪر ڪندي ڪٿي ڪٿي سنڌ جو احوال پڻ ڏنو ويو آهي. هن ڪتاب ذريعي سنڌ

جي خلافت واري دور بابت سڀ معلومات ملي ٿي.

39. العبرو ديوان المبتدا والخبر

هيءَ ڪتاب علامہ ابن خلدون جي تصنيف آهي. هن ڪتاب جي ٽين جلد ۾ سنڌ بابت احوال ملي ٿو. اعلام بيت الله ۾ هيءَ واقعو ملي ٿو ته سنڌ جو هڪ هندو مسلمان ٿيو ۽ هن سون جو هڪ زنجير جنهن ۾ زمرد ۽ ياقوت جي جڙاوت ڪيل هئي، سو نذراني طور ڪعبي شريف لاءِ موڪليو. ان سان گڏ سائي رنگ جو زمرد به هو. اهو خليفي محمد علي الله جي حڪم سان ڪعبي شريف جڙيو ويو.

42. تقسيم البلدان

هن ڪتاب جو مصنف ابوالفدا آهي. هن ۾ ڪي اهڙا واقعا بيان ڪيا ويا آهن. جن جي ذريعي سنڌ جي تاريخ بابت معلومات ملي ٿي.

40. عقد الفريد

هن ڪتاب ۾ ٿورو گهڻي سنڌ جو احوال ملي ٿو. سنڌ جي تاريخ تي تحقيق ڪرڻ لاءِ هن ڪتاب مان ڪجهہ قدر معلومات ملي ٿي.

حاشيا

باب پهريون

سلسلة التواريخ

سليمان تاجر ــ واڌارا ابو زيد الحسن سيرافي

(١) Jour. des Sav., Novembre, 1764. Notices et Extraits des MSS., Tome i. See also Mem. de l'Acad. des Inscriptions, Tome xxxvii.; Jour. Asiatique, iv serie, T. viii., 161; Asiatic Journal, vol. xxxiii., p. 234.

(٢) "Relations des Voyages faites par les Arabes et les Persans dans l'Inde et à la Chine," 2 Tom., 24mo., Paris, 1845.

(٣) ڏسو ريناڊ جو مماير سر الانڊي ص ١٩ ۽ ابوالفداء ـ١ـ

٤ـ روم Rum

(٥) ڏسو: نوٽ ضميمي الف ۾.

(٦) انهن درهمن جو ذڪر گهٽو ڪري سيني قديم مؤرخن ڪيو آهي. ادريسي جو بيان آهي ته اهي منصوره ۽ فلايه وارن علاقن ۾ هلندا هئا. جابرٽ ص ٨٦ ۽ ١٦٢). رينادِ ٻڌائي ٿو ته انهن کي ڪتابن ۾ اسطاطري لکيو ويو آهي، پر سندن نالوطيطرادرشم هو. (مماير سرالانڊي ٢٢٥ ـ ريل ـ ڊيس ـ وٹاء. ii ـ ١٦) ٿامس پرنسپس ـ i ـ ٨٦. مسعودي جي پيرس واري ڇاپي ۾ طاهريه آهي. پروفيسر ڪوويل جو بيان آهي ته اهو لفظ آڪسفورڊ جي خردازبه واري قلمي نسخي ۾ به "طاهريه" آهي. ان پڙهڻي منجهان سڪي جي تور جو به پتو پٽجي ويڃي

ٿو . مسٽر ٽامس جو خيال آهي تہ اهي طاهري گهراٽي جا رائج ڪيل سڪا هئا. اهو خاندان سليمان تاجر جي زماني تائين خراسان جو حڪمران رهيو. پر ان جو اثر سيستان تائين هلندو هو.

(۷) ابن خرداذبہ ۽ ادريسي هن سان سهمت آهن،پر ابن حوقل اختلاف ڪيو آهي . ڈسو پڻ پوسٽنس .

(۸) ابن خرداذبہ جي پڑهٽي بہ اها ساڳي آهي، پر مسعودي هن کي جذر ڪري لکيو آهي ، جيڪو ڪذرات نالي جي وڌيڪ ويجهو آهي . رينادٕ جو خيال آهي تہ ان ملڪ جي راڄڌاني ڪنوج هوندو هو (ريل - ڊيس - وٹاء، ص c xcv مسعودي ساڳئي دور ۾ اتي " ٻاوڙايا ٻڌا " نالي هڪ شهر لکيو آهي . هن سوال تي وڌيڪ بحث لاء ڈسو ضميمو الف

(۹) رُهمي - هتن ملڪن جي جاگرافيائي ٻيهڪ لاء ڈسو ضميمو الف.

(۱۰) مسعودي ٿوري خالي قير قار سان ساڳيو بيان ڈنو آهي . پٹرس واري چاپي جو بيان هن ريت آهي ، هن ملڪ مان هڪ جانور جا وار برآمد ڪيا ويندا هئا . انهن کي عاج يا چاندي جي ڳٽن ۾ ٻڌي مکين اڏائڻ لاء مورڇل بنايو ويندو هو، جڏهن حڪمران ديوان عام ۾ ايندا هئا تہ انهن وارن مان ٺهيل دستار مٿي تي رکندا هئا. هن ملڪ ۾ ان جانور کي نشان Nishan يا ڪرڪدان Karkaddan سڏيوويندو آهي. ڪيس وچ مٿي تي فقط هڪ سگ هوندو آهي. مسعودي ج ۱ص۳۸۵.

(۱۱) مسعودي فرنچ پڑهٽي ڈٹي ٿو . ڈسو پوسٽنس ص ۲۵. رينادٕ جو بيان آهي تہ اهو ڪارمنڈل وارو ساموندي ڪنارو آهي . ٿي سگهي ٿو تہ اهو ساموندي ڪناري وارو ڪالنجا علائقو هجي.

(۱۲) مسعودي ۽ ادريسي ساڳيو احوال ڈين ٿا. پهرئين مؤرخ جو بيان آهي تہ اها رسم هن پاڻ اکين ڈٹي آهي. جڏهن تہ ادريسي هن رسم کي هندستان جي بادشاهن سان لاڳاپيل ڈيکاري ٿو. (مسعودي ٹوم iTom ـ ۲۹ ـ ادريسي پوسٽنڈ)

(۱۳) ملبار.

(۱۴) هن کان اڳ امڑو بيان نظر ايندو، جنهن مان پتو پوي ٿو تہ بلهرا

پنهنجي فوج کي پگهار ڏيندو هو.
(۱۵) مسعودي به ساڳيو بيان ڪري ٿو. مسعودي - ٽوم ۲-۶۲.
(۱۶) اهو راس ڪماري وارو علائقو ٿي سگهي ٿو.
(۱۷) ريناڊ وٽ ۽ ريناڊ ، ملبار وارو علائقو سمجهن ٿا.
(۱۸) ڏسوجابرٽ وارو ادريسي ص ۷۱).
(۱۹) هڪ پٿر جيڪو زمرد جهڙو ڏسبو آهي.

باب ٻيو

كتاب الممالك والممالك ـ ابن خرداذبه

(۱) ڏسو ريناڊ جو ابوالفدا - ۲ - ۵۷ - ۽ جنرل ايشياٽڪ جنوري ۱۸۶۵ع
(۲) ان سان لڳولڳ پرءِ سندس بيان آهي ته زباج جي حڪمران کي مهاراج سڏيو ويندو آهي . مسعودي جو بيان به ساڳيو آهي .
(۳) ڪمار وارو علائقو راس ڪماري ۽ ٽراونڪور پرسان آهي. ڪمار بابت قزويني جو بيان به ساڳيو آهي. پر هڏائي ٿو ته هن ابن فقيهه تان اهو حوالو نقل ڪيو آهي . هو وڌيڪ هڏائي ٿو ته شراب پيئڻ واري جي لاءِ سزا اها هوندي هئي ته لوه کي تپائي ڳاڙهو ڪري سندس جان تي رکيو ويندو هو ۽ ٿري وڃڻ تائين سندس جان تي رکيل هوندو هو. هن سزا جي ڪري ڪيترا ماڻهو مري ويندا هئا.
(۴) سرالیٽ جي متن ۾ به ساڳيو احوال آهي. پٽرس واري ڇاپي جي پڙهڻي هن ريت آهي.

"*aghbab*, vallées spacieuses et étendues qui s'avancent dans la mer."

سليمان ۽ مسعودي هتن ماٿرين کي سري لنڪا ويجهو سمجهن ٿا. پوسٽنڊ ص ۲۲- ريل - ڊيس - وٹاء - ۱- ص ۱۲۸.
(۵) پٽرس واري ڇاپي ۾ عنه واري پڙهڻي ڏسجي ٿي. پر پهرئين فقري ۾ غنه نظر ٿي اچي. سرالیٽ ان کي آب ڪري لکيو آهي .

(٦) پٹرس واري ڇاپي ۾ "رحمه" اهر. الف مقصوره.
(٧) پٹرس واري پڙهٽي "مسيرة سفيته" جي بدران "مسيرة سنه" آهي جنهن جوترجمو ڪيو آٿس.

Les Etats de ce dernier sont distants de tous les autres d'une année de marche."]

(٨) سنڪانٽي مائلي
(٩) هڪ رتل ٽراء جي هڪ پائونڊ برابر هو.
(١٠) مڪران جو هڪ وڏو شهر ـ مراصدة الاطلاع.
(١١) سنڌ جو شهر ـ مراصدة الاطلاع
(١٢) هي نيشاپور ۾رسان طوس علائقي جو شهر آهي. مراصدة الاطلاع ، ابوالفدا ـ اسپرينجرس روٽ ـ نقشو نمبر ـ ٤
(١٣) هتن ملڪن جي اوسي پاسي جو احوال ضميمي الف ۾ ڏنو ويو آهي.
(١٤) هي ٽڪرو پٹرس واري ڇاپي ۾ نظر ڪونہ ايندو. ڪئپٹريميئر هن جي پڙهٽي قرقز بدران هرمز ٻڌائي ٿو. جرنل ـ ڊيس ـ سيو ـ سيپٹمبر ـ ١٨٥٠ ع
(١٥) سرالیٽ جي متن ۾ لابين، پٹرس واري ڇاپي ۾ لافيت.ادريسي هن کي ايبيت. اصطخري لافيت، ۽ ڪين، آئسل ڪري لکيو آهي. ڪئپٹريميئر جرنل. ڊيس ـ سيو ـ سيپٹمبر ١٨٥٠ ع. اسپرينجرس روٽ ٧٩.
(١٦) سرالیٽ جي متن ۽ ترجمي ۾ "چين" Chen آهي.
(١٧) سرالیٽ جي متن ۽ ترجمي ۾ ڪثير ۽ ڪئپٹريميئر ڪش. پٹرس واري ڇاپي ۾ ڪشا ۽ ڪش ڏسڻ ۾ ايندو.
(١٨) يا "بنائو ڪاوان" ـ سرالیٽ جي متن ۾ ابرڪاوان آهي.
(١٩) ارمز.
(٢٠) اسپرينجرس روٽ ۾ نرماشر يا نرماسر. ڪرمان جي نقشن موجب نرماشور آهي.
(٢١) پٹرس وارن اتارن ۾ اڻ چٽو آهي.
(٢٢) ڪولن بابت پهريون ٻيرو ڏس پتو هن علائقي جي اوسي پاسي ملي

ٿو. ڊايونيسس جن ماڻهن لاءِ Kadi جو لفظ ڪتب آندو آهي، تن کي ڪن ٻين علائقن ۾ ڪولي سگهجي ٿو.
(۲۳) پٽرس واري نسخي ۾ "بلن" لفظ نظر ايندو.
(۲۴) "لجت" وچ سمنڊ ۾ آهي. هي سامونڊي نار گهٽي اونهي آهي.
(۲۵) سنڊي(Sandy)
(۲۶) سرهيڙي اليٽ جي متن ۽ ترجمي ۾ "ڪنڪن مالو ۽ ڪنج" آهي . ادريسي ڪلڪايان، لولو ۽ ڪنج ٻڌائي ٿو. معلوم ٿئي ٿو ته پٽرس واري نسخي جي پڙهڻي وڌيڪ صحيح آهي. ڪور(ادريسي جو ڪئڪسر) ڪولرون جي چوڻ وٽ ڏسبو. ڪانچي ڪونجيورم جو پراڻو نالو آهي.
(۲۷) اسپرينجر هن کي گوداوري سمجهي ٿو. (پوسٽنڊ ريسيروٽن ۸۰)جي جيڪڏهن ڪنج ڪانچي آهي ته پوءِ ائين ممڪن ڪونہ آهي.
(۲۸) پٽرس واري نسخي ۾ ارتسر آهي جنهن کي ايڊيٽر ڪشمير سمجهي ٿو، پر هن جو امڪاني اشارو ار-ديس،(اوڙيسا) ڏانهن آهي. ٿي سگهي ٿو ته آئنہ ۾ اصلي آندر تلگن Telingana هجي. پر اسپرينجر هن کي پالمير سمجهي ٿو.
(۲۹) اليٽ جي متن ۾ هن لفظ جو پهريون پد "سام" آهي. پٽرس واري پڙهڻي سبڪفيريا آهي. B ـ ليس سابينس Ed ـ سڪريہ
(۳۰) ليس زينيہ ميوزسينس ايٽ جونگليوٽرس.
(۳۱) قديم عرب جاگرافي دانن مان ڪنهن وٽ ہ هندستان جي قبيلن ۽ انهن جي مختلف شاخن بابت ذڪر نظر ڪونہ ايندو آهي پر ڪين اهڙو پتو ضرور هيو. ڏسو ص ۱۹،۱۰،۶ـ ادريسي جو اهڙو حوالو ڪنهن ٻئي هنڌان ڪنيو ٿو ڏسجي(ڏسو پوسٽنڊ). يونان جي مصنف ميگاسٽنس جي حوالي سان هتان جي ماڻهن کي ستن قبيلن ۾ ورهايو آهي ۽ انهن سان کي ڏنڌا ہ منسوب ڪيا آهن. جيڪي خردازبہ جي بيان کيل ڏنڌن کان الڳ نظر ايندا :

استرئبو	ڊايورس	اثرين
پهريون طبقو - برهمڻ	برهمڻ	برهمڻ جو هڪ طبقو
ٻيون طبقو - هاري ناري	هاري ناري	هاري ناري
ٽيون طبقو ڏنار آهيڙي	ڪنوار ۽ ريڍار	ڪنوار ۽ ريڍار
چوٿون طبقو - هنرمند، ڪاريگر ۽ واپاري	هنرمند، ڪاريگر ۽ واپاري	هنرمند، ڪاريگر ۽ واپاري
پنجون طبقو - فوجي	فوجي	فوجي
ڇهون طبقو - انسپيڪٽر	انسپيڪٽر	انسپيڪٽر
ستون طبقو- مشير ۽ محصول اوڪاڙڻ وارا	مشير ۽ محصول اوڪاڙڻ وارا	مشير ۽ محصول اوڪاڙڻ وارا

ڏسو استرئبو جي جاگرافي XV ص ۷۰۳-۷۰۷ - اثرين - انڊيڪا - ص ۱۱-۱۲، ڊايو ڊورس ص ۱۱-۴۰-۴۱ ، ميگاسٿينس فرئگمينٽس. اي - اي - سيشان بيڪ ص ۴۲-۱۲۱-۱۲۷، ابن خرداذبه جا ڏنل نالا سڃاڻڻ ڪان زور آهن. پهريون ته سمجهه ڪان ئي ٻاهر آهي. ٻيو ظاهر آهي . ٽئين نالي مان پتو پوي ٿو ته اهو ڪشتر يه (ڪتري) ۽ چوٿون شودر، پنجون وٽش، ڇهون چنڊال ستون بازيگر آهي .

(۳۲) اهو تعداد فرينچين انگلنڊ ڏانهن منسوب ڪيو آهي يعني پورا ٻائيتاليهه مذهب ۽ هڪ لاهٽي ۽ يوگ ٽڪاء. جوامع الحڪايات ۾ هندستان ۾ مذهبن جو انگ ائيتاليهه ٻڌايو ويو آهي. بهجت التواريخ (پٽرس لئبريري) هندستان جي مذهبن جو تعداد ۹۴۸ ٻڌائي ٿي. ڏسو ڪئسيمرسڪي ۲۱۴ ۽ ممايز سر الانبي ۴۹.

باب ٽيون

مروج الذهب يا المسعودي

(۱) ڏسو رينادِ جو ابوالفدا-مهاڳ ixiv

(۲) اسپرينجر جو مسعودي، مهاڳ

(۳) هندستان جي حڪومت جيڪي به قدم ڪٽندي آهي ته ماڻهو ان جي مخالفت ڪونه ڪندا آهن. اميرنواب به جيڪڏهن عوام سان توهين آميز سلوڪ ڪندو آهي ته ماڻ ڪري اهو به سهي ويندا آهن.

[The Paris translation says, "Le pouvoir ne se maintient chez eux que par le despotisme et le respect de la hiérarchie politique." Sprenger's version is "The measures of government must be carried by mildness in India, and by degradation from a higher rank."]

(۴) هي بلهرا ڏانهن اشارو سمجهڻ گهرجي ڇاڪاڻ تہ سندابور ان جي ملڪ جي جاگرافيائي حدن ۾ واقع هو.

(۵) پئرس واري ڇاپي ۾ "بوورهہ" نالو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. پر اسپرينجر جي پڙهڻي "بدا" آهي. انهيءَ نالي سان ساڳيائپ رکندڙ نالو هڪ علائقي جو آهي جيڪو ملتان جي ماتحت هوندو هو ۽ هي حوالو "بدا" کان سواءِ ٻئي علائقي ڏانهن اشارو کونہ ٿي ٿو سگهي. جنرل ڪننگهام جو بيان آهي تہ گلڊ ميسٽر جي پڙهڻي "بووار" آهي جيڪا اصل ڪتاب ۾ آهي. سندس خيال آهي تہ ان جي پڙهڻي "پووار" وڌيڪ صحيح آهي. ڇاڪاڻ تہ اهوپوروا جهڙي مشهور معروف لفظ سان ويجهڙائي رکي ٿو. اوڏ جي حڪمران وٽ رکيل ڊڪشنري مان اهڙا ٻہ لفظ مليا آهن، جيڪي هن لفظ سان ويجهڙائي رکن ٿا جن مان هڪ پورن ٻيو فوردن آهي. فرشتہ موجب اهو "ڪوره" نالو آهي، جيڪا ڊو (Dow) جي پڙهڻي آهي. برجس هن کي ڪوار پڙهيو آهي. ابوالفدا موجب اهو "نودا" آهي. ڏنو وڃي تہ هن لفظ جون تمام گهڻيون پڙهڻيون ڏنيون ويون آهن. سمجهہ ۾ ائين اچي ٿو تہ اهو حڪمران گهراٹو يا قبيلو آهي. منهنجي خيال ۾ هن لفظ جي هڪ هجي موجب وڌيڪ صحيح پڙهڻي "تووار" هجڻ کپي ۽ ٻيءَ هجي مطابق اها "توراهہ" هڻڻ گهرجي. ڪواليار گهراڻي جي سنسڪرتي لکتن ۾ اهو لفظ "تومار" ڏسجي ٿو. ڪڙگ راءِ تومار (توار؟) لکي ٿو جيڪو ڪرنل ٽاڊ جي ڏنل لفظ "تووار" جهڙو آهي. ڪمائن ۽ گره وال وارن قلمي نسخن ۾ ٻہ "تووار" آهي. گلڊ ون جي ائين اکبري ۾ اهو تينور يا تونور نظر اچي ٿو. منهنجي خيال ۾ اصل نسخي ۾ ٿونوار يا تَنوار هوندو. متي ڏنل سيني پڙهڻين مان ائين محسوس ٿئي ٿو تہ جڏهن سنہ ۹۱۵ع ۾ مسعودي هندستان آيو هو تڏهن ڪنوج جي حڪمران جو لقب توار يا تومار هوندو." جنرل ڪننگهام جي آرڪيالاجي رپورٽ جرنل ايشياٽڪ

سوسائٽي بنگال ۱۸۶۴ع.
(٦) دوآبہ جو شايد ان علائقي ڏانهن اشارو آهي جيڪو گهاري ۽ چناب جي وچ تي يا پنجند ۽ سنڌوءَ جي وچ تي هجڻ ڪپي.
(٧) سنسڪرت "ساگر" ڏسو ممايز سر الانڊي.
(٨) سنسڪرت "لات". هي نربدا جي چوڙ وارو علائقو آهي.
(٩) اسپرينجر هن جي پڙهڻي "تالا تويہ" ٻڌائي ٿو جيڪو پٽرس جي ٻين نسخن جيان آهي.
(١٠) سليمان "ڪرنج" لکيو آهي.

باب چوٽون

كتاب الاقليم ابواسحاق اصطخري

(١) ڏسو رينادِ جو ابوالفدا-مهاڳ ص Lxxxi- ڏسو پڻ مهاڳ مولر اينڊ محمدن ورڪس.
(٢) "المرور"
(٣) ڏسو هيٺ فمهل ۽ قمهل.
(۴) اصل ۾ الشعور آهي. پر ساڳي ئي اقتباس ۾ سراويل لفظ نظر اچي ٿو، جنهن جي معني آهي سلوار. هن ساڳي اقتباس کي ابن حوقل به حوالي طور ڪتب آندو آهي. ڏسو پوسٽنڊ ص۳۴-
(۵) معسڪر = فوجي ڇانوڻي.
(٦) "بسمند" مٿي ۽ هيٺ.
(٧) لمرور- وڌيڪ لاءِ ڏسو ضميمو الف.
(٨) قمرلون. مورڻن هن لفظ کي فريون سمجهي ٿو. وڌيڪ لاءِ ڏسندا ضميمو الف.
(٩) هن نالي وارو ماڳ بندر به آهي.
(١٠) نقشن وارو "ڪيج"
(١١) مراصد الاطلاع ڪانسواءِ ٻيا سڀ "فهلفهرا" پڙهڻي سان متفق آهن. هن اڪيلي تصنيف ۾ "فهلفهرت" پڙهڻي نظر اچي ٿي. وڌيڪ

ٻڌائي ٿو تہ اهو مڪران جو هڪ مشهور شهر آهي. ڏسو ادريسي.
(۱۲) ابن حوقل ۽ ادريسيءَ هن جي پڙهڻي اسقف ٻڌائي آهي. جڏهن تہ نقشن ۾ "ايسفقم" آهي. هيءُ ماڳ بہ مڪران ۾ آهي ۽ گيهہ ڪان اتر پاسي آهي.
(۱۳) پوئين دور جو گيهہ.
(۱۴) اهو ماڳ اڄ سودو مشهور آهي.
(۱۵) ڏسو ضميمو الف.
(۱۶) اهو لس واري ساموندي ڪناري سان هوندو.
(۱۷) "مُمالس" پڙهڻي آهي.
(۱۸) متن ۾ "قهل" آهي. پر پڪ آهي تہ هن جو اشارو قمهل ڏانهن آهي.
(۱۹) "مالوي" پڙهڻي آهي.
(۲۰) متن ۾ پڙهڻي "بالند" آهي جنهن کي فقط ڏکي تي پڙهي لکي سگهجي. ابن حوقل ۽ ادريسيءَ هن کي بانيہ ڪري لکيو آهي.
(۲۱) مراصد الاطلاع هڪ ٻئي نالي جو حوالو ڏنو آهي.
(۲۲) "بعض انهار جيحون"
(۲۳) قزويني هن اقتباس جو حوالو ڏيندي "سمندور" نالو لکيو آهي.

باب پنجون

ابن حوقل جو اشڪال البلاد

يا

ڪتاب المسالڪ والممالڪ

(۱) هتي همڇورس ڇهہ انڇ جاءِ خالي ڇڏي وئي آهي ۽ حاشيہ تي هي لفظ لکيل آهن: "هيءَ جاءِ دنيا جي نقشي لاءِ ڇڏيل آهي. هيءَ سوڙهي جڳهہ آهي. تنهن ڪري سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ اتاري ڪرڻ وارو اصل

کتاب جي لکت کان کجهہ پاسي تي هليو ويو آهي ۽ اهو نقشو اڳئين صفحي تي نظر ايندو."

(۲) آري- بادل - کلڪتہ Uri. Bodl Codd _ Cat: P 209

(۳) رينادِ وارو الفدا مهاڳ Ixxxii

(۴) گلڊ ميسنر ابن حوقل واري ڇاپي ۾ هن جي پڙهڻي ٻوڌا ڏٺي ٿو. ڏسو ضميمو الف.

(۵) ساموندي ڪناري ويجهو ڪرمان جو جبل.

(٦) هي نالو سر اليٽ جي متن ۾ نظر ڪونہ ايندو، پر ترجمي ۾ ضرور ڏسبو. ابن حوقل جي تصنيف ۾ موجود آهي تنهن ڪري هن کي بناڪنهن شڪ جي صحيح سمجهڻ ڪپي.

(۷) گلڊ ميسنر ابن حوقل جي حوالي سان هن نالي بابت هن ريت لکيو آهي. تيز، ڪنزبور، درڪ، راسيڪ، نيهہ، ڪسرفند، اڏفہ، فهلفهرا، مشڪ، قنبل، ارمائيل مڪران جي حدن ۾ آهن، توران ۾ وري هي ماڳ آهن: مجڪ، ڪزڪانان، شورا ۽ قضدار. ٻوڌا ۾ قندابيل- سنڌ ۾ منصوره، ديبل، بيرون، ولهارا، آيرا، بلرا، مسواهي، فهرج، بانيہ، منحاترا، سدوستان، روز ۽ جندروز هند ۾، ڪاموهل - ڪمبايا، سوهارا، اساول هناول، سنڌن، شمور، پاٽي پيٽ، جندروز- سندروز (ڊي ريبس انڊيڪيز ص۱٦۴) اوسلي جو بيان وري هن ريت آهي: آلس، ڪوسر، فرمائون، ديرڪ، راسڪ، ڪيسربند، ڪلا هيرا، ميسڪي، ميل، ارمائيل، ميهل، ڪيبرڪامان، سريهہ، قندابيل، منصوره يا سنڌيہ، دنبل، ميروئي، منئي، آئري، بلوئي، ميسوهي، بيهرجي، مسيهہ، ميشري سيدوساڻ (اورينٽل جاگرافي ص۱۴۷)

(۸) سر اليٽ جي متن ۾ مامييوان جيڪا مس پرنٽ ڪري پڙهڻ جوڳي نہ آهي.

(۹) اشڪال البلاد ۾ اهو بيرون يا نيرون آهي جهڙيءَ ريت گلڊ ميسنر ٻڌائي ٿو. هن ابن حوقل جو جيڪو متن ڏنو آهي، تنهن ۾ اهي ٻئي نالا نظر ڪونہ ايندا.

(۱۰) ابن حوقل ٻڌائي ٿو تہ گهٽو پري رڻ پٽ علاقي ۾ فرزان ۽

کنوج بہ آهي. پر اوڏانهن واپارين کان سواءِ ٻيو کير کونہ وڃي سگهندو آهي.

(۱۱) اشکال البلاد ۾ هن جو ذکر نظر کونہ ايندو. گلڊ ميسٽر ابن حوقل واري ترجمي ۾ لکيو آهي:

[Gildemeister's translation of Ibn Haukal here adds, "Cui fabularum liber scriptus est. Nomen habet . regno, eodem modo quo Ghâna et Kaugha et alia regionis simul et regis nomina sunt." There is no mention of this in the Ashkâlu-l Bilâd.]

(۱۲) گلڊ ميسٽر واري بيان ۾ اهڙي کابہ ڪالهہ نظر کانہ ايندي. هي احوال مسعودي سان سهمت آهي. هن اقتباس کان سواءِ گلڊ ميسٽر هن ريت بيان ڪري ٿو:

"In iis omnibus preces fiunt, nec omissa publica per solitas formulas iadictione. Regnum hoc late patet."]

(۱۳) هتي سر اليٺ جي ڏنل متن مان هڪ سٽ ڪٽل ڏسجي ٿي.

(۱۴) ["Drachmam cum octava parte valentes." Gildemeister.]

(۱۵) السراويل والقراطق ڏسو رينادِ جو ممايز سر الاذي.

(۱۶) اشکال البلاد ۾ "برج" آهي. ڪتاب ڏسڻ سان اها امڪاني پڙهڻي نظر ايندي. پر "فرج" پڙهڻي لاءِ ثابتيون وڌيڪ مضبوط آهن. ايم هميڪر ڊسڪرپشن عراقيم پرنسس جي ص ٦٧ تي ڏسندا جنهن ۾ فرج لفظ جي پليرائي ڪئي آهي. سنڊس چوڻ آهي تہ "برج" لفظ سمجهڻ غلط آهي. ڪئارٽر ميئر ۾ فرج پڙهڻي ڏئي ٿو. جرنل. ڊيس. سيو- وڌيڪ لاءِ ڏسو ابن خرداذبه ۽ چچ نامو.

(۱۷) متربع

(۱۸) ابن حوقل ان کي هٽ جي پکڙيل چيچن جيان ٻڌائي ٿو. زکريا قزويني اصطخري جي پيروي ڪندي پکوڙيل مٽ جيان لکيو آهي. اشکال البلاد اصطخري سان ساڳيائپ رکي ٿو ۽ اهڙو حوالو ايم- کوسگارٽن ڊي محمد ابن بطوطہ ص ۲۷ تي ڏنو آهي. ادريسي ڇڻن آگرين بدران چار هٽ لکيا آهن. اصل لکت ۾ ٿوري فرق کان سواءِ پڙهڻي اها ساڳي نظر ايندي. ڏسو پوسٽنڊ.

(۱۹) سر اليٺ جو ڇپيل متن هتي ختم ٿي وڃي ٿو. باقي رهيل ترجمي

تي نظرثاني ڪئي وئي آهي.
(۲۰) قزويني موجب اهي مسلمان آهن جيڪي ائين ڪندا آهن.
(۲۱) هي لفظ اشڪال البلاد ۾ نظر ايندڙ لفظن سان هڪ جهڙائي رکي ٿو. وڌيڪ لاءِ ڏسو ضميمو الف.
(۲۲) الور- ڏسو ضميمو الف.
(۲۳) ابن حوقل اوير ٻڌائي ٿو. هن ڪتي بابت اشڪال البلاد جو متن بالڪل واضح آهي ۽ نقشي ۾ ديبل الهندي پاسي ڏيکاريو ويو آهي.
(۲۴) گلڊ ميسٽر جو ترجمو هتي اڳئين بيان سان سهمت ڪونہ آهي، جنهن ۾ زراعت جو ذڪر آهي. هن ڪان علاوه ان جو اتارو ہم ساڳيائپ ڪونہ ٿو رکي.

"Agros non habet irriguos."

(۲۵) ڏسو ضميمو الف.
(۲۶) ابن حوقل جو بيان آهي تہ اهي شهر هڪ جيترا آهن.
(۲۷) ابوالفدا هن لکت جي ٽکري ڏانهن اشارو ڪيو آهي. (ص۳۴۷) جنهن ۾ انڊي ۽ بکليءَ جو ذڪر نظر اچي ٿو.
(۲۸) ڏسو ضميمو الف.
(۲۹) لکت جو هي ٽکرو ڏاڍو ڏکيو آهي. گلڊ ميسٽر ص ۱۷۲ ۽ حاشيہ تي ٻڌائي ٿوتہ ابن حوقل جو چوڻ آهي تہ جتن جي هڪ ذات آهي جيڪا "ندا" جي نالي سان مشهور آهي. اهو علائقو ملتان جي اوسي پاسي آهي. تنهن ڪري ان ٽکري کي نوڌا ۾ مند ڪري ترجمو ڪيو ويو آهي. ڏسو ضميمو الف.
(۳۰) ابن حوقل راهوق ۽ ادريسي راهون ۽ ڪلوان ڪري لکيو آهي.
(۳۱) ابن حوقل ۽ ادريسي "ڪز" پڙهي ڏني آهي.
(۳۲) ڇپيل نسخي ۾ "توران هڪ ماڻري آهي. ساڳي نالي وارو اتي هڪ شهر آهي جنهن جي وچ تي قلعو جڙيل نظر ايندو.
(۳۳) ڪزڪانان گلڊ ميسٽر- ڏسو ضميمو الف.
(۳۴) اهو انگ گلڊ ميسٽر موجب آهي. صحيح انگ پنج آهي. ڏسو

اصطخري ۽ ادريسي.
(۳۵) هن کان اڳ هن فقط ٻہ ٽي سئون چيون آهن تہ هن ٻنهي جي وچ تي ائن ڏينهن جيترو سفر نظر اچي ٿو تہ اهوئي صحيح فاصلو ٿيندو. جڏهن تہ ٻئي هنڌ اهو ڇهن ڏينهن جو سفر ٻڌايل آهي، جيڪو غلط آهي. ابوالفدا ٻہ ائن ڏينهن جيترو پنڌ ٻڌائي ٿو.
(۳۶) ڏسو ضميمو الف.

باب ستون

جامع التواريخ

رشيد الدين

(۱) ڪلڪتي وارو نسخو گم ٿي ويو. تنهن ڪري حوالي طور هتي ڪم ڪونہ آندو ويو آهي.
(۲) مختلف نسخا هندستان جي حصن بابت هڪ ٻئي سان ساڳيائپ ڪونہ ٿا رکن. هندستان جي هڪ اصلي نسخي ۾ هندستان جا ٽي "هڪ جيترا حصا" ڏيکاريا ويا آهن. ان ڪتاب جي ٻئي باب جي شروع ۾ فقط "ٽي حصا" جو لفظ نظر ايندو. اِي. آءِ. لٻريريءَ ۾ رکيل نسخي جي پهرينءَ سٽ ۾ "ٽي هڪ جيترا حصا" جو لفظ ڏسبو. ان کان پوءِ ايندڙ سٽ ۾ وري "نَو حصا" جو لفظ نظر ايندو. پر ٻئي باب جي شروعات ۾ وري "ٽي هڪ جيترا حصا" ڏسجي ٿو. برٽش ميوزم واري نسخي ۾ نَو حصا ۽ ان جي ٻئي حصي ۾ ساڳيا لفظ "نو حصا" نظر ايندا. عربي نسخي ۾ "نو حصا" لکيل آهي، پر هتي هڪ فرق ضرور نظر ايندو تہ اتي هڪ جيترن بدران "ننڍا وڏا" لکيل آهي. نَو تعداد تہ تمام گهٽا پيرا ڏسبو. لکت مان ائين معلوم ٿيندو تہ اهي حصا هڪ جيترا نہ پر ننڍا وڏا معلوم ٿيندا. مان ٻہ ترجمي ۾ اهي ساڳيا لفظ لکيا آهن. ريناڊ جيڪو البيروني‌ءَ وارو باب ترجمو ڪيو آهي، تنهن حصن جو ذڪر نظر ڪونہ ايندو. تنهنڪري ڇٹي سڳهجي ٿو تہ رشيد الدين اهو حوالو "بائنڪل" نالي هڪ ڪتاب جي ترجمي تان ورتل آهي، جنهن بابت اشارو هن پاڻ ٻہ ڏنو آهي. ان جون مختلف پڑهڻيون يا ڪي

اختلافي نڪتا. سنسڪرت جي ڪتابن جي مختلف ذريعن ڪري نظر اچن ٿا. منو اتر هند واري ياڳي جا ٿي علائقا برهمرش، برهمورت ۽ مديه ديش ٻڌائي ٿو. باقي آخري حصي بابت البيروني ۽ رشيد الدين جا بيان بلڪل صحيح آهن. نوديپ مان نون حصن جو مطلب نڪري ٿو. وشنو پراڻ ۾ ساڳيو امڙو بيان ڏسڻ ۾ ايندو.

(۳) باتجل يا باتنجل عربي اچار آهي. وڌيڪ لاءِ ڏسو ابوريحان وارو ڪتاب جلد ۱۱

(۴) فارسي ۾ هي جملو نظر ايندو، "ازميان انجداب نموده بر اين صورت كه مشكل شده" اهو جملو پنهنجي صورت ۾ ڪٽل ۽ بي معنيٰ پائنجي ٿو پر هڪ نسخي ۾ هن ست ڪان لڪاتار پوءِ خالي جڳهه نظر ايندي، جنهن مان معلوم ٿيندو ته انهيءَ لست ڪان پوءِ ايندڙ جملو سمجهڻ ۾ ڏکيو هوندو.

(۵) آرائش- محفل جو هي حوالو شايد انهيءَ تي وڌيڪ روشني وجهي: بکر ۽ سوِي جي وچ تي جهنگل آهي، جتي گرميءَ جا ٿي مهينا لڪ ۽ جهولا گهلندا آهن. سنڌو ۽ بن سالن جي وٽيءَ ڪان پوءِ هن جوءِ ۾ ڏکڻ ڪان اتر وهي ايندو آهي ۽ وسنديون ٻوڙي ويران ڪري ڇڏيندو آهي.

(٦) هن کي عام طور مهاچين ڪري لکيو ويندو آهي.

(۷) اصلي ڪتاب البيروني، جو بيان هن ريت آهي: ٻين پاسن کان هندستان جي چوڌاري وڏا جبل آهن." ان کان پوءِ هڪ عجيب غريب فقرو ڏسبو، جيڪو جامع التواريخ حذف ڪري ڇڏيو آهي. اوهان جيڪڏهن هندستان کي چگيءَ ريت جاچي ڏسندا ته جتي به اوهان جيترو هيٺ کوٽيندا ته اوهان کي نظر ايندو ته جبلن تان ڪرندڙ پاڻيءَ جو جيترو وهڪرو تيز آهي اتي اوترا وڏا پٿر نظر ايندا ۽ جتي پاڻيءَ جو وهڪرو تيز گهٽ آهي ته پٿر به ننڍا آهن ۽ جتي وري پاڻي ڏنڊ ٽاهي بيهي ويندو آهي ته اتي سنهڙي واري ڏسبي آهي، جيڪا ساموندي ڪنارن سان به پيل نظر ايندي آهي. تنهن ڪري توهان کي سمجهڻو پوندو ته جنهن ماڳ تي هندستان موجود آهي، ڪڏهن اتي هڪ اجهاڳ سمنڊ

هوندو ۽ وهندڙ نڏين جي واري ۽ منّي انهيءَ سمنڊ کي لڻي هڪ ميداني علائقو بنائي ڇڏيو آهي. اسٽرئبو ۽ اٽرين به ساڳئي خيال جو اظهار ڪيو آهي. موجوده دور جا جيالاجي جا ماهر به انهيءَ خيال جا آهن ۽ اهڙي ڪوجنا کي لڳا پيا آهن. هڪ ماهر هن ريت بيان ڪيو آهي ته "بنگال کان ولي جيسلمير ۽ اجمير وارن علائقن ۾ هيٺ کوهن جي تري جي سطح تائين گرينائيٽ جا وڏا ۽ ننڍا گول پٿر نظر ايندا. جرنل رايل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال نمبر xxxviiiCl ص۱۴۰

(۸) پيٽائي ڏسو اسٽرئبو 19-1-ii پليني 6-22-vi N.H ۽ سولينس ۱۳-۵۲

(۹)حضر سمنڊ جي اتر پاسي آباد خزر يا خوزر قبيلي جا ترڪ جيڪي ايتل ۽ وولگا جي ڇوڙن وٽ وسنديون جوڙي ويٺا آهن. تنهن ڪري هن سمنڊ کي بحر الخزر يا بحرالجرجان به سڏيو ويندو آهي.

(۱۰)سلاوونيه

(۱۱) هڪڙا جابلو سلسلو جيڪو همالين کان پوءِ اتر کان شروع ٿئي ٿو.

(۱۲) سر مور وارو جابلو علائقو. ڏسو ص ۶۵. رينالڊ هن نالي کي ڪيلرجڪ پڙهي ٿو جنهن جي پڙهڻي نسخي D سان سهمت آهي. ابن بطوطه هن کي ڪراچيل سڏيو آهي. جلد iii ص۵۲۳ - نظر اچي ٿو ته هن لفظ جو پويون پاڳو سنسڪرت "اچل" آهي جنهن جي معنيٰ آهي جبل.

(۱۳) تاڪشير ٽيڪسيلا ۽ لوهووار لاهور (نسخي نمبر C مطابق)

(۱۴) بور- تاغ يا بلور وارا جبل بدخشان وارو پاسو ڏيئي اتر طرف هليا وڃن ٿا. هتي شاملان شايد عربي لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي آتر. هن لفظ جي پڇاڙي جمع وارو صيغو ڏيکاري ٿي ۽ گڏيل مفهوم نڪرندو اتر وارا جبل.

(۱۵) نسخي A ۾ "مهارومان" آهي.

(١٦) جهلم جي مٿين پاسي کي ٻهات سڏيو ويندو آهي ۽ ڪناور کي هڪ ملڪ چيو ويندو آهي. (Lond. Geoq. J.iv- 54) گلگت جو ايجا تائين اهو ساڳيو نالو آهي. آسور اهو ساڳيو نالو آهي، جيڪو نقشن ۾ آستور مسور لکيل نظر اچي ٿو. سلسس يا سلسهي، سنڌوءَ جي ڪناري وارو ڇيلاس آهي. ايمر- ريناد هن کي سچيلتاس پڙهي ٿو. نسخي C ۾ شلسس لکيل آهي. ڏسو مماير سرالانڊي ٢٧٩-

(١٧) نسخي C ۾ "گهٽائي" لفظ ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

(١٨) البيروني جو اهو ٽڪرو ايمر. ريناڊ مماير سرالانڊي ۾ ترجمو ڪري ڏنو آهي. ڏسو ص٢٧٦.

(١٩) ڏسو سٽنٽ مارٽن جو حوالو جرنل رايل ايشياٽڪ سوسائٽي ١٨٦.

(٢٠) نسخي A ۾ به ساڳيءَ ريت ڏسجي ٿو. نسخي C ۾ "غرورند" جو لفظ آهي. ريناڊ وٽ غوربند آهي. درياه اهوئي هوندو جنهن جو اشارو ڪيو ويو آهي.

(٢١) نسخي A ۾ نروان، نسخي B ۾ بروان، نسخي C ۾ نروان ۽ ريناڊ وٽ بروانه ڏسجي ٿو جيڪو موجوده دور جو پروان يا نروان آهي. ڏسو جرنل رايل ايشياٽڪ سوسائٽي 297ix ۽ 168-xvii.

(٢٢) نسخي A ۾ لسڪان نسخي C ۾ لمڪا. ريناڊ وٽ لمڪ پڙهڻي آهي، پر اهو غزنيءَ جي ٽڪرين وارو لمغان آهي. (ابوالفدا) نقشن ۾ ان کي لعمن ڪري لکيو ويو آهي. مماير سرالانڊي ٢٥٣.

(٢٣) ريناڊ ص١١٤ تي ادينپور لکيو آهي. ٽي سگهي ٿو اهو جلال آباد وارو آدينپور هجي، جنهن جو ذڪر فاهيا ۽ آئين اڪبري ۾ ڪيو آهي. ڏسو حاشيو ۽ فيوڪائوڪ- ڪي ص٤٦- مٽسن -i-182,181 جرنل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال ١٨٤٨-٤٨٢.

(٢٤) من قسم جي هجي واري شهر جو نالو هڪ قسم جو عجيب خيال ڏياري ٿو. هيءَ ڳالهه اهميت کان خالي ناهي ته سورهين صديءَ

جي قديم مورخن وٽ بہ هن شهر جي نالي جي هِجي پرشاور آهي. زبدة التواريخ هن شهر جو نالو فشور ڏئي ٿي. چين وارن هن نالي جي پهرئين پد کي الڳ الڳ کري پو- لو-ش Poo-loo-sha جي پڙهڻي ٻڌائي آهي. جيڪو پرورش ملک جي گادي هو. ڏسو فيو- کائو- کي ءِ ايو- رينادِ جو کيل مرَ- ٽوان- لين وارو ترجمو. نوومبلانگس ايشيات ٽوم-ا- ص١٩٦- ممايز سرالانڊي ١٠٦

(٢٥) ان جو متن هن ريت آهي- نسخو A و آن ديهہ منهاره (نهاده B) است بر شرط مشرقي. نسخو C و هي قريه مهناده علي الطرف الشرقي من هذه الانهار.

(٢٦) بيروني ۾ "قنذار کان هيٺان بِطور" لکيل آهي.

(٢٧) صحيح نالو گندارا آهي. پر مسلمان مصنفن هميشه هن ماڳ کي قندار کري لکيو آهي. اسان کي هيءُ ماڳ اولهہ واري قندار سان گڏائي وچڑائڻ نہ کپي. سنڌوءَ جي ڪنار سان گندارا وارا ماڳ سنسکرت جي مصنفن کان ڳجهـا کونہ هئـا. هن بابت ٽرايئر جي راجا ترنجيني جي احوال ۾ سڀي معلومات ڏني وئي آهي. ڏسو ٽوم- II ص ص٣١٦-٣٢١

Διωνύσου θεράποντες Ταργηρίδαι καλούσιν.

(٢٨) موجوده اوهند سنڌوءَ جي ساڄي ڪناري ءِ اٽڪ کان چوڏهن ميل متي آهي. بيهقي هن کي ويهند لکي ٿو. سڪ هن کي هُند سڏيندا آهن. ابوالفدا، ابن سعد جي حوالي سان لکي ٿو تہ هيءُ انهن شهرن مان آهي جن جو بنياد سڪندر اعظر رکيو هو.

(٢٩) هي قلعو درياه جي ڪنار سان ءِ ملتان جي پرسان هوندو جتي ملتان جو گورنر رهندو هو. ان جو صحيح نالو جنده- رود هو. وڌيڪ لاءِ ڏسو ضميمو A.

(٣٠) هتي هڪ مونجهارو نظر اچي ٿو جيڪو اصلي ڪتاب واري حوالي کي سمجهائڻ سان بہ دور ٿي کونہ سگهندو. مون ترجمي کي ٺاهڻ جي کوشش کئي آهي، پر پوءِ بہ اهو ٽکرو منجهيل نظر اچي ٿو. عربي وارو حوالو کن نکتن ۾ مختلف آهي. چندرا جي ذکر کرڻ جي

بہ ضرورت کانہ آهي. پر هتي بيان هن ريت ملي ٿو "گهٽين جاين جو پاڻي هت اچي گڏ ٿيندو هو." پر فارسي لفظ "چند" معنيٰ "گهٽين" کري غلط فهميءَ جو شڪار ٿي "چندرا" سمجهيو ويو آهي. ڪچ Kaj لفظ لاءِ گهٽو ڪجهہ منجهيل آهي. لکت هن ريت آهي: پوءِ "لج" ندي کوت Kut درياه مان نڪرندي آهي، جيڪا ياطل جي جبلن مان پاڻي کڻي ان سان ملتان کان هيٺان ان جاءِ تي سنگم ڪندي آهي، جتي هن سان ستلدر يا ستلج سنگم ڪندي آهي.

(۳۱) هن جي صحيح پڑهڻي الور آهي. پر شهر جي نالي لکڻ جا نمونا گهٽا آهن. متن واري پڑهڻي نسخي A تان ورتل آهي. نسخي B ۾ اوور ءِ نسخي C ۾ اور آهي. ڏسو ضميمو A.

(۳۲) هي اهو بندر آهي جنهن کي ميجر رينيل لاري بندر سڏيو آهي. (مماريرس ۲۸۵). ايم کوسگارٽن هن کي لاهريہ سڏي ٿو (ڊي محمد کمپنڊ اڪاڊ) ابن بطوطه هن کي لاهري کوٽيو آهي هي هڪ وڏو بندر هوندو هو جنهن ۾ ايران، يمن ءِ ہين ملڪن کان ايندڙ جهاز اچي بيهندا هئا. هن کان ٿوري پنڌ جي فاصلي تي هڪ ٻيو شهر آهي جتي ماڻهن ءِ جانورن جي شڪلين جهڙيون تمام گهٽيون مورتيون نظر ايندیون. هن علاقي جا ماڻهو چوندا آهن تہ هتي هڪ وڏو شهر هوندو هو، جنهن جي رهاڪن جو وڏو انگ ڪڏن ڪرتوتن ۾ رڌل رهندو هو، تنهنڪري خدا سندن شڪليون جانورن ۾ بدلائي ڇڏيون. اتان جا ٻوتا ءِ انهن جا ٻج بہ پنڌ پاهڻ ٿي ويا. واقعي هتي ڪيترا ٻج پنڌ پاهڻ ٿيل ڏسبا جيڪي هيٺ چوڏس پکڙيل نظر ايندا. ڏسو ابن بطوطه: لي ص ۱۰۲ فرينچ ترجمو- 112-iii مماير سرالانڊي ۲۷۸.

(۳۳) [The Jihûn or Oxus.]

(۳۴) نالي جي پڑهڻي ڏار ڏار آهي. فارسي ۾ لکيل نالي ۾ اهو فرق ڏسبو جو هن لفظ جي آخري اکر جو نقطو نظر ڪونہ ايندو.

(۳۵) مختلف مصنفن هن جي پڑهڻي الڳ الڳ لکي آهي. ڪنهن بروج

ڪنهن بروص ڪنهن بهرج ڪنهن بروح تہ ڪنهن بهروچ بہ لکي آهي.
اهو شهر موجوده دور وارو پرّوچ آهي. ٽالمي ۽ اٹرين هن کي Pa-
Παρίγαζα ευεργέτων ڪري لکيو آهي. سنسڪرت ۾ هن کي
پريگو ڪچ يا پروڪچ لکيو ويو آهي. ڈسو ٽالمي جي جاگرافي
10-Tab I cap vii lib: مينرٽ- جاگرافي ڊير گريڪ ۽ روم جلد
۷-۱۲۷ رٹر- ايرڊ ڪنڊي جلد II-pt-iv ص٦٢٦- بوهلن- ڊيس
آلٹي انڊين جلد I ص۱۸- لئسن- آلٹر ٹومسڪنڊي جلد ۱ ص۱۰۷
(۳٦) نسخي A ۾ ڳنگا جو ذڪر نظر ڪونہ ايندو.
(۳۷) ايم- رينالڊ (ص۱۰۰) پهريائين رهب Rahab نالو ڈنو آهي. هن يا
رهت نالي سان هڪ درياه هوندو هو، جنهن جو مسلمان مورخن تمام
گهٹو ذڪر ڪيو آهي. عام طور تي اهو ظاهر ٹئي ٹو تہ هن کي رام
ڳنگا سڈيو ويندو هو. "سرجُو" ندي جو گومتي سان سنگم ڪرڻ
جنهن کي رينالڊ "ڪوبين" ڪري لکيو آهي، هڪ ڪهاڻي آهي. پاريءَ
وٹ هنن پن ندين جو ڪڈهن سنگم ٹيو ٹي ڪونہ آهي. نہ وري هن
ماڳ کان اوري پري جمنوري ۽ ڪيٹني ٹي گومتي سان ملنديون آهن.
آڳرا ڳائيڊ ۾ اٹوڌ جو نقشو ڈنل آهي، جنهن ۾ هنن ندين کي سرئن
پرهي ڪونہ ويو آهي. اهي نالا ڪنهن حد تائين ايم- رينالڊ جي
مسودي ۾ لکيل نالن رهب ۽ سرو سان هڪ جهڙائي رکن ٹا. جنرل
ڪننگهام جو بيان آهي تہ هنن مان پي ندي تہ پڪ سان گومتي آهي
جنهن جو سنسڪرت ۾ گومتي نالو آهي. باقي پهرين ٹي سگهي ٹو
بيهٹا يا رهرئي هجي، جيڪا اڪٹي هلي بيهٹا سان ملندي آهي. ٹين ندي
سرئن آهي جيڪا چگي خاصي ويڪري آهي ۽ سيتاپور جو پاسو ڈئي
وهندي آهي. بيهٹا ۽ سرئن ٻئي باري وٹ گومتي سان سنگم ڪنديون
آهن، جيڪو ڳوٹ ايڊا تائين موجود آهي. آرڪيالاجيڪل رپورٹ
٦۳-۱۸٦۲- جرنل ايشيائڪ سوسائٹي بنگال صXVII.
(۳۸) نسخو A باوب. نسخو C باوت. نسخو D ياوت.
(۳۹) هي ظاهر ظهور ياسڪر اچاريہ جا سيتا ۽ چڪشو آهن. مسٹر

کول بروک هن جوتشي جو فقرو هن ريت بيان ڪري ٿو: هڪ پوتر ندي وشنو جي پيرن منجهان نڪتي ۽ ميرو پربت تي چڙهي وئي. ان کان پوء اها چئن ڌارائن ۾ ونڊجي وئي. هوائن وسيلي جبل جي چوٽيء تي موجود ڏنڊن ۾ وڃي پوي ٿي ۽ اهو جبل مذڪوره ڏنڊن کي قابو جهلي بيهي رهي ٿو. سيتا نالي سان اها ندي پدرسو سان ائين ملي ٿي جهڙيء ريت الڪانندا پارت ورش ۾ داخل ٿيندي آهي. جهڙي ريت چڪشو ريتومل ڏانهن وڏندي آهي، جهڙيء ريت، پادرا اتر واري ڪورو ڏانهن ويندي آهي. سڏانت سيرمني- پون ڪوش ۳۷ ۽ ۳۸. ڏسو وشنو پراڻ ص۱۷۱. پروفيسر ولسن پنهنجو خيال هن ريت پيش ڪيو آهي: هندن جو خيال آهي ته گنگا درياه سرڳ مان ايندو آهي، جيڪو ميرو پربت جي چوٽيء تي واقع آهي. ان کان پوء اها چئن ڌارائن ۾ ورهائجي وڃي ٿي. انهن مان صفا ڏاکڻين چاڙهه گنگا آهي. صفا اترين چاڙهه باڏارا پدرا سوما ترڪي ڏانهن وهندي آهي. اوپارين چاڙهه سيتا ۽ اولاهين چاڙ چڪمشو يا اوڪس آهي. سنسڪرت، ڊڪشنري Art. Meru ۾ رامائڻ ستن ندين جو ذڪر ڪيو آهي ۽ ان تان بيروني نقل ڪيو آهي. متن ۾ به هوبهو سنسڪرتي نالا ڏنا ويا آهن جن مان اوپاريون هلادني، پوني، نلني ۽ اولاهيون سيتا، سچڪشو ۽ سنڌو آهن. وچ تان پاڳير ٿي وهندي آهي. منسسيم ۽ پدم پراڻ به ساڳيو احوال ڏين ٿا. ڏسو راهر دَين لئبريري Ed: schlegel - 1 - XLI v-4-16 (اولهايون ٽئي نديون سير، (سيحون) جيحون (آمون ۽ سنڌو آهن. جڪش گهٽو ڪري چڪشو جي بگڙيل صورت آهي. هن کان علاوه سير درياه سان هڪ جهڙائي به ڪانه ٿي رکي. سيت ۽ جڪش سان جن لاڳاپيل ملڪن جو نالو ڏنو ويو آهي تن مان ميرو وارو علائقو امڪاني سڃاڻپ جوڳو آهي. (۴۰) سنڌوء ۾ گنگا وارا ملڪ اهڙا منجهيل آهن جو نه سمجهي سر اليڪ انهن کي لکڻ کان ٿي پاسو ڪري ويو آهي ۽ر متن کي ڪلڪتي ۽ لکنؤ وارن نسخن مطابق جيئن جو تيئن رکيو اٿس. انهن جا ٿي اتارا انگلينڊ ۾ آهن تن کي ڏسي نالن جي غلطين کي ڪنهن حد تائين سڌاري سگهجي ٿيو. ٻيٽوار مشاهدي لاء پڙهڻين جا الڳ الڳ نمونا هيٺ ڏنا ويا

آهن جنهن ۾ هرهڪ نسخي جي هڪ هڪ پڙهڻي ڏني وئي آهي.

سيت درياء جي نالي جون مختلف پڙهڻيون

RIVER SIT.

1. E. I. Library.	2. Brit. Mus.	3. Calcutta.	4. Lucknow.	5. Arabic of R. A. S.
سلك				
كرسيب	بكرسب	كرسب	كبوشب	كرست
حير	حر	حين	حين	سين
برير				
حيرة	حمرة	حبرة	حبريه	حيرهو
بسكركلت	لشكركلت	لنگركلب	بشكركلت	بشكروكلت (two names?)
caret	caret	caret	منكلك كور	منكلي كو
سكريت	سكريت	سكرت	سنكونت	سنكونه

RIVER JAKASH.

كلش	حكس	كلش	جكش	جلش
دمرر	مرو	دمرو	مرو	مرو
كالك				
دهولك				
مجار	لحارو	بحار	نجار	نحار
بربركاچ				
بكروبار	بكرهونا	بكرنيونار	ثلقومار	بلهوبار
انجت				

RIVER SIND.

درد				
دريد	رند	درندنند	رندنند	زندنند
كابرهار	كابرها	كابرهار	كاندهار	كايدها
دورس	رورس	روش	رورس	زورش
كرور				
سور	سيور	سئور	سيور	سيپور
اندر				

RIVER SIND (*continued*).

1. Library.	2. Brit. Mus.	3. Calcutta.	4. Lucknow.	5. Arabic of R. A. S.
مرو	مرو	مرد	مرو	مرو
سات	سات	سیاب	بسات	نسات
سعید	سد	سند	سیند	سیند
کند	کیت	کند	کت	کست
بهمرور	رمنمرو	بهیمروز	بهیمروز	بهمرور
مرهور	مرمون	مرمون	مرمودز	مرموروب
سکورد	سکوردنت	سکورد	سکورر	شکورر

RIVER GANGES.

برکلذهرن	برگبدهر	برکلدیرت	برکندهرت	برکنک‌هرت
راسکین	راسکن	راسکین	واکبش	راکشین
بلادرار	بلادر	بلاداد	برادر	بدادر
اورکان				

(۴۱) هي آخري جملو فقط عربي نسخي ۾ نظر اچي ٿو.

(۴۲) فل استاپ تائين هيٺيان لفظ بہ رڳو عربي نسخي ۾ ڏسجن ٿا.

(۴۳) امڪاني طور هن نالن جو اشارو پاگيرٿي، رڪيڪيش (جنهن کي ٽارنٽن رِکي ڪيسي ڪري لکيو آهي) ۽ هردوار آهن ۽ ڏسو انهن جا مختلف نالا.

(۴۴) نسخي A ۾ ائين آهي. نسخي C ۾ ماون ۽ اليٽ هن کي ماون ڪري لکيو آهي.

(۴۵) نسخو A ڪت نسخو C کت

(۴۶) نسخي A ۾ ائين آهي. نسخي C ۾ احاح ۽ اليٽ جاج لکيو آهي.

(۴۷) اليٽ ائين لکيو آهي. نسخو A مامران نسخو C مامرا-

(۴۸) اهي رامائڻ ۾ لکيل قبيلن جي ياد تازي ڪرائن ٿا. ڪرن- پراورن اهي ماڻهو هوندا هٿا جن جا ڪن ڊِڪيل هوندا ٿا. اشتها- ڪرن ائن ڪن وارا ماڻهو هٿا. ولسن هن کي اوشا ڪرن لکيو آهي جن جا چپ ڪن تائين وڏا هٿا. ڏسو ايشيائڪ ريسرچز جلد XVII ص۴۵۶ رابرٽسن- اينشنٽ انڊيا.

(۴۹) هي اصل ۾ سنسڪرت جو لفظ اسوامڪ آهي جنهن جي معنيٰ آهي گهوڙ- ٻوٽيو. پيريپلس ۾ به اهڙو ذڪر ڏسڻ ۾ ايندو. انهن لاءِ چيو ويندو آهي ته اندرا ۽ ڪوورا جا نوڪر چاڪر هوندا هئا. انهن ديوتائن ۾ راڪاسن جهڙوڪ ايليان جو سينو سيفالي ڪيٽسياس جا نالا هتان جي اصلي ديوتائن جا آهن. وڌيڪ لاءِ ڏسو:

Ælian, *Nat: Animal.* IV. 46. *Ctesiæ Operum Reliquiæ,* ed: Bayer, p. 320. Wilson, *Notes on Ctesias*, p. 36. Plin: *Histor. Nat.* VII. 2. Vincent, *Comm. and Nav. of the Ancients*, Vol. II. p. 524. *Asiatic Researches*, Vol. VIII. p. 338, and Vol. IX. p. 68. *Megasthenes*, 8, 64, 66, 69.

(۵۰) عربي نسخي ۾ وري نو آهي. نسخو B ان سان سهمت آهي. نسخو A ۽ D "ٽي" چون ٿا.

(۵۱) عربي نسخي ۾ "هرهڪ حصو" لکيل ڏسجي ٿو. فارسي واري نسخي ۾ جتي اهي لفظ اچڻ گهرجن اتي خالي جڳهه ڇڏيل آهي.

(۵۲) بناڪتي (Birakit) هن حوالي تان استفادو ڪيوآهي ۽ اتي هن لفظن جو واڌارو ڪيو اٽائين "اها ترموز شهر ۽ اوير پاسي وارن جبلن منجهان لنگهي هتي پهچندي آهي."

(۵۳) ريناد هن کي (Haddjamava)هجماوَ لکيو آهي. امڪان آهي ته ڪانپور جي پرواري جاجمائو(Jajmau) ڏانهن اشارو هجي. اهو شهر به گهٽو آڪاٽو آهي.

(۵۴) ريناد ۽ اليٽ هن کي ايپاپوري ڪري پڙهن ٿا. پر اسان واري نسخي ۾ پوري بدران بودي آهي. عربي نسخي آبها بودي بعي "بودي جو پاڻي" آهي.

(۵۵) هتي وڻ جو ذڪر ڪرڻ نهايت ضروري آهي ڇاڪاڻ ته انهيءَ مان پتو پوي ٿو ته جنهن جاءِ تي هاڻي الله آباد آهي. اتي تنهن زماني ۾ ڪا وسندي ٿي ڪانه هئي ۽ سنگم واري جاءِ وٽ رڳو هڪ وڻ هوندو هو. ان ڪان پوئين فقري ۾ ٻڌايو ويو ٿو ته ان وڻ کي به ڏار هئا ۽ تمام گهڻي ايراضيءَ ۾ پکڙيل هوندو هو. انهن ٻن مان هڪ ڏار سڪي ويو. باقي ٻيو تمام گهڻو پکڙيل هو. ماڻهو ان تي چڙهي ولي گنگا ۾ ٽپ ڏيندا هئا. هن مان سولائي سان سمجهي سگهجي ٿو ته گنگا جو

پاڻ ان وڻ جي هيٺان گذرندو هو. ان وڻ جو ٽڙ ايا تائين بيٺو آهي جنهن کي ايا تائين پوتر سمجهيو ويندو آهي. هاڻي اهو پٽالپوري واري آبادي کري ڏکجي ويو آهي. هيءَ آبادي الهه آباد قلعي اندر آهي، تنهن کري سمجهجي ٿو ته نهايت آڪاڻي آهي.

(٥٦) هي بيان البيروني جي اصلي عربي نسخي سان سهمت آهي. منجهس هڪ غلطي نظر اچي ٿي، جنهن جو ڪو سبب ڪونه آهي. رشيد الدين واري عربي نسخي ۾ هن لفظن جو واڌارو ڪيو ويو آهي "اتان گنگا تائين" پر پوءِ به غلطيءَ جو ازالو ڪونه ٿي سگهيو آهي.

(٥٧) شايد اهو ڪرن ٽيرٽ وارو ٻيٽ هوندو، جنهن کي هاڻي رڳو ڪنينت سڏيندا آهن ۽ مرراپور جي پرسان آهي.

